# می رقصم

سردار شاه



# مِي رقصم



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ مي دانم کہ آخر چُون دمِ ديدار مي رقصم،
مگر نازم بااين ذوقِ پيشِ يار مي رقصم.
بيا جانان تماشا کن کہ درِ انبوه جانبازان،
بصد سامانِ رسوائي سرِ بازار مي رقصم.
اگرچہ قطره شبنم نہ بويد برسرِ خاري،
منم آن قطره شبنمِ بہ نوکِ خار مي رقصم.
منم عثمانِ هاروني کہ يارِ شيخ منصورم،
ملامت مِي کُند خلقِ او من بردار مي رقصم.
ـعثمان هاروني

وڃي ٿو عشق گهنگهرن ۾، نچڻ تا پيرَ، مِي رقصم،
اصُلَ کان وجدَ جي آهي، مٽيءَ کي هيرَ، مِي رقصم!
اڪيلو عشق ئي درويش جي دل جيئڻ زندھ هو،
زمينون ۽ زمانا خاڪ جا هئا ڍير، مِي رقصم.
وٺيون آهن مسلسل بارشون ايڏيون گناهن جون،
اسان جي روح جا سڀ ڌوپجي ويا مير، مِي رقصم.
- اسحاق سميجو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مِي رقصم

(مضمون ۽ ڪالم)

سردار شاهه

سارنگا پبليڪيشن
حيدرآباد
2011ع

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

SARANGAA

سمورا حق محفوظ

BOOK NO: 5

| | |
|---|---|
| ڪتاب: | مي رقصم |
| ليکڪ: | سردار شاهه |
| موضوع: | مضمون/ڪالم |
| اسڪيچ: | اي. آر آزاد |
| پهريون ڇاپو: | 2011ع |
| ملهه: | 300 روپيا |
| ڇپائيندڙ: | سارنگا پبليڪيشن، حيدرآباد |

Email: sarangaa.sindh@gmail.com

پاران: ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ارپيم

سنڌ جي لطيف

۽

لطيف جي سنڌ کي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فهرست

## پنهنجي پاران


- مون چيو — سردار شاهه


## مهاڳ


- لفظن جي پلن گهوڙن جو شهسوار ليکڪ — منظور ميراڻي


## ديس


- پير پاڳاري سان مڪالمو 21
- مهاجر سياست ۾ سنڌين سان گڏجڻ وارو خواب 28
- بي وطنيءَ جو درد 37
- ننڍي ڪنڊ جو نصيب 48
- . ٿر ۾ ڪاچو هڪ درد ڀريو چهرو 55
- روهيءَ ۾ هڪ رات 61
- ڳوٺ هن جو جت پکي ۾ بک ٿا گڏجي اُڏامن 71
- ڏاڙيلن جي دنيا ۾ سنڌ 78
- داتا جي در تي درد جو قافلو 85
- سوڪالڊ سياست مان ماڻهن جي مايوسيءَ واري ماجرا 90
- وسريل واٽن جا مسافر 96
- نِجي جيل: حقيقت يا سراب؟ 104
- نجي جيلن وارو ناٽڪ ۾ هاريءَ جي مزدور ٽيڻ وارو سوال 112



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- قومپرستيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ اتحاد جي ايجنڊا 119
- هلو ته لاڙين جا لڙڪ اگهون 125
- هن نيل ڪنول کي نالو ڏيو! 130
- پوليس کي پاپ جي پيجري مان ٻاهر ڪيو 136
- ميان نواز شريف کي ٽانڊي سپاهيءَ جي پارت هجي 145
- مسڪين جهان خان جو ميان نواز شريف ڏانهن خط 150
- سنڌ، ڪالاباغ ڊئم ۾ وطن فروش وڏيرا 155
- انگريز رئيسياڻيءَ جي سنڌ اچڻ تي 162
- جمهوريت جو حشر ۾ بيوفا جاگيردار 166
- هر آمر جو انجام اهو آ 173
- دردونديءَ جو ديس وسي پيو 178
- شاگرد سياست جي وساريل راهن جي ڳولا ۾ نڪتل سنڌ 184
- هڪ عام سنڌي شاگرد جو شاگرد سياست ڪندڙ ڏانهن خط 192
- شاگرد سياست ۾ سليماني ٽوپين وارا تعليمي سربراهه 198
- چامر شوري جي مُرڪ جو اسٽيڪر قاتل ڇو آهي؟ 204
- سنڌ جي اُجايل چپن تي ڪربلا جي ڪهاڻي 211
- ميگها رُت جا ماريل ماڻهوءَ ويهه لک روپين جي ورڪا 217
- اب ڪِس ڪا جشن مناتي هو! 223
- اي سنڌو! 229


## پرديس


- هي ڪاروبار اڄ دائري ۾ بيٺو آهي 237
- هانگ ڪانگ کي پليڪار 243
- چيچنيا جي چيخ ۾ درد جي فريڪوئنسي 249


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- هي ڏيهه سُوچيءَ ڏانهن ڏسي ٿو 257
- دودي جي ڊائنا ۽ چارلس جي دنيا 263


## وسا وَرني


- لاس ويگاس جا جُواري ۽ اسان جا يدشتر 271
- ننڊي ڪنڊ جو سنگيت ۽ سنڌ جو گهايل روح 277
- سچ گرهڻ ۽ ستن رنگن جي شهزادي جي ڪتا 285
- ڪرڪيٽ جي ڪهاڻي 292
- ڇا دنيا جي ڊرامي جو ڊراپ سين ٿيڻ وارو آهي؟! 297
- سيارو: پيار ۽ شڪار جي موسم 303


## ڇهرا


- گوتم: سرو مر دکم دکم 313
- سنڌ جي صوفين جي صف ۾ بيٺل حضرت عيسيٰ ؑ 323
- سيد مِن السنڌ 328
- سنڌ جي اڪين جو سُرمو بڻيل ڳڙهي خدا بخش جي مٽي 336
- تو پُڇاڻان ميندرا 341
- هڪ باغي شهزادي جي ڪتا 347
- هڪ ناراض شهزادو ۽ سيپٽمبر جي اداس شام 352
- هيءَ ڪنهن جي لهوءَ جي خوشبو آهي؟ 359
- 20 سيپٽمبر: مير جي پڇاڙڪن ساهن جي سانجهه 364
- تخت تي ويٺل دلين جا بخت لُٽيندڙ شهزادي 371
- شريفن جو سفر: جتي اُمراءَ ڪان جيل تائين 376
- مسڪين، تون اسان جو اوتار آهين 382


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- هڪ رات، جنهن ۾ حليم باغيءَ جو اندر ڄام شورو بنجي ويو 389
- آصف، جيل ۽ جمهوريت 396
- چاچو شاهنواز ڪنهن جو قيدي آهي؟ 401


## زندگي


- روپ بہ مايا، پريت بہ مايا 409
- اڇو تہ عشق جي امام جي حضور ۾ هلون 414
- هي دردِ غريبان 419
- صادق جي صدا 423
- اندر جي دنيا جو نوبل شاعر 428
- تاريخ جو بحراني دور ۽ انسان جي اڪيلائي 432
- اڄ تنهنجو منهنجو ڏينهن آهي 439
- ممنوع جواني ۽ ڇيڙڇاڙ 444
- هڪ اُداس ڪالم 452
- اوهان کي خوشيءَ جو بهانو مبارڪ هجي 459
- نئين سال جو نوحو 466
- ثرياسين دامنِ صحرا ۾ 471
- بي عنوان ڪالم 477


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

# مون چيو..

مون تہ روميءَ ۽ قلندر جي ڪيف ۾ اچي، رڳو 'مي رقصم' چئي، رقص ڪيو آهي- اهو ٻن هٿن، ٻن اکين، هڪڙيءَ دل ۽ هڪڙي دماغ جو رقص. جنهن جي وجُود جي هڪڙي پير ۾ ڇامر شوري جي پٿرن ۽ پيار جي پازيب پيل هئي تہ ٻئي پير ۾ ٿر جي پٽن، مورَن ۽ ڇتي سانوڻ جي ڇير هئي. پر اڃا بہ جنهن منهنجي ساهہ ۽ سرير کي سوگهو ڪري رکيو هو اها سنڌ جي سَنگهر هئي. جنهن جي جهنڪار منهنجي سموري سرمستي ۽ سُرور کي سئو ساز ڏنا.

نوَ نيئر پائي، جان مون هينئڙو جهليو..

مان مڃان ٿو تہ منهنجو هي 'ڪاوش' اخبار جي صفحن تي ڪيل رقص، ثوابن جي سوداگريءَ کان وڌيڪ گناهن جي گداگري آهي. پيار تان پردو هٽائڻ جو گناهہ، پٿرن جي شهر کي آئيني ڏيکارڻ جو گناهہ، گلابن جي ديس ۾ پنهنجي دور جا ڪفر ٽوڙڻ جو گناهہ.

مونکي خبر ناهي تہ اڃا بہ منهنجي ڪشڪول ۾ اوهين ٻيا ڪهڙا گناهہ وجهندا! منهنجي رقص کي رِيت جي جهوليءَ ۾، يا الائي ڪُريت جي جهوليءَ ۾ وجهندا، مون کي خبر ناهي. مونکي رڳو ايتري ڄاڻ آهي تہ آئون اهو رقاص آهيان، جنهن ڀيريان پير بہ سنڌ جي سرگم تي ڪنيا هئا، ۽ آخري بہ!

Sardarshah6@yahoo.com
**سردار شاهہ**
15 مئي 2011ع
حيدرآباد



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# لفظن جي پلن گھوڙن جو شهسوار ليکڪ

ممڪن آهي تہ دنيا ۾ ليکڪ مخصوص موضوعن تي لکندا هجن، يا ڪن موضوعن لاءِ ليکڪ مخصوص هجن، پر اها ٻي دنيا آهي، جتي يا تہ ليکڪن لاءِ موضوع مخصوص آهن يا وري موضوعن لاءِ ليکڪ مخصوص هجن ٿا، پر هتي ايئن ڪونهي. هيءَ سنڌ آهي، جتي هر ليکڪ هر موضوع لاءِ آهي، ۽ هر موضوع هر ليکڪ لاءِ آهي.... نتيجو؟ نتيجو اهو تہ ليکڪ ڪنهن بہ موضوع سان نياءُ نٿو سگھي، ۽ پنهنجيءَ پَرَ ۾ سمورن موضوعن سان نيائيندو بہ رهي ٿو. ان جو نتيجو؟ نتيجو اهو تہ ليکڪ هجي بہ ٿو ۽ نہ بہ هجي ٿو...هو ٿورو ٿورو سڀ ڪجھہ آهي، ۽ سڀ ڪجھہ قطعي بہ ڪونهي!!

هيءَ ڳالھہ بلڪل ايئن ئي آهي، جيئن اسان جي اخبارن ۾ هڪڙو ئي اسٽاف رپورٽر هوندو جيڪو سمورن موضوعن جي رپورٽنگ ڪندو.. اهو ئي ڪرائيم رپورٽنگ بہ ڪندو تہ ڪنهن آرٽسٽ جي تصويرن واري نمائش بہ ان کي ئي ڪوَر ڪرڻي هجي ٿي. پوءِ ڪڏهن اوهان کي ڪرائيم ۾ آرٽ نظر ايندو تہ ڪڏهن وري آرٽ ۾ ڪرائيم جي جھلڪ ڏيکاريندو.. پڙهندڙ لاءِ هڪڙي ٽڪيٽ ۾ ٻہ شو... ٻہ فلمون.... نتيجو؟ نتيجو اهو جو ٻئي فلمون فلاپ. هائوس، هائوس ئي رهندو ڪڏهن بہ هائوس فُل ٿي نہ سگھندو. لکڻ جي دنيا، ۽ خاص ڪري اخبار ۾ لکڻ جي دنيا اندر اسان ڪيترين ئي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

فلمون فلاپ ٿينديون ڏٺيون آهن، پر هو ڪا فلاپ فلم ڪونهي، اسان ان جو هر شو هائوس فل ڏٺو آهي. هو سنڌ جو ليکڪ آهي، ان ڪري هو به هر موضوع جو ليکڪ آهي، ۽ هر موضوع هن جي لکڻ لاءِ آهي، پر هُو ٿورو ٿورو سڀ ڪجهه هجڻ سان گڏ واقعي به گهڻو ڪجهه آهي. مٿين سمورين ڳالهين جي ابتڙ هن هر موضوع کي پنهنجو موضوع سمجهي لکيو آهي، پر ان جو نتيجو بلڪل ايئن ئي ڏٺو آهي، جڻ هُو ان موضوع جو ئي ليکڪ هجي، ۽ ٻئي ڪنهن موضوع تي لکي نه سگهندو اهو سمجهڻ باوجود هن ڪنهن ٻئي انتهائي ابتڙ موضوع تي لکيو ته اهو به ايئن جڻ هو ليکڪ ٿيو ئي ان موضوع تي لکڻ لاءِ هجي- اهو سردار شاهه آهي.

هي هن جي اخباري مضمونن جو ڪتاب آهي. اهي مضمون جيڪي ڪاوش اخبار ۾ شايع ٿيا، ۽ اها ڪاوش اخبار جنهن جي ايڊيٽوريل سيڪشن جو انچارج مان آهيان، پر سردار اڳوڻن انچارجن جو ڳوليل ليکڪ آهي. سنڌ ۾ موهن جي دڙي جهڙي ادبي دنيا مان هن کي ڪهڙي جان مارشل ايڪسپلور ڪيو سا خبر ته ڪونهي، پر ايتري خبر ضرور آهي ته هو موهن جي دڙي مان مليل اهڙو ڪو قديم سِڪو ڪونهي، جيڪو هاڻوڪي جديد دور ۾ نه هلي سگهي. هونءَ به ليکڪ سِڪن کان گهڻو چڙهيل هوندا آهن، هو هر دور جا هوندا آهن، ۽ هر دور انهن جو هوندو آهي.... بشرطيڪ ليکڪ هجن، ۽ سردار شاهه جي ليکڪ هجڻ لاءِ مان وڏي کان وڏي ڪا به شرط لڳائي سگهان ٿو. مون کي يقين آهي ته مان شرط هارائيندس ڪو نه.

سردار شاهه منهنجو دوست آهي، ۽ جڏهن مان هن جي ڪتاب لاءِ هي پيش لفظ لکي رهيو آهيان، تڏهن مون کي منهنجو بيو پيارو دوست حليم بروهي ڏاڍو ياد اچي رهيو آهي، جو هو پيش لفظ لکڻ جي سخت خلاف هو. هو چوندو هو ته ليکڪ ڄاڻي ته پڙهندڙ ڄاڻي، پيش لفظ لکڻ واري جو ڇا وڃي؟ جيڪڏهن هو زنده هجي ها، ۽ هيءُ ڪتاب ان تائين پهچي ها ته مون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي پڪ آهي، هو مون سان جهيڙو ضرور ڪري ها، پر جيئن ڪنهن ڏوهاريءَ کي شڪ جو فائدو ملندو آهي، تيئن مان بہ حليم جي نہ هجڻ جو فائدو وٺڻ ويهي رهيو آهيان. (توڙي جو حليم جي نہ هجڻ جا ٻيا ڪيئي نقصان آهن.) جڏهن مان چوان ٿو تہ سردار شاهہ منهنجو دوست آهي، تڏهن اهو فيصلو ڪرڻ تمام گهڻو ڏکيو ٿي پئي ٿو تہ مان هڪ دوست تي لکان يا هڪ ليکڪ تي لکان؟ منهنجي خيال ۾ ان سوال کي سوال ٿي رهڻ ڏجي، ۽ پڙهندڙن تي ڇڏي ڏجي، تہ اهي فيصلو ڪن تہ مون هي سڀ ڪجهہ ڪنهن دوست لاءِ لکيو آهي يا ڪنهن ليکڪ لاءِ؟

سردار جي هن ڪتاب ۾ ڏنل مضمون مون اڳ بہ پڙهيا هئا. پر جڏهن اهي مجموعي جي صورت ۾ هڪ ڀيرو وري مون کي مليا، ۽ مون انهن کي هي پيش لفظ لکڻ لاءِ پڙهڻ شروع ڪيو تہ مون کي سردار شاهہ الائي بہ ڇو ڪنهن امير زادي وانگر لڳو جنهن وٽ دولت تہ بي انتها هجي، پر اها دولت ڪيئن ڪپائجي، ان جو وٽس اجا ڪو گهڻو سليقو نہ هجي....هن جا ڪجهہ اوائلي مضمون پڙهي مون کي محسوس ٿيو تہ لفظن جي دولت هن بنا سليقي ايئن اڏائي آهي، جيئن مغل زاده رقاصائن تي هيرا جواهر گهوري ڇڏيندا هئا. ٻولي ۽ لفظن جي شاهوڪاري سردار وٽ بي انتها آهي، شايد ان ڪري هن کي انهن جي اجائي زيان جو نہ احساس رهيو ۽ نہ وري ڪو افسوس! مان سوچيان ٿو تہ هو هڪ ٿريو آهي، ۽ ٿرئي جا کيسا ڀلي خالي هجن، پر ذهن جي گودڙيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ ڀيل هجي ٿو. ٿر ۾ ڪي چراگاهہ ڪونهن، اتي جا ڪليل ميدان سرسبز بہ نٿا هجن، اتي ڪو سمنڊ ڪنارو بہ ڪونهي، نہ وري اتي ڪو درياهہ ٿو وهي، پر مان سمجهان ٿو تہ جتي اهو سڀ ڪجهہ عملي طور ڪونهي، اتي اهي شيون ممڪن آهي تہ تصورن ۾ موجود هجن. ڇو تہ محروميون شديد قسم جي فئنٽيسيز کي جنم ڏينديون آهن. (۽ محرومين هٿان مرڻ کان بهتر آهي تہ فئنٽيسيز ۾ جيئرو رهجي.) ان ڪري سردار جا گهڻا مضمون مون کي هن جي شعوري ڪوشش لڳا آهن، تہ ماڻهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيِ محرومين هٿان مرڻ کان بچائجي. ان ڪري ڪٿي ڪٿي فئنٽيسيز بہ ڪريئيٽ ڪيون ويون آهن. (ممڪن آهي تہ سردار منهنجي انهيءَ ڳالهہ سان اختلاف بہ ڪري، پر مان اها ڳالهہ ان بنياد تي ڪريان ٿو جو مان سمجهان ٿو تہ سردار هڪ ڪريئيٽو ليکڪ آهي، ۽ ڪريئيٽو ليکڪ ڪٿي نہ ڪٿي فئنٽيسيز ضرور تخليق ڪندا آهن.) اسان وٽ فئنٽيسيز ڪي هڪ منفي معنيٰ ۾ وٺڻ جو رواج آهي، پر مان ان رواج کي ايئن ئي اجايو ۽ فضول سمجهان ٿو جيئن قديم زماني ۾ ڪنهن بيواهہ کي ستي ڪري سندس مڙس سان جيئري دفن ڪيو ويندو هو يا هن جديد زماني ۾ ڪارنهن جي الزامن وارو رواج اجايو ۽ فضول آهي. دنيا جي وڏن وڏن ليکڪن جي تخليقن مان اوهان فئنٽيسيز کي ڪڍي ڇڏيو اهي لکڻيون اوهان کي خالي کُنڀي وانگر هروڀرو ايامندي محسوس ٿينديون. منهنجيءَ هن ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد اهو قطعي بہ ڪونهي تہ سردار جون لکڻيون رڳو تصورن تي ٻيٺل آهن، يا اهي حقيقتن ۽ زندگيءَ کان پري آهن، پر مان اهو ٿو چوڻ چاهيان تہ ان جا موضوع نہ رڳو حقيقي ۽ زندگيءَ جا موضوع آهن، پر جتي زندگي ختم ٿيندي محسوس ٿئي ٿي، اتي زندگيءَ جي خواهش پيدا ڪرڻ لاءِ فئنٽيسي جو سهارو ورتو ويو آهي. مثال طور ڪن مضمونن ۾ ايڏي پئماني تي فئنٽيسي ڪريئيٽ ڪئي وئي آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن گمان ٿئي ٿو تہ ماٺهو مضمون پيو پڙهي يا ڪا فلم پيو ڏسي. جيئن عورت ۽ مرد جو ميلاپ فطري آهي، تيئن Fact ۽ Fiction جو ميلاپ بہ فطري آهي.

مون جيئن مٿي ذڪر ڪيو تہ ٿر ۾ ڪي چراگاهہ ڪونهن، سرسبز ميدان ڪونهن، جڏهن انهن ٻنهي شين کي ذهن نشين ڪجي ٿو تہ چراگاهن ۽ سرسبز ميدانن تي پلن گهوڙن جي ڊوڙن جو تصور پاٽمرادو جنم وٺي ٿو ۽ اهي سموريون شيون ٿر ۾ ڪونهن، پر انهن محرومين جي ڇٽيل ڪا خواهش آهي، جيڪا فئنٽيسيءَ جي روپ ۾ سردار جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ رهي ٿي، جو مون هن جا مضمون پڙهندي ڪڏهن ڪڏهن اهو محسوس ڪيو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهي تہ هن جي ذهن ۾ لفظ ايئن ڊوڙندا رهن ٿا، جيئن کليل ميدانن ۾ ڀلا گهوڙا ڊوڙندا هجن. اهي ڀلا گهوڙا هن جي شروعاتي ڪجهہ مضمونن ۾ چڙهہ تہ بنا سوار جي ڊوڙيا آهن، پر پوءِ آهستي آهستي سردار زين بہ جهلي ورتي آهي، ريڪ ۾ هن پنهنجا پير بہ قابو ڪري ورتا آهن، ۽ هن کي اهو بہ اچي ويو آهي تہ ڀلن گهوڙن تي سواري ڪيئن ڪبي آهي....۽ هاڻي جڏهن سردار لکڻ گهٽائي، بلڪہ ذري گهٽ لکڻ ڇڏي ڏنو آهي، (اخبار ۾) تڏهن ماڻهو تي سگهي ٿو تہ اهو سمجهندا هجن، تہ هن ڪان لکڻ وسري ويو آهي، پر اها ڳالهہ شايد ورجائڻ جي ڪونهي تہ ترڻ ۽ گهوڙي سواري هڪ ڀيرو جنهن سکي ورتي، وري ڪڏهن وساري ڪو نہ سگهندو...هن ڪان لکڻ وسريو ڪونهي، بس هڪ انٽرويل آهي، ۽ اهو هڪ طويل انٽرويل آهي. هڪڙا ماڻهو اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي جڏهن لکندا آهن، تڏهن انهن جون لکڻيون پڙهي سوچبو آهي تہ انهن لکڻ ڇو شروع ڪيو آهي؟ پر سردار لاءِ اهو سوال ڪونهي، هن لاءِ اهو سوال آهي تہ هن لکڻ ڇو ڇڏيو آهي؟

اهي سمورا موضوع، جن تي سردار 97ع کان لکندو آيو آهي، ڇا مسئلن سان ڀريل انهن موضوعن کي حل ملي ويو آهي، جو سردار وٽ لکڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي....؟ پوليس تہ اڃا بہ پاپ جي پيچري ۾ آهي، ٿاڻو سپاهي ڪٽي رٽائر ٿي ويو هجي، پر ٿاڻي جهڙا اڃا بہ ڪوڙ سارا سپاهي آهن، جيڪي ممڪن آهي تہ پاڻ تي ڪنهن تحرير جا منتظر هجن.... ۽ ڇا سُوچيءَ جو برما آمريت مان آجو ٿي ويو آهي؟ شاگرد سياست جو ڏاند بہ اڃا ساڳي گهاڻي جو طواف ڪري رهيو آهي، ۽ تعليمي سربراهن اڃا سليماني ٽوپيون ناهن لاٿيون. ڇامر شوري جي مُرڪ جو اسٽيڪر بہ تہ اڃا تائين قائل آهي. سنڌ جا اڄايل چپ اڃا ڪربلا جي ڪهاڻي بيان ڪن ٿا. مسڪين جهان خان خط لکڻ ڇڏي ڏنا هجن، پر پيپلز پارٽيءَ جي ٺي حڪومت ۾ پيپلز پارٽيءَ پاران سار نہ لهڻ تي قافلا شهيد بينظير جي قبر کي دانهن ڏيڻ لاءِ روان دوان آهن. حليم باغيءَ جو اندر اڃا بہ هر رات ڇامر شورو ٻڄندو هوندو. گند



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڍيرن تي اڇلائجندڙ ڪنهن نيل ڪنول ڪي اجا ڪو نالو ڪٿي مليو آهي؟ نجي جيلن جي تماشي جو ٻه ٻراپ سين ڪونهي ٿيو. تر ۾ ڪاڇي جي درد جو ٻه دارون ڪٿي ٿي سگهيو آهي!

هاڻي ٻه جڏهن آزاديءَ واري ڏهاڙي جا جشن ٿين ٿا، تڏهن عوام پنڊال کان ٻاهر بيٺل هجي ٿو. اهو ڏاڙيل راڄ، جنهن جو ذڪر هن "ڏاڙيلن جي دنيا ۾ سنڌ" مضمون ۾ ڪيو آهي، تنهن ڏاڙيل راڄ ايتري ترقي ڪئي آهي، جو هاڻي راڄ ڏاڙيل ٿي ويا آهن. عيد ته اجا ٻه سنڌ ۾ خوشي نه، پر خوشيءَ جي ٻهاني وانگر ٿي اچي. پر پوءِ ٻه سردار وٽ نه لکڻ جو ٻهانو ڪهڙو آهي؟

هن ڪتاب ۾ سردار جا مير مرتضيٰ ڀٽي جي شهادت تي هڪ کان وڌيڪ مضمون آهن، ۽ ڪنهن جي وڇوڙي تي ڪيئن لکجي، انهن مضمونن ۾ سردار مير مرتضيٰ کي حسين ترين خراج پيش ڪيو آهي.... ايترو ئي حسين، جيترو مرتضيٰ ڀٽو پاڻ هو. ڪو ليڪڪ ڪنهن ٻي ڏوهيءَ کي قتل ٿيڻ کان نه بچائي سگهڻ وارو قرض ايئن ئي لاهي سگهي ٿو.... پر سنڌ جي قسمت نرالي آهي، جتي ليکڪن مٿان شهادتن جي صورت ۾ قرض چاڙهيا وڃن ٿا. ممڪن آهي ته مير مرتضيٰ ڀٽي جي شهادت تي مضمون لکي، پاڻ تان هڪ قرض جو بار لاٿو هجي، پر ڀٽو خاندان جڻ ته ٺهيو ئي شهادتون ماڻڻ لاءِ هو. هڪ پٽيان ٻيو شهيد ٿيندو ويو ۽ پويان ڇڏيندو ويو لکين حيرانيون... ته ڪي فرد اهڙا ٻه ٿي سگهن ٿا، جن وٽ شهادت جڻ ته شهد جو چمچو هجي، جنهن کي هو هڪڙيءَ ڳيت سان ڳهي وڃن. شهيد ڀٽي کان محترمه شهيد تائين انهن شهادت جي چونڊ ڪئي، ۽ ليکڪن لاءِ المياتي ڪردار بڻجي انهن جي قلم ۾ جُنبش آڻيندا رهيا. مان حيران آهيان ته سردار جي قلم ۾ تڏهن جنبش ڇو نه اچي سگهي، جڏهن محترمه پنڊيءَ ۾ گوليءَ جو نشانو بڻي؟ اڄ تائين ڪاوش جا پڙهندڙ مون کان سردار جي حوالي سان اهو سوال پڇندا آهن. ڪي ڪي واقعا ذڪ ناهن رسائيندا،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر اهي سگهي ٿي، پر آٽي ڇڏيندا آهن، ايئن ئي ڪي ڪي ويچوڙا اهڙا به هوندا آهن، جن تي ماڻهو روئڻ چاهي به ته روئي ناهي سگهندو لڙڪ اکين بدران اندر ۾ ڪرندا رهندا آهن. ۽ اها ڪيفيت ڪنهن ليکڪ جي به ٿي سگهي ٿي، جنهن کي لکڻ لاءِ وڏو موضوع ته ملي وڃي، پر ان موضوع جيڪڏهن ڪنهن وڏي ويچوڙي مان جنم ورتو هجي ته پوءِ ليکڪ ڪاغذ تي ڪجهه لکڻ بدران اندر ۾ ئي ليڪون پائيندو رهي ٿو ۽ ان ويچوڙي کي پينٽ ڪرڻ لاءِ لفظن جا جيڪي رنگ چاهي ٿو سي ان کي نٿا ملي سگهن. منهنجي خيال ۾ سردار به لاڳيتو اندر ۾ ليڪون پائيندو رهيو آهي، محترمه جي ويچوڙي واري درد کي چٽڻ لاءِ هو لفظن جا جيڪي رنگ چاهي پيو سي رنگ شايد هو هٿ نه ڪري سگهيو جنهن ڪري هن جي پڙهندڙن وٽ 4 سال اڳ جنم وٺندڙ سوال جو جواب ڪين اچ تائين ناهي ملي سگهيو.

ماڻهو لکڻ ٻن سببن جي ڪري ڇڏيندا آهن، هڪ يا ته هو جن معاملن تي لکن ٿا، سي حل ٿي ويا هجن، يا وري هو لکڻ تڏهن ڇڏيندا آهن، جڏهن لکي لکي ٿڪجي پون، ۽ ڪو نتيجو نه نڪري تڏهن ماڻهو مايوس ٿي لکڻ ڇڏي ڏيندا آهن. سردار وٽ انهن ٻنهي سببن مان ڪهڙو سبب آهي؟ هو لکي نه لکي، پر ان سوال جو جواب لهڻ ته اسان جو حق آهي.

سردار جي گهٽ لکڻ يا نه لکڻ واري شڪايت جو مطلب اهو ناهي ته ڪو هن کان لکڻ ڇڏائجي ويو آهي، هن کي لکڻ ايئن ئي اچي ٿو جيئن ڪنهن مهاڻي ٻار کي ترڻ ايندو آهي، سردار موضوعن جا ڏکيئي کان ڏکيا درياءَ وڏي آسانيءَ سان ترندو رهيو آهي.... هن لاءِ اها ئي دعا آهي ته هو زماني گيريءَ جي ڪنهن درياءَ جي ور نه چڙهي، ايئن ئي لکندو رهي.

**منظور ميراڻي**
15 مئي 2011ع
حيدرآباد


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



# ديس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پير پاڳاري سان مڪالمو

# اي ڪاش ! اهو ٽون ڄاڻين ها

**پير سائين بادشاها**

توهين محمد راشد شاهه روضي ڌڻيءَ جي راشديه سلسلي جي ستين پيڙهيءَ جا پڳدار آهيو. توهين جنهن روحاني سلسلي جا رهبر آهيو انهيءَ سلسلي جي بنياد ۾ فقيريءَ جو فسون ۽ سورهيائيءَ جون سِرون ڪتل آهن. توهان کي شايد معلوم هجي ته جڏهن روضي ڌڻي پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي محفل ۾ ايندا هئا، ته اڪثر هنن سٽن جو سحر طاري ڪري ڇڏيندا هئا، ته:

> جان جان جُوءِ نه پسن، جنهن لاءِ جوڳي ٿيا،
>
> تان تان ڪاپڙين، ورهه وهامي راتڙي

۽ پوءِ شايد اها جُوءِ ئي هئي، جنهن جي وٽن تي غلاميءَ جي ڪاريءَ رات ۾ چٻرن کي ٻوليندو ڏسي، هڪ ڪلنگي دار ڪاپڙي، ويراڳ جي وات وٺڻ بجاءِ هڪ اهڙي رستي تي روانو ٿيو جيڪو اچي سوريءَ جي ساٿ تي کُتو. جتان وري هڪ اهڙيءَ وات جو واهي ٿيو جيڪا ابدي آزاديءَ جي وات آهي- ايئن پويان اهڙا پيرا ڇڏي ويو جيڪي سدائين سورهيه سنڌ جي سرفروش فرزندن لاءِ هر غلاميءَ جي رات ۾ سِر جي صدا ثابت ٿيا آهن. اهو ڪلنگي دار ڪاپڙي، جنهن کي اڄوڪي سورن هاڻي سنڌ 'سورهيه بادشاهه' جي نالي سان ياد ڪري ٿي، ۽ توهين شايد 'بابا سائين صبغت الله شاهه راشدي' چوندا هجو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

### پير صاحبا

دنيا جي دز ۾ ڪڏهن ماڻهوءَ جو حافظو به ڌيجي ٿو ويجي. جيسيتائين پاڻ پنهنجي ذهن کي يادگيريءَ جي واٽ تي واپس ورائي، سٺ ستر سال پوئتي نه وٺي هلنداسين، تيسيتائين شايد پاڻ کي اجوڪي ڳالهه ڪرڻ ۾ آساني نه ٿئي. اها اڄ کان ستر سال پراڻي ڪهاڻي آهي، جڏهن برِصغير تي انگريز سامراج جون لوهي سنگهرون پيل هيون. هڪ طرف پير، مير، خان صاحب، خان بهادر ۽ رئيس، پنهنجي راڄ کي ڪِيڙن ماڪوڙن جيئن پنهنجي پيرن ۾ لتاڙي رهيا هئا ۽ ٻئي طرف وري اهي پوتار ۽ سجاد پوش پاڻ پنهنجي پٽڪي ۽ پڳ جي سلامتيءَ خاطر گوري سرڪار جي ڳاڙهن ڪارپيٽن تي ليٽاڙا پائي، پنهنجي مسڪين سنڌي رعيت کان سلامي وٺڻ لاءِ لقب القاب ماڻڻ جي عجيب ڊوڙ ۾ مبتلا هئا. انهن گادي نشينن جي گوءِ کان پري، گهٽو پري، هڪ اهڙو ابدي آزاديءَ جو اُجيو روح هو جيڪو پنهنجي سانگهڙ واري گڙنگ بنگلي تي، ان دور جي روحاني گادين جي روايتن ۽ پنهنجي مريدن جي توقعات جي ابتڙ ڳالهائي رهيو هو. سندس سامهون مريد، غير مريد مردن ۽ عورتن جو هڪ وڏو اجتماع هو جيڪي پير سائين جي زيارت جو شرف ويجهي کان ويجهو وٺي حاصل ڪرڻ جي جستجوءَ ۾ هئا، ته اوچتو هڪ گرجدار آواز ۾ هيجل جي صدا ٻُري ٿي:

”غازيو! سرفروشو!

انسان آزاد پيدا ٿيو آهي ۽ آزاديءَ سان رهڻ سندس جنم حق آهي. اهو حق هن کان جيڪو به کسي ٿو، سو کيس مارڻ کان به وڏو ظلم ڪري ٿو ۽ انهيءَ ظالم کي نگهوسار ڪرڻ هر هڪ آزاد فطرت انسان جو پهريون فرض آهي. جيڪو به شخص انهيءَ فرض کي نٿو سڃاڻي، انهيءَ فرض جي ادائيگيءَ واسطي جدوجهد نٿو ڪري، سو زنده ناهي، بلڪ هڪ لاش آهي.

اڄ..... الحمدالله..... اهو وقت قريب اچي ويو آهي، جو اسين اسان کي غلام بڻائيندڙ انگريزن جي حڪمرانيءَ تي هڪ ڀرپور وار ڪريون، سندن پير هن سرزمين تان اکيڙي ڇڏيون ۽ پنهنجي دل ۽ دماغ کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪريون.

غازيو! انهيءَ موقعي تي مان به چاهيان ٿو ته سنڌ به پاڻ ملهائي ۽ سندس غلاميءَ جون زنجيرون ڪٽڻ لاءِ ڪي سرفروش سورهيه، مرد ۽ عورتون وڏي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڳتي اچن- ۽ اسين عورتن کي بہ اهو حڪم ٿا ڪريون، تہ هُو عاج جون چوڙيون پيچي ڇڏين. اهي ڪنهن بہ صورت موجوده زماني لاءِ موزون ناهن، بلڪ هو مردن وانگر جنگي فن جي تربيت حاصل ڪن. انهن سرفروشن جو نالو اسان غازي رکيو آهي ۽ انهن جو ئي فرض آهي، تہ جڏهن ڪين وطن جي آزاديءَ لاءِ سڏ ٿئي، تڏهن هڪدم اهو نعرو هڻي اچن تہ”وطن يا ڪفن...“ تہ پوءِ سڀ با آواز بلند چئو ”وطن يا ڪفن“.

۽ پوءِ سموري فضا ”وطن يا ڪفن“ جي گرجدار نعرن سان گونجي اٿي ۽ انهيءَ پيڙ ۾ بيٺل غازياڻيون، فقيرياڻيون پنهنجي ڳل تي هٿ رکي ڳائڻ لڳيون:

سورهيہ سِر جو سانگو لاهي،
آيا مرد ميدان تي ڪاهي،
سر ڏنوسين مرشد کي،
پوءِ عيد اسان لاءِ آهي.

۽ پوءِ پير صاحب! توهان پاڻ ٻڌايو تہ انهن حڪم جي غلام غازين حُرن، بچُو بادشاهن، مَن ميربحرن، جيجن جرنيلن ۽ مکيءَ جي مورن جا سر وطن جي آجپي لاءِ ڪيئن نہ سورج مکيءَ جي سنگن جيئن سنبا رهيا. سنڌ ڏسندي رهي، سنڌ ڏسندي رهي، تہ انهن غلاميءَ کي گار سمجهندڙ غازين جون ونيون ڪيئن نہ واڪا ڪري، پنهنجي ورن کي ويڻ ڏينديون رهيون.

جي تون پيچي آئيين، تہ آئون تنهنجي پيڻ،
نَٿ تنهن جي نَڪ ۾ وجهان ڏيئي ويڻ،
جي توڏي ڪٽان نيڻ، تہ ڪر پَسان پٺ کي!

سنڌ گواهہ آهي تہ انهن ڪِليءَ جي ڪوڏين انساني تاريخ جي صفحن تي اها رت جي راند رقم ڪئي، جيڪا سمورن دنيا جي وطن دوست ويڙهين ۾ اوچي ڳاٽ بيٺي آهي. پاڻ ڄاڻون ٿا تہ انساني آزاديءَ جي نيڪ بخت ڪنوار جنهن سيج تي سڪون جي ننڊ سمهي ٿي، اها سيج انهن سرفروش عاشقن جي سِسين سان سينگاريل آهي. اڄ جيڪڏهن نئين دور جو مورخ سنڌ جي بهادريءَ تي ڪو باب لکڻ لاءِ ويهندو تہ غازين جي سرواڻ سورهيہ بادشاهہ جو سوريءَ ڏانهن ٿيندڙ سفر وارين راتين ۽ ڏينهن کي ڪيتري فخر سان رقم ڪندو توهان پاڻ ٻڌايو. توهان پاڻ ٻڌايو تہ انهيءَ تخت ۽ بخت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي شهزادي جو 35 ورهين جو ڦوهه جوانيءَ ۾ وڃي ڦاسيءَ جي جهولي چمڻ
ڪنهن ديومالائي داستان جو باب ته نه هو؟

پير سائين!

ڌرتيءَ جو درد به ان ديومالا وانگر ٿي هجي ٿو جيڪو ڏسندي ئي ڏسندي دل ۽ دماغ کي ڪنهن عجيب سحر ۾ جڪڙي ڇڏي ٿو. ۽ پوءِ توهان کي بخوبي ڄاڻ آهي، ته اهو ڌرتيءَ جي درد سان سرشار سورهيه پنهنجي سُوري سزا وار ٿيڻ واري رات اها سڪون واري ننڊ ڪيئن ستو هو؟ ۽ اهڙي ننڊ ته اهي ئي سمهي سگهن ٿا، جن جي دل تان وطن جي قرض واري ڪٽ لهي چڪي هجي. شايد سڀاش چندر بوس ۽ ڀڳت سنگهه جي ياري اهو يقين پختو ڪيو هجي، ته جهُڪندڙ وجود نه پر سندس ڪسندڙ ڪنڌ ئي اصل سلطاني سهاڳ جون ڪلنگيون پائي سگهندا آهن.

سوني ڪلنگيءَ جا ڌڻي!

ٿورو ياد ڪريو جيڪا ڪلنگي اڄ توهان جي سر جو سينگار آهي، اها ڪلنگي ڪڏهن ان سر تي به سجي هئي، جنهن جابر قوتن اڳيان جهڪڻ کان وڌيڪ ڪسڻ قبول ڪيو هو. ڇو ته آل حسين ع جي روايت به اها ئي آهي. مون وانگر توهين به انهيءَ ڪربلا جا قرضي آهيو جيڪا اسان کان هر دور ۾ برپا ٿيندڙ ڪربلا ۾ قرباني طلبي ٿي. حسينيت هر دور جي روايت آهي. ڇا "حُر" به ڪربلا جو ڪردار نه هو جيڪو توهان جي وڏڙن پوئلڳن لاءِ لقب طور چونديو ۽ انهن سرفروش حُرن ته ڪالهه به ريت نڀائي ۽ اڄ به اها ريت نڀائي سگهن ٿا، پر جي رڳو پاڻ اها حسينيت جي واٽ وٺون. سنڌ اڄ به ڪربلا آهي. سنڌ جون وستيون واهڻ، ڍنڍون ڍورا، لاڙ اتر ڪاڇو ٿر سڀ گهمي ڏسو ماٺهو پاڻيءَ لاءِ ڪيئن نه پريشان آهن. جن پٽن تي ڪالهه سونا سنگ پيا نچندا هئا، اهي اڄ برپٽ بيابان ٿيندا پيا وڃن. جيڪو دادلو درياهه جڏهن لاڙڏي لڙندو هو، ته سهرا، ڳانا ۽ ڳيچ به ڳاڙهن چانورن جي هڳاءَ جيئن حسين لڳندا هئا. پاڻيءَ تي پسارون ڪندڙ مهاڻا جڏهن درياهه جي ڌُن ۾ رڇ اڇلائيندا هئا، ته مڇين جا مڻ ايندا هئا. اڄ اتي پورو پاءُ به نٿو اچي. ڪنڌيون اداس آهن، ٻيلا اداس آهن. بنجر ٿيندڙ ٻنيون ٻاڪارين پيون. وٽن مان واس اڏامندو پيو وڃي. سنڌوءَ جي سيند ۾ واري پٽي اڏامي. ڇا اها ڪربلا ناهي؟ جي اڃا به اها ڪربلا ناهي، ته پوءِ قبلا! اها پيانڪ ۽ سنڌ کي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ينيور جيئن پڙپانگ ڪنڌڙ ڪربلا اچي پئي ۽ انهيءَ ڪربلا جو انتظار خودڪشيءَ جي خيال کان ڪيترو گهٽ هوندو توهان ٻڌايو.

پير صاحبا

توهان چئو ٿا، ڪالا باغ ڊيم سنڌ لاءِ سرهائيءَ جا سنيها کڻي ايندو. اهو جڏهن اچي، پر ان کان اڳ اهو ته ٻڌايو ته هيسيتائين پلا ڪالا باغ جهڙي ”سنڌ دوست“ منصوبي کان پهرين سنڌ سان ڪهڙيون ڀلايون ۽ ڀال ٿيندا رهيا آهن؟ دنيا جي ڪهڙي آئين ۽ قانون تحت ملڪ کي 70 سيڪڙو آمدني ڏيندڙ صوبي کي 23 سيڪڙو موٽ ۾ ملندو رهيو آهي؟ ڪهڙي مهربانيءَ طور سنڌ کي پنهنجي ”وفا پرست“ وفاق کان، لکين افغانين، بنگالين ۽ برمين جا تحفا ملندا رهيا آهن؟ ڪهڙي سچاٽپ طور تربيلا ۽ منگلا جي متاثرين کي سنڌ ۾ زمينون ڏئي آباد ڪيو ويو؟ آخر اهو ته ٻڌايو ته پنهنجي نالي ۾ نهال وڏو ڀاءُ انگريز دور ۾ 43 سال سنڌ ۾ سکر بئراج اڏڻ جي مخالفت ڪندو رهيو ۽ آخر انهيءَ صورت ۾ وڃي مهربان ٿيو ته سکر بئراج جي ڪمانڊ ۾ ايندڙ ٽوٽل زمين جو اڌ ڏنو وڃي ۽ پوءِ اهو ٿي ٿيو. پاڻ کي مجبورن ڪمانڊ ايريا جو اڌ ڏئي بئراج وٺڻو پيو. نه فقط ايترو پر پنهنجي وڏي ڀاءُ ”بنگال ڪي يار سب غدار“ واريءَ هوڏ تي مشرقي پاڪستان نالي اهو اڌ به وڃائي ڇڏيو جيڪو هن ملڪ ۾ وفاق جو وجود ۽ توازن رکڻ لاءِ آخري سهارو هو. پاڻ کي انهيءَ ساڳئي وڏي ڀاءُ عرف پنجاب ته اهي به يقين ڏهانيون ڪرايون ته چشما- جهلم لنڪ ڪئنال فقط ٻوڏ ۾ وهندو پر پوءِ پاڻ ڏٺوسين ته اها ٻوڏ ٻارهوئي هلندي رهي ۽ اسان ٽڳبا رهياسين. جي انهيءَ درد جي داستان کي اڃا ڊگهو ڪيوسين، ته ڪيئي ڪلور جون ڪهاڻيون جنم وٺي سگهن ٿيون. پر پاڻ اچون ٿا، پنهنجيءَ اصل ڳالهه تي.

پير سائين پاڳارا!

سنڌ جي ماضيءَ جي سيني سُورن ۽ ويساهه گهاتين جي ڄاڻ رکندي به، چئو ٿا ته اهو ڪارو ڊيم ٺهيو ته سنڌ خوشحال ٿيندي- پر اسين چئون ٿا ته وفاق ۽ وڏي ڀاءُ جي انهن ڪوڙن دلاسن تي سنڌ هاڻ خوشحاليءَ جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن. ٿورو سوچيو ته سنڌ اڄ آباد ڪرڻ جو اونو انهن کي اڄ ٿيو آهي، جن جي لباس تي اسان جي لهوءَ جا ڇنڊا لڳل آهن. عجب ناهي ته جڏهن اسين چئون ٿا ته اسان کي هاڻ توهان جون مزيد مهربانيون نه گهرجن،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ بہ هو چون ٿا تہ جيئن تہ اهي مهربانيون اوهان لاءِ لازم آهن ۽ اسين اوهان جي وسيع تر مفاد ۾ ڪنداسين. ڪهڙو نہ عجب ڪلور آهي. هينئر اسان کي انهن تي سچ تہ ڪو بہ ڏک ڪونهي. هو تہ لطيف سائين جي لفظن ۾:

ڏريان ٿي ڏاريا، مِٺ مُٺيءَ جا نہ ٿيا.

پر اسان لاءِ دلي ڏک اوهان جي اعلان جو آهي، جيڪو اسان قطعي بہ تصور نہ ٿي ڪيو۔ ۽ اوهان جو اهو اعلان هن ڏيري جهونڙي سنڌ لاءِ يقينن اوچتي موت جهڙو صدمو آهي. اهو بہ انهيءَ سنڌ لاءِ، جيڪا صدين کان وٺي اوهان جي اڳيان وٽن جي تارين جيان جهُڪندي ۽ نمندي رهي آهي. جنهن سنڌ جي ڏٽيپ ڪرڻ لاءِ سنڌ جو اهو جهونڙو عاشق جي.ايم سيد بہ توهان وٽ ڪهي آيو هو جنهن توهان کي چيو هو تہ”اسان سيدن ۽ پيرن صدين کان وٺي هن سنڌ کان ڏَن ورتو آهي ۽ هاڻ هن درد ونديءَ کي اهو سڀ موٽائڻ جو وقت اچي ويو آهي. اوهان سورهيہ بادشاهہ جي سُنت پاريو اڳتي اچو سنڌ جا سالار ٿيو. اسان توهان جي پوئلڳي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.“ جيئن تہ اهو سنڌ جو آدي جڳادي عاشق جيئرو نہ رهيو آهي، پر سندس سنڌ جيئري آهي. سندس اها سٽ ۽ صدا جيئري آهي، جيڪا اڄ سموري سنڌ ٻڌجي توهان کي چئي رهي آهي، تہ :

پلي ڪيئي پلا پرين، توکي ايئن نہ مناسب هو
لائي چِت چريو ڪري، پاڻ ڪڍي وئين پوءِ،
توڙي حب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪجن هيڏيون.

پر پير سائين! توهين چئي رهيا آهيو تہ اڄ ڪالا باغ ڊيم خلاف اهي واويلا ڪري رهيا آهن، جن وٽ زمين جو ٽڪرو بہ ناهي. پر قبلا! هي زمين جي ٽڪري جي ڳالهہ ناهي. هي ضمير جي ٽڪري جي ڳالهہ آهي، جيڪو بظاهر تہ ڪو بہ وجود نٿو رکي، پر جي رکي ٿو تہ ماڻهوءَ جو پورو وجود رکي ٿو. ماڻهو تہ ڇا، پر ڌرتيءَ جو پورو وجود رکي ٿو. جيئن اهو سورهيہ بادشاهہ جي صورت ۾ هو. جنهن جو بظاهر ننڍڙو سينو سموري سنڌ تي ويو هو. اهو زمين جو نہ ضمير جو ڪمال هو. اڄ سنڌ جي سڏ کي لبيڪ چوندڙ لاهوتين وٽ زمين هجي نہ هجي، پر ضمير ضرور آهي.

پير صاحبا!

توهان جي انهيءَ اعلان کان پوءِ انهن حُرن تي ڇا گذريو هوندو جن لاءِ هڪ طرف تہ مرشد جو حڪم آهي، تہ ٻئي طرف ڌرتي ماءُ آهي. جن جا وڏڙا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وطن جي ويڙهه ۾ واڙن ۾ واڙيا ويا. سُولين تي سهڪايا ويا. جن جي ڇپن ڪي پنهنجي سورهيہ مرشد جو ڏنل اهو نينهن جو نعرو آهي:"وطن يا ڪفن" شايد اهو انهيءَ نعري جو ئي اثر هو جنهن اسلام آباد جي ايوان ۾ صدر مشرف جي سامهون پاڻ کي ويل چيئر تي ڪٽائي آيل، توهان جي جهونڙي مريد قدوس راڄڙ کي بہ ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت ڪرڻ تي مجبور ڪيو. خبر ناهي تہ هاڻي اهي حُر، جن کي توهان شايد سنڌين کان الڳ رکڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، اهي ماءُ کي ميندا يا مرشد کي؟ جي توهان جو حڪم اکين تي رکندا، تہ پوءِ انهيءَ "وطن يا ڪفن" واري نعري کي دل جي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ دفن ڪندا؟ خبر ناهي. توهان ڏرتيءَ جا ڏٽي نتا ٿيو پر توهان تي اها بہ ميار آهي، تہ توهان انهن وطن جي ويڙهه وڙهندڙ حرن ۽ غازين کي بہ ماءُ جا مياري پيا ڪريو جيڪي اڄ سنڌ جو وڏو سهارو ٿي پئي سگهيا. ٿورو انهن کان انهن جي اندر جي ڳالهه پڇڻ جي زحمت ڪريو ها، تہ سمورو سچ توهان جي سامهون سورهيہ بادشاهہ جي صورت ۾ اُڀو ٿي اچي ها۔ ۽ پوءِ توهان شايد انهيءَ ڪاري نانگ کي سمجهي سگهو ها ۽ پوءِ توهان جي سوچ ۾ حرن ۽ سنڌين وارو فرق بہ باقي نہ رهي ها، ۽ پوءِ شايد سنڌي بہ سمجهي سگهن ها تہ وطن، ڪفن ۽ ڪرسيءَ مان ڪهڙي شيءِ وڌيڪ اهم آهي.

پير سائين بادشاها!

سچ پڇو تہ مون کي توهان سان هيءَ گستاخي ڪرڻ هرگز نہ ٿي جڳائي. ڇو تہ توهان سان منهنجي وڏڙن جي قرب جي واٽ رهي آهي. پر حقيقت اها آهي تہ انهن سيني ذاتي ۽ سماجي تعلقاتن جي واٽ کان وڌيڪ پنهنجي وطن جي واٽ آهي. ۽ اها ئي واٽ توهان جي والد جي واٽ آهي، جنهن کان نہ ڄاڻ ڇو توهان ڪوهين ڏور هليا ويا آهيو. ڪاش! هڪ ڀيرو بہ رڳو مُڙي سنڌ جي اکين ۾ ڏسو تہ ڪهڙو نہ ڏک پريو ڏوراپو توهان ڏي ڏسي رهيو آهي.

اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها!<br>
آزاد هوا ڇا ٿيندي آ<br>
پرواهہ بنا پر ڪيئن هوندا<br>
اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها.

(ڊسمبر 2005ع)

□□



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# مهاجر سياست ۽ سنڌين سان گڏجڻ وارو خواب

متحده پنهنجي وقتي ماٺ ۽ رسامن کان پوءِ واپس ڦرڻ کرسين تائين پهچي چڪي آهي. "پهچي وهين پہ خاک، جهان کا خمير تها" واري ڳالهہ جيڪڏهن متحده لاءِ سچي آهي تہ پوءِ اها ڳالهہ بہ سچي هوندي، تہ متحده اقتداري ايوانن کان ٻاهر رهڻ جي عياشي نٿي ڪري سگهي، بلڪل ائين جيئن مڇي پاڻيءَ کان سواءِ جيئري نٿي رهي سگهي. متحده جيڪا هڪ طرف پنهنجي پگهار وڌائڻ ۽ حڪومت سان انگل دنگل ڪرڻ ۾ مصروف آهي، تہ ٻئي طرف سنڌ جي ڳهريل هوائن ۾ سنڌ جي قومپرستن سان "سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي" جهڙن نعرن جا لغڙ اڏائي رهي آهي. متحده جي قومپرستن سان تازي اتحاد عرف Marriage of convenience تي اچڻ کان اڳ مهاجر سياست جي ماضيءَ کي سمجهڻ ۽ انهيءَ جي شروعات (Origin) ۽ ساخت (Orientation) تي بہ هڪ نظر وجهڻي پوندي.

ہ قومي نظريي جي بنياد تي ورهاڱي کانپوءِ يو پي، سي پي، بهار دهلي، دکن، گجرات، مارواڙ ۽ پنجاب کان لڏي آيل ڏهہ لک مهاجرن کي سنڌين اندر جون اوطاقون کولي ڏنيون. هتان لڏي ويل 56 لک هندو هتان جي اقتصادي ۽ سماجي اوسر جو وڏو آسرو ۽ سهارو هئا. جيڪو هڪ مڪمل لبرل مڊل ڪلاس ۽ صنعتي ڪاروباري (Entcr preneurial) طبقو هو جن جي جدائيءَ جو گهاءُ ان وقت جي سادن سنڌين کي محسوس نہ تي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سگھيو. "دور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا" جھڙا ماتمي ۽ دل خراش غزل ته پوئين پهر جا پڇتاوا آهن.

ورهاڱي کانپوءِ لڏي آيل مهاجر جيڪي لبرل روايتن ۽ سيڪيولر سوچ کان پاڪ هئا. جن جي ثقافت، نظريي ۽ نفسيات جو بنياد مذهب هو. پاڪستان کي سندن لاءِ مخصوص رياست ۽ اردو کي، باباءِ اردو مولوي ڊاڪٽر عبدالحق جي لفظن ۾ ملڪ جي واحد اسلامي ٻولي سمجھندا هئا. ورهاڱي کانپوءِ وارا شروعاتي ٽيرنهن سال مهاجرن لاءِ گولڊن سال هئا. جنهن دؤران کين قائداعظم، لياقت علي خان ۽ ٻين حاڪمن جي چوڻ تي ڪوڙن سچن ڪليمن ۽ دعوائن ذريعي جائيدادون، زمينون ۽ زبردست مراعتون مليون ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مهاجرن جو هڪ مخصوص طبقو راتو رات امير ٿي ويو. جنهن سنڌين ۾ نفرت کي جنم ڏنو ۽ اهي کين ڪيترن ئي عجيب و غريب نالن سان سڏڻ لڳا. تاريخي حقيقتون ٻڌائين ٿيون ته 1960ع تائين ملڪ جي بيورو ڪريسيءَ تي مهاجر ڇانيل هئا. هندوستان کان آيل مهاجر ڪامورن کي هتي اهم عهدا مليا ۽ حڪومت مهاجرن کي نوڪرشاهيءَ ۾ مالڪي ڏيڻ سان گڏ ٽن ڪروڙ روپين جي بجيٽ سان Refugee rehabilitation finance corporation قائم ڪئي، جنهن جي ڪري سيٺ ولي ڀائي ۽ آدم جي گجراتي جھڙا سيٺ (Tycoon) اڀري آيا ۽ حڪومت جي انهيءَ مهاجر نوازي جتي پنجابي شائونزم اڀاريو اتي سنڌين ۾ به هڪ ويڳاڻپ کي جنم ڏنو. پوءِ سيني ڏنو ته علي اڪبر شاهه جي گولي لياقت علي خان جي لڱن مان پار ڪري، اقتداري ايوانن ۾ وڃائجي وئي. حقيقت ۾ قيام پاڪستان جي شروعاتي 25 سالن ۾ بيورو ڪريسيءَ جو سمورو جهيڙو مهاجر - پنجابي مفادن جو هو. سنڌي سين ڪانڌ ٻاهر تماشائي بڻيل هئا.

ڪراچيءَ کي 1948ع ۾ جڏهن سنڌ کان الڳ ڪري ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ڪيو ويو ته اها چڻ مهاجر مخصوص علائقو ٿي وئي. انهيءَ عمل جتي عليحدگيءَ واري سوچ کي هوا ڏني، اتي "ڪراچي صوبي" يا "مهاجرستان" جھڙي نعري کي جنم ڏنو. محمود الحق عثماني جيڪو مهاجرن جي پنجين قوميت واري تصور جو باني هو تنهن 1953ع ۾ "صوبائي محاذ" نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي، جنهن جو مقصد ڪراچيءَ کي الڳ صوبو بڻائڻ هو. پوسٽرز شايع ٿيا. صحيحون ورتيون ويون ۽ مهاجر



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

اسٽيٽ جي پرچار تي. انهيءَ تحريڪ جو ڪنوينر تہ عثماني هو پر حسن ناصر جهڙو ماڻهو بہ سرگرم رهيو. اها تحريڪ بہ سال هلي ۽ مٿان ون يونٽ جي ويا صوبن تي اچي ڪڙڪي ۽ ڇڙني صوبن جي خواهشن ۽ سوچن کي چؤڪنيو پڌي، هڪ آمر جي لانگ بوٽ هيٺان لتاڙيو ويو. انهيءَ سموري عرصي دؤران جتي سنڌي، صوبن جي بحاليءَ جي تحريڪ جي تتل رڻ ۾ رڙي رهيا هئا، اتي مهاجر مسلم ليگ جي دم تنڻ ڪانپوءِ جماعت اسلامي جي جهوليءَ ۾ پناهہ وٺي رهيا هئا. فاطمہ جناح تي صدارتي اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ ڪري انهن تي عتاب ڪريا ۽ ايوب جو دؤر مهاجرن لاءِ Isolation جو دؤر تي ويو. سنڌين جتي تاريخ ۾ 4 مارچ جي چانڊوڪي رقم ڪئي، ون يونٽ جو دم ٽٽو هندوستان ٽڪرن ۾ ورهائجڻ لڳو تہ وري محمود الحق عثمانيءَ جي انهيءَ نعري نئين نرا ڪڻڻ شروع ڪيا. 19 ڊسمبر 1969ع تي آزاد بن حيدر جبيس هوٽل ڪراچيءَ ۾ هڪ اجلاس گهرائي "ڪراچي صوبہ اتحاد" جو بنياد وڌو ۽ 10 جنوري 1970ع تي نشتر پارڪ ۾ "ڪراچي صوبہ اتحاد" پاران هڪ عام جلسو ٿيو جنهن ۾ آزاد بن حيدر ڪانسواءِ مولانا ابن حسن جارچوي ۽ ٻين اڳواڻن ڪليل نموني عوامي سطح تي ڪراچي صوبي جو مطالبو ڪيو. صوبن جي بحالي ۽ ون يونٽ جي مخالفت ۾ مهاجرن خير ڪو حصو ورتو پر جڏهن پاڪستان جي محمد شاهہ رنگيلي عرف يحييٰ خان ڍاڪا تي چڙهائي ڪئي تہ مهاجر، بنگالين جي مخالفت ۾ يحييٰ خان جي حمايت ۾ ذري گهٽ چريا ٿي پيا هئا. "اڌر تم اڌر هم" واري ڀٽو جي رويي جتي مهاجر ۽ پنجابي مفادن جي پاسداري ڪئي، اتي اهو رويو سنڌ جي جمهوريت پسند ماڻهن کي ڪهڙي خوشي ڏئي سگهيو؟ ڀٽو صاحب جي دؤر ۾ 1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان بل جي منظوريءَ وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ملڻ، شهري ۽ ٻوٽائي (40 ۽ 60 سيڪڙو) ڪوٽا سسٽم تقسيم ۽ ممتاز ڀٽي جي پاليسين اردو آباديءَ کي ڪاوڙ ۾ آندو. "اردو ڪا جنازه هي، ذرا ڌوم سي نڪلي" ڪراچي جون گهٽيون جهونگاري رهيون هيون ۽ اهو انتشار هو جنهن کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ان وقت جي وزيراعليٰ کي هٽايو ويو ۽ بيگم رعنا لياقت علي خان کي گورنر بڻايو ويو. اردو آباديءَ جي انهيءَ ڪاوڙ ۽ Isolation جو فائدو پنجاب جي چالاڪ ۽ ميڪاولي ذهنن ورتو. سنڌين ۽ مهاجرن ۾ خليج پيدا ڪرڻ لاءِ جهوني مسلم ليگي نواب مظفر حسين جي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اڳواڻيءَ ۾ ”مهاجر پنجابي پٺاڻ محاذ“ جو بنياد پيو. جنهن جي بنيادي ايجنڊا سنڌين ۽ مهاجرن ۾ ويڇا وڌائڻ ۽ سنڌي مهاجر اتحاد لاءِ ڪيل ڪوشش کي ختم ڪرڻ هو پر سيد جي دوررانديش سياست ۽ بصيرت جو ڪمال ڏسو جو سائين، نواب مظفر کي 1979ع ۾ هڪ تفصيلي خط لکي سنڌي مهاجر اتحاد تي زور ڏنو. نيٺ 1980ع ۾ پهريون ڀيرو نواب مظفر سائينءَ وٽ سن ۾ ملڻ آيو. سائين جي ايم سيد ڪيس گلن جا هار پارائي، سنڌي مهاجر اتحاد جي آجيان ڪئي. انهيءَ ملاقات ۾ سائينءَ، نواب مظفر کي پنجاب جي اقرباپروري ۽ اجاره داريءَ جا داستان ٻڌايا ۽ انهن خلاف محاذ جوڙڻ لاءِ تجويز ڏني ۽ اهو دليل سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پنجاب جيترو سنڌين جو مخالف آهي، ايترو ئي مهاجرن جو ويري آهي، پر جهوني مسلم ليگي نواب مظفر جي ايجنڊا کان اها ڳالهه ڪوهين ڏور هئي. جوابي خط ۾ نواب مظفر، سائين جي ايم سيد کي پاڪستان دشمن سڏي، اتحاد کان معذرت ڏيکاري.

اهو تقريباً اهو دؤر هو جڏهن ملڪ تي آمريت جا ڪارا ۽ ڪڪر ڇانئجي چڪا هئا ۽ تارا مسيح جا ڪارا هٿ مسڪين مخلوق جي محبتن ۽ مرادن جي ڳچيءَ ۾ ڳاڙها داغ ڪري چڪا هئا ۽ سٺ جي رسي 25 سالن کانپوءِ به آئين جي اميد ۾ تڳندڙ ملڪ کي نصيب ٿيندڙ معذور ۽ وقتي جمهوريت جي جواني جهري چڪي هئي. اهو بلڪل اهو ئي دؤر هو جڏهن ضياءَ جون چالون ملڪ جي سياسي بساط تي پکڙجي چڪيون هيون. اهو 1978ع هو جڏهن مهاجر ڇوڪرن الطاف حسين جي قيادت ۾ فارميسي جي ڪجهه داخلا سيٽن تان جمعيت سان جهيڙو ڪري اي پي ايم ايس او ٺاهي ۽ ان کانپوءِ جڏهن 1984ع ۾ عزيز آباد جي 120 گز پلاٽ واري ننڍي ڪوارٽر ۾ رهندڙ ۽ هنڊا 50 تي گهمندڙ ساڳئي الطاف حسين مهاجر قومي موومينٽ (MQM) ٺاهي ته ڏسندي ئي ڏسندي اردو آبادي سنڌس نعرن تي نچڻ لڳي- ۽ جڏهن 1986ع ۾ نشتر پارڪ ۾ جلسو ٿيو ته به لک مهاجر گڏ ٿيا. گرين ڪارڊ جي شوق ۾ آمريڪا ۾ ٽئڪسي هلائيندڙ الطاف حسين جي قيادت جي ان ڪاميابيءَ سياسي مبصرن لاءِ جتي حيرت جا دروازا کوليا، اتي سنڌين مهاجرن جي گڏجڻ واري خواب کي ڪچلڻ جو امڪان جاڳيو جيڪو سنڌ جي وحدت جي وکرڻ جي صورت ۾ ٿي سگهي پيو. ان کان اڳ مهاجر جيڪي اسلامي قوميت جي نعري ۾



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

نظريي هيٺ سياست ڪندا هئا. سي الطاف حسين جي اڳواڻيءَ ۾ نسل پرستيءَ جي راهه اختيار ڪرڻ لڳا. اها سيني لاءِ حيرت جهڙي ڳالهه آهي تہ محمود الحق عثمانيءَ جي ”ڪراچي صوبہ“ ۽ مرزا جواد بيگ جي ”ميٽرو پوليٽن گورنمينٽ“ جو تسلسل الطاف حسين جنرل ضياءَ جي ايجنڊا ۾ شطرنج جو مهرو ڪيئن ٿيو؟ جنرل ضياءَ جيڪو ايم ڪيو ايم جو ڊرائيور چيو وڃي ٿو تنهن پنهنجن پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ڪلئي نموني چيو هو تہ مهاجرن پاڻ کي پنجين قوم طور مڃائي ورتو آهي ۽ انهيءَ دهلي ڄائي جنرل ضياءَ، جنرل رحيم الدين کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو جنهن جو پهريون قدم سنڌ جي تقسيم ڏانهن اشارو هو جنهن سنڌ پوليس کي انتظامي حوالي کان ٽوڙي ”ڪراچي ميٽرو پوليٽن پوليس“ وارو ڪم ڪيو جيڪو پائيدار ٿي نہ سگهيو پر اڄ اهو ئي هٿ ناٿ هڪ ڀيرو ٻيهر جڙي رهيو آهي. انهن سيني حقيقتن تي سوچيندڙ ذهن اهو بہ آسانيءَ سان ياد ڪري سگهندا تہ پهرين پنجابي — مهاجر تصادم ڪيئن ٿيو؟ ان ڪانپوءِ ناظم آباد جي رستي تي پٺاڻن جي پيلي وين (جنهن کي مهاجر زرد شيطان چوندا هئا) بشريٰ زيديءَ جي جسم کي ڪيئن لتاڙيو؟ ۽ اهو جهيڙو مهاجر — پٺاڻ جهيڙي کان ٿيندو سنڌي — مهاجر جهيڙي تائين ڪيئن ٿو پهچي. انهي حقيقت جي گهرائيءَ ۾ ويندڙ ذهن اڄ جي خود ساختہ جلاوطن الطاف حسين تي ڪيترو اعتبار ڪري سگهندا؟ اهو خود هڪ سوال آهي.

مهاجرن جي ايم ڪيو ايم کان اڳ واري سياست جيڪا محمود الحق عثماني، آزاد بن حيدر، نواب مظفر، مرزا جواد بيگ، عثمان ڪينيڊي ۽ ڪجهه ٻين نالن ۽ ننڍين تحريڪن جي چؤگرد چڪر ڪاٽيندي رهي آهي، تنهن منظم شڪل ايم ڪيو ايم جي صورت ۾ حاصل ڪئي. مهاجر ووٽ جيڪو پهرين مسلم ليگ جي ملڪيت هو پوءِ ايوب جي مقابلي ۾ فاطمه جناح کي مليو ۽ ايوب خان کي ڪراچيءَ ۾ زبردست شڪست نصيب ٿي. 1970ع ۾ مهاجرن پيپلز پارٽيءَ جي مقابلي ۾ جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان جو ساٿ ڏنو. هنن 1977ع ۾ پيٽو مخالف پي اين اي جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ جو محور بہ جهڙوڪر ڪراچي هو جنهن جو مثال اصغر خان جو جلسو هو. مون اڳي عرض ڪيو تہ ايم ڪيو ايم جي اڳ واري مهاجر سياست ۾ قوميت جو محور مذهب هو جنهن کي الطاف حسين نسلي ۽ گروهي سياست جو رنگ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏنو. ايم ڪيو ايم جيڪا يقيناً مهاجرن جي اسرنڊڙ مڊل ۽ لوئر ڪلاس يا پيٽي بورجوا طبقي جي پاپولرسٽ جماعت آهي، جيڪا هڪ طرف اجمل دهلوي جهڙن جي مظلوم قوم ۽ حق پرست جماعت هجڻ واري دليل جي دعويدار آهي، ته ٻئي طرف "زيور بيچو ڪلاشن لو" جهڙي Provocative نعري کان پوءِ محض جاويد لنگڙي، فاروق دادا ۽ ريحان ڪاڻي جي نيو نازي (Neo – Nazi) تنظيم جهڙي تنظيم بڻجي رهي هئي، جنهن ۾ ڪارڪنن جي ميمبر شپ جو معيار الطاف سان محبت ۽ وفاداري، پير صاحب جي ذاتي زندگي جي ڄاڻ ۽ سندس هنڊا 50 موٽرسائيڪل جي رجسٽريشن نمبر جي يادگيريءَ تي مبني هجي، جنهن ۾ نظريي سان وفاداريءَ جي وچن بجاءِ پنهنجي ماءُ جو قسم کڻي اهو چيو ويندو هجي ته هو پير صاحب سان ڪنهن به قيمت تي غداري نه ڪندو. جنهن پارٽي جي صفن ۾ جمهوري ڪلچر جو ڪعبو قبلو "نائن زيرو" کي سمجهيو وڃي، جنهن اندر جتي پائي وڃڻ ممنوع هجي (جڏهن الطاف جي انٽرويو لاءِ وياسين ته مون کي ۽ اعجاز منگيءَ کي به جتي لاهي پوءِ اندر وڃڻو پيو هو) ته اهڙي ڪلچر جي سياسي سوچ ۽ سنجيدگيءَ تي ڪيترو اعتبار ڪري سگهجي ٿو؟

تاريخ گواهه آهي ته دنيا ۾ ڪٿي به نسلي سياست جا نتيجا مثبت نه نڪري سگهيا آهن. هندستان ۾ تاملن ۽ سکن کان وٺي ترڪيءَ ۾ آرمينيائي، ايران جي ڪردن ۽ اسپين جي باسڪ باشندن تائين اهو هڪ روشن سچ آهي ته نسل پرست سياست پنهنجي هيئت ۽ ساخت ۾ اڪيون ٻڌل چاڪيءَ جي ڏاند جيان مخصوص ۽ محدود مدار ۾ ڦرندي رهي آهي. جنهن تحريڪ جو بنياد شائونزم تي مبني هجي، ته انهيءَ جي سياسي سوچ ڪيتري سنجيده ۽ پائدار ٿي سگهندي؟ مهاجر شائونزم جي ايار ۾ جيترو ڪمال الطاف پائي جو هو ايترو ئي ڪردار اردو دانشورن جو به رهيو آهي. دهشتگردن کي "شهري گوريلا"، "شهري جنگجو"، "مشتعل ۽ ناراض نوجوان" جهڙن لقبن سان نوازي انهن جي حوصلہ افزائي ڪئي وئي. اهڙي سوچ سنڌين ۽ مهاجرن کي اڄ هڪ اهڙي موڙ تي آڻي بيهاريو آهي، جتي سنڌ جي وجود ۽ جيئاپي جو سوال ريڊ الرٽ ڏئي رهيو آهي. سياسي دهشتگردن جي ڀتاخوريءَ جي عنصر خود اردو آباديءَ ۾ هڪ زبردست بيزاري ۽ عدم اعتماد کي جنم ڏنو جنهن جو فائدو خود ايم ڪيو ايم جي گاڊ فادر ايم ڪيو ايم حقيقي جي صورت ۾ ورتو. الطاف جي طاقت ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مهاجرن جي ڀرپور حمايت جڏهن اصل ڏڌين لاءِ ڳاڙهي بتي ٻارڻ شروع ڪئي، ته آفاق ۽ عامر جا هٿ ڪراچيءَ جي هوائن ۾ لهرائڻ لڳا ۽ نوگو ايرياز جي ڪيسٽ وڄڻ لڳي. اصل اقتدار ڏڌين جي ڪاوڙجڻي ايم ڪيو ايم مظفر شاهه ۽ عبدالله شاهه دؤر جهڙن آپريشنن جا منظر ڏيکاريا ۽ اهڙي هالوڪاسٽ جي وڏيڪ ڊپ ۽ انديشن الطاف حسين ۾ مهاجر قومي موومينٽ کان متحده قومي موومينٽ واري تبديليءَ کي جنم ڏنو پر اها تبديلي ۽ سوچ ٻين صوبن ۽ سنڌين ۾ ڪو خاطرخواهه ڀوتو ٻاري نه سگهي جيڪا محض اصل صاحبن اڳيان نالي جي تبديليءَ وارو هٿ ناٽ ۽ پنهنجي ڪرتوتن جو ڪيمو فلاج پاسڻ لڳي. اڄ جڏهن ايم ڪيو ايم حڪومتي صفن ۾ موجود آهي ۽ هو قرڏين ڪرسين تي موجود رهندي به نواز شريف ۽ چوڌري شجاعت جي اکين جو بدلجندڙ رنگ ڏسي رهي آهي، شريعت بل جي ڪمر نڪرڻ ڪانپوءِ واريون حالتون ايم ڪيو ايم لاءِ ڪهڙو طوفان آڻي سگهن ٿيون، انهي تياري لاءِ هڪڙي پيش رفت سنڌي قوم پرستن ڏانهن پيشقدمي پڻ آهي جيڪا اصل اقتدار ڏڌين لاءِ هڪ مخصوص پيغام به رکي ٿي.

ڏٺو وڃي ته سنڌين سان خاص طور تي قوم پرستن سان مهاجرن جي گڏجڻ جي ڪهاڻي 1980 - 1979ع واري نواب مظفر ۽ سائين جي ايم سيد جي ڪوشش کان شروع ٿي ۽ ان ڪانپوءِ 1986ع ۾ جڏهن الطاف حسين جي ماءُ جي وفات تي سيد جو تعزيت نامو پهتو ته هڪ نئين نينهن جو آغاز ٿيو. جڏهن سيد اسپتال جي بستري تي آرامي هو ته اهو ئي الطاف حسين گلن جا بوڪي کڻي عيادت لاءِ آيو ۽ ان ڪانپوءِ ايل ايم سي ۾ سيد جي غيرموجودگيءَ ۾ سيد جي سالگرهه جي موقعي تي رئيس امروهوي ۽ الطاف حسين ريشمي ڪڙتن، چوڙيدار پاجامن ۽ سليم شاهي جتي پائي جلوه افروز ٿيا. انهيءَ سال 1986ع ۾ جڏهن علي ڳڙهه ڪالوني ۾ مهاجرن ۽ پٺاڻن جو جهيڙو ٿيو ته سنڌي قوم پرست "سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي" جي جذبي سان خون جي خيرات ڏيڻ لڳا. اها ته سيد جي حڪمت عملي هئي جو هن پنهنجو اصل حريف پنجاب کي سمجهندي مهاجرن سان محبت جو اظهار ڪيو پر سيد کي ڪهڙي خبر ته پلي بيڪ سنگرز جي ڪا ٻي ايجنڊا هئي، جنهن جا منظر پوءِ 30 سيپٽمبر ۽ ٻهرين آڪٽوبر تي ڏسڻ ۾ آيا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مهاجر جيڪي هجرت ڪري اچڻ ڪري هڪ مخصوص نفسيات جا مالڪ رهيا آهن، پاڪستان ڏانهن سندن رويو اهڙوئي رهيو آهي جهڙو يهودين جو اسرائيل ڏانهن سندن لاءِ ٺهيل مخصوص رياست سمجهڻ وارو رهيو آهي. محمود الحق عثمانيءَ واري پنجين قوميت ۽ ڪراچي صوبي واري نعري کان وٺي الطاف حسين ڀائي جي علحيدگيءَ واري سوچ اردو آباديءَ کي ڪڏهن بہ ڌرتيءَ جاوا (Son of the soil) سمجهڻ نہ ڏنو آهي. اهو سچ بہ آهي تہ جيستائين هو هن ڌرتي ۾ پنهنجي پيار جون پاڙون پختيون نہ ڪندا، تيستائين سنڌي بہ کين معزز مهمان طور سمجهڻ ۽ Treat ڪرڻ ۾ حق بجانب هوندا. ڪنهن بہ قوم جي ڀرين سڃاڻپ پنهنجي ڌرتيءَ سان ڪمٽمنٽ ۽ ناسٽلجيا هوندي آهي، جيڪا بدقسمتيءَ سان اسان جي مهاجر ڀائرن ۾ نہ هن ڌرتيءَ سان آهي ۽ نہ ئي اها دهلي ۽ دکن سان آهي. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار سمجهڻ، سنڌين سان امتيازي سلوڪ، سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي بيزاري وارا رويا سنڌين سان گڏجڻ واري ايم ڪيو ايمي ايجنڊا کي ڪيترو سنجيده ڪندا، اهو خود سندن اتحادي قوم پرست دوستن لاءِ سوچڻ جو سوال آهي، تہ متحده جيڪا ڪالاباغ ڊيم جهڙي سنڌ جي ڊيٿ وارنٽ تي بہ سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرڻ وقت ڪن چڏائڻ وارو ڪردار ادا ڪيو اها سياڻي جڏهن حڪومت ۾ هوندي تہ صنعت کان ويندي تعليم جي شعبن تائين سنڌين کي نوڪرين مان ٻاهر ڪيندي ۽ اقرباپروريءَ جو مظاهرو ڪندي، تڏهن اهڙي سنگين صورتحال ۾ قوم پرست دوست ڪيئن هينڊل ڪري سگهندا!؟

اهو تہ اسان بہ ڄاڻون ٿا تہ پاڪستان ۾ اتحادن واري سياست ڪيتري پائدار رهي آهي. هيءَ اتحاد ٻنهي ڌرين کي وقتي فائدو تہ ڏئي سگهي ٿو پر مستقل بنيادن تي اهو اتحاد پائيدار هجڻ کان پڙ ڪڏي ٻيهي رهندو. جسقم جنهن جي سياست جو بنياد سيد جي آزاديءَ واري نظريي تي مبني آهي ۽ متحده جنهن جي سياست رڳو مخصوص طبقي ۽ گروهي مفادن جي جنگ آهي، جنهن ۾ هاڻي سموري اردو آباديءَ کي بہ شامل نٿو ڪري سگهجي. اڄ جڏهن حالتون بدلجي چڪيون آهن، "جناح پور" ۽ "ڪراچي صوبي" وارا نعرا ڪالهوڪا ڪفر آهن، ملڪ جو 60 سيڪڙو روينيو ڏيندڙ ڪراچيءَ تي متحده جو هولڊ پنجاب جي برداشت کان ٻاهر آهي،


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جتي ڪراچي پورٽ کان وٺي صنعتن تائين 70 سيڪڙو قبضو پنجابين جو آهي، اهڙي صورتحال ۾ هڪ مخصوص لابيءَ جي اجاره داري پنجاب جي هاضمي کان مٿي آهي. جڏهن ته متحده جي سڀ کان وڏي ڪمزوري حڪومت ۾ رهڻ ۽ پنهنجي اقتصادي معاشي صورتحال کي يقيني بڻائڻ آهي، پر هاڻي جهن سڀ راهون وقتي طور کليل رهڻ ڪانپوءِ بند ٿيڻ واريون آهن ته متحده قومپرستن ڏانهن پيش رفت ڪري، Political asylum جي تياري ڪئي آهي ۽ سياڻي جو ثمر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ٿيڻ ته ائين کپي ها جو وقت جي اهڙي موڙ تي متحده کي اڪيلو ڇڏيو وڃي ها ته جيئن هن کي پڇتاءُ (Repentance) جو احساس ٿئي ها ۽ سياسي اڪيلائپ کين اهو به سمجهائي ها ته پٺڪي ۽ اجرڪ وارن جي وهايل خون جي آبرو ڇا هئي؟ گهٽين ۾ وهندڙ لهو رڳن ۾ وهندي ڪيئن ٿو پاسي؟

اڄ جڏهن ڄامشوري کان وٺي موري ۽ ميرپورخاص تائين متحده جا هٿ ڳاڙهن جهنڊن سان گڏ جهولي چڪا آهن ته هاڻي متحده کي موقع پرست سياست کي ڇڏي، رنجيت سنگهه جي گهوڙي جي رين ٿيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. پنجن ڪروڙن جي پگهار وڏائڻ واري سياست کي پٺي ڏئي ڪالاباغ ڊيم، آدمشماري، صوبائي خودمختياري، ناٽي جي ورڇ ۽ شريعت بل تي سنڌين وارو موقف رکڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ دفعو وري به سنڌن هاٽوڪي پيشقدمي ڪنهن بئي مقصد لاءِ آهي ۽ هو ڪنهن Interim Plan طور قوم پرستن جو مذاق اڏائڻ لاءِ وڌيا آهن، ته پوءِ انهيءَ نقصان جو ازالو هاڻي متحده جي وس کان ٻاهر هوندو. جيڪڏهن نه ته پوءِ ٻنهي ڌرين جي سياسي سنجيدگي ئي "سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي" واري نعري کي نينهن جي نيري چادر اوڍائي سگهي ٿي.

(اربع، 28 آڪٽوبر ـ 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# بي وطنيءَ جو درد

نندڍي ڪنڌ جو ورهاڱو هونئن تہ ڪٿي بہ قومي نظريي سان نينهن لائيندڙ ماڻهن لاءِ سياست جي سيج ثابت ٿيو هجي، پر ان ورهاڱي جيترا سنڌ جي وجود کي وڏ ڏنا آهن، انهيءَ جو ثبوت اڄوڪي سنڌ آهي. جنهن جا واهڻ ۽ وستيون گهمنديءَ، توهان کي اڄ بہ ائين لڳندو تہ ڄڻ گهڻو ڪجهہ هتان هاٽي هاٽي ڦريو ۽ لٽيو ويو آهي. زنده تہ سڀ ڪو آهي پر زندگي لاڏاڻو ڪري چڪي آهي. ڪالهہ جڏهن مون ڪي ٽي اين ٽي قاسم ماڪا جي پروگرام 'رنگ منچ' ۾ 1952ع ۾ ٺهيل سنڌي فلم "اباڻا" جو ماستر چندر جي آواز ۾ ڳايل ڪلام "پڪي ديس پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا، هئہ هئہ مٺا اباڻا" پئي ٻڌو تہ مون ورهاڱي جو منظر پنهنجي تصور جي آرسيءَ ۾ پسڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ڄڻ تہ انهيءَ بي وطنيءَ جي درد کي ماپڻ جي فضول پريڪٽس پئي ڪئي، جيڪو درد اڄ سرحد جي هن پار وسندڙ سنڌ جي سيني پويان ڌڙڪي رهيو آهي، جيڪو ظاهر آهي تہ اسان جي احساس جي آڱر نٿي ڇهي سگهي. جيڪو سور نارائڻ شيام جي هنن سٽن ۾ سڏڪي رهيو آهي:

الاءِ ڪهڙيءَ گهڙيءَ شيام ان مان نڪتاسين،
وطن ورڻ تہ ڇا، سرحد ڏسڻ نصيب نہ ٿي.

وقت ٻڌائي پيو تہ سنڌ وطن ڪان سنڌي هندن جي موڪلاڻي، سنڌ جي جوانيءَ جي موڪلاڻي هئي. اها جواني، سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي سگهہ هئي، جيڪو حقيقي معنيٰ ۾ سنڌ جو مڊل ڪلاس هو جن تاريخ جي جبر ۾ سنڌ جي وکري ويل وجود کي سهيڙڻ ۽ سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪو سنڌو نديءَ جي مهابي هڪ سکيو ستابو ديس هو. پر ان جي سموري سونهن ۽ سرهائي وحشي فاتحن جي گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙبي رهي. سنڌ جو ڏيساور مان واپار وسيلي ڪمايل ناڻو قنڌاري خرزينون ڪٽي ويندا هيون، پر انهيءَ زخمي سنڌ جي بدن تي هڪڙا صوفي هئا، جيڪي پنهنجي پريم جي گيڙو چادر وجهي ڇڏيندا هئا ۽ ٻيا اهي وڻجارا هئا، جيڪي سمونڊ ڪيڙي، ڏورانهن ملڪن مان واپار ڪري پنهنجي وطن ڪي وري بہ آسودو ڪرڻ جا جتن ڪندا هئا. ورهاڱي کان پهرين واري سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي هندن کي سمجهڻ لاءِ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙا هئا ڀائي بند ۽ ٻيا هئا عامل.

ڀائي بند، وڻج واپار ڪندا هئا، جيڪي سمنڊ ۽ خشڪيءَ جي رستي، سموري دنيا جي ڪنڊڪڙڇ جي مارڪيٽن تائين پنهنجي رسائي رکندا هئا. شڪارپوري ڀائي بندن جو خشڪي رستي ايران، افغانستان، وچ ايشيا ۽ چين کان ويندي مشرقي يورپ تائين واپار هو. ٻيئن حيدرآباد جا ڀائيبند وري ڪارو ڪيڙي وجي آسام، ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا، ڪمبوڊيا، جاوا کان ويندي وچ يورپ جا وڻ وسائيندا هئا.

سودي خاطر سنيهي، جيڪي ويا جاوا
ڪري وڻج واپار سي سگهو ٿيا ساوا.

تاريخ چغلي هڻندي تہ تاريخ جي آغاز کان وٺي سنڌ جا واپاري دنيا جي ڏورانهن پٽن تي پسارون ڪندا رهيا آهن. پر خاص طور تي ڀائي بندن جو پٽ تڏهن ويتر منو ٿيو جڏهن 1869ع ۾ سوئيز ڪئنال کليو ۽ واپار واسطي سندن رسائي وجي روم تائين ٿي ۽ "سنڌورڪي" سموري دنيا ۾ سڃاڻجڻ لڳا. ڀائي بندن جو نعرو هو "نيچ نوڪري، اتم واپار". واپار تہ اتم آهي ئي آهي، پر اتم اهي انسان دوست ڪم هئا، جيڪي هو واپار ذريعي ڪمايل ناڻي مان پنهنجي وطن ۾ اچي فلاحي ادارن ٺاهڻ جي صورت ۾ ڪندا هئا، جن مان هندو ۽ مسلمان هڪ جيترو مستفيض ٿيندا هئا. ڪتاب ٻڌائن ٿا تہ جڏهن اڃا دنيا ۾ بئنڪن جو رواج ڪو نہ هو تڏهن شڪارپوري ڀائي بندن "هنڊين" ذريعي وچ ايشيا ۾ بئنڪن جو نظام ڏنو.

هاڻي اچو تہ ٿورو عاملن جو جائزو وٺون. عامل، جيڪي سرڪاري ۽ رياستي ڪاروهنوار ۾ سول انتظاميا سان وابستہ هئا، سنڌ جي تاريخ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڙهندئو تہ تقريبن هر دور ۾ انهن عاملن جو سول انتظاميا جي حوالي سان تذڪرو ملندو. ميرن جي ڪامورا شاهي تہ گهٽو ڪري انهن عاملن جي سپرد هئي. هڪڙا هوندا هئا ديوان، جيڪي ڍلون اوڳاڙيندا هئا ۽ ٻيا منشي جيڪي مشيري ڪان وٺي رياستي نظام ۾ اعليٰ عهدن تي فائز هئا. ان ڪان پوءِ آيا تہ سنڌ ۾ اهي عامل ئي هئا، جن وچي اهي ڪرسيون وسايون ۽ وڏو نالو ڪمايو. حيدرآباد، خاص طور تي انهن جو مرڪز هو جنهن ۾ عامل ڪالوني اڄ بہ انهن جي نانءُ سان منسوب آهي. ايماندار سچا، ڪرا، ذهين ۽ جديد علم سان مالا مال اهي عامل، جن جي طفيل ئي سنڌ ۾ جديد تعليم جو پڙ بنياد پيو. سموري هندستان ۾ سرڪاري نوڪرين تي رهنديءِ گهاٽ گهاٽ جا پاڻي پيئندي جيڪي جديد روايتون ۽ ادارا پنهنجي اکين سان پسندا هئا، سي واپس اچي پنهنجي علم ڪان وانجهيل وطن ۾ اپنائيندا هئا. انهن انيڪ علم دوست ڪردارن مان ڪجهہ ڪردارن جو ذڪر پڙهائبو هلجي تہ سمجهڻ ۾ ڪجهہ آساني ٿيندي.

حيدرآباد جي مکي شوقيرام ننديرام آڏواڻي جي اڱڻ تي ٻن پٽن نول راءِ ۽ هيرانند جو جمڻ چڙهڻ تہ اوندهہ ۾ وڪوڙيل سنڌ ۾ ڪن ستارن جو جنم هو. اهو 1843ع وارو زمانو آهي، جڏهن گوري سرڪار ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ واري ناٽڪ مان نڪري عملي طور تي سرزمين هند، سنڌ تي پنهنجي لوهي لانگ بوٽن سان لتاڙ شروع ڪئي. اهي ٻہ ڀائر، جن ۾ نول راءِ، گوري سرڪار ۾ وچي ڪلرڪي ورتي ۽ ڪلرڪي ڪندو وچي ڪليڪٽري تائين پهتو. نوڪري دوران ڪلڪتي ۾ سندس راما ڪرشن ۽ سوامي وويڪ آنند جي صحبت ۾ ٻئي ڀائر سماجي سيوا ۾ سنياسي بڻجي ويا. حيدرآباد ۾ هيرانند يونين اڪيڊمي (جيڪا اڳتي هلي N.H Academy بڻي) جي قيام سنڌ کي پهريون گرلس اسڪول ڏنو. ان ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ ڪوڙهہ جي مريضن لاءِ اسپتال (Leper Home) ۽ شڪارپور ۾ يتيم خانو بہ انهن جو ڪارنامو هو. ننڍي عمر ۾ ٻي جوڙ شادين، جوئا، منشيات ۽ ٻين ڪڌن ڪمن خلاف سندن تحريڪ هڪ اخلاقي انقلاب آڻڻ جا جتن هئا. اهي ڀائر "انسان ڪان وڌيڪ فرشتا ٿي لڳا."

جيئن بنگال ۾ پلاسي جي جنگ ڪان پوءِ مسلمان پنهنجي شڪست تي هنجون هاري ۽ پٽڪو ڪري رهيا هئا، پر اتان جي روشن خيال هندن راجا رام موهن ۽ اربندو گهوش جي سرواڻيءَ ۾ رفارمر تحريڪ کي جنم ڏئي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جديد دنيا ڏانھن راغب ٿيڻ جي روش اپنائي، تيئن ئي سنڌ ۾ ميرن جي صاحبيءَ جي خاتمي کانپوءِ سنڌي مسلمانن جي اڪثريت انگريزن جي آمد بعد وچپي ڪاھلي جي ڪچ ۾ ستي ۽ اقليت جيڪا وڏيرن تي مبني ھئي، وچي جاگيرون ۽ لقب القاب ورتا ۽ گوري سرڪار جي ڳاڙھن ڪارپيٽن تي ليٽاڙا پاتا. پر سنڌي ھندن انھيءَ بنگال واري رفارمر تحريڪ کان رمز سکي نئين سنڌ اڏڻ جا خواب ڏٺا. انھن ڪاھوڙين ۾ ھڪ وڏو نالو ديوان ڏيارام گدو مل شاھاڻي جو بہ آھي، جنھن کي پير علي محمد راشدي سنڌ جو راجا رام موھن راءِ سڏيو آھي- ۽ بيو سندس ئي وڏو پاءُ ديوان ميٺا رام ھو. ميٺا رام ھاسٽل، ڊي جي ڪاليج ڪراچي، حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج ۽ ڪراچي ۾ شرن گتي لائبريري سندن ئي ڪوشش جو ڪمال ھو.

انھن مٿي ذڪر ڪيل مائي جي لالن کان سواءِ بيا بہ انيڪ لچندڙ روح ھئا، جن پنھنجي حياتي، حب انساني ۽ سنڌي سماج جي سيوا ڪندي گذاري ڇڏي. ساڌو واسواڻي جو ذڪر جيڪڏھن نہ ڪجي تہ پاڻ کي مقروض سمجھبو جيڪو ميران ٻائي کان ايترو متاثر ھو جو حيدرآباد ۾ "ميران اسڪول" قائم ڪرايائين. پرلوڪ پڌارڻ کان اڳ وصيت ڪيائين تہ سندس ھڏيون سنڌوءَ جي امانت آھن ۽ اھي سنڌوءَ جي لھرن جي ھندوري حوالي ڪيون وڃن. ورھاڱي کانپوءِ اوڻويھہ سال جيئرو رھيو پر وطن جا گيت ڳائيندو رھيو.

اي سنڌڙيا سھي نہ سگھان آئون جدائي
ھت توکي جدا ٿي، دلڙي آ ماندي

انھن کان سواءِ بيا بہ ڪيترا ئي دکي دل رکندڙ انسان ھئا، جن ۾ سيٺ اوڌو داس تارا چند ھو جنھن شڪارپور ۾ ھڪ زبردست اسپتال جوڙائي، جيڪا ان وقت سنڌ جي وڏي ۾ وڏي اسپتال ھئي. ان فقير منش پنھنجو نالو بہ زمين تي لکرايو تہ جيئن اسپتال ۾ ھر ايندڙ ويندڙ ماڻھوءَ جو پير پوي، ڇا تہ ھيٺانھين ۽ عجز ھو. ان کان سواءِ جيٺمل پرسرام (جنھن جي نالي سان ڪراچي جو پھريون آرٽس ڪاليج منسوب آھي) ديوان ڪوڙو مل چندن مل، ديوان بھادر ھيرانند کيم سنگھہ جھڙا انيڪ انسان ھئا، جن ڪيترا ئي اسڪول، اسپتالون، ويم گھر يتيم خانا، ڪتب خانا ٺھرايا ۽ بيا ڪيترا ئي سماجي خدمت ڪندي ڪارناما سرانجام ڏنا. انھن ڪردارن کان سواءِ بيون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيترين ئي تحريڪون ۽ تنظيمون هيون، جهڙوڪ برهمو سماج، آريہ سماج، سنڌ سڀا، پريم ڌرم سڀا، ٿياسافيڪل سوسائٽي وغيره. جن ان وقت جي سنڌي معاشري ۾ محبت ۽ انسانيت جو روح ڦوڪيو. ٻئي پاسي ناٽڪ منڊليون، ڊراميٽڪ سوسائٽيون، شاسترم راڳ، سنستائون ۽ ڀڳتيون ۽ ڀڳت، صوفي سنت ڇا ڇا نہ هئا. اهو ڀڳت ڪنور رام بہ هو جو هندو مسلم ڀائيچاري جو سڀ کان وڏو نانءُ هو. جنهن کي محبت جي ويرين رڪ ريلوي اسٽيشن تي راهہ رياني جو راهي ڪري ڇڏيو. (ان واقعي ان وقت جي هندوڪي سماج ۾ وڏي بي چيني کي جنم ڏنو) ان کان سواءِ جاڙا رام ۽ نارو ڀڳت بہ هئا. صوفي سنتن ۾ اها سچل جي فقيرياڻي نماڻي فقير بہ هئي، جيڪا هتان وچڻ کانپوءِ بہ ڳائيندي رهي:

ننگڙا نماڻي دا، جيوين تيوين پالڻا.

سنڌي هندو ان وقت جي شهري سنڌ (Urban Sindh) جا ابا هئا. جن تاريخ جي زخمي شهر کي هڪ نئين جلا ۽ ڪلا بخشي. ان وقت جي حيدرآباد جي هيرآباد ۽ شڪارپور جون يادگيريون ڪٽي ڏسو تہ اندازو ٿيندو تہ ان وقت جي سنڌ ڇا هئي؟ موهن جي دڙي واري قديم شهري روايت جا هو جديد امين هئا. انهن جي جوڙيل عمارتن، گهرن ۽ حويلين ۾ جڏهن اسان جا هم مذهب، اهل زبان ۽ خوش ذوق پاءُ اچي رهيا تہ اسان ڪاٺي جي ڪباڙي مارڪيٽن ۾ اهي چٽساليءَ وارا دروازا وڪجندي ڏٺا. جن تي پاڻ جون پڪون لڳل هيون.

هي سڀ ڳالهيون ۽ سور پاڻ تڏهن سلي رهيا آهيون، جڏهن پنهنجا وچڙيل وطن تي ٽلارا ڏئي رهيا آهن ۽ پاڻ انهيءَ جو فائدو وٺي ورهاڱي وقت، تاريخ جي اکين مان ڪريل لڙڪ اجوڪي سنڌ جي ڳلن تي ڪرڻ کان اڳي ئي ميڙي وٺون. متان سياڻي جي سنڌ پاڻ تي ميارون موڪلي.

انگريزن جي آمد کان اڳ واري سنڌ ۾ جڏهن سنڌي هندو ۽ مسلمان هڪڙي ئي پريم جي پيالي مان پيئندا رهيا ۽ مستو مست مدام رهندا آيا. تہ پوءِ آخر اهڙو ڪهڙو واءُ وريو ۽ بري هن پنيور ۾ ڪهڙا هاڃا ٿيا. جو هڪڙي ئي وڻ جي ٽاري تي لاٽيون لوندڙ پکي، ٻن مختلف ڏسائن ڏانهن اڏري ويا ۽ انهن پکين جو پويون نسل رڳو ڪاريءَ وارا ڪک پنهنجي چهنبن سان چونڊيندو رهجي ويو. اچو تہ پنهنجي عقل ۽ علم جي آڌار تي ٿورو تاريخ جي پنن جو پنڌ ڪريون ۽ ڪجهہ واقعا ۽ سبب بيان ڪريون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جن جي ڪري اياز جي اکين ۾ اهي به سٿون ڳوڙهن جي صورت ۾ اٽڪي بيهي رهيون:

”ڏور ٿيندا وڇن، روز جو ڳيئڙا، تون اچا ٿو جيئين هاءِ ڙي جيئڙا.“

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ مسلمان 75 سيڪڙو هئا ۽ هندو 25 سيڪڙو. پر اهي سالها سال ميٺ محبت ۾ رهندا آيا. نفاق جو نوريئڙو اڃا انهن مورن جي آکيرن تائين نه پهتو هو. انهيءَ پريم جي گواهي مرزا قليچ بيگ به ڏني هئي.

هندو ۽ مسلمان دلا، ساڳي ڪنير جا،
ڳڇن ٿا الڳ ٿانءِ، مگر آهه مٽي هڪ.

هو به ائين، اڪثريت ۾ مسلمان هئا. پر سنڌن سموري رهڻي ڪهڻي رسم و رواج، شادي مرادي جون ريتون رسمون، سوڻ ساٺ، ڳيچ ڳانا سڀ انهي هندوڪي روايتن پٺاندر هئا. سنڌ جون اڪثر سمات ذاتيون ته اڃا به انهن هندو ذاتين ۽ نکن جي نالن سان آهن. ايتري قدر جو هندو نالا به ڪيترن ئي مسلماني نالن سمان هئا. پوءِ اهو لقاءُ ائين بدليو جو جڏهن گورا صاحب پهتا ته انهن جي حڪومت ڪرڻ جو اصول ئي اهو هو ته ورهايو ۽ والي ٿيو (Divide and Rule). گورن جي اچڻ وقت اڪثر مسلمان اڻ پڙهيل هئا ۽ واپار سان سندن ازلي وير هو. ٻئي پاسي هندو ميرن جي منشي گيري ۽ يوناگيري سان وابسته هئڻ ڪري واپار ڪامورا شاهي ۽ علمي حوالي سان اڳيرا هئا ۽ سنڌ ۾ انگريزن جي رياستي وهنوار ۽ ڪامورا شاهيءَ ۾ 80 سيڪڙو ان وقت جي سنڌ جي هندو عاملن جو ئي هو جن کي رتائر ٿيڻ کانپوءِ انگريزن زمينون ڏيڻ شروع ڪيون. نه ته گوري راڄ کان اڳ انهن وٽ زمينون ڪي نالي ماتر ئي هيون. انهيءَ عمل هندن ۾ چوس کي جنم ڏنو ۽ پوءِ ويا، وڏيرن ۽ پوتارن کي وياج تي پئسو ڏئي زمينون ڳڙڪائيندا. تان جو اهو وقت به آيو جڏهن سنڌ جي 30 لک ايڪڙ زمين سندن هٿ هيٺ هئي ۽ مني سنڌ مقروض ٿي چڪي هئي. وري ٻئي پاسي انگريزن جي نوازيل پنهنجي پيارن مسلمان وڏيرن، جاگيردارن جو حال اهو هو جو ٻئي گهوڙن جا طنبيلا نهرائي، مختيارڪارن ۽ صوبيدارن نامدارن جي خوشامد ۾ شڪارن ۽ سريتون وهارڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي چڪر ۾ هئا. انهيءَ دور ۾ هڪ پهاڪو به مشهور ٿيو ته هندن جي هٿ پئسو آيو ته ”جاءِ مٿان جاءِ“ ۽ مسلمانن وٽ پئسو آيو ته ”جوءِ مٿان جوءِ“.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ان وقت اَجا سنڌ بمبئي جو حصو هجڻ سبب هڪڙي ڪمشنر جي ماتحت هئي، جيڪو ڪراچيءَ ۾ ويهندو هو. ڪامورا شاهي ۾ اڪثريت هجڻ سبب، مسلمانن کان وڌيڪ ڪمشنر بهادر تي هندن جي هلي ٿي. ڪجهه ڪمشنر اهڙا به آيا جيڪي مسلمانن کي جاهل سمجهي نفرت ڪندا هئا ۽ هندن کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا. خاص ڪري 1920ع کان پوءِ جيڪي به ڪمشنر آيا، جن جي اڪثريت هندو — مسلم نفاق ۽ ويڇي کي هوا ڏيڻ ۾ وسان نہ گهٽايو جن ۾ ٿامس نالي ڪمشنر تہ اصل نالي جي مصرع هو.

انهيءَ سموري عمل، مسلمانن ۾ عدم تحفظ ۽ احساس محرومي کي هوا ڏني ۽ هنن سوچڻ شروع ڪيو تہ اسان اقليت ۾ هليا وينداسين. جنهن سوچ اڳتي هلي، سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي واري تحريڪ کي جنم ڏنو. مسلم ليگ سان وابستہ ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل مسلمان قيادت اڳتي آئي. انهن جي قطار ۾ ڪجهہ روشن خيال هندو جهڙوڪ ڄيٺمل پرسرام ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس جهڙا ماڻهو بہ شامل هئا. ڏنو وڃي تہ انهيءَ تحريڪ هندن کي اقليت ۾ بدلجڻ واري خوف ۽ عدم تحفظ واري احساس ۾ مبتلا ڪيو. (ڇو تہ بمبئي سان رهندي هو اڪثريت ۾ هئا). ظاهر آهي تہ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي مسلمانن کي اڪثريت ۾ آڻي ڇڏيو ۽ انهيءَ خوف ۽ عدم تحفظ واري احساس سنڌي هندن کي ڪانگريس جي هندوڪي سوچ جي گهڻو ويجهو آڻي ڇڏيو. هوڏانهن مسلمانن جي اڪثريت مسلم ليگ ۽ خلافت تحريڪ سان هئي ۽ آخر نتيجو اهو نڪتو جو هندو۔ مسلمان قيادت جي سوچ سنڌ ۾ هڪ مذهبي ڪٽرپڻي کي جنم ڏنو ۽ ڪيترا ئي اهڙا واقعا رونما ٿيا، جيڪي ويا ٻنهي ڌرين کي هڪ ٻئي کان پري ڪندا ۽ اها قرب جي تاڙي وڃڻ بند ٿيڻ لڳي. ڪيترا ئي اهڙا واقعا سامهون آيا، جن ۾ مسلمان، هندو ڇوڪرين کي ڀڄائي مسلمان ڪرڻ لڳا ۽ هندو بہ مسلمان ڇوڪرين سان ساڳي روش روا رکڻ لڳا. اهڙو هڪڙو واقعو لاڙڪاڻي ۾ ٿيو جڏهن ڪجهہ هندن هڪ مسلمان عورت نالي مائي ڪريمان کي ڀڄائي وڃي هندو ڌرم حوالي ڪيو. جيڪو ظاهر آهي تہ ردعمل ئي هو. ڇو تہ مسلمان بہ اهڙي نوعيت جا واقعا حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ دهرائي چڪا هئا. ٻيو تہ انهيءَ وقت گورن صاحبن جي مهربانين سان ڪيترين تبليغي جماعتون نهي ڇڪيون هيون، جن ڪيترن هندن کي مسلمانيءَ جو منهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيڪاريو. اها روش تہ انگريزن جي اچڻ کان پهرين ئي شروع ٿي چڪي هئي، جڏهن "غدار سنڌ" جي لقب سان سڃاپجندڙ سيٺ نائون مل جو والد محترم بہ ڪن مذهب جي عاشقن جو شڪار ٿي چڪو هو. شايد انهيءَ پاداش ۾ ئي نائون مل جو وچي نيپيئر سان نينهن اڙيو. پر انهيءَ هندو— مسلم بنياد پرستي تہ اصل ۾ انگريزن جي پير ڄمائڻ کان پوءِ ئي زور پڪڙيو. نٿي جو ڇيتا نند پٽ ليلا رام تہ سورنهن سالن جي عمر ۾ ئي حيدرآبادي مولوين هٿان شيخ عبدالمجيد بڻيو هو. ان دور ۾ ٻيو هاءِ پروفائيل ڪيس آچاريہ ڪرپالاڻي ڪانگريس پريزيڊنٽ جو وڏو ڀاءُ وچي شيخ عبدالرحيم ٿيو. اهي اهڙا ڪيس هئا جن ان وقت وڏو ممڻ مچايو هو ۽ هندن ۾ هڪ عدم تحفظ جي احساس کي جنم ڏنو. ٻئي پاسي وري انگريزن جي آشيرواد سان ڪرسچن مشينريون بہ تحرڪ ۾ آيون. عيسائي تبليغ ايتري عروج تي پهتل هئي، جو انگريزي سيکارڻ جي بهاني گهر گهر وڃي عيسائيت جي تبليغ ڪندا هئا. ان دور جو وڏو عالم پرمانند ميوا رام بہ عيسائي ٿيو. (جنهن پهرين انگلش سنڌي ڊڪشنري ترتيب ڏني هئي) جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هندن ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جنم ورتو ۽ مسلمانن تي سنڌن مسافر خانن، وديائن ۽ ڌرم شالائن ۾ داخلا تي پابندي لڳڻ شروع ٿي، مذهبي تفرقو وڌندو ويو تان جو سکر ۾ منزل مسجد گاهہ جو واقعو رونما ٿيو. جنهن ٻنيور کي باهہ ڏني، رهيل ڪسرون بہ پوريون ڪري ڇڏيون. جنهن کي پڙڪائڻ ۾ هندو ۽ مسلم ٻنهي قيادتن وڏي ڪوتاهہ نظريءَ کان ڪم ورتو جنهن جو اعتراف سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "سنڌوءَ جي ساڃاهہ" ۾ واضح لفظن ۾ ڪري چڪو آهي. زهريلين تقريرن جي ردعمل ۾ وري مسلم ليگي قيادت ڪراچيءَ ۾ جناح صاحب جي صدارت ۾ 10 آڪٽوبر 1938ع تي ورهاڱي بابت ٻن قومن جي نظريي وارو ٺهراءُ پاس ڪرايو جيڪو اڳتي هلي 23 مارچ 1940ع تي لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ڪانفرنس جي اجلاس ۾ هندستان جي ورهاست واري قرارداد جو بنياد بڻيو. اهو جهيڙو ئي اها آخري ڪاتي ثابت ٿيو جنهن هڪ هزار سالن کان گڏ رهندڙ هندو مسلم معاشري جي ڇيلهہ ڇڃي ڪري وڌي ۽ ڏيهي وطن جي وٽن کان ڌور ٿي ويا. سنڌي هندن جي سنڌ مان لاڏاڻي جي مٿي بيان ڪيل سببن سان گڏ اها ڳالهہ بہ رڪارڊ رهندي هلي تہ انهيءَ واقعي کان پوءِ سنڌي هندن جو جٿو تعداد



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هندو انتها پسند تنظيم ڏانهن رخ رکي چڪو هو جنهن جي ڪري هندن ۾ مذهبي تعصب ۽ سياسي ڪٽرپڻو هڪ نئين نفرت انگيز نياپي سان سامهون آيو. آر ايس ايس ان وقت سنڌ ۾ سرزمين پنجاب جي ڪرم نوازين سان پهتي هئي. هڪ سيالڪوٽي همراهه راجپال پوري انهي تنظيم کي سنڌ تائين کڻي آيو. ورهاڱي تائين ته اها سنڌي هندن جي گهر گهر تائين پهچي چڪي هئي، جنهن جو حيدرآباد جائو لال ڪرشن آڏواڻي (هاڻوڪو بي جي پي اڳواڻ) آخري وقت ۾ سپ کان سرگرم رڪن هو.

جيتوڻيڪ سنڌن اباڻي وطن ڇڏڻ جا تصور وار ورهاڱي وارا ڏينهن ۾ اهي عام عامل ۽ پائي بند گهٽ پر اها قيادت ۾ سوچ هئي، جنهن سنڌن دلين ۾ هٿرادو خوف ويهاري وطن جو ويراڳ ڏنو. نه ته اڄ به سنڌ ۾ ڏنو وڃي ته پنهنجي ملڪ جي پس پرده موسيقارن جي لک ڪوشش جي باوجود به هندو مسلم تضاد جنم نه وٺي سگهيو آهي. توڙي جو روز بروز سنڌ ۾ هندن جون اغوائون ۽ عدم تحفظ وارو احساس وڌندو پيو وڃي، پر شايد ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌ، انهن زخمن کي سمجهي چڪي آهي ته اهي ڦوڙائي فراق جا ڦٽ وقت جي مرهم سان به شايد ڇٽي نٿا سگهن. تڏهن ته اڄوڪو نسل هندستان کان آيل پنهنجي وڇڙيل ساٿين کي نيڻن جي پنبڻين تي ويهاري ٿو ۽ جڏهن ڪرشن راهي شعر پڙهي ٿو ته ٻنهي پاسي اکيون آگم ڪرڻ لڳ ٿيون:

وطن لاءِ جان گهوريو، پوءِ به ٿوري
سنڌين جان نه گهوري، وطن گهوري آيا.

منهنجو انهيءَ ڏيگهه ۾ وڃي اهي سپ ڳالهيون اورڻ جو مقصد رڳو اهو آهي، ته اڄ جڏهن سرحد تان سنگهرون لهڻ لڳيون آهن، وڇوڙا گهٽجڻ لڳا آهن. وڇڙيل ملڻ لڳا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ اسان کي انهن سيني حقيقتن جي پروڙ هجڻ گهرجي. جن وڇوڙي جا وڍ ڏنا هئا، ته جيئن اسان ٻنهي پاسن جا پريمي جڏهن به ملون ته اهو ملڻ مصنوعي نه هجي. مرڪ ۾ ڪا منافقي نه هجي، تاريخي حقيقت کي سمجهندي، اسان هڪ ٻئي سان ملون ۽ اهو وصال ئي دائمي هوندو. چوندا آهن ته بي وطني ۽ دربدري ماڻهوءَ کي پرعزم ۽ بهادر بڻائي ٿي. جيئن يهودي به هزار سال رلندي، سموري دنيا جي درن تي ڌڪا کائيندي، اڄ جنهن مقام تي پهتا آهن، اهو انهي بي وطنيءَ جو ڪمال هو. اڄ سرحد جي هن پار وسندڙ جيڪا سنڌ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، اها ٿيهہ لک ماڻهن جي سنڌ آهي ۽ انتهائي خوشحال سنڌ آهي. اڄ هندستان ۾ وسندڙ سنڌي نہ فقط ڪاروبار پر سياست ۾ بہ وڏو اثر رسوخ رکن ٿا. گجرات ۾ ڪنڊالا ۽ گانڌي ڌام جو شاهي بندرگاهہ بہ سنڌين جي دم سان جيئرو آهي. الهاس نگر، سنڌ کان وڇڙيلن جي ورسي آهي. سموري دنيا ۾ سنڌي پنهنجو وڏو واپار ڄمائي چڪا آهن. رڳو ملائيشيا ۾ 30 هزار سنڌي رهن ٿا، جيڪي ڪاروبار ۾ سيني کان سرس آهن. اهڙي طرح آمريڪا ۾ چند شاهوڪار ماڻهن ۾ بہ ڪجهہ سنڌين جو شمار ٿئي ٿو.

ايل ڪي آڏواڻي هندستاني سياست ۾ سنڌين جو سڀ کان وڏو نالو آهي ۽ سنڌين جو ججهو تعداد بہ آڏواڻي جي قافلي ۾ شامل آهي. پر ڏک جو پهلو رڳو اهو آهي تہ اتي رهندڙ سنڌي جن کي جن سببن جي ڪري وطن ڇڏڻو پيو اهو مذهبي تفرقو هو پر افسوس آهي تہ اهي هندستان ۾ بہ صوفين ۽ سنتن جي ديس جا هوندي بہ خبر ناهي ڇو مذهبي ڪٽرپڻي جا ڪلهي ڪانڌي ٿيا بيٺا آهن. آخر ڇو؟ هو ڪهڙي ڏوهہ جو بدلو پنهنجي تاريخي ۽ تهذيبي تشخص کان وٺي رهيا آهن؟ سمجهہ ۾ نٿو اچي. مون کي اهو سوال هتي آيل انهن سنڌي پائرن کان پڇڻو هو پر اهي هتي هوندي بہ سنڌ جي ادبي اسٽيبلشمينٽ جي هٿن ۾ يرغمال رهيا، جن کي ڪير سمجهائي تہ توهان کي سڀ کان وڏو خطرو سنڌ جي ڌاڙيلن کان نہ پر انهن نام نهاد ادبي انتهاپسندن کان آهي، جيڪي توهان کي اڄوڪيءَ سنڌ سان مخاطب ٿيڻ جو موقعو نٿا ڏين. علي پلهہ ۽ امر سنڌوءَ جي ڪالمن کي ادبي سازش ۽ گروهہ بندي نہ سمجهن، پر اهي اڄوڪي نوجوان سنڌ جو اظهار آهن. اڄوڪو سنڌي نسل پنهنجي پراڻن هم وطنن جي باري ۾ جيترو عشق ۽ ڳانڍاپو رکي ٿو افسوس تہ ايترو سرحد پار سنڌ جا نوجوان نٿا رکن. اها حقيقت آهي تہ اڄ هندستان سميت سموريءَ دنيا ۾ موجود سنڌي هندو پائرن جو نئون نسل ان هزارن سالن جي ثقافتي رشتي کان روح ڇنيو بيٺو آهي. انهيءَ ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻ ۽ لاتعلق ڪيئن ٿو ٿي سگهجي، جنهن ٻوليءَ ۾ سندن جيجل امڙ لولي ڏني هجي، آئون سمجهان ٿو تہ انهيءَ جو تصور وار انهي نئين نسل کي سمجهڻ اڄايو آهي، پر انهيءَ جرم جو جوابدار اهو نسل آهي، جنهن ورهاڱو پنهنجي اکين سان ڏٺو. سرحد پار سنڌ جي نئين نسل جي لاتعلقي (Reluctance) جون خبرون ٻڌي سوچيان ٿو تہ شال سپاڻي نارائڻ شيام جي ان نينهن جو پرم رهجي اچي:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شيام ڳالهائجي ٿي سنڌي جتي، سنڌ اتي،
سنڌ کي ڪو نہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ۔ هُتي سنڌ هتي.

آئون سمجهان ٿو تہ سرحد پار وسندڙ سنڌ جي نئين نسل کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ وطن ڏانهن تڏهن ئي ورائي سگهجي ٿو جڏهن هن پار ۽ هن پار وسندڙ ٻئي جديد سنڌ، هڪ ٻئي سان ڊائلاگ ڪن. نئين دور جي حقيقتن ۽ چئلينجن کي سامهون رکي ڪليءَ دل ۽ دماغ سان ڳالهائين، تہ ان مان ڪيئي ويجهڙائپ جا نوان دڳ ۽ وڳ نهي سگهن ٿا، جيڪو شايد اهو نسل نہ ڪري سگهي، جيڪو ورهاڱي جي ورجاءَ جو ذڪر ڪرڻ سان ممڪن سمجهندو هجي. اڄ جڏهن دنيا جا فلسطيني، فلسطين جي سرزمين کان پري رهندي بہ پاڻ کي فلسطين جي مٽيءَ ۾ مليل سمجهن ٿا، يا ڪٽي يهودي هجن. پر ٻوليءَ جو ٻنڌڻ انتهائي گهرو ۽ اٽُٽ هوندو آهي. اهو احساس سريش ڪيسواڻي ۽ سندس گروپ کي هتي اچي ضرور ٿيو هوندو. هنن کي هتي اچي اهو بہ ضرور محسوس ٿيو هوندو تہ جيڪا سنڌ هو ڇڏي ويا هئا، اها سنڌ هيءَ ناهي. اسان تہ ڪين اهو چئون ٿا تہ اڄ جڏهن واگها بارڊر تي جيڪا لاهور ۽ امرتسر جي عشق جي نئين تجديد ٿي رهي آهي، ٻنهي پاسن جا وزيراعليٰ اتان جي سيٺين ۽ واپارين سميت جيڪي اقتصادي ڳانڍاپي ۽ سيڙپ جا خواب ڏسي رهيا آهن، تہ انهي خواب جي تعبير لاءِ اسان کي بہ هٿ وڌائڻ گهرجي. انهيءَ ڏس ۾ ڪيسواڻي صاحب توهان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. اڄ توهان هندستان ۽ ان کان ٻاهر وسندڙ سنڌي مالي خوشحاليءَ جي معراج تي پهچي چڪا آهيو. سنڌ توهان جي سيڙپ جي منتظر آهي. انهيءَ ڪرڻ سان ٻيو نہ تہ بہ ٻي وطنيءَ جو درد ڪجهہ هانءَ کي هلڪو ڪري سگهي ٿو. سنڌ توهان گهمي ڏٺي، توهان کي اندازو ٿيو هوندو تہ اسان تاريخ جي ڪهڙي دردناڪ دور مان گذري رهيا آهيون. مڃون ٿا تہ ٻي وطنيءَ جو درد دادلو هوندو آهي، پر انهيءَ درد کي ڪهڙو نانءُ ڏينداٿو جيڪو وطن ۾ رهندڙ ٻي وطن ماڻهن جو درد آهي.

وطن ۾ ٻي وطن، معشوق عاشق جو ملڻ ڪهڙو!

(خميس، 30 ڊسمبر۔ 2004ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# نندي ڪنڊ جو نصيب

اهو واجپائيءَ جوئي شعر آهي ته:

اب جنگ نہ ہونے دینگے
یہ دھرتی تنگ نہ ہونے دینگے

اها ڪالهوڪي ڪهاڻي آهي ۽ اڄوڪي جنگي جنون ۾ وڪوڙيل ڪنواري ڪراڙي واجپائيءَ کان اهو ڪالهوڪو وچن وسري چڪو آهي، جڏهن ننڍو ڪنڊ ڪارگل جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي چڪو هو. هڪ ڏينهن ته اهوئي واجپائي جتي امراءُ جي جوان سان لاهور ۾ هٿ هٿ ۾ ڏئي، امن جو وچن دهرائي رهيو هو پر اهو قصو ڪالهوڪو آهي ۽ اڄوڪو ننڍو ڪنڊ پنهنجي جهانوريل اکين سان هڪ جنگي جنون کي پنهنجي نصيب جي نرڙ ۾ ڪنهن ڪوڪي جيئن چڀندي محسوس ڪري رهيو آهي. جڏهن آئون زي ٽي وي تي هندستاني فوجن کي باردر تي ويندي ڏسي رهيو هئس ۽ جڏهن ڏٺم ته سندن استقبال لاءِ بيٺل ماڻهو انهن فوجي جوانن کي آشيرواد ڏئي رهيا هئا، پرشاد آڇي رهيا هئا ۽ ڇوڪريون جوانن جي ڪرائين ۾ راکيون ٻڌي رهيون هيون، ته اوڏيءَ مهل مون کي اڄوڪي هندستان جي حالت ڏسي سخت افسوس ٿيو ۽ نندي ڪنڊ جي نصيب تي روئڻ آيو. اهي اهنسا جي جنم ڀوميءَ جا جنگي جنون ۾ رقص ڪندڙ جوان، مون کي لڳو ته چڻ گوتم، مهاوير، ڪبير، ميران ۽ گانڌيءَ جي خوابن جي خاڪ تي رقص ڪري، رهيا هئا. واجپائيءَ جو اڄوڪو هندستان گانڌي ۽ گوتم جي ڪالهوڪي هندستان جو زبردست انڪار آهي. اڄوڪو "وندي ماترم" جي خود فريب نعري ۾ وڪوڙيل هندستان برصغير جي هڪ بدن کي ٻن پاڱن ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ورهاڱي جي تابناڪ تصديق آهي، جنهن ورهاڱي جي زبردست مخالفت ڪندڙ ابوالڪلام آزاد ۽ گانڌي پنهنجي سموري فڪر سميت پنهنجي مادر وطن مان موڪلائي چڪا آهن ۽ اجوڪو جنگي جنون انهيءَ الميي جو اعلان آهي. ڪالهه جنهن ملڪ جي ماڻهن مذهبي بنيادن تي هڪ ثقافت، تهذيب ۽ محبت جي هڪ بدن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائڻ جي مخالفت ڪئي هئي، اڄ انهن جو اولاد انهيءَ ملڪ کي ڪيترن ئي ڀاڱن ۾ ورهائڻ ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. اهو واجپائي اينڊ ڪمپني وارو اجوڪو هندستان پنهنجي مستقبل لاءِ هڪ Future shock آهي، جنهن جا نتيجا ايندڙ سالن ۾ انتهائي خطرناڪ ٿي سامهون ايندا.

هندستان هڪ گهڻ رخي ڌرتي (Multilateral land) آهي، جنهن جا پنهنجي ذات ۾ ڪيترا ئي تضاد آهن، جنهن کي رڳو سيڪيولر ۽ ثقافتي روايتون ئي جيئرو رکي سگهن ٿيون. اشوڪ، اڪبر ۽ گانڌي جنهن هندستان کي ثقافتي ۽ سيڪيولر روايتن تي هلائڻ گهريو ته انهيءَ جي پٺيان اهو ادراڪ به هو ته مذهب جي هڪ ننڍڙي تيليءَ جو ڀڙڪو به هن هيڏي ساري ڀارت کي ڪنهن ڪاغذ جي ٽڪري جيئن ساڙي ڀسم ڪري سگهي ٿو. شايد اهوئي سبب هو جو گوتم، ڪبير، لطيف، فريد، ميران، خسرو ۽ ٻيا ڪيترائي صوفي برصغير جي بدن کي بنياد پرستي ۽ انتهاپسنديءَ جي ڏنگن کان بچائڻ جا جتن ڪندا آيا ۽ برصغير جي زخمي بدن تي ڦها رکندا آيا. اهو انهن صوفي، ڀڳتي ۽ سيڪيولر روايتن جو هٿ هو جنهن جي ڪري انتهاپسندي ۽ مذهبي جنونيت پنهنجا پير ڄمائي نه سگهي ۽ اهو پنج هزار ساله ثقافت جا ساهه کڻندڙ هندستان صوفين جي سيڪيولر چادر ۾ ويڙهيل هجڻ ڪري محفوظ رهيو پر اڄ انهيءَ ننڍي کنڊ جو نياڳو نصيب آهي، جنهن ننڍي کنڊ کي بال ٺاڪري، واجپائي، آڏواڻي ۽ جسونت سنگهه جي ڪوتاهه نظر سياست اُگهاڙو ڪري وڌو آهي ۽ سندس بدن تان اها هزار ساله گيڙو رتي چادر چاڪ ٿي پٽ تي وڃي پئي آهي. اڄ جيڪڏهن ٻنهي طرف جنگي ڏنون وڄي رهيون آهن ۽ فوجون ٻنهي پاسي ميزائل ۽ اينٽي ايئر ڪرافٽ گنون لڳايو بيٺيون آهن ۽ ٻئي ملڪ هڪ ٻئي کي دشمن ڪوٺي رهيا آهن، ته اها جنگي ڪيفيت منهنجيءَ نظر ۾ ننڍي کنڊ لاءِ ايڏي وڏي خطري جي ڳالهه ناهي، جيڏي اها نفرت آهي، جيڪا گذريل 53 سالن ۾ انتهاپسند ٻنهي ملڪن وچ ۾ پيدا ڪندا آيا آهن، جيڪا اڄ وڏي وڃي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڻ تي آهي. اها نفرت فقط حڪومتي ۽ اقتداري شطرنج جي ڪلاڙين وچ ۾ ڪانهي، پر اها نفرت ته ٻن قومن وچ ۾ آهي. هڪ ٺي ڪلچر جي ٻن دلين جي وچ ۾ آهي. اها نفرت ته ٻن محبتن وچ ۾ آهي. فرض ڪيو ته سياڻي اهي فوجون واپس (De-escalate) ٿي به وڃن، جنگ عارضي طور ٽري به وڃي، پر انهيءَ نفرت ۽ ويڇي جو ڇا ٿيندو جيڪا انتهاپسند ڏريون گذريل اڌ صديءَ کان ٻن دلين ۽ ٻن قومن وچ ۾ پيدا ڪنديون آيون آهن. اها نفرت جنهن اڄ هڪ ٻئي کي جاني دشمن سمجهڻ تائين پهچائي ڇڏيو آهي. توهان ٻنهي طرفن جا سيٽلائيٽ چئنل ڏسو ۽ پوءِ اندازو ڪريو ته اهو ويڇو ڪڏهن ۽ ڪيئن دور ٿيندو جيڪو مذهبن جي بنياد تي ٻنهي طرفن جي عوام وچ ۾ پيدا ٿي رهيو آهي. اهو ته فوجن جي بارڊر لائين کان واپس ٿيڻ سان واپس ته نه ٿي سگهندو اهو ته هڪ انتهائي پيچيده نفسياتي مسئلو آهي. اها نفرت ته هي ڪم فهم انتها پسند نسلن ۾ منتقل ڪري رهيا آهن. توهان گذريل سالن کان آڏواڻي ۽ بال ٺاڪري جي بيانن ۽ روين جو مشاهدو ڪريو ته هو هندستان کي ڪيڏانهن وٺي وڃڻ چاهين ٿا. هو اهو به نٿا سوچين ته هاڻوڪو هندستان پنهنجي وجود ۾ ڪيترن تضادن سان پريو پيو آهي. مذهبي منافرت پيدا ڪندڙن کان اهو وسريل آهي ته انهيءَ ملڪ جي سرحدن ۾ سورنهن ڪروڙ مسلمان به رهن ٿا، جيڪي صدين کان وٺي ثقافتي بنيادن تي پنهنجو پاڻ کي هڪ قوم سمجهندا آيا آهن. اهائي صورتحال هن خطي جي ماڻهن جي به رهي آهي. گانڌي ته ورهاڱي وقت انهيءَ مهل ٿي مري ويو هو جڏهن هن ماڻهن کي مذهبي ڪاتيءَ سان ڪپجندي ڏٺو. ناٿورام گاڊسي جي گولي ته ورهاڱي کان ڇهه مهينا پوءِ سيڪيولر هندستان جي موت جو اعلان ڪيو هو. انهيءَ ناٿورام گاڊسي جا ذهني پوٽلگ اڄ آڏواڻيءَ جي صورت ۾ انهيءَ ڪهاڻيءَ کي ڪلائيمڪس ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن. آئون هن وقت برصغير کي جنگ جي امڪاني تباهيءَ واري رُخ کان نٿو ڏسان، پر آئون اُن امڪاني تباهيءَ کي اهميت ٿو ڏيان، جيڪا اڄ مذهب جي بنيادن تي ٻن قومن ۽ ثقافت جي وچ ۾ جوان ٿي رهي آهي. شايد جنهن جو اشارو ڪافي سال اڳي اياز ڏنو هو:

بادلوں کی طرح طوفان کی زد میں ہے
رو و قد میں ہے ابھی خطہ برصغیر.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انتهائي ڏک جي ڳالهه اها آهي ته اڄ ننڍي کنڊ جي نصيب ۾ ڪا اهڙي مدبرانه ليڊرشپ ڪانهي، جيڪا هن الميي کي ۽ هنن حالتن کي سمجهي ۽ ڪو حل ڳولي سگهي. ٻنهي طرف اهم منصب تي ويٺل همراهن ۾ نه تاريخي ۽ سياسي شعور آهي، نه ئي هن خطي جي Nomenclature جيْ ڪا ڄاڻ آهي، ذهنن تي جنگي ۽ مذهبي جنون سوار آهي. مشرف ڪٿي معتدل هجي، پر مشرف جي مشنيريءَ لاءِ ڇا ٿو چئي سگهجي!؟ ٻئي طرف لڳي ٿو ته واجپائي ۽ سموري بي جي پي آڏواڻي جي عقل جي غلام آهي، جيڪو آگره سمٽ کي ناڪاميءَ تائين پهچائڻ کان پوءِ پنهنجي منزل طرف وڌي رهيو آهي. جسونت سنگهه به آڏواڻيءَ جو پٺي ڀائي ٿيو ويٺو آهي. هاڻ توهان سوچيو ته نيوڪليئر ۽ ايٽمي قوت ڪهڙن هٿن ۾ آهي. ڇا اهي ايترا صاحبِ فهم ۽ صابر آهن، جو جيڪڏهن خدانخواسته جنگ ڇڙي به وڃي ته اهي ايٽمي قوت استعمال نه ڪندا. اڄ ڪيترا ئي مبصر اهو چئي رهيا آهن ته پاڪ ـ ڀارت جنگ جا امڪان ته آهن، پر ايٽمي جنگ جا نه. آئون ته اهو چوندس ته اها سندن ڀُل آهي. جنگ ۽ محبت ٽيڙ ڪان پوءِ توهان انهن جي حد مقرر ڪري ئي نٿا سگهو. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته جنگ ڪرڻ ڪان. اڳ ٻئي ڌريون طئي ڪن ته اسان فلاڻا فلاڻا هٿيار استعمال ڪنداسين ۽ فلاڻا نه ڪنداسين. جنگ ۽ محبت ۾ سڀ جائز آهي. آئون ته اسٽيفن ڪوهن جي ان ڳالهه سان متفق آهيان، جنهن چيو ته "ڀهرين ڳالهه ته پاڪ ـ ڀارت جنگ نه ٿيندي، جي ٿي ته نيوڪليئر هوندي" ڀهرين به ته اهوئي چيو ويو هو ته اسان ميزائل ناهيون ته ٿا، پر فقط Strategic balance لاءِ، نه ڪي جنگ لاءِ. پر هاڻوڪا اطلاع اهي آهن ته ٻنهي پاسي ميزائل لڳڻ شروع ٿي ويا آهن، جن جي مار ۾ تقريباً ٻئي ملڪ آهن، فقط هندستان جا ڏاڪڻا صوبا ڇڏي ڪري، باقي هندستان ۽ پاڪستان جا تقريباً سيئي شهر ميزائلن جي "پيار" کان محروم نه رهندا.

ڪجهه مبصر هندستان جي جنگي جنون کي مختلف حوالن سان ڏسي رهيا آهن. ڪن صاحبن جو خيال آهي ته اهو محظ ڊرامو آهي، جيڪو واجپائي اينڊ ڪمپني اتر پرديش، پنجاب سميت ٽئن صوبن ۾ ٿيندڙ ايندڙ اليڪشن ۾ برتري حاصل ڪرڻ لاءِ رچايو آهي، جتي سندن گراف ڪافي ڪِريل آهي. ڪن جو وري خيال آهي ته هندستان خاص طور تي افغان صورتحال ۾ اڪيلائيءَ واري احساس ۽ آمريڪا جي پاڪستان سان وڌندڙ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ويجهڙائيءَ جي ردعمل ۾ اهو سمورو ڊرامو رچايو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ کي دهشتگردي جو Victim سڏائي، حالتون پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ عالمي برادريءَ جون همدرديون وٺي ڪشمير مسئلو پنهنجي مرضيءَ موجب حل ڪرائڻ گهري ٿو. پر منهنجيءَ نظر ۾ هاڻوڪين جنگي حالتن جو ذميوار فقط ڀارت ڪونهي، پر ان سان گڏ دنيا جو واحد وڏيرو آمريڪا ۽ سندس اتحادي به آهن. جن ۾ خاص طور تي يورپي يونين ۽ روس اچي وڃن ٿا. جيڪي دنيا ۾ مسئلا پيدا ڪري رکڻ لاءِ انتهاپسنديءَ جي حوصلا افزائي ڪندا رهيا آهن. انهن لاءِ هن مهل انتهاپسندي پنهنجو پاڻ لاءِ مسئلو بڻجي وئي آهي، جيڪي ان جي پاڙ پٽڻ چاهين ٿا ۽ ان انتهاپسنديءَ جون پاڙون پاڪستان ۾ به آهن، پر سندن لاءِ مسئلو اهو به آهي ته پاڪستان ته هن وقت سندن انتهائي دل گهريو دوست ٿي بيٺو آهي. ان سان سنئون سڌو تڪرار ڪرڻ ۽ ڦٽائڻ افغانستان واري معاملي کي ويتر خراب ڪرڻ ٿيندو۔ ۽ بيو ته اڃا اسامه بن لادن ۽ ملا عمر به آمريڪي هٿ نه چڙهيا آهن. اخلاقي طور تي آمريڪا کي پاڪستان کان اڪيون ڦيرڻ انتهائي مشڪل پئي لڳو ۽ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ هندستان حڪم جي انتظار ۾ هو جيڪو صادر ٿيو. هندستان پاران پاڪستان خلاف واويلا شروع ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ هاڻي بال آمريڪا جي ڪورٽ ۾ آهي. هاڻوڪي صورتحال پيدا ڪرڻ لاءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪشمير جي صورت ۾ جواز موجود هو. مٿان پارليامينٽ تي حملي وارو جواز مليو جنهن ٻنهي ملڪن جي فوجن کي بارڊر تي آڻي ڇڏيو. هاڻوڪيءَ صورتحال مان لڳي رهيو آهي ته اهو ڪم جيڪو آمريڪا کي ڪرڻو هو سو ڪم هو هاڻي ڀارت هٿان ڪرائڻ گهري ٿو ۽ ٻيو ته آمريڪا هن خطي ۾ ڀارت کي پنهنجو انتهائي ديرينه ۽ قابل اعتماد دوست سمجهي ٿو جنهن جا هڪ ٻئي سان ڪيترا ئي مفاد اٽڪيل آهن. پاڪستان ته افغان مسئلي حل ٿيڻ کان پوءِ آمريڪي مفادن واري لسٽ ۾ پڇڙيءَ جو زميندار هوندو. لڳي ٿو ته آمريڪا، هندستان کي پاڪستان سان تڪرار ڪان آجو ڪري، چين جي منهن ۾ ڏيڻ چاهي ٿو جيڪو هن وقت آمريڪا جي نظر ۾ هن جو واحد حريف آهي. انهيءَ ڪري چين ڪشمير مسئلي کي هڪ پاسي ڪرڻ جو حامي ناهي، ڇو ته انهيءَ مسئلي هڪ پاسي ٿيڻ جي صورت ۾ ڀارت ۽ چين وچ ۾ ٿڌي مٺي سرد جنگ جي شروعات ٿيندي، جيڪا ڪنهن به ريت چين جي حق ۾ ناهي. اهو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري آهي جو آمريڪا نٿو چاهي ته بار بار هن کي چين جون چُنجهيل اکيون ڏسڻيون پون. آمريڪا چاهي ٿو ته چين اهي اکيون سنڌس بدران هندستان کي ڏيکاري ۽ اهي پاڻ ۾ تڪرار ۾ هجن ته جيئن آمريڪا دنيا جو واحد وڏيرو ٿي جاوا ڪندو رهي. آمريڪا کي مارڪيٽ گهرجي ۽ اها مارڪيٽ هندستان کان وڌيڪ بهتر ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جتان جي آبادي چين کان فقط ڪجهه ڪروڙ گهٽ آهي. هندستان هوڻ ۾ به آمريڪا جي آشيرواد سان انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي فيلڊ ۾ ٻئي نمبر تي آهي ۽ انڊيا جي سافٽ ويئر مارڪيٽ ٺهڻ کان پوءِ ته چين جا پائريسي وارا پنگا به پنهنجي وقعت وڃائي ويٺا آهن.

سو ڳالهه جو مقصد ته اهي سڀئي حقيقتون ۽ حڪمرانيءَ جا هٿ ناٺ پنهنجيءَ جاءِ تي ۽ عالمي سازشون بيءَ جاءِ تي، پر سوال اهو آهي ته انهيءَ سموري راند ۾ شطرنج جي بساط تي ننڍي کنڊ جي شڪل ڇا وڃي بيهندي؟ اها سوچ به ڪيترن ئي امڪاني خطرن کي جنم ڏئي ٿي. گلوبلائيزيشن جي اها گيم جنهن جي بنياد تي اڄ ننڍي کنڊ جي نصيب تي هڪ خطرناڪ جنگ ڪيڏڻ جون تياريون پيون ٿيون، جنهن جا نتيجا ڇا نڪرندا، اها خبر خدا کي، پر پاڻ فقير ماڻهو فقط ايترو سمجهون ٿا ته انهيءَ سموري عمل دوران (پوءِ چاهي جنگ ٿئي يا نه ٿئي) اهي شطرنج جا کلاڙي ٻن قومن ۽ ثقافتن کي جنهن تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريندا، ان جو علاج شايد گلوبلائيزيشن جي گاڊ فادرز وٽ به نه هجي. ظلم اهو آهي ته اڄ دنيا جو مقدر چند ماڻهن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي مفادن جي ور چڙهيل آهي ۽ سموري ٽئين دنيا ۽ خاص طور ننڍو کنڊ آڪاش انصاري جي انهيءَ شعر جي شعور ۾ سمايل آهي ته:

هيءَ دنيا ته دلربا هئي، پر
وحشي ٽولن جي ور چڙهي ويئي،
هر اها جنگ منهنجي جنگ نه هئي،
جا منهنجي نانءَ تي وڙهي ويئي.

اهو ته اسان سمجهون ٿا ته ڪالهه جن دلين لاهور ڊڪليئريشن ۽ آگره سمٽ جي موقعي تي خوشيءَ جي ڳوڙهن جا گيت ڳايا هئا، اڄ اهي دليون ڪن جون ڪجهه ڏڙڪنون ملڪي سرحدن سان ورهايل آهن ۽ ٻنهي پاسي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

رهندڙ دلين جو ڪيترو ئي سامان هڪ ٻئي وٽ رهيل آهي. جن کي ماٺ لاءِ هاڻ سندن لاءِ گلزار جو اهو گيت به سڏڪي رهيو آهي ته "میرا کچھ سامان تمہارے پاس پڑا ہے، وہ لوٹا دو" جيڪو سامان شايد واچپائي، آڏواڻي ۽ بش جي سمجهه جو سودو نه هجي. جن کي شايد اياز جون اهي صدائون به سمجهه ۾ نه ايندڙون هجن، جيڪي اڄ ٻنهي طرفن ۾ اُڀيون آهن ته:

بارشیں ہونگی یہ تھم جائے گی دھول
اور دونوں طرف سے گہرے سرخ پھول
جب کھلیں گے تب ملیں گے۔

(خميس، 3 جنوري- 2002ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ٿرڻ ڪاڇو: هڪ دردمند چهرو

مون ڪان اڄ تائين پارڪر جي پٽن تي ٻاٻيهي جهڙي رولاڪ راڳي يوسف فقير سان گذاريل اُداس شام نہ وسري سگهي آهي، جڏهن اسان ڏڪاريل ڏيهہ جي سرسبز ڳوٺ ڪاسٻي جي انهي قديم جيني مندر ۾ مور جي ٿهوڪن ۽ يوسف جي ويراڳي گيتن ۾ گم وڃنا هئاسين. مون ڪان اڃا اهو منظر نہ وسريو آهي، جڏهن هو نابين راڳي ملهار ڳائيندي، آسمان ڏانهن بي نور اکيون کڻي، ڪنهن عجيب آس ۽ بيوسيءَ ۾ نهاري رهيو هو. جنهن کي اهو بہ پتو نہ هو تہ آسمان تي جهُڙ جي جهالر آهي يا سج جو ڪڙاهہ ڪڙهي رهيو آهي. يوسف فقير جنهن نہ ئي ڪڏهن داد ۾ مليل ڪو سائو ڳاڙهو نوٽ ڏٺو نہ مور جو رقص ڏٺو ۽ نہ ئي آواره ڪڪر جي اُڏام ڏٺي، ڪيئن چوان تہ هن اندر جي آسمان ۽ دل جي ڌرتيءَ تي ڇا ڏٺو؟ جنهن جو احساس هو سارنگ ۽ ميگهہ ملهار جي آلاپن ۾ اوتي رهيو هو. جنهن ڪان جڏهن مون پڇيو تہ "فقيرا! تون اهڙو ملهار ڪيئن ٿو ڳائين؟ جڏهن تہ تو راڳ بہ نہ سکيو آهي." يڪدم نابين نيڻن جون پنبڻيون پوري چيائين: "سائين! ميهہ تہ منهانجي اندر ۾ ٿو برسي". يعني مينهن تہ منهنجي اندر ۾ ٿو وسي.

سوچيم تہ يوسف فقير تہ وسڪاري جي ويراڳ ۾ پٽڪندڙ هڪڙو روح آهي، پر اهو جواب تہ سموري صحرا جو آهي، جتي پنجن سالن ڪان مينهن رٺل آهي. جنهن جي حياتي پاڻي ۽ پياس جي پلصراط تان گذري ٿي. انهي حياتيءَ جون اکيون ڌرتيءَ تي فقط مينهن ڪڻين سان گڏ ڪرن ٿيون، نہ تہ ٻارهوئي ٿوهر جي ٻيڙانگين جيان اُپ ۾ اٽڪيل آهن. جتي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زندگي سال ۾ فقط ٻن مهينن لاءِ موتي ٿي، جڏهن دنيا پن ڇڻ جي ڇٽيل پيلن پنن جي رومانس ۾ ويڙهيل هوندي آهي. دنيا جي سمورن صحرائن جي زندگي دنيا جي زندگيءَ کان مختلف آهي، جيئن ويرانن جو ويراڳ آبادين جي اٿپروچ کان پري آهي، تيئن ريگستانن جو روح رنگين دنيا جي دل کان دور آهي. ٻي دنيا جا ماڻهو زندگيءَ کي گذارين ٿا، پر وارياسن جي ماڻهن کي زندگي، گذاري ٿي. هو زندگيءَ جي رحم ڪرم تي آهن، جيڪا قسمت سان اچي ٿي. گذريل ڇئن پنجن سالن کان وٺي ٿر ۾ زندگي ۽ قسمت جي داخلا ممنوع آهي. ڪجليا، بادليا، مورا، لاڏا، سانوڻ تيج جا جهولا، چوڙيلين جا چرچا ۽ چاڳ، ڇيلڙن جون ڇانگون ۽ ٿهڪن جا ٽولا سڀ غائب آهن. خوشيون هن خطي جي خواب ۾ ڪالهوڪو ڪفر آهن. افسوس ته پنهنجي زندگيءَ جي گمشدگي جي اطلاع لاءِ هنن وٽ ايترا ٽڪا به ناهن، جو هو ڪنهن اخبار ۾ اشتهار ڏئي سگهن. هو ڏاڍا ڏکيا آهن. مون هنن ٿاريلن جا ٽاڪ گهمي ڏٺا آهن. هاڻ ته هنن جي اندر جا مينهن به وسي وسي ٿڪا آهن. ٿر ٿڪي پيو آهي. افسوس آهي ته هنن مقدر جي ماريل ماڻهن جي ڪو مدد به نٿو ڪري سگهي، جن کي تقدير تماشو بڻائي، انهن کي دنيا دلداري به ڪهڙي ڏيندي!

ڪالهه جڏهن آئون ٿر تي ڪالم لکڻ جو سوچي رهيو هئس، ته انهيءَ مهل اخبار ۾ ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي قحط بابت دردناڪ خبر پڙهي ته ڪاڇي ۾ ڪنهن ڏنار جي حياتيءَ جو ڏيئو رُڃ ۾ اُجَ وگهي اجهامي ويو ته الئه ڇو منهنجي قلم جو ڪئنواس ٿرٿن کان ڪوهسارن تائين ڦهلجي ويو. جتي زندگي ڏونگرن ۾ ايئن ڏکي آهي جيئن ٿرٿن ۾ پڙيانگ آهي. مون ڏٺو آهي ته ٻنهي ڏکن جي ڏيهه ۾ ڏاڍي هڪ جهڙائي آهي. ٻنهي جون اکيون آسمان ۾ اٽڪيل آهن. ڪاڇي جي ماڻهن جي حياتي به ايئن ئي لاهين ۽ چاڙهين ۾ رهي ٿي جيئن ٿر جي ماڻهن جي آهي. ٻنهي جو گذران مال تي آهي. ٿوهر، ڪنڊا، نم، گگرال، روهيڙا ۽ ڪونيٽ ڪاڇي ۾ به ايئن ئي اباڻڪا آهن جيئن ٿر ۾ آهن. ٿر به اربابن، ميرن، پيرن ۽ سيدن جي سورن ۾ سڙي رهيو آهي، جيئن ڪاڇو ملڪن، سردارن ۽ پوتارن جي پيرُ ۾ ڪچي پٽ جيئن پُري رهيو آهي. ٻنهي جي مسڪين ماڻهن جي مهمان نوازيءَ جا گيت دنيا هڪڙي ئي ڏن تي ڳائي ٿي، پر اهائي دنيا انهن بيوس ۽ بي حال ماڻهن جي اجڙيل اندر جي ڳل تي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪو احساس جو هٿ رکڻ جي همٿ نٿي ساري، وقت جي هنن ويران گهڙين ۾ اهي سرندي وارا ٽوئرسٽ بابو بہ اوڏانهن لڙڻ لاءِ تيار ناهن، جيڪي نيشنل کيرٿر پارڪ ۾ پنهنجين بوتلن ۽ بيگمات سان سرنهن، گڏ ۾ ڦاڙهن جون ڦڙڪيون ڏسڻ ويندا آهن يا جيڪي ڪمر چوڙ ڪامورا غير ملڪي سياحن سان ڪارونجهر، ڪاسبي ۽ پارڪر جي پٽن تي مورن جا ناچ ڏسڻ وارا ناٽڪي سفر ڪندا آهن. ساون گاهن ۽ گلن جا گيت ڳائي ليند اسڪيپس ڏسڻ وارن مان ڪوبہ اهڙو ناهي جيڪو ڌرتيءَ بجاءِ انسانن جي دل جي ڌرتيءَ تي پياس جي پروائيءَ ۾ جهومندڙ درد ۽ سورن جي ڦلواڙي ڏسڻ جو ائڊونچر ڪري، ڪوبہ اهڙو ناهي. فطرت جا حقيقي رنگ ڏسڻا آهن تہ آرهڙ جي منڊ ۾ جبلن جي جوت تي جلندڙ جيئڙا ڏسي. فطرت جي فنڪاري ڏسڻي آهي تہ پاڻي لپ لاءِ گهر جي ڪوسي اگڻ تي ليٽي روئندڙ ڪنهن ٿري ٻار جي دانهن جو دردناڪ منظر ڏسي. جون جي جهولن ۾ ڏهرن ۽ ويرانن ۾ تپندڙ اڪ جي سايي ۾ سهڪندڙ تترن ۽ ٻاپيهن جون ٻوليون ٻڌي، فطرت جو سمورو فسون ۽ فنڪاري انهن بربادين جو بہ باب آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ انسان جي اک گهرجي. جيڪڏهن نہ هجي تہ ٿر ۽ ڪاڇي جي زندگيءَ جي گمشدگي واري اشتهار سان گڏ اهو اشتهار بہ ڏئي سگهجي ٿو.

منهنجو تعلق ٿر جي انهيءَ حصي سان آهي، جنهن کي مهراڻو چون ٿا. منهنجو ننڍپڻ قادر جوڻيجي وانگر پٽن تي آلي واري جا ٻونگا ناهيندي گذريو آهي. مون وسڪاري جا اهي سڀ رنگ ڏٺا آهن، جيڪي مينهن جي ٻهرين ڪٽي سان ٿر جي ماڻهن لاءِ ڪائنات جون اهي سڀ خوشيون ڪٽي ايندا آهن. جن جي آس ۾ حياتي سجو سال اجهامي ٻرندي آهي. اسان تہ اهي "مينهن جا ميڙا" ڪيا ۽ ڪاڏا بہ آهن، جڏهن ڳرهاڙيون (منو ڪاڏو) ٺاهي، ننڍڙن ٻارن کي انهيءَ لاءِ ڪارايون ويندڙيون آهن تہ جيئن انهن جي پتڪڙن هٿن جي دعا ڪو ڪرم جو ڪڪر آڻي. انهي ڪري آئون ۽ قادر جيڪڏهن ٿر بابت لکندي ضرورت کان وڌيڪ اُداس ٿيون ٿا تہ انهي اُداسيءَ پويان هڪ پورو پس منظر آهي. وٺي جي هير ۾ نچندڙ مورن جا ناچ آهن، راسوڙا ۽ ڪيسريا آهن، مينهن وساڻن جا آلي واريءَ تي گهمندڙ گلابي منظر آهن. سونهن جو اهو سڀ ڪجهہ آهي، جيڪو اڄ ناهي ۽ اهو اڄ جو اجڙيل احساس ئي آهي، جيڪو هنن لفظن ۾ لکيو پيو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توهان ٻڌو هوندو تہ ٿري ماڻهو ۽ مال ٿر لاءِ ڏاڍا ناسٽيلجڪ هوندا آهن. ٿري موت جي ڏار تان تڏهن گذرندا آهن، جڏهن هنن کي پنهنجا ويڙها ۽ اباڻا اجهل ڇڏڻا پون. ڏڪار انهن ٿر ۽ ڏونگرن جي ڏوٿين کي اهو سڀڪجهہ ڇڏڻ تي مجبور ڪري ٿو جيڪي هو نہ چاهيندا آهن. ڪاڇي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو ڏڪاريل ڏينهن ۾ ڪچي ڏانهن ايندا آهن ۽ ٿر جا ماڻهو ناري ڏانهن رُخ ڪن ٿا. ڪچو سنڌو درياءَ جي ڪنڌي آهي، ۽ نارو پراڻي هاڪڙي درياءَ جي ڪنڌي ۽ هاڻوڪي نارا ڪئنال جي پوڇڙي وارو علائقو آهي، جتي اڄ جا آبادگار ڪائيون وڪڻي گذر سفر ڪري رهيا آهن. اڳي چوندا هئا تہ "ٿر رُلي، نارو جهلي" پر اڄ جڏهن نارو رُليو پيو آهي تہ ٿر کي ڪير جهليندو!؟ ٿر ۾ هينئر ذري گهٽ اها حالت ٿيندي پئي وڃي، جيڪا 1899ع واري ڇپني جي ڏڪار پيري ٿي هئي. وڏا ٻڌائين ٿا تہ ماڻهن بک وگهي وڻن جا ڇوڏا لاهي انهن کي ڪٽي مانيون ناهي کاڌيون هيون.

انگريز سرڪار ماڻهن کي امدادون ڏيڻيون ڪيون، پر ڪيترن ئي هنڌن تي خوددار ٿرين واپس ڪيون. پوءِ گوري سرڪار ٿر ۾ کوهہ کوٽرائڻ جون اسڪيمون شروع ڪيون، جنهن ۾ ڪيترا ئي ماڻهو مزدوريون ڪرڻ لڳا ۽ اتان ملندڙ اجوري کي پنهنجي پيٽ جي دوزخ حوالي ڪيائون. مون ڏٺو آهي تہ ٿر ۾ سراسري طور هر ٽئين سالن کان پوءِ هڪ نہ هڪ سال ڏڪار جو آيو آهي يا تہ برساتون گهٽ پيون يا مڪڙن جو حملو ٿيو يا وري ڪوئا ايترا ٿيا جو هٿي گاهہ ۽ پوکيل فصل چٽ ڪري لاٿائون. اهي بہ سڀ ڏڪار جون شڪليون آهن، پر گذريل پندرنهن سالن دؤران ٿر ۾ ڏڪار جي لهر ڊگهي ٿيندي وئي آهي. اهوئي حال ڪاڇي جو رهيو آهي. حقيقتون ٻڌائين ٿيون تہ ٿري ماڻهو ڪڏهن بہ هٿ ٽنگڻ جا هيراڪ نہ رهيا آهن. ڏک تي ڏينهن ٿاري وڃبو، رب تي رات ڪٽي وڃبي، پر ڪنهن سرندي واري صاحب يا پوتار اڳيان پونگن جو پرم نہ وڃائبو. پر پلو ٿئي مرحيات محمد خان جوڻيجي جو جنهن انهي خطي جي خوددار ماڻهن کي هٿ ٽنگڻ جي هير وڌي ۽ نالي ماتر امدادن جو رواج وڌو. ٻاهرين ملڪن ۽ ڊونر ايجنسين کان خيرات ۾ ملندڙ گيهہ جا ڊٻا، چانورن جي لپ، ڪٽڪ جو سير ۽ ملڪ پائوڊر جو پاءُ ڪئمپون هڻي قطارون نهرائي، ڪامورن ۽ وڏيرن پاران ورهايا ويا ۽ پوءِ اهو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي. ڪجهہ ڏينهن پهرين چيف سيڪريٽري ٿر جي دوري تي هو. ڏهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پندرهن ڪروڙن جي امداد جو پروانو ڪٽي عمرڪوٽ، ڇاڇري ۽ ننگر پارڪر پهتو هو جيڪا امداد شايد هزار روپيا في ماڻهو ڪي ملندي. آئون سمجهان ٿو تہ انهن پئسن ۾ ڪٽڪ جي لپ واري عارضي امداد سان ٿر جي ڏکن ۾ حڪومت ڪابہ گهٽتائي آڻي نہ سگهندي اهي اجايون مهربانيون آهن. سرڪار سڄوري جي سمورن ريشمي دماغن کي ڇا اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ انهن امدادي ڏوڪڙن ڏيڻ بجاءِ سڄيءَ دنيا کان ڪٽيل ٿر کي دنيا سان ڳنڍيو وڃي. سرڪار ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪري فقط راجستان جو مثال سامهون رکي ٿر کي روڊ ۽ بجلي فراهم ڪري، روزگار جا ذريعا پاڻ ئي نڪري ايندا. مون راجستان گهمي ڏٺو آهي. مون کي اتي ڪيترن ڳوٺن ۾ بجلي، روڊ ۽ واٽر ٽئنڪ نظر آيا. راجستان جي آخري اسٽيشن موٽا ٻهہ بہ روڊ رستي سموري هندستان سان ڳنڍيل آهي، پر اسان واري ٿر ۾ فقط مٺي ۽ ڪانٽئي تائين روڊ آهي، جنهن مان ڪوبہ لنڪ روڊ ڪنهن بہ ڳوٺ ڏي نٿو وڃي. ٽيڻ ايئن ڪيپي جو جيڪا ڏهن ڪروڙن جي امداد ٿر کي ڏني پئي وڃي، انهن مان ڪيترن ڳوٺن کي روڊ ملي سگهن ٿا يا انهن پئسن مان ڇاڇري کان ننگر يا ننگر کان مٺي ڏانهن روڊ جو ڪو منصوبو ٺاهي ڪيو وڃي ها تہ ڪيترا ڪٽيل ڳوٺ شهري دنيا سان ڳنڍجي سگهجن پيا. ٿر جي بدحاليءَ جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي تہ هو دنيا کان ڪٽيل آهي. ڪوبہ مواصلاتي نظام ٿر کي دنيا سان ڳنڍي نہ سگهيو آهي. ڪابہ روشني هنن جي اونداهن اڱڻن جو سينگار نہ ٿي سگهي آهي. ٿر ۾ ڏڪار ۽ ڏکن جو سبب تقدير سان گڏ اها سرڪار سڄوري بہ آهي، جنهن هن بدنصيب ماڻهن جي ديس تي ڪابہ توجهہ نہ ڏني آهي. ڄاڻي واڻي دنيا کان ڪٽيل جزيرو بڻايو ويو آهي، جنهن کي ووٽن جي واپار ۾ اڻ پڙهيل ۽ جاهل ماڻهن جي حوالي ڪري اوڇا مذاق ڪيا ويا آهن. ٿر رهنمائن ۽ رهبرن جو لٽيل ديس آهي. جن سدائين هن خطي جي بک، ڏک ۽ بيوسيءَ کي چالاڪ دنيا اڳيان ڪيش ڪرايو آهي، پوءِ چاهي اهي اين جي او ۽ سوشل ورڪ جي نالي ۾ لهن يا اليڪشن جي نالي ۾ نمائندا ٿي اچن. لطيف صحيح چيو هو:

ڄهہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آئون پڇان ٿو تہ ٿر کي فقط برساتي بادلن جي رحم ڪرم تي ڇو ماريو وڃي؟ ٿر جي زمين زرخيز آهي، ٿر جا ڍهر ۽ نوٽون آباد ڪري سگهجن ٿيون. پارڪر جي زمين جون ياڇيون ۽ ميوا تہ انهن ڪاڏا هوندا، جيڪي سياح ٿي انهي سفر تي ويا هوندا. حڪومت جي چاهي تہ ٿر ۾ ٿوري وياج تي قرض طور ٽيوب ويل فراهم ڪري سگهي ٿي. اين جي اوز جي عياشين ۽ بيوقوفين ۾ زيان ٿيندڙ پئسي کي ايئن بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو جو خاص ڪري پارڪر ۾ ننڍا ڊيم ٺاهي، پاڻي اسٽور ڪري زمينون آباد ڪري سگهجن ٿيون. ٻيو ٿر ۾ هٿ جو هنر ختم ٿي رهيو آهي، جڏهن ته انگر هن خطي جي ترقيءَ ۾ گهرو صنعت جو رواج وجهي سگهجي ٿو. گج، ڪٿا، لوين، کيس، قالين ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون Industrialize ڪري، روزگار جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا. انهيءَ ڏس ۾ ڪيتريون ئي تجويزون ڏيئي سگهجن ٿيون، پر سوال وري بہ سچائي جو آهي، ڪري، ڪيرا؟ باقي ڪوڙا ۽ ڊمي غربت جي خاتمي (Poverty eleviation) جا ڪيترا ئي ڍونگ رچائي پئسي جو زيان ڪري سگهجي ٿو. پر جتي جنهن شيءِ جي ضرورت آهي، اتي اهو ڪم نہ ڪرڻ اسان جي واڳ ڌڻين جو سدائين نصب العين رهيو آهي. امدادن جا بهانا ڪري، دنيا مان ٽڪا ميڙي، ڪرپٽ ڪامورن جو پيٽ ڀرڻ ۽ اخبار ۾ فوٽا ڇپرائڻ سان ٿر جي ڏک ۾ ڪا بہ گهٽتائي ڪانہ ايندي، ڪنهن بہ يوسف فقير جي اندر جا آگم وسڻ بس ڪونہ ڪندا.

(اربع، 26 اپريل- 2000ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# روهيءَ ۾ هڪ رات!

اها رات هئي يا فطرت جي جادوگري ۽ فنڪاري جو ڪو من موهيندڙ ميوزيم هيو- آسمان هيو يا ڪوئي پراسرار گنبذ هيو- ستارا، حسنِ ازل جي پياسن مسافرن جي قبرن جا ڏيئا لڳي رهيا هئا ۽ چنڊ، اهو چوڏهين جو چوڪيدار چنڊ، تہ ڪنهن آدي جڳادي مجاور جيان انهن گمنام قبرن تي پنهنجي چوڪس نگاهن جو نور هاري رهيو هو- ۽ ڌرتي، تہ ڪنهن مست الست رقاصہ جيان چانڊوڪيءَ جو چولو پائي جهمريون هڻي رهي هئي ۽ چڻ چئي رهي هئي:

مون ۾ تون موجود
آئون اڳاهين آهيان
آئون اسونهين آهيان.

هر طرف سانت، ڪنهن صوفيءَ جي چادر جيان چانڊوڪي سان گڏ وڇائي پئي هئي. رڪي رڪي ڏاچين ۽ اٺن جي ٽِلين جا آواز سانت جو سينو چيري ڪيڙن ۽ لين تان لهندي، اسان جي سماعتن سان هم ڪلام ٿي رهيا هئا. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اهي ٽِلين جا آواز نہ هجن، پر لطيف جي ڪن پٽ، ڪاپٽ ڪاپڙين جا ڪڙولا هجن، جيڪي اسان جي ڪنن کي چمندي چيري رهيا هجن ۽ دور پري ڪنهن ريت جي ٽِبي ۽ ٽِيلي تان، ڏاچين جا ولر واريندڙ روهيلين ۽ جتڻين جا هوڪرا هُري رهيا هئا، جيڪي پنهنجي ڏاچين جي توڏن ۽ گئونرن کي ائين ٻڪاري رهيون هيون، جيئن ماءُ پنهنجي ممتا سان ٻچڙن کي پڪاريندي آهي. اهي نازڪ نازو جتڻيون جن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لاءِ ائين پئي لڳو جڻ خواجہ فريد ڪوٽ مٺڻ جي مرقد مان ڪنڌ ڪڍي ڪوڏ مان پيو چوي:

وچ روهي دي رهنديان
نازڪ نازو جٽيان
راتين ڪرن شڪار دلين دي
ڏينهان ولوڙن مٽيان
ڪئي مسڪين مسافر ڦاٿي
چور ڪيتوني ترٽيان.

اها فريدڻ سائين جي روهي جي اها رات هئي، جڏهن پٽ ڏٺي جي ملير جا مسافر، پنهنجي ڌرتيءَ جي پنل اکين جا خواب ڪڻي روهيءَ جا راهي ٿيا هئا. وصل جي واٽ تي ڪيل اهو سفر، جسم جي روح سان ملاقات جيان هيو. هڪ اهڙو خواب جهڙو سفر، جنهن لاءِ اکين انيڪ جوڳ پچايا هجن. عقل جو عشق ڏانهن سفر، دماغ جو دل ڏانهن سفر-هڪ اهڙو سفر، جڏهن اڪبر لغاري عقل جي ڪارخاني مان نڪري عشق جي آڏاڻي تي ڪنهن ڪاپائتي جيئن ڪتڻ لڳي-اسحاق سميجو پنهنجي اندر جي آرسيءَ ۾ پاڻ پسڻ لڳي-سائين نور علي شاهہ پنهنجي شان بي نيازي جا سڀ نيئر ٽوڙي چڪو هجي ۽ اسان جهڙا نامراد تہ پنهنجي خوديءَ جي خول مان نڪري خيال جي واديءَ ۾ واڪڻ لڳن-تہ اهو سفر تہ وصال ئي وصال هوندو. ذات سان يا ڪائنات سان، ملڻ ئي ملڻ هوندو- روهي تہ اها موکي بڻجي ويئي، جنهن پنهنجا سڀ مٽ کولي ڇڏيا هئا ۽ روهي جي ريگستان مٿان فريدڻ سائين جي ڪافي ڪنهن ڪونج جيان پنهنجا پر کولي ڪُرلائي رهي هئي:

اها روهي يار ملاوڙي وي
شالا هووي هر دم ساوڙي وي
وچ پيسون لسڙي گاوڙي وي
گهن اپڻي سوهڻي سائين ڪنون.

روهي جي راڻلن تي اهو سرائيڪي وسيب جو سنڌ سان ميلاپ هيو يا لائي سنڌ جو سنڌ سان سنجوڳ هيو جڏهن اسان روهي جي ٻاپيهي جهڙي بي چين روح جي پڪار تي اتي وڃي پهتا هئاسون-اڪرم گُرماڻي، دمان جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏرتيءَ جو اهو دادلو ۽ ديوانو پٽ آهي، جيڪو ملڪان ملڪ تيل ڪمپنين ۾ نوڪريون ڪري پنهنجي هڙ موڙي اچي سنڌ ۾ سرائيڪي وسيب جي شاعرن، ڳائڻن ۽ ڪتابن تي خرچ ڪندو آهي-تونسا شهر جي پاسي ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ جنمر وٺندڙ هن الستي انسان جي اندر ۾ الائي ڪهڙي تونئس آهي، جو سدائين وتندو آهي چوندو ته، وادي سنڌ جي وچڙيل وجودن کي پاڻ ۾ ملائڻو آهي. سرائيڪي ۽ سنڌي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. اسين ٻه فرزندِ سنڌ آهيون، اسان کي ملڻ کپي ۽ انهيءَ انس ۾ وتندو آهي ماڻهو ميڙيندو ڳائڻا، شاعر ۽ دانشور سڏيندو-منهنجي سرائيڪي وسيب جي پهرئين سفر کان وٺي هن سفر تائين جو سهرو ٻه هن ماڻهو جي سِر تي آهي. هن جي سيني ۾ دراوڙ جي دل آهي، جيڪو هن ملڪ جي ڪئپيٽيل جي ڪوفي جي ڪنهن محفل ۾ ڪنهن سيلاني سپوت جيان ڇاتيءَ تي هٿ هڻي پنهنجي ئي دمان جي شاعر ارشاد تونسوي جي لفظن ۾ دانهن ڪندو آهي ته:

ميڏي اڳون سنڌ پيا وهندي
ميڏا ميڏي پيو دا محسن
ساري ڌرتي دا لجپال
ساري ڌرتي ميڏي اندر
ميڏي قدمين سنڌ دا پاڻي
سِر تي پير فريد دا سايہ
مين ڌرتي دا پُتر.

ڪڏهن هو روهي ۽ ٿل جي چارين مان پيرون چونڊڻ ايندو آهي ته ڪڏهن پيار-هن پيري جڏهن هن وري پنهنجي پلاند ۾ پيار چونڊڻ جو سڏ ڏنو ته اسان ٻه وڃي روهي جي واريءَ جي وڇاڻن تي ويٺاسين. اسان جي چوپاري لاءِ چولستان انهيءَ چولي جيان ٿي پيو هو جنهن کي شايد وجود تان ڪڏهن ٻه لاهي نه سگهجي. بهاولپور ضلعي جي شهر يزمان کان اوير طرف چنڙ پير جي مقام کان چولستان جي ان راتلي چنڊ ۾ ڌرتيءَ جي وچ ۾ فقط اسين ئي هئاسين-هلڪي هلڪي ٿڌ جا ٿڌڙا هئا، وچ ۾ باهہ جو مچ، سچ جيان شعلا شعلا هو. سرائيڪي زبان جي نهايت ئي خوبصورت نانءَ عزيز شاهد جي شاعري، سُرندي ۽ کماچ جي سرن تي روهيلن جو رقص ۽ ان کان ٻه وڌ ٿال کي وڄائي روهي جا گيت ڳائيندڙ شاعر جهانگير مخلص جو آواز روهي جي رڃ جيان اپريو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آڪي ڏيکين روهي دا راول اٽان
ڪيوين جيوڻ دي خيرات پندا ڪڙي
اسين روهي تي روح نان رج ڪي وسي
اينجهي سانوڻ تون برسات پندا ڪڙي
آ ميڏا جانيان، آ ميڏي ديس وچ.

روهي جي رڙ ٻڌي اڪيون ٻوٽي، درد جي آڳر پڪڙي ياد جي رستي تي هڪ ڊگهي سوچ جي سفر تي نڪري پيس. انهيءَ واپسي جي واٽ تي ڪيتريون ئي ڪئور حقيقتون، هجر جي هوا جيان گهلي پيون ۽ فريدڻ جي ڌرتي وارياسي جي وڻ جيان پن پن ٿي ڇڻندي وئي-(جڻ اها بہ پٽائي جي ڌرتي هجي) سمورو سرائيڪي وسيب ڪنهن مسڪين مڱٽهار جي ٿئل دهل جيان درد ٿي وڄڻ لڳو. سچ پڇو تہ سرائيڪي ديس مون کي ان دلي جيان لڳندو آهي، جنهن کي ڪنهن ڪنيار غم ۽ فراق جي مٽيءَ مان ٺاهيو آهي. جنهن گهڙي ۾ پاڻي جي بجاءِ پياس ئي پري سگهجي ٿي. سرائيڪي وسيب، واديءِ سنڌ جو اهو خطو آهي، جتي وک وک تي توهان کي اتهاس جا الائي ڪيترا باب ۽ نشيب فراز ساهہ کڻندي محسوس ٿيندا. ڪٿي توهان کي ائين لڳندو تہ اڃهو هاڻي هاڻي هتان، سنڌوءَ جي هن ڪناري ڪان ڪو ديوانو دراوڙ سُومرس پي اندر ديوتا جي اولي ۾ رقص ڪري روانو ٿيو آهي- ڪٿي ڪنهن جاءِ تي ائين لڳندو تہ ڪو سوريہ ونش آريو رگ ويد جو اهو باب لکي رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌو درياهہ ڪنهن سُوئا ڳئون جيئن رانياٽ ڪندو پيو اچي. ملتان جي شيخ بهاءُ الحق ذڪريا ۽ سخي رُڪن عالم جي روضي وٽان بيهي ڏسندئو تہ توهان کي لڳندو تہ ملهي قوم جي راءِ اميي جي زهريلن تيرن هٿان سڪندر اعظم ڪنهن زخمي چيتي وانگي رت ڳاڙيندو ۽ پنهنجا ڦٽ چٽيندو واپس مقدونيا ڏانهن مات کائي موٽي رهيو آهي. ٽل جي ڳوٺ مور-جهنگي وٽان محسوس ڪندئو تہ سڪندر اعظم جي ٽيڪسلا ۾ مقرر ڪيل گورنر سيليڪوس کي پڃائڻ لاءِ ڪوتليہ چاڻڪيہ جي جنگي علم جي آڱر پڪڙي مگڌ جو مانجهي مڙس چندر گپت موريہ پنهنجي لشڪر سان هاڻي ئي هوڪيندو ويو آهي-رحيم يار خان تان ڪجهہ مفاصلي تي پراڻي هاڪڙي جي ڪنڌيءَ تي موجود "پتڻ منارا" وٽ بيهي ڏسندئو تہ جڻ گوتم جي گيڙو پوش ڀڪشوئن جو هڪ وڏو ميلو اوهان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي من جي آشرم ۾ متل ملندو جيڪي ڪنهن گهري گيان ۾ گم آهن. دمان جي ڌرتيءَ تي ڪوهه سليمان جبل جي ڪنهن اتاهين چوٽيءَ تان بيهي هڪ ڊگهي نهار ڪنڌئو ته لڱندو چڻ سمورو سرائيڪي ديس اوهان جي اڳيان ڪنهن سفيد ململ جي ٿان وانگر کلي پيو آهي. جنهن جي هڪ ڪنڊ تونسه شريف ۾ شاهه سليمان تونسوي جهليو بيٺو آهي ته ٻي ڪنڊ ڪوٽ مٺن جي خواجه غلام فريد جي جهليل آهي ۽ هوڏانهن پري باقي ٻئي ڪنڊون بابا فريد شڪر گنج پاڪ پتڻ واري ۽ اچ شريف جي سرخ بخاري جي هٿ ۾ آهن ۽ سمورو وسيب، "همه اوست" جي هُو آهي.

جي اجا به اندر جي آرسيءَ کي اتهاس جا عڪس پسائڻ چاهيو ته پنجند ٽپي مظفر ڳڙهه جي وچي مام پروڙيو ۽ ڏسو ته 1818ع ڌاري رنجيت سنگهه لهوري تخت تان لهي شڪاربور فتح ڪرڻ جو خفت ڪٽي نڪتو آهي ۽ سامهون هڪ مٿير ماڻهو نواب مظفر علي خان ان پنجابي پهلوان سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ ايو آهي. تيرن ۽ تلوارن جي طوفان ۾ نواب مظفر پنهنجي حياتيءَ جي جنگ ته هارائي ٿو وڃي، پر رنجيتي راج کي ملتان کان اڳتي وڌڻ نٿو ڏئي. توهان به ٿورو اڳتي وڌو ۽ ساهيوال طرف سفر ڪريو ته ان رستي تي ڪٿي راءِ احمد نواز خان کرل جي آخري رڙ ته ٻڌڻ ۾ نٿي اچي۔ها، راءِ احمد نواز کرل، جيڪو هڪ بهادر قبيلي جو سرفروش سردار هو. جنهن انگريز راڄ ۾ سنڌ وادي جي روايتي سردارن ۽ پوتارن جيان گوري سرڪار جي ڳاڙهن ڪارپيٽن تي ليٽاڙا پائڻ ۽ جاگيرون وٺڻ پسند نه ڪيون. پر 1857ع ۾ ڪوٽ ڪماليه کي پنهنجو گوريلا هيڊ ڪوارٽر ٺاهي، مشهور انگريز ڪمشنر لارڊ برڪلي کي قتل ڪيائين ۽ گوري سرڪار لاءِ پوڻ پنيٽ ڪري ڇڏيائين. پوءِ نيٺ جڏهن هو گوري سرڪار سان وڙهندي شهيد ٿيو ته گورا عملدار سندس سِسي به ڪٽي ويا. چون ٿا ته جڏهن ڪجهه وقت ڪانپوءِ سندس سِسي واپس ڪيائون ته ان وقت به ڳوٺ تيلي نار ۾ صندل بار جي ان سپوت جي سِسِيءَ مان رت ڳڙي رهيو هو.

ها، بلڪل اجا اتي ئي روهي جي ريت تي وينا هئاسين ۽ هلڪي هلڪي ٿڌ، پهرين پهرين پيار جيان پئجي رهي هئي، پر سوچ ۽ سار جي سُئي ويئي مون کي سرائيڪي وسيب سان ڳنڍيندي ۽ اوچتو ئي اوچتو اکين ۾ ڪا مٽي پرڻ لڳي ۽ ڏٺم ته اها مٽي قلعه دراوڙ جي هئي۔قلعه دراوڙ جنهن کي اتان جا ماڻهو 'قلعه ڏيراور' چون، اهو وقت جي ستم ظريفي جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هتان لڏي ۽ ڇڏي ويل ماڻهن جي ڳوٺ جي گهرن جيان ٻي واهر ٿي پرنڊڙ ۽ جهرنڊڙ قلعو دراوڙ جيڪو ڪنهن دور ۾ رياست بهاولپور جو گادي جو هنڌ هو جيڪو نائين صدي عيسوي ۾ جيسلمير جي راجا ڏيوراج سنگهه ٺهرائي جوڙايو هو. ان زماني ۾ ان قلعي جي اڳيان هاڪڙو درياهه هوڪرا ڪري هلندو هو. جڏهن درياهه منهن موڙيو ته سموري علائقي کي ڏهاڳ ڏيئي ويو. آسودي ۽ آباد علائقي ۾ ويراني واڪا ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ سورهين صديءَ ۾ ان قلعي تي غازي خان بلوچ جو قبضو ٿيو. 1524ع ۾ جڏهن لانگاهن ۽ ارغونن ۾ دنگل ٿيو ته لانگاهن کي مات ڏئي مرزا شاهه حسن ارغون اچي قلعي تي قابض ٿيو. 1735ع ڌاري شڪارپور کان آيل عباسي ڪلهوڙن جڏهن اچي بهاولپور رياست جي واڳ سنڀالي ۽ اهو قلعو دراوڙ انهن دائود پوٽن عباسين جو صدر مقام ٿيو. انهيءَ ڏينهن جڏهن اسان انهن ٿي عباسي نوابن جي چشم و چراغ نواب شير ميان جي روهي واري ديري "ڪنگڻ والي" تي وينا هئاسين ته اهو لٽيل ۽ ڦريل شهزادو به مون کي انهيءَ قلعي جيان لڳو جنهن جي هٿ ۾ پنهنجي مفلسي ۽ بيوسي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هجي-نواب بهاول خان جي پوٽي نواب شير ميان جون ڳالهيون نه هجن، پر بربادين ۽ المين جا افسانا هجن-پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ٺڳيون رڳو بلوچن ۽ سنڌين سان نه ٿيون، پر هنن عباسين کي به ائين وقت جي ويراني ۾ روليو ويو. جيئن خيرپور رياست جي ميرن صاحبن سان پنهنجي پاڪ وطن جي سرحدن جي پاسبانن ۽ سپهه سالارن سخاوتون ڪيون-مير مهدي رضا خيرپور واري کان وٺي نواب شير ميان تائين ظلم ۽ ويساهه گهاتي جي هڪ اهڙي ڪاتي آهي، جيڪا انهن جي ڪنڌ تان وهندي رهي آهي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پوري ملڪ جي سرڪاري ملازمن جون هڪ سال جون پگهارون پريندڙ نواب صادق علي عباسي جي اولاد وٽ سندن محل ۽ حرم سرائون صرف پري کان ڏسي آهون پرڻ لاءِ آهن. بهاولپور جي نور محل کان وٺي ديره نواب تائين عباسين جا سڀ محل پاڪ وطن جي پاڪ فوج جون بيرڪون ۽ ريسٽ هائوس آهن. قلعو دراوڙ جيڪو سندن شان وٽان نه هو يا رهڻ جي قابل نه هو ان کي آرڪيالاجي جي حوالي ڪرڻ بجاءِ ناڪاره سمجهي چاچي نوابن کي نوازش ڪري ڏني ويئي ته جيئن اوهين پنهنجي وڏڙن جو عاليشان ورثو ڏسي، اکين جي آبياري ڪري سگهو. صادق آباد کان وٺي بهاولپور تائين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي وچ واريون اڪثر زرخيز زمينون رنجيت سنگهه جي راڄ وارن ۽ همر زبان همزاد همراهن جي حوالي ٿي چڪيون آهن. بلڪل سرائيڪي ٻولي جي ان چوٽي وانگر تہ "رام رام ڪيتي رک، مال پرايا پيتي رک". وادي سنڌ بہ هڪ عجيب وادي آهي، پوءِ چاهي سرائيڪي هجن يا سنڌي، انهن جي هر هڪ قصي ۽ ڪهاڻيءَ جو انت ڪو نہ ڪو الميو آهي، ڪا نہ ڪا ٽريجڊي آهي.
اڄ بہ سرائيڪي وسيب جون صبح جهڙيون سپاجهڙيون مائرون پنهنجي ٻارن کي هٿ جي آڱرين کي ڪولي ۾ بند ڪندي قصا ٻڌائينديون آهن ۽ انهن قصن مان الميا ڪنهن ڦٽ جيان ڦاٽي پوندا آهن.

اِٿان ڳان ويائي
اِٿان نارا ڏڌوسي
اٿان ڪاڌوسي، پيتوسي
اِٿان هيڏا حصہ ٻلي آئي تي چا ڳئي
ٻلي دا پيرا چائو پڪڙو پڪڙو پڪڙو.

۽ ان ٻليءَ جا پيرا ڳڻندي، واپسيءَ جي واٽ تي ويندي، رستي تي ڏنل اهي سائن بورڊ، جن تي چڪ نمبر فلاڻو چڪ نمبر الاڻو لکيل هئا، سوچيندي هاڻ ۾ چڪ پوڻ لڳا.

قطار کان وڇڙيل ڪونج جهڙي روهي کان وٺي هنج پکي جي ٻچي جهڙي ٿل تائين، توهان گهمي ڏسو تہ خبر پوندي تہ انساني سماج جو سڀ کان غليظ ۽ مڪروهہ عمل آبادڪاري ڪيئن آهي ۽ ڇو آهي؟ آمريڪا جي چيروڪين ۽ ريڊانڊين کان وٺي آسٽريليا جي ايبورجينز تائين ۽ سائوٿ آفريڪا ۽ ڪينيا کان وٺي سنڌين ۽ سرائيڪين تائين هن آبادڪاري نالي ارڙ بلا ڪيئن نہ ڌرتي ڌڻين سان ويل وهايا آهن- ۽ پوءِ اها ڳالهہ سمجهڻ ڪا ايڏي مشڪل نہ رهندي تہ هي سرائيڪي نالي مخلوق گذريل چاليهن سالن کان پنهنجي تشخص ۽ تحفظ جي تلاش ۾ "تخت لهور" کي ڇو للڪاري رهي آهي ۽ هو ڪيئن نہ "پنج آبي" هجڻ واري پيچري کي پنهنجي تاريخي ادراڪ ۽ شعور جي ڪارائيءَ سان ڪٽي رهيا آهن ۽ ان جو اظهار اڄوڪي دور جي سموري جديد سرائيڪي شاعري پنهنجي ڇاتي تي هٿ هڻي بہ آواز بلند ڪري رهي آهي-ٻڌو تہ سهي، همراهہ ڇون ڇا ٿا:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڪون خواب ڏکا ڪي ترقي دي
ساڏي وسون ساڪنون کسي ڳئي
غلام بڻا در اپڻي دا
ساڪون عيش آزادي ڏسي ڳئي
تاريخ گواھہ ھر دور دي وچ
اسان ڳئي "رنجيت" ھنڊائي ھن

(سليمان سوھو)

—

ھِيل جليلي، درد رنجاڻي
ٿسي ساڏي روھي
اسان سنڌ سرسوتي جائي
ساکون راس نئين پنج پاڻي

(سفير لاشاري)

—

پل پل اي خيرات ھي جيوڻ
پل پل عين عذابي
ھر ڪرسي تي کھرا چھرا
ھر چھرا پنجابي
ساڪون آکھہ نہ پنج دريائي
ساڏا ھڪو پاڻي

(عزيز شاھد)

—

اسان ھين جھومري سٽنديہ ھين خواجہ پير ديان ڪافيان،
اسان پنگڙي تي لڏي دي فحش نغمات نئين منگدي
اي روھي، ٿل، دمان اپٽي، اسان دي ھن اسان ڳِھنسون
اسان لاھور، فيصل آباد يا گجرات نئين منگدي
(سفير لاشاري)

جنھن زماني ۾ راڄن پور جي شاعر عاشق بوزدار پنھنجو نظم "اسان قيدي تخت لھور دي" لکيو ھو ۽ اھو جنرل ضياءَ جو زور اور زمانو ھو ۽ ڪتاب پابندي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هيٺ هو ـ اهو ئي وقت هو جڏهن هڪ مسڪين ۽ فقير ماڻهو فدا حسين گاڏهي پنهنجي غريباڻي حال ۽ اميراڻي دل ڪٽي "سرائيڪي لوڪ سانجهه" نالي هڪ تنظيم ٺاهي، ان کي هڪ تحريڪ جو روپ ڏيئي رهيو هو. جنهن ۾ ڪو کر، ڪو مزاري، ڪو قيصراڻي، ڪو گرديزي ۽ ڪو گيلاني سردار پيرِ يا پوتار ڪو نه هو. پر صرف چند مسڪين الحال اديب، شاعر ۽ فنڪار هئا، جيڪي پنهنجي ڌرتيءَ جا، پنهنجي سڃاڻپ جا ۽ آزادي جا وستي وستي، واهڻ واهڻ گيت ڳائي رهيا هئا. اڄ جڏهن سرائيڪي وسيب جا وڏيرا قيوم جتوئي ۽ جمشيد دستي کان وٺي رياض پيرزادو ۽ جهانگير ترين تائين جنهن سرائيڪي تشخص جي ڳالهه ڪري رهيا آهن ۽ سرائيڪي صوبي جي مختلف نالن سان گهر ڪري رهيا آهن، اصل ۾ اهو ممڻ انهن مفلس شاعرن اديبن ۽ فنڪارن جو مچايل آهي. عجب آهي ته سنڌ جتي گهڻو اڳي ادبي ۽ ثقافتي ادارا ۽ الفابيٽ جڙي چڪي هجي ۽ قومي تحريڪ جا روح روان صاحب حال هجن ته اتي سموري سرائيڪي تحريڪ جا روح روان صرف اهي آهن، جن جو هڪ ويلو گهر ۾ ته بيو واٽ تي گذري ٿو. نه ادارو نه ڪا ڳٽپ جوڳي تنظيم. ٻه چار جيڪي قومپرست ڌريون يا پارٽيون آهن، انهن جو حال اهو آهي جو انهن صاحبن کيْ لولو به رڳو لاهور ۾ نصيب ٿئي ٿو. سرائيڪي تشخص ۽ سڃاڻپ جو سهرو گهڻي ڀاڱي "سرائيڪي لوڪ سانجهه" جي سر تي آهي. اڄ توهان وچي پختونخواهه صوبي جي ضلعن ٽانڪ ۽ ڊيرا اسماعيل خان (جتي اڪثريتي ٻولي سرائيڪي آهي) کان وٺي رحيم يار خان ضلعي تائين ڏسو ته سرائيڪي نعري جي گونج آهي ۽ هو هاڻي سنڌ سان پنهنجي پنج هزار سال پريم جا پيالا ٽڪرائڻ لاءِ آتا آهن. سنڌوندي ڪنهن الستي عشق جي سنگهر جيان پراڻي واديءِ سنڌ کي ڳنڍي رهي آهي. سرائيڪي شاعر اشو لال جو عشق ته ڏسو:

دريا او دريا، پاڻي تيڏي ڏونگي
تون ساڏا پيو ماءُ، اسان تيڏي پونگي.

۽ ائين جڏهن منهنجو ذهن پير فريدڻ جي وسيب جي ماضي ۽ حال ۾ ڪنهن ابهري عاشق جيئن ٽڪرين ٽڪرين جهاتيون پائي روهي جي ان رات ۾ داخل ٿئي ٿو ته انين جا وڳ وارينڊڙ ڪنهن روهيلي جو اميد ڀريو آواز اچي ڪنن تي پوي ٿو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روهي ونڙي توپيا تار وي
آ مل تون سيگها يار وي
ٿئي ٿلڙي باغ بهار وي
ول جلد موڙ مهار وي

۽ اکين جا ٻئي تاڪ کولي ڏسان ٿو تہ آسمان تي ڪتين اڇي ڪنهن ڪنواري ۽ الهڙ حسينہ جيان ڳرَ موڙيا آهن ۽ چوڏهين جو چنڊ، ازل جي پُرنور اک جيان ٻري رهيو هو.

(ڀهرين نومبر- 2010ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڳوٺ ھُن جو۔

# جت پکي ۽ ٻڪ ٿا گڏجي اُڏامن!

جڏھن شام لڙندي ھئي ۽ شفق جو گھاگھرو آڪاس جي بدن تي گھمڻ لڳندو ھو تہ ھو ڪٿ تي ٺُڪ جي رلي وڇائي اڱڻ ۾ اچي ويھندو ھو ۽ انھيءَ جھُور ھڏن جي پيچري تي سندس پوٽا، ڏھٽا ۽ ڳوٺ جا ننڍڙا ٻار رانديون ڪندي ليٽاڙا پائيندا ھئا ۽ ھو ڪين سندس پٽڪي جي ورن جھڙيون ڏگھيون ڏگھيون آڪاٽيون ٻڌائي سمھاريندو ھو. جنھن ڪي ٻار ”پوڙھو بابا“ ڪري ڪوٺيندا ھئا ۽ ڳوٺ وارا چاچو ”ڪُدا بشڪ“ سڏيندا ھئا. ڇو تہ ھو وڏو ھو ۽ ڳوٺ وارا ڪيس سرنھن جو گھاٽو ڇانورو سمجھندا ھئا. جيڪو مني صديءَ جو مامرو ھو. ھو انھي ڳوٺ جي مزيدار ماضيءَ جو آخري امين ھو. جنھن جي سيني ۾ سالن جو سفر ھو. ٻنين ۽ ونين جي دنگن ۽ ننگن جا نياءَ ۽ انياءَ ھئا، راتين جي رسامن ۽ پرھ جي پرچاءَ جا ڪيترائي پيام ھئا. سچ ھئا، سونھن ھئي، سوجھرو ھو سڪ ھئا، ڏک ھئا، ريتون ڪُريتون ھيون، گوڏول اُڏائيندي موٽندڙ مال جي چڙن ۽ ٽلين جي ٽونڪ ھئي، ٻہر جو ھڳاءَ ھئو. ھو جيڪو ھو ھڪ نڙ ٻيت ھو جنھن ۾ ديپڪ ۽ ملھار ھڪ ئي ٿوڪ سان وڄندا ھئا. ھو ڇا ڇا نہ ھو.

جڏھن رات جو اُپ تي ڪنھن گج ٽوپيندڙ وينگس جي ھٽن مان ڪِريل ٽڪن جيان ستارا وڪرڻ لڳندا ھئا، تہ ھوا جي ڪينچل سان ٻانورا بدن ٻاھہ جيان پڙڪي اُٿندا ھئا. پنگھٽ تي پاٽي پريندڙ ۽ لاڏا ڳائيندڙ سکيون، سرد راتين ۾ پنھنجي وھاڻن تي نيٽڻ جي گھاگھر ڇلڪائينديون ھيون، تہ ٻاھر اوطاق جي لانڍي ۾ ڪِرسي جي ڪاٺين تي مچ مچندو ھو ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چاچي ڪدا بشڪ جي ڏورن، بيتن ۽ ڳجهارتن جو ڪيت ڦلارجڻ لڳندو هو. هو قديم زمانن جي قصن، ڪهاڻين ۽ دل وارن جي داستانن جا تاڪيا ململي ٿان جيئن اڪيلڻ لڳندو هو تہ سڀ اڀوجهہ سڀوجهہ ڳوٺ وارا حيرت ۽ حسرت جي ميلاپ سان "برونير برونير" چوڻ لڳندا هئا- ۽ چاچو ڪدا بشڪ پنهنجي حياتيءَ جا سڀ حوال ۽ تجربا سندن من اندر جي مچ تي تيل وانگر هاريندو ويندو هو. هو پنهنجون جهور جهانوريل اکيون کڻي، جڏهن ماضيءَ جي منظرن ۾ تہي هٽندو هو تہ حال جون حقيقتون سندس بدن جا ڦٽ تي پونديون هيون. هو چوندو هو تہ "ابا! زمانو اهو هو جڏهن ننڍ وڏائيءَ جو حياءُ هو پنهنجي پرائي جي ساڃاهہ هئي، محبت هئي، عزت هئي، غيرت هئي. اسان ڪڏهن ڪونہ ٻڌوسين تہ ڪو پنهنجي ڪنهن اتي پاڙي جو لوڙهو لتاڙيو هجي. ڪو ڪاتڙيو ڪاٽ هٽندو هو يا ڪرو ڪٽندو هو تہ پاڙي ۾ پناهہ ڪانہ ملندي هئي. سڀ ڪو "تو تو" ڪري پري پڇندو هو. اڄ سڀ ڏسو ٿا تہ ذات چور ڪاتڪو پوتار پيڙي آهي. راڄائتو اهو چئبو هو جيڪو راڄ جو رکپال هو. باقي اڄ جون ڳالهيون اوريندي هينئون ٿو هٽن ۾ اچي. نہ رهي آهي سرت، نہ ساڃاهہ. سڀ ڪو لاهيو پاهيو پيو هلي. اڳي ڪڏهن ڪونہ ٻڌوسين تہ ڪو ڪنهن نشو ڪري ڪنهن نياڻي سياڻي ڏانهن ميري اک کنئي هجي. اهو ترو ڪونہ هو سراب ڪونہ هئي، مال جو اولڻ هوندو هو جام پيالو پيئبو هو تہ اصل ڪيپ چڙهي ويندا هئا. پٽاريون (ڳئون مينهون) وٿاڻ تي ڏڪنديون رانيات ڪري ورنديون هيون، تہ پاڳ پانئبا هئا پلا. بس بابا ڏٽيءَ جا شڪرانا هئا. وقت وقت جي ڳالهہ آهي. اڄ سڀ ڪو ولائيتي ڦيشن جي چڪر ۾ ڦاٿو آهي، اصل ويو اٽس وسري، مرشد پٽائي چيو هو:

هو ڏوٿي هو ڏينهن، هو ڏونگر هو لڪيون،
ڪنهن جنهن لڏا نينهن، پٽان لهسن لُڪ ۾.

۽ ايئن چاچي ڪدا بشڪ جي يادن جا ورق ورندا هئا ۽ سندس ڏوراپا ۽ شڪايتون سامهون ويٺل دلين جا ڏگ جهلي بيهي رهنديون هيون ۽ هو گجندو ويندو هو. سچي ڪچهري انهي پوڙهي پيار جي پلٽ تي ٻاجهر جي سنگن جيان جهولندي رهندي هئي. اِهو اُهو دؤر هو جيڪو سنڌ جي حسين ڳوٺاڻي زندگيءَ جو آخري منظر هو. جنهن، جا سڀ رنگ چاچي ڪدا بشڪ جي ساهہ جي آخريءَ سڏڪي ۾ سمائجي مٽيءَ هيٺان مدفون ٿي ويا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اڄ جڏهن لاڙ جي ليئن ۾ لاٽين ۾ رڳو انهي پوڙهي جون پچارون وچي رهيون آهن ۽ آئون انهي ڳوناٽي سونهن جي آخري سڏڪي تي لکندي الائي ڇو اپاٽڪو ٿيندو پيو وڃان. ڇو تہ مون جڏهن انهي ”پوڙهي پيار“ کي ڏٺو هو تہ ڄڻ ماضيءَ کي ساهہ کڻندي ۽ ڳالهائيندي ڏٺو هو. تڏهن هن جون ڳالهيون ٻڌي مون کي لاڙ جي هوائن جهڙي آواره شاعر حسن درس جون اهي سٽون ياد آيون هيون:

پراڻي عشق پوڙهي جي، وڃت نڙ ڦوڪ مان نڪتي
ملڻ هي مير محمد جو جوانين کي جڙي ٿو پيو

حسن درس اهي سِٽون ڪٽي مير محمد لنڊ نڙائي لاءِ لکيون هيون، پر مون کي چاچي ڪدا بشڪ جي ڳالهين جي نڙ ڦوڪ مان ماضيءَ جو منظر مليو هو ۽ مون انهن ڳالهين ۾ قديم ڳوناٽي سنڌ جي ڳهر کان وڇڙي ويل اڇوڪي ماڊرن عرف ڇڙواڳ سنڌ کي جڙندي ڏٺو هو ۽ محسوس ڪيو هو تہ اڄ اسان انهي پاڙ ڪٽيل پٻ جي گل جهڙا ٿي پيا آهيون. جيڪو هڪ نہ هڪ ڏينهن هن شهر جي ميري ڍنڍ ۾ غرق ٿي ويندو. پوءِ شايد تنهن پڇتاوي لاءِ ڪو سٽاءُ پهر بہ نہ ملي. مون جڏهن چاچي ڪدا بشڪ کي ڏسي سندس ڳوٺ ڏٺو هو تہ مون کي وري بہ ماڊرن سگهڙ حسن درس جو نظم ”ڳوٺ هن جو“ ياد آيو جنهن جون سٽون هيون:

جنتن ۾ جهنمن آهي گڏي تعمير ڪيو ڳوٺ هن جو
هواتي جي هر صبح ۾ ٿو ڄمي
هواتي جي هر ٻيهري ۾ جيئي ٿو
شام جيڪا رنگ جا رستا ڪٽي ٿي ڳوٺ ۾ ڍرڪي
۽ گهٽين ۾ ڏوڙ جا گهاٽا ڪڪر
۽ ڇڙن جي ڪائي وجداني وڃت هن کي ڇهي ٿي
۽ هن جي من ۾ ڪا ڊگهي هڻڪار ٿئي ٿي
ڪنهن ڪميت گهوڙي جي.

شايد هن جي من ۾ وقت جي ڪميت گهوڙي جي هڻڪار ٿيندي هجي، پر جن بہ حسن درس جو اهو نظم سڄو پڙهيو يا ٻڌو هوندو يا جنهن پير حسام الدين راشديءَ جو ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ جي پنن جو پنڌ ڪيو هوندو سو ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ کان غافل رهي نہ سگهندو. آئون بنيادي طور تي سنڌ جي پورب جي پڇاڙڪي علائقي ناري جو ڳوناٽو آهيان. جيڪو


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻي ۽ پياس جو انوکو سنگم آهي. جتي نارا ڪئنال چوڙ ڪري ٿو ۽ ٽر جي اڄ جي ابتدا ٿئي ٿي. مون ناري جي ڪپڙن ۽ لاٽن جي لامن تان شامن کي لمندي ڏٺو آهي، ٿوهرن جي پيڙانگين ۽ پٽن اڙانگين وچان اتان جي صبحن جا سون ورنا سج اٿندي ڏٺا آهن. مون ٽر جي چوئنرن جي اوٽ ۾ ميگھا رُت جي جھڙالين راتين ۾ اتان جا ڪجليا، بادليا، لاڏا، مورا، راسوڙا ۽ ڪيسريا ٻڌا آهن. مون سکين کي سانوڻ تيج جي جھولن ۾ جھولندي ڏٺو آهي ۽ مون ترائين ۽ تڙن تان چوڙيلين جا چرچا ۽ پيلڙو ڪٽندڙ پاٽھيارين جا ٽھڪ ٻڌا آهن. مون اتر جي اوتن تي گولاڙي ۽ جوڳيڙي جي گلن جا ناچ ۽ چانڊوڪيءَ ۾ ٽري گج جا چمڪا ڏٺا آهن. مون مڇ جون ڪچھريون ۽ وُٺي جون واڌايون ورتيون آهن ۽ مون کي پتو آهي تہ اسان جي سونهن ۽ سنيھ اسان جي وسري ويل ماضي ۽ گذري ويل گھڙيءَ جو نالو آهي، جنھن کي اڄ اسان چاڇي ڪدا بشڪ جي ڪاتي ۾ ڪولي رهيا آهيون.

توهان مان جيڪي جيڪي بہ اڄ هن شهر جي شمشان گھاٽ جھڙي دونهن ۾ اڪيون پوري پنھنجي لڙڪن جي لڄ رکي رهيا آهن، سي ڇا مون سان گڏ ڪجھ پل ڪجھ گھڙين لاءِ پنھنجي ماضيءَ جي گھنگھور گھٽائن ڏي موتي سگھن ٿا، اهي جيڪي پنھنجو سڀ ڪجھ شهري واپارين وٽ لٽائي چڪا آهن يا اهي جيڪي اڃا پنھنجي حياتيءَ جي ڪيسي تي هٿ ڏيو ويٺا آهن. اهي جيڪي حڪيم ارشد جي هن شعر هٿان گھائجي چڪا آهن:

ٻهراڙيءَ جو سادو ماڻھو جنھن جي دل ۾ مير نہ هو
شهر جي سياڻن واپارين کان پاڻ ڦرايون ويٺو آ

واپس موٽي سگھن ٿا؟ ڪجھ گھڙين لاءِ سهي، اڇو تہ پنھنجي گذري ويل وقت جي واهيرن ڏانهن موٽي هلون، جتي اڃا بہ پنھنجي محبتن، مريادن ۽ مروتن جا مجاور جيئرا آهن. جتي اڃا بہ ڪجھ ڪبوتر پنھنجي ماضيءَ جي مزارن ۾ "ڳٽر ڳون ڳٽر ڳون" ڪري رهيا آهن. هن دوُر جي دز ۾ لٽجڻ کان بهتر آهي تہ ڪجھ ساعتن لاءِ سهي، انهي دوُر ڏانهن موٽي هلون. جنھن ۾ اڄ بہ واسينگ راتين ۾ نانگ جا پير لتاڙي آيل عاشقن جا ڪڙيي جي ڪپ تي ڪيل ڪنهن لاءِ اپاٽڪا انتظار اسان جا منتظر آهن. هلو تہ انهن سانورين سانجھين ڏي هلون، جن ۾ ڏنارن سان ڏوڙ اُڏائيندي موٽندڙ ڪنڌين ۽ ڪارين جي چڙن جي وجداني وڄت آهي. جنھن جي پيھرين ۾ ڪنھن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي، گجائين ۽ پرتيل سيني پويان ڪنهن وصل جي آس اڌوري رهجي وئي، جنهن جي تاءُ ۾ نم جي لام تي لنونڊڙ ڪانوَ کي ڏسي ساجڻ (گهر جو ڪم ڪار) ڪندڙ ڪنهن سانوري جي لوڪ گيت جا سُر سڙي ويا:

اديون منهنجي گل قل راڻل! ڏاڍا ڏينهن لايا.

يا انهيءَ دل جي لام تي لڏندڙ ڪانوَ کي ڏسي ولات ويل (شهر ويل) ڪنهن پاءُ جي هٿن لاءِ پُسايل ميندي سڪي وئي، جنهن ميندي جي چٽن ۾ سندس هٿن جا رنگ وڃايل هئا ۽ اها لڙڪ هاڻن لفظن ۾ اهو چوندي اجهامي وئي:

"اڏي وڃ ڪنيانتا! منهنجو ادل ٿو ولات وسي."

چا توهان انهن نيرن ڳاڙهن نوٽن جي حوس ۾ اکيون کوليندڙ ڪاربان مونو آڪسائيڊ صبحن مان نڪري، انهن پهرئين پيار جهڙن پرهہ جي پهرن ڏي نہ هلندؤ جيڪي بسنت فقير جي يڪتاري جي تار مان کير جي گوهن سمان ڦٽي نڪرندا هئا، جن جي صدا هئي:

جُز جي جستجو ڪر ختم.
ڪُل ۾ ڪثرت سان ٿي گُم.

هي ويل مصنوعي تصور ۾ ويهڻ جي ناهي، پر انهن روح رتين راندين ڏانهن رڙهڻ جي آهي. واهن ۽ شاخن جي تيز وهڪرن ۾ ترڳندڙ چوڪرا، جيڪي ڪُندرو جا ڪوڏيا هئا. "چيڪلي پايون پير گسايون" کان وٺي "ڦر ڦر سونٽو ديلي تي چٽڪي" جهڙيون رانديون هيون. ونجهہ وٽيون، ڪوڏي ڪوڏي، ملهن جا ميل، نانگڻ جوگڻ ۽ چوپٽ جهڙا الائي ڪيترا من پرڀائڻ جا بهانا هئا. جن ۾ جيون لاٽون جي ڏور تي ڦيريون پائيندو هو. اج توهان حقيقت جو هٿ جهلي، سنڌ جي ٻهراڙين جو پنڌ ڪري ڏسو تہ توهان کي انگريز شاعر اوليور گولڊ سمٿ جو نظم The Deserted Village (تباهہ ٿيل ڳوٺ) ياد ايندو. ڏاڙيلن، وڏيرن، ڏارين، ڪوڙن سياستدانن ۽ ٺڳ واپارين اسان جي حسين سادي ۽ سباجهي زندگيءَ جو ڪهڙو حال ڪيو آهي، اهو توهان سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جو پنڌ ڪري ڏسي سگهو ٿا، جنهن جي دز مان اسان جي تهذيب جا سج نيڻ مهٽي جاڳيا هئا. جي توهان جي اکين ۾ پنهنجي پراڻي پيار لاءِ ٿورو بہ پاڻي هوندو تہ توهان پنهنجي سوچ جو طرف ڪجهہ گهڙين لاءِ انهن تباهہ حال ڳوٺن جي طرف ڪندا، جيڪي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڏهن سونهن جي سحر ۾ مهڪندا هئا ۽ اڄ وقت جي ڪوراڙ هٿان ڪڪجي چڪا آهن. سو اچو تہ ڪجهہ پل لاءِ اڪيون ٻوٽي احساس جي آڳر تي اهي سڀ صبح، ٻپهريون، سانجهيون ۽ راتيون رُلون، جن ۾ اسان جو اصل ۽ وصل وڃايل آهي. جن کي هلو تہ هنن حال جي ميرن سيرن هٿن سان ڳولي لهون. هلو تہ اهي نيرڙن ڳاڙهن ريشمي رومالن جون سالن کان بند پيل ڳنڍيون کوليون، جن ۾ ڪنهن ساجن لاءِ موڪليل سلامن ۽ سنيهن جا ڇلا، منڊيون، ڦوٽا ۽ سوپاريون سينوارجي چڪا آهن. هلو تہ اهي سالن کان سياري جي راتين ۾ مچ لاءِ گڏ ڪيل ڪاٺيون هلي دُکايون، جن جي حسرت ۾ الائي ڪيترن ساهڙ فقيرن ۽ حسن درس جي نظم وارن آفيم کائيندڙ علو سگهڙن جون آکاٽيون، ڏور بيت، ڏوهيڙا ۽ ڳجهارتون جاڳي رهيون آهن. جي توهان کي واقعي بہ پنهنجي قرب جو قرض لاهڻو آهي تہ پوءِ ڪجهہ گهڙين لاءِ اچو تہ پئسي کي پنٺي ڇڏي، پيار جو پيڇو ڪريون تہ جيئن ڪڙم جا ڪانئر نہ سڏجون ۽ انهي سونهن جي سفر ۾ هوٽلن جي هنج ۾ ويٺل ۽ ٻنين جي سنڌن ۽ سيڙن تي سگريٽ ڇڪيندڙ اجوڪي ڳوٺاٽي نسل کي بہ وٺي هلون، جيڪي پاڙ وانگر پنهنجي ماضيءَ کان بي ڪل ۽ بوجهل آهن. جن کي اڄ سيٽلائيٽ جي طوفان ڪک پن جيان اُڏائي واچوڙي جيان واٽرو ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي ٺري جي ٻٽين کي برهہ جي باهہ سمجهڻ لڳا آهن. جيڪي چاهہ جي چُميءَ جي اصل احساس کان اياٽا ڳوٺاٽا چانهہ جي چسڪين ۾ وڃائجي چڪا آهن ۽ هو سمجهڻ لڳا آهن تہ سيڪس ۽ پيار ساڳي شيءِ آهن. جيڪي رئيسن ۽ پوتارن جي ظلم ۾ پيلي سِر جيان پري رهيا آهن. جيڪي ووٽن ۽ نوٽن تي وڏيرن ۽ واپارين جي اوطاقن ۽ پيڊين تي پاپ جا پهر ڪٽي رهيا آهن. جن جي رحم جوڳي حال تي اين جي اوز جا آقا پنهنجا اسٽيج سينگاري رهيا آهن. هلو تہ انهن سيني جوانين کي جوٺا جي اڏن تان اُٿاري، ڪٽڪ جي سنگن جي صحبت ڏانهن وٺي هلون، جيڪي ٻنين ۽ ونين کي دوکي جي داءَ تي هارائي رهيا آهن. هلو تہ غربت کي گار سمجهندڙ غريب ذهن ڳوٺاڻن کي لطيف جي اها سٽ سمجهايون تہ:

مسڪيني جو مرد کي، خطرو نہ ڪو خيال.

منهنجو اجوڪو هي ڪالم سک جو سڏ آهي، نينهن جي نينڊ آهي، جيڪو توهان جون ڪجهہ گهڙيون چوري ڪري، توهان کي تصور جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيچري تي پنڌ ڪرائڻ جي ڪوشش آهي. سوا چو تہ ڪجهہ پل هن ڪوڙ جي ڪاروبار مان ڪڍي، اصل ۾ وصل جو وهنوار ڪريون ۽ اهي سڀ محبتي ميڙي هڪ اهڙي ڳوٺ جي تعمير ڪريون، جيڪو چاچي ڪدا بشڪ جي ماضيءَ جيترو ملوڪ هجي، جيڪو هن جي دل جهڙو سادو ۽ هن جي ٻهراڻ جيترو ڪشادو هجي. جنهن ۾ هن جي پٽڪي جي ورن جيترو پيار ۽ هن جي ڳالهين جيترو ڳهر هجي، جنهن لاءِ هو سدائين چوندو هو تہ:

محبتي ميڙي، ڳوٺ ٻڌجي هڪڙو.

جنهن جي ماضيءَ جي يادگيرين ۾ مستقبل جون مرادون ڪٽي هو تمنا جا تاب سهي نہ سگهيو ۽ هيلوڪي سياري ۾ سندس روح جو پکيئڙو الائي ڪهڙي سفر تي اسهي ويو.

(اربع، 9 جون- 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڏاڙيلن جي دنيا ۽ سنڌ

ڪجهہ سال اڳي، جڏهن نواز شريف جي پهرين حڪومت هئي، سنڌ ۾ ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن خلاف هڪ آپريشن هلي رهيو هو جنهن کي "آپريشن بليو فاڪس" جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. تنهن وقت بي بي سي چئنل فور تان ڏاڙيلن تي Held to Ransom (پنگ لاءِ باندي بڻيل) جي نالي سان هڪ ڊاڪيومينٽري هلي هئي، جنهن ۾ واردات جي طريقن، ڪان ويندي پنگ وٺڻ واري رسم کي نهايت ئي خوبصورت انداز سان ڏيکاريو ويو هو ۽ دنيا ڏٺو تہ سنڌ ۾ اصل ڏاڙيل (ڪرپٽ سياستدانن ۽ بيوروڪريٽن کي ڇڏي ڪري) پنهنجيون ڪارروايون ڪيئن ڪندا آهن ۽ ڪارروايون ڪرڻ کان پوءِ ٻيلن کان ويندي بنگلن تائين پناهون ڪيئن حاصل ڪندا آهن. پرامن ۽ آزاد ملڪن جي ماڻهن کي اهو ڏسي بہ حيرت ٿي هوندي تہ ڏاڙيل يعني Dacoits وڏن بنگلن جا Manufactured Items (فخريہ پيشڪش) هوندا آهن جيڪي وڏن "خطابن" جي گهاٽي سايي هيٺان رهي وڏا ڏاڙيل ٿيندا آهن.

ان ڳالهہ جو خوش قسمتي سان يا بدقسمتي سان ڪو بہ تعلق ڪونهي، پر اها حقيقت آهي تہ ڏاڙيل سنڌ جي ڪلچر جا نهايت ئي محبوب ڪردار رهيا آهن. ڏاڙيل خود هڪ ڪلچر رهيو آهي، جنهن جا پنهنجا Code of honors (اعزازن جا ضابطا) رهيا آهن. صدين کان وٺي، اتهاس جي ور وڪڙ وارن ڪتابن ۾ ڏاڙيلن جو ذڪر ٿيندو آيو آهي. ٻيو تہ ٺهيو ٻيو پر "رگ ويد" ۾ سنڌو ندي جي ڪناري جي گهاٽن جهنگلن ۾ رهندڙ "دسوي" نالي اهڙا ڌهڪائيندڙ ڏاڙيل ڄاڻايا ويا آهن، جن کان ذڪر واريون قومون بہ ڏڪنديون رهنديون هيون. لاکو ڦلاڻي سنڌ جي قصن ڪهاڻين، ڏورن ۽ ڏوهيڙن کان وٺي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لطيف جي شاعري تائين تي ڇانيل ڪردار آهي، جيڪو ڇون ٿا تہ ڏهين صدي عيسوي ڏاري ڪڇ تي حاوي هو ۽ ڪن وقتن ۾ روجهن پويان رلندو اچي "نهتي" مان نڪتو هو جتي هن جي اوڏ قوم جي هڪ نهايت ئي خوبصورت ڇوڪري "مهر راڻي" سان اک اڙي هئي، جنهن ڪي پرٽائي پاڻ سان گڏ ڪڇ وٺي ويو. لاکي ۽ اوڏڻ جي عشق جا چرچا لوڪ شاعري کان ويندي لطيف جي "سر ڏهر" تائين اوڏڻ جي جواني وانگر جوان آهن.

ريبارڻ! ريجهاءِ لاکو لولائين سين،
لاکا! لڄ سندياءِ اوڏ اگلي آهيان.

لاکو هڪ اصولي ۽ عاشق ڌاڙيل هو. هو غريبن ۽ عورتن جي عزت ڪندو هو ۽ ٻئي طريقي سان ڌاڙا هڻندڙ لک پتي لٽيرن کي لٽيندو هو. اڄ بہ جڏهن لاڙ ۽ ٿر ۾ راتين جو ڪچهريون مچ جي ڪائين تي مچنديون آهن تہ لاکي ۽ اوڏڻ جو عشق ڪيترن ئي جهونن جي ڇپن تي آرس موڙي جهومڻ لڳندو آهي ۽ لاکي ڌاڙيل جي سورهيائي جا قصا لطيف جي شعرن سان گڏ نئون جنم وٺندا آهن. لطيف لاکي کي "لوڙائو" چيو آهي، جيڪو لکيءَ (سندس گهوڙي جو نالو) تي چڙهي لک پتي راڻن ۽ راجائن کي لٽيندو هو. لطيف چيو آهي:

لاکا لک سڄڻ، ڦلاڻي ڦير ٻيو
جنهن پر راڻا، راڄيا، ڪوٽن منجهہ ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سنڇو نہ لهي.

انگريزن جو سمورو دؤر ڌاڙيلن جي دٻدٻي سان ڀريو پيو آهي. انگريزن جي دؤر ۾ گورن صاحبن طرفان قرار ڏنل "ڌاڙيل" اصل ۾ باغي هئا، جيڪي انگريزن جي رنگيلي راڄ خلاف گهر ڇڏي ٻيلن ۾ ٻوڪانيون ٻڌي لهي آيا هئا. بچو بادشاهہ ۽ گلو گورنمينٽ کان ويندي حر تحريڪ جي رحيم هنگوري ۽ پارڪر جي شادي خان کوسي ۽ ڪلچي تڪر تائين سڀ جا سڀ باغي ڪردار هئا. جيڪي اڄ بہ اسڪاٽ لينڊ جي آزادي واري جنگ تي ٺهندڙ فلم Barge Heart جا جيئرا جاڳندا ڪردار لڳندا آهن ۽ جن تي بريو هارٽ کان بہ وڌيڪ خوبصورت فلمون ٺهي سگهن ٿيون. هي اهي ڪردار هئا جيڪي انگريز سرڪار نامدار جي صاحب بهادرن ۽ انهن جي ڊرائنگ ٽيبل تي ڪٽلري سيٽن سان گڏ سڄندڙ خان بهادرن، راءِ بهادرن، خان صاحبن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ نوابن جي نظر ۾ نهايت ئي خطرناڪ ڏاڙيل هئا، جن جو ڪم رعيت تي رحم ڪرڻ ۽ رئيسن جي ريشمي راتين ۾ راتاها هڻڻ هو. جن ڪي آخرڪار ٿهر جي ڪارين راتين ۾ ڀڳت سنگهه سڪديو ۽ راج گرو وانگر چوڪنيو ڀڏي ماريو ويو ۽ جيڪي سرڪاري ڪاغذن ۾ ته اڄ به ڏاڙيل آهن، پر ماڻهن جي دلين جي دفتر تي سنڌن نالا حريت پسند مجاهدن جي شجري ۾ شامل آهن.

هڪڙا اهي هئا جيڪي ڌرتيءَ جي آزادي لاءِ وڙهندا هئا، جيڪي خطابن جي خيمي ۾ لڪل ڏاڙيلن لاءِ "ڏاڙيل" هئا. هڪڙا اهي هئا جيڪي فقط ڏاڙيل هئا، جيڪي آزادي کان ويندي تجوڙي تائين جا ڏاڙا هڻندا هئا، جيڪي گورن صاحبن ۽ انهن جي ڪارن خادمن عرف خانصاحبن ۽ خان بهادرن جا خادم هئا. انهن خانصاحبن ۽ خان بهادرن جا، جن لاءِ اياز پنهنجي سنگيت ناٽڪ "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" ۾ لکيو هو:

انگريز بهادر جي پٽ ۾
هي راءِ بهادر ها ها ها!
هي ويهي روز فرنگيءَ سان
سڀ ڪارا پوري ڀنگيءَ سان
ڪي ٺاهه نڳيءَ جا ٺاهن ٿا،
ڇا سوچن ٿا، ڇا چاهن ٿا،
سؤ ٺٺ ڪري هي ٺوڳيئڙا!
قانون انهن جا ڪوريئڙا
جي پنهنجا ڄار وڇائين ٿا
۽ ديس سڄو ڦاسائن ٿا.

انهن انگريز بهادر جي پٽ تي مڇ ڏيندڙ خان بهادر پنهنجي خادمن جي ڪمائي اڄ ڏينهن تائين جي خان بهادرن ۽ رئيسن تائين وڏن جو ورثو سمجهي وڏي دل سان ڪاهيندا اچن. انهي وڏيرڪي قانون جي ڄٽيل ڪوريئڙن جي ڄار ۾ ديس ڪيترو وچڙيل آهي، انهي جو احساس شايد اسڪاٽ لينڊ مان ايندڙ بوتلن جي شاهي نشي ۾ ٽيڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

سنڌ نه فقط نادر شاهه قاچاري، شاهه شجاع ۽ مدد خان پٺاڻ جهڙن ٻاهرين ڏاڙيلن هٿان ڦرجي ۽ لٽجي رهي آهي، پر پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏاڙيلن به گهٽ ڪا نه ڪئي آهي. سنڌ جا ويران رستا، اجڙيل شامون ۽ ماتم انگيز ڳوٺن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

تي لامارا ڏيندڙ خوف سدائين پيلن ۾ پٽ پڌي گهمندڙ پلوبرن جي مهربانين تي دانهيندا رهيا آهن. سنڌ تي جيترييون سياستدانن جون مهربانيون رهيون آهن، ان کان ٻه ڀه رتيون مٿي ڌاڙيلن جون ڪرم نوازيون رهيون آهن جن جي بهادرين ۽ مهربانين جا قصا ڀهراڙين جي تالهي جي وٽن وارين هوٽلن تي چانهه جي ڪوپ سان گڏ پيتا وڃن ٿا.

سڄي دنيا ۾ ڌاڙيل ٿيندا رهيا آهن، پر جيترا برصغير خاص ڪري سنڌ ۾ ڪلاسيڪل ڌاڙيل ٿيا آهن، ايترا شايد ڪٿي به نه ٿيا هجن- ۽ يقينن انهن کي جيتري پذيرائي سنڌ ۾ ملي آهي، ايتري ڪٿي به ڪا نه ملي هوندي فلمون ٺهيون، ناول لکيا ويا، قصن ڪهاڻين، ڏورن ۽ ڏوهيڙن جا محبوب ڪردار بڻايا ويا. پيو ته ٺهيو پر جڏهن ماريا ويا ته انهن لاءِ اوچنگارون ڏئي اوسارا ڪيڍيا ويا. هزارن جي تعداد ۾ انهن جي لاشن تي اجرڪون وڏيون ويون. وڏيون مڇون، وڏا قلم، وڏا پائنچا ۽ نرڙ تي ٽوپي انهن جا دلپسند اسٽائيل ڪري اپنايا ويا. ڀهراڙين ۾ ڪيترين ڌاڙيلن جي دليريءَ تي عاشق عورتون پيلن ۾ رومال ۾ ويڙهيل تحفا موڪليندڀون رهيون. انهي کان وڌيڪ ڌاڙيلن لاءِ Romantic Approach (رومانوي رويو) ٻئي هنڌ شايد ئي ملي. هندستان ۾ به ڌاڙيلن کي آرٽ ۽ ادب ۾ ڪافي اهميت ڏني وئي آهي. اڳوڻي ڌاڙيل ۽ هاڻوڪي پارليامينٽرين ڦولن ديوي جي زندگي تي Bandit Queen (ڌاڙيلن جي راڻي) جهڙي فلم ٺهي، ”شعلي“ ۽ ”ڏاڪو“ جهڙيون فلمون ٺهيون. چون ٿا ته جڏهن ”ڏاڪو“ فلم رليز ٿي ته ان جا گانا جيڪي ساحر لڌيانوي جا لکيل هئا، ڏاڍا مقبول ٿيا. ايتري قدر جو هڪ پيري ساحر پنهنجي ماءُ سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته پنهي کي ڌاڙيل رستو روڪي پاڻ سان گڏ ڪٺي ويا ۽ ڪافي ڏينهن تائين پاڻ وٽ رهائي، مهمانيون ڪندا رهيا ۽ شاعري ٻڌندا رهيا. اهو ساحر لڌيانوي شاعر هو جنهن ڌاڙيلن تي گيت لکيا هئا جنهن جا هو فين (پرستار) هئا. پر پير مظهر کي ڌاڙيل ڇا جي ڪري کڻي ويا ۽ سندس ڪهڙي مهماني ڪئي هوندائون ۽ هن کان ڇا ٻڌندا رهيا هوندا؟ اهو سوال خود پير مظهر کان جواب جو طالب آهي. ”ڦل ماڇي“ کان ويندي ”پرو چانڊيو“، ”علي گوهر“ ۽ ”محب شيدي“ تائين جهڙن ڌاڙيلن تي به فلمون ٺهيون جن ۾ انهن کي هيرو ڪري ڊيڪاريو ويو آهي ۽ بظاهر انهن جو رڪارڊ ڇا به هجي، پر انهن فلمن ۾ هو نهايت ئي بهادر ويڙهاڪ، غريبن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جا هڏ ڏوڪي ۽ عورتن جي عزت ڪندڙ ڏاڙيل آهن. انهن فلمن جي ٺهڻ ٻيلن ۾ گذارو ڪندڙ سيڪڙات ۽ نڙڪو ڏاڙيلن کي به هڪ عجيب ڪريز ۾ مبتلا ڪيو جيڪي "بدنام هونگي، تو ڪيا نام نه هوگا؟" جهڙي فقري جي پوئيواري ۾ ڳوٺن ۾ ڪاهي پيا. گهر ساڙيائون، ماڻهو ماريائون، عورتون اغوا ڪيائون، انتها جو ظلم ڪيائون. ڪيئن به هجي اهي ڏاڙيل جن تي فلمون ٺهيون ۽ اهي جيڪي فلم ٺهڻ جي اعزاز کان محروم هئا جن اها ڏوهاري زندگي رڳو فلمون ٺهرائڻ لاءِ ئي ڪا نه اختيار ڪئي هئي، پر سندن اولين مقصد پئسو حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو غير قانوني اقتدار مڙهي ماڻهن ۾ دهشت وسيلي حڪومت قائم ڪرڻ هو.

سنڌي ماڻهو پنهنجي فطرت ۾ ڪجهه عقيدت مند ۽ انتها پسند رهيا آهن. محبت ۾ ناڪامي تي خودڪشي ڪرڻ، نوڪري نه ملڻ تي پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ ڏيڻ، وڏيري ۽ پوليس جي بيواجيبن ڪري ڪليشنڪوف هٿ ۾ کڻي ڏاڙيل ٿيڻ، قيادت کان نو لفٽ ٿيڻ تي پريس ڪانفرنس ڪري نئين پارٽي ٺاهڻ ۽ ٻيا ڪيترائي لاڙا سنڌي ماڻهن ۾ انتها پسند هجڻ لاءِ دليل طور ڏئي سگهجن ٿا. طبيعت ۾ اعتدال گهٽ هجڻ ڪري، "ڪڏهن من ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن" جهڙي ڪيفيت لطيف جي شعرن وانگر مٿانئن ڇانيل رهي ٿي. چيو ويندو آهي ته بزدل ماڻهن جا هيرو هميشه ڏاڍا مڙس ٿيندا آهن. پر ائين به ڪونهي ته اسان ۾ بهادر نه رهيا آهن. اسان جا رهبر ۽ ليڊر جملي بهادر رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي ته جن اسان جي خدمت ڪرڻ کان وٺي اسان کي لٽڻ، ڦرڻ ۽ اسان کي راهن ۾ رولڻ ۾ انهن کي به ڊپ ڊاءُ ڪڏهن به محسوس نه ڪيو آهي، انهن پنهنجي خاص پروفيشن جي حوالي سان ڏاڍي بهادري ۽ شجاعت جو مظاهرو ڪيو آهي.

سنڌ ۾ ماسٽر ڏاڙيل، ميرو ڏاڙيل، گل ماڇي، صاحب ڏنو ماڇي، بهادر ڪوسو پرو چانڊيو، محبّ شيدي، بقادار شاهه ۽ ڳري ٽيهي کان وٺندي ابراهيم شيرو رند ۽ قادن نوحاڻي تائين بيشمار ڏاڙيلن پنهنجو نالو ڪڍيو آهي، جن جي ڏاڙيل ٿيڻ جي سببن جا ڪيترائي قصا سنڌ جي فضائن ۾ گردش ڪندا رهن ٿا. ميرو ڏاڙيل انگريزن جي دؤر جي آخري ڌاڪي جو ڏاڙيل هو ۽ ڪن وقتن ۾ سر شاهنواز خان ڀٽي جي خاص خادمن مان هڪ هو. سندس زندگي تي طارق اشرف هڪ ناول به لکيو آهي. طارق اشرف جيل ۾ هو ۽ هن قيد دؤران ميرو لانگهي عرف مير محمد لانگاهه جي روداد تي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اهو ناول لکيو هو جنهن جي ڊاڙيل ٽيٽ جو وڏي پر وڏو سبب پوليس جو ظلم هو. هونئن به ڪنهن به شريف ماڻهو جي ڊاڙيل ٽيٽ پر هين سببن سان گڏ وڏو سبب پوليس ئي ٿي سگهي ٿي جيڪا ڊاڙيل ڪرڻ کان وٺي ان کي پالڻ تائين جا ڪم فرض جو حصو سمجهي، ادا ڪندي رهي آهي.

وڏيرا، ڊاڙيلن جا بابا به آهن ته شيلٽر ۾ اپر هئنڊ به آهن، جن جي ڪيٽين ۾ جاگيرن جي بنگلن تي ڊاڙيل ڪتن ۾ ڪڪڙن سان گڏ پلبا رهن ٿا. جن کي پوليس پنهنجي وردي کان ويندي همدردي تائين سڀ شيون نهايت ئي فضيلت پرئي نموني سان حاضر ڪندي رهي ٿي ۾ ان سڀ ڪجهه کي هو پوٽارن جون پلايون سمجهي انجواءِ ڪندا رهن ٿا.

سنڌ پر بدامني جي بدصورت ہار کي ڄٽڻ پر پوليس، وڏيري ۾ ڊاڙيل جو ٽڪندو ماءُ ۾ ممتا وارو ہاجهارو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. جنهن ڊاڙيل کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ پر به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. اڄ سموري سنڌ پر هڪ دفعو ٻيهر ڊاڙيلن جي ٿهري ڪارروايئن جي خطرناڪ لهر اٿي آهي، جنهن مستقبل جي امن کي خطرناڪ انديشن ۾ وسوسن جي پيرن پر اچلي ڇڏيو آهي. وار تان ڪل لاهڻ وارن مبصرن سوچڻ شروع ڪيو آهي ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو نواز شريف جو دؤر واپس ايندي ئي سنڌ پر ٻيهر ڊاڙيل راڄ پنهنجا ڏند ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن، جڏهن ته پيپلز پارٽي جي پوئين دؤر پر نسبتن ٿڌڪار هئي. نواز شريف جي اڳئين دؤر پر ڊاڙيلن پنهنجو ڪنڌ ڪنيو هو ته آپريشن شروع ڪيو ويو جنهن پر سڪن سان گڏ ساوا به سڙي ويا هئا. اڄ وري ڊاڙيلن ہرن مان منهن ڪڍيو آهي ۾ عوام کان وٺي خاص ماڻهن تائين انهن جي رحم و ڪرم تي آهن. سوال اهو به اٿي ٿو ته آخر اهي ڊاڙيل اچن ڪٿان ٿا؟

سنڌ پر هڪ محتاط اندازي مطابق هن وقت هزارن جي تعداد پر ڊاڙيل موجود آهن. ڪاري ٻٽ ٻڌي ٻيلن پر ٻبرن جي وٽن هيٺان ڪلاشنڪوف کي مڇن وانگر تيل هڻي تيار ڪندڙ ڊاڙيل، جن هن وقت ٻهراڙين جا وڻ وڄائي ڇڏيا آهن. هونئن ته سنڌ پر مختلف ڊاڙيلن جي ڪا ڪوٽ ڪانهي، جن جو تعداد ڳڻيندي آڱريون سياست جي ايوانن کان وٺي وڏيرن جي اوطاقن ۾ سرڪاري آفيسن تائين ڳٽپ ڪندي ڪٿي پونديون، پر آئون پروفيشنل ڊاڙيلن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جن پنهنجي وارداتن جو دائرو اميرن ۾ لک پتين کان وٺي مسڪينن تائين ڦهلائي ڇڏيو آهي. سجاول ۾ کهڙا مان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهو اغوا ٿين ٿا. قومر قرآن شريف مٿي تي کڻي پيلن ۾ لهي ٿي تہ جيئن کين منٿ ميڙ ڪري سگهجي، پر سيني ڏٺو تہ هنن پروفيشنل گبر سنگهن مان اها عزت ڪرڻ واري اک مري وئي آهي ۽ هاڻي سنڌين مان ڌاڙيلن لاءِ اهو رومينٽڪ رويو ختم ٿي رهيو آهي، جيڪو ماضيءَ جي ڌاڙيل ڪلچر جو حصو هو. اڄ جي ڌاڙيلن لاءِ سنڌي ماڻهن ۾ اها ئي ڌڪار آهي، جيڪا ٽر جي ماڻهن ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ ڦريندڙ ۽ عورتن جي ڪنن مان واليون ڇنيندڙ مهندي لڳل وارن ۽ ڳاڙهين اکين وارن مارواڙ جي پاتي ڌاڙيلن لاءِ هوندي هئي، جن لاءِ هو اڄ ڏينهن تائين "پچ ڙي ڀاتي، آيا پاتي" جهڙي چوٽي سان پنهنجون نفرتون ۽ ڊپ ظاهر ڪندا اچن.

بي بي سي تان هليل انهي ڊاڪيومينٽري (Held to Ransom) ۾ سنڌ کي بار بار ڌاڙيلن جي ڌرتي (Land of Dacoits) چيو ويو آهي. جڏهن اها ڊاڪيومينٽري هلي، تڏهن ڌاڙا ۽ ڌاڙيل عروج تي هئا ۽ اڄ وري ظلم جي بازار گرم آهي جيڪا ڪنهن نئين ڊاڪيومينٽري کي دعوت ڏئي رهي آهي. اڄ جي ڌاڙيلن تي ٺهندڙ فلم ۾ شايد انهن لاءِ ايترو Honour نہ هجي، جيترو انهي فلم ۾ هو. اڄ جي ٺهندڙ ڊاڪيومينٽري جو نالو شايد Held to Kill (قتل ٿيڻ لاءِ باندي بڻيل) رکيو وڃي، جنهن کي ڏسي اڄ جا جهونا ۽ اڳي جا ڌاڙيل پنهنجي پيشي تي شرمساري جو اظهار ڪندي، شايد پنهنجا وار پٽين ۽ پنهنجي گناهن جي ڪفاري ۾ ڪنهن ڊگهي سجدي ۾ هليا وڃن.

(10 آگسٽ 1997ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# داتا جي در تي درد جو قافلو

اها بهار جي شروعاتي ڏينهن واري ٿڌي مٺي رات هئي، جڏهن هوا جي هيج ۾ بسنت جي سيج تي ٽڙيل گلاب ۾ درد ونڊ ڏرتيءَ جا ٻار آرهڙ جي ايندڙ لڪن جي احساس کان بي نياز ستا پيا هئا ۽ انهيءَ رات جڏهن سنڌ اجا سياري جي سرد خاني کان ٻاهر نڪري نہ سگهي هئي، جنهن ڪي هو سنڌ جي بي حسي چٽي رهيا هئا، جنهن ڪي هو سنڌ جي سرد مهري چٽي تاريخ تي طنز ڪري رهيا هئا- هو جيڪي سنڌ جي ناراض جوانيءَ جا نمائندا نوجوان هئا، جيڪي سنڌ جي بي حسي ۾ بي راهہ رويءَ جو فرياد پنهنجي لڙڪن جي لامن ۾ پوئي، پٽ ڏٺيءَ جي درٻار ۾ وڃي رهيا هئا. ڇو تہ هو سنڌ جا عاشق هئا ۽ سنڌ سان سندن ناراضگي سندن عشق جو عظيم اظهار هئي، جنهن ڪي هو پنهنجي امام جي آسڻ ۾ اورڻ لاءِ بيچين هئا. اهو ائن دلين جي درد جو قافلو ”هلو هلو ڪورئين“ جي تنوار تي تنبوري جي تار جيئن تڙپي رهيو هو. ڍاڳڻ جي سينڌ جهڙن سنسان رستن تي ڊوڙندڙ گاڏين جا ڦيٿا جڏهن عشق جي امام جي آڳر اڳيان رڪجن ٿا، تہ تمر فقير جو تسلسل پنهنجي الستي آواز سان اندر جي آڙاهہ کي اجا بہ تيز ڪري ٿو ڇڏي، ”مون ۾ تون موجود، آئون اسونهين آهيان“.

اهو عشق جي امام جو اڱڻ هو جتي پيار جا پانڌيئڙا زماني کان بي نياز نينهن جي ننڊ ۾ ستا پيا هئا. جمن شاهہ ۽ سندس ساٿي ڪاري ويس ۾ الو ميان جي آلاپ سان ڪنهن آڳاهين پنڌ جو سڏ ڏئي رهيا هئا. روح جهڙي روضي تي لٽل رات ستارن جي آڱرين سان ڪائنات جا اسرار اکيلي رهي هئي. تڏهن چنڊ صدين جو سودائي لڳي رهيو هو ۽ ستل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جسمن جي اوجاڳيل روحن تي ڇٽندڙ چانڊوڪي ڪائنات کي ڪل جي چادر ۾ ويڙهي رهي هئي. اها سنڌ جي سونهين جي آسڻ ۾ گذاريل رسامي جي رات هئي، جيڪا سنڌ تي فرياد هئي. جڏهن آصف جي اصرار تي پهتل قافلي جا سورنهن هٿ سنڌ جي ساماٽيل ناراض جوانيءَ جي صدا هئا، جيڪي سنڌ تي دانهن ڪٽي داتا جي دربار ۾ پهتا هئا. جيڪي پريل سگريٽ جي دونهين ۾ برهه جي باهه تي هٿ سيڪيندڙ گلاب فقير جي مستيءَ تي مست هئا. جيڪو استالن جي مچن وارو پٽ جو فقير دونهن کان ڊنل اکين کي اهو چئي ريجهائي رهيو هو ته "ابا! دونهون سونهون آهي، سڙڻ کان سواءِ ڪا واهه ئي ڪونهي". تڏهن منهنجون اکيون ڪشادي اڱڻ ۾ گهمندڙ انهيءَ وکريل وارن واري جرمن مسافر ڏيءَ ڏي کڄن ٿيون. جيڪا رات جي پوئين پهر ۾ نه جاڻ ڪهڙي جر ۾ پڇي رهي هئي، جيڪا بون ۽ فرئنڪفرٽ جا نائٽ ڪلب ڇڏي، هن "همه اوست" جي اڙانگي اڱڻ تي الائي ڇا ڳولي رهي هئي. ڇا هو لطيف جو رسالو هٿ ۾ کڻي پنهنجي وڃايل وجود جي تلاش ڪري رهي هئي يا ڪنهن جرمن دوست جي "جز" مان نڪري، لطيف کان "ڪل" جو ڪلمو سکڻ آئي هئي؟ ڇا ڪاڻ آئي هئي؟ "هڪڙو جرمن ته اهو به هو نه، جيڪو لطيف جي عشق ۾ پٽ تائين پهتو ۽ پوءِ مسلمان ٿي اتي ئي روضي جي ڇانءَ ۾ رهي پيو هو". حسن درس انهيءَ جرمن کي ڏسي هڪ فقير کان پڇيو ته منهنجو ذهن وري انهيءَ جرمن جوڳي کان ٿيندو فقير جي انهيءَ آهه جهڙي آلاپ تائين وڃي پهتو:

ان در سيئي اگهيا، جن وڃايو وجود،
آءُ اسونهين آهيان، آئون اڳاهين آهيان.

جمن شاهه جي جوت وٽان دکيل دليون جڏهن مرشد جي روضي اڳيان رسن ٿيون ته صدائن جا سٽ کلي ٿا پون. آئون پنهنجي آلين اکين کان اوجهل جڏهن مقصود، آصف، حسن، بخشڻ، عبد، سرتاج ۽ حليم باغيءَ جي اکين ڏانهن ڏسان ٿو ته مون کي لڳي ٿو ته سنڌ کان ناراض اکيون ۽ اداس دليون ڪن اهڙن چپن لاءِ بي دامن ڇنڊي سگهن، جن وٽ هو سنڌ جي تاريخي بي حسي ۽ مجرمانه خاموشيءَ تي فرياد داخل ڪرائي سگهن، پر ڪاش! هوائين ڪري سگهن. ڪاش هوائين چئي سگهن ته:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"اي اسان جا عشق جا امام!

اج اسين تنهنجي در اڳيان دلين جو دان کڻي آيا آهيون. انهن دلين جو جن سدائين درد ڏنا، جن تنهنجي بي حس ۽ نابين ديس جي تهمتن کي تمغن جيان سجائي رکيو. جن پنهنجي ڌڙڪنن ۾ تنهنجي سنڌ جا سڏڪا سانڍيا. پر تنهنجي سنڌ، صاحب تنهنجي سنڌ! انهن ڪاڪ جي ڪڪوريل جوانين کي ٿهر جي ڪاريءَ رات ۾ واهيات رسمن جي ڪهاڙين سان ڪٺو. جنهن تنهنجي عشق جي راهه تي رلندڙ سسئين کي محبت جي ڪيچ مڪران کان اڳي ريتن جي روهه ۾ رولي ڇڏيو. انهيءَ سنڌ تي فرياد آهي، جنهن جي سڪار لاءِ تو سڪائون ڪيون، جنهن کي تو سونهن، سچ ۽ ساڃاهه جا سبق پڙهايا. پر هو ڪوڙ بدصورتي ۽ جاهليت تي به جالي ويئي. تو جنهن سورهيائي ۽ دليريءَ جا درس ڏنا. تو جنهن کي مارئيءَ جهڙو مثال ڏئي آزاديءَ جا سهانا سپنا ڏيکاريا. تو جنهن کي هر دؤر جي عمر ۾ آمر کي للڪارڻ جي لئه سيکاري، سا سرڪار تنهنجي سنڌ! غلاميءَ جهڙي گار کي اڃا به آزاديءَ جهڙي پيار تي ترجيح ڏيندي اچي. جيڪا اڃا تائين تنهنجي سن واري پوڙهي عاشق جي اهنسا واري انداز کي سمجهي نه سگهي. ۽ تو ڏٺو ته تنهنجي سپ کان وڏي عاشق آءِ آءِ قاضيءَ جي قائم ڪيل مادر علميءَ جي مقدس ديوارن کي هڪ "عاشق" جي خون سان وهنجاريو ويو. تنهنجي ديس جي هر گهٽي نئين ڏينهن نوان گهاءَ چٽي ٿي. معاف ڪجان مرشد! تنهنجو محبتن جو ديس هڪ اهڙو مقتل ٿي چڪو آهي، جتي محافظ جلاد ٿي چڪا آهن. گل محمد جي بدن تي پؤنڪندڙ لٺيون تنهنجي لئون جي لات کي للڪاري رهيون آهن. هتي پوليس اهو پاپ جو پيرو ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ رشوت عيوض مقدس پکين جهڙا روح رهڙيا وڃن ٿا. تنهنجي سنڌ، اهو بيابان ٿي چڪي آهي، جتي پنجن سالن جي معصوم انعم جي ساهه جي ڪچڙي ۽ ڪومل ڪليءَ کي حوس جي هاٿيءَ هيٺان چيپاٽيو وڃي ٿو ۽ تون ڏسي رهيو آهين. تون ڏسي رهيو آهين ته تنهنجي سنڌ جي سياست انهي لٽيل ۽ ويران بازار جهڙي ٿي پئي آهي، جنهن کي ڏسي هينئڙو لوڻ ٿي رهيو آهي. عوامي خدمت جي نالي ۾ عوامي ذلت ٿي رهي آهي. لالا جهانگير جو لاش انهيءَ نام نهاد سياست جي جهوليءَ ۾ پيو آهي، جيڪا ڪوڙ جي ڪاروبار کي جمهوريت جي لاءِ جدوجهد جو نالو ڏيئي رهي آهي. جيڪا پنهنجي "راڻي" جي ڳچيءَ ۾ قاتل رسيءَ جا ڳاڙها داغ وساري چڪي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا اقتدار جي بحالي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي وچ وارو فرق به وساري ۽ وڃائي چڪي آهي.

پٽ ڏٽي! ڇا توکي اها به خبر ناهي ته اها ڪاروباري سياست تنهنجي نالي جا نيئر وجهي، ماڻهن کان نوٽ ۽ ووٽ پني رهي آهي! تنهنجو نابين ديس، عشق، علم ۽ عقل جي نور کان انڌو ٿي چڪو آهي. تنهنجي سنڌ عاشقن جو اهو قبرستان ٿي چڪي آهي، جنهن جي قبرن جا ڪتبا بي رحم کهاڙين لکن ٿيون. تنهنجي ديس جا ماڻهو محبت ۽ نفرت، عزت ۽ ذلت، بهادري ۽ بزدلي، شرافت ۽ بدمعاشيءَ جي وچ وارا سمورا فرق وساري چڪا آهن. هتي غيرت روين مان اڏامي پٽڪي جي ورن ۽ ٽوپيءَ جي ٽڪن ۾ اٽڪي پئي آهي. خصيص خواهشن جي تڪميل ۽ حقير حسرتن جي حاصلات زندگيءَ جي حقيقت سمجهي وڃي ٿي. علم جو سفر روشنيءَ جو سفر آهي، پر هتي علم جو سفر ڊگرين جي ڏگر تي طئي ٿئي ٿو ۽ اهو روشنيءَ جو سفر نيرن ڳاڙهن نوٽن جو سفر ٿي چڪو آهي.

تون ٻڌاءِ سيدا! تنهنجي ديس کي ڇا ٿي ويو آهي؟ تنهنجي ديس جي ماڻهن ۾ نه عاشقيون رهيون، نه عبادتون رهيون. هتي پنهنجي پنهنجي ذات ۾ ويٺل انائن جي ديوتا کي پوڄڻ عبادت جي رسم ٿي وئي آهي. تنهنجو ديس پنهنجي غليظ غلطين کي سمجهڻ کان پري ٿي، انهيءَ شعر تي يقين ڪري ٿو ته "جڻ نظر لڳي ويئي، هن گهر جي بهارن کي". پر داتا! نظر انهن کي لڳندي جيڪي نينهن جا ناز ۽ انداز ڄاڻن، پر جيڪو ديس نفرت ۽ ناٽڪ جي نرت ڪلا تي نچي، انهيءَ کي نظر به ڪهڙي لڳندي؟ اسان اڃا به انهيءَ خود فريبيءَ جي خول ۾ قاتل آهيون ته سنڌ کي نظر لڳي وئي آهي. هي اڄ جو بي نظر ۽ بي نور ديس پنهنجي عشاقن کي سمجهڻ جو منڪر ٿي بيٺو آهي. انهن عشق جي آڇپي جي سيني آوازن کي "لبيڪ" بجاءِ "لا" چئي ٺڪي رهيو آهي، جيڪي اڄ به ماضيءَ جي مزار مان:

"جاڳو جاڙيجا! سما سک م سمهوا"

چئي اٿاري رهيا آهن. پر هيءُ ديس تاريخ جي ڪنهن اهڙي مردود گنبذ ۾ مدفون ٿي چڪو آهي، جو اڄ اسان هن مندر ۾ هن محبوب سنڌ سان پنهنجي شڪايتن، ڪاوڙن ۽ رسامن جون چٽنگون ڪٽي، تو در اڳيان پهتا آهيون. تون هنن سورنهن هٿن جي ناراض جوانيءَ جو قبلو آهين. اسان جو هي فرياد هن ديس کان دوري ڪونهي، پر هڪ اهڙي بغاوت جو لقاءُ آهي،



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جنهن کي تو محبت چيو هو. هيءَ حجت هيءَ محبت آهي، تہ تون سنڌ کي سمجهاءِ، هن ناراض نسل جي عرض کي اگهاءِ.

آئون اڃا سنڌ جي ناراض عاشقن جي اڻ چيل فرياد کي سندن اکين جي آرسيءَ مان پڙهي رهيو هوس، تہ لطيف جي آسڻ مان ايندڙ 'الا هو الا هو'..... جي اوچتي آواز منهنجي سوچ جي چرخي کي روڪڻ شروع ڪيو تہ مون آسمان ۾ اٽڪيل ڪنهن گداگر جي ڪشڪول جهڙي چنڊ تي هڪ نگاهہ وجهي، هڪ ڊگهو ساهہ کڻي، انهيءَ سموري دانهن جي درد کي ٻاهر ٻاڦڻ جي ڪوشش ڪئي- پر اهو هن ديس جي دان جهڙو درد فقير جي انهيءَ الستي آواز سان اندر ۾ ٻيجي ويو:

معلوم حال حبيب! مون کي درد قديمي، ووا!
درد جديدي ۾ ووا!

(سومر 1 مارچ_1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سوڪالڊ سياست مان ماڻهن جي مايوسيءَ واري ماجرا

اڳئين پيري علي قاضيءَ سان هڪ ڪچهري دوران هاڻوڪين حالتن ۾ آئندي جي انديشن تي ڳالهه ڪنديءَ ذڪر اچي بيٺو ماڻهن جي سياست ۾ دلچسپي وٺڻ يا نه وٺڻ جو. علي قاضيءَ جو خيال هو ته ماڻهو گذريل ڪجهه حڪومتن جي ڪارڪردگين ۽ ساڻن ٿيل جنين جي ڪري وڌيڪ Politicise ٿي ويا آهن، ڪين بري ڀلي جي تميز ٿي آهي ۽ انهيءَ ڪري اهي تحريڪن ۾ حصو نٿا وٺن. ڇو ته هو سمجهن ٿا ته اهي آزمايل چهرا کين ڪجهه به نه ڏيندا سواءِ پريشانين، مسئلن جي انبار ۽ رسوائين جي. پر علي قاضيءَ جي موقف سان اختلاف رکنديءَ منهنجو چوڻ هو ته عوام جو اهڙين جنين ۾ هاڃن سهڻ ڪانپوءِ سياست تان ارواح ڪڃي ويو آهي ۽ هاڻي هو سياست کي فقط نوٽن ۽ ووٽن جو ڪاروبار سمجهنديءَ انهيءَ شيش محل مان نڪري وڃي مايوسيءَ جي ڍبڻ ۾ ڦاٿو آهي، جتان نڪرڻ جي واهه جي به ڪيس خبر ناهي.

تاريخ جو ننڍڙو شاگرد هئڻ ناتي اها ڳالهه مون شدت سان محسوس ڪئي آهي ته هن خطي جي مخلوق ڪا ايتري Ambitious نه رهي آهي. تاريخ جي ور وڪڙ وارن رستن تي رلي ڏسو ته جنهن قوم اڄ ڏينهن تائين ڪو هڪ به قابل ذڪر ڪارنامو سرانجام نه ڏنو آهي، اها قوم پنهنجي تحت الشعور ۾ هڪ اهڙي احساسِ جرم (Guilt) ۾ ڇو نه مبتلا ٿئي، جنهن تي عربن جي وقت کان وٺي شريفن جي وقت تائين هڪ گرهه ڏنو ويو آهي ته پيو کسيو ويو آهي. ڪڏهن لٽ ته ڪڏهن چٽ هن ملڪ جي بدنصيب



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عوام اڄ سوڌو نہ مڪمل تباهي ڏٺي آهي، نہ مڪمل جمهوريت ڏٺي آهي، نہ پرپور آمريت ڏٺي ۽ نہ ئي ڪنهن خوشحاليءَ جو خواب سندس اکين مان گذريو آهي. انهيءَ ملڪ جي عوام جي نفسيات ڪهڙي تي سگهي ٿي؟ ننڍي کنڊ جي ڪيڪ کي ٻن حصن ۾ ڪٽي هڪ کي دنيا جي وڏي جمهوري نظام جو خطاب ڏنو ويو تہ ٻئي کي جنرلن، جلادن، جاگيردارن، بيورو ڪريٽن ۽ جابر ججن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو. اڄ پاڻ انهيءَ ننڍي کنڊ جي قومي ڪيڪ جي ڪتيل ڀرئين حصي تي ذهن جو زنگ لاهي رهيا آهيون، جيڪو وائيس ريجنسي (Vice Regency) نظام جي باقيات بيورو ڪريسيءَ جي بي رحم ٻهانن تي ٻهلڻ لاءِ ٺهيو. جيڪو پنجويهہ سال بي آئين پٽڪيو ۽ پوءِ جيڪو آئين ٺهيو انهي پوتارن جا جيڪي پلا ڪيا، اهي سيني ڏٺا. جنهن ملڪ جي ماڻهن گوري سرڪار جي مهربانيءَ طور مليل مايوسي ۽ ملڪ کي گڏ قبول ڪيو ۽ اڄ تائين انهي مايوسي ۽ ملڪ جي گهري نسبت کي پنهنجي نياڳ ۾ نٽا ڳڻن تہ اها سندن چڱائي چئبي. سالن کان مايوس رهندڙ ماڻهن جي مقدر تي جڏهن پاڻ اڄ طنز ڪري رهيا آهيون تہ اهي ڊي پوليٽيسائيز (سياست کان پاسيرا) ٿي ويا آهن تہ پاڻ هن ملڪ جي ٺهڻ واري ماجرا کي ڇڏي فقط مايوسي ۽ محروميءَ کي الزام ڏيون ٿا. ڇو تہ پاڻ سمجهون ٿا تہ هڪ ڊگهي عرصي کان مايوس ڪندڙ سوڪالڊ سياست ماڻهن کي مايوس ڪندڙن کان پري نہ ڪٽي ويندي يا لاتعلق نہ ڪندي تہ ٻيو ڇا ڪندي- ۽ اهو بہ سمجهون ٿا تہ ڪنهن بہ سماج يا قوم جي نفسيات سدا سريکي رهڻي ناهي. حالتن ۽ وقت سان گڏ انهيءَ ۾ تبديلي اچڻ فطري موڙ آهي. انهيءَ ڪري اهو بہ سمجهڻو پوندو تہ ماڻهن جي سياست کان بيزاري يا Depoliticization سدائين رهڻي ناهي. سماجي سائنس ۽ سماجي نفسيات جا ماهر جيڪڏهن هن ملڪ جي عوام جي ذهني تبديليءَ کي ڪنهن امڪاني تباهي، سول وار يا هالوڪاسٽ کان شروع ڪن تہ پاڻ ڇا ٿا چئي سگهون؟ ڊگهي عرصي جي محرومي ۽ مايوسي، ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جو احساس، بيوسي ماڻهن کي هاٺوڪي لاتعلقيءَ واري سوچ تائين نہ ڪٽي اچي، تہ ڇا ڪري؟ ماڻهو انگريزن جي دؤر سان گڏوگڏ هن ملڪ جي ٺهڻ کان وٺي مايوس ۽ محروم رهيا آهن. قائداعظم جي موت، لياقت علي خان جي "اعليٰ لياقتن" ۽ انهن جي سيني ۾ لڳل گولي، گورنر جنرل غلام محمد جي رعنائين کان وٺي ايوبي آمريت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تائين ماٺو مايوسين ڏانهن وڌندا ويا. ڊرائنگ روم ڊڪٽيٽرشپ ۾ ماڻهن جي سياست کان پري هجڻ ڪين مايوسين ۾ نااميدين جي مرهتان معذور ڪري ڇڏيو آهي. بس هن ملڪ جي نهڻ کان وٺي اڄ تائين فقط ڀتو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن ماڻهن کي اندا منڍا خواب ڏيکاريا. روٽي ڪپڙا اور مڪان جي نعرن ۾ حسين لالچن ماڻهن کي روڊن تي آندو ۾ هو رقص ڪرڻ سکيا. پر ڀٽي جي پنجن سالن جي ماڻهن سان اقتداري عشق ڪانپوءِ ڇا ٿيو؟ توهان پاڻ ڏٺو ته 77ع جي اليڪشن ۾ انهيءَ قائد عوام هٺ جي صفائيءَ جو سهارو ورتو پي اين اي جون ترڪيون ۾ جناح ڪيپ ٽوپيون گهميون ۾ اصغر خان جي جلسي ۾ ماڻهو ويا. جيڪڏهن چئجي ته ڀٽي ئي ماڻهن کي جمهوريت جي خوابن جي هلڪي جهلڪ ڏيکاري ته غلط ناهي. نه ته هن موچڙن جي ماريل مخلوق سياست ڏٺي ڪٿي آهي! هنن ته فقط جمهوري آمريتون ڏٺيون آهن. جنهن کي پاڻ Dummy Democracies چئون ته به محتاط ٿيڻو پوندو. مون کي اجازت ڏيو ته آئون هتي استعمال ٿيندڙ لفظ ڊيموڪريسي جي لکٽي کي ڦيرائي لکان DAMN – O – CRACY جنهن جو مطلب توهان گڏريل ڪجهه جمهوري حڪومتن کي سوچي سمجهي سگهو ٿا. انهن نام نهاد جمهوري حڪومتن تي جيڪا طنز ايماڊنڪن ۾ ڪرسٽينااليمب ڪئي آهي، تنهن جو جواب هتان جو ڪهڙو جمهوريت پسند دانشور ڏيندو؟ اڄ جيڪڏهن اهڙن اهڙن هاڃن ڪانپوءِ به ماڻهو سياست مان ويساهه ڪڻن ٿا ته پاڻ ڪين ڪهڙي ميار ڏيون. چوندا آهن ته پنهنجي وڏيءَ جو نه ڪو ويڄ نه طبيب. هاڻوڪين حالتن ۾ ماڻهن جي سوچن کي ڏسي، جيڪڏهن اقبال جو اهو شعر لکجي ته غلط نه ٿيندو ته:

اٹھا کر پھینک دو باہر گلی میں،
نئی تہذیب کے انڈے ہیں گندے۔
الیکشن، ممبری، کونسل، صدارت،
بنائے خوب آزادی نے پھندے۔

جڏهن اها ڳالهه اسان سڀ تسليم ڪريون ٿا ته ڪو به سماج سياست کان سواءِ ساهه کڻي نٿو سگهي، سياست جيڪا زندگيءَ جي سڀني شعبن (Walks of Life) جي ماءُ آهي. جيڪڏهن توهان انهيءَ ڳالهه سان متفق آهيو ته پوءِ اها ڳالهه به مڃو ته هتي زندگيءَ جي سڀني شعبن جا رنگ اڏامي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڪا آهن ۽ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ جيئڻ پوءِ تيئن زهر پي جندو ڏسندي به خاموش ڇو آهن؟ ائين ڪو نه ٿا چئون ته ماڻهو زندگيءَ کان بيزار آهن، پر اهو ٿا چئون ته انهي سياست جي سومل جي سيني انگل آرن تان ماڻهن جو ارواح ڪچي ڇڪو آهي. مان جيڪڏهن چوان ٿو ته ماڻهن جي سياست بيزار (Depoliticization) ٿيڻ جي هڪڙي علامت اها آهي ته ماڻهو نواز مخالف تحريڪ دؤران روڊن تي نڪتا ته منهنجو اهو قطعي مقصد ڪونهي ته ماڻهو ڪو بينظير کي واپس اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ نه نڪتا. پر آئون اهو ٿو چوان ته ماڻهو پنهنجو جيئڻ جنجال ڪندڙ جابر حڪمران خلاف به گهر جي چائنٺ نه ٽپيا. جيڪڏهن سياسي سوچ سندن اندر هجي ها ته "دشمن جو دشمن به دوست" واري پهاڪي جو پاسو وٺي، بينظير جي "نواز هٽايو" نعري پٺيان رستن تي رلي اچن ٿا. پر هو ڪو نه نڪتا. پنهنجي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تباهيءَ تي به رستن تي ڪو نه آيا. يعني ته ماڻهن احتجاجي سياست جو اهو گس به نه اپنايو جنهن سان کين نجات ملي پئي سگهي. ائين ڇو ٿيو؟ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ته حصو وٺندڙ عوام هڪ جنرل کي غير آئيني طريقي سان ايندي ڏسي به خاموش ٿيو بلڪ خوش ٿيو. اها ڪهڙي سياسي سوچ آهي؟ نواز شريف سندن گهر جي چلهه جي جهيٽي آگ به وسائي ڇڏي ته به هو چپ رهيا. ايامن کان جاگيرداري نظام جي گهاٽي ۾ گهوٽجندڙ عوام اڃا به جاگيردارن کي ايوان ۾ موڪلي پنهنجي تباهي جا سامان ڪنا ڪري ٿو. پوءِ به اسان چئون ٿا ته ماڻهو Politicized ٿي ويا آهن.

پيپلز پارٽي جاگيردارن جي نمائنده جماعت آهي. جاگيرون ۽ ڪيترين وڏيرن کان ڦري ماڻهن کي ڏيڻ واري واعدي تي پٽي پويان لڳندڙ ماڻهن ڪڏهن به پٽي کان نه پڇيو ته سندس نئين ديري ۾ ڳڙهي خدا بخش ۾ ڪيترا هزار ايڪڙ زمين آهي. جتي يوسف لغاري ۽ پليجو اليڪشن ڪتي نٿا سگهن ۽ بشير چانڊيو ۽ ارباب ڪتي ٿا اچن، اهي ماڻهو ڪهڙي تبديلي چاهين ٿا؟ ڇا تبديلي چاهڻ ۽ ان لاءِ وس ۾ هوندي به ڪجهه نه ڪرڻ سياسي سوچ ٿي سُگهي ٿي؟ باقي پريس ڪلبن تي اچي پاڻ ساڙڻ پست ذهني ناهي ته ٻيو ڇاهي؟ منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن مسئلن جي حل لاءِ خودڪشيون ۽ خودسوزيون سندن پوليٽيسائيز ُهجڻ جو دليل آهي ته پوءِ انهيءَ لاءِ ٻيو ڪو نالو تجويز ڪرڻو پوندو. ذاتي مسئلي جي حل لاءِ به ڏينهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هاڻ گهوڙا ڪري وري ساڳيا پير ساڳيا پنڌ وٺڻ ڪي Personalization چئي سگهون ٿا. نه ڪي پوليٽيسائيزيشن. منهنجي ذاتي خيال ۾ ماڻهو يا ته پرسنلائيز ٿي ويا آهن يا قنوطيت پسند (Pessimist) ٿي ويا آهن. ڊگهي عرصي جي مايوسي فطري طور تي ماڻهن کي قنوطيت پسندي ڏانهن آڻي سگهي ٿي. جڏهن هو چوڻ لڳن ته سڀ خراب آهن، سڀ ننگ آهن. عوام جي پوليٽيسائيز هجڻ جو هڪڙو معيار اهو به ٿي سگهي ٿو ته ماڻهن کي پتو هجي ته هو ڇا آهن ۽ ڇا ڪري رهيا آهن؟ پر آئون سمجهان ٿو ته هن ملڪ جي ننڍڙڪي مخلوق کي اهو به پتو ڪونهي ته هو ڇا ڪري رهيا آهن؟ جي ڪجهه نه ڪري رهيا آهن ته ڇو نه ڪري رهيا آهن؟ جي ڪري رهيا آهن ته ڇا ۽ ڇو ڪري رهيا آهن؟ هڪ اڻ سمجهو ۽ بي سمت سفر هن ملڪ جي ماڻهن جي مقدر ۾ لکجي رهيو آهي ۽ هو اکيون ٻوٽي نار جي ڍڳي وانگر ڏکيو سکيو زندگي جو مرحلو طئه ڪري رهيا آهن. هو اسٽيٽسڪو کي ٽوڙڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪري رهيا آهن- بس رڳو غالب وانگر:

بيٺي رهين تصور جانان ڪيئي هُوئي.

هٿ تي هٿ رکي ويٺا آهن. آئون چوان ٿو ته هن خطي جي خلق جا ذهني، سياسي، سماجي ۽ اخلاقي بنياد ئي ڪمزور آهن. ڊگهي عرصي جي محرومي (Long term deprivation) جي ڪري ماڻهن جي ذهني غربت مضبوط ٿي ۽ اهي خوف ۽ لالچ ۾ جلدي جڪڙجي ويا. توهان غور سان ڏسو ته ڇتو نظر ايندو ته هتان جا ماڻهو انهن ٻنهي شين جي اثر ۾ رهندي حرڪت ڪن ٿا. ڪنهن به شئي جو احساس ڪرڻ ڪانئن ڪوهين ڏور آهي. جپاني ۽ جرمن قومون دنيا جون انتهائي جهيڙاڪ قومون Noisy nations هيون، پر اڄ اهي ٻئي خاموش رهيون آهن. تباهي انهن کي سڀ ڪجهه سيکاريو ۽ اهي ريئلائيزيشن تائين پهچي ويون. پر هتي اهڙو ڪجهه ڪو نه ٿيو آهي، نه تباهي ٿي آهي، نه ترقي ٿي آهي. سياسي ۽ سماجي شعور جي اوسر ۾ تعليم جو بنيادي ڪردار آهي، پر هتي تعليم جيئن پوءِ تيئن زوال پذير آهي. جيڪا سٺ ۾ هئي ستر ۾ نه رهي ۽ جيڪا تڏهن هئي، اها اڄ ناهي. جيڪو باشعور ڪلاس سٺ جي ڏهاڪي ۾ ون يونٽ جي دؤر ۽ بنگال جي ورهاڱي وقت آيو سو اڄ ڪونهي. جيڪا سياسي گرمي ايم آر ڊي جي دؤر ۾ هئي، اها ڪالهوڪو ڪفر آهي. ڏنو وڃي ته گذريل دؤر انهن مڙني دؤرن کان وڌيڪ تباهه ڪن هو. احتجاج ۽ تحريڪن لاءِ جيترا



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

محرڪ گذريل ڪجهہ سالن پيدا ڪيا آهن. ايترا ايوب ۽ ضياءَ جي مارشل لائن دوران بہ نہ هئا. عوام جي ذهني سطح جيڪا اڄ آهي، سا ڇا اڄ کان ڏهہ سال پوءِ بہ رهندي؟ جڏهن اسان ڏسي رهيا آهيون تہ تعليم تباهي جي آخري ڪناري ڏانهن وڌي رهي آهي؟ چون ٿا تہ ماڻهن کي سيٽلائيٽ جي طوفان وڌيڪ سجاڳ ۽ باشعور ڪيو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ انهي انفرميشن ٽيڪنالاجي جي سيلاب ماڻهن کي منجهائي واڻڙو ڪري وڌو آهي. ماڻهو ڏسن ٿا تہ اسين ڪٿي آهيون ۽ هو ڪٿي آهن. هر نئين ۽ تڪڙي تبديلي يا ترقي کي سمجهڻ لاءِ شعور جي سطح گهرجي ۽ اها تعليم کانسواءِ ڪيئن ممڪن آهي؟ ڪجهہ عدد انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ تعليم پرائيندڙ مراعت يافتہ ڪلاس عوام ڪونهي. عوام اهو آهي جيڪو لس ٻيلي کان وٺي لنڊي ڪوتل تائين ڊش اينٽينا جي اڳيان ٽي وي چينل تي وات ڦاڙيو ويٺو آهي. هتان جي عام ماڻهن تي قلم جو قهر ڪيترو بہ ڪڙڪي سگهي ٿو پر پڙهيل لکيل ۽ سوڪالڊ ڪلاس بابت ڇا ٿا چئو جيڪي توهان جي پر مان لينڊ ڪروزر گاڏين جي اسڪريچ هٽندي گذري رهيا آهن؟ انهن جي ذهني سطح ڇا آهي، اهي ڪيتر اپوليٽيسائيزڊ آهن، اهي ڪيترا سولائيزڊ آهن؟ جيڪي انهيءَ عوام کان ووٽ وٺي ايوان ۾ اچي ويهن ٿا جنهن جي پوليٽيسائيز هجڻ لاءِ اسان دليل بازي ڪري رهيا آهيون؟

(آچر، 31 آڪٽوبر، 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# وسريل واٽن جا مسافر

هاڻ جڏهن هن ملڪ ۾ سياسي نعرن جي موسم موٽي آئي آهي، ڪافي وقت کان سياست جي سرد ٿي ويل بدن ۾ تحريڪن جي تپش تيز ٿيڻ لڳي آهي، تہ هُو انهيءَ سموري سياسي کيل تماشي ۾ ڪرڪيٽ جي ٻارهين کلاڙيءَ وانگر خاموش ويٺو آهي. هُو جنهن جي چپن جي ڇانٽ تي مٽي جمي وئي آهي ۽ ڪيتري عرصي کان وٽي ڪنهن نعري يا انقلابي گيت جا پير نہ پيا آهن. هاڻ هو اڳي جيان سياست جي سمونڊ جو اهو نچندڙ سيگل نہ رهيو آهي. ڇو تہ هاڻ هُن کي زنجيرن جا ذلف نٽا ڇڪين ۽ رت ۾ مينديءَ جو اهو رچاءُ بہ نہ رهيو آهي، جنهن جي ڪاڻ هو رستن تي پنهنجي روح جو جهنڊو هٿ ۾ کڻي نڪرندو هو. هُن جو ڪيسو تہ اڄ بہ واپاريءَ جي دل وانگر ويران آهي، پر هُن جي سيني ۾ اهو سُرور ۽ دماغ ۾ اها گرمي نہ رهي آهي، جنهن جي رڳن ۾ ڪروڙن ماڻهن جي مرادن ۽ اميدن جو ردم هو. اڳي هو جلسن ۾ اڪيون پير ڪري ويندو هو ۽ هاڻ هُن انهن ڏانهن پيرن جون اکيون بہ پوري ڇڏيون آهن. هو ظالم زماني جو اهو لٽيل مسافر آهي، جنهن جون خواهشون، خواب ۽ پيار وقت جي ويري ليڊرن هٿان ڏينهن ڏٺي جو لٽيا ويا. اڄ هو پنهنجي گهر جي ديوار تي ٽنگيل ماضيءَ جي محبوب فيض جي شعر کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندو ۽ ڏڪندو رهي ٿو:

قتل گاہوں سے چن کر ہمارے علم
اور نکلیں گے عشاق کے قافلے
جن کی راہ طلب سے ہمارے قدم
مختصر کر چلے درد کے فاصلے



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هاڻ تہ هُن انهيءَ شعر جي هم آغوش انهن محبوب رهنمائن جون تصويرون بہ لاهي ڇڏيون آهن، جن جي تقريرن جي تال تي هو ڪڏهن روح جو رقص ڪندو هو. اج هن جي تنَ جون سڀ تارون ٽٽي چڪيون آهن ۽ هُن جو سرير انهيءَ سُرندي جيان وقت جي پيڙ ۾ پچي ۽ پُري چڪو آهي، جنهن جا سڀ سُر سياست جي ميران ہائي سان گڏ موڪلائي ويا آهن. ڇو تہ هو انهيءَ دؤر جو امين آهي، جڏهن سياست سنيهہ هئي، عشق هئي، اميدن جو آشرم هئي ۽ اج جڏهن سياست واپار ٿي چڪي آهي، رپئي جي راند آهي، ناٽڪ جو ناٽڪ آهي، تہ هُن جو من انهيءَ منافقي جي منڊلي تان ايئن ڪچي ويو آهي، جيئن مومل جو مَن، راڻي پڇاڻان ڪاڪ ڪان رُسي ويو هو.

توهان ڇا بہ سمجهو پر اهي سٽون انهيءَ مايوس منظر جي ماجرا آهن، جنهن ڪان اج اسان جون اکيون اوپريون آهن. هي انهيءَ درد جو داستان آهي، جنهن کي توهان پنهنجي ٻوليءَ ۾ سياسي ڪارڪن چئو ٿا ۽ جنهن کي مان پنهنجي ٻوليءَ ۾ وسريل واٽن جو مسافر چوان ٿو. جنهن جي حياتي اسان جي زندگين تان زنگ لاهيندي ڪاري ٿي وئي، جنهن جا نيڻ اسان جي روح جي رابيل تي ماڪ وسائيندي مُرجهائجي ويا. جنهن ۾ خواب ڪڏهن ڪتوريءَ جيئن مُرڪندا ۽ مهڪندا هئا. اج جڏهن سياست فقط اقتداري ايوان جي ڳاڙهن ڪارپيٽن تي ليٽاڙا پائڻ جو نالو وڃي رهي آهي، تہ هن ملڪ جي ماڻهن جا هيرو سياسي ۽ انقلابي نہ پر پوليس جا آفيسر آهن. جڏهن ڪان سياست جي سمفني تي ڪارڪن ڪابر جا گيت ۽ ڏنون ٽٽيون ڏڙڪن، تہ سياست ائين آهي جيئن سُر بنا سارنگي. آئون هي سِٽون لکندي، هن بدنصيب ملڪ جي تقدير تي طنز بہ ڪري سگهان ٿو تہ هي وڏوا جي مٽي جهڙو ملڪ جنهن جي اکين ۾ حقيقي جمهوريت جو خواب گهايل پکي جيئن رت ڳاڙيندو رهيو آهي، تنهن پهريون پيرو نئين ديري جي پٽي ڪان سياست جي ڏُن سکي ۽ رئيسن، خانبهادرن ۽ راءِ بهادرن جي راڄ ۾ رهندڙ رعيت کي فيض جي اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ آئي تہ:

"بول کہ لب آزاد ہیں تیرے، بول، زباں اب تک تیری ہے"

۽ پوءِ سيني ڏنو تہ سالن ڪان لوهہ جا ڇٽا ڇباڙيندڙ خلق جي وات ڳالهائڻ سکيو. ماڻهن کي اها بہ خبر پئي تہ زبان جو ڪم ذائقي ڪان مٽي ڳالهائڻ بہ آهي. سياست جي واڳ پٽيلن ۽ خليفن جي هٿن مان نڪري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارڪنن ۽ ورڪرن جي هٿن ۾ آئي. سدائين ڪان پوتارن اڳيان ٻي ڏوهہ ڏڪندڙ هٿن سياست جا جهنڊا فولادي هٿن سان ڪنيا ۽ ڊرائينگ رومن ۽ اوطاقن ۾ ڪانٽن ۽ چمچن سان ڪٽڻ ۾ قيد ٿيل سياست کي دلين جو دڳ مليو ۽ هوءَ آزاد هوا ۾ گيت ڳائڻ لڳي. سياست کي خدمت ۽ عبادت سمجهندڙ ڪارڪنن جو هڪ وڏو انگ تيار ٿيو جنهن ون يونٽ ڪان وٺي ايم آر ڊي جي تحريڪن تائين رستن جي سينن تي رُلندي، رمندي، وڙهندي ۽ مرندي، هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي. وڏيرڪي غلاميءَ جا نيئر ٽٽا، نئين سياست جا نوان نعرا آيا. جنرل ضياءَ جي آمريت کي للڪاريندڙ اهي ئي سياسي پارٽين جا ڪارڪن، جن ڦوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجي محبوبائن جي ياڪرن کي الوداع چئي، سلاخن سان سنگت رکي، جيلن ۽ ٽارچر سيلن سان دوستي نڀائي، جن پنهنجي ڦوڪن سان ڦلاريل ڦوهہ جواني ڦٽڪن جي نانءُ ڪري ڇڏي، جن جي سينن تي ڇهبڪن جا چيٽ اڄ بہ ساوا آهن. جيڪي جڏهن مسڪين مخلوق جي مقدر کي بدلائڻ جا خواب اکين ۾ ڪٽي پنهنجي مائرن ڪان موڪلائي نڪرندا هئا، تہ گهر ۾ آڪاش جي انهن سِٽن جهڙيون يادون ۽ درد ڇڏي ويندا هئا:

او امان! او امان!
منهنجي جيجل امان
جيڪڏهن رات جي رهزنن جي هٿان
مان بہ ماريو ويجان پنهنجي ساٿين جيان
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم
ڪين تون روئجان، ڪين دل لاهجان.

انهيءَ قافلي جا ڪيترا ئي مسافر رات جي رهزنن جي هٿان ماريا ويا. جيڪي مارجي ويا، تاريخ انهن جي قاتلن ۽ رهزنن تي ملامتون موڪلي ڏنيون. جيڪي رهجي ويا، انهن کي پوءِ جيئري ئي رهنمائن ۽ رهبرن ماري ڇڏيو ۽ تاريخ، انهن سفيد پوش عوامي لباس ۾ گهمندڙ قاتلن تي طنز ڪرڻ لاءِ تڙپي رهي آهي.

اڄ سياسي سائنس جا عالم هن ملڪ جي ماڻهن مان سياسي سوچ جي موڪلائي وڃڻ تي سوچي رهيا آهن. سياست ڪان ماڻهن جي عدم دلچسپي ۽ Depoliticization جي سببن ۽ نتيجن تي مٿا ماري ڪري رهيا آهن.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هو سخت ڳٽتين ۾ ڳري رهيا آهن تہ هن ملڪ مان سياسي ڪلچر موڪلائي ويو آهي. جنهن جا هو ڪيترا ئي سماجي، سياسي، اقتصادي، نظرياتي ۽ اخلاقي سبب بيان ڪري سگهن ٿا. هو ليڊرن جي سچائي، سنجيدگي، اهليت ۽ دورانديشيءَ تي شڪ ڪرڻ ۾ حق بجانب هوندا، پر آئون چوان ٿو تہ جڏهن کان هن ملڪ جي سياسي ڪارڪنن جو قافلو موڪلائي ويو آهي، تڏهن کان هن ملڪ جي سياست مان سياسي ڪلچر پنهنجا پير ڊاهي ڇڏيا آهن. سچا ۽ جوشيلا ڪارڪن سياسي پارٽين جا ڦيٿا هئا، جن جي تيزي سياسي پارٽين جو سفر سٽائو ڪندي هئي. پر جڏهن کان سياست پنهنجي منزل کان منحرف ٿي بيٺي، پنهنجو ڏڳ مٿائي رڳو اقتدار جي اوجهڙ جو رستو ورتو تہ اهي پنڪچر ٿي ويهي رهيا ۽ توهان ڏسي رهيا آهيو تہ اڄ سياسي پارٽين جي نئين ۽ پراڻي ماڊل جي گاڏين جي اسٽئرنگ تي ويٺل اڳواڻ پنهنجي هٿن سان ڪيل خودڪشي جهڙي عمل تي حيران ۽ پريشان آهن. ڇو تہ سياسي گاڏي اڳتي هلڻ کان پڙ ڪري بيهي رهي آهي. اها ڪارڪن جي پُل ٽٽي چڪي آهي، جنهن تان اها سياست جي گاڏي گذري عوام تائين پهچندي هئي. عوام، اڳواڻ ۽ ڪارڪن وارو ٽڪنڊو پنهنجو توازن وڃائي بي معنيٰ ٿي چڪو آهي. اڄ پيپلز پارٽيءَ جا ڪيترا ئي اڳواڻ عوام کان اڳوٽي موت نہ ملڻ جي شڪايت ڪندي ڏٺا وڃن ٿا. اڳي هڙتالون ۽ احتجاج ٿيندا هئا تہ ڪارڪنن جا قدم رستن تي رلي ڪامياب ڪرائيندا هئا، پر اڄ اهو ڪم وڏيرن جا واٺا ماٺهو ڪن ٿا. منهنجون پيپلز پارٽيءَ سان هزار همدرديون هجڻ جي باوجود، جيڪي ٻہ چار شڪايتون ۽ اعتراض آهن، انهن مان هڪڙي اها بہ آهي تہ اُن سچن، هڏڏوڪي ۽ باهمت ڪارڪنن جي قطار ڪُهي ڇڏي وڏيرن ۽ جاگيردار مخالف نعرن تي جنم ورتندڙ پارٽيءَ ۾ جڏهن اها جنس داخل ٿي، تہ سياسي جهنڊن ۽ نعرن جي جاءِ تي ٺيڪن ۽ پرمٽن جا پروانا نڪتا. جن جتي ڪارڪن ڪلاس کي هرڪائي ۽ هيرائي برباد ڪيو اتي پارٽيءَ جي روح کي پنهنجي پيرن سان لتاڙي ختم ڪيو. لالا جهانگير جي نرڙ ۾ لڳندڙ گولي انهيءَ سموري ڪارڪن ڪاڊر جي خاتمي جو اعلان هو جنهن پنهنجي سيني ۾ پارٽيءَ جي ساهہ کي سنڀالي رکيو. سياسي ڪارڪنن جي قتلام جي ڪهاڻي جيڪڏهن توهان کي بڌڻي آهي تہ عمر ڪوٽ واري ڪامريڊ جمال مڪٽاڻي کان پڇو جيڪو جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ پنهنجا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏا پانچا لوڏي گهمندو نعرا هڻندو هو تڏهن هو اندر ئي اندر ۾ پنهنجي پاڻ کي هن ملڪ جو ننڍڙو مالڪ سمجهندو هو. جو تہ پيپلز پارٽي جي عاليشان عمارت ڪڙي ڪرڻ ۾ جتي پتي جو ذهن ۽ ماڻهن جون محبتون هيون: اتي هُن جهڙي غريباڻي ٻار جي پگهر جا ڦڙا بہ هئا. تلواري مُڇن ۽ اڇي مٿي وارو اهو ڀريون سياسي ڪارڪن هو جنهن عمر ڪوٽ جي وچ شهر ۾ نم جي وڻ تي چڙهي پيپلز پارٽيءَ جو ڀريون جهنڊو پنهنجي ڀرين عشق جيئن ڦڙڪايو ۽ هو اڄ تائين انهيءَ راهہ تي پنهنجي وفا جي تجديد ڪندو اچي. هن ڀيري جڏهن هڙتال جو سڏ مليو تہ هي ڀريون ماڻهو هو جنهن سڀ کان ڀرين لبيڪ چئي ويچي زندان جي لڄ رکي. هو جيڪو ڪنهن سرندي واري جي در تي بورچڪو ڪم ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي پيٽ جو دوزخ اجهائي ٿو سو مونکي خبر ناهي تہ هاڻوڪي هڙتال ۾ ڪهڙي دل سان داخل ٿيو هوندو ۽ سندس نعرن ۾ ساڳيو نينهن رهيو آهي يا نہ. پر مونکي اها خبر آهي تہ مڪڻاڻي کان وٺي مولا بخش چانڊيئي تائين ڪيترن ئي ڪُٺل ڪارڪنن جي سينن ۾ سوين صدائون آهن، هزارين حسرتون آهن، جيڪي اجوڪي سياست جي سٽيي سايي ۾ سهڪي سهڪي ساهہ ڪٽي رهيون آهن. پر اڄ بہ جڏهن سندن (مليرجي مارئي) جي ڪا سڏ لڳي، تہ سڀ کان ڀرين لبيڪ چئي نڪرڻ وارا بہ اهي ئي هوندا. جن جي ڳچيءَ ۾ جالب جون اهي سٽون لاڪيٽ جيان لڙڪنديون هونديون:

کہاں تک دوستوں کی بے دلی کا ہم کریں ماتم،
چلو اس بار بھی ہم ہی سر مقتل نکلتے ہیں۔

هاڻوڪي هڙتال ڪامياب ڪرائڻ ۾ توهان ڇا ٿا ڀانيو ڪنهن جو هٿ هوندو؟ وڏيرن جو يا واپارين جو؟ انهن جو اثر ڪٿي هجي تہ هجي، پر هن ڀيري بہ ايم آر ڊي جي تحريڪن واري تاريخ نئين سر رقم ڪرڻ وارا اهي ئي سياست جا سپاهي آهن. جيڪي اڄ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جي جيلن ۾ سلاخن جون حسرتون پوريون ڪري رهيا آهن ۽ مٿئين جالب جي سِٽن جي آگر پڪڙي عشق جي راهن تي پٽڪي رهيا آهن. ڪا اخبار سندن نالي واري خبر ليڊ نٿي ڪري. سندن ڪو فوٽو ڪنهن اخبار جي وڪامجڻ جي ضمانت نٿو ٿئي. ڇو تہ هو ليڊر ناهن ۽ اخبارن جو وڪرو تہ ليڊرن کان وٺي لالي ووڊ جي هيروئن جي فوٽن تي ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ ليڊرن جي سياست اخبارن جي صفحن تي ٿئي ٿي، پر هنن جي سياست روح جي رستي تي ٿئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي، جنهن کي ڪنهن سنگل ڪالم جي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪارڪن ته سياسي آرڪسٽرا جا اهي آرٽسٽ آهن، جيڪي پردي جي پويان پنهنجون لازوال ڌنون تخليق ڪندا رهن ٿا ۽ ليڊر ۽ اڳواڻ اهي ڌنون پنهنجي سُري، بي سُري آواز ۾ ماڻهن اڳيان ڪيش ڪندا رهن ٿا.

آئون سمجهان ٿو ته جڏهن کان سياسي ڪارڪنن کي ليڊرن سمجهڻ ڇڏيو انهن قدر ڪرڻ ڇڏيو انهن تي ويڪائو وڏيرن کي اوليت ملي، ته آهستي آهستي پارٽين کان سچن ۽ محنتي ڪارڪنن جا پاند ڇڏائبا ويا ۽ اهي سپنن جا سوداگر سياست جي سوڙهي تي ويل گهٽيءَ مان نڪري گمنامي جي اجنبي جزيرن ڏانهن موٽي ويا. اج جڏهن آئون سياسي پارٽين تي نظر وجهان ٿو ته مونکي سچا ۽ همدرد ڪارڪن نظر نٿا اچن. پيپلز پارٽيءَ ۾ ٺيڪن ۽ ذاتي فائدن جي چڪر ۾ اهڙا ماڻهو آيا، جن جيالا ڪلچر يا جيالا ازم جهڙي نالي کي بدنام ڪيو. آئون انهن کي ڪارڪن مڃڻ لاءِ تيار ناهيان، انهن کي ”ڪاٽڪو ڪارڪن“ چئي سگهجي ٿو. قومپرست سياست، اهي سپ سرويچ سپاهي وڃائي ڇڏيا، جيڪي هاري تحريڪ کان وٺي ون يونٽ مخالف تحريڪن مان جنم وٺي آيا هئا. قومپرست سياست جو ڇا اهو الميو ناهي ته ان اسٽڊي سرڪلس ختم ڪري، يونيورسٽي جي جوان جذبن کان قلم ۽ ڪتاب ڦري، ڪلاشنڪوف ڏني ۽ سياست جي نالي ۾ پيتا خوريءَ جو پوت سيني سپنن کي ڳڙڪائي ويو. تعليمي ادارن ۾ ”نه پڙهڻ ۽ نه پڙهڻ ڏيڻ“ جي منحوس روايت انهن جي سياسي ايجنڊا ۾ داخل ٿي وئي ۽ قومپرست سياست جا سُر جهيڻا ۽ جهڪا ٿي ويا. سن جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ سپنن جو شمشان گهاٽ جيڪڏهن ڏسڻو آهي ته روحل واءِ جي رائلن تي جمن دربدر جي اکين ۾ ڏسي سگهو ٿا. هي ته اُهو ڪارڪن هو جنهن جي گيتن تي سموري قومي تحريڪ جا ڪارڪن سنڌ سان جنم جنم جو وچن ڪندا هئا. پر اج توهان قومي تحريڪ جون سيئي گهٽيون گهمي ڏسو توهان کي ڪلف ٽيل ڪاٽن جي ويس ۾ ڪارڪنن بجاءِ ڪاٽڪو نظر ايندا ۽ انهيءَ الميي جو اظهار مون کان وڌيڪ ڊاڪٽر علي احمد رند ڪري سگهي ٿو.

اج ته مونکي ماسڪو کي مسجود سمجهندڙ اڳوڻن سرخن جا سپنا مسجدن ۽ مندرن جي ٻاهران خاڪ ڇاڻيندي ملن ٿا. اج مون کي اقبال بانو جي آواز ۾ فيض جي شاعريءَ تي:



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ہم دیکھیں گے، لازم ہے کہ ہم بھی دیکھیں گے
سب تاج اچھالے جائیں گے، سب تخت گرائے جائیں گے
ہم اہل صفا مردود حرم مسند پہ بٹھائے جائیں گے.

جهونگاريندي، سورج مکيءَ جي گلن جيئن جهومندڙ ڪميونسٽ ڪارڪنن جي ڪهاڻي ياد ٿي اچي، جيڪي سُرخ فوجن کي پنهنجي خوابن ٿي خوابن ۾ ڪابل کان پشاور ۾ داخل ٿيندي ڏسندا هئا ۽ صبح جو راتوڪي رومانس کي سوچي، لينن ۽ مارڪس جي فوٽوءَ کي ڏسي، من ئي من ۾ مُرڪندا هئا. اڄ جڏهن انهن مان ڪيترا ماضي جي سپنن کي فقط سپنو سمجهي، ڪئپيٽل جي ڪوڙ کي سرمائيدار سچ سمجهڻ لڳا آهن ۽ اقتداري ايوانن ۾ گهمندي فرحت محسوس ڪن ٿا، ته انهن مان ڪيترا ئي اهڙا به هوندا، جيڪي اڄا به فيض جي شاعري پڙهي، "داس ڪئپيٽال" کي ڪنڊ هيٺان رکي سمهڻ جي عادت کي عشق وانگر نڀائيندا اچن.

توهان جيڪڏهن هن ملڪ جي سياست جي ماضيءَ جي حقيقي تاريخ معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ انهيءَ جي دعوائن جي دم کي پرکڻ لاءِ سچ ڪوڙ جي خبر رکڻ چاهيو ٿا، ته توهان کي سياسي دانشورن جي ڪتابن ۽ ليڊرن جي لباڙن کان ٻاهر نڪري، سنڌ جو سفر ڪرڻو پوندو. ڳوٺن، شهرن ۽ وستين جي انهن وسريل واٽن ڏي ورڻو پوندو، جتي اهي اهلِ صفا ۽ مردود حرم ماضيءَ جا مسافر اڃا موجود آهن. ڪامريڊ مير محمد ٽالپر کان وٺي مجرم لغاريءَ تائين سيني وٽ وڃو ته توهان کي خبر پوندي، ته اهو ڪئن ڪهڙن سياسي پنڊتن جا منهن ڪارا ۽ موچارا آهن. هنن جي اڳڻ تي وڃڻ کان پوءِ توهان کي احساس ٿيندو ته هنن وسريل واٽن جي مسافرن کي پنهنجي گمنامي ۽ وسري وڃڻ جو ايترو غم نه هوندو جيترو انهن کي سياست جي بي روح جسم جو افسوس هوندو. هنن جي بدن تي تعذيرن جو تاب ايترو تکيرو نه هوندو جيترو انهن نعرن، سپنن، جهنڊن ۽ نظرين جي نهوڙجڻ جو گهاءُ گهرو هوندو. توهان جڏهن انهن سياست جي موکي جي مٽڪن جي پياڪ متارن ڏانهن ويندءُ ته توهان کي لطيف جو اهو شعر ضرور سمجهه ۾ ايندو ته:

اڳي ايئن هياس، جيئن پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي هيئن ٿياس، جو جت نه نينم پاڻ سين.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اڄوڪي سياست کي ڪيئن سمجهائجي، تہ تون ڪارڪنن جي ساهہ ڪانسواءِ هڪ اهڙو جنازو ٿي رهجي ويندين، جنهن کي ڪو ڪلهو ڏيڻ وارو ڪانڌي بہ نہ ليندو. اڄوڪي سياست چا بہ سمجهي، اڄوڪا ليڊر کهڙي بہ لئہ ڪن، پر هو اهو نہ وسارين تہ انهن مسافرن کي وساري، هو سياست جا سُر زندهہ رکي نہ سگهندا.

(سومر، 6 سيپٽمبر- 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# نجي جيل: حقيقت يا سراب؟

دنيا جيڪا Three wave World رهي آهي تنهن جي پهرين لهر زراعت جي هئي، ٻي صنعت جي ۽ ٽين جيڪا لهر اڄ آهي، اها سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي آهي ـ ۽ اها دنيا آهي جنهن انهن ٽنهي لهرن ـ مان لنگهي چنڊ ۽ مريخ تي پنهنجا پير سنوان رکيا آهن. پر هيءُ سنڌ آهي جيڪا قبل مسيح جي قديم زراعت واريءَ لهر تي اڃا لڏندي اچي. اها ٿي ڏٺي گاڏي جيڪا موهن جي دڙي جو پنج هزار سال پراڻو يادگار آهي سا اڄ به اسان کي ايڪويهين صديءَ ۾ ڪٽي داخل ڪرائڻ واري واحد سواري آهي جيڪا اسان جي فخريه پيداوار ۽ پيشڪش آهي. دنيا زراعت ڏٺي صنعت ڏٺي ۽ اڄ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي انجواءِ ڪري رهي آهي، پر اسين اڄ به اهو هر اهو هاري، اهو ڏڳو اها گاڏي سنڌ زراعت ڪانسواءِ ٻي ڪا به لهر نه ڏسي سگهي آهي جيڪا اڄ به اِيري سيري حال ۾ جيئڻ جو واحد جواز آهي. نڪو آهي صنعت، ۽ نڪا آهي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي. انهي حال سارو اسان پنهنجا پير چنڊ ۽ مريخ تي ته نهيو پر ڪنيار واري نااهيل مٽيءَ جي ڍڪڻ تي به چنيسر وانگر پوچا رکيو بيٺا آهيون. ترقي ۽ جدت الائي ڪهڙي جن پوت جو نالو آهي. سنڌ جو واحد جيئاپو (Sole survival) زراعت به اڄ ڪهڙي حال کي اچي رسيو آهي، اهو به ڏسو ويٺا ته جديد زرعي ٽيڪنالاجي صحيح معنيٰ ۾ آئي آهي ۽ نه ئي ڪا پنجاب وانگر مڪينائيزيشن ٿي آهي ۽ نه ئي وري زراعت انڊسٽري جو روپ اختيار ڪري سگهي آهي. پر مرڳو رهيل ڪيل سوجهرو ڪنهن نه ڪنهن ناسمجهيءَ جي ڪري، چٽ ٿيندو پيو وڃي. اڄ ڪلهه خانگي جيلن واري اشو هٽي رڻ ٻاري ڏنو آهي. اڳئين پيري مشتاق ميراڻي سنڌس ٽيم سميت انهي اشو تي ڪا اسائنمينٽ ڪٽي آيو ۽ خانگي جيلن تي ڪو ريسرچ ورڪ ڪري رهيو هو تنهن سان به انهيءَ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اشو تي ڪافي ڳالهه ٻولهه ٿي. مٿان اخبارن ۾ هيومن رائيٽس وارن جي تازن ڇاپن عرف ريسڪيو مشن جون تيز طرار خبرون ڇپيون. ته ڪيري ۽ چور واري پاسي ڪي نجي جيلن مان هاري آزاد ڪرايا ويا آهن. جن لاءِ چيو ويو ته ڪائنس اتان جا زميندار جبري پورهيو ڪرائيندا هئا ۽ عورتن سان جنسي ڏاڍايون ٿينديون هيون. جيئن ته منهنجو به انهي علائقي سان واسطو هجڻ ڪري مون به اصل حقيقت ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، ته اها ڪجهه اور هئي. هيومن رائيٽس ۽ هارين جون ٻڌايل حقيقتون ۽ اتان جي ماڻهن جي ڳالهين ۾ زبردست تضاد هو. آئون جڏهن اتي ويس ته خبر پئي ته چور واري زميندار جي ڪل زمين 18 ايڪڙ آهي، جنهن مان 9 ايڪڙ آباد ٿئي ٿي، جنهن تي ٽي هاري رکيل هئا. جن تي زميندار (زميندار چئويا هاري، چو ته 18 ايڪڙ جو مالڪ هاري ٿي سگهي ٿو) جو هڪ لک پنجهتر هزار روپيا قرض هو. جنهن زمين تي انهي نجي جيل جو انڪشاف ٿيو آهي اها چور جي چانوٽيءَ کان سڏ پنڌ تي آهي ۽ چور تائون ڪاميٽيءَ جي حد ۾ آهي، جنهن جي پر ۾ ڇٽن پنجن هزارن جي آباديءَ وارو ڳوٺ حويلي اهي ان ڳوٺ ۾ ٺڪر، وساڻ سميجا، نهڙي، مينگهواڙ، مڱڻهار ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ذاتيون رهن ٿيون. هاڻي توهان پاڻ اندازو ڪريو ته نون ايڪڙن جو ڪاتيدار چانوٽيءَ جي پر ۾ هيڏي وڏي راڄ وچ ۾ ٽن ماڻهن تي مشتمل نجي جيل ڪيئن هلائي سگهي ٿو ۽ هارياڻين تي جنسي تشدد ڪري سگهي ٿو؟ ٻي ڳالهه اها ته جن هارين جي درخواست تي هيومن رائيٽس وارا ايس ڊي ايم ڪي وٺي نجي جيل دريافت ڪرائين ٿا، اهي ئي هاري عورتون ۽ ايس ڊي ايم ان کان پنج مهينا اڳي لکت ۾ ڊي سي کي بيان ڏئي اچن ٿا ته اهڙو ڪو به جيل ڪونهي نڪو ڪوئي جبري پورهيو يا جنسي تشدد ٿئي ٿو اسين راضي خوشيءَ سان زميندار وٽ رهون ٿا. پوءِ ٺيڪ پنجن مهينن ڪانپوءِ نجي جيل ڪيئن ٺوبيدا ٿئي ۽ هيومن رائيٽس وارا مسيحا ٿي اچن ٿا، ظلم مان نجات ملي ٿي، اخبار ۾ سرخيون لڳن ٿيون.

اهي ۽ اهڙيون ڪجهه ٻيون حقيقتون هيون، جن متضاد راين کي جنم ڏنو. سو مون بهتر ڄاتو ته پنهنجي ڄاڻ پٽاندڙ ڪجهه ڳالهيون شيئر ڪجن ۽ حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪجي. ٻين ڳالهين تي اچڻ کان اڳ بهتر ٿيندو ته زميندار ۽ هاريءَ جي تعلق کي سمجهجي.

### هاري ۽ زميندار جو معاشي تعلق

هاري ۽ زميندار جو تعلق اصل ۾ هاري ۽ زمين جو تعلق آهي. ڇو ته زمين زميندار جي هٿ هيٺ آهي ۽ هاريءَ جو گذران زمين سان آهي، پر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن ٻنهي وچ ۾ جيڪو ڪيڙڻ ۽ ڪائڻ وارو معاشي تعلق يا ڏيتي ليتي ٿئي ٿي، انهي کي سمجهڻ لازمي آهي. هاري زميندار تائين سنئون سڌو يا ڪنهن "ضامن" جي معرفت پهچي ٿو ۽ ڏهه هزار کان چاليهن هزارن تائين تڪاوي يا ايڊوانس طور کڻي ٿو. جنهن جو مدو هڪ سال تائين هوندو آهي، ان ۾ هاري ٻنهي (چيٽ ۽ ڪتي) فصلن (ڪپهه مرچ ۽ ڪٽڪ) جي ڪيتي ڪري ٿو. هو ڪپهه ٻه کان ٽي ايڪڙ مرچ هڪ ايڪڙ ۽ ڪٽڪ ٽن کان پنجن ايڪڙن تائين پوکي ٿو ۽ پگڙي به ڦارون وانگر اڌ جو مالڪ به ٿئي ٿو تنهن ڪري في ايڪڙ ڪپهه پنج کان ست هزار، في ايڪڙ مرچ ڏهه هزار ۽ في ايڪڙ ڪٽڪ تي کان چار هزار تائين خرچ جو اڌ ڀري ٿو. جيڪو ڀاڻ، ڪيڙي ۽ دوائن وغيره جو خرچ آهي. ان کانسواءِ سڄي سال دؤران هاري زميندار کان خوشي، غمي، مرڻي پرڻي يا بيماريءَ ۾ ستن اٺن هزارن تائين ماهوار هڪ مڻ کان ٻه مڻ ڪٽڪ "وروي" طور به کڻي ٿو جيڪو لڳ ڀڳ ستن هزارن تائين پهچي ٿو. اهو ٿلهي ليکي هاريءَ تي تڪاوي ۽ خرچ ملائي ڪري اسي نوي هزار کان به مٿي زميندار جو قرض ٿئي ٿو جنهن کي انويسٽمينٽ به چئي سگهون ٿا.

هاڻي ڀاڻ اچون ٿا ٻن کان ٽن ايڪڙن ڪپهه هڪ ايڪڙ مرچ ۽ ٽن کان پنجن ايڪڙن ڪٽڪ جي فصل جي سالانه اپت تي، جيڪا مجموعي طور تي سراسري پلي هجڻ ڪري 25 مڻ في ايڪڙ ڦٽي، 20 مڻ مرچ ۽ 30 مڻ ڪٽڪ جي ڪل رقم هڪ لک پنجاهه هزار کان هڪ لک اسي هزار جي لڳ ڀڳ وڃي ٿئي ٿي، جنهن مان زميندار هاريءَ جي اڌ مان ڪنيل تڪاوي ۽ خرچ ڪٽي ٿو ته حساب ٻڙيءَ تي يا اجا به قرض جي صورت ۾ نڪري ٿو.

منهنجي خيال ۾ هاريءَ جي اپت مان بچت نه کٽي سگهڻ جو سڀ کان وڏو سبب آهي تڪاوي يا ايڊوانس، جيڪا هو زميندار کان پنهنجي سال جي سموري خرچ طور کڻي ٿو پر ٿئي اڪثر ائين ٿو ته جيڪڏهن هاري سمجهه ڀريو آهي ته پنهنجي آمدني روانگي ۽ سيڌي سڙي جو حساب رکي ٿو نه ته ٺرو جوئا، هوٽلن جون چانهيون، جلال ۽ فوزيه جي ڪئسٽن، دڪانن جي کٽتن ۽ ڪنڌن ۾ سموري ڪنيل رقم خرچ ٿيو وڃي ۽ زميندار وٽ ڊبل قرض جي بوجهه هيٺان دٻجيو وڃي. مٿي بيان ڪيل فصلن جي اپت فقط انهي صورت ۾ حاصل ٿئي ٿي جڏهن هاري ڪمائو آهي، جي اهو به "دل آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هٿن ۾ خريدار ٿو ڳوليان" وارو حال آهي ته پوءِ ٻئي پير لڙهه ۾. تڪاوي يا ايڊوانس جيڪا سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950ع ۾ ۽ پٽو جي 72ع واري لينڊ رفارمز جي خلاف آهي، سا جتي هاريءَ جي قرضي ٿيڻ جو اهم سبب آهي، اتي هن جا افعال، ٻوڏون، آفتون، وائرس يا فصلن جون بيمايون به آهن ته ڪنهن ظالم زميندار جي قلم جي مار به آهي، جيڪا اڪثر گهٽ ٿيندي آهي.

## نجي جيل جي اصل حقيقت

نجي يا خانگي جيل جو لفظ ڪَنڻ سان يڪدم جيل جو تصور پيدا ٿيندو ۽ ماڻهو سوچڻ لڳندا ته جڻ اتي قيدي يا باندي هوندا، ڏنڊا بيڙيون لڳل هونديون، وڏا ٿهري ڪوٽ هوندا ۽ پهريدار بيٺل هوندا. منهنجيءَ ڄاڻ مطابق نجي جيل جي نالي ۾ ٿيندڙ واويلا (Exploitation) گهڻي قدر ڪوڙ تي مبني آهي ۽ اسان جي اڳيان جيڪو خاڪو ڏاهيو ويو آهي، اهو حقيقت ۾ ويڃڻ ۽ تحقيقات ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ وڏو ڪوڙ لڳندو ۽ محسوس ائين ٿيندو ته جڻ هي سنڌ جي زراعت خلاف ڪا وڏي سازش ٿي رهي آهي، جيڪو هن وقت پاڪستان ۾ ڪپهه ۽ مرچ ۾ خاص طور تي ليڊ ڪري رهيو آهي. عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ هن وقت به ڪي زميندار پنجاهه ڪان سٺ مڻ ڦٽي ڪڍن پيا جيڪو پنجاب ته ڇا پر پاڪستان ۾ هڪ رڪارڊ آهي. پنجاب ۾ فقط ملتان وارو پاسو زرعي لحاظ کان اڳيرو آهي، سو به ڪپهه جي فصل ۾ 15 مڻ في ايڪڙ مشڪل سان ايوريج ڪڍي ٿو جڏهن ته سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ جا زميندار اڄ به 25 کان 30 مڻ ايوريج ڪڍن ٿا، جيڪا ڳالهه شايد رائيٽ وارن کي نٿي وڻي. ظاهر آهي ائين ڪو نه هوندو پر اهي ٻئي ضلعا جيڪي ملڪ کي ساﻻنه چار ارب روپين جي ڦٽي ڏين ٿا ۽ جتي لڳ ڀڳ به لک ايڪڙ ڦٽي ۽ 20 هزار ايڪڙ مرچ پوکجن ٿا، تنهنڪري بظاهر ته اهو سڀ ڪجهه ان زرعي اوسر خلاف ڪا چالاڪي معلوم ٿئي ٿي، جو هڪ عدد شڪايت تي بنا ڪنهن جاچ جي هڪ پوري سسٽم کي چئلينج ڪيو پيو وڃي. نجي جيلن واري معاملي ۾ ٿيندو ائين آهي ته ڏيتي ليتي ۾ جڏهن هاري مقروض ٿيندو آهي ۽ قرض لهڻ بدران وڌيڪ چڙهڻ لڳندو آهي ته هو قرض مان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪا واهه ڳوليندو آهي. هو انساني حقن جي ڪنهن چيمپئن سان رابطو ڪندو آهي ۽ ائين مئجسٽريٽ کي درخواست ڏئي، سرڪاري مدد سان زمين تان هاري ڪڃي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويندا آهن ۽ ڳالهه پريس تائين پهچندي آهي. مون اڪثر ڏٺو آهي ته ڪجهه حقيقي ڪيسن ڪي ڇڏيو، گهڻو ڪري اهڙا مثال سامهون آيا آهن. جن ۾ الزام اهڙن ڪاتيدارن تي مڙهيو ويندو آهي جيڪي اٺن ڏهن يا ويهن ايڪڙن جا مالڪ آهن. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڏهن ايڪڙن جو زميندار (جيڪو جهڙوڪر پاڻ به هاري ٿيو) ڪهڙو جيل ٺاهيندو ۽ ڪٿي ٺاهيندو؟ ها ائين ٿيندو آهي جو جنهن زميندار جو هاريءَ تي قرض هوندو آهي، اهو قرض جي واپسيءَ تائين هاريءَ کي پاڻ وٽ رکي ٿو. باقي اهو ممڪن ٿي ڪونهي ته ڏهن ايڪڙن جو ڪاتيدار ڪوٺ ڏياري، جيل ٺهرائي ۽ ڏنڊا ٻيڙيون هڻي، جنسي تشدد ڪري. گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي ته ڪٿي هاري جي نااهلي ۽ ڪم چوري ته ڪٿي ڪنهن ظالم زميندار جي قلم جو قهر هاريءَ جي ڳچيءَ ۾ پوي ٿو. نه ته گهڻو ڪري هو گوسڙو هجڻ ڪري پيڇڻ جي واهه پيو تڪيندو آهي ۽ اهو به نه سوچيندو آهي ته "آٽين ۽ چاڙهين" واري خلق انهي پاڄ ڪانپوءِ هڪ اهڙي ڪڌ ۾ ڪري رهي آهي، جنهن جو ڪو ترو ڪونهي. چؤطرف بيروزگاريءَ جي باهه جتي سموري سوسائٽي کي ڪٽي ستي لاٿو آهي، اتي هڪ بي زمين ۽ بي گهر هاريءَ جو جيئڻ ڪيڏو نه جوکائتو کيل آهي.

### هيومن رائيٽس ڪميشن جو ڪردار

سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيومن رائيٽس ڪميشن سنڌ وارن همراهن کي انساني حقن جي لتاڙ فقط زراعت جي شعبي ۾ چو نظر آئي آهي، سا به فقط لوئر سنڌ جي زميندارن ۾ ۽ خاص ڪري ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ ضلعن تي وڏيڪ نوازش ڪئي پئي وڃي. لاڙ جي هڪ ضلعي ۾ ڪلاسيڪي سردار زميندار جا جيل سندن نظر ۾ نٿا اچن. ڇا اتر سنڌ ۾ موجود قبائلي جيل ۽ انساني حقن جي لتاڙ سندن ايجنڊا ۾ ناهي؟ ڇا ڪانئن اهو بلڪل وسري ويو ته ايس آر ٽي سي جي مسڪين ملازمن کي ڪيترن مهينن کان پگهار نه پئي ملي ۽ الله بخش چلگري جو جسم سندس گهر جي چلهه ٻرڻ ڪان اڳ ئي ٻري ڀسم ٿي ويو؟ ڇا کين واقعي اهو پتو ناهي ته چئن لاشن جي بار هيٺان دٻجي ويل مائي جندو جي دانهن ڪيترن درن تان خالي ڪشڪول جيئن واپس موٽي آئي آهي؟ يا هنن کي اهو واقعي به پتو ناهي ته هيل ننڍڙي صدام جي ماءُ عيد نه ڪري سگهي؟ ڇا انهن سيني ڳالهين کي انساني حقن جي پيچڪڙي ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي؟ يا هيومن رائيٽس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪميشن جي منشور تي اهي سڀ شيون ناهن؟ تہ پوءِ مون کي چوڻ ڏيو تہ انساني حقن جي سياست انهي برگر آنٽي جهڙي تي پئي آهي جيڪا ڪجهہ گهڙين لاءِ ساڙهي پائي ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل جي اسٽيج تي اچي ٿي ۽ انساني حقن تي انگريزيءَ ۾ ڪجهہ ڳالهائي، پنهنجي وات جو ذائقو بدلائي ٿي- جي مون کي ائين نٿا چوڻ ڏيو تہ پوءِ هيومن رائيٽس ڪميشن کي پنهنجو رخ درست ڪرڻ گهرجي. عاصمه جهانگير کي نوان دڳ وٺڻا پوندا ۽ انهن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا، جيڪي اڄ سنڌي ماڻهو نجي جيلن کي ناٽڪ چئي اپاري رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن تہ اها وڏي صوبي جي سنڌ جي زراعت کي تباهہ ڪرڻ جي هڪ چال آهي يا ڪنهن ٻاهرين طاقت جو اشارو آهي. هو اهو بہ الزام هڻي رهيا آهن تہ زميندارن وٽان ڪنيل اپوجهہ هارين کي ماتلي پرسان سنڌن ڪئمپن ۾ بہ جبري پورهيو پيو ڪرايو وڃي ۽ مزدوري مان اڌ ورتو وڃي ٿو. جنهن کي هو نئون نجي جيل چئي رهيا آهن. بهرحال ماڻهو ڪجهہ بہ چون، پر اها حقيقت آهي تہ بنا سوچڻ سمجهڻ ۽ تصديق جي هڪ عدد درخواست تي ڪنهن جي گهر تي چڙهائي ڪري، انهن جا هاري ڪڍڻ، جنسي تشدد جا الزام هڻڻ ۽ انهن کي رسوا ڪرڻ جو حق ڪنهن کي بہ ڪونهي. ڪنهن جي عزت سان کيڏڻ سڀ کان وڏي هيومن رائيٽس جي لتاڙ آهي. ڇو تہ عزت ماڻهوءَ جو بنيادي حق آهي، اهو حق هو پنهنجي ذات کان وٺي زماني تائين طلبي ٿو. انساني حقن جي دعويدارن کي "جيئن چاهي تيئن ڪري" جو اختيار نہ هجڻ گهرجي ۽ نہ ئي هو ڪي مقدس ڳئون (Sacred Cow) آهن، جو انهن تي ڳالهائي يا لکي نہ سگهجي.

## انهيءَ ناٽڪ جا نقصان

(1) هاري بي گهر، بي زمين ۽ بيروزگار ٿي رهيو آهي. زمين تان نڪرڻ کان پوءِ حقن جي دعويدارن ۽ ٻين تنظيمن وٽ ڪو بہ خاطر خواهہ انتظام نہ هجڻ ڪري، هارين جو ڪو بہ پرجهلو ڪونهي. زمين تي هجڻ سان هارين کي ٻيو نہ تہ بہ سنڌن روز جو خرچ، پاڃي، اناج ۽ مال جو گاهہ مليو وڃي، جنهن سان انهن جي زندگي روز جو بوجهہ نٿي بڻجي. اڪثر ڪري هارين وٽ پنهنجي ٻڪري، ڍڳي يا مينهن جو هڪ اڌ سڱ ضرور هوندو آهي، جنهن مان هنن جي چانهہ پاڻي پئي ٿيندي آهي. ٻيو تہ زميندارن سان سماجي تعلق هئڻ ڪري بيماري سيماري ۽ شادي غميءَ ۾ مدد پئي ملندي آهي، پر هنن پاران



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

(هيومن رائيٽس ۽ ٻين تنظيمن) جي چوڻ مطابق اڄ ٿي مسڪين هارين سان "اڌ
ڇڏي سڄي ڏانهن ڀڄڻ" واري ڪار ٿي آهي، جيڪا توهان ماتلي واري
ڪئمپ ڏانهن وڃي ڏسي، پوءِ اندازو ڪري سگهو ٿا.

(2) چڱي ڳالهه ڇئو يا خراب، پر انهيءَ هل هنگامي ڪانپوءِ سنڌ جي
وڏيرن ۾ مڪينائيزيشن يا سيلف ڪلٽيويشن جو رجحان آيو آهي.
پنجاب واري طرز تي ملتان مان مشينون وٺي، انهن تي خود ڪاشت جو
رواج پيو آهي، جيڪو پنهنجي جڳهه تي سنو سنئون به آهي، پر ٻئي پاسي
هڪ زبردست نقصان به آهي. اهو هاري ته بنا ڪنهن پلاننگ جي ۽ هارين
جي روزگار واري سوال ڪي اڪلائڻ کان سواءِ تڙ تڪڙ يا پيڙ ۾ آيل اها
تبديلي جتي سنڌ جي زراعت کي پنهنجي جاءِ تي نوان گس ڏيندي، اتي
هارين جي هڪ زبردست انگ کي بيروزگاري جي باهه ۾ ڌڪيندي.
پنجاب وٽ ته ڇڻ اسٽئنڊ باءِ ۾ انڊسٽري هئي، جتي مڪينائيزيشن يا خود
ڪاشت جي ڪري بيروزگار ٿيل هاري مزدوري تي لڳي ويا ۽ ڪجهه اتي
ئي ڊيلي ويجز تي زميندارن وٽ رهيا، پر سنڌ ۾ انڊسٽري نه هجڻ ڪري
هڪ وڏو انگ بيروزگار ٿيندو.

(3) ننڊو آبادگار جيڪو جاگيردارن جي ڀيٽ ۾ جتي سماجي ۽
اخلاقي قدرن جو پرجهلو هوندو آهي، اتي زرعي اپت ۾ اضافي جو به مک
ڪردار ٿيندو آهي. اهو ننڊو آبادگار ئي هوندو آهي جيڪو زرعي سڌارن
کي وڏن پئوتارن جي ڀيٽ ۾ جلد قبول ڪندي اپنائيندو آهي، جڏهن ته
حقن جي دعويدارن جو به سڀ کان اڳ اهو ئي شڪار ٿيندو آهي. هن
وقت نجي جيلن واري ناٽڪ ڪلا مان رڳو ڏهن کان سؤ ايڪڙن وارو پاڻ
جهڙو اڌ سڪي ۽ اڌ پوکيءَ وارو ڪاتيدار اڄي ڦاٿو آهي، جنهن وٽ پنج
اٺ هاري مس ٻئنڪن مان يا واڻئن کان قرض ڪٽي، پني سني پورا ٿين ٿا
ته مٿان انساني حقن جا علمبردار ايس ڊي ايم ۽ پوليس موبائيلن سان
اچي ڪڙڪن ٿا. ان سان اهو ٿئي ٿو جو هاري ته ويا ڪيچ مڪران پر
ٻئنڪن جو قرض ۽ وياج، پوکيل فصلن جي تباهي، ايندڙ فصلن جي
تياري نه ٿي سگهڻ، ڪورٽن جا چڪر ۽ مفت جي خواري ڳچيءَ ۾ پئجيو
وڃي ۽ اهڙي طرح ائين سمجهو ته ڇڻ ننڊو آبادگار پنجن سالن تائين
پويان ڌڪجيو وڃي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## نجي جيلن واري مسئلي جي حل لاءِ هڪ راءِ

ڪوڪر ڪوٽ ڪان شروع ٿيل انهيءَ ڪهاڻي جي حقيقت ۾ انت ڪهڙو آهي، ان بابت مختلف ماڻهن وٽ مختلف ڳالهيون ۽ رايا آهن. هڪڙن جي راءِ آهي تہ ٺيڪ آهي، سنڌ جي وڏيرن ۽ جاگيردارن عوام سان تاريخي ظلم ڪيا آهن، انهن سان جٽ ٺيڪ ٿيڻ گهرجي. هڪڙا چون ٿا تہ ضرور نجي جيل هوندا، ۽ ٻيا چوندا تہ اهو سراسر ڊرامو آهي، جيترا ماڻهو اوترين ڳالهيون.

عبدالله شاھ هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيون ٺاهيون جن ڪو بہ ٻوٽو نہ ٻاريو. تازو گورنر ميرپور خاص آيو هو جتي زميندارن جي گهوڙا ڪرڻ تي هن صاحب بہ ڪنهن ڪاميٽي جو اعلان ڪيو آهي، پر آئون سمجهان ٿو تہ انهيءَ مسئلي جو حل سرڪاري طرح نڪري يا نہ پر غيرسرڪاري طور تي هڪ عدد ڪاميٽي ٺهڻ گهرجي، جنهن ۾ ميڊيا جا ڪجهہ نمائندا، هڪ وڪيل، ايوان زراعت ۽ آبادگار بورڊ جو هڪ هڪ نمائندو ڪجهہ زرعي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو شامل ڪجن. جيڪي اهڙي ڪنهن بہ رونما ٿيندڙ واقعي جي جاچ ڪن ۽ ترت سرزمين تي پهچي، علائقي ۾ پاڙي وارن ماڻهن، زميندارن ۽ لوڪل انتظاميا کان پڇاڳاڇا بعد پنهنجي رپورٽ پريس کي ڏين، تہ جيئن اصل معاملي جي خبر پئجي سگهي.

(آچر، 24 جنوري۔ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# نجي جيلن وارو نانڪ ۽ هاريءَ جي
# مزدور ٿيڻ وارو سوال

گذريل سال جڏهن مون نجي جيلن متعلق ڪالم لکيو هو ته ڪافي انساني حقن جا علمبردار دوست ڪاوڙجي پيا هئا. منهنجي خلاف تقريرون ڪيون ويون، اخبارن ۾ خط ۽ ڪالم لکيا/ لکرايا ويا. جن ۾ ذاتي تنقيدن سان گڏ اهو پڻ چيو ويو ته هي وڏيرن جو ايجنٽ آهي ۽ سندن آشيرواد سان لکي رهيو آهي. انهن سيني صاحب فهم صاحبن جون سيئي دشنام انگيزيون ۽ الزام اکين تي، پر عرض اهو آهي ته اکين تي پٽي ٻڌڻ سان سچ لڪي ڪونه ويندو. حقيقت هر حال ۾ جيئن هوندي تيئن رهندي، نجي جيل جيترا هوندا، نيٺ ظاهر ٿيندا. وقت هر شيءِ کي وائکو ڪري ڇڏي ٿو. مون انهيءَ ڪالم ۾ دراصل اها ڳالهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته اسان کي حقيقت پسند ٿي فيوڊلزم ۽ ايگريڪلچر سسٽم کي الڳ ڪري سمجهڻو پوندو. ڪو هزار ايڪڙ زمين رکڻ سان وڏيرو ڪونه ٿيندو آهي، زميندار ۽ وڏيرڪيءَ ۾ فرق آهي. وڏيرو يا فيوڊل علامتي ڪردار (Symbolic characters) آهن. انهن کي ذهن ۾ رکي سموري زرعي نظام جو بيڙو ٻوڙڻ ڪٿان جو انصاف آهي؟ آئون پاڻ به وڏيرڪن ۽ جاگيردار روين جي خلاف آهيان، پر انهيءَ ڳالهه جي قطعي حق ۾ ناهيان ته ڪجهه وڏيرن ۽ خان بهادرن جا خاڪا ذهن ۾ رکي، سموري زرعي نظام جو ستياناس ڪري ڇڏجي، ۽ پوءِ چئجي ته اسان فيوڊلزم جي خلاف جهاد پيا ڪريون، وڏيرڪي سماج جو خاتمو پيا آڻيون. پر اهو نه ٿا ڏسون ته اسان پنهنجي ساهه جي واحد سهاري



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

(زراعت) جو خاتمو پيا آڻيون، جنهن تي اسان جي معيشت جي ڪمزور عمارت بيٺل آهي. زراعت جيڪا هن ملڪ جي مجموعي گهرو پيداوار (GDP) ۾ پنجويهه سيڪڙي جي پائيوار آهي، جنهن ۾ ملڪ جي ٽوٽل ليبر (35 ملين)جو پنجاهه سيڪڙو پيٽ پوچا ڪي لڳل آهي. اهو سنڌ جهڙي وساريل جزيري (Forgotten Island) لاءِ جيئڻ جو پهريون ۽ آخري جواز آهي، جتي انڊسٽري ناهي، قدرتي وسيلن جو ڪو خاطر خواهه ڪارج ڪونهي، جي آهي ته ان جي آمدني جي رائلٽي سندس قسمت ۾ ناهي. اهڙي حال ۾ به ڪات ڪهاڙا کڻي، نجي جيلن جا ناٽڪ رچائي، خيالي ۾ من گهڙت بهانن جي بنياد تي زراعت سان راند خودڪشي ناهي، ته ٻيو ڇا آهي؟

ڪجهه دانشمند دوستن جو خيال آهي، انهي نجي جيلن واري ناٽڪ پويان سنڌ جي زراعت خلاف ڪا گهري سازش آهي، ڇو ته گذريل ڪجهه سالن کان جڏهن پنجاب جي ڪپهه جي اُپت گهٽجڻ لڳي ۽ ملتان ۽ بهاولپور واري حصي ۾ مشڪل سان ڏهه ٻارنهن في مڻ في ايڪڙ پيداوار ٿي، ته عين انهيءَ وقت ۾ هتي نجي جيلن وارو شوشو ڇڏيو ويو. سو به انهيءَ علائقي ۾ جتي گهٽو ڪري ڪپهه پوکي ويجي ٿي، جتي آبادگار (Grower) ٽيهه کان چاليهه مڻ في ايڪڙ سراسري پيداوار کڻڻ لڳا هئا، ته اها ڳالهه وڏي صوبي لاءِ هاضمي کان ٻاهر هئي. اهو ته پاڻ به ڄاڻون ٿا ته هن ملڪ جي سڀ کان وڏي انڊسٽري ٽيڪسٽائل انڊسٽري آهي، جيڪا ملڪ جي ڪل ايڪسپورٽ پراڊڪٽس جو سترِ سيڪڙو فراهم ڪري ٿي. ان صورتحال ۾ سنڌ جو اڳيرو ٿيڻ، هن ملڪ جي سڄڻن کي ڪيترو وڻندو؟ ٻيو ته انهي سموري ڊرامي کي فقط شيڊول ڪاست (ڀيل، ڪولهي وغيره) تائين محدود رکڻ سميت ڪرسچن مشنري جي ڪردار کي ڪهڙي کاتي ۾ رکون؟ سنڌ سان زيادتين جو قصو هونئن به بيحد طويل آهي. زندگيءَ جا ٻيا شعبا ڇڏيو رڳو زراعت کي وٺو. پاڻيءَ جا مسئلا، زرعي دوائن وارين ڪمپنين جون بدمعاشيون، ٽي سي پي جو افضل گريڊ ڪاٽن وارو چڪر وغيره الڳ داستان آهي. هي پنهنجي ٿي گهر ۾ لڳل باهه پاڻ کي رک ۾ بدلائڻ جا حيلا هلائي رهي آهي ۽ پاڻ ڏسي رهيا آهيون. آئون اهو ڪونه ٿو چوان ته ڪي سنڌ ۾ نجي جيل ناهن. سنڌ خود هڪ نجي جيل آهي. اتر سنڌ ۾ جيڪي سردارن جا جيل آهن، اتي انساني حقن جي علمبردارن جي نظر ڪانه ٿي پوي، پر جتي ناهن، اتي اٿ پيا ڊوڙائن.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

گذريل ڪجهه سالن کان جڏهن هي نجي جيلن وارو هٽ ناٽ شروع ٿيو آهي، تہ مون ڏٺو آهي تہ زميندار ۽ هاريءَ وچ ۾ ڏپ ۽ بي يقينيءَ واري صورتحال پيدا ٿي آهي. ڪيترا ئي ننڍا کاتيدار زمينون وڪڻي دڪان کولڻ تي مجبور ٿيا آهن، تہ ڪيترا ئي پنهنجون زمينون مقاطعي تي ڏيڻ لڳا آهن. حقيقت ۾ نجي جيلن واري شوشي جو آغاز غلام حسين کوکر واري واقعي کان شروع ٿيو ۽ اڄ اهو ڦندو ہوڏن ۽ قرضن جي ماريل ننڍن کاتيدارن جي ڳچيءَ ۾ اچي پيو آهي. انهي سموري هل هنگامي جو دائرو گهٽو ڪري ٽن ضلعن عمرڪوٽ، ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ ڪنهن قدر حيدرآباد ضلعي تائين محدود آهي يا ايئن ڪٽي چئجي تہ نجي جيلن واري ناٽڪ جي نوڙي گهٽو ڪري انهن جي ڳچيءَ ۾ پوي ٿي، جيڪي ڪپهہ ۽ مرچن جا ڪاشتڪار آهن، جتي تڪاوي سسٽم آهي. فصل پوکڻ کان پهرين هاري قرض کڻي ٿو جيڪو تڪاوي يا ايڊوانس جي صورت ۾ هجي ٿو ۽ پوءِ انساني حقن جي علمبردارن سان ڳٺ جوڙ ڪري، فصل اڌ ۾ ڇڏي، الله توهار ٿيو وڃي. پريس ڪلبن تائين پهچڻ سان ئي الزامن جو طوفان ٽنيو پوي، جنسي زيادتي، جبري پورهيو سنگهرن ۾ قابو هجڻ ۽ اهڙا ٻيا ريڊي ميڊ بهتان ہٿي ڏينهن جي اخبارن جي خاص خبر هوندا آهن. هڪڙي ڏينهن جي مظاهري کان پوءِ انهن هارين کي انهن ڪئمپن تائين پهچايو وڃي ٿو جتي هو گهر گهاٽ ڇڏي اچڻ کان پوءِ 50 روپيا تاريخ تي مزدوريءَ لاءِ موڪليا وڃن ٿا. ڪجهه مثال اهڙا بہ مليا آهن جو ڪجهه هاري ذاتي واسطي تي ۽ ڪجهه هٽ جي گرميءَ تي زميندارن وٽ واپس پهچايا ويا آهن. مون کي حيرت تڏهن ٿي، جڏهن اڳئين پيري عمرڪوٽ جي هڪ انتهائي معزز ماڻهو گهڻ پڙهئي زميندار (جيڪو هاري تحريڪ جو جهونو ڪارڪن آهي ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مير محمد ٽالپر ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري جو ساٿي رهيو آهي) ٻڌايو تہ ڪجهه وقت اڳي مٿس نجي جيلن جو الزام لڳو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وٽس ڪو انساني حقن جو علمبردار پهتو ۽ چيائين تہ ڪجهه پئسا ڏي تہ هاري واپس ڪريون. اها ڳالهہ انهي ماڻهو ان محفل ۾ ڪئي هئي، جنهن ۾ مشتاق ميراثي ۽ اعجاز قريشي بہ موجود هئا. توهان ٻڌايو تہ اها سنڌ سان ڪهڙي سچٽائپ ٿي رهي آهي، ڪهڙو انساني حقن جو تحفظ ٿي رهيو آهي؟ آئون سمجهان ٿو تہ اها تہ انساني حقن جي مقدس نعري هيٺ انساني حقن جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سپ کان وڏي لتاڙ تي رهي آهي، انهيءَ جو نوٽيس ڪير وٺندو؟ سرڪار؟ جيڪا اڄ تائين فقط تماشائي وارو ڪردار ادا ڪندي آئي آهي. انهي معاملي جي اصل تائين پهچڻ لاءِ ڪابہ پيش رفت عمل ۾ نہ آئي آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر سرڪار سگهوري اڄ تائين سنڌ ٽيننسي ايڪٽ ڪي حقيقي معنيٰ ۾ هاري ۽ زميندار وچان حرڪت ۾ نہ آڻي سگهي آهي. ميڊيا ۾ خاص ڪري اخبارن جو ڪردار انهيءَ سلسلي ۾ "جيڪو چلهہ تي، سو دل تي" وارو رهيو آهي. ڪنهن بہ سنڌي اخبار اڄ تائين اها تڪليف نہ ڪئي آهي تہ ڪجهہ رپورٽرن تي مشتمل ڪا تحقيقاتي (Investigative) ٽيم جوڙي، حقيقت تي ٻڌل اسٽوري يا رپورٽ شايع ڪرائي. آئون سمجهان ٿو تہ اهو عمل پروفيشنلزم جي دائري ۾ اچي ٿو!

اهو تہ جس هجي مامي جوزف لغاري (يوسف لغاري) کي، جنهن سڄي عمر جتي انساني حقن لاءِ جوٽون ڪاڏيون، چوٽين مارچ جي جهاد کان وٺي ٽوڙي ڦاٽڪ ۽ شاهبندر وارن ڪيسن تائين بنا معاوضي في سبيل الله سنڌ جا ۽ انساني حقن جا ڪيس وڙهيا. تنهن ڪجهہ ڏينهن اڳ هاءِ ڪورٽ ۾ نجي جيلن متعلق هڪ پٽيشن داخل ڪئي آهي، جنهن ۾ هن مٿي بيان ڪيل سڀ حقيقتون قانوني انداز ۾ بيان ڪيون آهن ۽ اهو ڄاڻايو آهي تہ انهي اجائي شوشي سان سنڌ جي معيشت کي کهڙو ڪاپاري ڌڪ لڳي رهيو آهي. ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ اهي هٿ نات جون خبرون پڙهي، رورل ڊولپمينٽ جي مد ۾ ملندڙ امداد بند ڪري ڇڏي آهي. اها پٽيشن سنڌ جي پراڻي سياسي ورڪر ۽ ماڊرن زميندار مير امان الله ٽالپر پاران داخل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ عدالت سگهوريءَ کان گهر ڪئي وئي آهي تہ جنهن سيڪشن 491 تحت هو هارين کي آزاد ڪري رهي آهي، انهيءَ جو اطلاق هاري زميندار تي نہ ٿيڻ گهرجي. انهيءَ تعلق لاءِ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ، لينڊ لاز ڪانٽريڪٽ ايڪٽ ۽ ٻيا قانون موجود آهن. جيڪي هاري ۽ زميندار واري تعلق ۾ عمل ۾ اچڻ گهرجن ۽ جن جي موجودگيءَ ۾ سيڪشن 491 سي پي سي قابل عمل ناهي.

جيڪڏهن ڪميونسٽ انقلاب ڪالهوڪو ڪفر آهي ۽ سوشلسٽ سماج جو خواب جيستائين هن ديس جي نيٽن کي نصيب ٿئي، يا جيسين ڪو نئون زرعي نظام نروار ٿئي، تيستائين هارين ۽ زميندارن جي گڏيل ڪوشش سان ٺهيل سنڌ ٽيننسي ايڪٽ جو صحيح معنيٰ ۾ اطلاق ٿيڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ضروري آهي، يا ان ۾ هاڻوڪين گهرجن پٽاندڙ ضروري ترميمن ۽ اضافن سان ڪا تبديلي آڻي سگهجي ٿي، جنهن ۾ آئون سمجهان ٿو تہ هارين جا حق انساني حقن جي تنظيمن جي منشورن ۽ چارٽرن کان وڌيڪ محفوظ ٿي سگهن ٿا. اهو ايڪٽ ڪيئن عمل ۾ آيو اچوتہ ٿورو جائزو وٺون.

سنڌ ٽيننسي ايڪٽ جيڪو 4 اپريل 1950ع تي هاري تحريڪ جي ڪاوشن ۽ قربانين جي طفيل عمل ۾ آيو. سيد سبط حسن جي لفظن ۾ دنيا جي پهرئين سوشلسٽ صوفي شاهہ عنايت شهيد جي "جو ڪيڙي سو کائي" واري تحريڪ کان پوءِ منهنجي خيال ۾ سنڌ هاري ڪميٽي ئي اها واحد تحريڪ ۽ تنظيم هئي، جنهن هارين جي حقن جي حاصلات ۽ حفاظت لاءِ پاڻ پتوڙيو جنهن جو قيام 1930ع ڌاري عمل ۾ آيو ۽ جنهن جي بنيادن ۾ جي ايم سيد، عبدالقادر ايم خان، ڄيٺمل پرسرام، جمشيد مهتا، قادر بخش نظاماڻي ۽ نور محمد پليجي جهڙن انسانن جو هٿ هو. انهي هاري ڪميٽيءَ جي تخليق پٺيان انگريز راڄ جي نوازيل انهن نوابن، خانبهادرن ۽ جاگيردارن جو ظلم هو جنهن ان وقت جي سماج سيوڪ انسانن کي هارين جي حمايت ۾ اڳيان اچڻ لاءِ مجبور ڪيو. هاري ڪميٽيءَ جي پهرين ڪاميابي سکر بيراج جي ڪمانڊ ايريا ۾ ٽيندڙ زمينن جي الاٽمينٽ مان غريب هارين کي ڏيڍ لک ايڪڙ زمين ملڻ هئي. ان کان پوءِ هاري ڪميٽي طبقاتي جدوجهد جو رُخ اختيار ڪيو ۽ 1945ع ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي شامل ٿيو جنهن جي شموليت هاري تحريڪ لاءِ هڪ نئون ولولو ۽ ورونهن هئي. 1947ع ۾ وڏي پيماني تي هاري ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ متفقہ طور تي بٽئي مان هارين کي اڌ ڏيارڻ لاءِ قرارداد منظور ٿي ۽ هيٺين سنڌ جي ڪجهہ ضلعن سانگهڙ نوابشاهہ ۽ ٿرپارڪر جي هارين، زميندارن کي اڌ کان وڌيڪ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڪيترن ئي جڳهين تي جهيڙا ٿيا، زميندارن حملا ڪرايا، جنهن ۾ مائي بختاور ۽ بالاچ خان بروهي جهڙا ڪيترا ئي ڪردار شاهہ عنايت شهيد جي مسلڪ جا مسافر ٿيا. انهي محاذ آرائي هاري تحريڪ جي باهہ اجا تيز ڀڙڪائي ڇڏي ۽ هاري ڪميٽيءَ جي ميمبرن 1943ع ۾ پيش ٿيل "سنڌ ٽيننسي ايڪٽ" جي منظوريءَ لاءِ حڪومت ۽ اسيمبلي ميمبرن تي زبردست دٻاءُ وڌو جنهن جي نتيجي ۾ حڪومت 3 مارچ 1947ع تي سر راجر ٿامس جي سربراهيءَ ۾ مسعود کدر پوش، نور الدين صديقي ۽ آغا شاهي تي مشتمل هڪ ڪميٽي عمل ۾



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آندي جنهن جون سفارشون اجا حڪومت تائين پهتيون ئي ڪونه ته مٿان ورهاڱو ٿيو ۽ اها ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي.

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ستت ئي هارين جي جدوجهد هڪ ڀيرو ٻيهر ٽيننسي ايڪٽ جي منظوريءَ لاءِ حڪومت تي دٻاءُ وڌو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ اسيمبلي جي ايڪويهن ميمبرن تي مشتمل جيڪا رپورٽ ٺهي، اها هاري ڪميٽي رد ڪري ڇڏي. هاري تحريڪ جي مسلسل دٻاءَ جي نتيجي ۾ پهرين اپريل 1950ع تي اسيمبليءَ ۾ بحث شروع ٿيو ۽ 3 اپريل تي هزارين هارين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي قيادت ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو گهيراءُ ڪيو. ميمبرن ٻئي ڏينهن تي بل جي منظوريءَ جو واعدو ڪيو ۽ نيٺ 4 اپريل 1950ع تي "سنڌ ٽيننسي ايڪٽ" جو بل منظور ٿيو. هارين جي طويل جدوجهد رنگ لاتو ۽ سالن کان ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ مسڪين محنت ڪش کي تحفظ جو ڪو قانوني جواز مليو. پنجاب جا هاري ته 1887ع کان پنجاب ٽيننسي ايڪٽ جي نالي ۾ قانوني تحفظ هيٺ هئا. پر اها سنڌ جي هارين جي بدقسمتي هئي، جيڪي جاگيردارن جي پيرن ۾ جُتين جيئن پيا هئا.

ڪجهه ڏينهن اڳ علي قاضي ڏاڍو ٺاهوڪو مضمون لکيو هو جنهن ۾ ڪافي ڳالهيون چڱيون به هيون، پر ڪيتريون ئي ڳالهيون بحث طلب هيون، جنهن ۾ خاص طور تي هن زراعت کي انڊسٽريءَ ڏانهن وٺي اچڻ تي زور ڏنو هو. ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي. هاڻوڪي زميندار ۽ هاري واري پارٽنرشپ ۾ هن جي بقول ته هاري کي ڪجهه به ڪونه ٿو ملي. زميندار شاهوڪار ۽ هاري نادار ٿيندو وڃي. اها به حقيقت آهي، پر حقيقت اها به آهي ته هارين جي اپت ايراضيءَ جي حساب سان ٿيندي آهي. ٽيننسي ايڪٽ موجب هاري کي چار ايڪڙ پوکيءَ لاءِ ملن ٿا. جنهن مان شاهوڪار ٿيڻ لاءِ ڪيتري آمدني ٿي سگهي ٿي؟ آمدني جو تعلق ايراضي، Input ۽ محنت سان به آهي. مون ڪافي اهڙا هاري ڏٺا آهن، جيڪي پنهنجي محنت سان ڪمايل ڏوڪڙن تي زميندار کان ڪجهه ايڪڙ زمين مقاطعي تي کڻن ٿا ۽ هو ڪمائين ٿا. زميندار ڪائي ٿو. حيدرآباد، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ انبن جا باغ ۽ ڪيلي جو فصل مقاطعي تي کٽندڙ گهڻو ڪري ڪولهي آهن، جيڪي پهرين هاري هئا. ڳالهه محنت جي آهي. علي قاضي واري ڳالهه ته زميندار کي سيٽ ۽ هاريءَ کي مزدور ٿيڻ گهرجي، واري ڳالهه سان آئون سهمت آهيان. انهيءَ جو مطلب



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صنعتڪاري (Industrialization) آهي، جنهن جو سنئون سڌو مطلب Self Culitivation (خودڪاشت) آهي، يعني زميندار مڪمل مشينري جي زور تي زمينون آباد ڪري. ڪيڙي هينئر به ٽريڪٽر تي ٿئي ٿي، ڳاهي وري به ٿريشر تي. پر هاري جو ڪم اهو آهي ته هو پاڻي ورائي ٿو. گڏ ڪڍي ٿو. پاڻ چُڻي ٿو. دوائن جي اسپري ڪري ٿو. فصل لُٽي ٿو. جڏهن خودڪاشت جي ڳالهه آئي ته پوءِ هاري وارا گهڻا ڪم مشينون ڪنديون ۽ هاريءَ لاءِ فقط پاڻي ورائڻ ۽ پاڻ ڏيڻ وارو ڪم وڃي رهندو جيڪو هو ڏهاڙي تي مزدور تي ڪندو ۽ زميندار سيٺ وانگر فقط بالم بڻيو ويٺو رهندو. مڃان ٿو اهو صحيح آهي، پنجاب سميت سموري دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ ايئن ٿئي ٿو. آسٽريليا ۾ ته 10 هزار ايڪڙن جا فارم به فقط ٻه ماڻهو سنڀالين ٿا. اها جديد اليڪٽرانڪ مئنيجمينٽ آهي. اسان جي هن خطي لاءِ ڪٿي اهو سسٽم قبول به هجي، پر ڳالهه اها آهي ته هينئر جتي هيترا سارا هاري روزگار ڪي لڳا پيا آهن. فرض ڪريو سؤ ايڪڙ جي ايراضيءَ تي 30 هاري ڪم پيا ڪن، پر صنعتڪاريءَ کان پوءِ انهن سؤ ايڪڙن تي فقط ٻن مزدورن جي ضرورت پوندي، جن جو ڪم رڳو پاڻ ڏيڻ ۽ پاڻي ورائڻ هوندو ۽ زميندار به سيٺ تي ويهي فصل جا ٻئي متا پيو ڪائيندو پوءِ هيءَ هيڏي ساري خلق خدا جي ڪيڏانهن ويندي؟ ايڏي بيروزگاري جو بار ڪير برداشت ڪندو؟ هتي جڏهن ڪا ٻي انڊسٽري ڪونهي، سرڪار جا دروازا بند آهن، اتي واحد زراعت ۽ ان جو هاڻوڪو نظام آهي جيڪو ڏکيو سکيو پر ماڻهن کي پاليو ويٺو آهي. خودڪاشت تي ته انهن جي به ضرورت باقي نه بچندي. ماڻهن جي جڳهه تي مشينون هونديون ۽ هاري گداگري تي مجبور ٿيندا. انهي پاسي به سوچڻ گهرجي، مڃان ٿو ته زراعت جو صنعت ۾ بدلجڻ وقت جي گهرج آهي، پر حقيقتون ان کان به ڪڙيون آهن. هاڻ ته خود زميندارن کي خودڪاشت جو جواز پيارن انساني حقن وارن ئي فراهم ڪري ڏنو آهي. ماتلي ۽ عمرڪوٽ جا زميندار ملتان مان مشينون وٺندي ڏٺا ويچن ٿا ۽ اهو وقت چاڻ آيو جڏهن انساني حقن وارن کي زمينن تان هاري پڇاڻا ڪونه پوندا، پر زميندار پاڻ هارين کي چلتو ڪندا. پوءِ اهي انساني حقن جا همدرد ٻڌائن ته انهن هيٺن هارين جو ڇا ٿيندو؟

(آچر 5 مارچ ـ 2000ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# قومپرستيءَ جي ڪهاڻي ۽ اتحاد جي ايجنڊا

گذريل اليڪشن جي چرڪائيندڙ نتيجن سان چٽني صوبن مان ظاهر ٿيل قومپرستيءَ جي رجحان پاڪستان جي ايڪي ۽ سالميت جي خيرخواهه ڌرين کي ٻڌتر جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي اجا انهي اليڪشن جي نگراني ڪندڙ وزيراعظم جي اقوام متحده جي حوالي سان چيل اسٽيبلشمينٽ به وساري نه سگهيا آهن. 97ع جي اليڪشن جا نتيجا جن کي ميان مشاهد حسين پنجاب جي سجاڳي ۽ گڏجي هلڻ جو احساس چئي Justify ته ڪري، اتي اهي ئي نتيجا لاڙڪاڻي جي وزيراعظم واري سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪنهن التيميٽم کان گهٽ ڪو نه آهن. سنڌ جنهن کي پنهنجي اقتصادي، اخلاقي ۽ سماجي بحران جو ادراڪ هجي، نه هجي، پر ڪيس سياسي ادارن جي تباهيءَ جو احساس ٽيڻ گهرجي. جو اڄ سنڌ جي هر مڪتب فڪر جي ماڻهو اڳيان تالستائي جو "نيٺ ڇا ڪجي؟" وارو سوال هر روز ڪنهن نئين معنيٰ ۽ نئين جواب جي تعاقب ۾ ڦڙڪڻ ٿو لڳي. علي قاضي جي سنڌ جي سياسي ڌرين کي هڪ سال لاءِ سرگرميون معطل ڪرڻ واري صلاح اڃا فضائن ۾ گشت ڪري رهي هئي، ته خبر آئي هئي ته سنڌ جا قومپرست انضمام لاءِ سوچي رهيا آهن. اها خبر سنڌ جي هوٽلن تي ڳالهين جي لامن ۾ لڏندڙ سنڌين لاءِ يقيناً چانهه جي ڪوپ کان گهٽ حيثيت واري ڪونهي. ڇو ته جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ ترقي پسند پارٽي سنڌ ۾ قومپرست سياست جي حوالي سان هين کان ڪافي سگهاريون ڌريون آهن. ترقي پسند پارٽي ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي کان وٺندي ڊاڪٽر دودي ۽ ڊاڪٽر رحيم سولنگي تائين، سڀ جا سڀ هڪڙي ئي مت جا متارا رهيا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. انهن جي تربيت ۽ طبيعت قومي تحريڪ ۾ ڪافي عرصو رهڻ ڪري ۽ سيد جي گهڙيل جو پاٽي پيئڻ ڪري اڃا تائين تبديل نه ٿي سگهي آهي. سنڌ جي قومپرست سياست جي هاڻوڪي صورتحال تي رايو ڏيڻ کان اڳي بهتر آهي ته سنڌ جي قومپرستيءَ جي شروعات ۽ سفر بابت مختصر ذڪر ڪجي.

سنڌ ۾ قومپرستي ۽ سنڌيت واري ڳالهه جي شروعات بابت جيڪڏهن سائين جي ايم سيد کان پڇجي ها ته هو شايد پنهنجي روح جي گهرائي ۾ لهندي، "الست بربکم" جي آوازن ۽ "قالو بلیٰ" جي اقرارن کان شروع ڪري ها، پر منهنجي ذاتي راءِ مطابق سنڌ ۾ جديد قومپرستي جو آغاز سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ واري تحرڪ کان ڳڻي سگهجي ٿو. گورن صاحبن برصغير تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ سنڌ جي جاگيردارن، پيرن ۽ وڏيرن کي عوام جي مٿان مسلط ڪري، سنڌن ڳچي ۾ پٽل جي سڪن جهڙن خطابن ۽ القابن جا طوق لٽڪائي، ڪين ڪيتيون ۽ جاگيرون انعام طور ڏنيون ۽ سنڌ جي موهن جي دڙي کان رهندڙ جداگانه حيثيت ختم ڪري بمبئي سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ سموري سنڌ 1847ع ۾ هڪ ڪمشنر جي ماتحت ٿي وئي.

اڌ صديءَ تائين انگريز عملدارن ۽ سنڌي پوتارن جي پيرن هيٺان لتاڙجندڙ سنڌ ۾ هن صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ نئين سياسي سوچ اڀرڻ ڪري، سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ جو تصور اڀرڻ لڳو ۽ سنڌ جي سياست ۾ غير فرقيواريت ۽ قومپرستي جي بنيادن تي سجاڳي جي لهر آئي. انهي جديد قومپرست سياست جا علمبردار رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس هئا، جن 1908ع ڌاري سکر ۾ "سنڌ پراونشل ڪانفرنس" وسيلي سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي جو مطالبو ڪيو. انهيءَ ڪانفرنس کان ٺيڪ هڪ سال پوءِ منٽو مارلي سڌارن هيٺ بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي نمائندن طور اهي ٻئي جديد سياست جا صاحب چونڊجي ويا، جن سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ هلچل شروع ڪئي، انهي وچان سنڌ ۾ مخلص ۽ ايماندار قومي ڪارڪنن جي هڪ چڱي خاصي لائين نمڻ لڳي، جن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، جمشيد مهتا، سيٺ حاجي عبدالله هارون، مولانا محمد صادق، مولانا عبيدالله سنڌي، چيتمل پرسرام ۽ ويرومل بيگراج نمايان هئا. جن جي اڻٿڪ محنتن جي طفيل سنڌ ۾ هڪ زبردست تحريڪ جنم ورتو جنهن جو مظاهرو 1925ع ۾ ڪانپور ۽ علي ڳڙهه ۾ مسلم ليگ جي ساليانے اجلاسن جي موقعي تي اتفاق راءِ سان نمراءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بحال ڪرائڻ جي صورت ۾ ٿيو جنهن ڪانپوءِ 1926ع ڌاري پير علي محمد راشدي ۽ ايوب کهڙي جي مدد سان سنڌ جا سور (Sufferings of Sindh) جي نالي سان ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو جنهن ۾ مدلل نموني سان سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي جي وڪالت ڪيل هئي. انهن مڙني محنتن ۽ ڪوشش رنگ لاتو ۽ پهرين اپريل 1936ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان آزادي حاصل ڪئي. سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي پڄاڻان انهي ڪامياب تحريڪ جا ڪارڪن ٻن مختلف وهڪرن ۾ ورهائجي ويا، هڪڙو وهڪرو اها سياسي ڌر هئي جيڪا قومپرستي ۽ غيرفرقيواريت ۽ روشن خياليءَ جي حامي هئي، جيڪا جاگيرداري، پيري مريدي ۽ وڏيرڪي روش جي خلاف هئي، جنهن جا نمائنده الله بخش سومرو شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد، ڄيٺمل پرسرام ۽ جمشيد مهتا هئا، ۽ ٻي ڌر جاگيرداري سماج جي نمائنده ڌر بڻجي وئي، جنهن جو محور فقط ۽ فقط اقتدار هو جن ۾ خان بهادر محمد ايوب کهڙو سر شاهنواز ڀٽو سر غلام حسين هدايت الله ۽ ٻيا هئا. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ فرقيوارانه فسادن ۾ ويڙهجي وئي ۽ هزارين بي گناه مذهبي جنون ۽ ڪٽرپڻي جي ڏاٽ هيٺان اچي ويا. انهي جنون جو سڀ کان وڏو الميو ڏينهن ڏٺي جو شڪارپور شهر ۾ الله بخش سومري جو قتل هو. جنهن جو گهاءُ اڄ تائين سنڌ جي بدن تي موجود آهي.

جي ايم سيد جيڪو هڪ طرف سنڌ جي باشعور ۽ ترقي پسند لاڏي جو نمائندو هو ته ٻئي طرف مسلم ليگ جو سرڪرده رڪن هو. تنهن سنڌ اسيمبلي ۾ نمائندگي ڪندي 23 مارچ 1943ع تي پاڪستان سان شامل ٿيڻ جو نعراءُ منظور ڪرايو پر شايد سيد سائين سنت ئي محسوس ڪيو هوندو ته پاڻ سنڌ سان انصاف نه ڪري سگهيو ۽ اهو وقت غلطين جي ازالي کان به گذري ويو هو انهي وقت جي سنڌ جي ڏاهن ابراهيم جويي جي ڪتاب Save sindh save sub continent ۾ پڙهي سگهجي ٿي.

حقيقت ۾ سنڌ ۾ قومپرستي جيڪا سنڌ جي بمبئي کان آزادي واري تحريڪ کان شروع ٿي چڪي هئي، تنهن ون يونٽ تحريڪ ۾ پنهنجا سڙهه سنوان ڪيا. سيد سان گڏ گهٽو ڪري اهوئي پڙهيل لکيل ڪارڪن لاڏو هو جيڪو جاگيرداريت ۽ آمريت جي مخالف ذهنيت جي پيداوار هو. پر عوام



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا پهرين مسلم ليگ جي هٿن ۾ ڪيڏنديِ هئي سا پوءِ پيپلز پارٽي جي پريم ۾ جڪڙجي وئي ۽ سيد جو سنڌ جي آزاديءَ وارو پيچيده ۽ لهو طلب خواب سنڌ جي ماڻهن جي اکين ۾ ماپي نه سگهيو ۽ اهي فقط پٿي جي ٻاريل چٽنگ جا چڪور ٿي ويا ۽ جيئي سنڌ جي سياست نيٺ تعليمي ادارن کي پنهنجو مرڪز بڻائڻ شروع ڪيو. انهي ڏهن سالن جي عرصي ۾ سنڌ جي معذور مڊل ڪلاس جي همدردين ۾ هٿن سان قومپرستي جو سفر عذاب هيٺ رهي، ايم آر ڊي جي تحريڪ تائين پهتو.

قومپرستيءَ جي سموري سفر ۾ سياست ۽ تحريڪن جي پچ (Pitch) گهٽو ڪري مڊل ڪلاس ئي رهيو آهي. هي مڊل ڪلاس جاگيرداري ۽ ڪرپشن جي پيداوار آهي، جنهن جون هزار خواهشون اهڙيون، جو هر خواهش تي دم نڪري. هي مڊل ڪلاس، اپر ڪلاس جي شوق ۾ لوئر ڪلاس ۾ ڪِرڻ جي ڊپ ۾ مبتلا آهي. تنهن ڪري خوف ۽ لالچ ۾ گهيريل ڪلاس تي مبني سياست مان Stability (استحڪام) جي تقاضا ٻيرن کان ٻير گهرڻ واري ڪار آهي. اسي جا آخري سال ۽ نوي وارو ڏهاڪو قومي تحريڪ جي زوال جو ڏهاڪو آهي، جنهن ۾ ويساهه گهاتين ۽ ليڊر شپ جي ي انتها ڪريز قومپرستي جي رومانس کي ڪيڪ جيان ڪٽي ڇڏيو ۽ هر ڪو پنهنجي جدا ديگ چاڙهڻ لاءِ سانباها ڪرڻ لڳو. قادر مگسي، دودو مهيري، قمر ڀٽي، خالق جوڻيجو ۽ ٻيا پنهنجون جدا پارٽيون ٺاهڻ لڳا. انهي سموري صورتحال جو قصور سيد سائين کي به ڏئي سگهجي ٿو. ڇو ته سيد عاشق ته هو پر ائڊمنسٽريٽر نه هو. سيد جي پارٽي ۾ پيدا ٿيندڙ مختلف رجحان ۽ لاڙا هو نوٽيس ۾ ئي نه آڻيندو هو. سيد جي عشق جو فائدو سنڌ کي ته ٿيو پر قومي تحريڪ کي عشق هڪ ائڊمسنٽريٽر کان محروم ڪري ڇڏيو. ان جو هڪڙو سبب اهو به هو ته سيد پنهنجي حياتي ۾ ڪا متبادل قيادت نه پيدا ڪري سگهيو ۽ هر ڪو پنهنجي پر ۾ سيد جي جڳهه وٺڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. آريسر جيڪو سيد ۽ گانڌي جي اهنسا جو پرچارڪ ته هو پر هو ائڊمنسٽريٽر ۽ مئنيجر نه هو. پارٽيون يا تحريڪون فقط جذبن ۽ نعرن تي ناهن هلنديون، پر انهن لاءِ زبردست نظم و ضبط گهرجي. هونئن پرپور سياست جي جدليات (Dialect) پروگرام، پارٽي ۽ قيادت تي ٻڌل آهي. انهن ٽنهي شين جو ڳانڍاپو نه هجڻ ناڪاميءَ جو جنم آهي ۽ انهن ٽنهي شين جي آڪسيجن وري ماليات آهي، جيڪا سياست کي عمر دراز ڏئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهي ٿي. اڄ جڏهن اسان سنڌ جي مجموعي صورتحال تي نظر گهمايون ٿا ته سنڌ مائي جندو کان وڌيڪ مظلوم، ويچاري ۽ دردمند نظر اچي ٿي. پنجاب جنهن کي ترقي لاءِ ڀرپور قيادت ملي چڪي آهي، سرحد ۽ بلوچستان جي قومپرستي اقتداري ايوان ۾ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ فيصلہ ڪن پوزيشن ۾ آهي، پر سنڌ وري بہ ساڳيو دهل ۽ ساڳيو دوسو. مجموعي طور تي سنڌ جي سياست ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي موٽر وي تي ڊوڙندڙ دنيا جي چاڻ رکڻ لاءِ سائنٽفڪ اپروچ جي زبردست کوٽ آهي. ڏاڍ مڙسي واري ڪلچر جي واڌ قومي فڪر کي تين وال ڪري ڇڏيو آهي ۽ تعليمي ادارن جهڙا مضبوط مورچا بہ ڪمزور ٿي چڪا آهن. هاڻي اهڙي ڪمزور پوزيشن ۾ قومپرست سياست آخر ڪهڙي نتيجي تائين پهچندي، انهي ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ رچرڊ ايلڊنگٽن جي قومپرستي لاءِ چيل هيٺين چوٽي فقط لفظ "سنڌي" جي واڌاري سان ڪجهہ سولائي ڪندي:

Sindhi Nationalsim is a cock crowing on its own ding hill.

(سنڌي قوم پرستي اهو ڪڪڙ آهي جيڪو پنهنجي اروڙي تي ڏانهي رهيو آهي.)

اسان سمجهون ٿا تہ وقت جي ضرورت بہ اها آهي تہ جديد صلاحيتن سان قومپرستيءَ کي سمجهجي ۽ جديد سنڌ لاءِ سائنٽفڪ اپروچ سان ڪجهہ ڪجي. اڄ جڏهن ترقي پسند ۽ قومي محاذ وارا پي ايل او تائپ اتحاد لاءِ سوچين ٿا تہ اسان کي ماضيءَ جا سڀ اتحاد ناڪام لڳن ٿا، ڇو تہ اتحاد ڪنهن هڪ نقطي تي پنهنجا مفاد پاسيرا رکي متفق ٿيڻ جو نالو آهي، پر اسان وٽ اتحاد ٺاهڻ وقت ڪو بہ پنهنجي ذاتي مفاد جي جُتي ٻاهر لاهڻ لاءِ تيار ڪونهي.

ترقي پسند پارٽي ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي سياسي Orientation بہ هڪڙي ئي آهي ۽ Origin بہ ساڳيو آهي. هيستائين ٻنهي پارٽين جي جداگانہ سياست ڪو خاص اثر نہ ڇڏي سگهي آهي ۽ انهن جو انضمام يا اتحاد اهو اعلان هجڻ گهرجي تہ هو هڪ اهڙي اتحاد کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا، جيڪو سائنسي بنيادن تي نئين سنڌ لاءِ جدوجهد ڪندو. هو جيڪڏهن سنڌ ۾ هن وقت سيني تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ اٽڪل پنجٽيهہ هزار شاگردن کان بهتر ۽ پرامن ماحول ۾ سچي پچي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپاءَ وٺن ۽ ان هڪ نقطي تي پاڻ ۾ گڏجن ته سنڌ کي هڪ بنهه نئون ۽ ڪارائتو نسل ملي سگهي ٿو. آئون سمجهان ٿو ته نيٺ ڇا ڪجي؟ واري سوال جو هڪڙو جواب اهو به آهي ته سنڌ ۾ هڪ نئون نسل تيار ڪيو وڃي، جنهن جي پنجن ڪان ڏهن سالن تائين ڀرپور تربيت ڪجي، جيڪڏهن هاڻوڪا قومپرست اها ايجنڊا سامهون رکي انضمام طرف وڌن ٿا ته عوام ۾ سندن پڌيءَ جو اثر پورڻ سان گڏوگڏ سندن ساک به بحال ٿي سگهي ٿي.

(جمعو 20 فيبروري- 1998ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هلو تہ لاڙين جا لڙڪ اگھون!

اڄ مون کي انگريزي فلم Swept from the sea ياد اچي رهي آهي، جنهن جي هيروئن ساحلي ڪوڙين ۽ سپين جي ديواني هئي، جنهن انهي اجنبي ڇوڪري سان پيار ڪيو هو جيڪو سمنڊ ۾ ڪنهن ٻيڙيءَ جي ٽٽڻ وڪرڻ ڪان پوءِ لهرن تي لڏندو لاش جي صورت ۾ اچي انهي ساحل تان نڪتو هو جتي اها نيري ساگر جهڙين اکين واري ڇوڪري سپيون ۽ ڪوڙيون ميڙي رهي هئي. پر اهو وقت جو وهڪرو هو يا قسمت جي لهر هئي جنهن انهي اداس ڇوڪريءَ جي اڪيلي آغوش تائين پيار آندو ۽ پوءِ اها سامونڊي سپين جي سوداگر ڇوڪري انهي اجنبي وڻجاري سان پيار جو سودو ڪرڻ لڳي ڇي تي ۽ هن ڪان سپين جي سونهن وسري ٿي وڃي.

اڄ جڏهن آئون انهي سامونڊي سنيهہ کي ساري رهيو آهيان تہ منهنجون اکيون ۽ دل سنڌ جي ساحلي علائقي ۾ آيل سامونڊي طوفان جي ستايل سانورن مهاڻن جي دامن جيان آلي آهي. جن جون وهون (زالون) بندرن تان بيهي پنهنجي مڇيءَ جي شڪار لاءِ ويل گهاتوئن لاءِ واڪا ڪندي وسامي ويون. اهي گهر جن ۾ اڳي سينگارين، ڪرڙين، پوپرين، پاپليٽن ۽ ٽيرين جا ٿها لڳا پيا هوندا هئا، اڄ انهن اڱڻن ۾ انهن وهن جي گهاتوئن ۽ ناکئن جا لاش ستيا پيا آهن. ساحل جي آلي واريءَ تي گهرڙا ناهيندڙ ۽ لهرن تي ليٽاڙا پائيندڙ ننڍڙا ٻار تقدير جي طغياني ۾ پنهنجي آئيندي کان اڳ اکيون ٻوٽي سمهي چڪا آهن. الئہ ڪيترين سينگارين مڇين جهڙيون سانوريون جوانيون پنهنجي اندر جي آسن کي دل جي غوراب سان غرق ٿيندي ڏسي رهيون آهن. ڪيترين بيقرار اکين فقط انهيءَ آس تي پنهنجي خوابن جا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چار ڦهلايا هوندا تہ هيل سندن سمنڊ جو سفر سجايو ڏيندو. مڇين جا مڻ ايندا ۽ سالن کان ميندڙيءَ جي آس ۾ مرجهايل هٿن جون ريکائون مهڪي اٿنديون، سهرا ۽ سنئوڻ ڏيندا. پيار جو چار ٻن دلين جو شڪار ڪندو ۽ درد دهلاري پکيءَ جيئن پنهنجي وطن ڏي اڏامي ويندو- پر ڇا ٿيو انهن اکين جي اڇلايل ڄار ۾ انهي سامونڊي مهاڻي جي ساڀيا نہ ڦاسي سگهي، پر موت جو مانگر مڇ اچي ڦاٿو جيڪو پيار جو ڄار ٽوڙيندو الئہ ڪيترين حياتين جا هاڄ اجاڙي چڪو آهي. الئہ ڪيترين ڳهريل راتين جا ڳيچ ڳڙڪائي چڪو آهي. انهي انگريزي فلم جي ڇوڪريءَ جهڙيون ڪيتريون ئي سانوريون، پيار جي سپين ۾ ڪوڏين چونڊڻ کان اڳي ئي پورجي چڪيون آهن- ۽ جي رهيو آدي تہ لطيف جو اهو شعر رهيو آهي، جيڪو سنڌ جي انهي اداس ساحل تي سڏڪا ڀري رهيو آهي:

سامونڊي ساري، ماءُ منهنجو جندڙو
بندر ويچاري، وڃي لائيا ڏينهڙا.

توهان مان جن بہ هيمنگوي جو Old man and the sea پڙهيو هوندو سي انهي پوڙهي مهاڻي سنتياگو کي وساري نہ سگهيا هوندا، جيڪو پرهہ جو اٿندو هو ۽ چار ڪلهي تي رکي سمونڊ جو منهن ڪندو هو. توهان جيڪي انهي سنتياگو کي نٿا وساري سگهو تہ توهان ڄاڻيءَ جي انهيءَ پوڙهي ياڳئي پوربي جي اخبار ۾ خبر پڙهي ڪيئن نہ آڪميا هوندا، جيڪو فقط انهي آس ۾ اخبار جي عيوضي اڳيان سمنڊ جي ڇولي جيئن لڇندو رهيو تہ هو پنهنجي جوان پٽ جو لاش پاڻيءَ مان نہ ڪڍي سگهيو. ڇو تہ اهو ڳري چڪو هو. هن جڏهن انهيءَ اڌڙيل رليءَ جهڙن ليڙون ليڙ لڱن کي پنهنجي ٻانهن ۾ کڻڻ چاهيو تہ جسم کان ٻانهن جدا ٿي ويئي ٽنگن ۾ هٿ وڌئين تہ ٽنگون بہ سنڌن کان سگ ٽوڙي بيهي رهيون- ۽ هو پوڙهو بار بار اهو چئي سڏڪندو رهيو تہ آئون پنهنجي پٽ جو لاش لحد تائين پهچائي نہ سگهيس. ڪفن پارائي دفن نہ ڪري سگهيس. توهان سوچيندا هوندؤ تہ اهو هڪڙو لاش ڪو نہ هو جنهن کي اهو پوڙهو پيار سان ڪفن پوش نہ ڪري سگهيو. پر انهي پوڙهي ۽ ان جهڙن ٻين هزارين جهور حياتين ۽ پور جوانين جي سرد لاشن جهڙين خواهشن جو ڇا ٿيندو. انهن کي من اندر جي قبر ۾ ڪير ڪفن ڏئي پوريندو جيڪي اڄ بي يار و مددگار بندر تي دکن جي بازار مچايو ويٺيون آهن. انهن جو ڇا ٿيندو؟ ڇا هي ڀاءُ اٽي جو ۽ پنج گرام گيهہ سندن حياتي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جي انهن اجڙي ويل حقيقتن جو حق ادا ڪري سگهندا؟ ڇا هي ٻن ڪروڙن جي امداد انهن ٻارن ڪي اهي "ٻايون" موٽائي ڏيندي، جن سان هو ڪاري پاڻيءَ ۾ ڪينچل ڪنديءَ لهرن جي پينگهي ۾ لڏندا هئا يا انهن وهن ڪي انهن هوا ۾ سڙهه لوڏي سمنڊ ڪيڙيندڙ گهاتوئن جو انتظار واپس موٽي ملندو جيڪي سدائين لاڙ جي ڳهريل هوائن ۾ ٻيڙين جا ونجهه جهليندي اهڙا گيت ڳائيندڙيون هيون:

اسين ماڻهو لاڙ جا،
درياهه جي پاڇاڙ جا،
اترڙو تو لڳي.

اڄ جتي سمورو لاڙ لڙڪ هاڻو آهي، جتي جي هوائن ۾ گهمر ڪان وڏيڪ غم گهاتو آهي، جتي جي پاڻين ۾ مڇين بجاءِ ماڻهو تري رهيا آهن، زمينون ٻڏي ويون، گهر ڪک پن جيئن اڏامي ويا، ڍنڍون ڪاريون ٿي ويون، هر اها شيءِ پاڻي ۾ پاڻي ٿي وئي، جيڪا جيئڻ جو جيئندان هئي. سوين مهاڻن جا لاش بدين ۽ ٺٽي جي بندرن تي بي ڪفن دفنائجي رهيا آهن ۽ ڪيترا ئي مڇين جي پويان ويل مهاڻا لاپتا آهن، جيڪي لڳي ٿو ته موت جي ڄار ۾ ڪرڙين جيئن قابو ٿي چڪا آهن. مطلب ته انهن مهاڻن ڪي سمنڊ جو سنيهه مهانگو پيو جن سدائين لطيف جي انهي سٽ جي سيوا ڪئي آهي ته:

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال.

بتيلن ۾ بازاريون لڳائيندڙ ۽ پاڻيءَ تي پسارون ڪندڙ ملاحن جي زندگيءَ تي دنيا ۾ الله ڪيترو لکجي چڪو آهي، الله ڪيتريون فلمون ۽ ڊاڪيومينٽريون ٺهي چڪيون آهن، پر انهن لڏڻ جهڙي لائيف گذاريندڙ ماڻهن جي من جي پاتال ڪي ڪو پروڙي نه سگهيو آهي. انهن جي حياتيءَ جا اسرار ۽ انهن جي گهر جو ڳجهه ڪو ڄاڻي نه سگهيو آهي، جن جو مرڻ جيئڻ پاڻي سان آهي. جيڪي ماڻهن کان وڌيڪ مڇين کي سڃاڻن، جن جي خوشين ۽ غمين جا سڀ رنگ يا ته پاڻي جي لهرن ۾ آهن يا ته گلفامن، ڪرڙين، موراڪين، سينگارين، تيرين، ڄرڪن، پاپليٽن ۽ پوپرين جي ڇلرن ۾ وڃايل آهن، جن جي تلاش سندن زندگيءَ جي تلاش آهي، جن جي تلاش کين هن پيري به موت جي ڪن ۾ آڻي ڇڏيو ۽ هو لڪئي جو ليک سمجهي، ڪاتب جي ڪئي تي چپ آهن. جو ته سندن سچي زندگيءَ جو سفر توڪل جي ترهي جي سيڙهه سان سلهاڙيل آهي، جيڪي سدائين فطرت سان کيڏندا آيا آهن ۽ فطرت ساڻن فساد ڪندي آهي. هنن جو سورن سان سڱ آهي جو ته هنن جو سمنڊ سان سياڪو آهي جيئن لطيف چيو هو:



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ٺٽي جي انتظاميا جي، اقرباپروري تي لکڻ اجايو آهي، جنهن ڪيئي ڏينهن پراڻي اڳ ڪٽي ڪي انهن ملاحن تائين نہ پهچايو جيڪي ساموندي سفر لاءِ پنهنجا سڙهہ سينگاري رهيا هئا. جن جا ننڍڙا ڪوڏين جهڙا ٻار ساحل جي واريءَ تي گهرڙا ٺاهڻ لاءِ نڪري چڪا هئا ۽ اهي جوانڙيون پنهنجي اندر ۾ ڪينچلين خواهشن کي سهرا ڳائي سمهاري رهيون هيون. جن جا سڄڻ مڇين جي تلاش ۾ پنهنجي هٿن جي ميندي ڳولڻ لاءِ نڪري چڪا هئا. ڪو بہ انهن کي ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهيو تہ سندن ايندڙ راتيون ڪيتريون رنجايل هونديون، سندن ڪيترا صبح سمنڊ مان لهوءَ سان منهن رڱي اٿندا ۽ سندن سانجهيون زخمي سيگل جيان سهڪي سهڪي ساهہ ڏينديون، ڪو بہ ٻڌائي نہ سگهيو ۽ هو سيئي سانورا ساحلي لطيف جي انهن سٽن جو منظر ٿي ويا:

وڻجارن وري، پرهہ پڳهہ ڇوڙيا،
اوليون پسي ان جيون، پيڙم ڳچ ڳري،
ويندي سماءِ مري، ساري ساموندين کي،

(5 مئي، 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# هن نيل ڪنول کي نالو ڏيو

ٽئگور چيو هو تہ هر تازو ڄاول ٻار انهيءَ ڳالهہ جي علامت آهي تہ خدا دنيا مان مايوس نہ ٿيو آهي. پر ٽئگور اهو ناهي ٻڌايو تہ اهو ڪهڙو تازو ڄاول ٻار آهي جيڪو پنهنجي جنم جي سائي جهنڊي ڪڍي هن دنيا ۾ اچي اهو اعلان ٿو ڪري، تہ خدا اڃا بہ دنيا مان خوش آهي. ڪهڙو ٻار !؟ اهو جيڪو ڪنهن خوبصورت شادي شده عرف سماجي سرٽيفڪيٽ يافتہ جوڙي هٿان جنم وٺي ٿو جنهن جي نرڙ تي ڪنهن نڪاحي ٻار جو اسٽيمپ آهي، جنهن کي ٻڌائڻ لاءِ پيءُ جي نالي جو پروانو هٿن ۾ آهي، جيڪو نرسن ۽ داين جي هٿن ۾ جنم وٺي ٿو ٻاين ۽ ٻانهين جي هٿان پلجي ٿو ۽ ماءُ جون پرهہ جي هير جهڙيون ٻوليون ٻڌي جوان ٿئي ٿو. ڇا اهو ئي ٻار خدا جي دنيا مان خوش هجڻ جو اهڃاڻ آهي؟ پر انهن ٻارن بابت دنيا جي ڪنهن بہ دانشور خدا جي خوش يا ناخوش هجڻ بابت ڪو بہ دستاويز ڇو نہ ڇڏيو آهي، جيڪي گناهن جي ڪاري رات ۾ حوس پرست قسمت جي حرڪتن ۾ جنم وٺن ٿا؟ جن کي اهي "اڻ ڄاڻ ڄاڻو" جنسي لذتن جي جهان ۾ پوکين ٿا ۽ بي رحم ۽ بي حس دنيا جي دوزخ ۾ سڙڻ لاءِ اڇلايو هليا وڃن؟ جن جي نرڙ تي ڪو نالو ڪونهي، جن کي جيئڻ لاءِ جواز ڪونهي، جن کي دنيا ناجائز چئي، ننڌڻڪو ڪري ڇڏي ٿي، جنهن کي بہ جسماني پيار ڪندڙ جوڙا محبت جي ناجائز نشاني سمجهي يا گٽر نالي ۾ اڇلايو وڃن يا انهي تازي ٽڙيل ڪلي کي حرامي سمجهي جلايو ڇڏين. اهي ٻار جن بابت ٽئگور وضاحت ناهي ڪئي تہ اهي دنيا جي دوزخ ۾ داخل ٿيندڙ ٻار خدا جو ڪهڙو پيغام ڪڍي ٿا اچن!



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪالهوڪي ڪاوش ۾ ٻه اهڙيون خبرون آيون آهن جيڪي سنڌ جي انسان دوست هجڻ واري اعلان تي ڪنهن ڪاري داغ جيئن چٽيل آهن. هڪڙي خبر ۾ آهي ته دادو ۾ ڊي سي آفيس آڏو ڪنهن ناجائز ٻار جو گٽر نالي ۾ لاش مليو جنهن جو جسم ڪتن جي چڪن سان چچريل هو. ٻي خبر آهي ته قاضي احمد لڳ ڪنواري ماءُ گناهه لڪائڻ لاءِ تازي ڄاول ٻار کي جيئرو ساڙي ڇڏيو.

توهان ٻڌايو ته اهي خبرون پڙهڻ ڪانپوءِ توهان ڇا ٿا چئو؟ ڇا اڃا پاڻ پنهنجي پاڻ کي محبت، انسان دوستي، حيا ۽ غيرت جو علمبردار چئون؟ جيڪا سنڌ پنهنجي مستقبل جا لاش روايتي غيرت ۽ عزت جي گٽر نالن مان چونڊي رهي آهي، جيڪا سنڌ اهو ٻڌائڻ کان گونگي ٿي وئي آهي ته انهي ننڍڙي ٻارڙي جي لاش کي ڪهڙو نالو ڏجي، جنهن جي حياتيءَ جو فيصلو گناهن جي ڪاري رات ڪيو ۽ جنهن جو لاش سماجي غيرت کي پنهنجي ڪلهي تي کڻڻو پيو جنهن جي حياتيءَ جي ابتدا ٻن انسانن ڪئي ۽ انتها ڪاري رات ۾ ڪتن جي هٿان ٿي. انهي ٻارڙي کي سنڌ ڪهڙو نالو ڏئي؟ توهان ٻڌايو ته اهو لاش ڪٿي دفن ٿيڻ گهرجي؟ زمين جي ٻن والن جي ڪڏ ۾ دفن ٿيڻ گهرجي يا اسان جي انهن عاليشان عظمتن، عزتن، غيرتن ۽ محبتن جي دعوائن جي دل ۾ دفن ٿيڻ گهرجي؟ آئون چوان ٿو ته اچو ته انهي ننڍڙي لاش کي گنگهار جسم جيئن مٽيءَ جي ڍير ۾ اڇلڻ بجاءِ انهي پتڪڙي گلاب کي ڪنهن پاڪ ڏڙڪن جيئن سنڌ جي سيني ۾ دفن ڪريون، ته جيئن ڪڏهن به اها ڪنهن ڪوڙي دعويٰ جو هٿ پنهنجي ڇاتيءَ تي هڻي ته اهو هٿ رت ۾ رڱجي اچي ۽ حقيقت پسند ٿيڻ جو احساس صوفين جي سنڌ کي ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ جي حياءَ وانگر محسوس ٿئي.

اها خبر آئون سمجهان ٿو ته فقط هڪ مثال آهي، جيڪو آرسيءَ جيئن اسان اڳيان آيو آهي، پر اهڙا ڪيئي واقعا روز رات جي پيٽ ۾ دفن ٿيندا هوندا. جيڪي اخبار جي سرخي ٿيڻ کان رهجيو وڃن ۽ ڪيترائي ٻن جسمن جي جنسي لذتن ۾ جنم ورتل ٻار ٻنا نالي جي گندين نالين حوالي ٿيو وڃن، جن جي نه ئي ڪا ڇني ٿئي، نه عقيقو ۽ نه ئي ڪو اذان سندن ڪنن ۾ داخل ٿئي ٿي. جن جو ڦريون ساهه آخري پساهه جيئن پلاٽيو وڃي. اهي ٻار.جن کي اسان ناجائز ٻار چئون ٿا ۽ انگريز ولچر چائلڊ يا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(Illegitimate child) چون ٿا. مغرب ۾ جنم وٺندڙ اهڙا ٻار اڳتي هلي ليونارڊو ڊاونچي ثابت ٿين ٿا. پر اسان وٽ جنم وٺندڙ ٻار غلطي سمجهي ارڙين تي اڇلايا وڃن ٿا. ڇو ته سماج اجازت نه ٿو ڏئي ته اهي ٻار پليا وڃن، نپايا وڃن، ڪليءَ مان گلاب ٿين. ڇو ته اهي ٻار راتين ۾ وچايل حرڪتن جو بدصورت نتيجو هوندا آهن. هو پنهنجي انهن حرڪتن کي ته جائز سمجهندا آهن جيڪي انهيءَ ٻار جي قسمت جو فيصلو ڪنديون آهن، پر انهي ٻار کي ناجائز سمجهي ڪتن جي حوالي ڪريو ڇڏين. جيڪو انهي عمل جي پيداوار آهي. انهي ٻار کي ساهه کڻڻ جو ڪو حق ڪونهي، جيڪو ٻن گرم ساهن جي جهوٽي ۾ جنم وٺي ٿو. ڇو ڇو ته سماج اجازت نٿو ڏئي، ته اهو جوان ٿئي ۽ ڪنڌ کڻي هلي. جنهن ٻار جي نرڙ تي پيءُ جو نالو لکيل ڪونهي، انهي ٻار جا پير هن ڌرتيءَ جي رستن تي ناپاڪ سمجهيا وڃن ٿا. ماءُ جو هجڻ لازمي ناهي، پيءُ جو هجڻ شرط آهي. ڇو ته هي Patriarchal Society آهي. هي پدري سماج آهي، هتي ٻار کي جنم فقط پيءُ ڏئي ٿو. ماءُ ته مڙئي پالي ٿي. هتي ڪو به پٽ فقط پيءُ جو پٽ ٿي سگهي ٿو پر ڪو به پنهنجي ماءُ جو پٽ نٿو ٿي سگهي، ڇو ته هوءَ عورت آهي ۽ عورت لاءِ هن سماج ۾ پنهنجي عزت ۽ حقن جي دعويٰ جا سمورا در بند رکيا ويا آهن. هوءَ جيڪڏهن پنهنجن حقن جي دعويٰ ڪري به ويهي ٿي ته ڪهاڙيون سندس ڳچيءَ جو هار ٿين ٿيون. هي سماج سڃاڻپ لاءِ شناختي ڪارڊ گهري ٿو جنهن ۾ پيءُ جو نالو لازمي آهي. جيڪڏهن انهي "ب" فارم ۾ فقط ماءُ جو نالو لکيل آهي ته اهو هن سماج جو چڙ ته ناجائز ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو جنهن جي رهڻ لاءِ گهر فقط ڳاڙهين بتين جي شهر ۾ ٿي سگهي ٿو. جتي ڪاري رات ۾ آزاديءَ سان فقط اهو ئي رهي سگهي ٿو جنهن جي ڪيسي ۾ پيءُ جي نالي وارو شناختي ڪارڊ پيل هجي. توهان جي يادداشت لاءِ ته هي ڪو مغربي ملڪ ناهي، پر هي مهان مشرق جي ڏاکڻي اوير ۾ ماضي جي عظيم تهذيب جي علمبردار سنڌ آهي، جتي رستن تي سيٽيون وڄائي گاڏين جا اسڪريچ هٽي عياشيون ڪندڙ هر ماڻهو جي ڪيسي ۾ پيءُ جي نالي وارو شناختي ڪارڊ پيل آهي ۽ جنهن جي ڪيسي ۾ پيءُ جي نالي وارو پروانو ناهي، اهو هن ديس جي ڪنهن ويران ڪنڊ ۾ ڪنهن ڪاري قبر هيٺ پيل آهي، جنهن جي قبر جي ڪتبي تي ڪو نالو لکيل ناهي، پر اهو سمجهي وڃو ته اهو ڪتبو نو گو ايريا جو آهي. هن ديس ۾ دفن ٿيڻ لاءِ به قبرستان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن، هڪڙو اهو آهي، جيڪو پاڪدامن ۽ سفيد روحن جي جسمن جو قبرستان آهي، جن لاءِ حياتي ۾ محبت ۽ انسان دوستي شرط ناهي. ٻيو اهو آهي جنهن کي ڪارين جو قبرستان چيو وڃي ٿو جن جي روحن جو رنگ ڪو به آسماني صحيفو ۽ سماجي دستاويز اڄ تائين ٻڌائي نه سگهيو آهي. اهو اسان جي گوناگون ۽ گهڻ پاسائين سماج جو هڪڙو ننڍڙو تعارف آهي. هڪ مختصر جهلڪ آهي، جيڪا اسان جي عزت ۽ غيرت جو دل گهريو دليل آهي. جنهن جي معيارن تي جيڪي پورا لهن ٿا، اهي پنهنجي جسماني محبت جي نشانين کي پوراڻيءَ جي پل سمجهي نالين ۾ اڇلي وڃن ٿا ۽ جيڪي معيارن تي پورا نٿا لهن، انهن جا جسم ڪهاڙيون ۽ ڪتا گڏجي کائين ٿا.

سڄي دنيا چوي ٿي ته ٻار معصوم آهن، ماڪ ۾ وهنتل گلن جيئن پاڪ آهن، پر اهو نٿي ٻڌائي ته ڪهڙا ٻار معصوم آهن ۽ پاڪ آهن؟ پر هن ڌرتي تي گلن جهڙا ٻار فقط اهي ئي معصوم ۽ پاڪ آهن جيڪي ڪنهن ماءُ جي ممتا جي ماڪ ۾ وهنتل هجن، جن تي ڪنهن پيءُ جي نالي جو نور برسيو هجي! اهي ئي ٻار معصوم آهن، باقي سڀ گٽر نالي ۾ اڇليا وڃن ٿا، ڪتن کان کارايا وڃن ٿا يا باهه ۾ ساڙيا وڃن ٿا. ٻار جي معصوميت لاءِ پيءُ ماءُ جو هجڻ ضروري آهي. جيڪي مرڪي پتڪڙي پيشاني تي چميءَ جو چمپا اوتي چون ته تون واقعي موتئي جهڙو معصوم آهين. گلاب وانگر پاڪ آهين، ڇا اهي معيار ڪنهن ٻئي معاشري جا آهن؟ توهان ٻڌايو ته اهو تعارف ڪهڙي سماج جو آهي، ڪهڙي ديس جي ڪهاڻي آهي، توهان ٻڌايو!

جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته آئون اڄايو انهي ناجائز ٻار تي ماتم ڪري رهيو آهيان ته توهان ئي ٻڌايو ته اسان پنهنجن جائز ۽ محبوب ٻارن کي ڇا ڏئي رهيا آهيون؟ ڇا اها حقيقت ناهي ته هن ديس جي سرحد ۾ سڀ کان مظلوم مخلوق اهي ٻار آهن، جن جي مستقبل تي سدائين اسان پنهنجي مرضيءَ جي مهر هڻندي آهي. اسان ڪڏهن به پنهنجن جائز ٻارن کي سمجهڻ جي غلطي ناهي ڪئي، پر سدائين انهن کي سمجهائڻ جي عياشي ڪئي آهي. انهن جي مرضي ۽ مستقبل جي چونڊ کي ماري پنهنجي مرضي مسلط ڪئي آهي، اسان ننڍي لاڪون پنهنجي پتڪڙي پيار کي اهو ئي سمجهائڻ جي غلطي ڪئي آهي ته زندگيءَ جو سچ چند نيرا نوٽ آهن جيڪي فقط ۽ فقط انجنيئر ۽ ڊاڪٽر ٿي حاصل ڪري سگهجن ٿا. مون کي اجازت ڏيو ته



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چوان تہ سنڌ ۾ سڀ کان وڏيڪ غلام اهي جائز ٻار آهن، جن کي پنهنجي پسند ۾ آزادي جو انتخاب ڳھرجي. ڇو تہ هتي جيئرا بہ فقط جائز ٻار آهن، جن کي جيئڻ جو گس بہ اسان ڏيون ٿا جيڪا آئون سمجهان ٿو تہ انهن سان سڀ کان وڏي زيادتي ٿي آهي. سنڌ جو هڪڙو مستقبل اهو آهي جيڪو اڄ پنهنجي مرضيءَ کان محروم آهي- ۾ هڪڙو اهو آهي جنهن جو ڪو مستقبل ڪونهي، جنهن جو حال چند ساهہ آهن جيڪي هو ڪنهن ارڙيءَ تي يا ڪنهن گندي ناليءَ ۾ ڪٽي گذاري ٿو. پر ڇا انهي کي اسان پنهنجو مستقبل سمجهون ٿا؟ اهو تہ جنسي لذتن جي جزيري تي گھاريل چند گھڙين جو گناهہ آهي، اهو سنڌ جو مستقبل ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ سنڌ جو مستقبل تہ اهو آهي، جيڪو گھرن ۾ ڄمي ٿو اهو ناهي جيڪو گهٽين ۾ ڄمي ٿو. اهو معيار آئون سمجهان ٿو تہ انسانيت جي سڀ کان وڏي توهين آهي. آخر هي سماج انهن ٻارن کي نالو ڇو نہ ٿو ڏئي، جيڪي اگھاڙا گهٽين ۾ نالين ۾ اڇليا وڃن ٿا؟ انهن کي زندگي ڏئي نہ ڏئي، پر نالي جي حق کان تہ محروم نہ رکي.

اسان جي سماج ۾ هڪڙا ماڻهو اهي آهن جن کي ڪيترين شادين باوجود ٻار ڪونهي، هڪڙا اهي آهن جيڪي بغير شادي جي ٻار ڇٽيو رستن تي روليو اڇن. قسمت جي ڪلور کي ڪهڙو نانءُ ڏجي؟ ڪالهوڪي خبر ۾ هو تہ انهي مئل ٻار جي لاش تي هڪڙو ٽن شادين وارو سرندي وارو صاحب روئي رهيو هو جنهن جي حياتيءَ جي اڱڻ تي ڪنهن ٻار جو گلاب نہ ٽڙيو هو جنهن جي حياتيءَ جي سڀ کان وڏي حسرت ڪنهن ننڍڙي هنج جي تمنا هئي. هڪڙي عورت اها آهي جيڪا انهي ٻار جو لاش ڏسي لڙڪ روڪي نہ سگهي، هڪڙي اها آهي جيڪا پنهنجي هٿن سان پنهنجي پيٽ ۾ پاليل نون مهينن جي نشاني کي نالي ۾ اڇلائي وئي. عورت جيڪڏهن ڳجهہ (Mystery) آهي، تہ انهي جو سڀ ڳجهو روپ اها عورت آهي، جيڪا پنهنجي جسم جي حصي کي ڪنو ڪري اڇلي وئي. اهو بہ نہ سمجهي سگهي تہ اهو ٻار ڪنهن اهڙي گھر جو رابيل ٿي پئي سگهيو جنهن گھر جي ديوارن ڪڏهن ڪنهن رنگين پينسل جا ليڪا ڪو نہ ڏٺا هوندا، جنهن گھر جي ديوارن ڪڏهن ٻاتڙي ٻولي ڪو نہ ٻڌي هوندي ۾ ڪنهن عورت جي روح ۾ ڪن پتڪڙن تمڪن جا تيولپ ڪو نہ ٽڙيا هوندا. انهي گھر کي خوشين جي خيرات ڏيڻ ۾ ڇا هو؟ اها بي مراد جيڪڏهن اهو سمجهي ها تہ هوءَ انهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بي حسي جو بدصورت باب هرگز نہ ٿئي ها. ايڏي سينٽر تي درج ٽيل ڪنهن اهڙي گهرج کي ننڍڙو گهوٽ ملي پوي ها. ڪاش هوءَ ائين سمجهي ها! ڪاش، هوءَ ڄاڻي ها تہ اهو اڄوڪو ننڍڙو ناجائز ٻار ڪنهن گهر ۾ گهڻو ڪانپوءِ سياڻي جو ليونارڊو ڊاونچي تي پئي سگهيو جيڪو انهي بي حس عورت کي پينٽ ڪرڻ بجاءِ هڪ اهڙي مونا ليزا تخليق ڪري ها، جنهن جي پراسرار مرڪ سوين سالن ڪانپوءِ بہ اهو ٿي ثابت ڪري ها تہ عورت واقعي ڳجهہ (Mystery) آهي.

(سومر، 12 جون۔ 2000ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پوليس کي پاپ جي پڇري مان ٻاهر ڪڍو

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪاوش ۾ هڪ فوٽو ڇپيو هو جنهن ۾ پياري پوليس جو هڪ سپاهي پوندڙو ڏيندي ڏيکاريو ويو هو. اهو فوٽو ڏسي، يڪدم سوچڻ لڳس ته اهو پوندڙو ڪنهن کي ملي رهيو آهي؟ انهيءَ سامهون بيٺل ماڻهن کي يا هن سموري سوسائٽيءَ کي...؟ ڇا اهو محض پوندڙو هو يا انهيءَ بڪ جو بدلو هو جيڪا انهيءَ ڪاري قميص ۽ خاڪي ورديءَ واري سپاهيءَ جي گهر ۾ سالن کان پاتين جيئن رهندي آئي آهي؟ يا اهو هڪ هٽ جي ڪليل پنجن آڱرين وارو عمل ڪو پلاند هو جيڪو ڪجهه گهڙيون اڳي هن کي صوبيدار صاحب پاران سندس حصي جو ڳاڙهو نوٽ حاصل نه ڪرڻ واري نااهليءَ تي نصيب ٿيو... ڇا هو؟ انهيءَ تصوير تي ڪاوڙجڻ ۽ پوليس کي پاپ جو پڇرو ڪوٺي گاريون ڏيڻ کان وڌيڪ بهتر آهي، ته انهيءَ عمل پويان لڪل حقيقت ۽ ان جي سبب جي ڳولا ڪجي. آئون سمجهان ٿو ته روزانو اهڙا هزارين ڪليل هٽ هن معاشري جي منهن تي ڪڇندا رهن ٿا. اها ته محض هڪ تصوير هئي، جنهن اسان کي تڙپائي وڌو.

اهو تصوير وارو همراهه ڪو ڦلن وارو آفيسر نه پر هڪ سپاهي هو جنهن جي ڪلهي تي لڳل ڪئنچي نما پٽيون هن جي ترقيءَ جي علامت آهن، جنهن جي ڪاڻ قسمت جي ڪئنچي هٿان هن جي عمر جا ڳچ سال ڪتجي چڪا آهن ۽ باقي بچيل انهن پٽين جي چٽين ۾ چَٽ ٿي ويندا. هن جي گهر ۾ بک ۽ بيوسي سميت ڪل ڏهه پاتي آهن، جن کي سنيالڻ جو سهرو سندس چندڙ تاري واري ٽوپيءَ جي جاءِ تي ٽڪي نٿو سگهي. اهو ڏهن پاتين کي سنيالڻ وارو سهرو انهيءَ سهري کان مختلف آهي، جيڪو سندس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءِ سنڌس سورنهن ورهين واري الهڙ وهيءَ ۾ سهرا ڳائي، سنڌس سِر تي رکيو هو جنهن جي شڪل موتيءَ جي لڙهن مان ڦري ڪاري ٽوپيءَ ۾ بدلجي چڪي آهي. سنڌس درسي تعليم ايتري آهي جيتري ڪنهن آڱوٺي ڇاپ اسڪالر جي ٿي سگهي ٿي. سنڌس پگهار فقط سنڌس پيٽ پالڻ لاءِ پوري ناهي، پر هو ڏهن ڀاتين جي ڏکن جو ڏنڊ ڀرڻ جو پرمر رکيو اچي. جنهن جي روز ڪمائي عرف سوڪالڊ ڪرپشن مان ٿيل آمدني ريڊ اينڊ وائيٽ جو پاڪيٽ، چانهه جو ڪوپ، پنجن جا پنج نوٽ، پاءُ بصر، اڌ ڪلو پينڊين سميت ڪجهه عدد آفيسر صاحب ۽ پوٽارن جي پوٽڊن کان مٿي ڪجهه ناهي... ۽ انهي ڪثير آمدنيءَ جي بدلي هو سليقي مند سپاهي روزانو ارڙهن ڪلاڪن جي اوجاڳيل ڊيوٽي دؤران چند لوڪل ميڊ گاريون ڪجهه عوامي لپاٽن، اسٽائلش پوٽڊن، صوبيدار صاحب جي گهر جي ونگارن ۽ آفيسرن کي ڪيل چند سلامن جا سوڻ ڪري، سرڪار ۽ سماج جو قرض، فرض سمجهي لاهيندو رهي ٿو.

توهان ٻڌايو ته هو پنهنجي فرض ۾ ڪهڙي ڪوتاهي ٿو ڪري؟ جيڪو هن کي ملي ٿو ان کي پيٽ تي هو موتائي ٿو ڏئي. تڏهن ٻه پاڻ پنهنجي ڪاوڙ جو پاند هن تي ڇنڊڻ کان سواءِ نٽا رهون. جي انهي سموري ادا جو الزام فقط انهي سپاهي تي هڻون ٿا، ته اها ڪل جي ڪل لاهڻ واري ڳالهه ٿي. سماج جيڪو هن کي ڏيندو هُو اهوئي موٽ ۾ ڏيندو. پنجويهه سؤ جي پگهار تي پاڻ هن مان ڪهڙي اخلاق جي اُميد ڪري سگهون ٿا؟ آئون سدائين چوندو آهيان ته پوليس جي پاپ تي ڳالهائڻ کان اڳ توهان کي سپاهيءَ جي زندگيءَ جي سوڙهي گهٽيءَ ۾ جهاتي پائڻي پوندي ۽ پوءِ پوليس رفارمز تي ڳالهائي سگهجي ٿو. هن ملڪ جي نهڻ کان وٺي هيل تائين سرڪار سڳوري پوليس رفارمز جي نالي ۾ ڪيترائي ناٽڪ ڪيا آهن. پر اهي رفارمز ۽ سڌارا فقط آفيسرن جي زندگين ۾ آيا آهن، پر انهي سپاهيءَ جي زندگيءَ ۾ سڌاري وارو سوال هر ڀيري هن ملڪ جي محب شيدين هٿان ڪنهن گمنام سپاهيءَ وانگر ماريو ويو آهي. نواز شريف جي دؤر ۾ جڏهن پوليس رفارمز جو اعلان ٿيو هو ته مون پنهنجي ڪالم ۾ ميان صاحب کي فقط ٽانڊي سپاهيءَ جي پارت ڪئي هئي ۽ اها ڳالهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته فقط سپاهي جي زندگيءَ ۾ سڌارا آڻيو اڌ پوليس سڌري ويندي- ۽ جي پوليس سڌري ويندي ته سماج ۾ سڌارو ايندو. چو ته سپاهي انتظامي سرشتي ۾ اهو پهريون Element آهي، جنهن جو واسطو سنئون سڌو عوام سان آهي. پر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوءِ سيني ڏنو اهو سڌاري وارو سوال محض اعلان هو جنهن جون حدون فقط پنجاب تائين مقرر ڪيون ويون ۽ سنڌ۔ پنجاب وارو روايتي امتيازي فرق ساڳئي انداز ۾ ساڳيو رهيو. شهباز شريف ميرٽ جي بنياد تي ايم اي پاس پنجاب يونيورسٽي، بهاولپور يونيورسٽي ۽ قائداعظم يونيورسٽيءَ جا ڇوڪرا اي ايس آءِ ڪري ڪنيا ۽ هتي ساڳيو دهل ساڳيو دوسو. سياسي بنيادن تي ڪنيل اڻ پڙهيل ۽ جاهل ڊي ايس پي، اي ايس آءِ ۽ ڪانسٽيبل سماج جي ڪهڙيءَ ريت خدمت ڪري سگهن ٿا ۽ توهان انهن مان ڪهڙي قسم جي سڌاري ۽ سروس جي اُميد رکي سگهو ٿا، اهو توهان جي عقل سليم تي ڇڏيل آهي. اڄ جيڪڏهن توهان هن ملڪ کي پوليس اسٽيٽ چئو ٿا ته بلڪل صحيح ٿا چئو ڇو ته هن ملڪ جو نظام پوليس ۽ روينيو سميت ساڳي روايت تي پابند آهي، جيڪو نندي ڪنڊ جي نصيب ۾ گوري سرڪار چارلس نيپيئر، لارڊ ڪيننگ ۽ ميڪالي جي هٿن سان ڪوڪي جيئن ٺوڪيو هو. اڄوڪي پنهنجي پياري پوليس اڄ به انهن ساڳين پٽڙين تي ڊوڙي رهي آهي، جيڪي 1861ع واري وائسراءِ لارڊ ڪيننگ جي دؤر ۾ ميڪالي جي مغز مان نڪتيون هيون. پر اها ٻي ڳالهه آهي ته انهي نظام جون پٽڙيون انهن گورن صاحبن جي پنهنجي وطن جي گهٽين ڏانهن نه ويون، پر هن بدنصيب برصغير جي بيابانن ۾ رهجي ويون. انگريز سرڪار جي انهي 1861ع واري پوليس ايڪٽ آڻڻ جو مقصد ٻيو ڪجهه به ڪونه هو پر انتظامي امور جي نالي ۾ هڪ اهڙي فورس کي جنم ڏيڻ هو جيڪا جاگيرداري نظام جي سهيلي طور هن سماج ۾ گوري سرڪار جي گرم ارادن جو ڀرم رکي سگهي. انهي دؤر ۾ پوليس جي پاپ پرور نظام جو رعب ۽ دٻدٻي وارو دؤر ڏسڻو آهي ته پير علي محمد راشدي جي "اهي ڏينهن اهي شينهن" وارو شروعاتي باب پڙهو يا انڊين آرٽ مووي "مرچ مسالا" ڏسو ته توهان کي خبر پوندي ته انهيءَ دؤر جو صوبيدار ڪو صوبيدار هو يا ڪو رومن جنرل هو جيڪو گهوڙي جي سوني رڪيب ۾ پير وجهي، هن ديس جي ڳوٺن ۾ ائين گهمندو هو جيئن روم جي گهٽين ۾ سيزر جو سير ٿيندو هو. جنهن ڳوٺ ۾ لهندو ته مسڪين ماٺهو مُڇ جي واڻ جيئن ونجي، سندس پيرن ۾ وڇي پوندا هئا ۽ ڪنهن سورنهن والي سٽڻ واري وڏيري جي اوطاق تي ويو ته وڏيري جي مُڇ پئي ڦڙڪندي هئي. مُوڙا رکجي ويندا ۽ ست رڇيون رڌجي وينديون ۽ راڄن ۾ رڙ پوندي، ته فلاڻي خان جي اوطاق تي صوبيدار صاحب آيو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ بہ جيڪڏهن ڪو توهان کي انهي دؤر جو جهونو عملدار ملي، تہ ساڻس ڳالهائي ڏسو. سندس لهجي ۾ ان دؤر ۾ ڪاڏل تريل ٽترن ۽ ڪڪڙن جون پڙڪيون ملنديون ۽ سندس لفظن ۾ اهائي گهوڙي جي ٽاپ ملندي، جڏهن هو اڇي ڪاري جو مالڪ هو ۽ جڏهن رعيت سندس گهوڙي جي رڪيب ۾ ڦاٿل هئي. اهو گورن جو دؤر هو ۽ هي ڪارن جو دؤر آهي. رنگ بدليا آهن، شڪليون بدليون آهن، مزاج ساڳيو آهي. انگريز سرڪار جيڪو نظام ننڍي کنڊ لاءِ تجويز ڪيو اهو عظيم برطانيہ جي اهل نہ ٿي سگهيو.

دنيا ۾ شايد پوليس جو قيام پهريون ڀيرو روم ۾ ٿيو جڏهن آگسٽس 27 قبل مسيح ڏاري پريٽورين گارڊ (Praetorian guard) ٺاهي، روم ۽ پرپاسي جي شهرن ۾ ماڻهن کي سماجي تحفظ فراهم ڪيو هو جيڪو پوءِ رومن ايمپائر جي زوال (پنجين صدي) تائين هلندو آيو. پر اها ملڪي ليول تي ڪا منظم سوشل سيڪيورٽي سروس نہ هئي، پر ڪجھ شهرن تائين محدود هڪ اهڙي فورس هئي، جنهن جو ڪم لٽ هٽ ۾ ڪٽي گهٽين ۾ سيٽيون وڄائي گهمڻ هو. ان کان پوءِ پوليس جي باقاعده جوڙجڪ عهد خلافت ۾ حضرت عمر رضہ جي دؤر ۾ ٿي. جڏهن ان کي سماجي تحفظ ۽ خدمت جون ذميواريون سونپيون، "الشرط" جو نالو ڏنو ويو ۽ سربراھ کي "صاحب الشرط" سڏيو ويو. جيڪو پوءِ حضرت علي رضہ جي وقت ۾ ڦيرائي "احداث" ڪيو ويو ۽ سربراھ کي "صاحب احداث" چيو ويو. پر پوءِ جيئن ئي عباسين جو دؤر شروع ٿيو تہ انتظام ۽ ڍانچو ساڳيو رهيو پر نالو بدلائي وري ساڳيو "الشرط" ڪيو ويو. جيڪو اڄ تائين سعودي عرب ۾ سڏيو وڃي ٿو. سعودي ۾ سپاهي کي "شرط" يا "شرطو" چوندا آهن. يورپ ۾ انگريزن کي پوليس جو تصور مسلمانن کان مليو جيڪو برطانيہ ۾ "هائوس آف ڪامن" ۾ سر رابرٽ پيل (Sir Robert Peel) سن 1929ع ڌاري هڪ بل جي صورت ۾ پيش ڪيو نہ تہ ان کان اڳي سموري يورپ ۾ (اسپين کي ڇڏي) پوليس جو تصور فقط ڪجھ ذاتي رياستن (Fiefdoms) لاءِ هو. جيئن هندستان ۾ مغلن جي دؤر ۾ ڪجھ جاگيردارن ۽ راجائن مهاراجائن وٽ رائج هو جيڪا نجي يا خانگي پوليس هوندي هئي ۽ جنهن جو ڪم مخصوص رياستن ۾ امن امان جي بحالي ۽ ڌوهن جي روڪٿام ڪرڻ هو. "ڪاٺ ۾ وجهڻ" واري ٺهري رسم جو آغاز بہ مغلن جي دؤر کان ٿيو جڏهن هو ڏوهاري کي سزا طور وڻ جي چيريل ٻن ٽڙن ۾ ڦاسائي، پيرن ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنگهرون وجهي تالو هٽي چڙهيندا هئا. جيڪو اڄ اسان وٽ پهاڪن جي صورت ۾ موجود آهي. ان وقت ۾ رياستي پوليس جي سربراهه کي "صوبيدار" چئبو هو جيڪو اڄ ٻن پاڙين واري تعلقي تائين اچي سوڙهو ٿيو آهي. رابرٽ پيل پاران متعارف ڪرايل پوليس جي نظام جي باقاعده عملي شڪل تڏهن سامهون آئي، جڏهن هو 1942ع ۾ وزيراعظم ٿي آيو. پوليس جا وڏا عهدا چيف ڪانسٽيبل يا پوليس ڪمشنر رکيا ويا. جيڪي ٿوري گهڻي ڦيرڦار سان "صاحب الشرط" يا "صاحب احداث" واري ساڳئي شڪل ۾ هئا. دنيا ۾ رائج منظم شڪل ۾ پوليس جو نظام ذري گهٽ اهوئي رابرٽ پيل وارو آهي، جيڪا ٿي ته حقيقت ۾ فقط برطانيه لاءِ هئي، پر پوءِ ڪالونيل نظام جو سج جتي جتي به اُڀرڻ لڳو اها رابرٽ پيل واري رات اُتي اُتي لهڻ لڳي. ممڪن آهي ته يورپ جي تاريخ جا شاگرد يورپ ۾ پوليس جي قيام جي خواري جو ڪارو فرانس جي بادشاهه لوئس چوڏهين جي مٿي تي رکن، جنهن سترهين صديءَ ۾ چاليهن انسپيڪٽرن تي مشتمل هڪ ڏنبي بردار جماعت جوڙي هئي. اهو اُهو دؤر هو جڏهن يورپ ڪنهن نئين ساماٽيل ڪنواري جيئن تڪڙي تبديليءَ لاءِ ڪر موڙي رهيو هو ڏوهن ۾ اضافو ٿي ويو هو ۽ امن امان جو مسئلو منهن ڪڍي اُٿيو هو. انهي دؤر ۾ حالتن جي پيش نظر لنڊن ۾ "واچ مين" رکڻ جو رواج پيو جيڪي پوڙها ۽ بي ڪما ڪراڙا هوندا هئا. جيڪي راتين جو هيٺ پائي، لال ٽين هٿ ۾ کڻي، ڏنڊو گهمائيندا، لالو چوڪيدار وانگر لنڊن جي تاريڪ گهٽين ۾ سيٽيون وڄائيندا لشڪارا ڏيندا وتندا هئا. ٻيا اهي هئا جيڪي رات جو ويسٽ انڊيا ڪمپني جي لنگر انداز ٿيندڙ جهازن جي نگراني ڪندا هئا ۽ پاڻ جهڙن مسڪين ملڪن مان ڦٻائي آيل مال کي بڪنگهم ۽ مانچسٽر جي مِلن تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪندا هئا. جنهن کي Marine Police جو نالو ڏنو ويو هو. پاڻ واري پوليس ته ان کان پوءِ جي دؤر جي ڪهاڻي آهي، جڏهن وائسراءِ لارڊ ڪيننگ لنڊن مان ڪنواري ۽ ڪراڙي اسڪالر، ڊپلوميٽ ۽ تاريخدان مسٽر ميڪالي کي گهرائي، اسان جي عدم تحفظ جو ازالو ڪيو جنهن جا پاڻ اڄ ٿورا ڳائي به نٿا ٿڪجون.

ڪجهه سال اڳي ٽي وي تي معين اختر ان وقت جي سنڌ پوليس جي آءِ جي سعادت علي شاهه کان پڇيو هو ته پوليس ڇا جو مخفف آهي؟ ته هن صاحب لاتعلقي ڏيکاري تنهن تي معين اختر چيو هو ته Police مخفف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي: (Polite, Obedient, Liable, Intelligent, Courageous and Efficient) جو. جنهن جي معنيٰ آهي: شفيق، فرمانبردار، بااعتبار، ذهين، بهادر ۽ لائق. پوءِ پڇيائين تہ ڇا اهي سڀ خوبيون توهان جي پوليس ۾ آهن؟ تہ هن شريف انسان شرمساريءَ وچان چيو تہ I don't think so يعني آئون نٿو سمجهان تہ هجن. اهو تہ پاڻ بہ سمجهون ٿا تہ اهي سڀ عيب پنهنجي پوليس ۾ ناهن. اها انهن سيني عيبن کان پاڪ پوليس آهي، جيڪا اڄ تائين چارلس نيپيئر جي هدايتن ۽ حڪمن تي عمل ڪري رهي آهي ۽ سماج جي خدمت ۾ سيني کان اڳيري آهي.

حقيقتون ڪٺيون ڪهڙيون بہ هجن، پر حقيقت اها بہ آهي تہ گوري سرڪار جي هن ڏرتيءَ تان آخري گيٽ ڳائڻ کان پوءِ بہ پنهنجي "وطن عزيز" جي هڏڏوڪي حڪمرانن ڪڏهن بہ اها ضرورت محسوس نہ ڪئي آهي تہ هن پاپ جي پالڪي تي سوار "پوليس راڻيءَ" کي ڪو نئون ويس وڳو پارائجي، ڪا اصلاح آڻجي يا ان جي تربيت ڪجي. پوليس جي صوبيدارن کي اڄ بہ وڏيرن ۽ جاگيردارن واري ڪمداري واري ڪم کان ڪو بيو ڪم ناهي ڏنو ويو. ڪنهن نئين چونڊجي آيل عوامي نمائندي جو وزيراعليٰ يا وزيراعظم کان پهريون مطالبو سندس حد ۾ پنهنجي پسند جو صوبيدار يا ايس پي رکرائڻ آهي، جنهن جي ذريعي هو "نيڪ" نموني سان عوام جي خدمت ڪري سگهي ۽ مليل ووٽن جو حق ادا ڪري سگهي. اڄ سنڌ ۾ 90 هزار پوليس آهي، جنهن مان ڪنهن صاحب سان جيڪڏهن ملبو تہ انهن مان هرهڪ اهو محسوس ڪرائيندو تہ ڄڻ اهي سرڪار وٽ 90 هزار قيدين جيئن آهن. جن کي سڌارڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سنجيده ناهي، پر هيءَ پاسي عوامي احساس ڏسبا تہ اهي انهي پوليس کي پاپ جو اهو پيچرو سمجهن ٿا، جنهن ۾ نہ ڄاڻ سندن ڪيترا حق، احساس ۽ اُميدون پکين جيئن پوريون پيون آهن. حقيقت ڇا آهي ۽ ڇو آهي، انهي جواب جي ذميوار فقط سرڪار ٿي سگهي ٿي، حڪمران ٿي سگهن ٿا، جن ڪڏهن بہ پوليس کي Service ناهي سمجهيو پر فورس سمجهيو آهي. جنهن کي جبر تي هلائڻو آهي ۽ جبر ڪرائڻو آهي. ڪنهن پڙهيل لکيل پوليس آفيسر سان ڳالهائبو تہ هو اهو چوندي نظر ايندو تہ اسان ڇا ڪريون، سڄي مشينري خراب آهي، اسان ڪرپٽ ناهيون، ڪرپٽ ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا آهيون. گاڏين جو تيل نٿو ملي، ڪٿان پرايون. وڏن آفيسرن جون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چتيون ۽ ونگارون ڪيئن پوريون ڪريون، مجبورن انهيءَ جو حساب سماج کان وٺڻو ٿو پوي.

اها تہ گذريل چند سالن جي ڳالهہ آهي، جڏهن چند سي ايس ايس پاس آفيسرن سموري مشينري سان مهاڏو اٽڪائي ڪنهن نئين روايت کي جنم ڏنو آهي. هو ڪرپٽ مشينري جو حصو ٿيڻ کان بغاوت ڪري بيٺا تہ ماٺهن کين ڪلهن تي کنيو. اخبارن ۾ خبرون ڇپجڻ لڳيون تہ اي ڊي خواجہ سلطان ڪوٽ جي منشيات واري اڏي تي ريڊ ڪيو ثناءُ الله عباسي ملير ۾ مافيا کي ٿوڻا ڇپائي ڇڏيا وغيره وغيره. تہ توهان ڏٺو تہ خود پوليس ۾ انهيءَ روايت جنم ورتو. هڪ پورو ڪلچر پيدا ٿيو هڪڙا جڻ تہ ڪاهي ڏر تي ويهي رهيا ۽ ٻيا جيڪي ڪرپٽ هئا، رينڪر هئا، اسڪرين آئوٽ ٿيڻ لڳا. نون ڪميشن پاس آفيسرن جا آئيڊيل اي ڊي خواجہ ثناءُ الله عباسي ۽ ولي الله دل ٿيڻ لڳا. ڇو تہ انهن کي سماج عزت ڏني، عوامي پيار مليو ڇو تہ هو اسٽيٽسڪو جي ٽڪر ۾ آيا. اڄ بہ توهان ڏسو پيا تہ سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا رينڪر وڃي بچيا آهن، نہ تہ گهڻو ڪري ضلعن تي اهي ئي آهن، جن جي دامن تي ڪو داغ ڪونهي. ڪالهہ اي ڊي خواجہ هڪڙو هو اڄ انهيءَ قطار ۾ بشير ميمڻ، ثناءُ الله عباسي، سلطان خواجہ ولي الله دل، نجف مرزا، سائين رکيو ميراڻي، ۽ خالق شيخ جهڙا آفيسر شامل آهن ۽ جيئن جيئن سوسائٽي انهن کي ماڻ ڏيندي، ساٿ ڏيندي اها لسٽ اڃا بہ طويل ٿيندي ويندي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هيرو ازم ڻاهڻ ۾ پريس جو وڏو ڪردار آهي. توهان ڏٺو هوندو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳي جڏهن اي ڊي خواجہ تي ڪراچيءَ ۾ عتاب ڪريو هو تہ انهيءَ جو ساٿ وري بہ پريس ڏنو. ماڻهو چوڻ لڳا تہ اي ڊي خواجہ سان زيادتي ٿي رهي آهي. ظاهري ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن پريس اهو ڪردار ادا نہ ڪري ها تہ اها بہ انهي بي مروت ماڻ جهڙي تي پوي ها، جيڪا ٻار ڄڻڻ کان پوءِ لاتعلق ٿي وڃي ۽ انهيءَ ڪري اهو بہ ٿئي ها تہ جيڪو هڪ ڪلچر خود پوليس ۾ پئدا ٿي رهيو آهي، اهو Defuse ٿيڻ لڳي ها. انهن چند ايس پيز جي ايمانداري ۽ ثابت قدمي جي ڪري ايئن بہ ٿيو جو ڊي آءِ جي کان وٺي اي ايس آءِ ۽ صوبيدار تائين هڪڙي خوف ۽ خواب جي لهر آئي. هو اندر ئي اندر ۾ انهن کي ڏسي سڙون ڪندا ۽ سڙندا رهجي ويا. مون ڏٺو آهي تہ ڪافي صوبيدار، انسپيڪٽر ۽ اي ايس آءِ ليول جا عملدار بہ انهن ئي قدمن تي هلڻ لڳا آهن، جن صوبيدار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صاحبن لاءِ ڪنهن وقت اهو به چيو ويندو هو ته "جاڙو خان صوبيدار جلال چانڊيو ۾ پرو چانڊيو گڏ گڏ هلن ٿا." هاڻ اهو ٽرينڊ بدليو آهي. آئون اهو به ڪونه ٿو چوان ته انهن کان اڳي ڪي آفيسر ايماندار ۽ فرض شناس نه هئا يا هنن پوليس جي ڪايا پلٽي ڇڏي آهي، پر دراصل اهو چوان ٿو ته انهن جي ڪري پوليس جي وردي تان ڪجهه داغ ڌوپجڻ لڳا آهن. ماڻهن ۾ انهي ظلم جي چڪي سمجهي ويندڙ پوليس لاءِ ڪجهه رايو بدليو آهي.

منهنجي جڏهن پائرن جهڙي دوست ڊاڪٽر سائين رڪيو ميراڻي سان پوليس بابت ڪچهري ٿيندي آهي، ته اڪثر چوندو آهيان، توهان ايئن نه سمجهو ته ڪي توهين سماج جا هيرو آهيو يا هن سماج جو سج توهان تي ئي لهڻ اُڀرڻ لڳو آهي، پر اها هن سماج جي بدقسمتي آهي جو هتي سياست کان وٺي ثقافت تائين سڀ شعبا ڪمزور ٿي ويا آهن، انهن جا ڇڏيل خال توهان ڀريا پريو. اها ماڻهن جي بدقسمتي چئو جو انهن جا هيرو پوليس جا آفيسر آهن، ڪي سماجي ۽ سياسي رهنما ناهن، ڪي آڳ جهڙا انقلابي آواز ناهن، پر اهي هيرو آهن، جيڪي پنهنجي ڪم جو اجورو ڪٽي رهيا آهن، انهي پيار جي پگهار ڪٽي رهيا آهن. پوءِ به اهي هيرو آهن. انهي ديس لاءِ ڇا چئجي، جتي محبت مجبوري، شرافت بزدلي ۽ ترازو هٿ ۾ ڪٽندڙ منصف جو انصاف اضافي خوبي هجي. انهي وطن لاءِ ڪهڙي واويلا ڪجي! ڊاڪٽر ميراڻي موٽ ۾ سدائين ايترو ئي چوندو آهي ته اسان پنهنجو ڪم پيا ڪريون، پوءِ ڪير ڇا به چئي، ڇا به لکي. پر اهي صاحب ايترو ضرور مڃن ٿا ته اها مهرباني ميڊيا جي به آهي، جو هو دلين جي تخت تي ويهڻ جي لائق ٿيا آهن. پر هو اهو ضرور سمجهن ٿا ته جتي ميڊيا انهن کي ماڻهن جو محبوب بڻائي ڇڏيو آهي، اتي اها ئي ميڊيا انهن لاءِ مٽي جو سور به رهندي، ڇو ته هاڻ اهي ميڊيا جي ايترو واچ هيٺ آهن جو جيڪڏهن چاهن به ته به ڪرپشن نٽا ڪري سگهن. هڪڙو پورو چيڪ آهي پريشر آهي. ڇو ته هو سمجهن ٿا ته جيڪا ميڊيا ڪين مٿي چاڙهي سگهي ٿي، اها ڪين سندن ٿورڙي ڪوتاهيءَ جي ڪري پاتال پيڙو به ڪري سگهي ٿي.

اهو ميڊيا جو ئي اثر چئبو جو اڳئين پيري ميرپورخاص جي نوجوان ۽ خوش اخلاق ايس پي خالق شيخ هڪڙو فورم ڪرايو هو جنهن جو عنوان هو "پوليس ۽ عوامي رابطا." جنهن ۾ جامي چانڊئي سميت مان به شامل هئس. سٺي ڳالهه اها به هئي ته ان فورم جي ڪارروائي خود خالق هلائي رهيو هو جنهن ۾ سپاهيءَ کان وٺي ڊي آءِ جي ۽ ڊي سي تائين موجود هئا. خالق بار بار پوليس وارن کي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چٽي رهيو هو تہ کُلي ڳالهايو جيڪا تنقيد ڪرڻي آهي، کُلي ڪريو. نہ تہ چا اڳي اهو ممڪن هو تہ ڪو ايس پي ڪنهن اهڙي فورم جو انعقاد ڪري جنهن ۾ ميڊيا جا ماڻهو بہ هجن، ڊي آءِ جي بہ هجي، ڊي سي هجي، سويلين ماڻهو بہ هجن تہ سپاهي بہ هجن. جيڪي پاڻ بہ ويهي انهي "پاپ جي پيڙي" بابت ڳالهائي سگهن. صلاحون ڏئي وٺي سگهن. اها انتهائي مثبت روايت آهي، جيڪا سنڌ جي ٻين ايس پيز کي سمجهہ ۾ اچڻ گهرجي. هو سماج کان بالاتر ناهن، ماڻهن لاءِ آهن، پاڻ کي عوامي عدالت ۾ آڻين. اهو سڀ تڏهن ٿئي ٿو جڏهن حڪومتون ۽ سرڪاري مشينريون ڪمزور ٿين ٿيون. پوءِ سماج جا ٻيا ادارا متحرڪ ٿي ڪونہ ڪو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳن ٿا. ميڊيا بہ جيڪڏهن اڄ انهن کي ايماندار رهڻ تي اتساهي رهي آهي تہ ڄڻ اها سرڪاري مشينري جي کوٽ پوري ڪري رهي آهي.

پر اها ڳالهہ بہ نہ وسري تہ اهو سڌارو ڪو سموري پوليس جو سڌارو آهي، اهو تہ فقط هڪڙو ٽرينڊ آهي، جيڪو چند ايماندار آفيسرن جي ڪري پيدا ٿيو آهي، هاڻ باقي ڪم سرڪار جو آهي تہ اها ڪهڙا سڌارا ٿي آڻي. سپاهيءَ کان وٺي صوبيدار تائين جون ضرورتون ۽ گهر جي چلهہ ٻارڻ جو ڪم اهي ايس پي نٿا ڪري سگهن، اهو ڪم رياست جو آهي.

ٻک کي ڪا چوائس نہ هوندي آهي، جنهن رات ڏينهن ڪم ڪندڙ ۽ گارين کائيندڙ سپاهيءَ جي پيٽ ۾ جي دوزخ ٻرندو رهندو تہ هو سماج کي جنت ٺاهڻ جا خواب ڪيئن ڏسندوا جي نہ ڏسي تہ پاڻ ميار بہ ڪهڙي ڏينداسين!؟

(سومر 15 مئي_ 2000ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مـيـان نـواز شـريـف كـي ٽـانـڊي سـپـاهـيءَ
# جـي پـارٽ هـجـي

جيڪڏهن توهان کي پاڪستان جي انتظامي حالت ڏسڻ جو خيال ٿئي ته بيو ڪجهه ڪرڻ کان اڳ ڪنهن به ڳوٺ يا شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي مقرر ڪيل پوليس چوڪيءَ جو منهن ڪريو ۽ اتي چوڪيءَ تي چيڪنگ لاءِ موجود پوليس واري يعني سپاهيءَ جي ظاهري پوزيشن جو گهرو مشاهدو ڪريو ۽ پنهنجي رحمدل ۽ انسان دوستيءَ جهڙين مڙني سوڪالڌ خصوصيتن کي هڪڙي پاسي رکي، پاڪستان جي پياري پوليس جي "بيوس بندي" جي انتظامي انداز جو جائزو وٺڻ کان پوءِ آسانيءَ سان ڪنهن نتيجي تي پهچي ويندؤ ته شهرين جي جان و مال جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيل پوليس فورس جي انتظامي پوزيشن ڪيتري فعال آهي. هڪ پاسي انهي انتظامي ڍانچي جو انتظامي رڪن آهي، جيڪو پنهنجيءَ ذات ۽ انداز ۾ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جو مڪمل پروفائيل آهي. پوليس کي سمجهڻ لاءِ پوليس واري کي سمجهڻو پوندو. بلڪ ايئن جيئن مشين کي سمجهڻ لاءِ ان جي هرهڪ پرزي کي سمجهڻو پوندو انهيءَ پرزي عرف پوليس واري کي سمجهڻ کان اڳ انهيءَ جي گهرجن کي سمجهڻو پوندو. جن کي بدقسمتي سان ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين سمجهڻ جي تڪليف نه ڪئي آهي. شايد انهيءَ ڪري جو پوليس کي فقط پروٽوڪول نالي فور ويل جيپ جو پيٽرول سمجهيو ويو آهي ۽ اقتداري سياست جا "يڪا" پوليس کي پنهنجو سياسي قد ماپڻ جي فيٽ سمجهندا آيا آهن، جن ۾ صاحب جي اڳيان پويان هڪ ترسٽ سان هلندڙ موبائيل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گاڏيءَ جي پٺيان سيٽ تي ويهندڙ سپاهي "گولي" جو پٽو سمجهيو ويو آهي، جنهن جو سليوٽ پوتار کي سرڪاري آسمان جي سدائين چمڪندڙ ستاري ٽيڙڻ جي سرور ۾ رکندو اچي.

سپاهيءَ کي سڃاڻڻ لاءِ توهان کي ڪنهن سوٽيڊ بوٽيڊ (Suited Booted) ڪارپ جو تصور ذهن ۾ رکڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. هن غريب جي ٻار جو تعارف تمام سولو آهي، وڏيون تلواري مڇون، جيڪي هن جي دهشت ۽ دٻدٻي (اجائي) رکڻ لاءِ دليل آهن ۽ وڏيل يا وڌڻ ڏانهن مائل پيٽ، هن جي نہ پوريون ٿيندڙ گهرجن لاءِ ڪافي آهي. مٿي تي ڦريل ٽوپي (اڪثر ڪاپي اک بجاءِ ساڄي اک تي ستارو هوندو) پيرن ۾ ٽڻل ڪشي وارو سينڊل، شايد يار جو شوق ۽ بوٽ پائڻ سان تڪليف ٽيڙڻ جي علامت هجي. ڪلهي تي بندوق، سندس فرض شناسي ڏانهن اشارو آهي. ڪيٽو فلٽر جا ڏگها ڪش تہ عياشي آهي، باقي چپن تي 'جي صاحب'، 'حاضر پوتار' ۽ 'رائيٽ سر' جا ڇهتيل ٽٿگ تہ مڙئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڊيوٽي جا سهارا آهن. اهڙين خاصيتن سان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسو تہ اهو سمجهڻ ۾ ٿوري دير بہ نہ ڪجو ۽ پڪ سمجهجو تہ همراهہ پوليس جو سپاهي آهي ۽ پنهنجين سمورين قومي ۽ قانوني ذميوارين سان سرڪاري ڊيوٽيءَ تي موجود آهي ۽ جنهن چيڪ پوسٽ تي اهو صاحبِ قانون فرد موجود آهي، اتان مجال آهي جو ڪو ڌاڙيل، چور يا دهشتگرد بغير سلام دعا ۽ چانهہ پيئڻ جي گذري وڃي. چو تہ اسان مهمان نواز ماڻهن جي ڌرتيءَ سان واسطو رکون ٿا. مهمان نوازي اسان جي اخلاقي قدرن مان هڪ آهي ۽ انهيءَ جو مظاهرو ڪرڻ اسان جي پياري پوليس جو بهادر سپاهي بہ پنهنجو اخلاقي ۽ قومي فرض سمجهي ٿو. حقيقت ۾ انهي ۾ سپاهي جو بہ ڏوهہ ڪونهي، رئيس جي بنگلي يا صوبيدار صاحب جي بنگلي جو گارڊ هجڻ ڪري، اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن سان روز اچ وڃ هجڻ ڪري واسطو تہ ٿيو ئي ٿيو وڃي ۽ صاحبن جي سڃاڻو ماڻهوءَ کي عزت نہ ڏيڻ ۽ چانهہ جي صلاح نہ ڪرڻ تہ صاحبن جي شان ۾ گستاخي آهي. ڌاڙيل، چور ۽ دهشتگرد تہ پوتارن ۽ صوبيدارن جي بنگلن تي سپاهين سان گڏ پلجن ٿا. معمولي ۽ خصيص سپاهيءَ جي ڦٽائڻ جو تہ سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. جڏهن مجبوريون ۽ گهر جون ضرورتون فرض تي حاوي ٿي وڃن تہ قانون جي رکوالي هوندي بہ سپاهين جي وس کان ٻاهر جي ڳالهہ آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي نفري جي ساٿين سان سڄو ڏينهن چرچن، پڪوڙن ۽ ايڊيٽنگ ۽ سينسر جي دائري ۾ ايندڙ ٻوليءَ تي گذارو ڪندڙ سپاهي، پنهنجيءَ ذات ۾ سورن جي هڪ سراپا ڪهاڻي آهي. جنهن جي خوشين تي پيشن ڪان وڌيڪ دردن جون زيرون آهن. رئيسن جي بنگلي تي جتيون گسائڻ ڪان پوءِ ملندڙ نوڪريءَ کي هو ذلتن جي نوڪري سمجهي ڪندو رهي ٿو. ٻه اڍائي هزار روپيا پگهار طور سموري گهر ۽ سندس زندگيءَ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جو معاوضو ڏنو وڃي ٿو جيڪا هو ڏهه روپيا ڪري ٽرڪن ۽ سوزوڪين وارن ڪان چڏائي آخر پورو ڪري ٿو. سندس زندگي جيڪا سندس پتلون ڪان وڌيڪ سوڙهي آهي، تنهن کي هو سدائين ڪوشش (ڪرپشن سان) سان ڪشادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. ساڄي ڪلهي تي ترقيءَ جون ڳاڙهيون پٽيون لڳرائڻ لاءِ صوبيدار صاحب جا هٿ مبارڪ سمجهيا وڃن ٿا ۽ انهن مبارڪ هٿن جو راضپو خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجي هٿن کي حرڪت ۾ آڻڻو پوي ٿو ۽ نذرانو ٽن پٽين تائين پهچڻ ۽ جمعدار صاحب ٿيڻ لاءِ 'ذريعو' بلڪ بنياد آهي ۽ انهن ٽن ڳاڙهين پٽين تائين پهچڻ لاءِ همراهه جا ڪيترا پٽا نڪرن ٿا، اها هڪ الڳ ڪهاڻي آهي.

ڪرپشن مٿان ڪان هيٺ لهندي رهي ٿي ۽ سپاهي هيٺان ڪان مٿي چڙهندو. پوليس ۾ ڪرپشن جو خواب آفيسر صاحب جي ننڊ ۾ جنم وٺي ٿو ۽ انهيءَ کي سپاهي جا هٿ تعبير جي منزل تائين پهچائي ٿا ڇڏين. آفيسر صاحبن جي پئسا ڪمائڻ جي بي انتها بي صبر خواهش، سپاهي جي ذميوارين جو حصو بنائي ٿي ڇڏي. ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته سندس گهرجن ۽ ضرورتن جي پيٽ ڪان صاحبن جي حوس جو پيٽ وڌيڪ وڏو آهي، تنهنڪري صاحبن جي پيٽ اڳيان پنهنجو پيٽ جڻ ته پاڻيءَ جو ڦوٽو آهي، جنهن جي وسامڻ جي ڪابه مند ڪانهي. سپاهي وٽ خرچي وٺڻ جو سڀ ڪان وڏو بهانو هن جي بورچي خاني جو آهي، ڇو ته گهر جي چلهه جي پرسان وٺڻ سندس زال لاءِ سندس رينڪ (مرتبو) تمام وڏو آهي.

1861ع ۾ انگريزن هٿان ٺهندڙ پوليس جي Sapoi عرف سپاهي جي نٽ نانگر جي خبر اهي ئي ڏيئي سگهن ٿا جن انگريزن جي دؤر ۾ نوڪري ڪئي هجي. اڄ به اهي جهونا پوليس جا رٽائرڊ جمعدار پنهنجي ان دؤر ۾ گهوڙن تي چڙهي ڪيل رعب ۽ دٻ دٻن کي ساريو ميڻ ٿيو وڃن. تڏهوڪو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سپاهي تتر ۽ ڪڪڙ جا ٻوڙ پلاءُ کائڻ ۾ اڄ جي صوبيدار کان وڌيڪ آسودو هوندو هو. ان دؤر جي مواصلات جي جديد سهولتن کان محروم دؤرجو سپاهي، اڄ جي دور جي چوڪيءَ تي بيهندڙ سپاهي جي ڊيوٽي کي ذلتن جي حضوري سمجهي ٿو. انگريزن جي جوڙيل پوليس جي ان Sapoi کان وٺي اڄ جي پياري پوليس جي سپاهي ٽيڻ تائين سندس ذميوارين، حالتن، سهولتن ۽ فرضن جو ڪيترو رنگ ڦتو آهي، انهي جو اندازو هالا ناڪي وٽ بيٺل ضمير سپاهي جي زندگيءَ تي هڪ نظر وجهڻ کان پوءِ لڳائي سگهجي ٿو.

لاهور ٽي وي تان ڪافي سال اڳ هلندڙ پوليس وارن جي پسنديده ڊرامي "انڌيرا اُجالا" جي مشهور ڪردار "ڊريڪٽ حوالدار" وارين خصوصيتن سان ڀرپور پوليس جي اصلاح جي ضرورت ميان نواز شريف جي من ۾ شدت سان جاڳي آهي. سا خبر جڏهن ٻاهر نڪتل بشرٽ ڪلهي تي بندوق ۽ چرس جا ڍڳها سوٽا هڻندڙ سپاهي خميسي تائين پهچي ٿي ۽ هو معنيٰ خيز مسڪراهٽ سان چوي ٿو ته "جيڪڏهن اسان ايماندار ٿيون ته صاحب ڪٿان عيش ڪندا." بجاءِ انهي جي جو هُو اهو چوي ته "اسان ايماندار ٿيون ته گهر ڪيئن هلندو." چو ته هن کي پنهنجي گهر جي هلڻ جي فڪر کان وڌيڪ آفيسر صاحب جي عياشيءَ جو فڪر انهيءَ ڪري آهي جو صاحب جي عياشي سان هن جي گهر جي چلهه جو مستقبل سلهاڙيل آهي. انهيءَ ڪري هو صاحب جي عياشي ۽ پنهنجي چلهه جي جوت جو ڪوڙو هٽي، ميان نواز شريف جي اصلاحي خبر کي هوا ۾ هوا ڪري ٿو ڇڏي.

مڃون ٿا ته پوليس ۾ اي ڊي خواجه جهڙا قابل ۽ ايماندار ڪردار پوليس لاءِ اصلاحي دروازو کولي سگهن ٿا پر ڇا ڪجي جو اهي ٿي اي ڊي خواجه جهڙا ڪردار هن ڪالم جي محبوب ڪردار خميسي سپاهيءَ لاءِ مٿي جو سور هوندا آهن، جنهن کي هو سدائين پنهنجن سنگتين ۾ نعري سان ياد ڪندو رهي ٿو:

"اي ڊي خواجو سچو آ، سپاهي لاءِ ڏچو آ."

عمر ڪوٽ ٿاڻي جي مشهور سپاهي غلام محمد عرف ٽانڊو ميمڻ جي بندوق جي نشاني جا مثال ڏئي سگهجن ٿا. بندوق جي فائر جو نشاني تي لڳڻ ته پري جي ڳالهه پر جي اڇلائي هٽي ته به شايد لڳي وڃي. جيڪڏهن ڪيس اينڊڙ گارين جا ڪتاب لکرائجن ته هڪ چڱي لائبريري ٺهي سگهي ٿي. تنهن کي جڏهن ڪنهن اي ڊي خواجه جي عمر ڪوٽ بدلي تي اچڻ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

افواهہ ڀڏايو تہ همراهہ جي هٿن مان چانهہ جو ڪوپ زمين تي ويچي ڪِريو. اهو ٿانڀو ٿي هو جيڪو سندس برادري هٿان مرتضيٰ جي ٿيل قتل تي سيني ڪان گهٽو تڇڪيو هو ۽ ان واقعي تي جيتري نفرت ان ماڻهوءَ پنهنجي ساٿين جي ڪم تي ڏيکاري هئي، ايتري شايد اي ڊي خواجہ ڪي بہ نہ ٿي هجي. اهڙا ڪيترا ٿي سپاهي جيڪي ٽر جي ڳوٺن ۾ انن تي چيلا ۽ ٻڪريون، صاحب جي نالن تي وٺڻ ڪان وٺي، ڪاليج ۾ صاحب جي دوستن جي ٻارن ڪي امتحانن دوران علم جي باررود سان ڀريل ڪارتوس پهچائڻ تائين جهڙيون ڊيوٽيون فرمانبرداري ۽ ايمانداري ۽ فرض شناسيءَ سان سرانجام ڏيندا رهن ٿا. هنن ڪي پنهنجي Polite ڪان وٺي Efficient هجڻ يا نہ هجڻ واري ڪنهن خفت جو ڪوبہ اونو ناهي هوندو پر جي فڪر هوندو آهي تہ فقط صاحب جي مهربان هجڻ جو. انهيءَ سپاهي جي انتظامي اصلاح ڪرڻ ڪان اڳ ضروري ٿيندو تہ ان جي زندگيءَ جي ضرورتن جي اصلاح ٿئي تہ جيئن هو ڏاڙيلن پويان ابتڙ رستن تي وڃڻ بجاءِ ڏاڙيلن جي پيرن تي پير ڏيئي سگهي ۽ پنهنجي زندگيءَ ڪي ذلتن ۽ خواري جي نوڪري سمجهڻ بجاءِ فرض ڪي قرض سمجهي ادا ڪري. ميان نواز شريف ڪي گهرجي تہ هو پوليس ڊپارٽمينٽ جي انتظامي حالتن جو جائزو وٺڻ سان گڏوگڏ خميسي ۽ غلام محمد عرف ٿانڀي سپاهي جي ضرورتن ۽ گهرجن جو جائزو وٺي، ڇو تہ انهن جي زندگيءَ ۾ تبديلي پوليس ڊپارٽمينٽ جي تبديلي هوندي. انهيءَ ڪري ميان صاحب ڪي ٿانڀي ۽ خميسي جي پارٽ هجي.

(آچر 13 جولاءِ ـ 1997ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مسڪين جهان خان جو ميان صاحب ڏانهن خط

مانوارا ميان صاحب!

اميد ته توهان ڏي رب توهان جي مڙني مرادن ۽ اميدن آڏار خير ڪيو هوندو ۽ توهان کي پنهنجي منزل جون اهي سيئي حاصلاتون مليون هونديون، جن لئه تي سگهي ٿو ته اسان به ڪجهه ڪيو هجي. اسان جيڪو ڪجهه به ڪيو هوندوسين، سو انهن اميدن تي ڪيو هو ته اوهان جي اقتدار ۾ اچڻ سان من اسان جي به ڪل سائي ٿئي. توهان کي شايد اسان جي طرفان توهان لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي يادگيري هجي يا نه پر اسان کي سڀ ڪجهه ياد آهي. جو ته عموماً ايئن ٿي ٿيندو آهي جو اسان کان پاند ڇڏائي ويل پوتار وري رڳو اليڪشن جي مهربان موسم ۾ ٿي اچي پيرو پيچندا آهن. جيڪا اسان لئه توهان جهڙن "وڏن" جي ديدار جو واحد ذريعو آهي. جيتوڻيڪ اوهان ته تڪڙو تڪڙو سنڌ جا دؤرا ڪندا رهيا آهيو ۽ ان ڏس ۾ اوهان تي ميار ڪانه ٿي رهي، پر عام طرح اسان جي يادگيري نه ڪرڻ ۾ اقتدار جي صاحبن جو ڏوهه ناهي هوندو جو جهونا چوندا آيا آهن ته ابا! ڪرسي جو چڪر ئي اهڙو آهي جو ماٿهو پاڻ چڪر ۾ پئجيو وڃي، ۽ اهي ته اهو به چون ٿا ته اقتدار آرسيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ فقط پاڻ کي ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان تي اسان جي غريباٽي ياد جا قطرا ته هونئن به ٽڪندا ئي نه هوندا. انهيءَ ڪري توهان تي به اسان جي يادگيري جي ايتري ئي ميار آهي، جيتري اڳين پوتارن تي هئي.

ميان صاحب! اسان جي يادگيري ڪريو يا نه پر ايتري مهرباني ڪجو مون جهڙي مسڪين کي سڃاڻڻ کان انڪار نه ڪجو. آئون اهو مسڪينا ٽو پار آهيان، جنهن سڄي عمر پنهنجي سر تان تپندڙ سورج کي تغارين سان گڏ لاٿو



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

آهي ۽ تارن ڀرين راتين کي وسامڻ چلهہ ۾ ڪاٺيون ڪري ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آءٌ اهو بدنصيب سنڌي آهيان جنهن پنهنجي راڻي (ڀيڻ) جي نياڻي ڇڏي توهان کي ووٽ ڪيو "مارئي ملير جي، بينظير بينظير" جهڙا نعرا وساري "قدم بڙهائو نواز شريف، هم تمهاري ساٿ هين" جهڙا نعرا هنيا. فقط انهيءَ ڪري جو پورب ڄائيءَ جا اسان سان ڪيل واعدا واءُ تي ويا. تنهن ڪري توري گهٽي ڪاوڙ ۾ اچي، توهان سان وهي وياسين.

سچ پڇو ميان صاحب! آئون توهان کي ڪڏهن اهڙي خط لکڻ جي گستاخي نہ ڪريان ها، جيڪڏهن منهنجي ۽ منهنجي ٻچن جي پيٽ ۾ چند جيتري لولي لهڻ جي اميد هجي ها_ ۽ اها ڏاهن جي ڳالهہ توهان بہ ٻڌي هوندي تہ "بکئي جو دماغ پيٽ ۾ هوندو آهي." هونئن تہ ڪڏهن بہ اسان لئہ اٽي جو ڏڪار ڪونہ آيو پنهنجو کيڙيندا هئاسين، پنهنجو کائيندا هئاسين، پر الئہ ڇو توهان جو دؤر آيو ۽ اسان لئہ لولو چنڊ تي آسمان تان چمڪڻ لڳو ۽ اسان فقط اکين سان خواهش ۽ حسرتن جا گرهہ پٽي عيش ڪندا رهياسين. مٿان وري روزگار لڳل اسان جي ٻچن جي لوڏ بيروزگار تي اچي اسان جي بک ۽ بدحاليءَ تي ڪڙڪي. توهان کي خبر آهي تہ اسان پنهنجي اولاد کي پنهنجو "ڀاڳ" يعني ڏڻ مال وڪڻي نوڪري وٺي ڏني هئي، جيڪا گذريل دؤر ۾ نوڪرين جي وڪري واري ديڳ تان ورتي هئي سين. بينظير ۽ سنڌس ور کي ووٽ بروبر ڏناسين. پر نوڪري شايد ڪنهن ٻئي ڏنڊ جو بدلو هئي، جنهن کي ڀنگ ڀري حاصل ڪيوسين. پر توهان جي سرڪار تہ انهيءَ ڪان بہ وڏو وڙ ڪيو ۽ اسان جو پئسن تي ورتل گرهہ بہ هٽن مان کسجي ويو. انهيءَ لاءِ ڇا چئون ميان صاحب!؟ ميار تہ پنهنجن تي ٿئي ٿي. باقي اوهان سان شڪايت ڪري سگهجي ٿي، جي ڪجهہ وريو تہ بہ واهہ نہ تہ لکئي جو ليکو سمجهي، ايئن چئي ڇڏبو:

ملیا تہ ملندياس، نہ تہ گهوري جان جتن تان.

ميان سائين! آئون اهو غريب ڳوٺاڻو آهيان، جيڪو ڏاڙيلن کان گهٽ ۽ پوليس کان وڌيڪ ڏڄي ٿو. ڇا اڳي اسان لئہ پوليس جو گهٽ عذاب هو جو توهان ان کي نادري اختيار ڏئي، شڪ تي شوٽ ڪرڻ کان وٺي ڪنهن جي ننگن ٻچن جو ڪوبہ خيال نہ ڪندي، تلاشيون وٺڻ تائين جا پاور ڏئي، هڪ ڏگهو ڏنڊو هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. سچ پڇو تہ اسان اڃا ٽنڊي ٻهاول جي غم ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شامِ غريبان پٽي پڙهي تہ مٿان چنيسر پالاريءَ سان ٽيندڙ بي واجبي ۽ جبر جا پڙاڏا گونجيا ۽ اسان هڪ دفعو وري ڳوڙهن جي ڳاهہ ۾ ڳاهجي وياسين. اخبارن جون خبرون اسان تائين بہ پهچن ٿيون، توهان ٿي چيو هو تہ "پوليس ۾ سڌارا آڻينداسين ۽ پوليس کي عوام جي خدمت ۾ پيش ڪنداسين." واقعي توهان پنهنجي ڳالهہ پاڙي، واقعي پوليس اڄ بہ اسان جي خدمت ۾ سيني کان اڳيري آهي. اڄ بہ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ ڌاڙو لڳي ٿو تہ اسان جي ٿي فرياد تي پوليس اسان جي ٻارن ٻچن جي ٽاٽي جي لوهي ٽوڻين پويان خوب خدمت تي ڪري ۽ اسان "نيڪي برباد، گناهہ لازم" وانگر ڌاڙيلن ۽ چورن جي جاءِ تي چيپاٽيا وڃون ٿا. جنهن لاءِ اسان توهان جي اليڪشني واعدن جي نتيجي ۾ ڪيل مهربانين ۽ مروتن جو ڪنڌ جهڪائي شڪريو ادا ڪريون ٿا، جو اسان ڪڏهن بہ پوتارن سامهون سينو ناهي ساهيو. اسان تہ اهو بہ ٻڌو آهي تہ جنهن قوم جي قائد جي مزار تي گولي هلائي، انهيءَ مهربان پوليس کي اسان تي بہ گولي هلائڻ جا اختيار ڏئي ڇڏيا اٿوَ. انهي خاص مهربانيءَ لاءِ توهان ٿي ٻڌايو تہ ٿورا ڪيئن لاهجن.

ميان صاحبا! تي سگهي ٿو توهان اسان جي انهن شڪوه شڪايتن کي واڻڪو حساب سمجهندا هجو. اڳي برابر ايئن ڪونہ هو. اسان پوتارن سان ليکا ڪونہ ڪندا هئاسين، پر هاڻ الئہ ڇو اسان جو ڇتڪو ذهن بہ واڻڪا حساب ڪرڻ لڳو آهي. شايد وقت جي هوا ڦري آهي يا قسمت ڦيرو ڪاڌو آهي، جو آئون ڇٽ ماٺهو بہ اوهان کي خط لکي رهيو آهيان. نہ تہ اڳي ڪنهن ڪونہ ٻڌو تہ ڪنهن مون پاري ماٺهوءَ وقت جي والي اڳيان ايئن زبان کولي هجي. ڇا ڪجي ميان صاحبا! جڏهن حق حقي جو پاٽي تي وڃن ۽ جيئڻ جاڙتي وڃي تہ پوءِ زبان مدد خان پناڻ جي گهوڙي کان بہ تيز ڊوڙڻ لڳي ٿي.

معاف ڪجو ميان صاحبا! جي جان جي امان ۽ اجازت ملي تہ ٿورو حساب ڪتاب بہ ڪري وٺون. توهان جي دوَر کي جڏهن ساهميءَ ۾ رکي توريون ٿا تہ سنڌ جو پڙ خالي پيو آهي. سوچيو هوسين، تہ توهان جو دوَر ايندو ۽ توهان اسان لاءِ تيار ٿيندڙ هچائن کي جهڙوڪ ڪالاباغ ڊيم جهڙي رٿا کي رد ڪري ناڪام بڻائيندا، پر اخبارن ۾ پڙهيوسين تہ اهو بہ نهي پيو. انهي "ڪاري نانگ" کي ڇا سنڌ جو ساهہ سراپڻ لاءِ ڌاهيو پيا؟ اسان وٽ پاڻيءَ جي حالت ڪهڙي آهي؟ اهو اوهان پاڻ قرب ڪري ڏسي ويا آهيو. سچ پڇو ان ڏينهن ڏاڍي خوشي بہ ٿي، جڏهن توهان کي اخبارن ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رڻ شاخ جي پچڙيءَ تي بيٺل ڏنوسين. پر ميان صاحب! انهيءَ سان پاڻيءَ جو مسئلو تہ حل ڪونہ ٿيو. اسان پنهنجين ٻنين کي ونين جي برابر سمجهون ٿا ۽ جيڪو پنهنجي ٻني ۽ ونيءَ کي نٿو پالي، اسان ان کي ڪرٽ ۾ ڪانئر ٿا سمجهون. اڄ اسان جون ٻنيون ويران آهن، ايئن نہ ٿئي ميان صاحب! جو اسان توهان جي دؤر ۾ ڪربلا جي ڪهاڻي پڙهڻ لڳون. ٻڌو هئوسين، سمنڊ جي ڪناري تي ڪيٽي بندر پراجيڪٽ نالي ڪوئر جي ڪوئلي مان بجلي ٺاهڻ وارو منصوبو بہ هو جيڪو بينظير دؤر ۾ منظور ٿيو هو پر توهان جي حڪومت اهو ايندي ئي رد ڪري ڇڏيو. چون ٿا تہ جيڪڏهن اهو ٺهي ها تہ الاهي سارا نوجوان روزگار تي لڳي پون ها. ميان صاحب! ڇا توهان واقعي اهو چاهيو ٿا تہ سنڌ جا نوجوان روزگار سان نہ هجن؟ ۽ هميشه اهوئي لڳي ٿو تہ توهان عوام جا نہ، پر ڪنهن خاص طبقي جا وزيراعظم آهيو. آفيسن ۾ وڃون تہ صاحب ٿا کيسو ڪتين، ڳوٺ آهيون تہ پوتار پيينگ ٿا ڪن، جي رستي هلون تہ پوليس ٿي ماري، توهان ئي ٻڌايو ميان صاحب! اسان ڪيڏانهن وڃون؟ جيڪڏهن صوبي جي حڪمرانن ڏانهن ٿا واجهايون تہ اهي پنهنجي ڪرسي بچائڻ لاءِ انهن سان پيڙا ڏسجن ٿا جن جو ڪم ئي ساڌن سان سن مک ۽ پٽنچن سان پورو ٿيڻ آهي. ”مرگهان موت ۽ ملوڪان شڪار“ واري ڪار لڳي پئي آهي. چئون تہ ڪنهن کي ڇا چئون؟ ٻئي طرف مهانگائي جو حال اهو آهي جو چلهہ دکائڻ تي دل ئي نٿي چئي.

اڄ توهان جي اڳيان همت ڪري دل ٻڌي جيڪا ٻڙڪ ٻاڦي اٿئون، اها پنهنجي اندر جي اوڙاهہ کان مجبور ٿي، لطيف جي ان شعر وانگر ڪئي اٿئون، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ منهنجي پيٽ ۾ ڳالهيون وڏي وڻ تي ويون آهن، جنهن ماڻهوءَ سان اهي ڪرڻيون اٿم سو ڪنڊائتو ڪونہ ٿو ملي ۽ ٻين سان آئون اهي ڪريان ڪونہ ٿو.

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون،
پر سي مون نہ ڪيون، گوشي گڏيا نہ سپرين.

جيڪو حبيبن جو حال هو سو پريان کي پيش ڪيو اٿئون. اوهين وارهہ واري پاسي کان چڪر هڻي ويا آهيو ۽ اتي بجليءَ لاءِ دانهون ٻڌي ويا آهيو ٿورو وقت ڪڍي جيڪڏهن سنڌ جي ٻين پاسن جو بہ چڪر هڻندؤ تہ اوهان کي خبر پوندي تہ ماڻهو مسئلن جا ڪارا مٽي تي ڪٽيو ويٺا آهن. ٿورو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لکيو گھٽو سمجھندا، واڪا مون ڪري ڇڏيا آهن. باقي جيتوٽيڪ اوهين
پروچ تہ ڪونہ آهيو پر پڏڻ اوهان جو ڪم ضرور آهي.

رب اوهان جي سٽائي ڪندو
فقط اوهان جو هڪ ووٽر
**مسڪين جهان خان**

قلم تازو: واپڊا وارن جي بيگھي متي پئي آهي. توهان جو بيان
پڙهيوسين تہ "واپڊا کي سڌو ڪندس". سچ پڇو تہ ڏاڍي خوشي ٿي آهي،
خط جو جواب جلد ڏيندا. منهنجي ايڊريس هيٺ لکيل آهي.
معرفت پپو پان بيڙي هائوس ڦري ملي مسڪين جهان خان کوسي کي.

(چنچر 13 سيپٽمبر 1997ع)

□□


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ، ڪالاباغ ڊئم ۽ وطن فروش وڏيرا

”صدر مشرف جي سچي عمر ورديءَ ۾ رهي ته به قبول آهي، مٿس جان قربان ڪرڻ لاءِ به تيار آهيون، جنهن کي پيار ڏيندا آهيون، ان سان گڏ به هوندا آهيون“.

سبحان الله! ڇا ته قرباني آهي، ڇا ته پيار آهي! اجا ٿا ڇئو ته سنڌ مان پيار ڪرڻ ۽ پيار تان قربان ٿيڻ وارا ماڻهو موڪلائي ويا آهن. ڇا توهان ٻيٽي جي هن صاحب جو اهو بيان پڙهڻ کان پوءِ به پنهنجي هوڏ تي قائم رهي سگهو ها. محبت، قرباني ۽ وفا جا وينجهار اڃا به هن ويراڳين جي وسنديءَ ۾ جيئرا آهن.

مٿان ايئن سمجهين، مُٺا مور سارا

اوهين اهو قطعي به نه ڇئجو ته ڪي ٻيٽي جا ٻئا معيار آهن. ڪالهه به سنڌ سان وفا جي ڪهاڻي جي ڪردار ٻيٽي مان ڪوڪ ڪئي هئي، جيڪو آئون سمجهان ٿو ته ڪالاباغ ڊئم جي خلاف ايوان ۾ اٿندڙ پهريون آواز هو. جيڪو ڪالاباغ ڊئم کي ”ڪارو نانگ“ چئي، اهو به چوندو هو ته اهو ڪارو نانگ جي اڳتي وڌيو ته سنڌ جون بچيل سچيل بهارون به سراپي ويندو ۽ هو اسلام آباد جي ايوانن ۾ پنهنجي گرجدار آواز سان چوندو هو ته جيڪڏهن اوهان حڪمرانن پنهنجي هوڏ هلائيندي ڪالاباغ ڊئم ٺاهيو ته اسان وري به سنڌو نديءَ کي سُڪڻ نه ڏينداسين، پاڻيءَ جي جاءِ تي لهوءَ جون ڇوليون ڇُلنديون، پر اسان پنهنجي جيجل ماءُ جي ٿڃ سُڪڻ نه ڏينداسين ۽ پوءِ هو جنرل ضياءَ ڏانهن آڳر اُيي ڪري لطيفي للڪار ڪندو هو ته:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

متو آهين مچ، ٿلهو ٽيو ڻونا هٽين،
تو جا پانئين اچ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهڙا.

اهو چاچو عبدالحميد جتوئي هو جنهن جي اسيمبليءَ ۾ سنڌ لاءِ ڪيل تقريرن جون ڪئسيٽون سنڌ ۾ جلال چانڊئي جي ڪئسيٽن جيان هلنديون هيون. جيڪو نواز شريف ۽ جنرل مشرف سان به ساڳي پيار ۽ انداز سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪالهه "جاتي امرا" جي "شريف" جوان تان جان نثار پئي ٿي ۽ اڄ جنرل مشرف تان سر گهوريو پيو وڃي. چاچي حميد جتوئي ۽ سندس اولاد ۾ وفا، قرباني ۽ پيار واري روايت، ساڳي آهي. فرق رڳو اهو آهي ته چاچي حميد جي روايت ۾ سنڌ هئي. سندس پونئيرن جي روايت ۾ سنڌ ڪانسواءِ سڀ ڪجهه آهي. ڪالاباغ ڊئم خلاف جدوجهد جو جنم ڪالهه به بيٺي جتوئي ۾ ٿيو هو ۽ اڄ به ڪالاباغ جي حمايتي تحريڪ ان ساڳي اڱڻ تان اٿي رهي آهي. جيڪڏهن تاريخ جي انهيءَ طنز تي بيٺي جي جتوئين جي ذهن جو ذائقو ڪجهه ٻاڙو ٿو ٿئي ته پاڻ چا ٿا ڪري سگهون. وقت جي وات تي پلا ڪير هٿ به ڏيئي سگهيو آهي ڇا؟

مانواري لياقت علي جتوئي صاحب جڏهن ڪجهه وقت اڳ ڪالاباغ ڊئم حمايت تحريڪ جو اعلان ڪيو هو ته سندس ملڪ جي ڄڻ "وسيع تر قومي مفادن" جي انهيءَ پاسداري واري ادا جي صلي ۾ تمغي طور ڪيس پاڻي ۽ بجلي واري وزارت عرف "سفيد هاٿي" جي واڳ هٿن ۾ ڏني ويئي ته جيئن سنڌ جو هي سپوت، ناسمجهه ۽ نافرمان سنڌين کي سمجهائي، اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جا جتن ڪري. الائي ڪيس اجا به وڏيڪ سنڌ ۾ نيڪ نام ٿيڻ لاءِ اهو قلمدان سونپيو ويو يا مرڳو ئي ڪو سندس والد ڏانهن رهيل پراڻو پلاند چڪتو ڪيو ويو پاڻ ڇا ڄاڻون؟

جيڪڏهن مشرف صاحب چوي ته، هن وقت ترقياتي ڪم سڀ کان گهڻا سنڌ ۾ پيا ٿين! ته چون قبلا! سنڌ جي تاريخ اهڙي خوشحالي ۽ ترقي نه ڏٺي، نه ڏسندي — اصل ڪاچو ڪيمخواب لڳو پيو آهي، ٿر ٿاڏيل آهي — لاڙ پيينگهن ۾ پيو لڏي ۽ اتر ته بس عطر ۽ عنبير سان وهنتو پيو آهي — ۽ امن امان جو ته دنيا ۾ مثال ناهي — بس صدر صاحب! تون آهين ته ملڪ آهي، تون جي وئين ته خدانخواسته ملڪ جو الائي ڇا ٿيندو؟ — ۽ جيڪڏهن وردي لاٿئي ته ويچارا ملڪ جا مارو ماڻهو ويراڳ برداشت نه ڪري سگهندا —



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توهان ائين نہ سمجهو تہ ڪو هو پنهنجا پوتار ۽ پرجهلا پنهنجي رضا خوشيءَ ۽ من تن سان صحيح سمجهي ائين ٿا ڪن – پر اهو بہ سمجهو تہ مجبوري نالي بہ ڪا مر ٿيندي آهي، جيڪا اوچتو ئي اوچتو ماڻهوءَ جا گوڏا چٽي ويندي آهي، پنهنجي سپوتن لاءِ اقتداري عهدا ڪي سلطاني سهاڳ ٿورو ئي آهن، اهي تہ ڪنڊن جي سيج آهن، جو هڪ پاسي ڪين وزارتون ۽ وڏيون وزارتون ملن ٿيون تہ ٻئي پاسي وري سندن فائيل ٺهڻ شروع ٿي ٿا وڃن. نيب وارا سڄو ڏينهن سندن چوڪسيءَ ۾ رهن ٿا. آخر هو صاحب ڇا تہ ڪن – رڳو وطن جي حب ۽ ڌرتيءَ جو درد تہ سڀ ڪجهہ ناهن، ڪي "قومي مفاد" بہ تہ آهن! وسيع قومي مفاد واري ذميواري تہ صدر صاحب پنهنجي سر تي کنئي آهي ۽ هو جڏهن چئي پيو تہ مان سنڌي آهيان ۽ سنڌ سان ناانصافي ٿيڻ نہ ڏيندس، تہ اها ڳالهہ اسان عقل جي ڪوتاهہ سنڌين ڪي سمجهڻ گهرجي تہ هو تہ انتها پسندي خلاف ويڙهہ رهيو آهي، تہ پوءِ اسان سنڌي هرويرو بہ ڪالاباغ ڊيم، ٿل ڪئنال ۽ اين ايف سي تي ڇو انتها پسنديءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهيون؟

سرڪار جو اهو چوڻ آهي تہ اها گوادر پورٽ جي صورت ۾ بلوچستان اندر ترقياتي منصوبو جوڙي رهي آهي، ۽ جيڪو ان جو مطالف آهي، سو سمجهو تہ ترقيءَ جو مخالف آهي. هتي اها ڳالهہ سوچڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ ملڪ جون حڪومتون جيڪي ترقياتي رٿائون جوڙينديون آهن، ڇا ان ۾ اتان جي ماڻهن جي راءِ ڪي خاطر ۾ ناهن آڻينديون؟ ۽ ڳالهہ تہ ترقياتي رٿائون خود ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ هجن ٿيون. جڏهن بلوچستان جا ماڻهو اهڙي ڪنهن رٿا تي اعتراض وارين ٿا تہ ان جي مقصد اهو ٿيو تہ اهي ان رٿا ۾ مقامي ماڻهن جو ڪو ڀلو نٿا ڏسن. جيڪڏهن ڪنهن رٿا تي مقامي ماڻهن کي اعتراض هجن ٿا تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن جا اعتراض ختم ڪجن، نہ ئي اعتراض ڪندڙن کي ترقيءَ جا مخالف سڏي ساڻن طاقت سان نبرجي!

سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان پنهنجي طاقت پنهنجي ئي ماڻهن مٿان ڪٿي ڪٿي استعمال ڪنداسين؟ اسان جي فوج وانا ۾ ان بنياد تي آپريشن پئي ڪري تہ اتي دهشتگرد لڪل آهن، سئي ۽ ڊيره بگٽيءَ ۾ آپريشن جو اهو جواز ڏنو پيو وڃي تہ اتي ترقيءَ جا دشمن آهن. سياڻي جڏهن سنڌ ۾ بہ تڪراري رٿائن جي خلاف احتجاجن ۽ مظاهرن ۾ شدت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڇي ويندي تہ ڇا پوءِ هتي بہ "ترقيءَ جي مخالفت" جو جواز ڏئي، آپريشن جون تياريون ڪيون ويندين؟

بهرحال پاڻ تہ فقط اهو ٿا ڄاڻون تہ لياقت علي جتوئي صاحب هڪ نهايت ئي بيباڪ ۽ بهادر انسان آهي. اڄ هو انهيءَ بهادريءَ جو مظاهرو ڪري رهيو آهي، جنهن جي باري ۾ سوچيندي اهل دل ماڻهو بزدل ٿيو وڃن. اڄ سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊئم ۽ ٿل ڪئنال جي حمايت اها آزمائش بڻجي چڪي آهي، جنهن جي حمايت ڪرڻ، سا بہ ايتري والهانہ انداز سان، ڪنهن بهادر ماڻهو جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ انهيءَ آزمائش ۾ هر سنڌ دوست سنڌي بزدل ئي ثابت ٿيو آهي. جڏهن بہ ڪو اهل دماغ سنڌ کي پنهنجي ڏيڻ جو تصور ڪندو آهي تہ لطيف سائين جو مهڻو ڪنهن ڇهنڊڙي جيئن وڃي سنڌس اندر کي لڳندو آهي تہ:

سڄڻ ۽ ساٿيھ ڪنهن اٿاسيءَ وسري

۽ پوءِ ڪيس سنڌوءَ جي اجڙيل سينڌ ۾ اڏامندڙ واري سنڌس اکين ۾ پوندي محسوس ٿيندي آهي ۽ اهو انهيءَ بهادريءَ تي باضمير بزدليءَ کي ئي ترجيح ڏيندو آهي، پر لياقت صاحب واقعي بہ بهادر انسان آهي، جيڪا بهادري خانڳڙهہ جو مهر سردار نہ ڏيکاري سگهيو جيڪا دليري ارباب جي اختيار کان ٻاهر آهي، جيڪا سورهيائي عظيم دائودپوٽو ۽ عبدالله شاهہ بہ نہ ڏيکاري سگهيا. جنهن بهادريءَ جي همٿ پاڪستان جي سڀ کان وڏي پارٽي ۽ ملير جي مارئي جي وس ۾ ناهي، اها دليري ۽ شجاعت هن ٻيٽي جي جتوئي ڪري ڏيکاري، اڄا ٿا چئو تہ سنڌ ۾ بهادري جو باب بند ٿي ويو آهي.

اڄا ڪي آهين، ڪلجُڳ ۾ ڪاپڙي

سنڌ يونيورسٽي جي انٽرنيشنل رليشنس (آءِ آر) ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهائيندڙ هڪڙو اهو بہ سنڌ جو ڳڀرو نوجوان هو جنهن کي لياقت علي جتوئي چون ٿا. جنهن نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي وڃي پنهنجي والد جي وات ورتي هئي. سياست جي سنگينيءَ ۾ بہ ڳاٽ اوچو ڪري هلندڙ خان صاحب عبدالحميد جتوئي جي فرمائش تي سياست جي پُرخار پيچرن تي پنڌ ڪرڻ لاءِ نڪتل لياقت علي جتوئيءَ کي سنڌ تڏهن صحيح معنيٰ ۾ سڃاتو هو جڏهن هو مجلس شوريٰ جي ميمبريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي موٽي آيو هو ۽ هن انهيءَ سنڌ جو ساٿ ڏنو هو جيڪا پنهنجي مزاحمتي سگهہ جي جوڀن تي هئي. ان وقت بہ ٻہ ئي طرف هئا: هڪ سنڌ ۽ ٻيو جنرل ضياءَ ـ ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ پاڻ نواز شريف جي پوئين دور ۾ جڏهن وزارت اعليٰ جي منصب تي جلويدار هو تڏهن به ڪالاباغ ڊئم جي ڪُلي حمايت نه ڪري سگهيو هو. هاڻ توهان چوندئو ته ان وقت سندس والد حميد جتوئي حيات هو ۽ انهيءَ ڪري ڪيس "نافرمان پٽ" هجڻ وارو مهڻو هضم نٿي ٿيو ۽ ان ڪري هو ائين نه ڪري سگهيو. جي توهين ائين ٿا چئو ته صحيح ٿا چئو نه هن ڪالهه نافرماني ڪئي ۽ نه ئي هو اڄ نافرماني ڪري رهيو آهي. هو ڪالهه به بهادر هو اڄ به وفا ڪري رهيو آهي. فرق رڳو اهو آهي ته سوچ بدليل آهي، ڪردار مٽيل آهن، ڪهاڻي ساڳي آهي. هو ڪالهه به سچ جو ساٿاري هو هو اڄ به سچ جي پاسي آهي، ڇو ته هو سمجهي ٿو ته سنڌي ماڻهو ڪالهه به ڪالاباغ ڊئم جا حمايتي هئا ۽ اڄ به ڊئم جا حمايتي آهن. پاڻ ئي ڪجهه وقت اڳي فرمايو هئائون ته. "ڪالاباغ ڊئم خلاف مهم سنڌي ماڻهو نه سنڌي ميڊيا پئي هلائي". ۽ انهيءَ جي تصديق پاڻ ٿيون ڏينهن ڊيم جي مخالف پنهنجي والد جي ويڙهي تي سنڌي ماڻهن کان مشرف جي حمايت ۾ هٿ مٿي ڪٽائي ڪرائي چڪا آهن ته سنڌي ماڻهو مشرف سان گڏ آهن، معنيٰ ته پنهنجي والد محترم جي موقف جا مخالف آهن ۽ اهو ڊئم مخالف هٿ ناٽ سڄو سنڌي ميڊيا جو ٺاهيل آهي ۽ اهي پارٽيون ۽ سول سوسائٽي جون تنظيمون جيڪي رستن تي رڙيون ڪري رهيون آهن، سي سڀ ڪنهن ٻئي سياري جون مخلوقات آهن. سنڌ اسيمبلي، جيڪا ٽي ڀيرا قرارداد پاس ڪري چڪي آهي، ان ۾ ويٺل ماڻهو ڪي چونڊيل نمائندا نه پر ڪي آجوج ماجوج يا غيبي مخلوق آهن. سنڌي اخبارن جو اعتماد ڪو ماڻهن کان مليل مينڊيٽ نه پر جتوئي صاحب ڪي ڪو ناٽڪ لڳي رهيو آهي. هو ائين چوڻ ۾ سمجهڻ ۾ حق بجانب آهي، ڇو ته غيبي قوتن پاران اڳواٽ ڀريل پيتين وارا ووٽ، هڪ اهڙي نفسيات ٿي جوڙي سگهن ٿا، جيڪا ماڻهوءَ کي خواهشن جي حاصلات واري هڪ عجيب ڊوڙ ۾ مبتلا ڪري ٿي ڇڏي.

"سنڌ جي مفادن تي سوديبازي" نالي هڪ ميراٿن ريس ڪافي وقت کان هن ملڪ جي اقتداري آکاڙي ۾ جاري و ساري آهي، جنهن ۾ سنڌ جا ڪيترا ئي پهلوان ۽ ڪوپا ڪونڌر ميدان ۾ لهندا ۽ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻندا رهيا آهن. جن مان ڪي اين ايف سي ايوارڊ جي نالي ۾ سنڌ جو سودو ڪري گوءِ کٽي موٽي آيا ته ڪي ڪالاباغ ڊئم ۽ ٿل ڪئنال جي نالي ۾ بازي کٽڻ جي لاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايوانن جي عاشقن، پاڻ جهڙن زنجيرن ۾ ذلفن جي عاشقن جي محبوب شاعر فيض جي انهيءَ شعر مان ڪا عجيب انسپائريشن ورتي هجي:

يہ بازی عشق کی بازی ہے، جو چاہو لگا دو ڈر کیسا،
گر جیت گئے تو کیا کہنا، گر ہاری بازی مات نہیں۔

هاڻي جڏهن اها ريس آخري مرحلي ۾ داخل ٿي رهي آهي تہ ميدان ۾ وڃي ڪي چند ئي ڪونڊر بچيا آهن. انفرميشن ٽيڪنالاجي جي حوالي سان دنيا ۾ سنڌ جو نالو روشن ڪندڙ ۽ رفارمرز نالي گروپ ٺاهي، سنڌ لاءِ واويلا ڪندڙ نثار ميمڻ صاحب جيڪو ڪجهہ وقت پهرين ڪافي اڳتي هو سو هيٺتي جي ٻلوان جوڏي پاران هي آخري ٽپلانگ هڻڻ کان پوءِ ڪافي پوئتي ڏسڻ ۾ پيو اچي. آهي تہ هو بہ وڏو ڪيڏاري ممڪن آهي تہ اڳتي نڪري وڃي، پر في الحال جتوئي صاحب وکن ۾ وڌيرو آهي، جڏهن نثار ميمڻ صاحب ڪجهہ وقت اڳي تڪڙيون ٽپلانگون هنيون هيون تہ سنڌ جي ماڻهن پنهنجي گهر جي چلهہ وسائي بہ انهيءَ عظيم ڪم جي مڃتا طور ڪجهہ ”تمغا“ ۽ ”اعزازي ٻلا“ سندس گهر جي دروازي تي ٽنگيا هئا، جن جا ممڪن آهي، توهان مان ڪي اکين ڏٺا شاهد بہ هجن.

مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ سنڌ جو وڏيرڪو سردارڪو ۽ جاگيرداراڻو طبقو وقت جي آواز کي ڪن ڏئي ٻڌڻ کان ڇو قاصر آهي، جيڪو عوامي امنگن ۽ مفادن جو ڇو منڪر ٿي بيهي رهيو آهي؟ ڇا هو اهو نٿو سمجهي تہ تاريخ عوامي بيچينيءَ جي ٻدن مان ئي جنم وٺندي آهي. هو آخر سنڌي عوام کي گونگو ۽ ٻوڙو سمجهي، ڪيستائين سندن سڪن جو سودو ڪندا رهندا. ڇا هو واقعي بہ اهو نٿا سمجهن تہ گونگو زبان سان نہ ڳالهائي سگهڻ واري محروميءَ جو اظهار آخر هٿن سان ئي ڪندو آهي ۽ هٿ جڏهن حرڪت ۾ اچن ٿا تہ پوءِ تاريخ لڙڪن جي وارتا کان وڌيڪ لهوءَ جي ڪهاڻي ٿي وڃي ٿي ۽ ان حقيقت جو ادراڪ حميد جتوئيءَ کي ضرور هو جنهن حڪمرانن کي سنڌوءَ کي خون سان وهائڻ جي ڳالهہ سمجهائي هئي. ڇو تہ هو سنڌ جي تاريخ جو شاگرد هو ۽ کيس ڪرڙيءَ جي ڪيٽن جي خبر هئي. کيس مياڻيءَ ۽ دٻي جي دنگل جي ڄاڻ هئي ۽ هن کي اها بہ پروڙ هئي تہ وطن سان وفا اڄ جو نہ پر سياڻي جو سودو آهي پر افسوس، هو اهو سڀ سبق پنهنجي فرزند کي نہ سمجهائي سگهيو جيڪو اڄ صدر مشرف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي تاحيات ورديءَ ۾ قبول ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي، جيڪو اڄ ڪالاباغ ڊئم عرف ”ڪاري نانگ“ کي پنهنجي ئي وطن جي ويڙهن ۽ وستين کي سراپڻ لاءِ گس ۾ ڏس ڏئي رهيو آهي. جيڪو اڄ انهيءَ بلوچستان ۾ پرندڙ باهه لاءِ ٻه اکر به ڪچڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن بلوچستان جي حقن لاءِ سندس والد، غوث بخش بزنجو سان هم آواز ٿيندو هو. جيڪو گل خان نصير جي انقلابي شعرن تي ڪنهن بلوچ گوريلي کان وڌيڪ درد رکندڙ دل سان داد ڏيندو هو. ڪاش گهڙيءَ لاءِ ئي سهي، پر تورو رنگن ۽ رعنائين واري روڻين مان وقت ڪڍي، سندس والد جي زندگيءَ جي ڪتاب جو هڪ پنو ئي اُٿلائي ڏسي، ته انهيءَ تي لطيف جي ميار ته لڪيل ناهي!!

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# انگريز رئيساڻي جي سنڌ اچڻ تي

برطانيا جي شاهي تخت ۾ ڪوهنور جي تاج واري راڻي ملڪ الزبيٿ پنهنجي پراڻي ڪالوني يعني برصغير جي دؤري تي لٿل آهي. هن ڪالم ڇپجڻ تائين ٿي سگهي ٿو ته هن پاڪستان پار ڪري وڃي هندستان جا پٽ وسايا هجن. ڪجهه سنڌن ۽ ڪجهه هندن جي مهربانين سان هلندڙ مملڪت خداداد پاڪستان جي قصر سلطانيءَ جي گنبذ تي ويٺل شاهين "هزهائينس" کي سرڪاري سلاميون ۽ "گارڊ آف آنر" به ڏئي چڪا هوندا ۽ سنڌن وڏن جون ملڪ جي وڏن لاءِ ڪيل خدمتن جون يادون نئين روپ ۾ نيون ٿي چڪيون هونديون. جارج ائين جي موءِ ڌيءَ ملڪ الزبيٿ اهي سموريون خدمتون چاڪريون ڏسي Thank you چوڻ بجاءِ Bravo (شاباس) چيو هوندو ۽ الاهي بخش سومرو پنهنجي سموري شڪارپوري شان سان مسڪرائي، پنهنجي وڏن جي روايتن جي پرم رکڻ جو سوچي، ايترو خوش ٿيو هوندو جيترو هٿونگي پرسان اچڙي ٿر جي ڪنهن وارياسي ڳوٺ ۾ ويٺل ڪو حر سنڌي سومري پاران ملڪه کي ڪنهن سنڌياڻيءَ جي ٿهيل رليءَ پيش ڪرڻ جو فوٽو ڏسي رنو ۽ ڪاوڙيو هوندو۔ ۽ هن سوچيو هوندو ته سنڌ جي جاگيردارن ۽ پؤتارن جي ذهنيت اڄا اها ئي آهي جيڪا انگريزن جي غلاميءَ واري دؤر ۾ حر تحريڪ جي جانباز سپاهين آڏو ڇمڇاگيرين جا تاج سجائي ايندڙ سردارن ۽ خان بهادرن جي هئي، جيڪي ڪيٽين ۽ جاگيرن صدقي ملندڙ غلامي۔ ۽ جي حضوريءَ واري نوڪريءَ کي نوابي ناز ۽ عاليشان اعزاز سمجهندا هئا ۽ انگريز سرڪار نامدار جي اوطاقن تي ايندڙ عملدارن جي پيرن ۾ ڳاڙهن غاليچن ۽ گلاب جي پتين سان گڏ پنهنجي عزت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ غيرت بہ وڃائي ڇڏيندا هئا. جنهن جي بدلي ۾ گورنرن ۽ وائسرائن جا آفرين ناما قاصدن سان گڏ سندن اوطاقن تائين پهچندا هئا ۽ هو سمورو راڄ سڏائي، پنهنجي غلامي ۽ چمچاگيريءَ جا سرڪاري سرٽيفڪيٽ سرعام ڏيکاري داد وٺندا هئا ۽ ٺهڪ ڏيندا هئا. اڄ جڏهن ملڪ برطانيا پنهنجي پراڻي جاگير جي دوري تي آيل آهي ۽ سندن طرفان سارسنڀال لاءِ رکيل خاص ماڻهن پاران ڪيل خاص خدمتن تي جيترو پارڪر جا ڪوسا ۽ ڪارونجهر جا ڪولهي ڪاوڙيا هوندا، ايترو شايد من ميربحر ۽ مرادان خاصخيلڻ جا پويان بہ نہ ڪاوڙيا هجن. ڇو تہ روپلي ڪولهي ۽ شادي خان ڪوسي جا پويان انهيءَ ڪري بہ ڪاوڙيا هوندا جو الاهي بخش سومري پاران ملڪ کي ڪنهن سنڌياڻيءَ جي ستارن جهڙن پنن ۽ ٽڪن سان ٽاڪيل رلي پيش ڪندي ڏسي، انهن کي انگريز پوليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل ٽريوٽ عرف تروٽ ياد آيو هوندو جنهن نہ ڄاڻ ڪيترا ٿي آزاديءَ جا متوالا ۽ گوريلا سپاهي گولين ۽ سولين جي گهاٽ ۾ ڳاريا هئا ۽ انهن جو درد اڄ بہ انهي قطار جي سپاهي ڪلجي ٺڪر جي هوڪ ۾ هري رهيو آهي. جنهن چيو هو:

"ڪارونجهر ريءَ ڪوں مريئين تہ بہ ميلهيئن نهين!"

اڄ بہ جڏهن ننگر جي پانڌي خان ڪوسي کي ڏسجي ٿو تہ شادي خان ڪوسو روپلي ڪولهيءَ سان گڏ اٿين ايري اچي ٿو جيئن پورنما جي راتين ۾ پونم جو پورو چنڊ ڪارونجهر تان ڪر کڻي بيهندو آهي ۽ انهن ڪوسن، ٺڪرن ۽ ڪولهين جي بهادرين جا قصا ڪرنل تروٽ جي يادگيرين ۾ بہ تير تاڻي رهيا آهن. جيڪي تي سگهي ٿو تہ ملڪ ايلزبيٿ نہ پڙهيا هجن، پر الاهي بخش سومري ضرور پڙهيا هوندا.

سترهين صدي جي ملڪ ايلزبيٿ جي آشيرواد سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا واپاري رالف فچ ۽ مالڊن هال جڏهن پورچوگيز سياح واسڪو ڊي گاما جا سامونڊي پيرا کڻي هندستان پهتا هئا، تڏهن مغلن اهو سوچيو بہ ڪو نہ هو تہ هي انگريز واڻيا اڳتي هلي هندستان جا حاڪم ٿيندا ۽ جنهن تاج محل کي شاهجهان پنهنجي محبوبا ممتاز لاءِ تحفي طور ٺهرائي رهيو آهي، انهيءَ دنيا جي عجوبي ۾ لنڊن جا انگريز ڇوڪرا پنهنجي گرل فرينڊس سان ڊيٽون هڻندا. انهي سترهين صديءَ جي ملڪ ايلزبيٿ کان ويهين صديءَ جي ملڪ ايلزبيٿ تائين اسان جي غلاميءَ جو درد ٽي سؤ سالن جو سفر طئي ڪري جڏهن ايڪيهين صديءَ جي چانئٺ ٽپڻ تي آيو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، تہ اسان ڏسون ٿا، پنهنجي ڪليل اکين سان ڏسون ٿا تہ برطانوي راڄ اڃا جاري آهي. انگريز سامراج جا چهرا اڄ بہ چوڪن تي سرعام چي چي ڪري رهيا آهن ۽ ملڪہ ايلزبيٿ جيترو وقت ملڪ ۾ موجود رهي تہ ملڪ جي وفادار وڏيرن جا وفادار فرزند سندس خدمتن ۾ پيش پيش رهيا.

اسان ملڪ جي واپس وڃڻ ڪانپوءِ فقط ايترو چئون ٿا تہ ڪاش! اوهان پنهنجي تاتيل پااليل طبقي کي سمجهايو ها. ۽ هو يقينن توهان جو چوڻ ڪن ها. اهو طبقو اسان جو چوڻ ايترو ٿو ڪري، جيترو توهان ٿا ڪريو. چو تہ جنهن ڪلاس جي ماءُ توهان آهيو يعني توهان جو راڄ جاگيرداري نظام جو جنم هو ۽ توهان جي ڪوهہ نور واري ڪرائون جي ڪنڌ پاسي مان نڪرندڙ جاگيرداري نظام جا پٽ ڪيئان عرف خانبهادر نواب ۽ راءِ بهادر توهان جو چيو نہ ڪندا تہ ڇا عوام جو ڪندا. جنهن کي توهان ۽ توهان جي خادمن گڏجي گهاٽي ۾ پيڙهيو آهي. ملڪا! توهان جي عطا ڪيل ڪيتين ۽ جاگيرن جي سرنهن جو تيل هٽي مڇون وٽيندڙ وڏيرا اڄ توهان جي آمد تي ايترو خوش ٿيا آهن. جو هو پنهنجي وڏن کي توهان پاران عنايت ڪيل آفرين ناما ۽ سرڪاري سرٽيفڪيٽ ڏسي گد گد ٿي رهيا آهن ۽ اسان پنهنجي مکي جي مورن کي ساري ماتم ڪري رهيا آهيون. چو تہ اسان کي حساب برابر ڪرٽو آهي، توهان جي خوشين سان اسان جا ڏک سلهاڙيل آهن. جيترو توهان ۽ جاگيردار خوش ٿيندا. اوترو اسان دردن جو دامن جهلي روئيندا سين. چو چو تہ اسان کان سورهيہ بادشاهہ ۽ هيمون ڪالاڻي نہ وسريا آهن ۽ اسان کان حر تحريڪ جا اهي رحيم هنگورو ۽ بچو بادشاهہ گامون گورنر ۽ جيجو جرنيل جهڙا گوريلا ڪردار بہ نہ وسريا آهن. جن کي ڏسي انگريزن کان سوڊان جي گهاٽن جهنگلن ۾ گوريلا سرواڻ محمد احمد سوڊاني جي سرڪردگيءَ ۾ وڙهندڙ نيگرو مجاهد بہ وسري ويا هئا. اهي اهي هئا جن جي هاڪ بڌي سينٽرل جيل حيدرآباد تي ڪجهہ هيرآباد جون الهڙ عامليائيون ڏسڻ ويون تہ اهي ڪي آفريڪا جي ڪارن شيدين جهڙا ويڙهاڪ گوريلا هوندا. پر جڏهن اتي پهتيون تہ رڙيون ڪري چوڻ لڳيون تہ "هي جيرا ماڻونا" اهي ماڻهن جهڙا مرد ماڻهو هئا. جيڪي اڄ ملڪہ ۽ سندس اولاد جي موجودگيءَ ۾ ياد ڪرڻ گهرجن ۽ انهن جي سرخ تصور کي لڙڪن جي شبنم ۾ ائين مهڪائڻ گهرجي جيئن اسان پنهنجي محبوبائن جا مکڙا مهڪائيندا آهيون ۽ انهن جي مهڪ هنن تائين بہ پهچڻ گهرجي. چو تہ سندس شاهي ڊريس تي ڊائنا جي خون جا ڇنڊا بہ لڳي چڪا آهن. جيڪي هزهائينس کي هر هر تڙپائي رهيا آهن. هاڻي جڏهن ملڪہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

برطانيا سندس مڙس ڊيوڪ فلپ سان گڏ هندستان پهچي چڪي آهي ۽ هندستان مان ڪنهن انا پرست هندستاني راڻي جي تاج ۾ انا سان گڏ مڙهيل ڪوهه نور هيري جي واپسيءَ جي گهر ڪئي آهي ۽ اڪبر اعظم جي تاج کان راڻي ايلزبيٿ جي ڪرائون تائين سفر ڪندڙ ڪوهه نور جيڪو سدائين ڪنواري رهندڙ ۽ سلطان صلاح الدين ايوبي جي عاشق راڻي ملڪ وڪٽوريا جو مسلمان اڪائونٽنٽ وانگي حوس جو نشانو ٿي ويو ۽ سکن جي پڇاڙڪي حاڪم دليپ سنگهه کان ان وقت وڃائجي ويو جڏهن هو اجا ماءُ جي گود ۾ منهن لڪائي روئي رهيو هو ۽ اڄ هندستاني حڪمران ملڪ کي جليان والا باغ جي خون آشام شامن جي ياد جي پاڇي ۾ وجهڻ کان روڪي رهيا آهن ۽ هو اهو چئي رهيا آهن ته پهرين معافي وٺو ۽ پوءِ پنهنجا بادشاهانا قدم امرتسر جي سردارن واري سرزمين تي رکي، پر ملڪ معافي وٺڻ کان ائين انڪار ڪري رهي آهي، جيئن هيرن جواهرن سان مڙهيل شاهجهان وارو ”تخت طائوس“ ايران وارا ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن. جيڪو نادر شاهه قاچاري جي قرب سان ايران تائين پهتو هو ۽ اڄ ملڪ جي اهڙي بي مروت رويي تي اهي مڙئي انسان دوست ماڻهو پنهنجي ڪاوڙ چندي رهيا آهن. جيڪي اڄ کان سال اڳ جاپان جي شهنشاهه جي اها خبر پڙهي چڪا هئا، جنهن ۾ هن بي عالمي لڙائي دوران جپان پاران چين ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن جي ڪيل نسل ڪشي (Genocide) تي معافي ورتي هئي- ۽ دنيا جي سيٽلائيٽ سروس اڳيان ويٺل ماڻهن تاڙيون وڄائي انهي رويي جي آجيان ڪئي هئي، پر ملڪ اهڙي ڪنهن به انسان دوست رويي ڏيکارڻ کان انڪار ڪري، جليان والا باغ جي جلن کي تازو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا امرتسر جي ڪنهن گوردواري ۾ ويٺل سِکَ کي ايتري محسوس ٿيندي هوندي، جيتري ”الفقراءُ“ جي آفيس ۾ ويٺل بخشڻ مهراڻوي کي سانگهڙ ناول پڙهندي محسوس ٿيندي هوندي

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# جمهوريت جو حشر ۽ بيوفا جاگيردار

جنرل ضياءالحق پنهنجي مارشل لا دوران هڪ انٽرويو ۾ پيشن گوئي ڪندي چيو هو تہ "هن مارشل لا جي خاتمي جي ستن يا ڏهن سالن کان پوءِ وري مارشل لا لڳندو جنهن جو عرصو سڀني مارشلائن کان طويل هوندو." جنرل ضياءَ جنهن کي اڳئين آمريڪي صدر رچرڊ نڪسن پنهنجي ڪتاب (Sieze the Moment) ۾ اسلامي دنيا جو نهايت ئي چالاڪ ۽ خطرناڪ ڊڪٽيٽر لکيو هو تنهن هميشہ چيو آهي تہ پاڪستان ڪنهن بہ نموني سان جمهوري نظام لاءِ موزون ناهي ۽ اهو فقط ون مين اسٽيٽ (one man State) جي صورت ۾ هلي سگهي ٿو. جنرل ضياءَ جي انهي رايي کانپوءِ سوال ٿئي ٿو تہ ڇا واقعي پاڪستان ۾ جمهوريت آئي بہ آهي. اها جمهوريت جنهن جي تشريح ابراهام لنڪن ڪئي هئي:

Democracy is the Government of the people, by the people for the people.

انهيءَ سوال جي جواب ۾ بينظير ڀٽو چيو هو تہ اسان جي هيڏين سارين تحريڪن ۽ قربانين اڄ تائين فقط صغير جمهوريت (infant Democracy) کي ئي جنم ڏنو آهي. اهو ڪٿي مجي بہ ونجي تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ صغير ئي سهي پر جمهوريت جو وجود رهيو آهي ۽ ڪجھ تہ جمهوريه (Republic) هجڻ جو تہ ڀرم رهيو. پر گڏوگڏ اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ انهي صغير ٻارڙي جي نڙيءَ تي ننهن بہ انهن ئي جمهوريت جي دعويدارن جي نظرياتي خليفن ۽ سياسي پنڊتن، آمريت جي پوڄارين، بيوروڪريسي ۽ جاگيرداريت جو ڪتڪندو رهيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪونهي تہ پٽن جمهوريت جي بقا ۽ بحاليءَ جي نالي تي پنهنجي خون جي خيرات ڏني آهي ۽ جيل جي سلاخن پويان جمهوريت جي نالي تي ڏڙڪندڙ دلين لاءِ سهارا ۽ ساٿ ڏنا آهن. ۽ ائين بہ ٿيو آهي تہ اقتدار جي نشي ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ئي نئين ديري جي پٽن نيرو واري بئنسري وڄائي آهي ۽ ملڪ روم وانگر سڙندو رهيو آهي. پر Realistic approach رکندي، انهي ڳالهہ کي بہ ميڄڻو پوندو تہ عوام کي حڪومت جو ذريعو ۽ پائيوار نہ سمجهندڙ آمرن اڳيان ذوالفقار علي ڀٽي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ عوام ئي طاقت جو سرچشمو آهي، جنهن جي هٿن سان ئي جمهوريت جي عاليشان عمارت تعمير ڪري سگهجي ٿي. پيپلز پارٽي جي قيام کانپوءِ پٽو ملڪ ۾ ڪاهي پيو هو ۽ طوفاني دؤرن، جلسن ۽ جلوسن ملڪ جي مئل وجود ۾ نئون روح ڦوڪڻ شروع ڪيو. وڏيرن، ميرن، پيرن ۽ جاگيردارن جي پيرن ۾ ڳاڙهن ڪارپيٽن جيان وڇايل خلق اٿي ڪڙي ٿي هئي ۽ عجيب ولولي سان "روٽي، ڪپڙا اور مڪان" جا فلڪ بوس نعرا هڻڻ لڳي، ۽ اهو اهو دؤر هو جڏهن رئيسن ۽ پوتارن ۾ عوامي طاقت جي اڀار ايترو تہ خوف پيدا ڪيو هو جو انهن کي پنهنجي ڊرائنگ رومن ۾ شو پيس طور سجايل شينهن ۽ ڦاڙهن کان ڊپ اچڻ لڳو هو ۽ انهن اسٽف (Stuff) ٿيل جانورن تي چادرون چاڙهي ڇڏيون هيون- ۽ پوءِ جڳ ڏٺو تہ 70ع جي اليڪشن ۾ ڪيتريون ترڪيون ٽوپيون ۽ جناح ڪيپ هوائن ۾ اڏامي ويون هيون. اها هڪ وڏي عوامي لهر هئي، جنهن ملڪ جي سياست ۾ وڏي تبديلي آندي پر بدقسمتي سان اقتدار جي چوس ملڪ کي گدري جي ٻن ڦارن جيان ورهائي ڇڏيو ۽ اهو ئي ڀٽو "ادهر تم، ادهر هم" ۽ "بنگال جاني والون ڪي ٽانگين توڙ دونگا" جهڙا bifeactiv جملا چوندي ٻڌو ويو. هندستان Two Nations Theory جي بنياد تي تقسيم ٿيو ۽ ٻنهي ملڪن جون حڪومتون Two Party System تحت وجود ۾ آيون. هندستان ۾ ڪانگريس ۽ پاڪستان ۾ مسلم ليگ کي بغير ڪنهن اعتراض جي اقتدار مليو ۽ انهي وقت ٻنهي نون آزاد ٿيل ملڪن جي تقريباً اقتصادي ۽ سماجي حالت بہ ساڳي هئي. پوءِ ڪهڙو سبب هو جو هندستان ۾ پارلياماني جمهوريت اڄ سوڌو هلندي اچي، پر پاڪستان ۾ آزاديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ ئي آمريت جي بندوقن جا نالا سڌا ٿيا ۽ جمهوريت جو مستقبل ڪوهيڙي ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويڙهيل نظر اچڻ لڳو. پاڪستان جي پهرين وزيراعظم، لياقت علي خان کي جلسي ۾ علي اڪبر شاهه جي گولي ڳولي تي لهي. قائداعظم جي وفات کانپوءِ ملڪ برطانيه طرفان پاڪستان کي غلام محمد نالي هڪ امپورٽيڊ جنرل ٿو ملي. جنهن جا ناز ۽ نخرا قدرت الله شهاب جي شهاب نامي ۾ پڙهي سگهجن ٿا. حقيقت ۾ مسلم ليگ جي صورت ۾ پاڪستان کي هڪ وڏيرن ۽ جاگيردارن جي اقتداري جماعت ملي، جنهن جو مقصد صرف ٿي صرف حڪمرانن کي پارٽي شيلٽر ۽ بينر فراهم ڪرڻ هو ۽ انهي جو واسطو عوام سان هوائن جي حد تائين به ڪو نه هو. اها مسلم ليگ آزاد، خودمختيار ۽ عوام جي نمائنده جماعت هجڻ بجاءِ فقط حڪمرانن جي گهر جي لونڊي ٿي رهجي وئي. جنهن جو وڏي ۾ وڏو نقصان اهو ٿيو ته سياسي قيادت ڪمزور کان ڪمزور ٿيندي وئي ۽ تنظيمي ۽ ملڪي معاملن ۾ بيورو ڪريسي جو اثر تيزي سان وڌڻ لڳو. بيورو ڪريسي ڪيتري به ڪٽي ايماندار يا اهل ڇو نه هجي، پر سياسي قيادت جو نعم البدل نٿي ٿي سگهي. ڇو ته ڦرٽي ڪرسيءَ جي نه ڪا سياسي تربيت هوندي آهي ۽ نه ئي سياسي ذهن هوندو آهي.

گورنر جنرل غلام محمد جو پهريون حرفتي ڪمال اسيمبليءَ مان اعتماد جو ووٽ ورتل وزيراعظم خواجه نظام الدين جي برطرفي ۽ آمريڪا مان امپورٽ ڪري آندل سفير محمد علي بوگره جي وزيراعظم طور مقرري هو جنهن کي اڄ سوڌو پاڪستان جي آئيني ۽ پارلياماني جمهوريت جي تباهي جي تاريخ ۾ بنياد جو درجو حاصل آهي. محمد علي بوگره جي مقرري سان آمريڪا جي مداخلت جا دروازا کليا ۽ بيورو ڪريسي جون واڇون وجي ڪنن سان لڳيون. گورنر جنرل غلام محمد جي نگراني ۾ ٺهندڙ ڪابينا ۾ اهڙن ماڻهن کي شامل ڪيو ويو جن اڳتي هلي جمهوريت جو جنازو اٿين ڪڍايو جيئن اورنگ زيب عالمگير گوين ۽ ڳائڻن کي طبلا ۽ هارمونيم ڪلهن تي کڻايا هئا. پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن ڪمانڊر ان چيف کي وزير طور کنيو ويو. جنرل ايوب ۽ ميجر جنرل اسڪندر مرزا انهي ڪچن ڪابينا جا وزير هئا. اهڙي طريقي سان سياست ۾ فوج لاءِ رستو ٻهاريو ويو ۽ شينهن جي منهن تي رت لڳائي ڏنو ويو ته جيئن چسڪا وٺندو رهي ۽ قوم تي مهربانيون ڪندو رهي. انهي ڪابينا جي ٻنهي وزيرن جو ڪمال هو جو نون سالن کان بي آئين رهندڙ ملڪ لاءِ آئين ٺاهيندڙ وزيراعظم چوڌري محمد



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

علي کان اقتدار ڦريو پاڻ صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿي ويهي رهيا ۽ ڪجھ ئي ڏينهن ۾ اسڪندر مرزا کي صدارت تان هٽائي، ايوب خان پاڻ صدارت جي ڪرسي سنڀالي ۽ ملڪ ڪجھ مهينن ۾ ٽينڊڙ اليڪشن جو انتظار ڪندي، ڏهن سالن جي طويل مارشل لا جي چنبي ۾ جڪڙجي ويو ۽ سول بيورو ڪريسي جي جڳھ فوجي بيورو ڪريسي ورتي. آزاد جمهوريت جو خواب ماڻهن جي اکين ۾ ساماڻجي ڪنبڻ جيان چيڙ لڳو. مارشل لا خلاف عوام ۾ گرميءَ جو پارو چڙهندو ويو ۽ ايوب جي 62ع جي آئين، غير جمهوري پاليسين ۽ ون يونٽ خلاف ماڻهو روڊن تي نڪري آيا ۽ هر طرف حبيب جالب جو اهو نظم گونجڻ لڳو:

ایسے دستور کو، صبح بے نور کو،
میں نہیں مانتا، میں نہیں مانتا۔

حقيقت ۾ ايوب خان ۽ جنرل ضياءَ جهڙن جنرلن جو اهو رايو ته عوام جمهوريت لاءِ اهل ناهي ۽ عوام جي ڀلائي One man State ۾ آهي، سراسر غلط ثابت ٿيو آهي ۽ عوام جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هر ممڪن قرباني ڏني آهي، جيتوڻيڪ ايوب خان ۽ جنرل ضياءَ جا مارشلائي دور معاشي ۽ اقتصادي ترقي لاءِ ڪيترائي ڪٽي ڪارگر ثابت ٿيا هجن، پر عوام ايوب خان خلاف تحريڪن ۽ جنرل ضياءَ دؤر جي ايم آر ڊي جي تحريڪن دؤران اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته انهن کي صرف معاشي ۽ اقتصادي آزادي نه پر جمهوري ۽ سياسي به گهرجي. عوام ضياءَ ۽ ايوبي ذهن جي انهي فلسفي ته عوام کي پيٽ جو ٽڪر ڏيئي، اظهار تي ضرب هڻو کي مڪمل رد ڪري چڪي آهي ۽ انهي دؤر ۾ ايوبي Nepotism ۽ وڏيرا پرستيءَ خلاف خلق جون دانهون آسمان تي پهتل هيون. حبيب جالب به ڦٽڪي پيو هو:

بیس گھرانے ہیں آباد
اور کروڑوں ہیں ناشاد
صدر ایوب زندہ باد

اهو ذوالفقار علي ڀٽي جو ذهن هو جنهن ايوبي آمريت خلاف ماڻهن جي نفرت جو ڀرپور فائدو ورتو (جڏهن ته پاڻ به انهن ستن سالن جي دؤر جي پيداوار هو) ۽ يڪدم عوامي نفسيات جو جائزو وٺي، عوامي ميدان ۾ لهي آيو ۽ ايوب خلاف ٿي جمهوريت جو آواز بلند ڪرڻ لڳو. ڀٽو عوامي نفسيات جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماهر سياستدان هو. هن آمريڪا کان واپسيءَ تي ٻه سال اٽلي جي شهر فلورنس ۾ رهي، برصغير جي نفسيات جو ڪتابن ذريعي مطالعو ڪيو هو ۽ هو پاڪستان جي عوام، بيورو ڪريسي ۽ جاگيردارن جي نفسيات کان چڱيءَ ريت واقف ٿي چڪو هو. هن عوامي لهجي ۾ تقريرون ڪيون ۽ جهونن جاگيردارن ۽ سياستدانن تي سڌا حملا ڪيا.

"میں وساں کو کسان بنا دونگا، کھوڑو کو ٹھوڑو بنا دونگا اور دولتانہ کا دل توڑ دونگا"... "اسلام اسان جو مذهب آهي، سوشلزم اسان جي معيشت آهي، جمهوريت اسان جي سياست آهي" جهڙا نعرا ڪٽي ايندڙ پنو مغربي پاڪستان کي ڀاريءَ جيان ڀاري ويو. 71ع جي جنگ ۾ مفلوج ٿيل ملڪ جي مجبورين ۽ لکين بنگالين جي لاشن تي ٺهندڙ حڪومت جو اڪيلو وارث ٿي وينو ۽ پاڪستان جي چوويهہ ساله تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جمهوري ۽ مضبوط حڪومت جون واڳون هٿن ۾ آيون ۽ پوءِ سيني ڏنو ته ميڪاولي جي "دي پرنس" کي شوق سان پڙهندڙ پنو زم زم ۽ ووڊڪا جي ڪاڪ ٽيل ٺاهيندو رهيو جنرلن ۽ جتوئين سان چيئر ڪندو رهيو ۽ حڪومت ڪندو رهيو- ۽ اهو به سيني ڏنو ته انهي چوڌرين ۽ رئيسن جون زمينون غريبن ۾ مفت ورهائڻ جا واعدا ڪندڙ پني جي دؤر ۾ جاگيرن ۽ ڪيٽين جون سرحدون صوبن جي سرحدن تائين ڦهلجنديون ويون. ماڻهو پاڻ کي ڪجهه مليو يا نه مليو جي پرواهه ڪئي بغير پنهنجي رت چوس پوتارن جي بدلجندڙ رنگن ۽ وڌندڙ پيٽن تي ڏند ڪرٽيندا رهيا.

پاڪستان ۾ جمهوريت خلاف ٿيندڙ محلاتي سازشن ۾ جيترو هٿ جنرلن ۽ بيوروڪريسي جو آهي، اوترو ئي هٿ نام نهاد جاگيردارن جو به آهي. سيني ڏنو آهي ته هارس ٽريڊنگ جي دؤر ۾ لوٽا ڪريسي جا شڪار جاگيردار، حڪومتون بدلجڻ سان گڏ ڪيئن نه پنهنجي ضمير جو رنگ مٽائيندا رهيا آهن. اهي گار ۽ شڪار جا شوقين صاحب پنهنجي بنگلن ۽ محلن جي غاليچن تي جيترو عوام کي ليٽائڻ ۽ ذليل ڪرڻ جا شوقين آهن، انهي کان به وڌيڪ اهي پوتار پاڻ اقتداري ايوانن جي ڳاڙهن ڪارپيٽن تي ليٽڻ جا خواهشمند هوندا آهن. هر حڪومت جا وزير رهڻ واري نفسيات جا غلام سياستدان پنهنجي بقا انهي ۾ ئي سمجهن ٿا ته هو سدائين اقتدار ۾ رهن.

انگريزن کان بخشش طور نواب، خان صاحب، خان بهادر، نواب بهادر ۽ ارباب جهڙا ريشمي لقب وٺندڙ جاگيردار پنهنجي علائقي ۾ رعب ۽ دٻدٻي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رکڻ لاءِ سائبيريا جي پکين وانگر اڏندا رهن ٿا ۽ حڪومت جا حڪومت کان وڏيڪ وفادار ٿيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن. پوءِ چاهي اهي ٺٽي جا شيرازي هجن، ٿر جا ارباب هجن، نوابشاهه جا شاهه هجن يا عمرڪوٽ جا راڻا هجن. جمهوريت کي هٿ جو لڪڻ سمجهندا آيا آهن. جن سان هو رعيت کي ٺيڪ ڪري سگهن. پاڪستان جي شروعاتي سالن کان وٺندي اڄ تائين جمهوريت جڻ انهن جي گهر جي لونڊي رهي آهي. هو سياست کي ونڊر جو سامان سمجهندا آيا آهن. هو سياست کي ممڪنات جو فن سمجهندي، غلطيءَ ۾ ضمير فروشي جو ذريعو سمجهي ويهي رهيا آهن. عوام سان انهن جو واسطو ۽ رابطو فقط اليڪشن جي حد تائين هوندو آهي. واعدن ۽ قسمن سان واڳيل پمفليٽ انهن لاءِ عوام کي بيوقوف ٺاهڻ جو آسان ذريعو آهي. اليڪشني سياست جي نالي تي انهن عيش ڪيا آهن ۽ عوام کي فقط خواجه سرائي جي خواري هٿ آئي آهي. اصل ۾ انهن جمهوريت کي سمجهيو ئي ناهي. ايئرڪنڊيشنڊ گاڏين ۽ بنگلن ۾ ويهڻ وارن کي ڪهڙي خبر ته جمهوريت عوامي ميڙن، هوٽلن ۽ بسن ۾ هوندي آهي. جمهوريت ڪانڊيري جي ڪوڏر ۽ تلسي جي تغاري وٽان جنم وٺي ٿي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ گانڌي ۽ پٽو پٽڪيا هئا. ڪنهن انگريز ڏاهي جي چواڻي ته:

If you want to understand Democracy spend less time in the library with plato and more time in the buses with people.

پر ايترو سمجهڻ جي تڪليف ڪير ڪري، آسٽريليا جي طوطي وانگر هڪڙي ڪلهي کان ٻئي ڪلهي تائين ٽپڻ ڪيترو نه آسان آهي. ايترو ته اسان به ڏٺو آهي ته پٽي جي اڳيان پويان رهندڙ وڏيرا ضياءَ جي ايواني صدر جا فرنٽ لائين گيسٽ هئا ۽ مجلس شوريٰ جون ميمبريون خانداني ورثو سمجهي اعزاز طور وٺندا رهيا. ايم آر ڊي جون تحريڪون هليون، گولين جا منهن ڪليا، ماٺهو مئا پر اهي ابن الوقت صاحب سن گلاسز پائي، مارگلا جي ٽڪرين تي محبوبائن سان گڏ گهمندي ڏٺا ويا. محمد خان جوڻيجي جي وزارت عظميٰ ۾ ڪنگرو جمهوريت يا (Petty Democracy) جي نالي ۾ آمر هٿان حڪومت ٺهي، جيڪا چون ٿا ته اسڪندر مرزا جي Controlled Democracy جي ننڍي ڀيڻ هئي، ته به اهي اڳيان هئا ۽ انهن ساڍن ٽن سالن جي دور ۾ آمريڪا جي امداد تي پلجندا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيا. بهاولپور جي فضائن ۾ آمريت جو جهاز تباهه ٿيو ته بينظير ڀٽو اليڪشني جلسن ۾ هٿ لوڏيندي نظر آئي، ته انهن مان ڪيترائي اتي به هنبوچيون هڻندي نظر آيا. 70 ڪلفٽن جي ٻاهران ٽڪيٽ لاءِ قطار ۾ بيٺل ۽ بوسڪي جي ميرين ٿيندڙ قميصن جي پرواهه نه ڪندڙ وڏيرا ٽڪيٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ ماڻهن جمهوريت جي نالي تي ڦاهي چڙهندڙ محبوب رهنما ڀٽي جو قرض لاٿو ۽ اهي ڪامياب ٿي پنهنجي منزل مقصود تائين پهتا.

انهي دؤر کان وٺندي اجوڪي دؤر تائين وڏيرن ۽ جاگيردارن جيڪي جمهوريت جي نالي تي ڪيس ڪيا آهن، انهن جي هڪ الڳ تاريخ آهي. پ پ جي ٻنهي دؤرن ۾ نواز ليگ جي اڳئين دؤر ۾ ڪرپشن جي ڪمال ڪرشمن جون خبرون اخبارن جي ڇهرن تي ڇٽيون پيون آهن. اهو سڀ جمهوريت جي نالي ۾ ٿيو ۽ ٿيندو اچي پيو ۽ انهن سوڪالڊ جمهوري دؤرن ۾ ماڻهن ابراهام لنڪن جي جمهوريت بابت Defination کي ڦيرائي هيئن چوڻ شروع ڪيو:

Democracy is the Government, for the people, off the people, buys the people.

اڄ نواز ليگ جي واضح مئنڊيٽ واري حڪومت آهي، جنهن جي ايوان ۾ اڪثريت اٺين ترميم جي تلوار کي لاهي ڦٽو ڪيو آهي. بظاهر پنج سال پورا ڪرڻ جو مڪمل جواز ملي چڪو آهي، پر پنجاب ۽ سنڌ جي امن امان جي صورتحال خطري جي گهنٽي ڏانهن وڌي رهي آهي. خاص ڪري سنڌ کي گورنر راڄ لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي. سنڌ عالمي يتيم خانو ۽ دارالامان هجڻ سان گڏوگڏ ملٽي ڪميونٽي سينٽر آهي. جڏهن سنڌ گورنر راڄ ڏانهن وڌي ٿي ته وفاق جو ڇا ٿيندو؟ اهو اوهان پاڻ سوچي سگهو ٿا. گهڻا مبصر هن دؤر کي جمهوري پارلياماني دؤر جو آخري دؤر سمجهن ٿا ۽ هن دؤر جي ناڪاميءَ کي جنرل ضياءَ جي اڳڪٿي سان ملائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جمهوريت جا خيرخواهه ڊنل آهن ته ڪٿي ڪنهن نئين Coup Deefat جي تياري ته ڪونهي، ۽ اهو به ڄاڻن ٿا ته پردي جي پويان حرڪتي ذهن هن دؤر جي ناڪامي کي پاڪستان ۾ جمهوريت جي ناڪامي سڏيندا ۽ اهو اسلامي جمهوريه پاڪستان لاءِ ڪيترو هاڃيڪار هوندو اوهان پاڻ اندازو لڳايو.

(21 جون- 1997ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هر آمر جو انجام اهو آ!

ڪالهوڪين اخبارن ۾ نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ آيل ردوبدل جي خبر ليڊ ٿيل هئي، پر نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي خواب جي خالق (Creator) جي ورسيءَ جي خبر سنگل ڪالم ۾ ڪنڊائتي آيل هئي. قومي سلامتي ڪائونسل جنرل ضياءَ جو خواب هو جنهن ۾ آرميءَ کي آئيني ڪردار ملڻ واري ساپيان سمايل آهي. عوامي شهزادي کي تختہ دار تي پهچائڻ کانپوءِ غيرملڪي صحافين سان ڳالهائيندي، جنرل ضياءَ چيو هو تہ "آئون لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان تہ جيڪڏهن فوج کي آئيني ڪردار نہ ڏنو ويو تہ منهنجي مارشل لا کچڻ جي ڏهن سالن کانپوءِ ٻيهر مارشل لا لڳندي، جيڪا فوج کي آئيني ڪردار ڏياريندي". رچرڊ نڪسن جي لفظن ۾ اسلامي دنيا جي نهايت ئي خطرناڪ ڊڪٽيٽر جي انهي پيشن گوئي ۾ دور انديش ٻڌڻ ۾ هاڻوڪين حالتن ۾ حڪومتن جي قدمن کي ڏسي، ڇا توهان انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ڪري سگهندؤ تہ فوج کي آئيني ڪردار نہ پيو ملي؟

اڄ قومي تراني جي خالق حفيظ جالنڌريءَ جي جنم ڀومي "جالنڌر" تي جنم وٺندڙ انهيءَ جنرل جي ورسي آهي، جنهن کي هن ملڪ جا حرفتي ۽ حواري حمايتي "مردِ مومن" جي لقب سان ياد ڪن ٿا ۽ هن ملڪ جو محب وطن، مسڪين عوام ڪيس بدترين آمرن جي قطار ۾ بيهاري ٿو جنهن سياست کي ظلم ۽ بربريت جي بند گهٽيءَ ۾ ائين ڳولي ڳولي ماريو جيئن سائوٿ آفريڪا جي سفاڪ جنرل بوٿا جي بندوقن ۾ ڪٽن سائوٿ آفريڪا جي نيگرو ڇوڪري سهارا تي بوڇاڙ ڪئي هئي. مون کي خبر ناهي تہ اڄ اوهين ڪيس ورسيءَ تي ڪهڙن جذبن ۽ لفظن سان ياد ڪندا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوندا، پر مون کي اها خبر آهي تہ اج اوهين آڪاش انصاريءَ جي هنن سٽن جي سرور ۾ ساڳي ڪيفيت مان گذرندا هوندا:

زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾
ضياءَ جي موت جي خبر آهين.

ضياءُ الحق جيڪو پنهنجي ورسيءَ واري تاريخ کان پنج ڏينهن پهرين پنهنجي سالگرهہ پنهنجي سڀ کان پياري ڌيءَ زين سان گڏ ملهائيندو هو. ڪميونزم ۽ سوشلزم جي سڀ کان طاقتور دشمن جي جنم جو سال اهو ئي هو جيڪو لينن جي وفات جو سال (1924) آهي. سينٽ اسٽيفن ڪاليج دهليءَ ۾ پڙهڻ تي سدائين فخر ڪندڙ هي آرائين قبيلي جو جوان 1945ع ۾ رائل انڊين ملٽري اڪيڊمي ديرادون مان ڪميشن پاس ڪري برطانوي فوج ۾ ڀرتي ٿيو. مختلف عهدن تي رهندي، ڪوئيٽا جي اسٽاف ڪاليج ۾ استاد رهندي، 1972ع ۾ ميجر جنرل جي عهدي تي اچي رسيو ۽ ملٽري ڪورٽس جو صدر ٿيو جڏهن ڀٽو چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بہ هو. انهي عرصي دوران ڪيترن ئي آرمي ۽ ايئر فورس جي آفيسرن کي ڀٽو حڪومت خلاف سازش ڪرڻ جي جرم ۾ سزائون ڏنائين ۽ سندس اهڙين ادائن ڀٽي بادشاهہ جي دل ۾ سندس جڳهہ ٺاهي ورتي ۽ ليفٽيننٽ جنرل جو ڦول سندس ڪلهن جي قسمت ۾ آيو. ڇئن سالن دوران ڪيل خدمتن اهو رنگ لاتو جو ڀٽي صاحب ڪيس ٽن جنرلن کي اورانگهي ڪيس چيف آف آرمي اسٽاف جي عهدي تائين آندو ۽ پوءِ ڀٽي جي پر ۾ پونءِ پونءِ ڪندڙ سيني اقتداري پؤنرن کي ڄاڻ هوندي تہ ڀٽي کي ڇانهہ ٺاهي ڏيندڙ ۽ سندس سڏ تي ست بولاتيون ڪائي "يس سر". چوندڙ ڪو ٻيو نہ پر اهو ئي جنرل محمد ضياءُ الحق هو، جيڪو ظاهر ۾ ماڪيءَ جيئن مٺو رهندڙ ماڻهو اندر ۾ هڪ اهڙو موت جو مانارو ٺاهي رهيو هو جنهن ۾ نيٺ هڪ ڏينهن عوامي پيار جو پوپٽ الجهي پيو. اج بہ ڪيترا ئي سياسي مبصر انهيءَ ڳالهہ تي متفق ٿين ٿا تہ جيڪڏهن ڀٽو جنرل ضياءَ جي بجاءِ جنرل گل حسن کي آرمي چيف ڪري ها تہ شايد اهي نتيجا نہ نڪرن ها. بيورو ڪريسيءَ ۾ ڀٽي جو سڀ کان ويجهو سمجهيو ويندڙ ساٿي ۽ ان وقت جي آءِ بي ڊائريڪٽر رائو رشيد جو چوڻ آهي تہ ڀٽي جنرل گل حسن کي محض انهيءَ ڪري چيف نہ ڪيو جو ان بلوچستان ۾ ٿيندڙ بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ عسڪري قوت کي استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. اهو ئي جنرل گل حسن هو جنهن 71ع جي جنگ کان پوءِ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

يحييٰ خان تي پٽي کي اقتدار ڏيڻ لاءِ زور پريو ۽ انهي جنرل گل حسن کي پٽي آسٽريليا ۾ سفير ڪري مقرر ڪيو هو. 76ع ۾ جڏهن پٽو آسٽريليا جي دؤري تي ويو ته هن جنرل گل حسن کي نئين آرمي چيف بابت ٻڌائيندي، جڏهن جنرل ضياءُ الحق کي مقرر ڪرڻ وارو فيصلو ٻڌايو ته جنرل گل حسن رڙيون ڪري چوڻ لڳو هو ته "پٽا صاحب! جيڪڏهن تو ائين ڪيو ته اها تنهنجي سياسي ڪيريئر جي پهرين ۽ آخري غلطي هوندي" پر چوڻ ٿا ته پٽي جنرل گل حسن جي مخالفت ڪانپوءِ پنهنجو ارادو اڃا به مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ نيٺ پوءِ اهو ڏينهن آيو جڏهن بدنصيب ملڪ جي بيوس جمهوريت کي ڦاسيءَ جي جهولي ۾ جهولڻو پيو.

اڄ جڏهن سياسي دنيا جا مبصر پٽي ۽ نواز شريف جي نصيب کي ساڳي تارازيءَ ۾ تورين ٿا ته ان لاءِ في الحال پاڻ ڪجهه نٿا چئي سگهون. پر ايترو چئي سگهون ٿا ته مارشل لائون ڪٿي ڪهڙيءَ به شڪل ۾ هجن. پر اهي قومن ۽ ملڪن جي نڙيءَ تي انهي ننهن جيئن هونديون آهن. جيڪو سندن ساهه جي آخري سڏڪي جو به حق ڪسي ڇڏيندو آهي. جنرل ضياءَ جي اٺ ساله غير جمهوري ۽ ٽي سال جمهوري آمريت هن ملڪ جي مقدر سان جيڪي مذاق ڪيا. اهي اتهاس جي اڳڻ تي بي ڪفن بدبودار لاش جيئن پيا آهن.

ٽي وي جي خطاب دؤران عوام جي سامهون ڊرامائي انداز ۾ اچي روئندڙ ماڻهوءَ جو طويل حقيقي ڊرامو ته سندس اهو ڏهن سالن وارو ڊرامو هو جنهن جي هر قسط ٿهر جي قلم سان لکيل هئي، جنهن جي سموري عرصي دؤران اداڪار صداڪار ۽ قلمڪار پاڻ به ڏند ڪڍي کلندو رهيو پر ٻارنهن ڪروڙ ماڻهو رئندا رهيا. انهي ڊرامي جي هر قسط ڪوڙ هئي، هر منظر منافقي هو هر ڊائيلاگ ڊيڄاريندڙ هو. جنهن ڊرامي جو سڀ کان منافقانه پهلو اهو هو ته انهيءَ ڊرامي کي مذهب جي پردي پويان پيش ڪيو ويو. جنهن ڊرامي جي ريهرسل انهي وقت تي ٿي هئي، جڏهن هو پٽي کي هٽائڻ جي سازش سٽي رهيو هو جنهن جي خبر پٽي کي رائو رشيد اڳواٽ ڏني. ضياءَ جا فون ٽيپ ٿيا. جيڪي پٽي جي ٽيبل تائين پهتا. پر پٽي کي يقين نه آيو ته ضياءَ ائين ڪري سگهي ٿو. پٽي جڏهن ڪيس انهن خدشن کان آگاهه ڪيو ته هن پٽي جي اڳيان جيڪا صفائي پيش ڪئي، اها پنهنجيءَ جاءِ تي، پر هن پٽي سميت سڀني ڪور ڪمانڊرن کي خط لکي انهيءَ شڪ جي ترديد ڪئي ته ڪو هو Coup ڪرڻ وارو آهي. ٻئي طرف هو پي اين اي جي همراهن جي همنوائي ڪندو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو. اها هن جي ريهرسل هئي تہ ان ڊرامي جي پهرين قسط جو آغاز ٿي پاپ سان ٿيو. پهرين قسط ۾ ٿي ايترو خون ڪٿو ڪيو ويو جو اڳيون قسطون انهيءَ خون جي خوف ۾ لکجي ويون. ۽ پوءِ توهان ڏٺو تہ 90 ڏينهن ۾ ٿيندڙ اليڪشنون 900 ڏينهن تائين بہ نہ ٿي سگهيون. احتساب ڪنهن جو ٿيو اهو بہ توهان ڏٺو. عوام کان احتساب وٺندڙ حڪمران جو پهريون قدم اهو هو جو هن سياسي سرگرمين تي پابندي هنئي، اخبارن تي تالا لڳا، صحافي گرفتار ٿيا، نصرت ۽ بينظير قيد ڪڙولن ۾ ڪڙهڻ لڳيون. نصرت ڀٽو پاران سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل پٽيشن پاڪستان جي عدالتي انصاف جي روايتن پٽاندڙ نظريہ ضرورت ڪي سامهون رکي رد ڪئي وئي.

اڄ جيڪڏهن توهان هن ملڪ ڪي شراب، جوا، زنا، ڪوڙ ۽ وياج کان پاڪ ملڪ ڏسو ٿا تہ اهو هيو ڪنهن جو بہ نہ پر اسلامي دنيا جي مرد مومن جو ڪمال آهي جو الحمد الله پنهنجو پيارو وطن انهن سڀني برائين کان پاڪ ۽ صاف آهي. اها اڃا بہ ٻي ڳالهہ آهي يا نظريہ ضرورت جو سوال هو جو مرد مومن جي سموري عرصي دؤران آفيم جي پيدائش 200 ٽن تائين پهتي ۽ 10 لک ماڻهو هيروئن جا عادي ٿيا! اهو نظريہ ضرورت جو سوال هو. اها ان وقت جي ضرورت هئي جو 1984ع ۾ پاڪستان ڪي دنيا جي انهن ملڪن ۾ پهريون نمبر ڏنو ويو جيڪي هيروئن جي 70 سيڪڙو جا پيداواري پائيوار آهن. جيڪڏهن ائين نظريہ ضرورت جو سوال نہ هجي ها تہ ان وقت جو آمريڪي نائب صدر جارج بش پاڪستاني سفارتڪارن ڪي خطاب ڪندي، جنرل صاحب جي منشيات مخالف (Anti – Narcotics) پروگرام جي ساراهہ نہ ڪري ها. اڄ جيڪڏهن توهان آمريڪا ڪي سندس بيوفا دوست هجڻ جو ڏوراپو ڏيو تہ ٻلي ڏيو پر اها حقيقت آهي تہ افغان وار دؤران پاڪستان ڪي آمريڪا ايترو ڏوڪڙ ڏنو هو جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي پيرن تي بيهڻ چاهي ها ۽ اهو پئسو بند تجوڙين کان بچي ها تہ پاڻ هيڏا ڏکيا ڏينهن بہ شايد نہ ڏسون ها. پاڻ سنڌين ڪي تہ ضياءَ صاحب جو شڪر گذار هجڻ گهرجي جو هن پاڻ ڪي ڪلاشنڪوف سميت پرو چاندين، بقادار شاهن، ڪشمير خانن ۽ ڪجھ ڏاڙيلن سميت 40 لک افغان پاڻرن جو تحفو ڏنو. جنهن سان هيو ڪجھ نہ ٿيو پر اهو جو انهن تيز ترار افغان ڊرائيورن جي ڪرم نوازي سان بشريٰ زيدي بس هيٺان آئي ۽ پاڻ ڪي نسلي فسادن جي حقيقي سزا ملي، اڄ جيڪڏهن الطاف حسين لنڊن جي لائيم لائيٽس ۾ هوندي بہ جنرل ضياءَ جون مهربانيون نہ مڃي تہ نہ مڃي، پر پاڻ سنڌس مهربانين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪان منهن ڪيئن ٿا موڙي سگهون. جنهن سنڌڙيءَ انبن جي سنڌ کي سوکڙي ڏيندڙ محمد خان جوڻيجي کي ملڪ جو وزيراعظم بڻائي پاڻ تي اٿ جيڏو احسان ڪيو. اها ٻي ڳالهه آهي تہ محمد خان جوڻيجو سنڌس اميدن تي پورو نہ لٿو ۽ پهرين ملاقات ۾ کيس وزيراعظم ڪرڻ واري خوشخبري ٻڌائڻ تي ضياءَ صاحب کي انهيءَ جملي جو جواب ڏنو تہ ”ضياءَ صاحب! ملڪ مان مارشل لا ڪڏهن وينديا“ نہ فقط تڏهن پر پوءِ بہ محمد خان مان ضياءَ صاحب کي سدائين مايوسيون ملنديون رهيون. پوءِ چاهي اها اوجهڙي ڪئمپ واري تحقيقات هجي، آرمي ۾ پروموشنس تي مداخلت هجي يا بيگم ضياءَ جي پياري ياءُ چوڌري بشارت جي گورنر پنجاب طور مقرريءَ تي مخالفت ڪرڻ هجي. خدا ڀلو ڪري محمد خان جوڻيجي مرحيات جو جنهن هر قدم تي پنهنجي محسن کي مايوس ڪيو ۽ سندس سنڌ تي ڪيل مهربانين جي ماناڻتي موت نہ ڏئي سگهيو ۽ پوءِ پاڻ ڏاڍا ڏکارا تڏهن بہ ٿياسين، جڏهن ضياءَ صاحب ٽي وي تي روئي روئي محمد خان جي بيوفائين جا باب بيان ڪري رهيو هو.

اڄ عوامي ناراضگين ۽ خانداني ڪوشش سان شاهہ فيصل مسجد جي اڱڻ ۾ انهي آمر جي ورسي ٿي رهي آهي، جيڪو ٽين دنيا جي ملڪن جي آمرن واري قطار ۾ سيني ڪان سرخرو بيٺل آهي. گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ ٽين دنيا جي آمرن جيڪا بربريت جي بازار گرم ڪئي آهي، انهي ۾ سمورو بار آمريڪا جي اڏن تان آيل هو ۽ ان جي سموري باهہ ڪميونزم ۽ سوشلزم جي سڙڻ لاءِ هئي. اڄ جنرل ضياءَ جو نالو ڀلي ڪٿي مرد مومن طور ورتو وڃي، پر عالمي دنيا جي دماغن ۽ دلين ۾ سندس نالو سائوٿ آفريڪا جي بوٿا، گوئٽي مالا جي سيريزو، اسپين جي جنرل فرانڪو مراڪش جي حسن ٿو فلپائن جي مارڪوس، زائر جي موبوتو چلي جي پنوشي، ڪمبوڊيا جي پول پاٽ، ايٿوپيا جي هيل سلاسي، انڊونيشيا جي سوهارتو ۽ ويتنام جي ڊن ڊيم جي قطار ۾ بيل آهي، جن جي هٿن تي عوامي عشق ۽ اميدن جو خون لڳل آهي ۽ جن جي کيسي ۾ آمريڪا جا ڊالر پيل آهن. جن مان ڪيترن جا لاش تاريخ جي تاريڪ گهٽيءَ ۾ بي ڪفن ۽ بي دفن اڇلايا ويا ۽ ڪيترا موت کان اڳي مري چڪا آهن. توهان بہ سڄي عمر جنهن ماٺهوءَ جا ڏند ڏٺا ۽ آخر ۾ کيس دفن ڪرڻ لاءِ اهي ڏند ئي وڃي بچيا. باقي وقت جي هوا اهي هٿ الئہ ڪهڙي ڪڏ ڏانهن ڪٽي وئي، جن هٿن سڄي عمر گلابن بجاءِ هٿيار سنوان ڪيا!

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# دردونديءَ جو ديس وسي پيو

هاڻي جڏهن ٿر وسي پيو آهي ته يوسف فقير جي اندر جو مينهن الائي وسڻ بند ٿيو آهي يا نه! مون کي خبر ناهي ته هن لمحي پارڪر جي پٽن جو اهو رولاڪ راڳي ڪهڙي ڪيفيت ۾ هوندو جنهن اتر ڪان مست ڏڳي جيئن رانياڻ ڪري اٿندڙ ٻڪرال ڪنوڻ جا ڪيل به نه ڏٺا هوندا. ڇو ته هو پنهنجين اکين سان ملهاريءَ جا خواب ته ڏسي سگهي ٿو پر برڪا جون بوندون نٿو ڏسي سگهي. ڇو ته هو نابين آهي ۽ هن پنهنجي نيڻن سان آگم کي آرس ڀڃيندي ڪڏهن به نه ڏٺو آهي. اڄ جڏهن سندس ديس جي ڪڇ تي گهٽا جي گهاگهر ڇلڪي رهي آهي ۽ سڄو ٿر پاڻهياريءَ جيئن ٽڪرا پير ڪٽي رهيو آهي ته هو ڪاسبي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پوري سال پڇاڻان پهريون مينهن ڏسي، آلي واريءَ تي هٿ گهمائيندو هوندو ۽ پوري سال ۾ پهريون ڀيرو بنا آڊينس جي فرمائش تي ٻِل تي هٿ رکي ڳائيندو هوندو:

بوند برهه جي بهار لڳي،
درد ونديءَ جو ويس وسي پيو.

هينئر جڏهن آئون حيدرآباد جي حسين قيد ۾ آهيان ۽ منهنجي سامهون منهنجي گهر جي اڱڻ تي اهي ئي بوندون ٽپ ٽپ ڪري نچي رهيون آهن، جيڪي ٿر جي پوري بدن تي برسي آيون آهن، ته اهي مينهن ڪٽيون منهنجي دل جي هٿن ۾ قيدي جي ڪڙين ۾ وينل هڪ ٿاريلي کي باندي هجڻ جو ڀرپور احساس ڏياري رهيون آهن. بدن ته ڀڃي رهيو آهي، پر روح رکو رکو آهي. اهو روح، جيڪو ٻچپن جي برساتن ۾ ڀٽن تي ڀونگا ٺاهيندي مينهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وساڙن سان گڏ پنو آهي. اهو روح رکو آهي. هن لمحي منهنجي تن جي تارن تي آڪاش جون اهي سٿون سڏڪي رهيون آهن:

اٿيا بادل پٽن پاسي، پئي ڪيڪار ڪنوٽين ۾،
هتي آگم اياري غم، ڪئي انڌڪار اکڙين ۾.

توهان ڏٺو هوندو تہ ٿري ماڻهو ٿر جي حوالي سان ڏاڍا ناسٽلجڪ هوندا آهن. ڪٿي بہ هجن، دنيا جي ڪهڙي بہ ڪنڊ ۾ هجن، برسات جي بوند پئي ناهي، جُتي چنبڙي، ڪندا منهن ملير ڏي. وطن لئہ اها اڪير نہ فقط ٿر جي ماڻهن ۾ آهي، پر دنيا جي سيني وارياسن پٽن ۽ ريگستانن جا ماڻهو پنهنجي ڪڪائن ويڙهن سان ائين ئي واڳيل هوندا آهن. پوءِ چاهي صحرا گوبيءَ جا ڪرا هجن يا روهيءَ جي راڻلن تي رهندڙ بابا فريدؒ جا عاشق هجن. انهن ماڻهن ۾ پنهنجي ڏکن هاڻي ڏيهہ سان اهو ئي سنبنڌ ۽ سنيهہ آهي. جهڙو ٿاريلن جو ٿر سان آهي. راجستان جا ماڻهو ڏڪار سالن ۾ پنهنجا ماڳ ڇڏي، دهلي، احمد آباد، بڙودا ۽ بمبئي پيٽ جي باهہ اجهائڻ لاءِ ويندا آهن، پر جڏهن ٻڌندا آهن تہ مارواڙ تي مينهن مانداٽا ڪيا آهن، تہ اهي سمورا ڏنڊنا ڏاڙي ڇڏي، ڪڙين سان ڪيهہ اڏائيندا، ڪنوٽين سان گڏ اچي پنهنجي پنهنجي ويڙهن تي وسندا آهن. بلڪل ائين هاڻي جڏهن ٿر تي مينهن وٺو آهي، گاجڙٻلو گجيو آهي، تہ توهان قاسم آباد کان وٺي ڪلفٽن تائين وڏن عاليشان بنگلن ۾ ڪم ڪندڙ ٿرين کي ڳولي بہ نہ سگهندؤ. رات جو ڪنوڻ چمڪي ناهي، ٿرئي جُتي هٿ ۾ ڪنئي ناهي. رات جو ڊگها اوجاڳا ڪاٽي، مالڪ گهرن ۾ ئي ستا هوندا، تہ ڀاڻي وجي ڀٽ وسائيندا. اهو سڀ ڇا هي؟ ماڻهو جي پنهنجي ڏکن سان ايتري محبت تي سگهي ٿي؟ بلڪل ائين ئي آهي. ماڻهن کي زندگيءَ جي پاڪرن پيڙو ڪندا ئي ڏک آهن. وطن سان واڳيندا ئي ويراڳ ۽ وڇوڙا آهن. ڏک وصال آهن ۽ سک جدائي آهن. سک ماڻهو کي زندگيءَ جي اصل ذائقي کان دور ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڏک ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي ڏانوڻ ۾ واڳي ڇڏيندا آهن. ماڻهو سکيو ٿيو ناهي، بيگانو ٿيو ناهي. ڏک يگانو ڪندو آهي. انهيءَ ڪري ٿرين جي پنهنجي وطن سان يگانن وانگر ياري آهي. ماڻهو ڇا پر توهان هن مند ۾ ٿر جي سيمن ۾ گولاڙن، مرٽن، مريٽڙن، ڦوڳيسين ۽ سٽن جا بہ ڇڪ هٽي ايندڙا هي پٽاريون ڏيکاريو جيڪي چنڊ پوڻ ڪانپوءِ بہ اجا بٽراج علائقي جي ڪنهن آباد زمينن تي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لوسٽن ۽ برسيم چرنديون هجن. ڪنوڻ چمڪي ناهي، پٽاريون چڙا ۽ تليون وڃائينديون، رانياٽ ڪنديون وڃي انهن وٽاڻن تي مڙنديون. جن کي ڇيڙي ورهيہ وهامي چڪا هوندا. لطيف جي اها ئي تہ آبزرويشن هئي.

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهہ مينهيون،
اپيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
جي نئين سج نهارين، تہ اٿن آب اگوندرو.

خبر ناهي تہ ٿر ۾ اها ڪهڙي ڪشش آهي، جيڪا ماڻهو تہ ڇا پر مال کي بہ ميڙيو وٺي! ٿر جي ماڻهن جو گهڻو گذر سفر انهيءَ مال تي آهي، جيڪو گذريل ڪجهہ سالن جي ٿهري قحط ۾ گهڻو ٽڻو مري چڪو آهي. باقي جيڪو بچيو هو سو اهو مارو ماڻهو ٿر سان لڳندڙ بئراج جي علائقي ڏي ڪاهي آيا هئا. ڪالهہ مون کي مٺيءَ جي مختيارڪار ٻڌايو پئي تہ بئراج ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ڏڪار جهڙي حالت هجڻ ڪري مال ڏاڍو ڏهرو هو ۽ هاڻي جڏهن مينهن وٺو آهي تہ اهو مال انهن وٽاڻن تائين پهچندي پهچندي بہ اڌ کن مري چڪو آهي. سرڪار سگهوري، ٿرين جي امداد جي ناليءَ ۾ وڏا وس ڪيا. ٿرين جي مدد ڪرڻ ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيائين. سموري دنيا جو مال ميڙي اچي ٿرين جي ٽاڪن تي لاٿائين. مطلب تہ امداد جي ناليءَ ۾ ٿر تي جيڪي مهربانيون ٿيون، انهن جي تفصيل ۾ وڃبو تہ قصو ڊگهو ٿي ويندو. ڳالهہ فقط ايتري آهي تہ هن سرڪار جيڪي مذاق ڪيا، اهڙا تہ اڳيون حڪومتون بہ نہ ڪري سگهيون. ڪروڙين روپيا ڏيڻ جا اعلان ٿيا. ڪٽڪن جا ٽرالر پريءَ ٿر موڪلڻ جون دعوائون ٿيون. مال لئہ ڪاڏ ۽ چاري موڪلڻ جا فرمان ٿيا. آخر ۾ تہ اهي اعلان بہ ٻڌاسين تہ هاڻي مرڳو هٽرادو مينهن وسائي ٿر کي آباد ڪيو ويندو. آئون ٿر سان واسطو رکان ٿو. مون کي پتو آهي تہ ٿر کي امداد جي ناليءَ ۾ ڪيئن نهال ڪيو ويو. ڪيترن ئي مخير حضرات جي موڪليل ڪٽڪ کي مٺي ۽ عمرڪوٽ جي گدامن ۾ سُرو لڳو ۽ ملڪ پائوڊر چانهہ ۽ مناڻ تپيدارن ۽ ڪوٽارن جي ديڳڙين جي دل ٺارڻ ۾ پورا ٿي ويا. ميڊيڪل ڪئمپون لڳيون جنهن ۾ مشرف صاحب جي اچڻ مهل تہ ڇڳن پلن کي زوري جهلي گلوڪوز جون ٿيلهيون هڻيون ويون ۽ جيئن ئي جنرل صاحب جو جهاز اڏاڻو اڪ نہ ڏسي گوڏي کي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرڪار سڳوريءَ کي نيڪ صلاحون ڏيندڙعقل جي انڌن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته اهي چند مڻ ڪڻڪ ۾ ڪجهه ٽڪا ٿر جي ڏکن ۾ گهٽتائي ڪيئن آڻي سگهندا. ٿر کي مستقل رليف گهرجي، جيڪو فقط ڊيولپمينٽ اسڪيمن شروع ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿو. مون اڳئين ڪالم ۾ به اها ڳالهه لکي هئي ته ٿر کي روڊ رستا، بجلي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جو مستقل بندبست ڪري ڏيو ته ڪا سٺائي ٿيندي، وري به ڳالهه ورجايان ٿو ته ٿر کي فقط فقير جو ڪشڪول نه سمجهو خيرات جو جهول نه سمجهو پر ان کي ملڪ جي جاگرافيائي حدن ۾ قبول ڪريو، سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. ٿر کي ملڪي غربت جو مونوگرام سمجهي، عالمي دنيا اڳيان ائين پمفليٽ نه ٺاهيو جيئن سماجي خدمت جي نالي ۾ اين جي اوز ڪري رهيون آهن، پر ان کي ملڪ جي ٻين خطن وانگر زرخيز (Fertile) ۽ قدرتي وسيلن سان مالا مال علائقي طور قبول ڪريو. سستن قرضن تي ٽيوب ويل ڏيو پاڻي اسٽور ڪرڻ جا رزروائر يا ڊئم ٺاهيو زمين ۾ دفن ٽيل ڪوئلي جي يوٽلائيزيشن لاءِ پاور پلانٽ ڏيو ختم ٿيندڙ هٿ جي هنر کي زور وٺائڻ لاءِ قرض ڏئي، ان کي گهرو صنعت جو درجو ڏيو. سرڪار جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان سمجهي ۽ چاهي ته ٿر جي قسمت بدلائي سگهجي ٿي. هاڻي جڏهن برسات پئي آهي ته ڏڪار جي ماريل ماڻهن کي فصل پوکڻ لاءِ ٻج ڏيو قرضن تي ئي صحيح پر ايتري مدد ڪريو جو اهي پنهنجا الهه تلهه وڃائي ويٺل ماڻهو سموري سال جي پيٽ پوجا لاءِ چار ڪٽا ڪنا ڪري سگهن.

ٿرين کي امداد تي نه هيرايو پر محنت ۽ مزدوري ڪري پيٽ پالڻ جا موقعا فراهم ڪريو. ائين جيئن 1899ع واري ڇپني جي ڏڪار ۾ انگريز سرڪار ٿر ۾ ترقياتي ڪم شروع ڪري، روزگار جا موقعا فراهم ڪيا هئا. ڪوهه ۽ ترائيون کوٽرائي ماڻهن کي حق حلال جو اجورو ڏنو هو. سرڪار سڳوريءَ کي انهي طرف توجهه ڏيڻ گهرجي. ٻڌو ته هوسين ته سرڪار غربت جي خاتمي (Poverty elevation) جي نالي ۾ ٿر لاءِ ڪنهن پئڪيج جو اعلان ڪيو آهي پر پوءِ لڳي ٿو ته اهو اعلان ٻين سوين سرڪاري اعلانن وانگر فقط فائيلن جي دز ۾ دٻجي ويو. ڪا به پيش رفت ڪانهي ٿي. هاڻي جڏهن ٿر ۾ وسڪارو ٿيو آهي ته سرڪار سمجهندي هوندي ته خوشحالي اچي ٿر ۾ خيما کوڙيا آهن ۽ سرڪار کي مزيد مهرباني ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. پر حقيقت ۾ اهڙا وسڪارا ورهين کان وسندا اچن، پر ٿر جي سورن ۾ ڪا گهٽتائي ناهي آئي. اهو چند مهينن جو سڪار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن غريب خطي کي سورن جي استيٽسڪو مان ٻاهر نٽو آڻي سگهجي. اهي تہ رڳو چند ٺهڪن جا ٽولا آهن. جيڪي عارضي طور اچي انهن مهينن جي عذاب ۾ گهاريندڙ خلق کي ڪجهه خوشين جا ڪيپ آڇين ٿا، جيڪي ٿر جي ماڻهن کي پنهنجي ثقافتي زندگيءَ جي پير ۾ آڻي تہ بيهارين ٿا، پر معاشي طور تي اهي ماڻهو ائين ئي مسڪينيءَ ۾ مارڀا رهندا، جيئن ورهين کان وٺي ٿيندو آيو آهي.

سانوڻيءَ سان حقيقت ۾ ٿر جي ماڻهن جو جذباتي لڳاءُ آهي، جنهن کي هو پنهنجن گيتن، رسمن ۽ روحن ۾ پنهنجي محبوب جو درجو ڏيندا آهن. سڄي سال جي محرومين ۾ مارجندڙ ماڻهو ميگها رت جي بادلن جي آمد کي محبوب جو وصال سمجهندا آهن. ٿر ۽ راجستان جي سموري ڪلچر ۽ شاعريءَ ۾ مينهن ۽ مڙس (جنهن کي هو محبوب جو درجو ڏيندا آهن) مستقل موضوع آهن. پٽن پر پونگن ۾ رهندڙ وٺيون سانيڪن تي پاڻي پريندي، مال چاريندي، کير ولوڙيندي پنهنجي پرديس ويل ورن کي سڄو سال تاڙن جيئن تنواريندين رهنديون آهن. اهي ساجن، اهي پيا، اهي ور، جيڪي وسڪاري پڄاڻان وچي ولايت جا وڻ وسائيندا آهن ۽ هوڏانهن چؤنرن جي اوٽ ۾ چوڙيلين ٻانهن، گجاون جسمن ۽ ڪجرارين اکين ۾ اهي ئي لياڪا هوندا آهن.

ساجن هون تاري تڪي، وسان سمهلي واس،
ڪم ڪران گهر آپري، مارو جيوڙو تماري پاس.

۽ پوءِ جڏهن پيرون پچي راس ٿيندا آهن. جهولا ۽ لڪون ٿر جي ڍهرن کان ڏور هليون وينديون آهن. سانوڻ جا سرائيا (ڪنوڻ جا تجلا) آڪاس جي بدن تي سُونا مينهن جي گوهن وانگر چمڪندا تہ هيٺ اپاڻڪيل ۽ اپٽيل اکين سان ڪا هيڪلي ۽ هيسيل هرڻيءَ جهڙي جواني جو اندر آرس پيڄڻ لڳندو آهي ۽ ڪجندڙ ڪنوڻين کي ڏسي چوندي:

بجليا بي لجيان، آيا تنا لج،
پرين مان جو پرديس وسي، تون مڌرو مڌرو گج.

(بي لڄيون ڪنوڻيون، اي آسمان! توکي شرم اچي پرين منهنجو پرديس وسي، تون آهستي آهستي گج)

مون کي ڏک ٿيندو آهي، جڏهن اهو ڪلچر اهي گيت، اهي وصال، اهي جدايون ۽ اها سونهن سرمائيداري نظام جي سازشي هٿن ۾ چند روپين جي راند ۾ وڪبي آهي. "ڪڙي نيم ڪي نيچي..." وارو گيت جڏهن مائي ڀاڳي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳايو هو تہ پوري سنڌ ۾ بہ سچاڻپ حاصل ڪري نہ سگهي هئي، پر جڏهن اهو ٿي گيت جنهاڻ جي ڄام جوڻيجي جي مهربانين سان تينا ثاني جي چپن تائين پهتو تہ ڪراچيءَ کان وٺي ڪيليفورنيا تائين برگر فيملين جو فيورٽ ٿي ويو. مون کي ڏک ٿيندو آهي، تہ جڏهن اين جي اوز جا ناٽڪي دماغ ٿر جي ڏڀرن ۾ گهنجيل چهرن وارن ماڻهن جا فوٽو ڪڍي ڊونر ايجنسين وٽ پنهنجي ڀوڙ پلاءَ جو بندوبست ڪندا آهن ۽ اهي جهور چهرا ائين ئي آسوند اکيون ڪڍي مٽيءَ جي مٽ هيٺان مدفون ٿي ويندا آهن. ڪو بہ پڇڻ وارو ناهي تہ پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ مفلس ماڻهن جي محرومين ۽ مايوسين کي ڪيئن ٽا ڪيش ڪرايو. مون کي خبر ناهي تہ ٿر ۾ اين جي اوز ڪهڙي ترقي ۽ سڌارو آڻي رهيون آهن. هي سماجي ڪمن جي نالي ۾ هڪ Neo feudalism آهي، جيڪو زور وٺي رهيو آهي. ٿر جي خدمت جون دعوائون ڪندڙ ماڻهن کي پهرين دردن کي سمجهڻو پوندو. مون کي يقين آهي تہ ٿر وٺو آهي تہ هاڻي ڪيترا ئي سماجي خدمتگار خوشگوار موسم جو فائدو وٺي، ڪراچيءَ جي ڪمرن مان نڪري ٿر جو منهن ڪندا ۽ ريسرچ ٿينديون، رپورٽون تيار ٿينديون، ڊيٽائون ٺهنديون، جيڪي پوءِ ڏڪار جي ڏينهن ۾ عالمي ڊونر ايجنسين وٽ پيش پونديون ۽ ٿر جو نيلام ٿيندو.

بازار محبت میں نہ دل بیچ تو اپنا،
بک جاتا ہے ساتھ اس کے ظفر بیچنے والا۔

(بهادر شاهہ ظفر)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شاگرد سياست جي وساريل راهن جي ڳولا ۾ نڪتل سنڌ

اهو ون يونٽ وارو دؤر هو جڏهن ملڪ ۾ آمريت جي ارڙ بلا ننڍن صوبن ۽ قومن جي وجود کي وڻ ويڙهي وانگر ويڙهي ساهه سونگهي رهي هئي. اهو ايوب جو دؤر هو جڏهن حبيب جالب جي لفظن ۾ ڏهه گهراڻا عياشيون ڪري رهيا هئا ۽ ڏهه ڪروڙ عوام ڏکن جو ڏاهگ ڏسي رهيو هو. هي اهو ئي دؤر هو جڏهن ملڪ ۾ ايمرجنسي، ڊفينس آف پاڪستان رولز (ڊي پي آر) ۽ 144 جا ڪارا قلم مسڪين ماڻهن جي مرادن ۽ آوازن جو سِر سرعام قلم ڪري رهيا هئا. ملڪ ۽ ماڻهن جي مزاج تي فيض جي انهيءَ نظم جهڙو سحر طاري هو:

نثار میں تیری گلیوں پہ اے وطن کے جہاں،
چلی ہے رسم کہ کوئی نہ سر اٹھا کے چلے۔
جو کوئی چاہنے والا طواف کو نکلے،
نظر چرا کے چلے، جسم و جاں بچا کے چلے۔

اهو ئي دؤر هو جڏهن سنڌ جي فضائن ۾ اياز جي انهيءَ سٽ "سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو ته چڙهن ڪاريهر تي پير پيو" جهڙي هوا گهلي رهي هئي. هڪڙي سنڌ اها هئي جيڪا ايوب کهڙي ۽ سندس همنوائن جي سنڌ هئي، جيڪا صوبن جي وحدت کي ون يونٽ جي چار ۾ اچلي اقتداري ايوانن جي ڳاڙهن ڪارپيٽن تي ليٽاڙا پائي رهي هئي. هڪڙي سنڌ اها به



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هئي، جيڪا اياز جي انهيءَ سٽ هٿان سوڳهي ٿي نه سگهي ۽ ون يونٽ خلاف واچوڙي جيئن لڇندي رهي. اها سنڌ جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، رسول بخش پليجي ۽ شيخ اياز واري سنڌ هئي، جيڪا موت جهڙي ماڻار ۾ زندگيءَ جهڙا گيت ڳائي رهي هئي.

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو

سهندو ڪير ميار او يارا!

سنڌ جي قومي سجاڳيءَ جو اهو تاريخي دؤر هو جڏهن ون يونٽ مخالف تحريڪن ۽ گيتن ۾ خان بهادرن ۽ راءِ بهادرن واري سنڌ جي سيني تي هڪ نئين سجاڳ سنڌ تڙپي رهي هئي، جنهن جتي سنڌ ڪي مڊل ڪلاس ڏنو اتي هڪ نئين سماجي جوڙجڪ ٽيڻ لڳي. نون قدرن (Values) جنم ورتو. انهيءَ تحريڪ جتي سنڌ جي هر اداري ۽ حلقي تي غيرمعمولي اثر ڇڏيا، اتي سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ موجود جاگيرداري جي گهٽائيءَ مان نڪتل نوجوان نسل کي نئون موڙ ڏنو. قومي سوچ ڏني، شاگرد سياست ڏني.

ون يونٽ واري دؤر ۾ جڏهن بيورو ڪريسيءَ جي بيگهي متل هئي، هر اداري ۾ هٿ ڌرمي سنڌن قومي فرض تي چڪي هئي، تڏهن حيدرآباد جو ڪمشنر مسرور احسن هو جيڪو ٻين ادارن سميت سنڌ يونيورسٽي ۾ به من ماني ۽ بيجا مداخلت ڪري رهيو هو. هن سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان کي هٽائڻ لاءِ ان وقت جي جهونن ليگين نواب يامين ۽ نواب مظفر جي چرچ تي سازش ڪئي، جنهن خلاف سنڌي شاگردن سنڌ يونيورسٽي جي ڪاريڊور مان آواز بلند ڪيو.

اهو چار مارچ جو ڏينهن هو جڏهن سنڌ ورسٽي جا سوين شاگرد بسون ڀري حيدرآباد ڏانهن پرامن احتجاج ڪرڻ لاءِ اچي رهيا هئا. اهي راجپوتانه اڳيان روڊ بلاڪ ڪري سمهي رهيا ۽ روڊ تي حياتيون وڇائيندڙ انهن سرفروشن مان هڪڙو اسان جو بلڪ سڄي سنڌ جو مامو يوسف لغاري به هو جيڪو انهي پرامن احتجاج جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. سندس پويان مسعود نوراني، لالا قادر يوسف ٽالپر ۽ ٻيا ڪيترا ئي سڄاڻ شاگرد هئا. اها ڪمشنر مخالف تحريڪ جيڪا دنيا جي ٻين شاگرد تحريڪ جي قربانين ۽ خون جي هولين جي پيٽ ۾ ڪا ايڏي



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

اثرائتي تحريڪ نہ هئي، پر سالن کان سياسي جمود جو شڪار ٿيل سنڌي سماج جي سيني ۾ هڪ اهڙي زوردار پٿر جيان لڳي، جنهن جتي ون يونٽ مخالف تحريڪ کي هڪ ڀرپور Stand ڏنو اتي سنڌ جي شاگرد جدوجهد کي اهو به اعزاز حاصل آهي تہ ان سنڌ جي قومپرست سياست کي بنياد فراهم ڪيا ۽ اڄ جيڪڏهن يوسف لغاري سنڌ جي ماڻهن جو محبوب "مامو" آهي تہ اهو بہ 4 مارچ جي جدوجهد جي ڪري آهي ۽ جيڪڏهن اڄوڪي قومپرست سياست جي اڳواڻن جي ساک سٺي آهي تہ اهو مامي جوزف ۽ سندس ساٿين جي وهايل پگهر جو پورهيو آهي.

سياسي ۽ سماجي تاريخ جو شاگرد هجڻ ناتي انهي حقيقت جو چڱيءَ ريت ادراڪ رکان ٿو تہ دنيا جي ڪيترن ملڪن جي آزادي ۽ سياسي قومي تحريڪن ۾ شاگرد جدوجهد جو بنيادي ڪردار رهيو آهي. خاص ڪري ڪالونيل نظام جي پڇاڙڪن ساهن وارا پنجاهہ ۽ سٺ جا ڏهاڪا ۽ ڪنهن قدر ستر وارو ڏهاڪو شاگرد تحريڪن جو دؤر آهي. جڏهن ايشيا کان وٺي لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا جي ڪارن تائين جوانيءَ جي گرم رت جي گردش هئي، جنهن مان انقلاب ۽ آزادي جا نوان نغما ڦوهارن جيئن ڦٽي رهيا هئا. سٺ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ويٽنام ۾ آمريڪي بربريت جي بازار گرم ٿي، تہ ايشيا ۽ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آمريڪي آپيشاهيءَ خلاف نوجوانن جي هٿن ۾ بينر ۽ جهنڊا جهولڻ لڳا. لنڊن جي هائيڊ پارڪ کان وٺي هوچي منهہ اسڪوائر تائين اسٽوڊنٽس فار اي ڊيموڪريٽڪ سوسائٽي (SDS) جي شاگردن هڪ آواز ٿي آمريڪي جارحيت خلاف ڪاريون پٽيون ٻڌيون، روڊن تي سٽا ۽ مظاهرا ڪيا. انهن مظاهرن ۾ جهوني ڪميونسٽ مظهر علي خان جو ايوبي آمريت ۾ جلاوطن ٿيل پٽ طارق علي بہ نمايان هو (جيڪو "انارڪي سائي" جو خالق اڄ لنڊن ۾ پٺو تي فلم ٺاهي رهيو آهي) 1966ع ۾ منيلا جي گهٽين ۾ پنجاهہ هزار فلپينو شاگردن پاران شروع ڪيل آمريڪا مخالف تحريڪ پنهنجن ڪيترن ئي محبوب اڳواڻن جو رت ڏيڻ ڪانپوءِ فلپائن ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ ٿي ۽ ملڪ مان آمريڪي فوجي اڏن جي خاتمي جي تحريڪ بڻجي وئي. جڏهن آئون فرانسيسي جنرل چارلس ڊيگال جو 1968ع ڌاري شاگردن پاران تختو اونڌو ڪرڻ واري ڪمال جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، تڏهن 1956ع ۾ هنگري جي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

انهن هٽيلن شاگرد جوانن کي ڪيئن ٿو وساري سگهان، جن سندن نصاب ۾ شامل ڪمپلسري روسي ٻولي جي خلاف ۽ سندن ٽيڪسٽ ۾ موجود مارڪسزم ۽ لينزم کي ڏار ڪرڻ لاءِ جيڪو احتجاج ڪيو هو سو ايتري حد تائين وڌيو هو جو حڪومت مجبورن سوويت يونين جي خوشچيف کان فوجون گهرائي، ٽينڪن، بندوقن ۽ گرنيڊن سان ڪيترن ئي معصوم شاگردن کي چيپاٽيو هو. جنهن ۾ سوين شاگرد بي موت مارجي ويا. هزارين زخمي ٿيا ۽ انهي قهر جي ڪري ٻه لک ماڻهو ملڪ ڇڏي هليا ويا. جڏهن آئون هنگري جي هٽيلن جوانن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان ته پوءِ منڊيلا جي ديس جي ڪارن جي آزادي لاءِ وڙهندڙ ۽ جيل ۾ جيون ڏيندڙ البيلي شاگرد اڳواڻ اسٽيفن بائڪو کي ڪيئن ٿو وساري سگهان، جيڪو سياسي آزادي کان مٿي آفريڪي ماڻهن جي ذهني ۽ فڪري آزاديءَ تي زور ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته غاصب جو سڀ کان طاقتور هٿيار غلام جو دماغ آهي، جيڪو غلاميءَ کي برقرار رکي ٿو. بائڪو بليڪ ڪانشسنيس موومينٽ جي باني ڪارن مان هو. جنهن 1968ع ۾ سائوٿ آفريڪن اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو بنياد وڌو ۽ 1972ع ۾ ڪارن جي مختلف 70 تنظيمن جو ڪنوينشن ڪوٺايو هو جنهن جو هو اعزازي صدر چونڊيو ويو هو. آخرڪار انهيءَ سرمئي رنگ واري شاگرد اڳواڻ تي گوري سرڪار جو عتاب ڪريو ۽ هن جي سيني سياسي سرگرمين تي پابندي لڳي. 1977ع ۾ گرفتار ٿيڻ کانپوءِ پوليس جي سخت تشدد ۾ جيل جي سلاخن پويان مارجي ويو. جڏهن اسان سائوٿ آفريڪا جي بانوري بائڪو جو ذڪر ڪري رهيا آهيون ته اتي سائوٿ آمريڪا جي ڪاري چمڙي وارن شاگردن جي اسٽوڊنٽ نان وايولنٽ ڪوآرڊينيٽنگ ڪاميٽي جو حوالو ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان، جيڪا آمريڪا جي ڪارن ڪاليجي شاگردن 1960ع ڌاري گورن ۽ ڪارن وچ ۾ رنگ ۽ نسل واري امتياز ۽ فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ ٺاهي هئي، جن پنهنجي احتجاج جا ڪيترا ئي نوان انداز متعارف ڪرايا. جن ۾ هڪڙو Sit – in protest هو جنهن ۾ SNCC جا شاگرد احتجاجن گورن صاحبن جي مخصوص پارٽين ۽ فنڪشنن ٻاهران ڌرڻو هڻي، پلي ڪارڊ کڻي ويهي رهندا هئا ۽ انهي پرامن شاگرد تحريڪ جو آمريڪا جي سول رائيٽس واري تحريڪ ۾ زبردست Contribution هو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هينئر جڏهن پاڻ دنيا جي شاگرد تحريڪن جا رت هاڻا پير ڪڻندا پيا هلون ته ستر جي ڏهاڪي وارين ڪجهه تحريڪن جو به احوال ڪندا هلون.

هماليه ۾ ڪپل وستوءَ واري ديس نيپال جي ڪميونسٽ پارٽي جي ذيلي تنظيم ANNFSU جي انهي چڱائي کان منهن ڪيئن موڙيون. جڏهن 77ع ۾ پاڪستان ۾ آمريت جي رسي جمهوريت جي ڳچيءَ ۾ پئجي رهي هئي ته پٽو جي حق ۾ ڪٺمنڊو ۾ هزارين شاگردن روڊن تي ڏرٽا هٽي تاريخي احتجاج ڪيو هو ۽ جنهن کي ڪچلڻ لاءِ جنرل ضياءَ جا همدرد نيپالي فوجين جا بوٽ معصوم جسمن کي لتاڙي رهيا هئا. پر اها تحريڪ جيڪا شهيد ڀٽو جي حمايتي هئي، سا بادشاهت جي خلاف تي ۽ نيٺ هڪ زبردست تحريڪ جي شڪل وٺي ڪميونسٽن کي اقتدار جو دروزاو ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ٿي.
هوڏانهن ملائيشيا ۾ بن وڏين ملتي شاگرد تنظيمن 1973ع واري عرب / اسرائيل جنگ دوران فلسطينين جي حمايت ۾ جيڪي يادگار تحريڪون ۽ تاريخي مظاهرا ڪيا، انهن کي ياد ڪندي جڏهن ٿائيلينڊ جي ٿاماسٽ يونيورسٽي جي شاگردن جي فوجي حڪومت مخالف تحريڪن کي ۽ انهن هزارين شاگردن جي حياتين جي نذرانن کي ڳڻيندا سين ته انهي يونيورسٽي ۾ موجود ٿاماسٽ ڊنڊ جي انهن سيني نيل ڪنول جي گلن کي به ڳڻنو پوندو جيڪي انهن شهيد شاگردن جا مقدس روح (Sacred souls) تي لهرن تي لڏي رهيا آهن. جن لاءِ هنن جو عقيدو آهي ته اهي نيل ڪنول انهن ڪنوارن شاگردن جو نئون جنم آهن. توهان جو سوڊان جي ارڙي شاگرد اڳواڻ احمد قريشي بابت ڇا خيال آهي، جنهن خرطوم يونيورسٽي ۾ آمريت جي خلاف حق جو نعرو بلند ڪيو. جنهن جي ڏوهه ۾ ان وقت جي آمر ڪرنل عابود جي قهر انهي امام مهدي جي عاشق تي بي رحم بندوق جي باهه اوڳاڇي ۽ هو خزان جي مند ۾ ٽڙڻ کان اڳي ئي ڇاٽيو ويو ۽ انهي شاگرد اڳواڻ جي لاش کي ايستائين ڪلهن تي کڻي شاگرد خرطوم جي گهٽين ۾ گهمندا رهيا، جيستائين عابود جي ڪاري رات جا پاڇا سوڊان جي ساحلن تان نه لٿا. اڄ به جيڪڏهن توهان اهو دردناڪ منظر ڏسڻ چاهيو ته منهنجي دوست سوڊاني شاگرد اڳواڻ محمد جي اکين ۾ ڪجهه پل گهوري ڏسي سگهو ٿا. جڏهن ٻانهن سالن کان جلاوطن محمد گارشيا مارڪيز جون Hundred years of Solitute پڙهندو آهي يا A cry for Africa جهڙو نظم جهونگاريندو آهي، ته سندس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اکيون خرطوم جا خواب ڏسڻ لڳنديون آهن، جن ۾ ڪيترا ئي ڳوڙها احمد قريشي وانگر اميدن ۽ حسرتن جي ڪلهن تي ڪڇنديءَ ڏسي سگهجن ٿا.

شاگرد سياست جي ڪهاڻي اجا بہ طويل ٿيندي فخر سان ڳاٽ اوچو تڏهن ڪندي، جڏهن اسان اسي واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن واري تيانن من اسڪوائر واري چيني شاگردن جي جمهوريت جي حق ۾ ڪيل تاريخي احتجاج جو ذڪر ڪنداسين، جڏهن 1989ع ۾ هڪ لک شاگرد ۽ مزدور بيجنگ ۾ باهہ جيئن پڙڪي اٿيا هئا ۽ انهي جواني جي آگ کي ڪچلڻ لاءِ ڊينگ زيائوپنگ جي حڪومت هر حيلو هلايو. سوين شاگرد مارجي ويا، هزارين گهايل ٿيا ۽ ڪيترا ئي سلاخن پويان واڙيا ويا. توهان جو اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا جي ميلاپ Unifieation لاءِ نديڙين اکين ۽ بني نڪ وارن شاگرد اڳواڻن بابت ڇا خيال آهي جن 1988ع ۾ شاندار تحريڪ جو آغاز ڪيو ۽ انهي تحريڪ جي ڏوهہ ۾ اتان جي هر دلپسند شاگرد اڳواڻ رم سيوڪيانگ کي 15 سال ٽيپ آئي ۽ هنن ستن لکڻ وقت بہ لوهي سلاخن پويان ساهہ کڻي رهيو آهي، تازو انڊونيشيا سوهارتو جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ جڪارتا جي جوان جذبن جو بہ ڪمال ڇئون ٿا پر رنگون جي گهٽين ۾ ٿي شرٽون پائي گهمندڙ سانورن برمي بابوئن بابت ڇا ٿا چئون جيڪي آل برميز اسٽوڊنٽس ڊيموڪريٽڪ فيڊريشن (ABSDF) جي بينر هيٺ آنگ سوان سوچي جي سرواڻي ۾ جنرل خلاف جنگ وڙهي رهيا آهن. چار مارچ جي جدوجهد ۾ حصو وٺندڙ يوسف لغاري جهڙن ڪردارن کي سوچي جڏهن هاٺوڪن شاگرد سياستڪارن کي ڏسون ٿا تہ دل جي چمنيءَ مان اٿندڙ دونهين ۾ ويساهہ جي سڙڻ جي بوءِ اچي ٿي.

چار مارچ جا ڪردار جيڪي اڄ قسمت جي وهڪري ۾ وهي حياتيءَ جي الاءِ ڪهڙي هنج ۾ وڃي ڪريا آهن، ڪهڙي خبر. مسعود نوراني ولايت جا وڻ وڃي وسايا. يوسف ٽالپر بابت No Comments جهڙو لفظ موزون احتجاج پيش ڪري ٿو. باقي ٻين جو مون کي صحيح پتو ڪونهي، پر سنڌ جي هاٺوڪي مورچي تي انهن اڙٻنگ اسيرن مان ڪو آهي تہ اهو مامو يوسف آهي، جيڪو وڪالت جو ڪارو ڪوٽ پائي مچن ۽ مٽي اچي ٽيڻ تائين سنڌ جو ڪيس وڙهندو اچي. انهن جو سچ ٽيندو اچي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اک ہم ہی تھے جن کے لباس پر سر رہ سیاہی لکھی گئی،
یہی داغ تھے جو سجا کے ہم، سر بزم یار چلے گئے۔

شاگرد سياست جي اهڙي شاندار تاريخ ۾ فخر آميز ماضيءَ تي لکڻ کانپوءِ اڄوڪي شاگرد سياست تي ڇا لکان؟ آئون سمجهان ٿو ته اڄوڪي شاگرد سياست تي ”نه لکڻ“ سڀ کان ڀرپور احتجاج ٿي سگهي ٿو. پر آئون چار مارچ کانپوءِ واري شاگرد سياست تي لکڻ وقت بي رحم به ٿي سگهان ٿو پر انهيءَ رومانس ۾ رت هاڻين راندين کي نٿو وساري سگهان، جن ۾ شهيد نذير عباسي کان وٺي ڊاڪٽر دودي مهيري تائين جهڙن ڪردارن جي خون ۾ ڦٽڪن جا قول قتل آهن. پر مجموعي طور تي چار مارچ کان شروع ٿيل شاگرد سياست تي منهنجو بنيادي اعتراض اهو به آهي ته اها ڪي سگهارا نتيجا نه ڏئي سگهي آهي ۽ اهو چار مارچ وارو ئي موقعو هو جڏهن سنڌي شاگردن پڌي ۾ وحدت جو مظاهرو ڪيو نه ته ان کانپوءِ واري سموري شاگرد جدوجهد پنهنجن جي رت ۾ رڱيل آهي. ون يونٽ جي خاتمي کانپوءِ شاگرد سياست ٻن رخن ۾ رهي: هڪڙي سپاف هئي جيڪا اقتداري ۽ سرڪاري فرض بجا آڻيندي رهي. ٻئي طرف قومپرست ۽ ڪاهيءَ ڏر وارا هئا، جيڪي پنهنجو مضبوط ماضي ۽ تاريخ رکن ٿا. شاگرد سياست جي حوالي سان منهنجي نظر ۾ جنرل ضياءَ وارو دؤر بدترين دؤر هو جڏهن تعليم کي پٺي ڏئي بيٺل شاگرد سياست ڪلاشنڪوف جي نالي تي دهشت ڦهلائي رهي هئي. شاگرد سياست لاءِ اهو دؤر ڪنڌ هيٺ ڪري ڳالهائڻ جو دؤر آهي. جڏهن سنڌ يونيورسٽي ۾ شيخ اياز رسول بخش پليجو ابراهيم جويو آريسر ۽ ڪامريڊ سوڀو داخل ٿي نه سگهندا هئا، پر انٽرنيشنل هاسٽل ۽ بلاڪس ۾ سلامو چانگو منو ڪاسائي ۽ ڪشمير خان جهڙا بدنام ڌاڙيل ۽ اشتهاري ملزم مڇون وٽي ۽ ٻانهون لوڏي گهمي رهيا هئا. اهو شاگرد اڳواڻن جي شاگرد جدوجهد جي فڪري ۽ رومانوي اميج تي ڪارو داغ هو جڏهن سنڌ جي قومي شعور جي سرواڻن تي مادر علمي ۾ داخل ٿيڻ ممنوع هو.

منهنجيءَ نظر ۾ حفيظ پيرزادي جي ڳل تي اسماعيل وساڻ جي چماٽ ۽ سنڌالاجي مان پٽو دؤر جي وزير جي اغوا جا قصا فخر سان ٻڌائيندڙ شاگرد اڳواڻن جي ڏيکڻ ۾ ڏڪ پرڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي، جو انهي شاگرد جدوجهد جي رومانس جي نالي ۾ چانهه جي ڪوپ تي ۽ بس جي سيٽ تان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندڙ خونريزين جو هڪ طويل الزام به آهي. انهن سيني اونده ڪارين ۾ شاگرد سياست جي مثبت نتيجا نه ڏئي سگهڻ جا منهنجي نظر ۾ جيڪي سبب آهن، انهن ۾ مرڪز طرفان شاگرد تنظيمن تي Check نه هجڻ ڪري جتي پسمانده ذهن ڪٽي ايندڙ شاگردن ۾ چڙواڳي ۽ لاپرواهي جنم ورتو اتي ڪارڪن ڪيڊر ۾ ڪرائيم داخل ٿيڻ ڪري ۽ اسٽڊي سرڪل جي ختم ٿيڻ ڪري ليڊر شپ لسٽ ۾ هيرو ازم واري لاڙي جنم ورتو ۽ جدوجهد جو روح اڏامي ويو. مرڪز پاران سموري مالي ۽ افرادي بوجهه شاگرد تنظيمن تي پوڻ ۾ قومي سياست کي شاگردن تائين محدود ڪرڻ ڪري انهن ۾ ڪرمنل ڪلچر ۾ ڀتاخوري جنم ورتو. ڳجهن ماڻهن ۾ ايجنٽن جي شاگرد سياست ۾ انٽري ٿيڻ ۾ انتظاميا جي اقرباپروري به پنهنجو رنگ لاتو جو اڄ شاگرد اڳواڻ يونيورسٽي ۾ هيسيل هرڻن جهڙن شاگردن لاءِ دهشت جي علامت ٿي چڪا آهن. استادن جي عزت سلامت ناهي.

اڄوڪي شاگرد سياست جي هاڃيڪارين جو سڀ کان وڏو دليل عاشق جوڻيجي جي جوان رت جو اهو ريلو آهي جيڪو اڄ سنڌ جي هر باضمير ماڻهوءَ جي دل وٽان ٿيندو پنهنجي معصوم فرياد سان سياستدانن جي ضمير تائين پهچي سوال ڪري رهيو آهي ته هاڻ اهڙي شاگرد سياست جو ڇا ٿيڻ گهرجي؟

(4 مارچ، 1999ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هڪ عام سنڌي شاگرد جو شاگرد سياست ڪندڙن ڏانهن خط

حق موجود.

موهن جي دڙي جا وارثؤ!

جيئن تہ توهان ۾ اسان بخوبي ڄاڻون ٿا تہ اسان پنج هزار سال پراڻي تهذيب جا وارث آهيون. جنهن جي حسين ناچڻي ”سمبارا“ جي گهنگهروئن جي جهنڪار اڄ بہ سموري دنيا جي قديم تهذيبن تي غالب آهي. سپت سنڌوءَ جي ڪنارن تي وسندڙ قومن ويد تخليق ڪيا ۽ دنيا جي تهذيبن جي تعمير ۽ اصلاح ۾ ڪيترو ڪردار ادا ڪيو انهيءَ ڪان بہ اميد آهي تہ آشنا هوندؤ. سنڌ انهن آرين جي ڪاهہ (Invasion)ڪان ويندي بهارين، برمين ۽ افغانين جي لوڌ تائين ڏکن ۾ سورن جو ڪيترو انوکو ۾ دردناڪ سفر ڪيو آهي، انهي جو بہ توهان کي يقيناً پورو پورو احساس هوندو. ڇو تہ توهان کي شايد تنظيمي تربيت ۾ ڇهرن کي پڙهڻ ۾ پرکڻ جو بہ درس ڏنو ويو آهي تہ توهان سنڌ جي گهنجيل ۾ سورن سان سڪڙيل ڇهري جون لڪيرون ڏسي ٻڌائي سگهو تہ سنڌ ماتا ڏکن ۾ ڏوجهرن جي گهاٽي ۾ ڪيتري پيڙهي وئي آهي ۽ هن جون معنيٰ خيز گهوريندڙ نگاهون اسان ڪان ڪهڙي شڪايت ڪري رهيون آهن. ائين بہ ڪونهي تہ اسان ظلم جي خلاف مهاڏو ڪونهي اٽڪايو. اڄ بہ هوشو هيمون، دودو مخدوم بلاول، شاهہ عنايت، روپلو ۽ ٻيا ڪيترا ئي ڪردار اسان جي تقريرن ۾ تحريرن جي جان آهن. اڄ بہ انهن جا نالا اسان ۾ بهادريءَ جو هڪ عجيب احساس پيدا ڪندا آهن. الئہ ڇو انهن جي ذڪر سان اسان جڻ تہ پنهنجو پاڻ کي انتهائي مڙس ماڻهو سمجهڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڳندا آهيون. شايد انهيءَ ڪري جو اسان وٽ عظيم ڪردارن جي جيڪڏهن ڪثرت آهي، تہ ان ڪان وڌيڪ قلت بہ رهي آهي. ڇا ڪجي، ڏتڙيل قوم جا فرد جو ٿياسين. غلام قوم جي نفسيات ۾ پنهنجي وڏي جو رت ڏسي مڙسيءَ جو احساس پيدا ٿي سگهي ٿو. مڙسي مڙسن ۾ هوندي آهي، ايئن پنهنجن دشمنن سان اٽڪڻ جي سگهہ رکون ٿا. پر فرق ٿورو اهو آهي تہ اسان ڪان دشمنن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ غلطي ٿي وئي آهي. بدقسمتيءَ سان اسان اڄ پنهنجن کي دشمن سمجهي، انهن جي ڳلي ۾ هٿ وجهڻ شروع ڪيا آهن. قومن سان وڏي ۾ وڏو الميو اهو بہ هوندو آهي تہ هو پنهنجو دشمن سڃاڻڻ ۾ غلطي ڪري ويهن. جنگ جا نغارا وڄن تہ رڳو پنهنجن جا لاش نظر اچن. سنڌي قوم پنهنجي ذات ۾ ڏاڍي منجهيل قوم آهي. جنهن کي سائين جي ايم سيد الله چو ماٺهو مارائڻ جو فتنو نظر آيو هو؟ ڇاڪاڻ جو سائين جي ايم سيد دشمن جي نشاندهي ڪئي هئي ۽ دشمن چالاڪيءَ جو مظاهرو ڪري، اسان جي اڻڄاڻائيءَ جو فائدو ورتو ۽ دوستن جي نظر ۾ سنڌ جو پراميٿيس ۽ گاڊ فادر دشمن ٿي پيو. پر سائينءَ کي انهيءَ ڳالهہ جي پرواهہ ڪانہ هئي. فيض جي هيٺين سٽن جيان اعتماد سان هليو ويو:

*یہ ہم ہی تھے جن کے لباس پر سر رہ سیاہی لکھی گئی،*
*یہی داغ تھے جو سجا کے ہم سر بزم یار چلے گئے۔*

۽ تاريخ جا ڪردارو!

آءٌ ڪير ٿيندو آهيان. توهان کي سائين جي ايم سيد سمجهائڻ وارو منهنجي تہ سائين سان فقط روحاني ۽ نظرياتي وابستگي ٿي سگهي ٿي، پر توهان جي تہ سائين سان تنظيمي وابستگي بہ هوندي. سائين جي ايم سيد جيڪو علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو خاص معتقد هو جنهن جو مثال توهان "ساهڙ جا سينگار" جي صورت ۾ ڏسي پڙهي چڪا آهيو. آءِ آءِ قاضي جيڪو ڄام شوري جي رنگن جو خالق، آءِ آءِ قاضي جيڪو علم جي درياهہ جو پيئندڙ نہ ڍاپندڙ اڃارو مسافر هو جنهن وٽ علم جو تصور روشنيءَ جيان هو. جيڪو علم کي To lead from darkness to light سمجهندو هو. ايلسا سان گڏ A Brown girl in the search of God لکندي، اسان جي مستقبل لاءِ الله ڪيترا چنڊ جهڙا اجرا خواب ڏٺا هوندا، هو ايندڙ نسل کي اميد جو ڪِرڻو سمجهندو هو. جي نہ وساريو تہ اسان ئي هن جي حسين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سپنن جي ساپيان جا ڪردار آهيون. پريشان ٿا ٿيون، تہ اسان هن جي گلاب جهڙن خوابن جي الئہ ڪهڙي تعبير آهيون. ڏپ ٿو ٿئي تہ ڪٿي خزائن جا خالق نہ نڪري پئون. فيصلو اسان تي آهي، پوءِ حقيقت پسند ٿي سوچيون تہ اسان جا ڪنڌ يقيناً شرم جي بار هيٺ جهڪي ويندا. اسان هن جي چُمي جو جواب چماٽ سان ڏنو آهي. چار شوري جي رستن تي ڪڄندڙ قدم ۽ هاسٽل جي رومن ۾ ڏڙڪندڙ دليون علامہ آءِ آءِ قاضي جي محبت جون قرضي آهن. اسان بہ عجيب سنگدل ماڻهو آهيون. محبت جو قرض بہ ادا نٿا ڪري سگهون، اسان محبت جي خوبصورت سوال جو نفرت سان زبردست جواب ڏنو آهي. اسان هن وقت هن گهڙي هائو ڪريون تہ آءِ آءِ قاضيءَ جا وڏي ۾ وڏا مجرم آهيون.

شاگرد جدوجهد جا علمبردارو!

اسان توهان جي قربتن ۽ ڪلفتن جا امين آهيون. اسان توهان جي وفائن ۽ بي وفائين جا شاهد آهيون. اسان شاگرد جدوجهد جا ون يونٽ کان وٺي آمريت جي ڪاري پاڇي تائين جا جيئرا جاڳندا گواهہ آهيون. اسان اڄ بہ سنڌ جي اُداس فضائن ۾ توڙهي ڦاٽڪ تي وهيل رت جي خوشبو مينديءَ جي مهڪ کان وڌيڪ تازي محسوس ڪريون ٿا. سنڌي شاگرد جدوجهد جا ڪيترا ئي ڪردار اسان جي دلين تي محبوبائن جي نالي سان گڏ اُڪريل آهن. الئہ ڇو اسان جي محبتن ۽ نفرتن ۾ شدت هوندي آهي، شايد انهيءَ ڪري جو اسان تي محرومي مهتاب جيان مهربان رهي آهي ۽ اسان سدائين ڳوڙهن سان ڳالهايو آهي. اسان جون اکيون اسان جي اندر جا آئينا آهن، جنهن ۾ درد سنڌ جي نقشي جيان اُڀري ٿا اچن. شاگرد جدوجهد جي ڪهاڻي پنهنجي ڪردارن ۾ مڪمل رومانس تي رکي. مون کي خبر آهي تہ اسان جي ڪيترن شاگرد جدوجهد جي ڪردارن جي ڇپن تي فيض جو ”*مجھ سے پہلی سی محبت میرے محبوب نہ مانگ*“ وارو نظم چُمي جيان ڇهتيل رهيو آهي، جنهن کي هو سدائين محبوبا جي ڇپيل جملي جيان محبوب سمجهندا هئا، ۽ ”*اور بھی دکھ ہیں زمانے میں محبت کے سوا*“ واري سِٽ کي ورجائي ورجائي پڙهندا هئا. افسوس ٿو ٿئي تہ انهن جي هيڏي ساري گواهي ڏيڻ کان پوءِ اڄ جي حال تي پهچون ٿا تہ دل دردن جي ٿيو ٿي وڃي. لطيف يونيورسٽيءَ کان ويندي سنڌ يونيورسٽيءَ تائين، چانڊڪا کان ويندي ايل. ايم. سي تائين، زرعي يونيورسٽيءَ کان ويندي سنڌ يونيورسٽي تائين، روز روز هڪ بئي سان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معمولي ۽ خصيص ڳالهين تي رت وهائڻ جون خبرون ٿا پڙهون، تہ اندر ڪامي ٿو اٿي. اجازت ڏيو تہ چوان، اڄ اسان جي تعليمي ادارن ۾ اخلاقي، نظرياتي، علمي، ادبي ۽ سياسي بحران جا وڏي ۾ وڏا ذميوار اسان پاڻ آهيون. دنيا جي وڻ وڻ ڪاٺي تي ويڇڻ ڪري ادارن ۾ وينل انتظاميہ. انتظاميہ جي اقربا پروري آسمان تي پهچي وئي آهي. اسان علم ۽ اخلاق جون سڀ حدون اورانگهي، جاهليت جي انڌي کوهہ ۾ ڪِريا آهيون. دنيا ايڪويهين صديءَ جي چانئٺ ٽپڻ واري آهي ۽ اسان پوئين پيرن سان ويهين صديءَ جي چانئٺ پيا ٽپون. سيلف گرانٽيڊ ليوز جي نالي ۾ ڪلاس بند ڪرائي، بائيڪاٽ جي نالي ۾ ليبارٽريون ويران ڪري پنهنجي دوستن جا مٿا ڦاڙي، استادن جي بي عزتي ڪري، ڇوڪرين سان ڳالهائڻ تي قومي غيرت جاڳائي، مفت جون مانيون کائي، ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيون؟ هائيڊروجن ۽ ائٽم بم جي دنيا ۾ اسان اڄ بہ هٿن جي استعمال جي ويڙهہ ۾ يقين ٿا ڪريون. ڪيڏي نہ اڻ ڄاڻائي آهي. جڏهن اسان ڄاڻون ٿا تہ دنيا Three wave world رهي آهي، پهرين لهر زراعت جي هئي، ٻي صنعت جي هئي، هاڻ جيڪا لهر آهي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي آهي، جنهن سموري دنيا کي لوڏي ڇڏيو آهي. اسڪاٽ لينڊ جي مشهور رڍ ڊولي جنهن عقل جا تاڪ وڃائي ڇڏيا آهن. انٽرنيٽ جي ڪمال دنيا کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. اسان اڃا بہ دوسو جي دهل تي مست آهيون. ٽي سگهي ٿو تہ منهنجي حجت توهان کي ناگوار گذرندي هجي، پر ڇا ڪجي، شاگرد جدوجهد جي ڪردارن سان رهندڙ شايد محبت جو عمل پنهنجي ذات ۾ پرپور ردعمل رکي ٿو. سائنس جو شاگرد هجڻ ڪري نيوٽن جو Third law of Motion منهنجي اڳيان معنيٰ رکي ٿو پر ايئن بہ ڪونهي تہ ان محبت جو ردعمل نفرت آهي، توهان اسان جو بچيل سچيل سرمايو آهيو پنهنجو سرمايو هٿ مان وڃائڻ جي بيوقوفي نٿا ڪري سگهون. پر فقط پنهنجي علمي ۽ اخلاقي تباهيءَ جو پرپور احساس هوندي ڪجهہ ڪڇي ڪافر ٿيڻو ٿو پوي، اهو ڪفر ٿي قبول آهي. جڏهن ڪا ڇوڪري اخبار ۾ ڪالم لکي اسان جي حرڪتن کي بيان ٿي ڪري، تہ اسان شرمسار ٿا ٿيون ۽ مجبوراً هن خط کي توهان سان مخاطب ٿيڻ جو ذريعو ٿا بنايون.

آئون ادارن ۾ سياست جو ڪنهن بہ صورت ۾ مخالف ناهيان. سياست اها هجي جنهن ۾ علم ڏانهن پازيٽو اپروچ هجي. سياست، علم کي ادارن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مان بيدخل ڪرڻ جو نالو هرگز ناهي. سياست براءِ دهشتگردي، هجڻ بجاءِ سياست براءِ علم هجي. سياست مڪمل ڄاڻ ۽ آگاهيءَ جو نالو آهي، پر اڄ اسان ڪي اتفاق ڪرڻو پوندو تہ اسان جي شاگرد سياست پنهنجي نظرياتي ۽ تنظيمي ذميوارين کان مڪمل فراريت جو نالو آهي. اڄ جڏهن اسان جي گهٽڻ ساٿين کان ڪو تنظيم جي نظريي ۽ ڪم جي طريقي جي پڇا ڪري ٿو تہ اهي هيٺئين شعر جهڙا تاثر ڏين ٿا:

هم کو اپنی خبر نہیں یارو
تم زمانے کی بات کرتے ہو

سنڌ جي مستقبل جا معمارو!

هي تعليمي ادارا ئي قومن جي شعور جا سرچشما هوندا آهن، جتان علم جون لاٽون اُبري اماس ذهنن تان زنگ لاهينديون آهن. هي ادارا ئي اسان جي زندگي آهن. هي ادارا ئي اسان جي محبت جو قبلو ۽ ڪعبو آهن، جتي اکين ۽ دلين جا سجدا عشق جي پرم کي بچائيندا اچن. اڄ اسان جي ڪوتاهي ۽ غفلت جي ڪري ڄام شوري جو سمورو حسن، موڪلن ۽ 'ماما ڪلچر' جو شڪار ٿي ويو آهي. ماما! ڪجهہ خيال ڪريو ڄام شوري جي رنگن ۽ ٽهڪن جي پاسداري جو حق اوهان تي آهي، هن حليم باغيءَ جي "شهر جانان" جي سانجهين ۽ ستارن جا وارث اوهين آهيو. اوهان کي هتان جي موتين ۽ گلابن جي رکوالي ڪرڻي آهي، جيڪي گجرا ٿي وارن ۾ سجائجن ٿا ۽ جن جي اڏارن مان ايندڙ مهڪ هنن ئي سفيدن سان سجيل رستن تي گهمندڙ رولاڪ شاعرن کان اهڙا شعر لکائيندي:

اسان لئہ سهائي جو سَر ڄام شورو
پلي ڪو وڃي گهر اڏي ڪهڪشان ۾

سو اڄو تہ گڏجي هن "رهجي ويل منظر" جي ڪردار واري سرزمين کي نفرت جي باهہ کان بچايون ۽ جوانيءَ جي محبوب ڪردارن 'سنجها' ۽ 'پنهون' کي پنهنجي سموري مستي ۽ چنچلتا سان ڄام شوري جي سنڌي ماءُ جي لولين جهڙي هوائن ۾ جهومڻ ۽ ڳائڻ ڏيون. اچو تہ سڀ گڏجي لانگ فيلو جو My lost youth جهڙو خوبصورت گيت ڳايون.

A boy's will is the wind's will
The thoughts of youth are long long thoughts



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سو منهنجا مهربان سڄڻو!

آئون ڪو ڏاريو ڪونه آهيان، توهان مان آهيان، مون ڪي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. آءٌ انهن عام شاگردن مان آهيان، جيڪي توهان جي احتجاج لاءِ بسن ۾ ڀڪرين جيان سٽجي، پريس ڪلب تائين پهچن ٿا ۽ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سيني ڪان وڏا وڏا ۽ زوردار نعرا هڻن ٿا. هي منهنجا احساس رڳو منهنجا ناهن، پر منهنجي وسيع شاگرد برادريءَ جا آهن. جيڪي توهان جي دهشت ۽ ڊپ کان لومڙي جيئن لڪندا گهمن. آئون انهن مان آهيان جن جي وڏڙن کي جاگيرداري نظام جي ظلم جي ڪڙهائيءَ ۾ ڪاڙهيو ويو آهي. آئون انهن مان آهيان جن جي وڏڙن ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ سيدن جا پير ڌوئاريا آهن. آئون اهو تخمِ غريبان آهيان، جيڪي نياز ۾ ماريا ويا آهن. آئون انهن جو اولاد آهيان جن جا وڏا روز ننڊ مان اُٿي پورب جي راجا کي ڪوڙ جي سلامي ٿا ڏين ۽ شام جو ٿڪي ٽٽي پنهنجي مٽي تان ٽپنڊڙ سج کي تغاريءَ سان گڏ لاهي ٽڏو شوڪارو ٿا پرين. آئون انهن شاگردن مان آهيان جيڪي ڪنهن جي ڇهري کي نيٽڻ ۾ تارن جيان سانڍين ٿا ۽ رات جو جگجيت ۽ چترا جي غزلن کي ٻڌي سمهن ٿا ۽ صبح جو سورج ديوتا جو آلن وهاڻن سان استقبال ٿا ڪن. اسين اُهي آهيون جن لاءِ علم اڄ به آهي ته بک به آهي. جن لئہ علم چنڊ به آهي ته ڪٽڪ جو لولو به آهي. سچ پڇو ته قسم کنيو هيوسين ته توهان سان ڪا به شڪايت نه ڪبي، پر اڄ توهان جي اڱيان چار اکر چئي ويا آهيون. جو توهان اسان جو لولو ٿا کسيو پنهنجي اکين جو چنڊ کسجڻ تي هر ڪنهن کي وات ڪولڻ جو اختيار آهي، يا نہ توهان ئي چئو! اصل ۾ مون جيڪو ڪجهه به چيو آهي، اهو وسيع شاگرد برادريءَ پاران چيو آهي. اهو به فارسيءَ جي هن سٽ وانگر چيو آهي:

"من هائي هوئي ميڪنم ڪس بشنوديا نشنود"

(يعني: آئون اندر جون آهون پيو ڪيان، ڀوءِ ڪير ٻڌي يا نہ ٻڌي)

اميد تہ اصلاح سمجهندا. آخر ۾ هي شعر ٻڌائي، اجازت وٺبي:

*فراز اس شہر میں کس کو دکھاؤں زخم اپنے،*
*یہاں تو ہر کوئی مجھ سا بدن پہنے ہوئے ہے۔*

دعاگو

**(عام سنڌي شاگرد)**

(آچر 13 جولاءِ 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شاگرد سياست ۾ سليماني ٽوپين وارا تعليمي سربراهه

مِيان نواز شريف جي حڪومت پنهنجي پهرئين سال ۾ ڪيترا ئي قانون، آرڊيننس، مهانگائي، احتساب، آئين ۾ ترميمون ۽ ايوان ۾ پنهنجي ماٺهو تارڙ کي آڻڻ سان گڏ پنهنجي حڪومت جي پهرين سالگره تي هڪ تعليمي پاليسيءَ جو تحفو به ڏنو آهي، جيڪو اڄ مختلف ماڻهن وٽ مختلف حوالن سان زير بحث آهي. تعليم لاءِ قومي آمدنيءَ جو چار سيڪڙو مخصوص ڪرڻ جو واعدو ڪرڻ، 21 يونيورسٽيون ۽ هزارين اسڪول، نئون نصاب، مدرسن ۾ انگريزي ۽ سائنس پڙهائڻ جو اعلان ٿيو آهي. ان کان سواءِ شاگرد سياست تي پابنديءَ جو پروانو به نروار ٿيو آهي. شاگرد سياست تي پابندي هجڻ يا نه هجڻ واري ڳالهه تي اچڻ کان اڳ ميان نواز شريف کي ياد ڏياريندا هلون ته پاڻ سندس نواز ليگ جي ذيلي فرنٽ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ايم ايس ايف) کي ختم ڪرڻ جو اعلان به نه ڪيو آهي، جيڪو تي سگهي ٿو ته گهٽي مصروفيت جي ڪري رهجي ويو هجي يا ممڪن آهي ته انهي قومي تعليمي پاليسيءَ جو سرسيد جي ورسيءَ جي موقعي تي باقاعدي اعلان ڪرڻ جو سوچي ملتوي ڪيو ويو هجي. ڳالهه ڪٿي کهڙي به هجي، پر پاڻ فقط اميد ئي ڪري سگهون ٿا.
جيئن ته انگريزيءَ ۾ چوندا آهن:

Hope is the bread for the poor.

(اميد تي ئي غريب جيئن ٿا.)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سو شاگرد سياست تي پابنديءَ جي فيصلي کان پوءِ لڳي ٿو ته ميان صاحب جي نظر ۾ پاڪستان ۾ تعليم جي تباهيءَ جا ذميوار فقط شاگرد سياستدان آهن. جيڪي حڪومت طرفان مقرر ٿيل ايماندار انتظاميا کان چندن ۽ پتن کان وٺي سيٽن تائين آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ يونيورسٽي جي انتظاميا عرف ننڍي سرڪار انهن کي سندن ناجائز يا جائز گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ هر ممڪن سخاوت جو مظاهرو ڪندي رهي آهي. جيڪا انهن ننڍڙن سياستدانن کي سندن هوڏ اڳيان هر شيءِ حاضر ڪري ٿي ڏئي ۽ پوءِ ڏوهه فقط وٺندڙ جي ڳچيءَ ۾ پوي ٿو باقي ڏيندڙ کي ڏوهي نٿو سمجهيو وڃي. سچ ته اهو آهي جو مون کي اجا پابنديون هٽڻ جي سائنس سمجهه ۾ نه آئي ته پابنديون لڳڻ ڪنهن تي ڪپن ۽ لڳائي ڪير؟ منهنجو مقصد اڄڪلهه جي تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ نام نهاد شاگرد سياست جي وڪالت ڪرڻ ڪونهي. منهنجي لکڻ جو مقصد شاگرد سياست جي مجموعي اهميت جي وڪالت ۽ تعليمي تباهيءَ ۾ هين ذميوار ڌرين جو تجزيو ڪرڻ آهي ۽ منهنجو مقصد انهيءَ راءِ جو اڳ ۾ ئي دفاع ڪرڻ آهي. ڇو ته جيڪا هنن پابندين کان پوءِ شاگرد سياست جي لاءِ منفي راءِ عامه ٿهندي، ان ڪري سڀ شاگرد سياست کي تعليم جي تباهي سمجهڻ لڳندا، پر حقيقت ۾ حقيقي شاگرد سياست قومي حقن ۽ تعليم جي فروغ جي جدوجهد به آهي، جنهن کي هتي ناپيد سمجهي، نااميدي جي ڍېڻ ۾ اڇليو ويو آهي.

اڄ پاڪستان ۾ مجموعي طور تي تعليم جو معيار زوال پذير آهي. ملڪ جي چئني صوبن مان سنڌ جو تعليمي معيار خاص طور تي خطرناڪ حد تائين ڪِري چڪو آهي، باقي ٽنهي صوبن جو تعليمي معيار سنڌ جي ڀيٽ ۾ بدرجه بهتر آهي. حڪومت تعليمي پاليسين کي ايتري به اهميت ناهي ڏني جيتري فيملي پلاننگ يا بيمي جي پاليسين کي ڏيندي آهي. اليڪشن دوران عوام سان پهريون واعدو نوڪريءَ جو ڪيو ويندو آهي ۽ اها معنيٰ ماستري، ماستري به اها جيڪا آڱوٺي جو نشان چيڪ بڪ تي هڻي بئنڪ مان پگهار کڻي سگهي. سريلنڪا، نيپال ۽ مالديپ پاڪستان سان لڳ ڀڳ گڏ آزاد ٿيندڙ ملڪ آهن، جن جي تعليمي شرح 50 سيڪڙو کان ڪافي اڳيري ٿي چڪي آهي. سريلنڪا جي تعليمي شرح 98 سيڪڙو تائين آهي، باقي پنهنجو حال اهو آهي جو اڃا 33 سيڪڙو جي پاس مارڪن تائين به نه پهچي سگهيا آهيون. هندستان جيڪو تعليم تي جيتري توجهه ڏئي ٿو انهي جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معيار اسان سيٽلائيٽ چينل تي ڏسي سگهون ٿا. جڏهن ريڙهي واري ڪان ريسٽورنٽ جي بيري تائين هڪجهڙي انگريزي ڳالهائيندي ڏسون ٿا، تڏهن اسان ڪي الئہ ڇو پاڪستان ۾ وڏين ڪرسين تي ويٺلن جي انگريزيءَ تي رحم ٿو اچي. انهن صاحبن تي رحم ڪائڻ هندستان سان همدرديءَ جو اظهار ڪونهي، پر دراصل انهن جي تعليم ۽ ريسرچ جي ميدان ۾ ڪيل ترقيءَ تي حيرت ٿئي ٿي. ويهين صدي ايجادن، انقلابن، فلسفي، فتحن، شڪستن ۽ شاعرن جي صدي هجي نہ هجي، پر ايڪويهين صدي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي صدي آهي، جنهن ۾ هن دنيا جي رهاڪن ڪي انٽرنيٽ جي دنيا جا رهاڪو (Netizens) رحم جي نظر سان ڏسندا. اها دنيا حسرتن ۽ حيرتن جي دنيا آهي، جنهن ڪي اسان پيرن ۽ درويشن جي معجزن جا ماريل سنڌي قدرت جا ڪرشما سمجهي ستل رهنداسين. اسان پاڻ ڪجهہ ٺاهڻ نہ سکيا آهيون، اسان ڪي پراڊڪٽس يعني پڪل ماني گهرجي جيڪا چاٺنا جي سُئي ڪان ويندي جپان جي بال پين تائين ٻاهريان اچي سگهي ٿي. جڏهن اسان قدرتي وسيلن سان شاهوڪار ملڪ ۾ غربت جي زندگي گذاري رهيا آهيون تہ پوءِ انهي ملڪ جي مستقبل لاءِ ڇا ٿا چئي سگهون. جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪانووڪيشن ٿئي ٿو تہ سونن ٻلن جي سخاوت شروع ٿي ٿئي. هڪ طرف هٽ ٺوڪي سياست جو عملي ثبوت ڏنو وڃي ٿو تہ ٻئي طرف شاگرد تنظيمن تي پابندي لڳائڻ جو سوچيو وڃي ٿو. ملڪ جي مڙني يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن ڪان فقط اهو سوال پڇيو وڃي تہ پاڪستان جون 25 پبلڪ يونيورسٽيون سال ۾ چاليهہ پي ايچ ڊي جون ڊگريون ڇو نٿيون ڏئي سگهن؟ جڏهن تہ بئنگلور انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي هر سال 110 شاگردن ڪي پي ايچ ڊي ٿي ڪرائي، ان جا سبب ڪهڙا آهن؟ اهي سبب سمجهڻ لاءِ بہ هڪڙي سياست ئي گهرجي، جيڪا سيني سياستن جو ردعمل هجي ۽ اها سياست ادارن جي انتظاميا ڪان احتساب ۽ پڇاڻي جي سياست آهي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين بدقسمتيءَ سان ڪوبہ نہ ڪري سگهيو آهي ۽ انهن ڪي سندن ئي ويڙهي ۾ ويٺل علم ۽ عقل جا ويري نظر نہ اچي سگهيا، باقي تعليمي تباهيءَ جي نياڳ وارا ننڍڙا فيڪٽر هر وقت بهاني جو زبردست هٿيار ٿيندا آهن. انهن مان هڪڙو بهانو شاگرد سياست تي پابندي آهي. بهانا ڳولجن تہ هزارين بهانا ملي ويندا، پر مسئلو اصل ذميوار ڌرين جي نشاندهي ۽ انهن جو احتساب آهي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اڄڪلهه ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ ٽينڊڙ شاگرد سياست کي آئون نه صرف سياست مڃڻ لاءِ تيار ناهيان پر ان سان گڏوگڏ اهو مڃڻ لاءِ به تيار ناهيان ته ادارن مان سياست جي سموري ڪارج کي ئي ختم ڪيو وڃي. اسان تاريخ جا شاگرد هوندي چڱيءَ ريت ڄاڻون ٿا ته دنيا جي سمورن ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪن ۾ تعليمي ادارا سندن قومي شعور ۽ حقن جي حاصلات لاءِ هلايل تحريڪن ۽ احتجاجن جا زبردست مورچا رهيا آهن ۽ اڄ دنيا جي اسڪرين تي ڇانيل سياسي هيروز مان ڪيترا ئي شاگرد اڳواڻ رهي چڪا آهن، پر تعليمي ادارن جي اولين سرگرمي تعليم آهي. انتونيو گرامچي کان ذلفي ڀٽو تائين، آنگ سوان سوچي ۽ بينظير ڀٽو کان بوگوتو يونيورسٽي جي گارشيا مارڪيز تائين سڀ شاگرد سياست ۽ قيادت جا ڪردار آهن. شاگرد سياست جي اهميت ۽ وڪالت ۾ آئون سمجهان ٿو ته يوسف لغاري ۽ پراڻو ڪميونسٽ ڪامريڊ طارق علي ڀرپور نموني سان ڳالهه ڪري سگهن ٿا. جن 4 مارچ تي ڄام شوري جي پل تي ون يونٽ خلاف رت گرمائڻ کان وٺي ويتنام جي آمريڪي حملي خلاف احتجاجن ۽ تحريڪن ۾ تاريخ رقم ڪئي آهي. طارق علي جي مظاهرن جا اڄ به سينٽرل لنڊن جو هائيڊ پارڪ ۽ چوڪ گواهه آهن. ڄام شوري جي پل يا چين جي تيانن من اسڪوائر کان وٺي آڪسفورڊ جي گهٽين تائين شاگرد سياست ظلم جي خلاف زبردست احتجاج جي علامت ثابت ٿي آهي. اڄ به منهنجو انقلابي شاگرد دوست محمد سوڊاني پنهنجي ملڪ سوڊان جي شاگرد اڳواڻ احمد قريشي جي قصن سان شاگرد سياست جو ڪيس ٿو وڙهي، جنهن خرطوم يونيورسٽيءَ ۾ آمريت جي خلاف آواز ڪڍو ڪيو هو ۽ ڪرنل عابود جي فاشي ڇالن انهي انقلابي شاگرد کي آڪٽوبر جي خزان ۾، پيلي پن جيان اُڏائي ڇڏيو هو ۽ ان وقت تائين جدوجهد جاري رهي جيستائين ڪرنل عابود نابود نه ٿيو ۽ سندس آمريت پنهنجا خوني چنبا سوڊان تان سنوان نه ڪيا. لاطيني آمريڪا جي شاگرد تحريڪن کان وٺي سائوٿ آفريڪا جي شاگرد اڳواڻ اسٽيفن کي جن به Road to Freedom ۾ ڏٺو هوندو سي اڄوڪي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ٽينڊڙ سياست تي سوين. ڳوڙها ڳاڙي نواز شريف جي فيصلي جي آجيان ڪندا، پر هو اهو ڪونه مڃي سگهندا ته ڇٽن غنڊن ۽ لوفرن جي حرڪتن ڪري شاگرد سياست جي سموري رومانس کي ريٽي ڇڏجي ۽ پابنديون مڙهي انهي اميد کي بيدخل ڪيو وڃي، جيڪا اڄ به چوٿين مارچ جي چاهه ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيئري آهي. اڄوڪي ڪلف ڪاٽن ۽ ماما ڪلچر واري شاگرد سياست کي هي ننڍڙين اکين ۽ سرمئي رنگ وارو انقلابي محمد سوڊاني قوم دشمني ۽ علم دشمني چوي ٿو ۽ گهڙي پل لاءِ انهي پابنديءَ واري عمل تي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو جڏهن اسٽيفن ۽ احمد قريشي جا چهرا سندس اکين آڏو اچن ٿا تہ هو وري سياست کي قربانيءَ جو عمل چئي پابنديءَ خلاف ڳالهائڻ ٿو لڳي. شاگرد سياست، پاپ ۽ راڪ سياست آهي، جنهن جي رڳن ۾ گٽار جي تارن وانگر ٿڙڪندڙ رت ۽ انهي جي بيٽ تي ڳايل گيت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي جوانيءَ جا ٽائيٽل گيت آهن. جڏهن ميان نواز شريف جنون گروپ جي ووڪل علي عظمت جي وڪريل وارن ۾ ڦٽنچي هلائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري، تڏهن سموري ملڪ جي جواني احتجاج ٿي ڪري، پر جڏهن شاگرد سياست تي پابنديءَ جي ڳالهہ ٿي ٿئي تہ شاگردن کي چپن تان مٽي لاهڻ گهرجي ۽ فيض جي نظم "بول ڪہ لب آزاد هين" کي بهادريءَ سان ورجائڻ گهرجي.

اڄ اسان جا تعليمي ادارا مڪمل طور تي تباهہ ٿي چڪا آهن. اڄ سنڌ جي تعليم جو معيار انهيءَ جو ضد آهي، جيڪا ورهاڱي کان اڳ واري سنڌ جي هئي. جڏهن علي ڳڙهہ بمبئي ۽ ڍاڪا يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن مرهٽن جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو جيڪي وارن جون پونيون ٺاهي، چٽ سان اٽڪائي ويهي پڙهندا هئا. ۽ اڄ اها بہ حقيقت آهي تہ انهن جا پار شاگرد سياست جي نالي ۾ ڪلاس ۾ وينل شاگردن کي بائيڪاٽ جي نالي ۾ ڳچيءَ کان ٻاهر جهلي ٿا ڪڍن. اها بہ حقيقت آهي تہ اڄ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ شاگرد تنظيمون ڪاز ۽ قربانيءَ کان پري وڃڻ ڪري، پنهنجي سموري اهميت وڃائي چڪيون آهن. اهي شاگرد تنظيمون تربيت ۽ تعليم نہ هجڻ ڪري اهڙي تاري جيان ٿي پيون، جيڪا قومپرست سياست جو ٻار نہ ڪٽي سگهي ۽ ڪرپشن ۽ موقعي پرستي جي اٽائي واءُ ۾ ٽٽي پئي آهي. شخصيت پرستي ۽ ويساهہ گهاتي اسان جي معاشري کي اڌوهي جيان کائي کوکلو ڪري ڇڏيو. بي علم ۽ بي مقصد سياست جو نتيجو اهو نڪتو جو پنهنجن کي مارون، انهن کان پيٽا ونڻ، هاسٽل جي رومن تي قبضا ۽ استادن جا مٿا ڦاڙڻ لڳا ۽ سمورا نعرا ۽ نينهن نيرو جي بانسري جي ڦوڪ محسوس ٿيڻ لڳا. پر تعليمي تباهيءَ ۾ رڳو انهن فيڪٽرز کي ڪائونٽ ڪرڻ زيادتي آهي ۽ انهن واڳن جي وات ۾ گوشت وجهڻ جي برابر آهي، جن جي عمل ۽ انتظام جي ڪري لطيف يونيورسٽي ۾ شاگرد پني رهيا آهن. نياڻيون جهولي ڦهلائي رهيون آهن. انهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڀني تائين پهچڻ ۾ پابنديون لڳائڻ جي به ضرورت آهي، جيڪا لطيف يونيورسٽي کان مهراڻ يونيورسٽي تائين انتظاميه سالانه ڪروڙين روپيا ڪمائڻ جي باوجود شاگردن کي علم جي حاصلات تائين پهچڻ جو مسئلو حل نٿي ڪري سگهي. انهن يونيورسٽين جي انتظاميه هڪڙي قسم جي Parallel Govt. ٺاهيو ويٺي آهي، جنهن جا سيزر به پارٽ آهن ته بروٽس به پارٽ آهن. سينڊيڪيٽ ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسلون به انهن جي هٿ هيٺ آهن، جتان هو پنهنجا من پسند فيصلا آسانيءَ سان ڪرائي سگهن ٿا. خاص ڪري سنڌ جي يونيورسٽين ۾ موجود سربراهن تي ڪرپشن، اقربا پروري جا الزام ڇو ٿا لڳن؟ ملڪ جا ٻيا به تعليمي ادارا آهن، اين اي ڊي کان خيبر ميڊيڪل ڪاليج تائين، شاگرد تنظيمون ۽ اخبارون اهو ڇو نٿيون لکن ته هي ڪرپٽ آهن؟ جتي ڇٽڻگ هوندي باهه به اتي پڙڪندي هيستائين سنڌ يونيورسٽي کان لطيف يونيورسٽي تائين جيڪو ڪجهه به ٿيو آهي، اهو چور سپاهي پائي پائي وانگر ٿي ٿيو آهي.

ڪي شاگرد ڏريون جيڪڏهن ڪانٽن سيٽون ۾ پئسا وٺن ٿيون، ته پهريون سوال وي سي کان پڇيو وڃي ته اها سخاوت ڇو؟ پر مسئلو اهو آهي ته اعليٰ ادارن جي سربراهن کان پڇڻ جي ريت نه رهي آهي ۾ هو انهيءَ لسٽ ۾ اچڻ کان بار بار بچي ٿا وڃن، جيڪا تعليمي تباهيءَ جي ذميوار ڌرين جي آهي، جنهن ۾ اهي سليماني ٽوپي وارا سربراهه ٽاپ تي هئڻ گهرجن.

بهرحال ميان نواز شريف جي انهي عمل کي وقتي فائدي جي مد ۾ ٿي ڏسڻ گهرجي ۽ انهي خوشفهميءَ ۾ به نه رهڻ گهرجي ته انهن پابندين سان تعليم جو معيار سڌري پوندو. پر انهيءَ سان گڏ تعليم جي تباهيءَ ۾ ٻين ذميوار ڌرين کي به آندو وڃي ته چڱائيءَ جي اميد رکي سگهجي ٿي. آئون سمجهان ٿو ته اڄ ماٽيجي ماءُ واري سلوڪ جي دؤر ۾ سنڌ جو باشعور شاگرد سياست کان دور رهڻ جي عياشي نٿو ڪري سگهي، انهن سوڪالڊ شاگرد تنظيمن کان سواءِ به رستا ۽ اميدون آهن. جيڪي اڄ نه ته به سڀاڻ روشن مستقبل جي نويد ٿي سگهن ٿيون ۽ اِها اُها سياست ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ سائنس به هجي ته ڪمپيوٽر به هجي ۽ جتي قرباني ۽ جستجو پنهنجا پنهنجا رنگ ڇوندي سگهي.

(جمعو 20 فيبروري ـ 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڄام شوري جي مُرڪ جو اسٽيڪر
# قاتل ڇو آهي؟

چون ٿا ڄام شورو رومانس جو شهر آهي، چنچل هوائن ۽ سانورين شامن جو شهر آهي، جتي عقل جون مڙئي اٽڪلون عشق جي عقاب جي چنبي ۾ رهن ٿيون. عقل کان عاري جواني پيار جي آنچل هيٺان پناهه وٺي ٿي. حليم باغيءَ جا نظم، ڪينچليون هوائون، آواره ٿهڪ، آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا جون قبرون ۽ قسم، بي پرواهه جواني، شاگرد سياست جو رومانس، ڪيوپڊ جا گهاءَ ۽ "رهجي ويل منظر" جا، "سنجها ۽ پنهون" حقيقت جو هڪڙو پاسو آهن. ميون ٿا ته اهي حال جي سڀ کان خوبصورت حقيقت آهن. اهو سڀ ميون ٿا، پر ڇا ڪجي، زندگيءَ جو ڪو هڪڙو زاويو ڪونهي. حال جي خودفريبيءَ ۾ قاتل خيال مستقبل کي پٺي ڏيئي ٿا ويهن ۽ اسان اهو وساري ٿا ويهون، ته جڏهن مستقبل کان انڌي زندگي عشق جي چادر پائي سمهڻ لڳندي آهي، تڏهن خود غرضي ان جو سڀ کان وڏو الزام ٿيڻ لڳندي آهي. ڄام شورو ويرونا (روميو جوليٽ جو شهر) آهي. اهو حقيقت جو هڪڙو پاسو آهي. ڄام شورو ڏنڊي، ڏوهه، داداگيري، بليڪ ميلنگ، شاگرد سياست جي هاڃيڪارين، انتظاميه جي اقربا پروري، رشوت ۽ رينجرز جو شهر آهي. هي علم جي پياس پاڻ سان واپس کڻي ويندڙ سنڌ جي مسڪين شاگردن لاءِ نيروءَ وارو روم به آهي، اهو حقيقت جو ٻيو پاسو آهي جيڪا اڄ جي سڀ کان سچي آرسي آهي. مون هڪ عام شاگرد هئڻ سان گڏ هڪ رائيٽر هئڻ ناتي ڄام شوري جي هر روپ، هر ادا کي ويجهي کان ڏٺو آهي. منهنجون ڄام شوري ۾ هاڻ پنهنجي پڄاڻي تي پهچندڙ پنج



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻهارون شاگرد سياست جي الميئن ۽ انتظاميہ جي اجاره داريءَ جو داستان ٿي ويون آهن. جن ۾ مون کي ياد آهي تہ حقيقتون ۽ سچ پن ڇڻ جي پٽن جيان پيلا ٿي ڇٽندا رهيا آهن ۽ ڪوڙ ۽ ڪلفتون چامر شوري جي سفيدن ڪان بہ ڍگهيون ٿي ويون هيون. اڄ جڏهن آئون ۽ منهنجا ٻيا ليڪ دوست سفيد پنن تي چامر شوري جي رومانس جو رنگ هاريون ٿا، تڏهن الائي ڇو ڇپن تي ڦڪي مرڪ تري ٿي اچي ۽ فيض وانگر "لوٹ جاتی ہے ادھر کو بہ کی نظر کیا کی جیئے؟" سچ تہ اهو بہ آهي تہ چامر شوري جو ورڊس ورٿ ٽيڻ ڪان پوءِ دل جي ڪليسا ۾ لوڪ جا طعنا لڪائڻ لاءِ ڪا اڪيلي ڪنڊ بہ ڪانہ ٿي ملي. اسان جڏهن جوانيءَ کي پيار جي پراپرٽي چئون ٿا تہ اوڏي مهل الائي ڇو انگريزيءَ جو اهو ٻهاڪو اسان جي قلم جو قبلو ڦيرائي ڇڏي ٿو:

Learning in one's youth is engraving in stone.

جواني فقط ۽ فقط عشق جو آڏاٽو ڪونهي، جنهن تان فقط احساس اُٿي سگهجن. جواني رڳو ارپنا ڪونهي، پر اها حاصلات بہ آهي. عشق ۽ علم جي جهيڙي ۾ قاتل جواني جڏهن توازن وڃائي ويهي ٿي تہ پوءِ اها زندگي انهي گهران پڇي نڪتل پريمڪا جهڙي آهي، جنهن جا پويان پير وقت جي واءُ ۾ لٽجي ويندا آهن. عشق جي حاصلات هڪڙي وجود جي مڪملتا آهي، پر علم جي حاصلات نسل جي تسلسل جي ضمانت آهي، جنهن ڪان فراريت جو هر رستو موت جي واديءَ ڏانهن وڃي ٿو.

اڄ اسين چامر شوري جي رومانس جا ڪلما پڙهندڙ اهي ڪافر آهيون، جيڪي علم جا مفرور ملزم بہ آهيون، جنهن جون تعذيرون تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ ڪهڙيون ملنديون، ڪير ڄاڻي؟ علم جيڪو انسان جي اندر جو نور آهي، جنهن لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضي چيو هو تہ:

Education is to lead out from darkness to light.

تعليم اونداهن غارن ڪان روشنين جو سفر آهي، جنهن جا اسين منڪر آهيون. اسان جا رويا، ڪردار ۽ حال انهي حقيقت جو ڇٽو دليل آهن. احتجاج، بائيڪاٽ، ٻڪ هڙتالون ۽ مسئلن جي واويلا پنهنجي فرض ڪان بغاوت ۽ ٻهانا آهن، جن کي مختلف حيلن وسيلن سان اڪلائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهيون. اسان اهو وساري ويهون ٿا تہ تعليم جا هٿ معاشري کي تعمير ڪن ٿا ۽ اسان انهن هٿن کي بي پرواهي ۽ بي وقوفيءَ جي تلوار سان ڪٽي رهيا آهيون. اڄ جڏهن دنيا کي انفارميشن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽيڪنالاجي جي انقلاب هڪ ڳوٺ تائين سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن مونيڪا ۽ ڪلنٽن جو عشق سنڌ جي ڳوٺاڻن ڪي ايترو ويجهو پاسڻ لڳو آهي جڻ اهو ڪهاڙيءَ جي ڏار هيٺان ٽيندڙ منل ۽ مرادان جو عشق هجي. جديد دؤر جي فيوچرسٽ ليڪڪ ايلوِن ٽافلر چيو آهي تہ هيءَ دنيا Three Wave World رهي آهي. پهرين لهر زراعت جي هئي، ٻي صنعت جي هئي ۽ ٽين جيڪا لهر اڄ هلي رهي آهي، اها سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي آهي. اڄ انهي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي لهرن ماڻهوءَ جي مقدر ۽ مستقبل جا گراف ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي ٺاهڻ شروع ڪيا آهن، جنهن تي بدقسمتيءَ سان سنڌي قوم لاءِ بار بار Error اچي رهيا آهن.

آئون هڪ شاگرد هئڻ ڪان پهرين هڪ فرد هئڻ جي ناتي پنهنجي ڪردار کي تعليم جي اجوڪي تباهہ حال صورتحال ڪان ٻاهر ڪونہ ٿو سمجهان، پر انهن مڙني ڌرين کي انهن ۾ شامل ٿو سمجهان، جيڪي اجوڪي رت هاڻي دهليءَ کي ڌسي محمد شاهہ رنگيلي جي طبلي کي داد ڏيئي رهيا آهن. سچ پڇو تہ جڏهن اخبار ۾ پڙهجي ٿو تہ "يونيورسٽين جو مٿو ڪنهن اچو ڪيو آهي؟" جي عنوان هيٺ پنهنجي وقت جا خان صاحب جڏهن سيمينار ڪرائن ٿا، تڏهن "ست ڪوٺا ڪائي، ٻلي هلي آ حج تي" وارو پهاڪو پنهنجي مڪمل معنيٰ ۽ گهرائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ٿو وڃي ۽ آخر ۾ جڏهن فرمان جاري ٿو ٿئي تہ "يونيورسٽين جي تباهيءَ جون ذميوار ٽيئي ڌريون يعني استاد، شاگرد ۽ انتظاميا آهن." تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ ڳالهين جي هماليہ جبل جي ٽن ڏينهن تائين کوٽائيءَ ڪان پوءِ ڪو ڪوئو بہ ڪونہ نڪري سگهيو آهي. بهتر اهو هو تہ "يونيورسٽين جو ڇا ٿيندو؟" جهڙي بحث تي افلاطوني رايا ڏيڻ بجاءِ انهن ماضي ۽ حال جي تعليمي يڪن، بادشاهن ۽ گولن تي اهو بحث ڪرڻ کپندو هو تہ "يونيورسٽين ڇا ڪيو آهي؟" يا "يونيورسٽين لاءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟" اهو وڏيڪ حقيقت پسنديءَ وارو بحث هجي ها، جنهن ۾ اعتراف لاءِ سيئي دراوزا کليل رکجن ها ۽ انهيءَ ۾ اها بہ هڪ هڪاڻي ٿئي ها تہ تعليم جي دروپدي کي داءَ تي لڳائڻ ۾ ڪؤروئن ۽ پانڊوئن جي مهاڀارت جا بہ پاڳا ٽين ها ۽ سڀ ڪنهن جو ڪردار سامهون اچي ها. فقط ادارن جا موجوده ۽ اڳوڻا متضاد ماڻهو کوٺائي هڪ طرفي ٽريفڪ هلائڻ وارو ڊرامو يقيناً ڪل جهڙو هو جنهن ۾ استادن، شاگردن ۽ سڄاڻ ڌرين جو ڳالهائڻ ممنوع هو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن ”حاجي قاضي“ ڪلچر واري سيمينار ۾ اهو بہ ٻڌايو ويجي ها تہ ايشيا ويڪ ۾ ايشيا جي پنجاهہ يونيورسٽين ۾ پاڪستان جي هڪ بہ يونيورسٽي جو ڪونهي ۽ هندستان جون پنج يونيورسٽيون چو شامل هيون؟ انهيءَ جا ڪهڙا سبب آهن؟ انهيءَ ۾ اهو بہ ٻڌايو ويجي ها تہ پاڪستان جون سيئي پبلڪ يونيورسٽيون، بئنگلور انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي سالانہ 135 ڊاڪٽريٽ ڊگرين جي ڀيٽ ۾ فقط 25 ڊگريون مشڪل سان ٿيون ڏين. چو؟ انهي ۾ ممڪن ٿئي ها تہ اهو بہ ٻڌايو ويجي ها تہ ڪنهن ملٽي نيشنل ڪمپني ۾ سنڌ جي ڪنهن يونيورسٽي جي ڊگري ڪٽي ويندڙ اميدوار ڪي اها واپس منهن ۾ چو ٿي لڳي؟ ۽ هو اهو فقط چو ٿا چون تہ ”اندرونِ سنڌ“ جون يونيورسٽيون فقط ڊگريون ڇٽڻ جون مشينون آهن، جن جي هزارين ڊگرين سان ڪا اهليت واري ڊگري اتفاق يا ڀُل چُڪ سان Leap Year سان گڏ ٿي اچي. اهي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ سوال آهن جن جو جواب جيڪڏهن ٿي سگهي ها تہ ڏيڻ يا وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ها. باقي ”هزهائينس“ ۽ ”هزاڪسيلينسي“ جي خطابن سان ايندڙ ڪامورڪي دانشوري حقيقتن کي ٺونشا هڻندي رهجي وئي.

اڄ حال اهو ويجي بيٺو آهي، جو مسئلن جي حل لاءِ مسئلن جا انبار ڪنا ڪندڙ ناواقف شاگرد سياست، مسئلن جو چڱيءَ ريت ادراڪ رکندي ڪن لاتار ڪندڙ انتظاميا سان جهيڙو ڪائي ٿي، بائيڪاٽ ڪري ٿي، ڇوڪرين جون اکيون زندگيءَ مان خوشين جيان نڪري ٿيون وڃن. اوڏي مهل انهي سموري لقاءَ کي ڪليل اکين ۽ سبيل چپن سان ڏسندڙ عام شاگرد فقط ايترو ئي چوڻ جي جسارت ڪري ٿو تہ ”اهو چور جو چور سان جهيڙو آهي.“ اهي لفظ ٻڌي الئہ چو منهنجو ذهن ڇامر شوري جي پٿرن تي ڊوڙڻ لڳي ٿو ۽ منهنجي پنجن سالن جو ماضي مون تي هاسٽل جي ڪڙڪين سان گڏ ڪلي ٿو اچي. حقيقتون شبلي جي گل جيان منهنجي منهن سان اچي لڳن ٿيون ۽ سوچيان ٿو تہ اها ڪيڏي نہ وزندار راءِ آهي، جنهن ۾ نهي ڏرين جي واويلائن، احتجاجن ۽ بائيڪاٽن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. اهو رايو ڪنهن شاعر جو ڪونهي ۽ نہ ئي ڪنهن ”سنڌ سنڌ“ ڪري وات جو ذائقو بدلائيندڙ دانشور جو آهي، پر اهو رايو پنهنجي مخملي خوابن جو چڪنا چور جسم خاموش ۽ اُداس اکين ۾ ڪٽي گهمندڙ هڪ عام شاگرد جو آهي، جيڪو ڪجهہ ڪرڻ يا ڪجهہ چوڻ بجاءِ فراز جي انهيءَ شعر تي گذارو ڪري ٿو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فراز اس شہر میں کس کو دکھاؤں زخم اپنے،
یہاں تو ہر کوئی مجھ سا بدن ہے پہنے ہوئے۔

شاگرد سياست جو رومانس ۽ رومانوي ڪردارن جي ڪاڪ ٽيل ڪالهوڪو ڪفر آهي. غنڊه گردي، ڦتاخوري، ڪاتن ۽ ڪلئشن ڪلچر استادن کي مارون، ڪلاسن جا بائيڪات اڄوڪو سچ آهي. آءِ آءِ قاضي، الياس ابڙو غلام مصطفيٰ شاهه شيخ مبارڪ اياز ۽ ايس. ايم قريشي ماضيءَ جون ڪهاڻيون آهن. نذير مغل، رحمان ميمڻ ۽ رجب ميمڻ اڄوڪي بحران جا باب آهن. سنڌ جي تعليم تباهيءَ سان ويڙهه ڪندي پنهنجي پڇاڙڪن پساهن تائين پهتل آهي. ايچ. جي ويلز ڪنهن جاءِ تي لکيو هو ته:

Human history becomes more and more a race between education and catastrophe.

(جيئن پوءِ تيئن انساني تاريخ تعليم ۽ تباهيءَ جي وچ ۾ ڊوڙ بڻجندي پئي وڃي) اڄ افسوس سان لکبو ته اسان جي تعليم تباهيءَ اڳيان پنهنجي جنگ هارائي چڪي آهي. بي پرواهي، جاهليت، مايوسي ۽ منافقيءَ جي مر اسان جا گوڏا چٿي وئي آهي ۽ سنڌي سماج جو ايڪويهين صديءَ جي چانئٺ تيڻ وارو خواب، اٺ کي ڪوٺي تي چاڙهڻ وارو مذاق آهي، جنهن کي ٿالهيءَ جي چانوَ هيٺان ويهي ڪيتو فلٽر جي سگريٽ ۽ چانهه جي ڪوپ تي خوب انجواءِ ڪري سگهجي ٿو.

سموري جاڙي خان جي حوالن ۽ ردالي جي راڳن کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو سوال پڇي ته انهي تباهيءَ جو ذميوار ڪير آهي، ته جواب به سوال وانگر سادو آهي، ته انهي جهونا ڳڙهه جلائڻ وارا اسين سڀ آهيون- پر جيڪڏهن اجا به جواب کي ٿورو Pragmatic (عملي) ۽ مختصر ڪري ڏبو ته اهوئي چئبو ته حڪومت جي بي ڌياني ۽ مسئلن کان لاتعلق هجڻ، نااهل ۽ ماحول کان ناواقف تعليمي سربراهن جي مقرري، ڪرپٽ انتظاميا کي ڇوٽ ڇڏڻ، نااهل ۽ سفارشي استادن جي مقرري، شاگرد سياست جي نالي ۾ ٽيندڙ هاڃن، سماج جي سڄاڻ ۽ اهلِ علم و قلم ڌرين جي لاتعلقي، عام شاگردن جي بيوسي انهي سموري گنگا جي الٽي وهڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي. مون هڪ عام ۽ ايڪٽوِ شاگرد هئڻ جي ناتي انهن سيني حقيقتن کي ويجهي کان ڏٺو آهي ۽ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

تہ ڇا انهي سموري بگڙجندڙ صورتحال کي وقتي ٿي صحيح پر ڪنهن حد تائين روڪڻ لاءِ ڪو ڳس نٿو ڳولي سگهجي؟ ۽ ڇا انهيءَ عام انارڪي رايي تہ ”ادا! ٿيندو ڪجهہ ڪونہ، اجايو پيا لکو ۽ مٿو هڻو“ جي قنوطيت اڳيان گوڏا کوڙي ڇڏبا ۽ ”يہ نہ ٿي هماري قسمت“ چئي، تباهيءَ کي تقدير جو لکيو سمجهي، چپ ڪري ويهي رهبو.!؟

جي نہ تہ پوءِ ان جو حل آخر ڇا آهي؟ انهيءَ سوال جا مختلف جواب مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن کان ملندا رهن ٿا. انهن مان هڪڙو جواب تازو ڪچهريءَ دوران علي قاضيءَ وٽان مليو تہ جيڪڏهن يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي جڳهہ تي ڪنهن قبائلي سردار کي وي سي ڪري رکيو وڃي تہ صورتحال جي بهتري کي پنهنجي عزت ۽ انا جو مسئلو بنائي، سيني کي ٺيڪ ڪري سگهي ٿو ۽ حالتون پاڻهي ضابطي هيٺ اچي سگهن ٿيون. واقعي بہ جڏهن وائيس چانسلر طور مقرريءَ لاءِ اهليت ۽ ڪو معيار ئي نہ رهيو هجي تہ پوءِ ڪو قبيلائي سردار ڇو نٿو وي سي ٿي سگهي؟ بهرحال هاڻوڪن مسئلن جو حل هڪ ٻي تجويز ۾ بہ آهي، جيڪا مان توهان سان شيئر ڪرڻ چاهيان ٿو.

منهنجي خيال ۾ حالتن کي ڇڙواڳ ڇڏڻ کان بهتر آهي تہ هڪ پريشر گروپ ٺاهيو وڃي، جنهن ۾ يونيورسٽين سان لاڳاپيل غير تڪراري ۽ قابل استاد، يونيورسٽين مان پاس ڪري نڪتل ۽ نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ پاڻ مڃائيندڙ شاگرد، يونيورسٽين سان لاڳاپيل سياسي پارٽين ۽ ذيلي تنظيمن جا سنجيده ماڻهو علمي ۽ ادبي حلقن جون غير متضاد شخصيتون، قانوندان يا لا ڪاليج جي استادن، پرنٽ ميڊيا سان لاڳاپيل ليکڪن ۽ صحافين ۽ هيومن رائيٽس ڪميشن مان چونڊ ڪري، ڏهن ماڻهن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي ٺاهي وڃي، جيڪا پنهنجو گڏيل پڌرنامو جاري ڪري، اهو پڌرنامو اخبارن سان گڏ يونيورسٽين ۾ موجود انتظاميا، استادن ۽ شاگردن کي موڪليو وڃي جيڪي پنهنجن پنهنجن مسئلن ۽ سرگرمين جي آگاهي انهيءَ ڪاميٽيءَ کي ڏيئي ۽ وٺي سگهن. ڪاميٽيءَ ۾ شامل سيني ڏرين کان اهو اڳواٽ لکت ۾ ورتو وڃي تہ انهن جا ادارن ۾ ذاتي غرض نہ رهندا ۽ نہ ئي اهي ميمبر هجڻ جو ناجائز استعمال ڪري، ذاتي فائدا حاصل ڪندا تہ جيئن ان جو حشر ادبي بورڊ بچايو ڪاميٽي جهڙو نہ ٿئي. ڪاميٽي ۾ موجود سياسي پارٽين جا سنجيده اڳواڻ پنهنجن پنهنجن ذيلي تنظيمن ۽ يونٽن جي ذميواري پنهنجي سر کڻن ۽ هو اها ڳالهہ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لکت ۾ رکن تہ ڪوبہ تنظيمي يونٽ ڪاميٽيءَ جي آگاهيءَ ڪانسواءِ يونيورسٽين جي مسئلن لاءِ پنهنجي سر ڪنهن بہ تحريڪ، احتجاج يا بائيڪاٽ جو مجاز نہ هوندو. پنهنجا مسئلا ۽ احتجاج ڪاميٽيءَ وٽ نوٽ ڪرائيندو جيڪا انتظاميا سان ڳالهين ذريعي حل ڪندي. انتظاميا ڪي پنهنجي سر شاگرد ڌرين خلاف قدم کڻڻ جو ڪوبہ اختيار نہ هجڻ کپي. آئون سمجهان ٿو تہ اها ڪاميٽي پنهنجي هيئت ۾ ايتري مضبوط ۽ منظم هجڻ گهرجي جيڪا لوڪل انتظاميا کان وٺي گورنر ۽ چيف منسٽر تائين ملڻ ۽ مسئلن جي آگاهي ڏيڻ ۽ انهن جي حل جي سفارشن جي ذميواري کڻي. اهي ۽ ان کان سواءِ ڪجهہ ٻيون ڳالهيون بہ انهي ايجنڊا ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اها ڪا يوٽوپيا ڪانهي، پر هڪ ممڪن تجويز آهي جيڪا هاڻوڪي تباهيءَ جي تيز رفتار طغياني اڳيان بند ٻڌي سگهي ٿي. انهي ڪاميٽيءَ يا پريشر گروپ جي تشڪيل ۽ تڪميل جو ڪم ڪا اخبار يا ڪا غير سياسي ۽ ادبي تنظيم جهڙوڪ سنڌي ادبي سنگت بہ ڪري سگهي ٿي، پر آئون سمجهان ٿو تہ ڪا اخبار پنهنجي نيٽ ورڪ جي استعمال سان وڌيڪ آسانيءَ سان انهيءَ ڪم کي پايہ تڪميل تي پهچائي سگهي ٿي.

(اربع، 9 سيپٽمبر- 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ جي اڄايل چپن تي ڪربلا جي ڪهاڻي

سنڌوندي جيڪا دنيا جي ڇهن ندين جهڙوڪ دجلہ، فرات، گنگا، جمنا، ٻان ۽ نيل وانگر ديومالائي داستانن جو محبوب ڪردار رهي آهي، تنهن جي ٻنهي ڪنارن تي وسندڙ آرين ويد تخليق ڪيا ۽ تهذيب جا نوان بنياد رکيا. قديم ڪتابن ۾ سنڌ کي "سپت سنڌو" يعني "ستن درياهن جو ديس" سڏيو ويو آهي. رگ ويد جي ڏهين منڊل ۾ سنڌو درياهہ کي هن ريت ڳايو ويو آهي:

"جيئن مائرون ٻارن جو روئڻ ٻڌي ڊوڙي ايندي آهن، انهن کي هنج ۾ کڻي ڏارائيندي آهن، ڪير ڏيندڙ سُونا ڳئون ڏڻ سان موٽندي، تڏن مان ڪير وهائيندي پنهنجي وَڇڙن ڏانهن پڇنديون ايندي آهن، تيئن ماتا سنڌو! تون اسان وٽ اچي رهي آهين!" پراڻي زماني جي ڪتابن ۾ جهونن جي ڳالهين ۽ وارتائن ۾ سنڌو نديءَ جي وهڪري ۽ ڪُنن جي ڪڙڪات جون ڳالهيون شينهن جي گوڙن جيان گونجنديون رهيون آهن. چون ٿا تہ جڏهن سڪندر اعظم دنيا فتح ڪندو هند ۽ سنڌ طرف وڌيو تہ سنڌوءَ جي دهشت ۽ وهڪري جا واجٽ ٻڌي سمجهيائين تہ ڌرتيءَ جي پڇاڙي اچي وئي آهي. متي پاڻيءَ جو سمنڊ سمجهي واپس يونان موٽي ويو. خدا ڄاڻي ان ڳالهہ ۾ ڪيتري صداقت آهي، پر اتهاس جا سمورا ڪتاب سنڌوءَ جي تيز رفتار وهڪري واري ڳالهہ تي اثبات جي مُهر هڻيو ٿا ڇڏين. سنڌوندي جيڪا هندو ڌرم جي ڏند ڪٿائن ۾ شنڪر ڀڳوان جي لاڏلي ڌيءَ چئي وڃي ٿي سا گوتم جي ديس هماليہ جي پهاڙين تان پگهريل برف جي پاڻيءَ سان ڪئلاش مانسروور مان نڪري، ڪشمير، گلگت مان ٿيندي پنجند تائين پهچي ٿي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ راوي، جهلم، چناب، ستلج ۽ بياس ان ۾ هارجيو ٿيون وڃن ۽ ايئن پنجن ندين جي پيٽ سان ور وڪڙ کائيندي ڪيٽي بندر وٽ ڊيلٽا واري جاءِ تي وڃيو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

سنڌو ندي جيڪا تاريخ ۾ ڪيترائي منهن مٽائيندي رهي آهي، سا ڪڏهن محمد بن قاسم جي اچڻ وقت ديول يا لاهوري بندر وٽان لنگهندي هئي، ڪڏهن پاري نگر وٽ ڇوڙ ڪندي هئي تہ ڪڏهن نصرپور وارا پِڊ وسائيندي هئي. چون ٿا تہ 1819ع ۾ هڪ خطرناڪ زلزلو آيو ۽ سنڌو پنهنجو رُخ ڪيٽي بندر طرف ڪيو. شاسترن ۾ سنڌو نديءَ جي ڇوڙ واري هنڌ يعني سمنڊ جو نالو "رتناڪر" لکيل آهي. ڇو تہ ان ۾ هيرا، موتي، رتن ۽ سون چانديءَ جا ذخيرا آهن. ڪنهن زماني ۾ چون ٿا تہ سنڌ مان هاڪڙو درياهہ بہ وهندو هو. اهو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌوءَ جو ئي وهڪرو هجي، جنهن لاءِ ڪنهن زماني ۾ ماموئي فقيرن چيو هو تہ:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي ٻَنڌ اروڙ
ٻهہ مڇي ۽ لوڙهہ سمي ويندي سوڪڙي

بهرحال سنڌو درياهہ جي ڪيتري بہ ديومالائي اهميت ڇو نہ ڪٿي هجي، پر اهو درياهہ شاهہ سنڌ جي جيئاپي جو واحد ذريعو آهي. سنڌوءَ جي پيٽ ۾ اُڏامندڙ واري سنڌ ڌرتيءَ جي سينڌ ۾ اُڏامندي پاسندي آهي. سنڌ جو روح سارنگ ۽ سنڌوءَ جي سرگم ۾ وڃايل آهي. سنڌوءَ جون ڇوليون ۽ بادلن جون قطارون سنڌ واسين جي ويران نيڻن ۾ اُميدن جون ڏياٽيون روشن ڪنديون آيون آهن. سنڌ جي جواني پاڻيءَ جي لهرن تي آهي. هونئن بہ پاڻي جيئاپي جو اولين ذريعو آهي. جهڙي نموني سان دنيا جو سٺ سيڪڙو پاڻي آهي، ايئن ئي انساني جسم ۾ سٺ سيڪڙو ڪان مٿي پاڻي آهي. پاڻيءَ جي روڪ، رڳن ۾ رت جي رڪاوٽ بہ آهي تہ جسم مان روح جي اُڏام بہ آهي.

اڄ سموري سنڌ "پاڻي پاڻي" آهي. "پاڻي پاڻي" جون دانهون نيري آسمان تي بادلن جا سگريٽي دونهان ٺاهينديون ۽ ڊاهينديون رهن ٿيون. سنڌوءَ مان نڪرندڙ واهن، ڪئنالن ۽ شاخن جون ڇڇڙيون عصمت لُٽيل اينجلا جي سينڌ جيان سنسان آهن. سنڌ جي آبادگارن ۽ هارين جي هٿن ۾ ٽنگيل بئنر ۽ انهن تي لکيل نعرا ملڪ جي آبپاشي نظام جي ناڪاميءَ جو اعلان آهن. پاڪستان جو نهري نظام جيڪو انگريز سرڪار جو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

خوبصورت تحفو بہ آهي ۽ برصغير لاءِ ڊزائين ڪيل هي ايريگيشن سسٽم دنيا جي بهترين نهري نظامن مان هڪ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن انگريزن جي ترتيب ڏنل نظام جي ڏيوالي جو اعزاز آزاديءَ کان پوءِ واري سرڪار جي عملدارن ۽ حڪمرانن تي آهي، جن هڙان وڙان ڪوشش ڪري هڪڙي Well managed system (سٺي سارسنڀال ڪيل نظام) کي پنهنجي موجوده بدصورت منطقي انجام تائين پهچائڻ ۾ ڪمال جو ڪردار ادا ڪيو آهي.

سنڌ جيڪو فقط ۽ فقط زراعت تي ڀاڙيندڙ خطو آهي، جيڪو ڪسابن کان وٺي زراعت کي پنهنجي جيئاپي جو پهريون ۽ آخري وسيلو سمجهندو آيو آهي، تنهن جو شروع وارو زراعتي نظام قبيلائي زرعي نظام جهڙو هو جنهن جو مڪمل دارومدار وڃن جي چمڪڻ ۽ بادلن جي ڦيري تي هويا وري ڪوهہ ڪوٽي آبادي ڪئي ويندي هئي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ پهريون ڀيرو واهہ کوٽي درياهہ جي پاڻيءَ تي پوکيءَ جي شروعات ڪئي وئي. ڪلهوڙن جي حڪومت جيڪا حقيقت ۾ مغلن جي تابع هئي ۽ ان کي ٿي محصول ادا ڪندي هئي، تنهن جي صاحبن ڪجهہ زمينون پنهنجي خاص ماڻهن ۾ ورهايون، جن کي شروعاتي جاگيرون چئي سگهجي ٿو پر اهي خاص ماڻهو گهڻو ڪري هاري ٿي هئا، جيڪي پنهنجي آمدنيءَ جو ڪجهہ حصو واڳ ڏڻين کي ڏيندا هئا، پر مغلن جي وڌندڙ گهرجن، ڳرن ٽئڪسن جي لاڳو ٿيڻ کي جنم ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ 1718ع ۾ صوفي شاهہ عنايت جي نعري "جو کيڙي سو کائي" تحت هڪ زبردست عوامي تحريڪ جنم ورتو جنهن جو مرڪز جهوڪ هو. ڪلهوڙن جو دؤر زرعي نظام ۾ ترقيءَ جو سنگ ميل ثابت ٿيو پر ٽالپر حڪمرانن جي دؤر ۾ مير صاحبان انهي نظام کي بهتر بنائڻ بجاءِ هزارين ايڪڙ زمين تي شڪار گاهون ٺاهڻ شروع ڪيون ۽ زرعي آبپاشي جو نظام جيئن پوءِ تيئن ڏڪبو ويو. انگريزن صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ آبپاشي نظام کي جديد نموني سان ترتيب ڏنو. سنڌوءَ تي سکر بئراج ٺهيو ۽ ڇهہ وڏا واهہ کوٽي لکين ايڪڙ ويران زمين کي آباد ڪيو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ صحيح معنيٰ ۾ آبپاشي ۽ زرعي نظام ۾ جيڪڏهن ٿورو گهڻو سڌارو آيو تہ ايوب خان جي وقت ۾ آيو. ايوب خان "سبز انقلاب" جو نعرو ڏئي زرعي سڌارا نافذ ڪيا. انگريزن جي بخشيل جاگيرن کي ختم ڪري زمين جي حد ملڪيت في فرد پنج سؤ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايڪڙ نهري ۽ هزار ايڪڙ باراني مقرر ڪئي وئي. گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج تعمير ڪرائي 2172000 ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ لاءِ آبپاشي نظام ۾ پيش رفت آندي. باقي گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج جي ڪمانڊ ايريا ۾ ايندڙ لکين ايڪڙ زمينون منگلا ڊيم، تربيلا ڊيم ۽ اسلام آباد جي متاثرين جي بحالي، ڊفينس فورس، فوجي فائونڊيشن، انعام ۽ نيلام جي نالي هيٺ غير سنڌي ماڻهن ۽ رٽائرڊ فوجين کي ڏنيون ويون. انهيءَ ايوبي ڪمال جو ذڪر ڪرڻ هتي مناسب نٿا سمجهون. ايوب جو دؤر انگريزن جي دؤر وانگر ڪجهه ڏيئي ڪجهه ڦرڻ وارو هو. ايوب جي دؤر کان پوءِ اڄ تائين سنڌ جو آبپاشي ۽ زرعي نظام جيئن پوءِ تيئن ترو وٺندو ويو آهي. واهه ۽ ڪئنال سسندا سڪڙندا سنها ٿيندا ويا ۽ آباد زمينون اُجڙنديون ويون آهن. سنڌو پنهنجي پيٽ ۾ جيئن پوءِ تيئن گهٽ پاڻيءَ جي وهڪري کي جڳهه ڏني آهي. جبلن تان لهندڙ الهڙ ۽ آواره پاڻيءَ جي جوانيءَ تي وچان ئي وچان پنجاب جي سرزمين تي ڌاڙا لڳا. پهريون ڌاڙو 1960ع ۾ هندستان کي پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ سنڌ طاس معاهدي هيٺ لڳو. ٻيو ڌاڙو ڀٽي جي دؤر ۾ ٿاهيل چشما لنڪ ڪئنال جي نالي ۾ سنڌ جي حصي جي پاڻيءَ کي پنجاب حوالي ڪرڻ سان لڳو. ان کان پوءِ جو ڌاڙو بلڪ راتاهو اهو لڳو جو ڪالاباغ عرف ڪارو نانگ سنڌ جي زراعت جي بچيل جسم جي ساهه کي سراپڻ لاءِ وتجڻ ستجڻ لڳو. جنهن لاءِ سموري سنڌ بلڪ ٽيئي صوبا اُٿي کڙا ٿيا. پر واڳ ڌڻين جي ڪن تي جوءِ به ڪانه چري. اڄ سنڌ جي 82 لک ايڪڙ زمين جو جيئاپو پاڻيءَ تي آهي، جنهن مان 24 لک ڪن بئراج جي آهي ۽ باقي زمين ڪکرن جي رحم و ڪرم تي آهي. انهي بئراج تي ياڙيندڙ چوويهه لک ايڪڙ زمين جو ڪيترو حصو آباد آهي، اها ڳالهه سارينديءَ اکيون ٻن هٿن جي آڱرين ۾ الجهيو پون. سنڌو درياهه جي پراڻي دهشت ۽ دٻدٻي کي سارينديءَ سنڌ پاڻي ٿيو وڃي. اڄ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سنڌوءَ جي پيٽ ۾ اُڏامندڙ واري ڏسيو لطيف جو هيٺيون شعر جاڳيو پوي:

واهڙ وهين نه شال، سڪي ٻيلاٽيون ٿئين،
پسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا لوٽ ليار،
جيئن تو سپ چمار، آساٽيون ٻوڙيون.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اهو پاراتو لطيف ڪنهن لاءِ ڏنو هو؟ انهيءَ سنڌوءَ لاءِ ڏنو هو جنهن جي جواني سنڌ جي زندگي سمجهي وئي آهي. هڪ سهڻيءَ جي ٻڏڻ سان لڳل پٽ جي ڪري لکين سسئي جهڙيون آسائتيون لڪن ۾ لوبائيل آهن. اڳي درياهه وهندو هو موجن سان وهندو هو ته سنڌ ٻوڙيندو هو. اڄ سڪي رهيو آهي ته سنڌ ٻوڙي رهيو آهي. سنڌ جو ٻڏڻ ترڻ سنڌوءَ سان آهي.

اڄ جوهيءَ کان وٺي جهڏي تائين ۽ اوباوڙي کان وٺي عمرڪوٽ تائين سنڌ سراپا احتجاج آهي. نه فقط بئنر ۽ پلي ڪارڊ هٿن ۾ آهن، پر مٿن تي قرآن پاڪ به آهن. واهن، شاخن ۽ ڪئنالن ۾ لڳل گهارن ۾ ٿيل بدعنوانين جا آواز جڏهن حڪومت تائين پهچن ٿا ته اها چوي ٿي ته اهي مخالفن جون سازشون آهن، جن جي ڪري جمڙائو جهڙن ڪئنالن ۾ گهارا لڳا آهن. اهو نئو سوچجي ته الزام تراشي مسئلي جو حل ناهي، مسئلي جو حل ته پاڻي آهي، جيڪو فقط ڏيڻ سان حل ٿيندو. نارا ڪئنال جي پڇڙيءَ جا هزارين ايڪڙن جا زميندار مهمانن کي شربت پيئارڻ جي لائق ناهن رهيا. عمرڪوٽ تعلقي جو نهايت ئي پڙهيل لکيل زميندار علي اڪبر شاهه پنهنجي سموري هزار ٻارنهن سؤ ايڪڙ زمين ويران ڏسي، ساونڻ جي منڊ ۾ به ڪيڏارو پڙهڻ لڳو آهي. نه فقط هو پر نارا ڪئنال جي پڇڙيءَ جا ڪيترا ئي آبادگار نااُميدي جي ننڊ پيڙا ٿي چڪا آهن. عمرڪوٽ، ڪنري ۽ ڪپرو سب ڊويزن هن وقت پاڪستان ۾ ڪپهه ۽ مرچ جي فصل ۾ گهٽي ۾ گهٽي لهت ڏيندڙ علائقا آهن، جن جي روز بروز وڌندڙ ويراني، انديشن جي نون اندازن کي جنم ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ڪئنالن ۽ واهن جي سُسي وڃڻ ۽ ري ماڊلنگ نه ٿيڻ ڪري هزارين ايڪڙ زمين سال به سال غير آباد ٿيندي پئي وڃي. ايشيا جي سڀ کان وڏي ڪنريءَ واري مرچ منڊيءَ ۾ واري اُڏامڻ شروع ٿي چڪي آهي، جيڪا خطري جي گهنٽي آهي ۽ اڳتي جي انديشن ۽ امڪانن کان خبردار ڪري رهي آهي ته زرعي ۽ آبپاشي نظام جي درستگي حڪومتن جي اولين ذميوارين ۾ شامل هئڻ گهرجي، پوءِ چاهي اها ميڪسيڪو ۾ رائج ايريگيشن جي نظام مطابق هجي يا انگريزن جي نظام ۾ سڌاري آڻڻ سان اچي. سنڌ جي گهرج پاڻي آهي. پاڻيءَ جي تڪڙي ۽ معياري فراهمي ئي سنڌ جي خوشگوار زندگيءَ جي گهرج آهي، جيڪا هٿن ۾ بئنر، چپن تي نعرا ۽ مٿن تي قرآن پاڪ کڻي سموري سنڌ سراپا حتجاج بنجي گهري رهي آهي. سنڌ جا آبادگار پاڻيءَ جي کوٽ کان تنگ اچي پاڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڙڻ جا چٽاءَ ڏئي رهيا آهن ۽ ايئن نہ ٿئي جو سياڻي احتجاج طور پاڻ ساڙيندڙ آبادگارن کي لڳل باھہ وسائڻ لاءِ بہ اسان وٽ پاڻي لپ نہ هجي ۽ اهي آبادگار ٿنڌي بهاول جي مائي جندو جي نياڻين جيان جلي خاڪ ٿي وڃن ۽ ان کان بہ گهٽي ندامت جي بار هيٺان دٻجي وڃون، جيتري بار هيٺان فرانس جا پادري جون آف آرڪ جي جلڻ کان پوءِ جهڪيا هئا.

آخر سنڌ جي چپن تي سگريٽ جيان دکندڙ ڪربلا جي ڪهاڻي ڪيتري طويل ٿيندي؟ انهيءَ جو سربستو جواب سرڪار نامدار ئي ڏئي سگهي ٿي. پنهنجو ڪم آهي وتايو وتايو ڪرڻ. باقي ڪم وتائي فقير عرف سرڪار جو آهي، يا وڌ ۾ وڌ گلزار جي فلم "ماچيس" جو گانو "پاني پاني ري" ڳائي سگهجي ٿو. جيڪو تڏهن ڳائي سگهبو جڏهن واهن جي سڪل پاڻيءَ لاءِ هاءِ گهوڙا ڪندي اکين جو پاڻي بہ سُڪي وڃي ۽ اکين جي اٽليپ تيل ڪاري پاڻيءَ لاءِ واحد سهارو گلزار جو اهو نظم ئي وڃي بچي، جيڪو مون کي خبر آهي تہ مون سان گڏ ڪيترا سنڌ جا اجڙيل آبادگار بہ ڳائيندا ۽ ٿي سگهي ٿو تہ سموري سنڌ مائي ياڳي وانگر ڳل تي هٿ رکي بہ ڳائڻ لڳي.

(چنچر، 26 جولاءِ ـ 1997ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ميگها رُت جا ماريل ماڻهو ۽ ويهہ لک روپين جي ورڪا

لاڙ سنڌ جي پوتي آهي. لاڙ سنڌ جي ليرون لير لڳن تي پيل لاڪ رتي لوئي آهي. سهرا، ڳيچ، ڍنڍون، مڇيون، مهاڻا، گهمر، ساريون ۽ ساحل سڀ لاڙ جا حوالا آهن. انهن مڙني حوالن مان مولوي احمد ملاح بہ آهي، جنهن جا پنهنجا بہ الائي ڪيترا حوالا آهن. قرآن پاڪ جي منظوم ترجمي کان وٺي "پوپٽي اڪ پو پٽي" ۽ "ڏسي ڏاڙهي نہ تي ياڙي، هلي آ يار حجري ۾" تائين سنڌ جي لوڪ ادب ۽ شاعري سندس رنگن سان رنگيل آهي. اڄ بہ جڏهن آرهڙ جا تيل ڪڙاهہ جيئن ڪاڙهيندڙ ڏينهن پنهنجي جلال ۾ ايندا آهن تہ سنڌ جون پياسيون اکيون آسمان جي نيري پٽ ڏانهن نهارڻ لڳنديون آهن. تالهين، ٻيرن ۽ نمن جي گهاٽي ڇانوَ وارن اڱڻن ۾ "ڇيڪلي پايون، پير گسايون" چوندي، رانديون رمندڙ ٻارن ۽ مدرسي جي ڪتابين کي سندن مائرون ۽ مدرس مولوي احمد ملاح جي نظميہ دعا باوضو پڙهڻ لاءِ چوندا آهن ۽ پتڪڙا هٿ ڳلن ڏي کڄندا آهن ۽ اهي لفظ هوائن جي رٿ تي سوار ٿيندا آهن تہ:

ملڪ جا مالڪ مٺا مٺار مولا مينهن وساءِ،
ڏينهن ڏکيا ڪر ڏور اي ڏاتار مولا مينهن وساءِ

۽ پوءِ انهي دعا ۾ ڪامل يقين رکندڙ اکيون آڪاش تي سگريٽي بادلن کي اُڏامندي ڏسنديون آهن ۽ ان ميگهہ دوت پويان آيل مينهن احمد ملاح جي ياڳي ۾ وسندا آهن. اتر ۾ ڪنوڻ چمڪندي، سيڪو چوندو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کرڻ اتر ڏي اک 'احمد'، الحمدلله آگميو!

اهي ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيا ڪيترائي مثال اهڙا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي انداز سان ساونڻيءَ کي Celebrate ڪن ٿا. چو تہ ساونڻي سنڌ جي هڪڙي ئي ٿاڌل موسم آهي. ٻين ڪيترن ئي حوالن سان گڏ مسڪين سنڌ، موسمن کان بہ محروم آهي. سڄي دنيا جتي چئني موسمن کي ڀئي ملهائيندي آهي، اتي سنڌ فقط سارنگ ۽ ملهار ڇيڙيندي نظر ايندي ۽ محمد جمن جي ڪافي هر اندر جي اوڙاهہ تي برکا جي بوندن سان گڏ وسندي رهندي:

بوند برهہ جي بهار لڳي،
درد ونديءَ جو ديس وسي پيو.

سنڌ جو سمورو رومانس ميگها رت جي رم جهم ۾ آهي. اها ساونڻي آهي، جنهن جي بوندن ۾ صدين جي ميري سيري سنڌ پنهنجي ڇڳن جو ڇيڙهہ ڪڍي اڇي اجري ٿئي ٿي، نہ تہ سنڌ کي مارئي جيئن مِينڌيا ڏوتي ورهيہ لنگهي ويندا آهن ۽ جڏهن سڄي سال جو انتظار جُون جي جهولن تائين ايندو آهي، تہ انديشن ۾ وهمن جون ويهہ واٽون ارڙ بلا جيئن وجود ۾ وڃڻ لڳنديون آهن. انت تڏهن ايندو آهي، جڏهن ڪڪرن جون قطارون اڻ ميڻ خوشين جا ڪيپ کٽي ورنديون آهن.

هونئن تہ سموري سنڌ جو ساهہ ساونڻ ۾ آهي، پر ٿر جا ٿاڪ وري بہ پلر جي پالوٽ سان آهن. ٿر جي پڙيانگ پٽن جي اوٽ ۾ چونئرا اڏيندڙ ماڻهو سياري کي فقط انهيءَ ڪري ٽڙيندا آهن تہ جيئن اونهارو اچي ۽ وسڪارو وري:

جا سيارا ٻن پاڙيا، آو اونهاڙا،
جڻ رُت ڪامڻ مڏ چڙهي، وڙ جو وڙسارا.

(سيارا! تون وڃ، چو تہ تون وڻ ٿو پارين. تون وڃ تہ جيئن اونهارو اچي ۽ وسڪاري جي اها رُت وري، جڏهن ڏرتي سيج چڙهي ٿي.)

انهن لوڪ شعرن ۾ ڍوهيڙن کي پنهنجو حسن ۽ پنهنجون معنائون آهن. ٿر جو سمورو جيئاپو ڪنوڻ جي کيل تي آهي. سائيڪا سنجيندڙ ٿري ماڻهو مينهن جو اوسيئڙو محبوبا جيئن ڪن ٿا. فال وجهندا، ٽپڻ جي آسري ٽڪندا، هوائن جا بدلجندڙ رُخ، لهندڙ سج جا رنگ، چنڊ جي چوگرد آيل پڙيا جرهيڙي آر جي ڳالهائڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي سوڻن سائڻ سان ساونڻ جون اڳڪٿيون ۽ انتظار ڪندا. ٿوهر ۽ ڪونيٽن سان گڏ جوان ٿيندڙ دليون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي مينهن ۽ محبوب جو انتظار ساڳي چڪ ۽ سڪ سان ڪنديون آهن. جون جي جهولن ۾ پيرونءَ جهڙو پيار پچڻ لڳندو آهي ۽ ناري (ٻئراج واري علائقي ڏانهن) ويل محبوب جي ميلاپ جي آس ڪي چوڙن جا چڪ اچا ۽ شديد ڪرڻ لڳندا آهن. جڏهن ڪنوٽيون تجلا ڏينديون آهن تہ اهي ئي ڪاريهر جهڙيون جوانيون دانهينديون آهن:

بيجليان بي لجيان، آيا تِنا لج،
پتي مانهجو پرديس وسي، تون مڌرو مڌرو گج.

(اي بي لڄيون ڪنوٽيون، اي آسمان ڪجهہ شرم ڪريو منهنجو مڙس پرديس ويل آهي، اوهين هوريان هوريان گجو.)

ڏوهيڙا، لاڏا، موريا، همرچا، ڪجليا ۽ بادليا ٿر جي وسيع ائنتراپالاجي جو هڪڙو باب آهن. ڪنييون، پپون، پلر، ڳاگيون ۽ ڳنڌير سڀ وسڻ سان واڳيل آهن. جڏهن ٿر وسي تہ پڙيانگ پٽن جا پاڪر بہ فطرت جي پيار ۽ خوبصورتيءَ جو احساس ڪٽي وڏن ٿا. مال خوش، مارو خوش، مسافر خوش. چوندا آهن تہ "وسي تہ ٿر، نہ تہ بر ئي بر". مطلب تہ ٿر جو وهانءُ وسڪاري سان آهي، نہ تہ ڏڪار هن ڏکويل لئہ ڪنهن ڏهاڳ کان گهٽ ڪونهي. آرهڙ جون لڳ ساڙيندڙ لُڪون، واريءَ جون اُڏامون، مورن جون رڙيون، ڍڳين جا رانياٽ، ٿاريلين جون آهون ۽ دانهون، ڳجهن جا لامارا، سڪل سانيڪا (سٽ پرهيہ ڪوهہ)، چنجهيل اکيون، مئل مرڪون ۽ گهايل گيت سڀ انهي ڏڪار جا ڏيک آهن. جڏهن سانوٽي جي سيج تي چڙهڻ لاءِ آتين ۽ الهڙ جوانين جا خواب شمشان گهاٽ جون ڪانيون تي سڙڻ لڳندا آهن. ٿر اهو خطو آهي جتي زندگي موسم جي مهربانين ۽ محرومين ۾ ٽنگي ٿي. مينهن گهٽ پوي تہ موت، جي گهڻو پوي تہ بہ موت. ميگها رُت جي ماٽن ۾ ماريل هي عجيب ۽ بدنصيب خطو آهي، جتي پوتارن جا پيرا فقط گهمڻ ۽ تفريح لاءِ ٽيندا آهن.

گذريل ڏهن سالن کان ٿر سان عجيب ويڌن رهي آهي. يا تہ ڪارو ڏڪار يا ٻوڏ. هونئن بہ ڏوٿين جي زندگي ڏکن ۽ ڏاڪڙن جو سفر آهي. اڄ بہ توهان کي ٿر يا ناري ۾ ڪيترا ئي اهڙا جهونا ملندا، جيڪي پنهنجي عمر جي ڪٿ ڪنهن ٻوڏ، ڪنهن ڏڪار يا ڪنهن وچڙندڙ بيماري يا وبا (جهڙوڪ لُوس يا چيچڪ وغيره) جي حوالي سان ڪندا آهن. "چيچڪ کان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇهه سال ننڍو آهيان يا ٻه سال وڏو آهيان.“ سندن عمر ٻڌائڻ جو انداز آهي. تقدير جو ستم ڏسو هن اپاڪي ڏيهه جي ماڻهن جي عمر جي ابتدا ٻه ڏک سان ته پڇاڙي ٻه سڏڪي سان ٿي ٿئي. سندن سور سور جيون ۾ سک قسمت جي مهربانين ۾ يادگار طور رهندا آهن، جيڪي هو توهان کي ٻن هٿن جي حساب سان ڳڻي ٻڌائيندا.

هن سال ٻه هميشه وانگر فطرت ٿر سان اوچو مذاق ڪيو آهي، جنهن رهيل ڪسر ٻه پوري ڪري ڇڏي. برسات پئي، پر ٻي منداڻتي پئي. اهڙي پئي جنهن هٽي پونگا پيلي ڇڏيا. سمورو آرهڙ آگم جي انتظار ۾ گذريو جڏهن سيپٽمبر جا پڇاڙڪا ڏينهن آيا ۽ نااُميدي نپجي چڪي هئي ته ٻڪرال ڪنوڻ چمڪي ۽ اتر جي مينهن جي مهربانين ٿر ۽ ناري کي ٻوڏ جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. چوندا آهن ته ”ٿر سڪي، نارو جهلي، نارو ٻڏي ڪير جهلي؟“ نارو نارا ڪئنال جي پڇڙيءَ وارو علائقو آهي، جنهن جي ڪجهه حصي کي مهراڻو ٻه چون. ڪنري، عمر ڪوٽ ۽ ڍورو نارو کان وٺي ڪپرو تائين وارو پٽ نارو آهي. جڏهن ٿر ۾ ڏڪار ايندو آهي ته مارو ماڻهو ڪٽڪ جي لاباري ۽ ڪپهه ۽ مرچ جي چُونڊي وسيلي ناري ۾ اچي گذران چونڊيندا آهن ۽ ايندڙ وسڪاري تائين جيئڻ جا جتن ڪندا آهن. پر هن ڀيري مسلسل 60 ڪلاڪن جي برسات گذريل ٻوڏن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. فصل ٻڏا، گهر ڊٺا، واهن کي گهارا پيا، زبردست معاشي ۽ جاني نقصان ٿيو پر سرڪار نامدار جو ڪوبه واهي پانڌي واهرو ٿي ڪونه وريو. انساني حوالي سان همدردي پري رهي، پر هنن اقتدار جي عاشقن کي شايد اها ٻه سڌ ڪانهي ته انهي خطي جي زرعي تباهيءَ سان صوبي ۽ ملڪ جي زراعت تي ڪيترو اثر پوندو. ڪنري، ايشيا جي سڀ کان وڏي مرچ منڊي آهي، تنهن جي پسگردائيءَ ۾ مرچ جو سمورو فصل تباهه ٿي چڪو آهي ۽ اهو ڪنري، عمر ڪوٽ وارو بيلٽ ڪپهه جي حوالي سان هن وقت ملڪ ۾ سڀ کان گهڻي في ايڪڙ اُپت ڏئي ٿو. اتي وونٽن بجاءِ وونٽانيون وچي بچيون آهن ۽ سرڪار آفتزده علائقو قرار ڏيڻ ته پري جي ڳالهه پر جيڪا امداد انائونس ڪئي آهي سا ٻڌندي ۽ لکندي ٻه لڄ ٿي ٿئي. ڇهن ستن تعلقن لاءِ 20 لک روپيا سنڌ سرڪار جي فياضي آهي، جيڪي 8 روپيا في ماڻهو کي ملي سگهندا. اجا ٻه ڪامورن ڪڙن جون مهربانيون ۽ شفقتون ٿينديون ۽ في



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ماٺهوءَ کي هڪ روپيو بہ شايد ئي پلئہ پوي. ايڏي وڏي تباهي ۽ نقصان جي ڪوريج وري جيڪا اسان جي اخبارن ڏني، اها بہ جڳ ڏٺي. ڊيسڪ رپورٽنگ جو اعليٰ مثال آهي تہ هڪڙي اخبار انهن سمورين هاڃيڪارين جي منظر ڪشي ڪجهہ هيٺئين ناز انداز سان ڪئي. خبر جي سرخيءَ مٿان ڏاڍو خوبصورت شعر هو:

ٽر ونو بر ونو ونا ڪچ ڪنار

سپاجهي ستار لاٽا ڏرت ڏيهہ تان.

(ڪنار افغانستان جو شهر آهي، جتي چوڪرا وڪرو ٿيندا آهن ۽ ان بزنس جي مارڪيٽ آهي).

فطرت جي مهربانين ۽ ڪرم نوازين سان ڀرپور شعر جي هيٺان لکيل هو: "برسات تباهي مچائي ڇڏي" اهڙي اخباري ۽ صحافتي ڪارنامي تي ڪلڻ ڪار ڪونهي، پر افسوس ڪرڻ جائز آهي. جيڪو انهي خبر جي خالق بجاءِ تباهين تي ڪجي تہ بهتر آهي. افسوس ئي ڪرڻو آهي تہ فقط سرڪار ۽ فطرت جي ستم تي ڇو ڪجي؟ ڪجهہ افسوس ڪرڻ جا انداز اين جي اوز وارن لاءِ بہ بچائي رکجن. جيڪي سون جي تعداد ۾ انهي علائقي ۽ پسگردائيءَ ۾ ڪم ڪن ٿيون ۽ "ٽر ٽرا" ڪري پنهنجا گرهہ سٽيا ڪنديون آهن. نہ انهن ڪا سروي ڪئي ۽ نہ ئي ڪو اڄ ڏينهن تائين انهن غير سرڪاري ۽ سرڪاري ادارن پاران نقصان جو ڪاٿو يا انگ اکر آيو آهي ۽ ڪا ٽيم نقصان واري سرزمين تي پهتي آهي. ٻوڏ ٿئي ٿي، فصل ٻڏن ٿا، ذليل فقط زميندار ڪونہ ٿو ٿئي، پر اڃا غريبن جا اجڙن ٿا، حال هارين جا هيٺا ٿين ٿا، دانگي غريب هاريءَ جي دل تي اونڌي ٿئي ٿي. جيئن انگريز شعر هربرٽ جو "هاري" جي عنوان سان لکيل نظم آهي، جنهن جون ڪجهہ سٽون آهن:

The Farmer will never be happy again
He carries his heart in his boots
For either the rain is destroying his grain
Or the drought is destroying his roots.

(هاري ڪڏهن بہ خوش ٿي نہ سگهندو هو پنهنجي دل پنهنجي جُوتي ۾ کڻي هلي ٿو پوءِ چاهي بارش ٻج وڃائي ڇڏي يا ڏڪار سندس پاڙون ساڙي ڇڏي) ٻي مندن مينهن جي اهڙين هاڃيڪارين "مينهن ميڙا ڪندڙ" مولوي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

احمد ملاح جون دعائون پڙهندڙ ڪجليا ۽ بادليا ڳائيندڙ ۽ ساوڻ تيج جي جهولن ۾ لڏندڙ سکين ۽ انهن جي "سانولن" جون سڀ مرادون مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون آهن. نارو جنهن کي ٿر وارا "سنڌ" سمجهندا آهن ۽ ناري ويل ڪانڊ لاءِ ڪونيٽ پاسي کوڙ ڪندڙ ڪاٽياريون، "پرديس پڌاريل پريتم" چونديون آهن. برسات جي ستم جتي ناري جا سڀ نينهن ٻوڙي ڇڏيا، اتي ٿاريلين جا خواب ٻاٻيهن جيئن رُڃن ۾ رلائي ڇڏيا آهن ۽ هاڻ ٿر مان لاباري سانگي ڪير لهندو ۽ ڪير اهڙا گيت ڳائيندين:

رات سارس ٻوليا، درياءِ پٽلي دنگ،
ستي ساجن ساريو ماري ارگت گئي انگ

(رات درياءَ جي ٻٽي پاسي سارس پکي ٻوليا آهن، ۽ منهنجي دل يار کي ساريو آهي، تڏهن مون کي تنهنجون يادون آيون آهن. جن منهنجي دل ۾ ڪارائي وجهي ڇڏي آهي.)

(اڱارو 6 آڪٽوبر 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# اب کس کا جشن مناتے ہو!

14 آگسٽ ننڍي کنڊ ۾ جنم ورتل آزاديءَ جو جنم ڏينهن آهي. 14 آگسٽ 1947ع تي برصغير جي ڪک مان جنم وٺندڙ پاڪستان 14 آگسٽ 1997ع تي پنجاهہ سالن جي ڄمار يعني گولڊن ايج کي پهچي چڪو آهي. پنجاهہ سالن جو عرصو گذرڻ ڪان پوءِ ماڻهو Maturity کي پهچي ويندو آهي. اڄ پنجاهہ سالن جي پيڻگهي ۾ لڏندڙ پاڪستان جي حڪومتن ۾ نظام ۾ بلوغت نہ ڏسي، آئون اڄا بہ پاڪستان کي ٻار چوڻ تي بضد آهيان. ملڪن جي بلوغت سندن نظامن ۾ قومي روين جي آڌار تي پرکي سگهبي آهي. پر علامہ اقبال جي خواب ۾ ايندڙ ملڪ ۾ پنجاهہ سالن جي پوڙهي پڪي واري مئچوئرٽي نہ ڏسي، ان کي ٻار ان ڪري چئي رهيا آهيون جو ان جي حڪومت اڄ بہ اسلام آباد ۾ آءِ ايم ايف جا ڪيڊبري چاڪليٽ کائڻ لاءِ روئي رهي آهي ۽ اهي ڏيڍ ارب روپين جا چاڪليٽ کائڻ لاءِ ضد ڪندڙ حڪومت کان اڳيون سرڪارون اوڻيتاليهہ ارب ڊالرن جا امپورٽيڊ چاڪليٽ چٻاڙي چڪيون آهن. ضدي ٻار وانگر انهن حڪومتن جي آڌار تي کاڌل چاڪليٽن جا مالڪ دڪاندار ڪيترن نون ٽيڪسن جي گهر ڪري رهيا آهن. انهيءَ جو اندازو سرتاج عزيز کي هوندو.

قائداعظم جي ذهانت، علامہ اقبال جو هڪ عدد خواب، سنڌين جي ڪائونٽ ۾ نہ ايندڙ قربانين ۽ ڪاوشن سان ملڪ جي آزاديءَ جو پنجاهہ سالہ جشن قومي ترانن، سلامين، پريڊن ۽ مڪمل سرڪاري جوش و خروش سان ملهايو پيو وڃي، تہ هن موقعي تي مون کي فيض جو نظم "صبح آزادي" ياد اچي رهيو آهي:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يہ داغ داغ اُجالا، يہ شب گزيده سحر،
وه انتظار تھا جس کا، يہ وه سحر تو نہيں،
يہ وه سحر تو نہيں جس کی آرزو ليکر،
چلے تھے يار کہ مل جائے گی کہيں نہ کہيں،
فلک کے دشت ميں تاروں کی آخری منزل۔

مون کي اها خبر ناهي تہ آزاديءَ جي عشق ۾ نڪرندڙ قافلن لاءِ هي ڏينهن ستارن جي رنگين محفل ۾ آخري منزل آهن يا نہ. پر اقتدار جي قصر سلطاني ۾ لڳندڙ ميلا ڏسي اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ هي ڪنهن خوشحال، آزاد، خودمختيار ۽ بيروني قرضن ۽ سياسي دٻاءَ کان آزاد ملڪ جي آزاديءَ جو جشن آهي.

قائداعظم پاران هندستان جي مسلمانن کي ڪيل چندي جي اپيل ۽ حبيب بئنڪ چاندني چوڪ دهليءَ ۾ گڏ ٿيل پئسي کان وٺندي ميان نواز شريف جي "قرض اتارو ملڪ سنوارو" مهم تائين، اسان جي چندن ۾ اوڏرن جي هڪ وڏي تاريخ آهي، جنهن جي اڃا بہ طويل ٽيڻ جا انديشا جوان آهن. ان وقت سيٺ آدمجي جهڙا سيٺ هئا، جن مسلم ليگ کي بلينڪ چيڪ ڏنو هو ۽ اڄ يونس حبيب ۽ شان جهڙا سيٺ آهن، جن جا ڪيئي بلين ڊالر ٻاهر جي بئنڪن جي لاڪرز ۾ پوريا پيا آهن. اڄ اهو ملڪ جشن ملهائي رهيو آهي، جنهن پنجاهہ سالن جي سياسي عمر جو اڌ حصو مارشل لا جي مهربانين ۾ گذاريو آهي، تنهن هوندي بہ پاڪستان کي جمهوري ملڪ چوندڙن ۽ جمهوريت جي دعويدارن کي پندرنهن سالن جي معصوم جمهوريت جي مبارڪ هجي، جيڪي پنهنجي پنج سالن واري مدي پوري نہ ڪرڻ جو غم نہ ڪن، تہ بهتر آهي. ڇو تہ 25 سالن جي سياسي صحبت جا ڪجهہ اثر تہ پوڻا ئي هئا. اڄ اهو ملڪ جشن ملهائي رهيو آهي، جنهن جي باباءِ قوم جي زيارت جي بنگلي کان پلاٽيل پساهن جو پنهون خود هڪ ڳجهہ جي ڳوٽري ۾ پيل آهي. اڄ انهي ملڪ جو جشن آهي، جنهن جي پهرئين وزيراعظم جي سيني کي ڳوليندڙ گولي جا هٿ ڪنهن محفوظ جاءِ تي هجڻ ڪري نہ ڳولجي سگهيا آهن. اڄ انهي ملڪ ۾ چراغان آهي، جنهن ملڪ جي واهن ۽ ڪئنالن کان گهٽو پاٽي خلق جي اکين ۾ ملي سگهي ٿو. اڄ اهو انتظامي حوالي سان خود کي شاهوڪار سمجهندڙ ملڪ خوش آهي،



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جنهن ملڪ جا ماڻهو ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن کان گهٽ پوليس کان وڌيڪ ڊڄندا آهن، جنهن جي تعليمي ادارن ۾ شاگردن جي هٿن ۾ قلم بجاءِ ڪلاشنڪوف آهي، جنهن جي زراعت ۽ صنعت جي شعبي ۾ ترقيءَ جي شرح 50_1949ع ۾ 4 سيڪڙو هئي ۽ اڄ 14 آگسٽ 1997ع تي 1.5 سيڪڙو به ڪونهي. جنهن جي آئين جا پنا 25 سالن تائين بدڪردار آمرن جي هٿان هوائن ۾ بسنت رت جي ڪٽيل لغڙن جيان اُڏندا رهيا. جن جا ٽڪرا اڄ به ڪڏهن ڪڏهن ملڪي فضائن ۾ اُڏندي نظر ايندا آهن. جنهن جي پهرين پنجن سالن ۾ جمهوريت ڪوڙين دلين جو ڪاڄ ٿي وئي ۽ پهرئين وزيراعظم کان ئي آمريڪي آشيرواد جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ سوڌو هلندو اچي. جنهن جي همدردن ۽ حامين 56 سيڪڙو بنگالين کي ڏڪي ڏار ڪيو. حقيقت ۾ مشرقي پاڪستان جي جدا ٿيڻ جا انديشا انهي وقت ئي جاڳي پيا هئا. جڏهن قائداعظم حسين شهيد سهروردي جي بجاءِ لياقت علي خان کي وزيراعظم نامزد ڪيو ڇو ته ان وقت بنگالين جي دلين ۾ سهروردي جي وزيراعظم ٿيڻلاءِ بي انتها خواهشون هيون. جيڪي پوريون نه ٿيڻ ڪري محروميءَ جي مزار ۾ دفن ٿي ويون. مشرقي پاڪستان جو الميو پاڪستان جي تاريخ جو اهو باب آهي جنهن تي ڪاري مس هاريل آهي ۽ اڃوڪا جشن ڏسي، برصغير جي تاريخ پڙهندڙ دل جليا احمد فراز جو اهو نظم ضرور پڙهندا هوندا:

اب کس کا جشن مناتے ہو،
اس دیس کا جو تقسیم ہوا،
اس دیس کا گیت سناتے ہو،
جو ٹوٹ کے بھی تسلیم ہوا!

اهو نظم نه فقط پڙهندڙ پر ٻڌندڙ به اهو ضرور سوچيندا هوندا ته ڇا اسان انهيءَ ملڪ جي آزاديءَ جو جشن ملهائي رهيا آهيون. جنهن جي ملڪ جي واڳ ڌڻين جي سيڪريٽريٽ ۽ محل نما گهرن جو خرچ 4 ارب روپيا آهي، جڏهن ته صحت، بهبود آبادي ۽ پبلڪ هيلٿ تي قوم لاءِ رکيل پئسو 2 ارب روپيا به ڪونهي. جنهن ملڪ تي 39 ارب ڊالر بيروني قرض آهي ۽ ان جي بجيٽ جو خسارو 64 ارب روپيا آهن. جنهن ملڪ جي 70 سيڪڙو آبادي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پيئڻ جي صاف پاڻي، تعليم ۽ صحت جي بنيادي ضرورتن کان محروم آهي ۽ تعليم جي شرح 30 سيڪڙو به ڪونهي. جڏهن ته سندس سارڪ (SAARC) واري ساٿي ملڪ سريلنڪا جي تعليمي شرح 98 سيڪڙو آهي.

سوچيان ٿو ته ڇا اڄ اهو ملڪ جشن ملهائي رهيو آهي، جنهن جي آبادي 13 ڪروڙ آهي يا اهو ملڪ جنهن جا حڪمران آڳرين تي ڳڻي سگهجن ٿا. حڪمرانن ۽ قوم جي جشن ۽ خوشين جي نسبت ڳڻيندي ته ذهن 1947ع کان ٿيندو 1970ع جو چڪر هڻي ايندو.

اصل گولڊن جوبلي تڏهن ٿيندي، جڏهن اسان ماضيءَ جي غلطين ۽ المين جو احساس ۽ ادراڪ رکون، سماجي برائين ۽ اڻ برابرين کان پاڪ هڪ جديد پاڪستان لاءِ عهد ڪريون، ته حقيقي جشن ٿيندو. تنهن هوندي به پاڪستان جي جشن ملهائڻ تي ڪنهن کي ڪو اعتراض ڪونهي، عرض فقط اهو ڪرڻو آهي ته خوشين جي انهيءَ ميلي ۾ عوام کي به شامل ڪيو وڃي ته ڪجهه بهتر ٿيندو ۽ جيڪڏهن عوام جي چهري جو رنگ پيلو آهي ته حڪمرانن جي آساني لاءِ خوشين کان محروم عوام بابت ڪنهن شاعر جي لفظن ۾ اها صلاح ڏئي ڏئي سگهون ٿا ته:

ڏس بسنتي رت موٽي آئي آهي،
تارين تي ڳاڙها گل ٽڙي پيا آهن،
اي پيلي چهري وارا! تون به،
چهري کي رهنڊون هڻي،
جشن ۾ شامل ٿي وڃ.

پاڪستان آزاد ته ٿي ويو پر اسان جا حڪمران طبقا اڄ ڏينهن تائين انگريزن جي غلاميءَ واري نفسيات مان نڪري نه سگهيا آهن. حڪمرانن جي آپيشاهيءَ واري نفسيات کان ويندي غلاميءَ واري نفسيات بلڪل ساڳئي جي ساڳي هلندي اچي. شايد تڏهن ته اڄ جا جهونا انگريزن جي دور کي ساراهه جا هار پارائيندا اچن. انهي دور کي وڏيڪ بهتر دور ڄاڻي، ڇڻ ته آزادي ۽ ملڪ جي تصور تي بي اعتماديءَ جي لڪير ڏيندا آهن. انگريز ڏاڍا خود غرض ۽ نرگسيت پسند هئا، نه فقط ايترو پر حقيقت پسند به هئا. هنن پنهنجون شڪستون ۽ ڪاميابيون ڏاڍي شان مان سان ملهايون آهن. ڪولمبس جڏهن آمريڪا ڳولي لڌو ته ڪولمبس جي پيرن تي پير ڏئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وليم امپائر جا فاتح بہ آمريڪي سرزمين تي پهتا. لاطيني آمريڪا جي تيرنهن گڏيل رياستن کان ڪاڏل شڪست کي هنن زبردست انجواءِ ڪيو ايتريقدر جو هو هار مڃڻ واري هنڌ (Surrender field) ڏي اچي رهيا هئا تہ بئنڊن ۾ سازن سان اهو گيت جنهن جو عنوان The World Turned upside down هو، ڏاڍي شان سان ڳائيندا آيا.

مون کي خبر ناهي تہ برصغير مان انگريز ڪالونيءَ جي پلاٽيل اٺ تان ڪي اهڙا گيت پڌڻ ۾ آيا هئا يا نہ پر هنن تي هتان وڃڻ وقت ڪنهن خاص شڪست جو احساس غالب ڪونہ هو. ڇو تہ انهي ڍاڪي ۾ عالمگير جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ سموري دنيا مان انگريزن جي ٽپڙ ويڙهہ شروع ٿي چڪي هئي. هتان وڃڻ بہ هنن جي گهر جي تياريءَ جو هڪ حصو هو.

بہ ڏينهن اڳ پاڪستان جي ڄمڻ جو ڏينهن هو. ڄمڻ جو ڏينهن اهو هجي ٿو جنهن تي تاڙيون وڄائي Happy Birthday to you چئي ڪيڪ ڪاٽيا وڃن ٿا. هڪڙي آگسٽ اها هئي، جڏهن 1970ع ۾ هيپي برٿ ڊي چئي ملڪ ڪاٽيو ويو هو هڪڙي 14 آگسٽ اڄ آهي، جڏهن قوم جمهوريت جي سلامتيءَ لاءِ ٻاڏائي رهي آهي. جمهوريت جيڪا هن ملڪ ۾ 29 فيبروري وانگر Leap year جي چڪر ۾ ٿي آئي آهي. پاڪستان ۾ جمهوريت جو وارو پنجاهہ سالن ۾ هر چار سالن کان پوءِ اچي ٿو. اها چئن سالن کان پوءِ مهمان ٿي ايندڙ جمهوريت پاڻ سان گڏ ڪيترا جمهوري رويا کڻي آئي آهي، اها خود هڪ رام ڪهاڻي آهي. جمهوريت جي دعويدار جمهوري ادارن کان ويندي جمهوري ڪردارن ۾ جمهوريت ڪيتري رهي آهي، انهيءَ جو جواب ڏيڻ لاءِ عوام پوري پوزيشن ۾ آهي. مسئلو اهو آهي تہ عوام کان جواب پڇيا ئي نہ ويا آهن، خدا جي خلق کي فقط سوالن جي سُٽ ۾ منجهايو ويو آهي. هنن جا جواب تہ ڄڻ ڪوهہ ڪاف جي پرين جون ڇُميون آهن، جيڪي وٽڻ بہ دل وارن ۾ نصيب وارن جي نالي ۾ آهن. جواب نہ ئي سهي، سوال تہ آهن. اڄ انتهائي خوشيءَ جي موقعي تي عوام جي چپن تي فقط هڪڙو بيچين سوال آهي تہ اسان جي نالي تي ٺهندڙ ملڪ ۾ اسان جو حصو ۽ حيثيت ڇا آهي؟ انهيءَ جو جي جواب ملي ويو تہ ڄڻ لک ڪٽيوسين. اهو جواب ئي اسان لاءِ جشن آهي، اهو جواب ئي اسان لاءِ گولڊن جوبلي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايئن ڪونهي تہ قوم جشن ڪونہ پئي ملهائي. بلڪل ملهائي پئي، حڪمرانن واري شان شوڪت سان نہ پر غريباڻي حال سارو ملهائي پئي۔ ۽ احمد فراز جو نظم هوائن ۾ اُڏامي رهيو آهي:

کیوں تنگ وطن کی بات کرو،
کیا رکھا ہے اس قصے میں،
اب تن کی نگری راکھ ہوئی،
اور من کی مایا ہاتھ نہیں،
یہ نصف صدی کا قصہ ہے،
دو چار برس کی بات نہیں،
آنکھوں میں چھپائے اشکوں کو،
ہونٹوں پہ وفا کے بول لیئے،
اس جشن میں میں بھی شامل ہوں،
نوحوں سے بھرا کشکول لیئے۔

(چنچر، 16 آگسٽ۔ 1997)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# اي سنڌو!

اسان کي يقين آهي ته هن ڪائنات جي خالق، هن وشال وِشو جي والي، جڏهن ڪائنات جي ڪئنواس تي فطرت جي مصوري پئي ڪئي، ته توکي پنهنجي ازلي عشق سان ان ڪئنواس تي ڪُنوار ڪري ويهاريو هوندائين ۽ ان ڪامل يقين سان تنهنجي سونهن ۾ سوڀيا جا رنگ ڀريا هوندائين، ته اها لال ڪنوار اڳتي هلي سماجن، تهذيبن جي هڪ سهاڄهي ماءُ ٿيندي، هڪ اهڙي ڀاڄهاري ماءُ، جنهن جي ڪُک مان انسان ذات جو عاليشان ۽ لازوال ورثو جنم وٺندو. هڪ اهڙو ورثو، جنهن تي آدم جو اولاد ابد تائين تنهنجيءَ عظمت جو لازوال گيت ڳائيندو، جنهن جي ڌُن تي هيءَ ڌرتي به ڪنهن ناچڻي جيئن نچندي رهندي.

اي سنڌو! ڏس، پنهنجون ازلي عشق سان پُرنور اکيون کڻي ڏس، ته اسين اڄ به تنهنجيءَ عظمت جو گيت ڳائي رهيا آهيون. ڇو ته اسان کي يقين آهي، ته تون نه فقط اسانجو ساهه آهين، پر تون اسانجي ماءُ به آهين. اسانجي ته ڇا، پر انسان ذات جي عظيم تهذيبن جي به ماءُ آهين. بابلي، سميري، ميسو پوٽيمي تهذيبون تنهنجيءَ ممتا جي ڪُک مان نڪتيون ۽ تو ئي انهن تهذيبن کي پنهنجا پهريان پير کڻڻ سيکاريا. اسان کي ته امام سوطي جي ان روايت تي فخر آهي ته "جنت مان چار درياهه نيل، فرات، جيحون ۽ سيحون نڪرن ٿا، جن مان سيحون سنڌو آهي". اسان کي ته دلائي لاما جي ديس جي ماڻهن جي ان عقيدي تي به اعتبار آهي، ته تون شينهن جي مُنهن مان نڪتي آهين. تڏهن ته توکي لداخ جي لاله زارن جا ماڻهو اڄ به "سنگهي کُبب" (شينهن جو منهن) ٿا چون. اي شينهڻ ماءُ! تنهنجي گجگوڙ ئي ان ڳالهه جي گواهي آهي. اسان کي پتو آهي ته انيڪ صدين کان تون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيلاش پربت جي ”سنگيڪا“ چشمي مان نڪري، مانسروور ڍنڍ مان ٿيندي، هماليہ جي هنج وٺي، زڪسار پهاڙين تان پساروں ڪندي، راڪا پوشيءَ تان ڪنهن راڳي جيئن راڙ ڪندي، گلگت ۽ هنزه جي ميدانن مان ڪنهن هرڻي جيئن چال ڏيندي، هندوڪش ۽ ڪوهہ سليمان جي ندين کي پاڻ ۾ سمائيندي، اچيو هندي سمنڊ سان هڪ ٿئين ٿي. تنهنجي اها وَهڪ، اها ڊوڙ ئي اسان کي ممتا جي ڊوڙ لڳي ٿي. جيئن رگ ويد ئي اسانجي روح جي رڙ ڪري ٿو ”اي سنڌو! تنهنجي وهڪ ۽ ڊوڙ ڪنهن سونا ڳئون جهڙي لڳي ٿي، جيڪا پنهنجي ٻچڙن ڏي ڊوڙ ڪري، ان کي کير پياري آسودو ڪري ٿي“. اسان کي پتو آهي تہ تون ويدن ۽ آرين جي ماءُ هئينءَ. تون آرين کان بہ اڳ ويدن، ڪولن، سنٿالن ۽ دراوڙن جي دادلي دل بہ هئينءَ تہ دلبر بہ هئينءَ. جيڪي چانڊوڪي راتين ۾ جڏهن پورنما جو پُورو چنڊ ڪائنات جي نرڙ تي بنديا وانگر سجي ايندو هو تہ اهي دراوڙ ئي هئا، جيڪي تنهنجي ڪنارن تي، گهاٽن پيلن مان نڪري، سُوم رس پي، توکي پنهنجي گيتن جا سجده ڏيندا هئا ۽ ننگا ناچ ڪندا هئا. تون ايامن کان وٺي اسان جي پوڄا بہ آهين تہ پيار بہ آهين. تنهنجي ڪنارن تي وسندڙ ۽ نچندڙ قومن شاندار ڪلچر ۽ تهذيب ڏني. انهي تهذيب، عالم انسانيت کي جيئڻ جا گس ۽ ڏس ڏنا. ڪنهن پٽڪيل اگهاڙي پار جهڙي دنيا جي بدن کي پوشاڪ ڏني ۽ مٽي تي پوتي رکي. نيل، دجلہ ۽ فرات جي ڪنڌين تي ٿلندڙ راڻين ۽ مهاراڻين پنهنجي بدن تي موهن جي دڙي جي ململ پائي، ڪيترن راڻن سان رڻ ڪيو. تنهنجي ڪنڌين تي نچندڙ مور حضرت سليمان عہ جي ڏينهن ۾ بيت المقدس جي گنبذن تان وڃي ٿهوڪيا. تون جيڪا آرين جي ”هُپت هندو“ هئينءَ، تون جيڪا يونانين جي ”انڊو“ هئينءَ، تون جيڪا عربن جي ”مهراڻ“ هئينءَ، تون جيڪا چينين جي ”پسين“ هئينءَ ۽ تون جيڪا اسان جي ”سنڌو“ آهين، تنهنجي عظمت، تنهنجي محبت، تنهنجي شفقت ۽ تنهنجي دهشت تي هڪ دل پلا ڪيترا دليل گهڙي سگهي ٿي؟ تون تہ فطرت جو هڪ اهڙو فسون آهين، جنهن جي اڳيان لفظ لچارا ٿيو پون. سڪندر اعظم کان وٺي رنجيت سنگهہ تائين، دنيا جا سڀ بي لغام فاتح تنهنجي دهشت اڳيان دليون هاري ويٺا. اسين تہ تنهنجي اٽڪ محبت ۽ شفقت جا مقروض آهيون.

اي اسانجي سنڌو ماءُ! اسين سمجهون ٿا تہ اسين تنهنجي ممتا ۽ سوپيا کي لفظن جي لام تي لوڏي نٿا سگهون. تنهنجي جوڀن جا اهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گيت ڳائيندي، اسان جا تہ ڇا اسانجي ڳوڙهن جا ڳل پٺل آهن. اڄ جڏهن اسين پنهنجون آسائتيون اکيون کڻي تنهنجي سينڌ ڏي نهاريون پيا تہ اسان جي اکين مان تنهنجي سنڌور جي لاليءَ بدران واري وهي ٿي اچي. تنهنجي جوانيءَ جي ڏار جا ڏڏڪا ساري، پنهنجي بدن ۾ وطن جو وجود اجڙيل ٿو لڳي. تنهنجون ڇوليون اسان لاءِ اهي لوليون هيون، جن تي هيءَ ڌرتي ڪنهن ننڍي ٻار وانگي روئي ۾ پوءِ ٽڙي پوندي هئي. ۾ ڏس! هي ٻار اڄا بہ سڏڪا ڀري روئي رهيو آهي، پر تنهنجي ممتا منهن موڙي ويئي آهي. تون ئي ٻڌاءِ تہ هڪ ٻار پنهنجي رُٺل ممتا کي ڪهڙيءَ ريت ريجهائي سگهي ٿو؟

ميجون ٿا تہ اروڙ ديبل، نيرون، سڀ تنهنجا تختگاهہ رهيا آهن، پر اسين چئون ٿا تہ تنهنجو اصل تختگاهہ تہ اسان جون دليون ۾ ديدون آهن. تنهنجا تخت ڇا اجڙيا، اسانجا تہ بخت بہ اجڙي ويا! تون تہ اسان جو ڀاڳ بہ هئينءَ، روح جو راڳ بہ هئين تہ چرپر ۾ چاڳ بہ هئينءَ. اڄ تہ اسان جو ويراڳ بہ آهين. ڏس، اي سباجهي سنڌو! ڏس تہ تنهنجي سنڌ جي اجڙڻ سان اسان جو ڇا ڇا نہ اجڙي ويو آهي. اسان جون ٻنيون ۾ انهن ۾ ڏکڻ واءُ تي رقص ڪندڙ سونا سنگ، ۾ انهن کيتن ۾ ڪنهن الهڙ حسينا جي اشارن جهڙا ڳاڙها پيلا گل، ڪنهن اصيل نانگ جيئن ور وڪڙ ڏيئي وهندڙ واهہ ڪنهن جي نيٽن جهڙيون گهريون ڍنڍون، تنهنجون ڪنڌيون ۾ انهن ڪنڌين تان تنهنجي سِيرن ۾ وِيرن ۾ چنڊ سان گڏ ٽڙڳيون ڏيندڙ اهي ٻيلا ۾ انهن ٻيلن تان ڪنهن آزاد وطن جي جهنڊن جيئن جهولندڙ ۾ توکي سلامي ڏيندڙ سِرَهہ ڪنهن هارايل فوج جي جهنڊي جيئن جهڪي چڪا آهن. اسان جا ميت ۾ گيت سڀ تو سنگ هئا، اسان جي جيت ۾ پريت بہ توسان هئي. ڇو تہ تون اسانجو ساهہ آهين ۾ اهو سڻائو واءُ بہ آهين. جڏهن ورندي هئينءَ تہ اسين ڪتوري جيئن ڪِڙي پوندا هئاسين. ٽانگر جيئن ٽڙي پوندا هئاسين.

اي سباجهي ماءُ! اسان کي تنهنجي وڇڙڻ ۾ اسان جي اجڙڻ جو احساس اڄ ڪنهن گناهہ جيئن اندران کائي رهيو آهي. تون قيدي آهين ۾ تنهنجي بدن تي هو زنجيرون وجهي، توکي جڪڙي رهيا آهن. تنهنجي ممتا واري ڊوڙ جي اڳيان هڪ قيد وارو ڪوٽ اُڀو آهي. هو توکي ڊيمن جا ڊوهہ ٿا ڏين. هو توکي ايمر اي ايف ۾ ڪيوسڪس ۾ تورين ٿا. هو توکي ماپن ۾ ماپين ٿا. هو جيڪي تنهنجيءَ عظمت جا انڪاري ماٿهو سموري انساني ورثي ۾ تهذيب جو انڪار ڪري رهيا آهن، هنن کي ڪهڙي خبر تہ تون اسان لئہ فقط



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معاشي مسئلو ناهين، توِن فقط اسان لاءِ پاڻي ڍُڪ ناهين. هنن کي کهڙي خبر تہ توِن اسان لاءِ ازل ۽ ابد جي ڪڙي آهين، جنهن ۾ اسان جي سموري ماضي، حال ۽ مستقبل جو وجود جڪڙيل آهي. هو توکي انگن ۽ اکرن ۾ تورين ٿا. هنن کي ڪهڙي خبر تہ ڪڏهن ماءُ جي ممتا ۽ محبت کي سيرن، تولن ۽ ماسن ۾ توري سگهجي ٿو؟!! پر هنن اڻ ڄاڻ ماڻهن کي شايد اهو بہ پتو ناهي تہ ماءُ تي ڪو معاهدو نٿو ڪري سگهجي. هنن کي اها خبر ناهي تہ اسين انهيءَ عظيم روايت جا امين آهيون، جنهن روايت ۾ سڪندر اعظم جو جسم بہ ڪنهن تير جي زخم ۾ ڳاڙهو آهي، جن کي اها بہ خبر ناهي تہ اسين مخدوم بلاول، دودي سومري، شاهہ عنايت، هوشو هيمون ۽ سورهيہ بادشاهہ جي هڪل ۽ هوڪ ۾ جيئون ٿا. هنن اڻ ڄاڻ ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ درازن ۾ پٽ تان اٿيل پٽڪا پنيت تي سگهن ٿا.

اي سنڌو ماءُ!

يقين ڪر، حسنِ ازل جي يقين جيترو يقين ڪر، تہ اهو پٽڪو تنهنجا سپوت پٽ ٻڌي چڪا آهن. اهي تنهنجي سينڌ جي سلامي ڏيڻ اچي رهيا آهن. سکر کان وٺي سونَ مياڻيءَ تائين، تنهنجي عشق جي هڪ اڻ مٽ ڪهاڻي رقم ٿي رهي آهي. اکين ۾ ڳوڙها، چپن تي نعرا، دلين ۾ شعلا ۽ هٿن ۾ گل کڻي، تنهنجي سينڌ ۾ لال سنڌور پرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. ڏس! ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر تائين، سِرين ۽ سِسين جو هڪ اهڙو فصل پچي راس ٿي چڪو آهي، جيڪو تنهنجي لاءِ لُٽجي ويندو.

سنڌو! ميون ٿا تہ توِن اسان جي ديوي بہ رهي آهين، تہ ديوتا بہ. تنهنجي پوڄا لئہ اڄ بہ دراوڙ دلين جي رسم روان آهي. اڄ تنهنجا سپوت ڏيئا موهيندا، اڪا وڃهندا، جل پوڄا ڪندا ۽ گلن جي ورکا ڪندا. گل تہ غمن جي بہ علامت آهن ۽ خوشيءَ جيْ بہ. پر ماءُ! هي گل اڄ هڪ وچن جي واءَ تي جهلي ۽ جهومي پيا اچن. هي گل تہ اڄ هڪ اميد، هڪ اعتبار ۽ هڪ ويساهہ جي ولين مان پنجي پيا اچن. اهي گل تنهنجي وڇوڙي جي واٽ تي نہ ڇٽبا، پر اهي گل تنهنجي آمد جي يقين ۽ آجيان جي اڳڻ جو سينگار ٿيندا، انهيءَ اميد ۽ وچن سان تہ:

اي اسان جي ماءُ، ساهہ ۽ ويساها

اڄ اسين تنهنجي اجڙيل بدن جي بارگاهہ جي اڳيان بيهي، اهو وچن ٿا ڪريون تہ اسان جو جيئڻ مرڻ تو سان آهي. تنهنجي سينڌ، اسان جي وجود



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڏارا آهي. تنهنجو دم، اسانجو دم آهي. تنهنجو قدم، اسان جو قدم آهي. تنهنجو پرم اسان جو ڌرم آهي. تون عالم انسانيت جو ورثو آهين ۽ اسين ان ورثي جا امين آهيون. اسين انسان ذات جو ڪالهه اڄ ۽ سڀاڻي آهيون. تون رڳو ندي ناهين، تون آدم ذات جي عظمت جو عاليشان اهڃاڻ آهين، سڃاڻ آهين. اسين وچن ٿا ڪريون تہ تنهنجي سينڌ ريت نہ پرينديءَ، ريتو پريندو ۽ اسان ڪي پنهنجي وجود ڪان وڌ تو ۾ ويساهہ آهي تہ:

تون ايندينءَ، تون ايندينءَ، تون ايندينءَ ضرور...

(24 جنوري 2009)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



# پرديس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هي ڪاروبار اڄ دائري ۾ بيٺو آهي

هو اڄ هن ملڪ ۾ موجود آهي، جيڪو هن صديءَ جي لڄ رکندڙ ماڻهن جو مهندار آهي، جنهن کي دنيا 'فادر آف ڊيموڪريسي' چوي ٿي. جيڪو اڄ انهيءَ ديس جي ڌوڙي تي آيو آهي، جنهن ايترا سال به جمهوريت نه ڏٺي آهي، جيترا سال هو زنجيرن جي زلفن ۾ رهيو آهي. يا ائين ڪٿي چئون ته هن ملڪ ۾ منڊيلا ۾ هڪڙي نسبت اها به آهي ته ٻنهي هڪ جيترو عرصو جبر جي جيل ۾ گذاريو آهي. منڊيلا جنهن کي اڄ به ڪيپ ٽائون کان ڪائرو ۽ سوڊان کان انگولا تائين جا آفريڪي ڪيس "آفريڪا جو بابو" سمجهن ٿا. ڇو ته هن پنهنجي حياتيءَ جو سمورو حسن نسلي امتياز جي خاتمي ۽ سائوٿ آفريڪا جي سينڊ ۾ جمهوريت جو سنڌور ڀريندي وڃائي ڇڏيو ۽ دنيا جا دل وارا ماڻهو هن کي ايترو ئي پيار ڪن ٿا، جيترو هن کي ڪاري چمڙيءَ وارا چاهين ٿا. ڇو ته هو محبت جي علامت آهي ۽ هن اڌ صديءَ تائين نفرت جو مقابلو ڪيو آهي.

منڊيلا جي عظمتن ۽ محبتن جي معراج کي صحيح نموني اهي ئي سمجهي سگهيا هوندا، جن سندس آٽو بايو گرافي (A long walk to freedom) پڙهي هوندي. جنهن جي سٽ سٽ ۾ سندس اندر جي اڻ تڻ ۽ آزاديءَ جا الڪا سمايل آهن. جيڪو سندس انهيءَ طويل جدوجهد جي ڪهاڻي آهي جيڪا هن اڇي چمڙي وارن جي ڪاري قانون (Aparteid) جي انڪار ۾ رقم ڪئي آهي. سائوٿ آفريڪا جيڪو اپارٿيڊ جي نالي ۾ هڪ اهڙي نسلي امتياز جي ڪوڙهه ۾ مبتلا رهيو آهي، جنهن جو مثال تاريخ جي صفحن ۾ جيڪڏهن ڪٿي ملبو ته اهو برهمڻ ۽ شودر جي تفريق واري ڪٿا هوندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اپارٿيڊ نالي قهر جي ڪهاڻيءَ جي منظم شروعات تڏهن کان ٿي، جڏهن 1948ع جي اليڪشن ۾ گورن جي نيشنل پارٽي انهيءَ نسلي بنيادن تي نفرت کي اليڪشني نعري طور ڪنيو جيڪا 1990ع تائين گوري سرڪار جي سرڪاري ۽ سياسي پاليسي رهي. اپارٿيڊ نالي نفرت کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو هو. گورا، ڪارا (بانٽو) ٻيا مختلف ملڪن ۽ نسلن جا ماڻهو جيڪي سائوٿ آفريڪا ۾ آباد هئا. ۽ آئون سمجهان ٿو ته اها اپارٿيڊ اڄا به اوريان جي ڳالهه آهي، پر انهن نيگرو ماڻهن سان نفرت جو داستان قديم قصو آهي. پندرهين صديءَ ڌاري جڏهن پورچوگال ۾ زرعي مزدورن جي کوٽ ٿي ته انهن ٻي دنيا جا ڏٻ لتاڙڻ سان گڏ آفريڪا جي ساحلن جو رخ ڪيو ۽ ننڍڙڪن نيگروز کي زنجيرن سان سلهاڙي پنهنجي زمين تائين وٺي آيا ۽ ائين انهيءَ پاپ کي پورچوگيزين غلاميءَ جو نالو ڏني، ڪارن ماڻهن جو ڪاروبار شروع ڪيو. جيڪو پوءِ اٺويهين صديءَ تائين جاري رهيو ۽ انهن هاٿين ۽ جيتن سان گهاٽن جهنگلن ۾ گهمندڙ گهنڊيدار وارن واري نيگرو جي وڪڻڻ واري واپار ۾ پوءِ اسپين، آمريڪا، فرانس، هالينڊ، انگلينڊ ۽ ڊينمارڪ جهڙا ملڪ به شامل رهيا، جيڪي پنهنجا سامونڊي ٻيڙا ڪاهي آفريڪا جي سانورن ساحلن تي پهچندا هئا ۽ بندرگاهن تي وچي اڇليندا هئا. جتي انهن جا داءُ ۽ دام لڳندا هئا ۽ هو پاپ جي پاڇي ۾ پورهيو ڪندا هئا.

اٺويهين صديءَ جي آغاز ۾ جڏهن برطانيا ڊچز کان ڪيپ ڪالوني (سائوٿ آفريڪا) ست لک پائونڊن ۾ خريد ڪئي ته ڪيترا ئي انگريز واپاري انهيءَ سون ۽ چانديءَ واري سرزمين تي لهڻ شروع ٿيا ۽ اهي پاڻ سان پنهنجي دماغ ۾ ڪالونيل ڪرائون جي مڳجي ۽ ڪارا قانون کڻي آيا. انگريزي کي سرڪاري زبان طور محدود ڪرڻ سان گڏ پارليامينٽ جي ميمبر شپ فقط گورن تائين محدود ڪئي وئي ۽ قانون پاس ڪيو ويو ته سائوٿ آفريڪا جي ٽوٽل ايراضي جي فقط 13 سيڪڙو تي ڪارن جو حق آهي. جڏهن ته انهن جي آباديءَ جو تناسب 85 سيڪڙو هو. انهن ظلمن جي زد ۾ 1912ع ڌاري آفريڪن نيشنل ڪانگريس (ANC) جو بنياد پيو ۽ ناحق خلاف حق جي جدوجهد جو آغاز ٿيو.

1950ع ۾ جڏهن اپارٿيڊ جو سرڪاري اعلان ٿيو ته ANC جي اڳواڻن نعرو هنيو ته "سائوٿ آفريڪا سڀني جو وطن آهي جيڪي هن سرزمين تي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهن ٿا ۽ پوءِ چاهي اهي ڪارا هجن يا گورا". پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ آفريڪن نيشنل ڪانگريس، اپارٿيڊ خلاف زبردست هلچل هلائي، جنهن جي نتيجي ۾ 60ع ڌاري ANC سميت سيني ڪارن جي تنظيمن تي پابندي لڳي. جڏهن سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن ۾ گوري گورنمينٽ ظلم جي گگ ڳاڙي رهي هئي تہ هوڏانهن پاڙيسري ملڪن انگولا ۽ موزمبيق جا ڪارا ڪالونيل نظام جي خاتمي تي پنهنجن محبوب اڳواڻن اگستينونيتو ۽ ساموئلائي مشيل سان هٿ هٿ ۾ ڏئي رقص ڪري رهيا هئا ۽ هي هيڏانهن سائوٿ آفريڪا جا ساحل آزاديءَ جي آس ۾ اداس هئا، نسلي امتياز ۽ نفرت انتها تي هئي. اڪثريت جي آبادي اقليت جي هٿان ظلم جو شڪار هئي.

نوڪرين تي پابندي هئي، تعليم تي حق فقط اڇي چمڙيءَ جو هو ڪارن تي آزادي جي ڪنوار لاءِ سوچڻ ڪان وٺي ساهہ کڻڻ تائين پابندي هئي. پارڪن ۽ ڪلبن ٻاهران بورڊ ٽنگيل هئا: Dogs can enter not Wiggers. (ڪتا اچي سگهن ٿا، پر ڪارا نہ) آفريڪا جي ڪارن لاءِ اهو دؤر انهن شودرن ۽ اڇوتن ڪان بہ بدتر هو جڏهن هندستان جا برهمڻ انهن اڇوت ماڻهن جي پويان ٻوهارا ٻڌي ڇڏيندا هئا تہ جيئن پنهنجا پيرا پاڻ مٽائيندا وڃن. جڏهن آفريڪا جي هوائن ۾ نيگرو شاعرن جا اهڙا اداس نظم اڏامندا هئا:

هي ڪاروبار دائري ۾ داخل نٿو ٿي سگهي،
ڇو تہ اهو دائرو گورن ٻارن جو آهي،
جنهن ۾ سڀ پرجوش رقص ڪري رهيا آهن،
هڪ اهڙو رقص جيڪو مرڪن جي نغمن
۽ ٽهڪن جي ڦوهارن سان ڀريل آهي
پر هي ننڍڙو نيگرو ٻار ان سفيد فام دائري ۾
داخل نٿو ٿي سگهي.

پر اڄ سڀ ڏسو پيا تہ اهو ئي حسرت جو ماريل نيگرو ٻار سائوٿ آفريڪا جي سفيد فام دائري ۾ بيٺو آهي. جنهن دائري جا سڀ رنگ ڪارا آهن ۽ اهو ننڍڙو نيگرو ٻار اڄ جو نيلسن منڊيلا آهي، جيڪو آزاد هوا جي سمفني تي هڪ اهڙو گيت گنگنائي رهيو آهي، جو تاريخ ۽ تقدير ٻئي وقت جي اڱڻ تي ڪوٽڙي جي ڪارن وانگر "مگرمان" تي رقص ڪري رهيا آهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ دنيا دوڙا ڦاڙي ڏسي رهي آهي. گورا هارائي چڪا آهن ۽ ڪارا کٽي ويا آهن. پر اها جيت انهن گورن جي جيت جيتري سوڙهي ناهي، پر اها سوپ منڊيلا جي سيني جيتري ڪشادي آهي، جنهن ۾ ڪارن سان گڏ سائوٿ آفريڪا جا اهي گورا بہ سمائجي چڪا آهن، جيڪي اڄ هن عدم تشدد جي علمبردار جي عشق اڳيان شرم ۾ٺوٽيءَ جيان سسي ويا آهن.

"Struggle is my life" جي نعري جهڙي زندگي گذاريندڙ منڊيلا ٿيمبو قبيلي جي سردار هينري مگاددلا منڊيلا جي گهر ۾ اک کولي ٿو جيڪو هاٽوڪي ايسٽرن ڪيپ صوبي ۾ اڳوٽي امتاتا ۾ رهندو هو. وڪالت جي ڊگري ماٺيندڙ منڊيلا عملي سياست ۾ پير تڏهن پاتو جڏهن 1944ع ۾ هن پين دوستن سان گڏجي آفريڪن نيشنل ڪانگريس جي يوٿ ليگ ٺاهي هئي. هو انهيءَ پليٽ فارم تان جدوجهد ڪندو رهيو ۽ 52ع واري تحريڪ جو چيف والنٽيئر مقرر ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ هو جوهانسبرگ ۾ ڇهن مهينن لاءِ گهر قيد ٿيو ۽ آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهہ عرصو پنهنجي يار اوليور ٽامبو سان گڏجي جوهانسبرگ ۾ وڪالت شروع ڪيائين، جتي هو ڏيهہ جي ڏورانهن علائقن مان ايندڙ غريب نيگروز جا ڪيس ائين وڙهندو هو جيئن ٽري ماٺهن جا ڪيس ماموں يوسف لغاري "في سبيل الله" وڙهندو آهي. 1985ع ۾ هن جون نديڙيون اکيون وني نالي ڇوڪريءَ سان اٽڻ ٿيون ۽ هو ٻئي عشق جا راهي پنهنجي زندگي کي ڳاڙهي ڳنڍ ڏين ٿا، جيڪا پوءِ 1992ع ۾ ڍري ٿيڻ لڳي ٿي ۽ 1996ع ۾ ٻنهي جي هٿن مان ريشمي ڏور جيان نڪري ٿي وڃي. 1960ع جي شروعاتي سالن ۾ هو ANC جي پيراملٽري ونگ جو اڳواڻ هو جنهن کي امن پسندن ڪارا Spear of the Nation (قوم جو ڀالو) سڏيندا هئا. 1962ع ۾ هو پين ساٿين سميت جيل ويو جتي جيل ۾ هلچل هلائڻ، گيت ڳائڻ ۽ پنهنجي اپارٿيڊ مخالف تحريڪ کي جوش وٺائڻ جي جرم ۾ 1964ع ڌاري عمرقيد جو سزاوار ٿيو ۽ پنهنجي سموري قيد دؤران روزنِ زندان مان نيگرو شاعر اوڪرافورڊو جو گيت ڳائيندو هو:

ڪوئي اچي بچائي، آفريڪا وڪري رهيو آهي،
اٿو اي آفريڪا جا جوانو توهان جي ماءُ توهان کي پڪاري رهي آهي.

"اي عظيم فرزندؤ!! جاڳو پنهنجي قوت سان جاڳو! اٿي وڌو ۽ سڀ ظلم جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏيو ظلم سان نہ پر، صبر سان پنهنجي وطن کي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آزاد ڪرايو. اتي ان کان اڳ جو سڀ ڪجهه فنا ٿي وڃي، اٿو! آفريڪا آزاد ڪريو جو آفريڪا وڪري رهيو آهي“. اهي ۽ اهڙا ٻيا گيت هو جيل جي سلاخن مان سياسات ڪري گذرندڙ هوا جي هٿان موڪلي رهيو هو. هڪڙي وني هئي جيڪا سندس گيتن ۾ گم ٿي سندس ساٿ نڀائي رهي هئي، جيڪا انهيءَ عرصي دؤران گرفتار ٿي، مٿس خون ۽ اغوا جا الزام لڳا، پر هوءَ ايستائين ثابت قدم رهي، جيستائين منڊيلا آزاد ٿيو ۽ ملڪ تان اپارٿيڊ جو پاپي پاڇو هٽيو.

اپارٿيڊ جي خاتمي جي، جتي ڪارن جي اڌ صديءَ جي جدوجهد جو ڪمال هو اتي سائوٿ آفريڪا جي گوري گورنمينٽ جي انگولا ۾ ڪيوبا ۽ انگولا جي حڪومتن هٿان شڪست بہ هئي، جنهن سندن ظلم جو پاور هيٺ لاٿو. اتي آمريڪا ۽ يورپين يونين جي ملڪن سميت ڪيترن ئي ملڪن جو اخلاقي ۽ سياسي دٻاءُ بہ هو جنهن آخرڪار 1990ع ۾ ايف ڊبليو ڊي ڪلاڪ هٿان مجبوراً اپارٿيڊ جي خاتمي جو اعلان ڪرايو ۽ منڊيلا آزاد ٿيو ۽ ڏکڻ آفريڪا جا ڏکارا ڪارا ظلم جي زنجيرن مان نڪتا ۽ پوءِ سيني ڏٺو تہ انهن ڪارن جي بابي منڊيلا سان دنيا جا ڪيترا ئي اڇا ڪارا اڳواڻ انهيءَ اسٽيج تي رقص ڪري رهيا آهن. جنهن جي اڳيان تاريخ ۽ تقدير ڪنهن مهربان محبوبا جيان ٻانهون ڦهلائي آئي هئي. هو انهن تي شرٽ وارن ڪارن پوڙهن ۽ جوانن سان دنيا کان بي خود ۽ بي نياز ٿي جهمريون هڻي رهيو هو ۽ دنيا جا امير غريب ملڪ حيرت ۽ حسرت وچان واچ تيڙي تي وي اڳيان ويٺا هئا.

صبح جو سادي چڻين وڳي ننڊ مان اٿي آزادي ٻڌندڙ ۽ ورزش ڪندڙ منڊيلا اڄ سموريءَ دنيا ۾ جمهوري جدوجهد جي هڪ علامت بڻجي چڪو آهي. پنهنجن ڪارن ڪارڪن ساٿين جي ميڄتا طور نوبل پرائيز قبول ڪندڙ ماڻهوءَ ڪي دنيا جو هر ملڪ گهرائڻ چاهي ٿو ۽ هر ليڊر ساڻس هٿ ملائڻ جو اعزاز حاصل ڪرڻ چاهي ٿو پوءِ چاهي اها شبانہ اعظمي جي نراڙ تي پونڊڙ منڊيلا جي چمي هجي يا ملڪ ايلزبيٿ پاران سندس هٿ تي جهڪي ڏنل ڪس هجي. موزمبيقي اڳواڻ سامورا مشيل جي بيواهہ سان محبت ڪندڙ ۽ انهيءَ گريڪا مشيل نالي عورت سان شادي ڪندڙ منڊيلا اڄ ڪاري چمڙي وارن لاءِ ائين آهي جيئن سندن لاءِ مارٽن لوٿر (جونيئر) هو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جيڪو منڊيلا وانگر ڪارن جي آزاديءَ آمريڪا ۾ سنڌن سول رائيٽس جو آواز هو. گانڌي جي ستيه گرهه کان متاثر مارٽن لوٿر اچ نيگروز جو نينهن سمجهيو وڃي ٿو منڊيلا کي اچ به مارٽن جي واشنگٽن ۾ احتجاجي ميڙ ۾ ڪيل تقرير I Have a dream ائين ياد آهي، جيئن ڪيس پال رابسن جا گيت ياد آهن. مارٽن لوٿر جي Stridetowards freedom کان وٺي منڊيلا جي A long walk to freedom تائين امن پسند جدوجهد جي هڪ فخر آميز ڪهاڻي آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ جتي غلامن جي شاعر انٽونيوڊي ڪاسترو جا نظم آهن، اتي نوبل انعام يافته ٽوني موريسن جون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪارن جا ڪردار آهن،. آمريڪن جاز ميوزڪ جي بادشاهه لوئيس آرمرسٽرنگ کان وٺي ريپ ميوزڪ جي "دي ميسيج" واري جوزف سبلر ۽ راڪ ميوزڪ واري باب مارلي تائين جا ڪردار آهن، جن کان اسان به ايترا ئي متاثر آهيون جيترو مون وارو يار محمد سوڊاني ۽ اسان جو اچوڪو مهمان منڊيلا مست آهن.

آفريڪا جي اڳواڻن جمال عبدالناصر، حواري بومدين، آگستينو نيتو مهدي سوڊاني، ايمل ڪئبرال، نڪروما ۽ ڪرنل قذافي جهڙن اڳواڻن جهڙو اڳواڻ اچ اسان جي ملڪ ۾ موجود آهي. آئون سوچيان ٿو ته ڇا هن ملڪ جي مظلوم ماڻهن جي اکين ۾ جمهوريت جو خواب ڪڏهن ساپيان ماڻيندو؟ ڪڏهن هن ملڪ کي ڪو منڊيلا ملندو؟ اچ جڏهن منڊيلا هتي موجود آهي، مون کي خبر ناهي ته منڊيلا جي ڪهڙي آجيان ٿي آهي، مون کي خبر ناهي ته منڊيلا جو ايترو استقبال ٿيو يا نه جيترو شهزادي عبدالله ۽ ملڪ ايلزبيٿ جو ٿيو هو پر مون کي فقط اهو ڪتڪو آهي ته جڏهن هي اتهاس جو عظيم ڪردار حڪمرانن کان هن ملڪ ۾ جمهوريت جي مستقبل بابت سوال ڪندو ته حڪمران ڇا جواب ڏيندا؟ حڪمران ڇا به چون، پر پاڻ منڊيلا جي آجيان ۾ محبت ۾ فيض جون سٽون ئي جهونگاري سگهون ٿا ته:

آجاؤ مين ني سن لي تيري ڍول کي ترنگ
آجاؤ مست هوگئي ميري لهو ڪي تال
آجاؤ افريڪا.

(اربع، 5 مئي- 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هانگ ڪانگ کي پليڪار

اڄوڪو ڏينهن ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي جو نهايت ئي اهم ڏينهن آهي. اڄ هانگ ڪانگ هڪ سؤ ڇاونجاهه سالن جي برطانوي ڪالوني رهڻ کان پوءِ پنهنجي اصليت طرف موٽي رهيو آهي. هانگ ڪانگ جنهن تي ڪرائون ڪالونيءَ جو سج 1841ع کان وٺي پنهنجي سموري آب و تاب سان چمڪندو رهيو آهي. اڄ انهيءَ سورج تائين چائنا جي آسمان جون سرحدون وڌنديون ۽ ايلزبيٿ جي ڪرائون جهڙي سج کي هانگ ڪانگ مان جلاوطن ڪيو ويندو جنهن جو قاتل منظر شهزادو چارلس پنهنجي اداس اکين سان ڏسندو. اهو منظر يقينن شهزادي چارلس ۽ هانگ ڪانگ جي اڳوڻي گورنر ڪرس پيٽن لاءِ درد پريو هوندو. جڏهن ونڇائي جي ڪنوينشن سينٽر ۾ يونين جيڪ تي لهرائيندڙ برطانوي جهنڊو لهڻ شروع ٿيندو ۽ هانگ ڪانگ جو علائقائي جهنڊو چائنا جي سرخ پرچم سان گڏ نمودار ٿيندو. انهي مهل ڪير چائي ته هانگ ڪانگ جي ڪيترين اکين ۾ لڙڪن جو کارو پاڻي اٿلي ايندو. جڏهن هانگ ڪانگ جي نئين والي تنگ چپي هوا جي زال جو لکيل ترانو (Anthem of unity) هانگ ڪانگ جا مشهور پاپ اسٽار بئنڊ تي ڳائيندا. اهو ترانو هانگ ڪانگ جي علائقائي زبان ڪئنٽوني ۾ لکيل آهي، جنهن جا ٻول آهن:

"گڏ، سدائين گڏ، هڪ ملڪ، ٻه نظام."

هي سٽون لکجڻ ۽ پڙهندڙن تائين پهچڻ تائين اهي سڀ منظر پيش اچي چڪا هوندا ۽ هانگ ڪانگ چين حوالي ٿي چڪو هوندو.

اهو ته اسان ٻه ڄاڻون ٿا ته اهو ڪيترو نه مشڪل هوندو جو هڪ ملڪ ۾ ٻه نظام گڏ هلائيا هجن. سوشلسٽ نظام ۽ سرمائيداري نظام جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاڪٽيل ڪيترو ڪڙو هوندو انهيءَ جو اندازو شايد چينين کي ڪونهي. چو ته هو هينئر خوشيءَ ۾ آهن ۽ انتهائي خوشيءَ ۾ ڪافي حقيقتون محجوب ٿي ويندڻيون آهن. ڇاڪاڻ ته اهو خطرو Great socialist republic ڏانهن پيو وڃي جنهن جي فقط ستاويهه سيڪڙو آبادي ان ملڪ سان گڏجڻ ۾ راضي آهي. جڏهن ته هانگ ڪانگ ۾ 97 سيڪڙو چيني آبادي آهي. هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ چيني آزاد فضا ۾ رهيا آهن. جن جي اظهار ۽ ڪردار مٿان ڪنهن به قسم جي پابندي ناهي رهي. اهي 70 سيڪڙو چيني پنهنجيءَ پسند جو اظهار هانگ ڪانگ سان رهڻ ڪري اهو ثابت ٿا ڪن ته ماڻهوءَ جو اصل وطن "آزادي" آهي، نه ڪي مخصوص جاگرافيائي سرحدون.

اڄ هانگ ڪانگ ۾ چائنا ۾ هن صديءَ جا شاندار جشن ٿي رهيا آهن. گذريل ستن سالن کان هانگ ڪانگ جي هوٽلن ۾ اهي جشن ڏسڻ لاءِ بڪنگ ٿيندي رهي آهي. ڪالهه کان دنيا جا ڪيترا ئي امير ڪبير ماڻهو ۽ عظيم ملڪن جي جهنڊن جو نشيب فراز ڏسڻ لاءِ هانگ ڪانگ جي گهٽين ۾ گهمي رهيا آهن. هانگ ڪانگ جو چين ڏانهن واپسي جو جشن هانگ ڪانگ جي وڏي ۾ وڏي خوبصورت عمارت (Convention Centre) ۾ ٿي چڪو هوندو جنهن جي ڪنسٽرڪشن ۾ ايترو لوهه استعمال ٿيو آهي جيترو ڇهه ايفل ٽاورز ۾ استعمال ٿئي. اڄ ڪنوينشن سينٽر جو خوبصورت اسٽيج شهزادي چارلس جي هٿن سان وڃندڙ شاهي سيٽي (Royal Yeacht جنهن کي برطانوي نيوي وارا بريٽا چوندا آهن) جي آواز ۾ نڪرندڙ ٻاڦ سان ئي چين جي صدر جيانگ زيمن جي حوالي ٿي چڪو آهي ۽ شهزادي چارلس، ڪرس پيٽن ۽ ٻين ڪيترن ئي برطانيا جي "لارڊس" ۽ "ٽائيڪون" ٿي سؤ سالن جي طويل ڪرائون ڪالونيءَ جي نظام جي آخري هڏڪي ٽٽل دل ۽ پريل اکين سان ڏٺي هوندي ۽ ائين انهن کي وليم پهرئين، جنهن کي "وليم فاتح" چيو ويندو آهي، جي شاندار سلطنت تي اداس پيار اچڻ لڳو هوندو.

هانگ ڪانگ جي تاريخ اڄ کان ٻه هزار سال اڳ شروع ٿئي ٿي. اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ جڏهن انگريز انهي خطي ۾ داخل ٿيا ته ساحلي علائقن ۽ جزيرن تي مهاڻن جون وستيون آباد هيون، جن ۾ هڪ "ٽانڪا" نالي قوم



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي. جنهن جو رهڻ ڪرڻ بيڙين جي پيٽ ۾ هو. "تانڪا" جي لفظي معنيٰ آهي بيضوي قوم (Egg people). ڇو ته اهي پنهنجو ٽئڪس بيدن جي صورت ۾ ڏيندا هئا. انگريزن جي 1898ع ۾ هانگ ڪانگ ليز تي وٺڻ وقت اتان جي آبادي هڪ لک جي لڳ ڀڳ هئي، جن کي "هڪا" (Hakka) چيو ويندو هو. 1842ع ۾ چند انگريز ملاحن هٿان هڪ چينيءَ جو قتل ٿيو جنهن تان معاملو ايترو گرم ٿيو جو چين ۽ برطانيا وچ ۾ ٻه ڀيرا جنگ ٿي، جنهن کي آفيم جي جنگ (Opium War) چيو ويندو آهي. جنگ ۾ چين کي زبردست شڪست ٿي ۽ هو چواين پائي (Choen Pi) ڪنوينشن تي صحيح ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ ائين 1842ع ۾ هانگ ڪانگ جي پهرين برطانوي گورنر هنري برتنگر انهي خطي کي "دارالحڪومت وڪٽوريه" جو نالو ڏئي، فري پورٽ قرار ڏنو. 1898ع ۾ هڪ معاهدو ٿيو جنهن تحت هانگ ڪانگ کي 99 سالن جي ليز تي برطانيا جي نظام حوالي ڪيو ويندو جنهن جو ڪالهه آخري ڏينهن هو.

هانگ ڪانگ هيستائين برطانوي نظام تحت هڪ حقيقي شهري رياست طور رهيو آهي. ملڪي ۽ خارجي معاملن ۾ مڪمل طور تي آزادي ۽ خودمختياري رهي آهي. مڪمل ۽ پائيدار اقتصادي نظام هجڻ ڪري هانگ ڪانگ ايشيا جي چئن ننڍن ۽ مضبوط Dragons مان هڪ آهي. تائيوان، ڏکڻ ڪوريا ۽ سنگاپور کان پوءِ هانگ ڪانگ به هڪ مضبوط ۽ ترقي يافته اقتصادي "ڊريگن" آهي. هانگ ڪانگ جي معيشت جو دارومدار ايڪسپورٽ تي آهي. ٽوڪيو کانپوءِ هانگ ڪانگ ايشيا جو سڀ کان وڏو مالياتي مرڪز آهي، جتي 160 کان وڌيڪ مقامي ۽ غيرملڪي بئنڪون ڪاروبار ڪري رهيون آهن. 55 ملين جي آباديءَ واري هانگ ڪانگ جي ترقيءَ جو راز Pure Market Economy آهي. هانگ ڪانگ جو چين ڏانهن ويڃڻ چين جي اقتصادي ۽ سياسي طاقت ۾ هڪ زبردست واڌارو آهي. جيڪڏهن چين هانگ ڪانگ جو نظام صحيح نموني سنڀاليو ته چين جي صنعتي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ تيزيءَ سان گڏوگڏ تائيوان جي چين سان ملڻ واري معاملي کي پڻ زبردست هٿي ملندي، جنهن لاءِ چيني صدر جيانگ زيمن اڳي ئي چيو آهي ته "هانگ ڪانگ جي چين ۾ شموليت اسان جي قوميت جي اتحاد ڏانهن پهريون قدم آهي." پر جيڪڏهن چين هانگ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪانگ جي خودمختياريءَ جي ڪل واعدن سان وفا نہ ڪئي، تہ چين لاءِ يقينن وڏا مسئلا ٿي سگهن ٿا. پهريون مسئلو تائيوان جي چين سان الحاق وارو هوندو. ٻيو مسئلو غيرملڪي سرمائيدارن ۽ سفارتڪارن وٽ اعتماد وڃائڻ سان، آمريڪا ۽ چين جي سڌرندڙ لاڳاپن ۾ بگاڙ وڌو مسئلو هوندو. اجا بہ جيڪڏهن هانگ ڪانگ جي شهرين سان چين طرفان نيشنل پيپلز ڪانگريس جي ٺاهيل قانونن ۾ ڪيل واعدن جي صورت ۾ وفا نہ ٿي، تہ وڏي ۾ وڏو نقصان اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هانگ ڪانگ جي بئنڪن ۾ 90 بلين آمريڪي ڊالرز کان وڌيڪ سرمايو اتان کان ٻاهر جي بئنڪن ۾ منتقل ٿيڻ لڳندو جنهن سان نہ فقط هانگ ڪانگ جي معاشي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي رفتار تي فرق پوندو پر چين جي ڏٺل نون خوابن جي تعبير پڻ مشڪل ٿي پوندي. هن وقت هانگ ڪانگ جي بئنڪن ۾ گهڻو پئسو انهن جو آهي، جيڪي 1949ع ۾ چين ۾ مائوزيتنگ جي اشتراڪي انقلاب کان پوءِ اچائي خوف جو شڪار ٿي اچي هانگ ڪانگ پيڙا ٿيا هئا. جيڪي گهڻو ڪري چين جي سڀ کان وڏي صنعتي زون شنگهائي جا واپاري هئا. هاڻي ائين نہ ٿئي جو نيشنل پيپلز ڪانگريس ۽ سينٽرل پيپلز گورنمينٽ جي ڪيل واعدن جي وفا نہ ٿيڻ سان اهي ئي شنگهائي جا واپاري وري ٻئي ڪنهن ملڪ جو رخ ڪن ۽ هانگ ڪانگ جون بئنڪون شنگهائي جي نون واپارين (Tycoons) کي ڳولڻ لڳن. چين هڪ مڪمل سوشلسٽ نظام وارو ملڪ آهي، جنهن ۾ مائوزي تنگ ۽ ڊينگ زيائو پينگ کي ڪنفيوشس ۽ لائو تزو جيترو پوڄيو ويو آهي. چينين مائوزيتنگ جي ڳاڙهي ڪتاب ۽ يانگ جي ناول "نوجوانن جو گيت" کي ڪنفيوشس جي "لون يو" (Lun Yu) ۽ لائوتزو جي !Way of life کان وڌيڪ پڙهيو ۽ چميو آهي. ڊينگ زياؤ پنگ جي وفات تي روئندڙ اکين جا لڙڪ اجا تائين چينين جي ڳلن تان ناهن سُڪا. چو تہ هن چين کي ترقيءَ جي هڪ اهڙي ڏاڪڻ تي آڻي بيهاريو آهي، جتي آمريڪا جي دل خوف وچان تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي آهي. اڄ انهي سوشلسٽ نظام سان هڪ ٻئي نظام جو الحاق ٿيو آهي، جتي جي ماڻهن پنهنجو گهڻو وقت بئنڪن ۽ اسٽاڪ ايڪسچينجن ۾ گذاريو آهي، جتي پئسي جي گردش چينين کان ڪنفيوشس ۽ لائوتزو بہ وسارائي ڇڏيا هئا. هانگ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪانگ هڪ مڪمل سرمائيدارانہ نظام وارو خطو آهي، جتي جي ماڻهن ڪنهن بہ پابنديءَ هيٺ گذارڻ جو سوچيو بہ نہ هو. اڄ اهي چين ڏانهن ويندي ڏڄي رهيا آهن. ڇو تہ انهن جي پئسي سان گڏ سڀ کان وڏي ملڪيت اظهار ۽ ڪردار جي آزادي آهي، جنهن کي هو ڪنهن بہ قيمت تي وڃائڻ نٿا چاهين. 99 سال آزاد ۽ خودمختيار رهڻ ڪان پوءِ هنن هانگ ڪانگ جي باشندن جي اندر ۾ پنهنجي اڳوڻي هانگ ڪانگ بابت عجيب ناسٽلجيا (Nostalgia) آهي، جنهن کي هاڻوڪا چيني شايد ئي سمجهي سگهن ۽ هانگ ڪانگ جي رهواسين کي اها ناسٽلجيا چينين کان نہ سمجهڻ جو خطرو بہ آهي. ڇو تہ هنن کان اڃا تيانن من اسڪوائر وارو الميو وسريو ئي ناهي. پر سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ شايد چين کي اهو احساس ٿيو هجي تہ اظهار تي جبر ڪنهن بہ ملڪ جي ٽٽڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين اظهار ۽ ڪردار جي آزادي ڏيڻ کان سواءِ گذارو ٿيڻ مشڪل آهي.

بهرحال اڄ کان هانگ ڪانگ جي عمارتن تي چين جو سرخ پرچم لهرائيندو نظر ايندو. اڄ کان هانگ ڪانگ چين جو خصوصي انتظامي خطو (Special Administrative Region) ٿي ويندو ۽ برطانيا- چين گڏيل اعلان مطابق هانگ ڪانگ کي خارجي ۽ دفاعي معاملن کان سواءِ اعليٰ درجي جو حق خوداختياري (Autonomy of high degree) بہ ملي ويندو. جيڪو عوامي جمهوريہ چين جي مرڪزي حڪومت جي سڀ کان وڏي ذميواري آهي. جيتري قدر هانگ ڪانگ جي نئين حڪمران تنگ چي هوا جو تعلق آهي، تہ ان لاءِ اها نهايت ئي سنگين انتظامي صورتحال هوندي جو هو هانگ ڪانگ جي ماڻهن جي حقن ۽ باقي چين جي ماڻهن جي حقن ۾ ڪيئن ٿو توازن برقرار رکي. هانگ ڪانگ جا شهري پهرئين سال ۾ تنگ چي هوا ۽ ڪرس پيٽن جي ڪردار ۽ انتظامي صلاحيتن جي ضرور پيٽ ڪندا ۽ اهو سال يقينن تنگ چي هوا لاءِ آزمائش ۽ امتحان جو سال آهي. اڄ سموري چين ۾ هانگ ڪانگ جي واپسيءَ تي جشن ٿي رهيا آهن. "ويلڪم هانگ ڪانگ، ويلڪم هانگ ڪانگ" جا پڙاڏا هانگ ڪانگ جي ماڻهن کي ڪيترو پريشان ڪري رهيا آهن، انهي جو اندازو بي بي سي ۽ سي اين اين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اسڪرين اڳيان ويٺلن کي يقينن هوندو. بهرحال سياسي ۽ انتظامي حوالي سان جديد دؤر جو اهو نئون تجربو آهي ته هانگ ڪانگ "هڪ ملڪ، ٻه نظام" تحت چين جي تابع ٿي رهيو آهي. ان صورتحال ۾ چين کي هن عظيم خوشيءَ جي مبارڪ نه ڏيڻ زيادتي ٿيندي.

Congratulations China! (چين، توکي مبارڪون هجن).

(اڱارو 1 جولاءِ- 1997ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# چيچنيا جي چيخ ۽ درد جي فريڪوئنسي

توهان مان ڪن کي اهي ڊسمبر جي راتين جيڏيون ڊگهيون آڪاٽيون ضرور ياد هونديون. جيڪي توهان ننڍپڻ ۾ سياري جي گرم بسترن تي ليٽي پوڙهين نانين ۽ ڀانهين کان ٻڌيون هونديون. جن ديومالائي قصن ۾ ڪوهه ڪاف جي پرين، جنن ۽ ڀوتن جو ذڪر هوندو. جن ۾ انهن ظالم جادوگرن جو عبرتناڪ انجام به شامل هوندو جيڪي آسماني پرين ۽ حورن کي پنهنجي طلسم ۾ قابو ڪرڻ لاءِ طوطن ۾ روح ڦوڪيندا هئا ۽ پوءِ انهن طوطن جا ڳاٽا مروٽي، پنهنجي اڳيان آڻي، دلفريب ادائن جو لطف ماڻيندا هئا. يا توهان مان اهي جيڪي ڪتابن جي قرب ۾ قابو آهن، سي رسول حمزاتوف جي ڪوتائن جا اهي ڪتاب کڻي وساري سگهيا هوندا، جن ۾ ڪوهه ڪاف جي انهن چيچن ۽ داغستاني سلسلي جي جابلو چوٽين تي رقص ڪندڙ پهاڙي ندين جهڙين بي پرواهه ڇوڪرين جا گيت آهن. جن ۾ ايتري ئي ڇڪ آهي جيتري ڪارونجهر جي ڪور تي مورن سان نچندڙ ڪولهڻين ڇوڪرين جي راسوڙن ۽ ڏورن ۾ ڪشش آهي. اڄ اهي ڪوهه ڪاف جي پرين ۽ رسول حمزاتوف جي محبوب پهاڙن جون برف پوش چوٽيون انهن پهاڙي ڇوڪرين جي رت سان رڱيون پيون آهن. جتي روس جي رهزن فوجين جا رانيوٽا ڪوهه ڪاف جو اهو سمورو حسن روڙي رهيا آهن. جن جون آڪاٽيون ٻڌي اسان نيڻن جي آکيرن ۾ ننڊ جا نيرا پکي خوابن جي هنج ۾ لاهيندا آيا آهيون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪالھ جڏھن آئون ٽر جي ڏڪار تي ڪالم لکڻ جو سوچي رهيو هئس، تہ منھنجي سامهون ٽي وي تي چيچن ڇوڪرين جا رت هاڻا لاش مائرن جي جھوليءَ ۾ ڦٿڪي رهيا هئا. مون هڪدم پنھنجي سوچ جو رُخ پٽن پر رهندڙ ٽاريلن کان ڦيرائي انهن چيچنيا جي مظلوم ماڻھن ڏانهن ڪيو جن کي انسانيت جي همدرد هٿ جي آٿت گهرجي. جيڪي محض انهيءَ ڪري ماريا پيا وڃن، جو هو پنهنجي اکين ۾ آزاديءَ جي پرچم جهڙا خواب کڻي گهمن ٿا. زندگي جن جي گهر جي چائنٺ تي اچي موٽي وئي آهي ۽ موت جن جي ويڙهن ۾ مستقل مهمان آهي. اهو شايد انهيءَ ڪري بہ سوچيم، جو درد جي فريڪوئنسي ساڳي آهي. درد ڪنهن بہ ديس جي جاگرافيائي حدن ۾ قيد نٿو ٿئي، چو تہ ان جي سيني ۾ احساس جي عالمي دل آهي. ٿر جو روڳ بک تي سگهي ٿو پر چيچنيا جو روڳ زندگي آهي. هو آزاد جيئاپي جو حق گهرن ٿا، انهيءَ ڪري هو جوکي ۾ جيئن ٿا. روسي جهاز نت نئين ڏينهن چيچنيا جي پارنهن لکن جي آباديءَ تي بمن جي برسات وسائي رهيا آهن، پر سموري دنيا خاموش آهي. آمريڪا جي وات ۾ زبان ڪونهي، اقوام متحده ۽ عالمي برادريءَ جي سيني پويان دل جي بجاءِ آمريڪا ڌڙڪي ٿو. انهيءَ ڪري اڄ چيچن اسلامي دهشتگرد ٿي پيا آهن. هو روسي الزامن کي صحيح سمجهنديءَ اها ڳالھ مڃڻ لڳا آهن تہ چيچن گوريلن پويان اسامہ بن لادن جو هٿ آهي، جنهن جي مالي مدد سان اهي ويڙهاڪ وڙهي رهيا آهن. پر انهن ڪم عقل عالمي مبصرن کي ڪير سمجهائي، تہ آزاديءَ جي ويڙھ لاءِ مدد نہ پر موھ جي ضرورت هوندي آهي. اها جذبي جي جنگ آهي، جيڪي چيچنيا کي چُمي ڏيئي، ڪلئشن هٿ ۾ کڻي نڪتا آهن، سي روس جي لکين فوجين، ٽئنڪن ۽ جنگي جهازن سان فقط مدد جي زور تي مقابلو ڪيئن ٿا ڪري سگهن. جيڪي ڪوھ ڪاف جي بلند پهاڙن ۽ غارن ۾ پهچندڙ ويسٽ جي جوڪا ڪٽندڙ جرنلسٽن کان اها ڳالھ پڌيءَ مسڪرائي فقط ايترو چون ٿا تہ "اسان سان ڪير بہ ساڻ ڪونهي، سواءِ خدا ۽ وطن سان عشق جي، پر روسين سان ورلڊ، ووڊڪا ۽ ويپن آهن." اهو انهن حريت پسند گوريلن جي اندر ۾ آزاديءَ جو عشق آهي، جنهن بورس يلسن ۽ وزيراعظم ولادي مير پيوٽن جي پيٽ ۾ وٽ وجهي ڇڏيا آهن. انهن بکين پيٽن ۽ گرم جذبن وارن جوانن جي هٿ ۾ هڪڙي پراڻي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلاشنڪوف کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟ جي آهي تہ رسول حمزاتوف جي انهن سٽن جو ڳاڙهو رومال بدل آهي:

باغيءَ جي دل باھہ جي شعلي جيان آهي،
سو سهٽي چوڪري، خيال ڪجانءِ،
اها باھہ وسامي بہ سگهي ٿي،
تہ ساڙي بہ سگهي ٿي.

توهان سوچيندا هوندئو تہ رسول حمزاتوف جا شعر ۾ ڪوھہ ڪاف جون پريون پنهنجي جاءِ تي، پر اهي چيچن اصل ڪهڙي بلا آهن؟ انهن جي جهيڙي جي جڙ ڪهڙي آهي؟ تہ ٻڌو چيچن دنيا جي اها قديم قبيلائي قوم آهي، جيڪا هزارن سالن کان وٺي ڪوھہ ڪاف جي پهاڙن جي هنج ۾ رهندي اچي. هي ڪنهن بہ طرح روسي اقليتي قوم ناهي، جيئن اڄ جي ميڊيا مٿو ڪُٽي رهي آهي. اهي نہ تہ منگولن جيئن فسادي آهن ۽ نہ ئي دهشگرد. اهي تہ صدين کان ڪين مليل پنهنجي آزاديءَ جي قومي حق جي حاصلات لاءِ دفاعي دنگل ڪري رهيا آهن. بائيبل مطابق حضرت نوح کي ٽي پٽ هئا: جينيفٽ، سام ۽ هام. جينيفٽ جو اولاد اڇوڪو يورپي نسل آهي. سام جو اولاد وچ اوڀر جون قومون عرب، يهودي، چيچن ۽ ٻيون آهن. حضرت نوح جي آخري پٽ هام جو نسل آفريڪا، آمريڪا کان وٺي انڊيا تائين ڦهليل ناسي اکين ۽ ڪاري چمڙي وارن سانورن ماڻهن جو نسل آهي. انهن چيچن ماڻهن سان منهنجي همدردي فطري آهي، جو اسان جو اصل ساڳيو آهي. اسان جو ڏاڏو سام آهي. ڪوھہ ڪاف جي پهاڙن جي سلسلي ۾ چيچنيا، داغستان، ڪالمڪ، انگشتيا، جارجيا ۽ ڪجھہ ٻيون ننڍيون ننڍيون رياستون آهن. ڪوھہ ڪاف جا پهاڙي پيچرا اڄ بہ ايرانين، ترڪن ۽ منگولن جي گهوڙن جي ٽاپن جي گواهي ڏيندا، جيڪي ديومالائي ديس کي فتح ڪرڻ لاءِ فاتحن کي ايترو سڃاڻن، جيترو هو جنن، ڀوتن ۽ ظالم جادوگرن کي سڃاڻن. انهي مظلوم قوم جا ٻار اڄ بہ پنهنجن پوڙهن کان اهي ئي پچارون ٻڌندا آهن تہ اهي فاتح جڏهن هتي ايندا هئا تہ هو رات جو پرين، جنن ۽ جادوگرن جون ڪهاڻيون ٻڌندي تلوارن کي تيل هڻندا هئا ۽ صبح جو سندن سڀ ڪجھہ لٽي طوفان جيئن واپس هليا ويندا هئا. چيچنيا جي ماڻهن سورهين صديءَ ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ ان کان پوءِ مسلسل روسي زارن جي ظلم هيٺ رهيا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

چيچنيا جي ماڻهن جو قومي هيرو رسول حمزاتوف جي "ميرا داغستان جي ماڻهن وارو ساڳيو "امام شامل" آهي، جيڪو 1830ع ڌاري زار شاهيءَ جي چيچنيا تي ڪڙڪيل قهر خلاف ڪڙو ٿيو هو ۽ ڪوهه ڪاف جي جبلن مان رومڙ ڪري روسين تي حملا ڪيا هئائين. انهي ڪوهه ڪاف جي ڪوپي مڙس لاءِ چيچنيا ۽ داغستان جي دلين ۾ اها ئي محبت ۽ عقيدت آهي، جيڪا سوڊانين جي دل ۾ امام مهديءَ لاءِ آهي يا جيئن پارڪر جي ڪوسن ۽ ڪولهين جي دل ۾ شادي خان ڪوسي ۽ روپلي ڪولهيءَ لاءِ آهي. اڄ به داغستان ۽ چيچنيا جا ماڻهو ان جو نالو پنهنجي ٻارن تي رکن ٿا ۽ چيچنيا جون چنچل ڇوڪريون پنهنجن گيتن ۾ انهي عظيم رهنما جو نالو پنهنجي محبوب جي نالي سان گڏ وڏي نينهن سان وٺن ٿيون. انهيءَ کان اڳ انهن جو هيرو شيخ منصور هو جنهن ڏارين حملہ آورن سان ارڙهين صديءَ ۾ خونريز جنگيون جوتيون هيون، پر هنن پهاڙي ماڻهن جي دلين تي شامل جو پيار ڇانيل آهي، جنهن جو اصل وطن داغستان آهي. جنهن 25 سالن تائين روسي زار سان مهاڏو اٽڪايو ۽ آخر 1857ع ۾ گرفتار ٿيو ۽ سينٽ پيٽرزبرگ ۾ ڪيترائي سال روسي فوجن جا ستم سهندو رهيو. 1870ع ڌاري حج ڪرڻ لاءِ سعودي عرب جو سعيو ڪيائين ۽ مديني ۾ وڃي پساهہ پورا ڪيائين. توهان کي اهو پڙهي شايد حيرت نہ ٿئي تہ چيچنيا جي ماڻهن تي زار جي فوجن پاران اٽندڙ انهن ظلمن ۽ شامل کي گرفتار ڪندڙ فوجي جٿن ۾ "امن ۽ جنگ" جهڙي ناول جو جڳ مشهور امن پسند تخليقڪار ليو ٽالسٽاءِ بہ پنهنجي برادر محترم سميت پيش پيش هو. جڏهن هو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي چوڻ تي روسي فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو تہ انهي سموري تجربي ۽ ڪوهه ڪاف جي جابلو چوٽين جي سايي ۾ رهي، هن پنهنجو ناول "ڪزاڪي" بہ لکيو هو جيڪو تي سگهي ٿو تہ توهان مان ڪنهن خفتيءَ پڙهيو هجي.

چيچن ماڻهن جي اکين ۾ صدين کان وٺي آزاد ۽ خودمختيار چيچنيا جو خواب موجود رهيو آهي، جنهن جي ساڀيان پوريان پٽڪندي هو سدائين غلامي ۽ آزاديءَ جي سرحدن تي ماريا ويا آهن. روس جي زار شاهيءَ وارن ڏينهن کان وٺي بالشويڪ انقلاب تائين هو انهيءَ آزاديءَ جي لال ڪنوار پويان ڪسبا ويا آهن ۽ ڪوهه ڪاف جي پهاڙين ۾ ٻرين جي ٻرن هيٺان دفن ٿيندا رهيا آهن. انهي سموري ظلم جي ڪنور ڪٿا ۾ رڳو ٽالسٽاءِ ئي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪونہ هو پر استاد لينن جي حڪومت بہ پنهنجا سڀ حيلا هلايا. 1917ع واري انقلاب کان پوءِ هنن 1920ع ڌاري "پهاڙي حڪومت" (Mountainer's Government) جي نالي سان آزاد چيچنيا جو خود ساختہ اعلان ڪيو پر اهو سپنو سپنو ئي رهيو. روسين وار ڪري پهاڙي ماڻهن جي پيار وچان فرقيواريت جي خاردار تار وچائي ڇڏي ۽ داغستاني، جارجيائي، انگشتيائي ۽ چيچنيائي خودمختياريءَ جو خواب ريزه ريزه ٿي ويو.

اڃا ڪجهہ سال مس گذريا هئا، جو ٻي عالمي جنگ دؤران روس هڪ ٻيو حملو ڪيو. استالن جون مڇون انهي ڪاوڙ ۾ ڦڙڪي اٿيون تہ چيچن ماڻهن جنگ دؤران جرمنيءَ ڏانهن همدردي جو هٿ وڌايو هو. چيچنيا جي عوام پاران جرمنيءَ ڏانهن هٿ وڌائڻ واري عمل ۾ انهن جي جرمنيءَ سان همدردي گهٽ هئي، پر روسين کان نفرت وارو عنصر وڌيڪ هو. استالن انهي الزام هيٺ چيچنيا جي مسڪين ماڻهن کي سائبيريا ڏانهن جلاوطن ڪري بيگار ڪئمپن ۾ قيد ڪيو جتي چيچنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي عذاب سهندي رستن تي رلندي ۽ ڪئمپن ۾ قيمو ٿيندي ختم ٿي وئي. اڄ روس خلاف جيڪو ناراض نوجوان نسل وڌي رهيو آهي، انهن مان ڪيترن جا پيئر ۽ مائرون استالن جي ٽارچر سيلن ۽ بيگار ڪئمپن ۾ مئل آهن. اڃوڪن ويڙهاڪن ۾ اهي بہ آهن جن انهن ڪئمپن ۾ اکيون کوليون هيون، جن پنهنجي مائرن جون کير کان خالي سڪل ڇاتيون ڏٺيون هيون. انهي ارمان جا اولڙا ۽ استالن کان نفرت جي جهلڪ اڄوڪن چيچن باغين جي بلور جهڙين اکين ۾ بہ پسي سگهجي ٿي، جن ۾ اهي سڀ عذاب ڪنهن پيانڪ خواب جيئن انتقام لاءِ آتا آهن.

اهي سيئي انگشتيا ۽ چيچنيا جون رياستون جيڪي استالن ختم ڪيون هيون، سي خروشچيف جي وقت ۾ 1957ع ڌاري بحال ٿيون. ان کان پوءِ جڏهن سوويت يونين ٽٽو ۽ ڪميونزم زوال پذير ٿيو تہ روس جي ٻين رياستن وانگر، اهي چيچن ماڻهو بہ انهيءَ جشن ۾ شريڪ هئا، جن پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جو پروانو هٿن ۾ کڻي رقص ڪيا. اهو 1991ع وارو وقت هو جڏهن هنن سمجهيو تہ هاڻ وطن آزاد آهي ۽ روس جو ڦهر ڪالهوڪو ڪفر آهي. هنن پنهنجي هر دلعزيز رهبر جعفر دودايوف کي صدر چونڊيو جنهن ملڪ کي ترقي جي شاهراهہ تي وٺي وڃڻ جا جتن


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيا. پر روس پاران چيچنيا تي ڊسمبر 1994ع ۾ وري هڪ خونخوار حملو ٿيو جيڪو هڪ هالوڪاسٽ جي صورت ۾ ٻن سالن تائين جاري رهيو. جنهن ۾ اڌ لک ماڻهو موت جي ننڊ سمهاريا ويا. اُها جناب بورس يلسن جي مهرباني هئي.

ڊسمبر 94ع واري حملي جا سبب ڪهڙا هئا؟ انهيءَ سوال جو هڪ جواب تہ اهو آهي تہ روس ڪي پنهنجي شڪست واري ٻاهہ ڪنهن مان تہ ڪڍڻي هئي ۽ پنهنجي ڪوڙي انا جي آتش کي ٺنڊو ڪرڻو هو. ٻيو سبب جنهن تي سڀ مبصر متفق آهن، اُهوِاهو آهي تہ روس کي پنهنجي انا کان وڌيڪ انهن قدرتي وسيلن تي قابض ٿيڻو هو جيڪي هن پنهنجي هٿن مان وڃائڻ نٿي چاهيا. ڇوتہ چيچنيا، جارجيا، داغستان ۽ ٻيون ننڍيون رياستون تيل ۽ قدرتي گيس جي وڏن وڏن ذخيرن سان مالامال آهن. گروزني ۾ باڪو (آذر بائيجان جي گاديءَ جو هنڌ) کان پوءِ تيل ۽ گيس جو وڏي ۾ وڏو ذخيرو موجود آهي، جيڪو سورنهن لک ڊالرن جو روزانو تيل ڏئي ٿو. آذر بائيجان سان ظلم بہ انهيءَ ڪري ٿيو ۽ اهو حملو بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هو جيڪو انهيءَ بدنيتيءَ تي مبني هو تہ انهيءَ تيل جي پائيپ لائين تي قبضو ڪجي، جيڪا گروزني کان نڪري باڪو کان ٿيندي روس تائين پهچي ٿي. گروزني ۾ هڪ ٻي وڏي رفائينري بہ آهي، جيڪا سالانہ ٻارنهن ملين ٽن تيل سپلاءِ ڪري ٿي. چيچنيا جي سياسي اڳواڻ ۽ اڳوڻي روسي جنرل جعفر دودايوف جڏهن پنهنجي رياست کي اقتصادي طرح اڳيرو ڪرڻ لاءِ تيل جي ايڪسپورٽ جو آغاز ڪيو هو تہ روس مجرجي پيو ۽ دودايوف جي مخالفن جي مدد سان چيچنيا تي حملن جو آغاز ڪيو. دودايوف، دنيا جي مسلمان بنياد پرستن جي مدد حاصل ڪرڻ جا جتن ڪيا تہ ان ڳالهہ انهيءَ جهيڙي کي مذهبي رُخ ڏنو ۽ اهو جهيڙو اسلامي انتها پسندن ۽ عيسائي آرٿوڊوڪس روسين جي تضاد وارو رُخ اختيار ڪرڻ لڳو. انهيءَ جهيڙي کي جتي اسلامي ملڪ مذهبي حوالي سان ڏسڻ لڳا، اتي مغربي ميڊيا ان کي Great oil game جو نالو ڏيڻ لڳي. انهيءَ تيل واري مفاد جي ڪري آمريڪا انهيءَ سموري جهيڙي کي روسي جارحيت جو نالو ڏنو هو. ڇو تہ انهيءَ تيل تي آمريڪا جي بہ اک ڪڪڙي هئي. آمريڪا ۽ ٻي سوڪالڊ عالمي برادريءَ جي پريشر جي ڪري 1995ع ۾ روس جڏهن


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيچنيا جي باغين ڪي روس جي هٿ هيٺ رهندي، خودمختياري ڏيڻ جو اعلان ڪيو تہ ان جي ڪجھ قدر حمايت چيچن عوام بہ ڪئي، پر انھن باغي گوريلن پڙ ڪڍي انڪار ڪيو تہ اسان تيستائين وڙهندا رهنداسين، جيستائين چيچنيا آزاد ۽ خودمختيار ملڪ نٿو بڻجي ۽ روس جي ظالم چنبي مان ٻاهر نٿو نڪري. 96ع ۾ سندن محبوب اڳواڻ دوداييوف راڪيٽ جي حملي ۾ مارجي ويو ۽ سندن جدوجهد جي جوانيءَ جو سج جهڪو ٿيڻ لڳو. نيٽ عالمي برادريءَ جي زور تي جولاءِ 96ع ۾ هڪ امن ٺاهہ ٿيو ۽ روسي فوجن تلوارون پنهنجي مياڻ ۾ واپس وڌيون.

هاڻي جڏهن ڪجھ مهينا پهرين روس هڪ ڀيرو وري پنهنجون ٽئنڪون ۽ فوجون ڪوهہ ڪاف جي پهاڙين ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيون، تہ مبصرن روسي انا ۽ هٺ واري حقيقت کان بي نياز ٻين سببن جا ڪينٺان ڪڍڻ شروع ڪيا. جيڪي هن ريت آهن:

1. گذريل ڪجھ مهينا اڳ ماسڪو ۽ روس جي ٻين شهرن ۾ چار پراسرار ڌماڪا ٿيا. جن جو الزام چيچن حريت پسندن تي هنيو ويو.
2. ٻئي طرف چيچنيا جي پاڙيسري رياست داغستان جي ڪجھ ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن تي حريت پسندن قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. جن جو الزام بہ چيچن ويڙهاڪن تي لڳايو ويو.
3. داغستان ۾ مسلم حريت پسندن جي خلاف ڪارروائي دؤران روس اهو بہ الزام هنيو تہ انهن مجاهدن کي سموري مدد ۽ مالي امداد اسامہ بن لادن کان ملي رهي آهي.

انهيءَ الزام هيٺ جو هڪڙو فائدو روس اهو بہ کڻڻ پئي چاهيو تہ آمريڪا بادشاهہ جي منهن ۾ مڱ پئجي ويندا. جيڪو هرويرو بہ هر جهيڙي جي جڙ اسامہ بن لادن کي ڀانئي ٿو. اهي ۽ ڪجھ ٻيا بهانا بنائي روس چيچنيا تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا جن ۾ هيستائين ڪيترا ئي ماڻهو مارجي چڪا آهن ۽ هزارين دربدر خاڪ بسر واري زندگي گذارڻ لاءِ وطن کي الوداع چئي رهيا آهن. ڪالهوڪا اطلاع آهن تہ روس شالي تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ گروزني تي حملي ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيو آهي. جتي هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو شهر جي حدن ۾ هيسيل ۽ هراسيل آهن، جن کي نڪرڻ جي واهہ نہ پئي ملي. آمريڪا سميت سموري عالمي برادري پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روايتي منافقي ۾ طوطا چشميءَ واري روايت نيائي رهي آهي. ماڻهو مارجي رهيا آهن، شهر ويران ٿيڻ وارو آهي، پر ڪوبہ روس کي اهو چوڻ وارو ناهي تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي. ڇا هو پاپ جي ڀيري جيئن پڇي پورا پورا ٿيڻ کان پوءِ بہ افغانستان جي سرزمين مان سبق سکڻ لاءِ تيار ناهي، جو اڳيئن حملي وانگر اڄ بہ چيچنيا ۾ موجود سندس سپاهيءَ بکن ۾ پاهہ ٿيندي، هيپاٽائيٽس بي جهڙن مرضن ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. هو ماسڪو کان ايترو پري اچي چڪا آهن جو پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين وانگر انهن لاءِ Survive ڪرڻ بہ مسئلو ٿيندو پيو وڃي. هڪڙي پاسي روس پنهنجي داخلي اقتصادي بحران ۾ ٻري رهيو آهي تہ ٻئي پاسي چيچنيا تي سگهي ٿو تہ انهي عظيم سوويت يونين جي پڇڙ واري ديوار کي آخري ڌڪو ڏئي ۽ هن لاءِ ڪوهہ ڪاف جون ٻهاڙيون بہ افغانستان واري سلانگ جبلن جو سلسلو ثابت ٿين. پر پاڻ تہ اڳي ئي وڏي پاءَ جي قرب جي ڪهاڻين واري رومانس مان آجا ناهيون ٿيا، جيڪو پاڻ سان ايئن ئي مهربانيون ڪندو آيو آهي جيئن روس وڏي پاءُ وانگي ننڍن پاڙن عرف ننڍين رياستن تي قرب پريو ڦهر ڪڙڪائيندو رهيو آهي يا جيئن سربيا، بوسنيا جي بيواهہ ٻندن سان ڪندو آيو آهي. پر تنهن هوندي بہ پاڻ کي ٻيو نہ تہ بہ ٿلهي گهر ويٺي همدردي وارو هٿ انهن ڪوهہ ڪاف جي پرين ۾ رسول حمزاتوف جي گيتن ۾ "ميرا داغستان" واري ديس جي پهاڙين ڏانهن وڌائڻ گهرجي. ڇو تہ چيچنيا جي چيخ ٻيو ڪو ٻڌي نہ ٻڌي، پر پاڻ تہ ٻڌي سگهون ٿا، ڇو تہ درد جي فريڪوئنسي ساڳي آهي.

(خميس، 16 ڊسمبر- 1999ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هي ڏيھ سُوچي ڏانھن ڏسي ٿو!

برما جي عوام جي دلين تي راج ڪندڙ اپوزيشن ليڊر آنگ سان سُوچي جو ور، برطانوي شهري، اسڪالر ۽ آڪسفورڊ ۾ سينٽ اينٿوني ڪاليج ۾ تبت بابت اسٽڊيز جو ماهر پروفيسر مائيڪل ايرس ڪينسر جي مرض سان وڙهندي، نيٺ پنهنجي حياتي هارائي ويٺو. مائيڪل ايرس جيڪو عوام جي دلين ۾ ديويءَ جو درجو رکندڙ پنهنجي ونيءَ سان ڊسمبر 1994ع ۾ آخري ڀيرو مليو هو، ڪيس برما جي فوجي آمرن برما اچي پنهنجي ونيءَ سان ملڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. جمهوريت، عوام ۽ وطن سان عشق ڪندڙ سُوچي پڻ لنڊن وڃي پنهنجي جيون ساٿيءَ سان ملڻ تي چاهيو پر ڪيس يقين هو تہ فوجي آمر واعدن ۽ اعلانن باوجود ڪيس وري برما ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندا. عوام جي دلين ۾ ڌڙڪندڙ سُوچي ڪي عوام سان جدائي گوارا نہ هئي، ان ڪري هن مڙس جي پيار ڪي عوام جي محبت تان قربان ڪيو.

هوءَ انهيءَ رات سڪون سان نہ سمهي سگهي هئي، جڏهن ڪيس خبر هئي تہ سندس محبوب مڙس لنڊن جي رنگين روشنين ۾ حياتيءَ جي پڇاڙڪن پهرن مان ڪيس پُڪاري رهيو آهي. هُن جڏهن ٻڌو تہ سندس همسفر، پروسٽيٽ ڪئنسر جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي چڪو آهي تہ هن جي ديد جون سڀ دريون حسرتن جي هوا ۾ کلڻ ۽ بند ٿيڻ لڳيون ۽ هوءَ برما جي بانوري پنهنجي نيڻن جي نيري ڍنڍ ۾ ترندڙ لڙڪن جا ڪنول ڳڻڻي، انهن واعدن ڪي وارڻ لڳي، جيڪي هُن پنهنجي ور سان انهيءَ وقت ڪيا هئا، جڏهن هوءَ پنهنجي روح جي ريشمي ڏور انگريز اسڪالر مائيڪل ايرس جي هٿن ۾ ڏيئي رهي هئي. اها 1972ع جي مينديءَ رتي شام هئي، جڏهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هُن ايرس سان نئين زندگيءَ جو نئون سفر شروع ڪرڻ وقت اهو بہ وچن ورتو هو تہ سندس محبت ڪڏهن بہ سندس ملڪ جي محبتن جي وچ ۾ حائل نہ ٿيندي ۽ منهنجي سڪ جون سرحدون برما جي باردر تائين محدود رهنديون. هينئر جڏهن توهان هي سِٽون پڙهي رهيا آهيو تہ پنهنجون اکيون ڇنڀي سوچيندا هوندئو تہ ڇا جنهن کي اسان سنڌ جي سُوچي چيو هو انهيءَ بہ پنهنجي مرد اول کان اهڙو وچن ورتو هو؟

اوچن پهاڙن، اُداس ساحلن، زرخيز زمينن، گهاٽن ٻيلن، مندرن، پگوڊن ۽ پڪشوئن وارو برما اڄ آمريت جي 37 هين سال مان لنگهي رهيو آهي. برمي نسل جا ماڻهو جيڪي چين ۽ تبت جي سرسبز اوچين پهاڙين تان آبشارن جيئن لهي "ارا وادي" ندي جي ڪنارن تي اچي آباد ٿيا. بلڪل ايئن جيئن آريا سينٽرل ايشيا جي سموري سونهن اورانگهي سنڌوءَ جي ساحلن تي اچي نڪتا. برما جي ڌرتيءَ تي پير رکندڙ پهريان قبيلا "پيو ۽ مان" هئا. جن جو تسلسل اڄ بہ برما سميت اڳوڻي سيام ۽ هاڻوڪي ٿائلينڊ جي اڪثر آبادي آهي.

اڳوٽو آزاد برما ۽ هاڻوڪو جنرلن وارو ميانمار هڪ منظم رياست جي شڪل ۾ يارهين صدي عيسوي ڌاري پيگن سلطنت دوران آيو ۽ انهيءَ منگول تخم جي سلطنت بہ منگول اڙبنگ قبلائي خان جي گهوڙن جي سنبن هيٺان ساهہ ڏنو. پيگن، تانگو سلطنتن ۽ پوءِ انگريز راڄ. برمي بابوئن جي حسرتن سان هٿ چراند ڪندا آيا آهن. انگريزن جو دؤر برمين جي بغاوت جو دؤر هو جنهن ۾ انهن سانورن ماڻهن گورن سان زبردست چوٽون کاڌيون. 1852ع جي تاريخي جنگ برما جي بدن کي هڪ نئين گرمي ڏني ۽ اها انقلاب جي گرمي، آزاديءَ جي آتش اڄ بہ سُوچيءَ جي سرير ۾ شعلا آهي، جيڪا کيس سندس ويڙهاڪ والد کان ورثي ۾ مليل آهي. آنگ سوان جيڪو اڄ جي جديد برما جو بابو سمجهيو وڃي ٿو. تنهن 1939ع واري ڏهاڪي ۾ هڪ جوشيلي شاگرد اڳواڻ طور گورا راڄ خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ جپاني ويڙهاڪن جي تربيت سان برما انڊيپينڊنس آرمي (BIA) جو بنياد وجهي، هڪ زبردست Quit India تحريڪ وانگر Quit Burma تحريڪ جي اڳواٽي ڪرڻ لڳو. AFPEL جي پليٽ فارم تان انگريز سرڪار سان ڳالهيون ٿيون ۽ يونين جيڪ تان برٽش راڄ جو جهنڊو شڪست خورده سپاهيءَ جيان ڪنڌ جهڪائڻ لڳو. 1947ع جي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اليڪشن ۾ آنگ سوان جي AFPEL واضح اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي، پر اها ڪاميابي گذريل ويهن سالن جي ويڙهه واري الهڙ وهيءَ جي خواهشن ۽ حسرتن جي هٿن تي ميندي نه ماڻي سگهي ۽ ڪاميابيءَ جي ٽن مهينن کان پوءِ اهو برما جو بهادر اڳواڻ ۽ آزاديءَ جو متوالو آنگ سوان پنهنجي ڇهن ساٿين ۽ هڪ پاءُ سميت ماريو ويو.

پاڪستان ۽ برما اهي بدنصيب ملڪ آهن، جن ۾ جمهوريت جي ديوي ڪنهن خواب ۾ ڏٺل ستاري جيان دور چمڪندي رهي آهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ جو اڌ آمريت جي پاپي پاڇي هيٺان رهيو آهي ۽ باقي لولي لنگڙي جمهوريت وارا سال به انهيءَ تلوارِ ستم هيٺان بي يقينيءَ جي عالم ۾ سهڪندا رهيا آهن. برما جي آزاديءَ کان پوءِ وارو سفر جيئن تيئن هلڻ لڳو پر جيئن ته جمهوريت هن ديس جي تقدير هئي ۽ 1962ع ۾ آمريت جا خونخوار عقاب هن ديس جي ساحلن تي لهڻ شروع ٿيا. جنرل ني ون (Ne Win) ۽ سندس حواري جنرلن سوشلزم جو ڊرامو رچائي، ماڻهن جي محبتن ۽ مروتن سان مذاق ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پهريون پيرو جوان شاگردن جي جمهوري جذبن جو قتلام ٿيو ۽ ڪيترين ئي احتجاج ڪندڙ جوان جماڻ دليون ٺهري گولين جي واءُ ۾ سڪل پنن جيئن ڇڻنديون ويون ۽ حد اها ته انهن جانور جرنيلن رنگون يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جي بلڊنگ ڊائناميٽ سان اُڏائي ڇڏي ۽ برمي ماڻهن کي الفريڊ نوبل جي نالي کان نفرت ٿيڻ لڳي. ڇو ن ٿا ته جڏهن 1991ع ۾ سندن پياري اڳواڻ سوچيءَ کي نوبل انعام ڏنو ويو هو ته ڪجهه انهيءَ تحريڪ جي بچيل اڳواڻن خوشي گاڏڙ ڪاوڙ ۾ سُوچيءَ کي چيو هو ته ڊائنا مائيٽ ٺاهيندڙ نوبل واري نالي واري ايوارڊ کي واپس ڪري ڇڏي

هوءَ جنرل آنگ سوان ۽ ميڊم ڊان خن چي جي علم ۽ عشق جهڙي حسين ميلاپ ۾ جنم وٺندڙ سوچي پنهنجي عشق جي آزمائش مان اڪري چڪي آهي ۽ هوءَ برما جي بانوري بدن تي ڪاري تِر جيان ڇهتي ويئي آهي ۽ عدم جي راهي پنهنجي ايرس کي فيض جي انهن سٽن جهڙو سنيهو پهچائي چڪي آهي:

جو ہم پہ گذری سو گذری مگر شب ہجراں،
ہمارے اشک تری عاقبت سنوار چلے۔



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اها خوف کان آزادي (Freedom from fear) جي ليکڪ ۽ سخاروف جي انساني حقن ۽ نوبل امن انعام حاصل ڪندڙ 53 سالن جي سوچي جيڪا پنهنجي ڌرتيءَ تي 28 سالن کان پوءِ 1988ع ۾ تڏهن وري هئي، جڏهن مارچ جي مهيني ۾ ”بنگال بي“ تان مُون سُون جون مست برساتون برما جي سرزمين تي وٺڻ ورندڙ ڏيکين جيان رانياٺ ڪنديون وريون هيون ۽ هوءَ لنڊن ۾ ويٺل سوچي پنهنجي بيچين اندر ۾ ڌرتي ۽ آزاديءَ جي عشق کي اوڙاڪون ڏيندي ۽ وسندي ڏسي چڪي هئي ۽ نيٺ يورپ جي سيني رنگينين کي رنگون جي رت هاڻين راتين تي قربان ڪري ”مُون سُون“ سان گڏ موٽي آئي. جنهن جي حقيقي ماءُ، ڌرتي ماءُ جيان سهڪي رهي هئي. هوءَ بيمار هئي ۽ پنهنجي پياري ڌيءَ جو انتظار پل پل ڳڻي ڪري رهي هئي. هوءَ ڇا موٽي جڻ تہ برمي ماڻهن جي من ۾ مرادن ۽ مسرتن جي موسم موٽي آئي هئي. نوجوان شاگرد رنگون جي گهٽين ۾ پنهنجي البيلي اڳواڻ آنگ سوان جي رت ڏيڻ واري ريت نڀائيندي نڪري آيا ۽ رت جي هڪ نئين راند شروع ٿي.

آرميءَ جون ٽئنڪون ۽ بندوقون اٿلي آيون. اهو آگسٽ جو آگم پريو مهينو هو جڏهن رنگون جا سڀ رنگ لهو لهو هئا ۽ سلارڪ جي جنرلن جون فوجون هزارين برمين کي بارود جي باهہ ۾ پسمہ ڪري چڪيون هيون ۽ اها سلارڪ جي هٿ ٺوڪي حڪومت جيڪا جهوني جنرل ٿان شوي جي چيئرمني ۾ چيرن جيئڻ چيهاٽ ڪري رهي آهي، سا 18 ميمبر ۽ 30 وزيرن جي مدد سان سوچيءَ جي جمهوريت پسند رستي تي ڪاري اُس جيان چانيل آهي ۽ برما جو ساڍا چار ڪروڙ عوام، جيڪو 1990ع جي اليڪشن ۾ پنهنجي عظيم اڳواڻ کي 82 سيڪڙو حمايت ڏيئي چڪو آهي، جيڪا عوامي حمايت سلارڪ جي جنرلن کي نہ آئڙي ۽ هنن هڪ زبردست خونريزيءَ کان پوءِ عوامي آواز کي لانگبوٽ هيٺان لتاڙي سوچيءَ کي ڇهن سالن کان گهر ۾ قيد رکڻ جو اعلان ڪيو. 1993ع ۾ سوچيءَ سان گڏ نوبل انعام حاصل ڪندڙ همراهن کي فوجي جنتا ٿائيلينڊ کان اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ۽ اهي سوچيءَ سان ملڻ جي ڪنواري حسرت دل ۾ کڻي جنيوا روانا ٿي ويا، جتي هنن اقوام متحده جي انساني حقن واري ڪميشن اڳيان لکت ۾ سُوچي جي آزاديءَ جو مطالبو درج ڪرايو. اڄ سُوچي جي اڳواڻيءَ ۾ نيشنل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ليگ نار ڊيموڪريسي (NLD) جيڪا سندس ماءُ جي جنازي واري جلوس کان شروع ٿيل تحريڪ آهي، سڄي دنيا جي سياست ۾ نيلسن منڊيلا جي آفريڪن نيشنل ڪانگريس جي پرامن احتجاج ۽ عدم تشدد تي ٻڌل سياست وانگر هڪ مثال قائم ڪري چڪي آهي. مارٽن لوٿر ڪنگ ۽ مهاتما گانڌيءَ جي اهنسا کان متاثر هي گوتمي ديوي پنهنجي ديس جي آزادي ۽ جمهوريت ڪاڻ هر رستو اختيار ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سندس آزاديءَ کان هڪ سال پهرين 94ع ۾ جڏهن UNDP جي نمائندي جهان رحيم آمريڪي ڪانگريسي بل رچرڊسن ۽ نيويارڪ جي ٽائمز جي رپورٽر فلپ شانن جي موجودگيءَ ۾ سلارڪ جي جنرلن کي ڪيل ڳالهين جي آڇ کان وٺي سندس ملڪ تي مڙس ڏسڻ جي آس قربان ڪرڻ ٽائين، هو ڪجهه بہ ڪري سگهي ٿي. هُن 1955ع ۾ اين جي او فورم جي عورتن جي عالمي ڪانفرنس ۾ تقرير دوران برما جي ڀنين ۾ نچندڙ ڪٽڪن ۽ سارين جي سلن جو قسم کڻي چيو هو تہ:

The Struggle for democracy and human rights in Burma is a struggle for life and dignity.

آمرن جي منظم لشڪر سان اڪيلي وڙهندڙ عورت ڊڄي نٿي. ڇو تہ هوءَ سمجهي ٿي تہ ڊپ هُن جي اڙانگي رستي جو اهو ڪنڊو آهي جو هن جو پير موڙي سگهي ٿو. هو ڊڄڻ نٿي ڄاڻي، ڇو تہ هو مُڙڻ نٿي ڄاڻي. سُوچي تڏهن بہ ڪانہ ڊني هئي، جڏهن فوجي جنرلن هن ڪمزور جسم ۽ مضبوط ارادن واريءَ عورت تي گوليون هلائڻ جو آرڊر ڏنو هو ۽ هوءَ فيض جي انهن سٽن جيان بيٺي رهي:

ہاں جان کے زیاں کی ہم کو بھی
تشویش ہے لیکن کیا کیجئے
ہر رہ جو ادھر کو جاتی ہے
مقتل سے گذر کر جاتی ہے

اڄ سُوچي برما جي سڃاڻپ آهي. جيئن منڊيلا سائوٿ آفريڪا جو سرٽيفڪيٽ آهي.

برما جنهن جو اسان وٽ هڪڙو حوالو اهي برمي بابو آهن، جيڪي عربي سمنڊ جي ساحلن تي مڇين جا چار هٽن ٿا ۽ جن کي اسان غير قانوني



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

شهرين جي قطار ۾ ڪائونٽ ڪريون ٿا. برما جنهن جو ڀيو حوالو رنگون جون اهي گهٽيون آهن، جن ۾ هندستان جي مغل حاڪم بهادر شاهه ظفر جون سلاخن پويان اُهي سڏڪندڙ سِڏون جميون هيون:

> ڪتنا ہے بدنصيب ظفر دفن کے ليئے،
> دو گز زمين بھی نہ ملی کوئے يار ميں۔

۽ برما جو ٽيون حوالو اها نِنڊڙن نيڻن واري سُوچي آهي، جنهن کي هتان جا اياڻا ماڻهو پنهنجي اڳواڻن سان ڀيٽيندا رهيا آهن. ڪو دؤر هو جڏهن برما جي بانوري ڪي ملير جي مارئي چيو پئي ويو پر اڄ جڏهن اهي سياسي حالتون نـه رهيون آهن، هن ملڪ جي سياسي فضا ۾ انقلابي گيتن جي اها اُڏام نـه رهي آهي، حقيقي ۽ شفاف جمهوريت جو خواب هتان جي سياست جي نيڻن مان پيرا ڊاهي چڪو آهي، سُوچي جو هاڻوڪو اهرامِ مصر جيڏو عزم مايوس جمهوري جدوجهدن کي نئون ولولو ڏيئي سگهي ٿو پر جڏهن هاڻ هن ديس جي سياستدانن سان سُوچي کي ڀيٽڻ وارو سوال سامهون اچي ٿو تـه ڇا توهان جي جمهوريت جي ديويءَ لاءِ ڏٺل انهن پنجن ڏهاڪن جي خوابن جي لڄ ڪيتري باقي بچي ٿي ۽ اهو سوال ڪهڙي ڏڪڻ ۾ ڏڪ ڀري ٿو جڏهن هي ڏڪايل ڏيهه پنهنجون حسرت ڀريون نگاهون ڪٽي سُوچيءَ ڏانهن ڏسي ٿو!

(آچر، 28 مارچ ـ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ڏوڏيءَ جي ڊائنا ۽ چارلس جي دنيا

پئرس جيڪو روشنين جو شهر آهي، پئرس جيڪو خوشبوئن ۽ خوبصورت فيشن ماڊلن جو شهر آهي، انهيءَ سئين (Seine) نديءَ جي ڪناري جڳمڳائيندڙ شهر جي هڪ رات، هڪ محبت جي موت کي جنم ڏئي ٿي. اها رات پنهنجي پاند ۾ هڪ خوبصورتيءَ جي انت کي پالي ٿي ۽ دنيا انهيءَ رات کي پئرس جي بدصورت ترين رات چوي ٿي. جو ته نيپولين جي ديس جي اها اونداهي رات هڪ روشنيءَ کي قتل ڪري ٿي ۽ ڊائنا کي ابد جي واديءَ ڏانهن اُماڻي ٿي ڇڏي ڊائنا جيڪا، يوناني ديو مالائي داستانن ۾ "چنڊ جي راڻي" آهي، جيڪا چاهه جي چانڊوڪيءَ ۾ ايتري مست هئي، جو اوندهه سڃاڻي ئي نه سگهي. هوءَ نفرتن جي دنيا لاءِ محبتن جي آرسي هئي. جنهن جو ڪيوپڊ سان گهرو رشتو هو. هن کي ڪير محبتون آڇيندو هو ته هوءَ پنهنجون نيريون اکيون بند ڪري قبول ڪندي هئي. هوءَ عشق ۾ انڌي هئي، ايتري انڌي هئي. جو فقط محبت ئي ڏسي سگهندي هئي. سندس ئي ديس جي شيڪسپيئر چيو هو:

Love is blind, and lovers can not see,
The pretty follies that they
Themselves commit.

Princess in love هوءَ سدائين عشق جي الزامن ۾ مهڪندي رهي. جهڙين هيڊنگس سان سترنهن سالن تائين دنيا جي اخبارن جا پيٽ ڀريندي رهي. پر پوءِ به اخبارن وارن هن کي ڪونه ڇڏيو. هوءَ هاٽ ڪيڪ وانگر اخباري ايڊيٽرن جي ٽيبلن تي فوٽن سان گڏ ڪتجندي رهي. ڊائنا يورپ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اخبارن جي هاٽ پراپرٽي هئي، جنهن کي فوٽو گرافر ڪيترين ئي منزلن وارين عمارتن جي پائپن تان ٽنگجي به فوٽو ڪيندا رهيا ۽ هوءَ مسڪرائيندي رهي، ڇو ته هن کي مسڪرائڻو هو. مُرڪن ۽ محبتن جي هن يورپي زليخا، انهن بي ملهه قيمتن عيوض يوسف جي ديس جي محبوب کي خريد ڪيو هو جنهن جي ساڻ سان موت هن کي قبولڻ جو شرط رکيو هو. مرڪن ۽ محبتن جي هنج ۾ محبوب سان گڏ موت هڪ اعزاز آهي، جنهن کي هوءَ ايفل ٽاورز جي پر واري سرنگهه ۾ ماڻي وئي. هوءَ رڳو مرڪندي ڪانه هئي، هوءَ روئندي به هئي. هوءَ پئرس جي فيشن ڊزائينر گياني ورسامشي جي موت تي سندس زال کان وڌيڪ رُني هئي. هن جي روئڻ جو پهريون انڪشاف تڏهن ٿيو جڏهن برطانيه جي ٻئين نمبر ولي عهد وليم سندس ماءُ جي لڙڪن سان آلا ٽشو پيپر، باٿ روم جي المارين مان ڳولي لڌا هئا ۽ پڇيو هئائين ته "امان! تون روئندي به آهين؟" انهي جملي ۾ سندس پٽ پاران بي اعتباريءَ جهڙو تعجب به آهي ته تجسس به آهي. ڇو ته هو التورپ جي وڏيرڪي گهر ۾ جنمر وٺندڙ اها "چنڊ جي شهزادي" هئي، جنهن جي چپن تي مرڪن ۽ ٽهڪن جا ٽيولپس سدائين ٽڙيل رهندا هئا. ڇو ته هن کي مرڪون ونڊڻيون هيون ۽ محبتون ڪٺيون هيون. هن کي دنيا جي قيدين ۽ مريضن کي محبتون ۽ مرڪون آڇي زندگيءَ جي خار خار رستن کي پيار پيار ڪرڻو هو. هن کي ايڊز ۽ ڪئنسر جهڙن قاتل مرضن ۾ وڪوڙيل خلق جي ڳلن تي گلاب جي پنکڙي جهڙا چپ رکڻا هئا ۽ چمپا جهڙيون چُميون ڏيڻيون هيون، ڇو ته مدر ٽريسا هن جي آئيڊيل هئي ۽ مس ناٿنينگل هن جي منزل هئي. هوءَ ڪپڙا وڪڻي خيرات ڪندي هئي ۽ بوسنيا جي بارودي سرنگهن تي اقوام متحده کان وڌيڪ احتجاج ڪندي هئي. هن ونڊسر ۽ بڪنگهم محلن جي عيش عشرتن کي پٺي ڏئي، انساني دلين جي اصل قصر سلطانيءَ جو رُخ ڪيو هو جنهن جي بادشاهيءَ جي ڪا عمر ڪونهي، پر ڪئي عمريون آهن. هوءَ دنيا جي آخر تائين اها عجيب شهزادي هئي، جنهن جو ڪوبه تخت ڪونه هو جنهن جو ڪوبه تاج ڪونه هو. هو گريٽ برٽين جي تخت ۽ تاج کان بلڪل بي نياز هئي، ڇو ته هوءَ تخت ۽ تختي جي وچ واري سلطنت يعني دلين جي تخت جي تاجدار راڻي هئي. جيڪڏهن گريٽ برٽين دنيا جي سؤ ٽيٽيهه ملڪن تي حڪمراني



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪئي هئي تہ هن دنيا جي سموري گولي تي وسندڙ حسن جي پوڄا ڪندڙ دلين تي راڄ ڪيو هو. چارلس فقط انگلينڊ جو شهزادو هو پر ڊائنا دنيا جي راڻي هئي. چارلس جي حڪمرانيءَ کان ڊائنا جي حڪمراني نهايت ئي وسيع هئي. جنهن جو ثبوت بڪنگهم پيلس جي ٻاهران پيل اهي گل آهن جيڪي انهيءَ تعداد ۾ ڪنهن بادشاهہ لاءِ بہ ڪونہ وڇايا ويا. دودي الفاعد، جيڪو ڊائنا سان گڏ موت جي برفاني واديءَ جو مصري مسافر هو جنهن جو پيءُ محمد الفاعد تمام وڏو واپاري آهي. دوديءَ هالي ووڊ ۾ رهي ڪري "چيريٽس فائر" ۽ "دي اسڪارليٽ ليٽر" جهڙيون فلمون بہ ٺاهيون، جيڪا آمريڪي ناول نگار ڊينيئل هاٿورن جي ناول تي ٺهيل آهي. جنهن ۾ هيسٽر جهڙو بدنصيب ڪردار بہ آهي، جنهن جي ڳڇيءَ ۾ پادري جي عشق ڪري "A" يعني بدڪار عورت (Adultress) جو ڳاڙهو نشان لٽڪندو رهي ٿو. انهيءَ هيسٽر ۽ ڊائنا ۾ ڪيترو فرق هو؟ انهيءَ جو اندازو دودي کي ئي بهتر هوندو. پر اسان وٽ دودي جو مختصر معنيٰ خيز تعارف اهو بہ آهي تہ هو عاشق هو. عشق فقط تعارف ناهي، پر اعزاز بہ آهي تہ سند بہ آهي.

هو ڪئليوپيٽرا جي ديس جو سوداگر هو جيڪو يورپ جي زليخا وٽ فقط مُرڪن جي ديوارن ۾ قيد هو ۽ محبت تي گروي ٿيل هو. هو يوسف وانگر پڳو ڪونہ هو پر هن انٿوني وانگر گوڏا کوڙي ڇڏيا هئا. ڇو تہ هن ڄاتو ٿي تہ حسن کان پڇبو ناهي، پر "سر در قدم يار فدا شد چہ بجا شد" وانگر منصوري مهل ڪبي آهي. هن شايد ڊائنا ۾ ڪئليوپيٽرا کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هو جوليس سيزر تي پيو. شايد هن پاسڪل جا چيل لفظ بہ ٻڌا هجن: "جيڪڏهن ڪئليوپيٽرا جو نڪ ننڍو هجي ها تہ يقيناً دنيا جو چهرو بہ بدليل هجي ها." ڇو تہ پاسڪل جي چوڻ ۾ ڪئليوپيٽرا دنيا جو نڪ هئي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ دودي بہ ڊائنا لاءِ ايئن ئي سوچيو هجي. دودي ڊائنا جي محبت لاءِ ئي سوچيو هو پر محبت جي انجام کي سوچڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي. دوديءَ جهڙا سيٺ ۽ فلمي پروڊيوسر يورپ ۾ خبر ناهي ڪيترا هوندا، پر دودي "دودي" انهيءَ ڪري هو جو هن وٽ ڊائنا هئي. ڊائنا لاءِ دودي ۽ چارلس مان ڪير وڌيڪ اهم هو؟ انهيءَ جو فيصلو دنيا کان اڳ خود موت ڪري ڇڏيو.

اڄ چارلس جي دنيا سوچي سوچي پريشان ٿي رهي آهي. هو ونڊسر محل جي مسافرن لاءِ نٿي سوچي، پر هو محبت جي مسافرن دودي ۽ ڊائنا لاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سوچي ٿي. برف جهڙا ڪپڙا پائي هو پرٽي تہ چارلس سان هئي، پر ڊائنا لاءِ چارلس ۽ چاهہ جي وچ ۾ هڪ تخت هو هڪ تاج هو ۽ هڪ هيوٽ هو تخت ۽ تاج چارلس پنيان هٽا ۽ هيوٽ، ڊائنا پٺيان هو. بلڪل ائين پٺيان هو جيئن چارلس ڪاميلا پٺيان هو پر ڪير ڪنهن جي پٺيان هو ۽ ڪير ڪنهن کي ملڻو هو؟ اهو فيصلو بہ وقت کي ڪرڻو هو ۽ وقت ئي ڪيو. ڊائنا دودي جي هئي، جيڪا دودي کي ئي ملي. دنيا چارلس جي ئي هئي، جيڪا چارلس کي ملي. ڇو تہ چارلس کي بادشاهہ ٿيڻو هو ۽ هن کي ڊائنا کان وڌيڪ دنيا جي تخت جو فڪر هو.

دنيا سوچي رهي آهي. هو سوچي رهي آهي تہ دودي ۽ ڊائنا جي عشق کي ميڊيا فليش ڪيو پر وليم ۽ هيري جي درد کي ڪير فليش ڪندو؟ ڇا ميڊيا ۾ ايترو دم آهي جو هو ڪئميرا جي فوڪس سان هڪ پٽ جو درد فليش ڪري سگهي؟ اهو سوچي چارلس جي دنيا پريشان ٿئي ٿي ۽ اها سوچ ۽ لوچ دنيا کي چارلس کان پري ڪري دودي ۽ ڊائنا جي ويجهو آڻي ٿي.

ڊائنا انهي چنڊ جيان هئي، جيڪو جوانيءَ جي لڙندڙ شام کان اڳ ئي الهي ويو. هوءَ حسن جي پوڄا ڪندي هئي ۽ سدائين حسين ٿي مرڻ کي ترجيح ڏيندي هئي. هوءَ چاهيندي هئي تہ مرڻ وقت بہ چهري جو گل ايئن ئي تازو هجي، جيئن زندگيءَ جي بهارن ۾ هو ۽ سيني ڏٺو تہ ٿيو بہ ايئن. سموري جسم جو برطانوي سلطنت جهڙو پيرو پرزا پرزا ٿي ويو پر چهري جو گلاب ايئن ئي تازو هو. جيئن اڄ بہ بڪنگهم پيلس جي پارڪ جا گلاب تازا آهن. حسين ماڻهو هميشہ نرگسيت جو شڪار رهندا آهن. ڇو تہ حسن کي پنهنجي سلطنت آهي، حسن کي پنهنجي حڪمراني آهي ۽ حسين ماڻهو ئي حسن وارن جا عاشق هوندا آهن. ”خدا انهيءَ ڪري حسن وارن کي پسند تو ڪري، جو هو پاڻ حسين آهي.“ ڊائنا، انهي حسن پرست شاعر ڪيٽس جي ملڪ جي هئي، جنهن حسن کي دائمي خوشي چيو هو:

"A Thing of beauty is a joy for ever".

هن وليم وردس ورٿ جي هاءِ ليڊي گرل جهڙي ڇتيهہ سالن جي سدا مسڪرائيندڙ راڻيءَ جي سترنهن سالن جي جواني. دنيا کي اسٽائيل ڏنا ۽ دنيا انهن اسٽائيلن کي نقل ڪرڻ ۾ فخر ڪرڻ لڳي. هن شوخ ۽ چنچل ڇوڪريءَ جي Tomboy واري اميج، دنيا جي الٽہ ڪيترين ئي عورتن جا وار ڪترائي ڇڏيا. ڊائنا جا پاتل ڪپڙا، سموري دنيا پاتا. ڊائنا جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسڪراهٽ دنيا جي پسنديده مسڪراهٽ ٿي وئي. ڊائنا جي هلڻ جا انداز ڏسي، دنيا پنهنجي چال بدلائي ڇڏي. دنيا ۾ جيترو فيم ۽ ڪريز ڊائنا کي مليو ايترو ڪنهن به مرد يا عورت کي ناهي مليو. تخت ۽ تاج کان بي نياز ۽ بي پرواهه ڇوڪريءَ جا جيترا فوٽو نڪتا، ايترا ڪنهن به ٻئي جا نه نڪتا، حالانڪ ايئن به ڪونه هو دنيا جو به منهن ڏوتل هو دنيا کي به ڪپڙا پاتل هئا. پر شايد ڪئميرائن لاءِ ڊائنا، دنيا هئي. جنهن جي ڇهري جي فوڪس ڪئميرائن پنيان آتين اکين ۾ روشني ٿي آندي ۽ انهيءَ روشنيءَ ۾ خواب هئا. جيڪي شايد ايڊيٽرن جا هئا يا اخباري مالڪن جا هئا. جيڪي اڄ سموريءَ دنيا ۾ ڊائنا جي موت جا ذميوار سمجهيا وڃن ٿا. فرانس جي حڪومت ستن فوٽو گرافرن کي گرفتار به ڪيو آهي، جيڪي "پاپا رازي" شڪارين جي تازي ڪتن کان به تيز ڪئميرائن کان ڊنل ۽ هيسيل هرڻيءَ جهڙي جواني پنيان ڪاهي پيا هئا ۽ نيٽ سندن دلين جهڙي پٿرن واري ٽنيي سان حسن جو ٽڪر ڏسي ٺري پيا ۽ نه فقط ڏسندي ئي ٺري پيا، پر پنهنجي پسند جا فوٽو ڪيڏي انهي فلم کي ڪيسن جي محفوظ مقام تائين پهچائي ٽڏا ساهه پريندا رهيا- ۽ اڄ اهي فوٽو گرافر ئي آهن جيڪي سونهن جي شهزادي کي حياتيءَ ۾ وڪرو ڪندا هئا، پر اڄ انهي جواني جي موت جي قاتل منظر جا فوٽو به ڏهه لک آمريڪي ڊالرن ۾ وڪڻڻ لاءِ نيويارڪ جي گهٽين ۾ واڪا ڏيئي رهيا آهن ۽ نيٽ نه نه ڪندي، ڪيترا ئي حسن پيار ۽ جوانيءَ کي سودو سمجهي ڪاٽيندڙ سوداگر انهيءَ واڪ ۾ پهچندا ۽ ڊائنا جو موت به وڪرو ٿيندو. اهو موت وڪرو ٿيندو جنهن کي هوءَ زندگيءَ جي پيڇي کان نجات جو آخري دروازو سمجهي وڏي هئي.

ڊائنا نه فقط Legendary Beauty (ڏند ڪٿائي سونهن) هئي، پر Legendary Youth (ڏند ڪٿائي جواني) به هئي، جيڪا ايئن ئي اُڏامي وئي، جن لاءِ انگريزي ۾ چيو ويندو آهي ته:

"Whom God loves, die young".

دنيا جي نهايت ئي غير معمولي ماڻهن جو موت طبعي گهٽ، پر حادثاتي وڌيڪ ٿيندو آهي. ڇو ته انهن جو اچڻ، رهڻ ۽ وڃڻ هڪ حادثو به هوندو آهي ته اتفاق به هوندو آهي. جيڪي روز روز نه ايندا آهن، اهي ٻين وانگر نه ويندا آهن. انهن جي اچڻ جا انداز به پنهنجا، جيئڻ جا انداز به



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجا تہ ويجهڙ جا وقت بہ پنهنجا هوندا آهن. اڄ سوچيان ٿو تہ ڊائنا جي ويجهڙ جو ڏک گهڻو ڪنهن کي آهي. چارلس کي؟ جنهن جي هوءَ بدنصيب زال هئي. ڊاڪٽر حسنات کي؟ جنهن جي دوست هئي. جيمس هيوٽ کي؟ جنهن جي محبوبہ هئي. سارا کي؟ جنهن جي ڀيڻ هئي. يا وليم ۽ هيري کي آهي؟ جن جي ماءُ هئي. يا ان جي مرڻ جو ڏک انهن فوٽو گرافرن کي آهي جن جي پراپرٽي هئي يا دنيا کي آهي، جنهن جي هوءَ بي تخت شهزادي هئي. ڪيترن حصن ۾ ۽ ڪهڙين شدتن ۾ ڊائنا جي ويجهڙ جي ڏک کي ورهائي سگهجي ٿو. ڊائنا جي ڏک کي ورهائڻ کان اڳ ولي محمد جي درد کي ڪير ورهائيندو جنهن ڪوهہ ڪاف جي پرين جهڙي شهزادي جا فوٽو پنهنجي زندگيءَ جي ڏينهن سان گڏ نوٽن جيئن سانديا هئا. افسوس اهو بہ آهي تہ ڊائنا ڪونهي.

(اربع، 3 سيپٽمبر- 1997ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



# وساورني

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# لاس ويگاس جا جُوئاري ۽ اسان جا يدشتر

آمريڪا جي رياست نوادا جي ذڪر ۾ هڪ شهر آهي لاس ويگاس، جيڪو دنيا ۾ واندن جي وندر جي گاديءَ جي هنڌ (Entertainment Capital) جو درجو رکڻ سان گڏوگڏ City of gamblers يعني 'جوئارين جو شهر' پڻ آهي. سچ جڏهن آمريڪا جي آسمان تان مائيڪل جيڪسن جي گيت Song of Earth (ڌرتي جو گيت) جي ردم سان ڪيريبيئن سمنڊ جي ساحلن طرف سُرڻ لڳندو آهي ته لاس ويگاس جي ايئرپورٽ تي موجود دنيا جي سيٺين، اسمگلرن ۽ عرب شهزادن جا ذاتي جهاز پسار ڪرڻ لڳندا آهن ۽ پوءِ لاس ويگاس بوليوارڊ تي موجود ڪلبس ۽ ڪيسينوز جي ڪارڊ رومن ۽ بليئرڊس جي ريڊي ميڊ ۽ فيڪٽري فنيڊ ماڻهن جا شراب ۽ بيئر چيئر ٽيندا آهن- ۽ اهي جڏهن ويندا آهن ته سندن کيسا سندن دلين وانگر خالي هوندا آهن ۽ اوڏي مهل تي سگهي ٿو ته انهن ڪيسينوز جي ڪنهن اوپري ڪنڊ ۾ ڪوڪا ڪولا انجواءِ ڪندڙ اسان پاري ماڻهوءَ جي ڦٽن تي انگريزي جي اها چوڻي پها رکڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب وڃي ته:

Gamblers and race – horsed never last long.

(جُوئاري ۽ ڊوڙ جي گهوڙي جي ڪا حياتي ڪونهي.)

رنگ برنگي بتين (Neon Signs) وارو شهر لاس ويگاس جيڪو پهرين عالمي جنگ کان اڳي هڪ معمولي شهر هو تنهن ۾ 1945ع ۾ آمريڪا جي هڪ مشهور شودي عرف گينگسٽر بنجمن (بگسي) پنهنجي داداگيريءَ جي پئسي سان هڪ ڪيسينو کوليو جنهن ۾ هن جوئارين جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دل پشوريءَ لاءِ هر سامان رکيو جيڪو سندن دل وڻان هو. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي لاس ويگاس دنيا جي جوئارين جو اڏو بڻجي ويو ۽ آمريڪا جوئا ۽ جوئارين جي حوالي سان ڪافي نالو ڪڍيو. دنيا ۾ جوئا جي حوالي سان لاس ويگاس تہ هرويرو خوار آهي. سنڌ بہ تہ لاس ويگاس جي هڪ ڪلب آهي، جتي رڳو ڪيسا خالي ڪو نہ ٿا ٿين، پر زندگيون خالي ٿيو وڃن. هتي رڳو نوٽ ئي تاش جي بادشاهن ۽ يڪن جي هٿان نٿا هارائجن، پر هتي تہ پيار ۽ يار بہ تہ داءَ تي آهن. عزت ۽ محبت بہ تہ گولن ۽ راڻين جي ماڻن ۾ مارجيو وڃن. تاش جي تيمورن ۽ نادر شاهن هٿان ڪيترين عورتون پنهنجي عزت ۽ عصمت تان هٿ کڻي ويهن ٿيون.

جوئا وڏيرا بہ ڪن ٿا، سيٺيا بہ ۽ سڌڙيا بہ. جڏهن ايڏي پئماني تي جوئا جاري هجي تہ مسڪين مهاڻا ڀلا ان ڪان ڇو محروم رهن؟ دنگيءَ ۾ ديرا اڏيندڙ مهاڻا لطيف جا محبوب ڪردار رهيا آهن. جن جي جوانيءَ جا قصا پڙهڻ جا شوقين ماڻهو ڪاموڏ، سريرا ڳ، ساموندي ۽ گهاتو پڙهڻ ڪان پوءِ ارنيسٽ هيمنگوي جو Old man and the sea پڙهن ۽ پاڻيءَ تي پساروں ڪندڙ دنيا جي الميٰ جو اندازو لڳائين. پاڻي ۽ واريءَ، ٻنهي تي گيت ڳائيندڙ مهاڻن کي لطيف لڏڻ سان ڀيٽي ٿو جن جو داڻو پاڻيءَ تي بہ آهي تہ ڌرتي بہ آهي يعني باڻلاجي واري حوالي سان اهي ثقافتي Amphibians آهن. هي جاندارن جو اهو قسم آهي جيڪو هڪ ئي وقت پاڻي توڙي خشڪي ٻنهي تي گذارو ڪري سگهي ٿو. دنيا جي سموري ادب ۾ مهاڻن کي جيترو لطيف ڳايو آهي، ايترو شايد ئي ڪنهن ڳايو هجي.

صوفين جي چادر جهڙي چئي ويندڙ سنڌ جي وستين ۾ عورت سان ٿيندڙ انياءَ جي ڪهاڻيءَ جو هڪڙو حصو ان جوئا خاني سان وابستہ آهي، جيڪو لاس ويگاس ۽ سئن فرانسسڪو ڪان منفرد آهي. سنڌ جو جوئا خانو انهن سيني ڪان ان ڪري مختلف آهي جو انهن ڪلبن ۾ پئسا هارايا ويندا هوندا، واچون هارائبيون هونديون، سونيون منڊيون ۽ لاڪيٽ ويندا هوندا، پر پيار يقينن ڪو بہ نہ هارائيندو هوندو. مرد جي ماءُ چئي ويندڙ حوا حوس جي هلاڪو اڳيان ڪو نہ هارائيندي هوندي. اسان جو اوپن ايئر جوئا خانو لاس ويگاس جي ٻين اڏن ڪان مختلف اڏو انهيءَ ڪري آهي، جو هتي جوئا زندگيءَ جي هر اينگل ڪان کيڏي وڃي ٿي. ڪرڪيٽ جي اوور تي سٽي بازي ٽئي تي ۽ ڊڳن جي ميل ڪان وٺي ڪڪڙن جي ويڙهہ تائين هر مقابلي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ داءِ لڳن ٿا. هر شيءِ کٽي وڃي ٿي ۽ هر اها شيءِ هارائي وڃي ٿي جيڪا کجهه به کٽڻ جي صلاحيت رکي ٿي. محبت، عزت، غيرت ۽ عورت هتي جا محبوب داءُ آهن. جيڪي ڪو به سٺو جوئاري دولت ۽ سياست جي سلاٽ مشين (جوئا لاءِ استعمال ٿيندڙ) تي آسانيءَ سان کٽي سگهي ٿو ته آسانيءَ سان هارائي به سگهي ٿو. هتي کٽڻ واري کي بي انتها خوشي ٿئي ٿي ۽ هارائڻ واري کي خاص ڏک به ڪو نه ٿو ٿئي. ڇو ته هي پيار جي جوئا ناهي، پاپ جي جوئا آهي جنهن ۾ جيت جبلت وانگر اندر ۾ جيئري رهي ٿي. جيڪي پئسن جي جوئا ۾ کٽي اچن ٿا، اهي پيار اڳيان هارائجيو وڃن.

انگريزيءَ جي هڪ چوڻي آهي:

Lucky at Cards unlucky in love.

(جوئا ۾ خوش قسمت، پر پيار ۾ بدقسمت.)

پيار جي جوئا ۾ جيت غم جا دروازا کوليندي آهي ۽ انهي جوئا ۾ هار ئي جيت جي خوشي بڻجي ٿي. پر هتي ته پاپ جي جوئا آهي، پئسي جي جوئا آهي، سياست جي جوئا آهي، حوس ۽ انا جي جوئا آهي، جنهن اڳيان پيار پنهنجا داءُ وساري ڇڏي ٿو ۽ اياز جو اهو شعر سدائين پنهنجي معنيٰ جي تلاش ۾ وڃائجيو وڃي:

ڇاٽي واٽي هن جيون جي جوئا ۾ مان،
هارائيندو آيو آهيان،
جيئڻ تون جيتين،
تڙي پون هر بار خوشيءَ ۾ تنهنجا ڳاڙها ڳل
تنهنجي لاءِ مٺل،
ڇاٽي واٽي هارائيندو آيو آهيان.

جوئا دراصل هڪڙي جبلت جو نالو آهي، جيڪا ماڻهوءَ ۾ جيت جي صورت ۾ جوان رهي ٿي. جوئاري جي من ۾ سدائين جيت جي ڇُوس هوندي آهي، جيڪا هار ۽ هارائيندڙ شيءِ جي اهميت ۽ احساس کي ماري ڇڏي ٿي. جوئا جي تاريخ ايتري پراڻي آهي جيتري جيت جي خواهش جي تاريخ آهي. ماڻهوءَ ۾ جيت جو احساس ماڻهوءَ جي فطرت ڏانهن ڏسڻ سان ئي شروع ٿيو. مافوق الفطرت شين جي طرفان مليل نفعا ۽ نقصان قسمت جي کاتي ۾ ڳڻجڻ شروع ٿيا ۽ فطرت جي نگهوساري ۽ اوچن مذاقن ماڻهوءَ کي جوئاري



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو ۽ هن جانورن جي ويڙه ۽ ڊوڙ کان وٺي راندين تائين پنهنجا داءُ لڳائڻ شروع ڪيا ۽ اهي داءُ لڳائيندي لڳائيندي هو راجا نل تي پيو.

راجا نل پنهنجي هڪ درٻاريءَ کي جوئا کيڏڻ لاءِ چيو هو. ان زماني ۾ جوئا چوپڙ راند تي ڪٽي ويندي هئي. پراڻن زمانن ۾ راجائن جي اها راند اڄڪلهه ريلوي پليٽ فارمن تي فقير کيڏندا آهن. راجا نل جي درٻاري راجا سان جوئا کيڏڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. پر راجا جڏهن ضد تي لهي آيو ته وٽس چوپڙ راند ۾ ڇڪي طور ڪم ايندڙ هڏو موجود ڪونهي. راجا نل ترار ڪٽي پنهنجي جنگهه تي هنئي ۽ ران وارو هڏو ڪپي ڪيس اڇلي ڏنائين ۽ چيائين ته هنگامي بنيادن تي چڪر تيار ڪرائي، راند جو بندوبست ڪيو وڃي. درٻاري راجا سان راند ڪرڻ کان هرويرو گريز ڪو نه پئي ڪيو پر ان جا سبب ان وقت واضح ٿيا جڏهن راجا جوئا ۾ پنهنجي بادشاهت، سڄو ملڪ ۽ سموري جاگير هارائي ويهي رهيو ۽ پڇاڙيءَ جو دل برداشته ٿي، هن ساڳي ترار سان خودڪشي ڪري ڇڏي. هندو ڌرم ۾ لڪشمي جو تهوار ڏياري کان هڪ ڏينهن اڳ اچي ٿو ۽ دراصل لڪشمي يا دولت جي پوڄا لاءِ سموريون گنجائشون راجا نل جي جوئا کان پوءِ شروع ٿيون. ڏياري واري رات اها ئي رات هئي، جنهن ۾ درٻاري راجا نل کي شڪست ڏني هئي، تنهن ڪري ان رات کي سياڳ جي رات سمجهي تقريبن هر ماڻهو جوئا ۾ پنهنجي قسمت آزمائيندو آهي. اها ٻي ڳالهه ته ڏياري جو لڪشمي واري ان تهوار سان ڪو به واسطو ڪونهي ۽ ڏياري ته دراصل رام جي بنواس مان ايوڌيا واپسيءَ جي خوشيءَ جو تهوار آهي. هندو ڌرم ۾ قبل از تاريخ زمانن ۾ مهاڀارت جو ڏس ملي ٿو جنهن جو پڻ ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان جوئا سان تعلق هو. ڪورو ۽ پانڊو پاڻ ۾ سؤٽ هئا. پانڊو پاڻ ۾ پنج ڀاءُ هئا. جڏهن ته ڪورو وارا سندن سؤٽ هئا ۽ پاڻ سؤ ڄڻا هئا. منجهن بادشاهيءَ تي تڪرار هلندڙ هئا. پر پوءِ به اهي پاڻ ۾ گڏ ويهندا هئا. ان زماني ۾ به جوئا عام جام هئي. تنهن ڪري پانڊو ڀائرن مان يدشٽر ۽ ڪورو سؤٽن مان دريوڌن پاڻ ۾ جوئا ڪرڻ ويٺا. جيڪا پڻ چؤپڙ راند تي ڪٽي وئي. يدشٽر جڏهن پنهنجا ڳوٺ ۽ پنج جاگيرون جوئا ۾ هارايون ۽ داءُ تي لڳائڻ لاءِ وٽس ڪجهه به نه بچيو ته هن دروپدي کي داءُ تي لڳايو جيڪا سندس زال هئي. دروپدي کي هو جڏهن ڪنوار ڪري پاڻ سان گڏ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

وٺي آيو هو تہ گھر ۾ سندس ماءُ پٺيري ويٺل هئي. يدشٽر کيس چيو "امان، ڏس تہ مون ڇا آندو آهي!" سندس ماءُ پٺ ورائي بہ ڪونہ ڏٺو ۽ کيس جواب ڏنو تہ "جيڪو ڪجھ بہ آندو اٿئي سو پنهنجي ڀائرن ۾ ضرور ورهائجان." ماءُ جو چيو حڪم بلڪ 'ڊارمڪ وچن' ٿي پيو ۽ ائين يدشٽر جي زال دروپدي هڪ ئي وقت پنجن ئي پانڊو ڀائرن جي زال ٿي پئي. خوشونت سنگھ پنهنجي ناول "دهلي" ۾ ڄاڻايو آهي تہ هندستان جي ڏورِي تي آيل برطانيا جي راڻي جي هڪ سؤ شهزاديءَ کي جڏهن اهو ٻڌايو ويو تہ دروپدي نالي تاريخ ۾ هڪ عورت اهڙي بہ گذري آهي جنهن جا هڪ ئي وقت پنج مڙس هئا تہ ان بادشاهي خاندان جي مائيءَ جون واڇون ٽڙي پيون ۽ کيس دروپدي ۾ ايترو تہ دلچسپي پيدا ٿي پئي جو هن نہ رڳو سمورو قصو ٻڌو پر سعيو ڪري هو اهي پنج ئي جاگيرون بہ گھمڻ وئي. جيڪي يدشٽر ساڳي جوئا ۾ هارايون هيون. امرتا پريتم هڪ هنڌ اها ڳالھ لکي آهي تہ "صديون گذري ويون آهن. پر اهو سوال هندستان جي آسمان ۾ لڙڪيو پيو آهي تہ سڀ ڪجھ هارائيندڙ يدشٽر آخر ۾ دروپدي کي داءُ تي ڇو لڳايو هو؟" پر هاڻي اهي ڳالهيون ٻڌجن پيون تہ دروپدي اها آخري عورت ڪا نہ هئي جنهن کي جوئا ۾ داءُ تي لڳايو ويو هو اسان وٽ يدشٽر جهڙا ڪي اهڙا بہ جوان وينا آهن، جن يدشٽر جو رڪارڊ ٽوڙيندي، هڪ بدران چار چار عورتون داءُ تي لڳايون هونديون. انهن عورتن جي هارايل جوانيءَ کي ڪير جواب ڏيندو؟

اسان وٽ ٿيندڙ جوئا جا هڪ کان وڌيڪ قسم آهن. محبت کي نہ سمجھڻ، نہ قبولڻ جي جوئا، سچ کان انڪار ڪرڻ جي جوئا، ڪوڙ ڳالهائڻ جي جوئا، عورت کي عزت نہ ڏيڻ واري جوئا، سياست کي دڪانداري ڪرڻ واري جوئا ۽ ٻيون ڪيترين ئي جوئائون. جوئا رڳو ڪاميابي جو نالو هرگز ڪونهي، ناڪامي جو بہ نالو آهي. جوئا رسڪ بہ آهي جيڪو اڄ اسان زندگيءَ جي هر اينگل ۾ کٽي رهيا آهيون. ڪير ڄاڻي تہ وقت سياڻي اسان جي انهن ڪرتوتن جا ڪهڙا نتيجا ڪٽي ايندو جو اسان جي سياست جي لاس ويگاس ۾ اسان جا يدشٽر اڳواڻ سنڌ کي بہ دروپدي جيان داءُ تي لڳايو وينا آهن. گذريل ڏياريءَ تي سڄي سنڌ ۾ جوئا جاري رهي آهي، پر سنڌ جيڪڏهن لاس ويگاس نہ بہ هجي، تہ بہ اسان جا رويا اهو ٻڌائين ٿا تہ اسين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌ کي لاس ويگاس جي ڪلب نہ سمجھندي بہ جڳ کي جوئا خانو سمجھي ويھي رھنداسين ۽ پاڻ کي هارايل جوئاري وانگر شرمسار محسوس ڪنداسين۔ ۽ پوءِ بخشڻ مهراڻويءَ جون اهي سٽون اسان لاءِ ٽائٽل تجويز ڪنديون تہ:

جڳ لڳي تو جوئا خانو
آئون هارايل جوئاري وانگر.

جوئاري مرزا غالب بہ هو. جيڪو جوئا ڪندي پڪڙيو ويو ۽ جيل جو چڪر بہ ڪاٽي آيو. پر اسان مرزا غالب جهڙا جوئاري ناهيون. هو جوئا ڪندو هو ۽ سچ ڳالهائيندو هو. اسان جوئا ڪندا آهيون ۽ ڪوڙ ڳالهائيندا آهيون. ڪوڙ ڳالهائڻ پنهنجي هجڻ جي حقيقت کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ پنهنجي مستقبل کي داءَ تي لڳائڻ جي برابر آهي. ٿورڙو وقت ڪڍي، جاچ ڪريو تہ اسان جيڪا جوئا ڪري رهيا آهيون، تنهن ۾ ڇا ڇا داءَ تي لڳل آهي؟

(خميس، 6 نومبر۔ 1997ع)



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# نندي ڪند جو سنگيت ۽ سنڌ جو گهايل روح!

موسيقي لاءِ مولانا آزاد چوندو هو تہ مون لاءِ عبادت کان پوءِ جيڪڏهن ڪو سڪون جو رستو آهي، تہ موسيقي آهي. موسيقي آتمائن جو آواز آهي جنهن جي ردم تي روح جو روڳي پکيئڙو پولارن جو پنڌ ڪري ٿو. جنهن لاءِ ڪنفيوشس چوندو هو تہ موسيقي پڳوان جي ڀاشا آهي. انهيءَ ڀاشا جي ابتدا ڪڏهن ٿي، انهيءَ لاءِ مذهب ۽ ماڻهو مختلف رايا رکندا آيا آهن. ڪي چون ٿا تہ موسيقي حضرت دائود عليہ السلام کي معجزي طور مليِ، پر ڪن جو خيال آهي تہ انهيءَ جو مؤجد حضرت سليمان عليہ السلام هو جنهن کان اهو فرض حڪيم فيثا غوث کي مليو جنهن انهيءَ کي عام ڪيو. هندو مذهب جو ايمان آهي تہ برهما جيڪو پنهنجي خيال مان پاڻ پيدا ٿيو جنهن مان رشين جنم ورتو پوءِ رشين چئن بازوئن واري ديوي سرسوتيءَ کي ڪنول جي گل مان پيدا ڪيو. جنهن جي هڪ هٿ ۾ بانسري، ڪرتال ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪتاب آهي، ۽ سرسوتي پوءِ اهو فن ناردمني کي عطا ڪيو. ناردمني اپسرائن کي ڏنو ۽ اهي اپسرائون ئي راڳ راڳڻيون آهن. يوناني ديومالا چوي ٿي تہ اپالو ديوتا جي سدوري ڌيءَ "ميوز" سر ۽ سنگيت جي ديوي آهي، جنهن مان پوءِ لفظ Music ٿيو.

اهي مذهبي عقيدا ۽ ڏند ڪٿائون پنهنجيءَ جاءِ تي، پر آئون سمجهان ٿو تہ موسيقيءَ جو جنم انسان کان بہ اڳي ٿيو آهي. جيڪڏهن ماڻهو مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي تہ آئون چوان ٿو تہ موسيقي ان جي رڳن ۾ هوا جي هوڏ سان داخل ٿي، جنهن کي توهان ساهہ چئو ٿا. پر آئون اڃا بہ اهو چوان ٿو تہ هن جي پرڪرتي جي پاند ۾ موسيقي تڏهن کان موجود آهي، جڏهن کان هوا ۽ پاڻيءَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو لئہ ۽ ردمر آهي. موسيقي ماڻهوءَ کي تہ ڇا پر جانورن جي جيءَ کي بہ جهنيو وٺي. توريت ۾ ڇاٽايل آهي تہ حضرت دائود جي نغمہ سرائي پکين کي بہ پريشان ڪري ڇڏيندي هئي. قديم هندستان ۾ راڳ جي ذريعي شڪار ڪيو ويندو هو. بين کي ڇڏيو بيجل ڏسو ڪيئن نہ هن پنهنجي قاتل سرن جي ڪلا سان گرنار جي گل ڇنڻ کان اڳ ڪيترن هنيلن هرڻن جون سريون ورتيون هيون. اهو ڪلا جو ڪمال هو سُر جي صدا هئي، جنهن صدين کان ماڻهوءَ جي من کي تندن سان تڙپايو آهي.

هونئن تہ سموري دنيا انهيءَ ناتر جي نخرن جي نهوڙيل آهي، پر نٺيو ڪنڌ انهيءَ نينهن جي نپٽ نانگ جي ڏنگ جو ڪجهہ وڌيڪ ئي ڏنگيل آهي، جنهن دنيا جي قديم تهذيبن جي ڪلا کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ انهن تي پنهنجي موسيقي جا اڻمٽ اثر ڇڏيا. وچ ايشيا کان جڏهن آريا پهاڙي پيچرن تان پساروں ڪندا، سنڌوءَ جي ساحلن تي پهتا تہ انهن کي هتان جي ڪول ۽ سنٿال جي دروازي قومن پنهنجي سرن ۽ نرت ڪلائن سان موهي وڌو. آريا ڪلا جي حوالي سان ڪورا ڇٽ هئا. انهن کي موهن جي دڙي جي ماڻهن پنهنجي راڳ سان ريجهايو ۽ انهن ويد تخليق ڪيا. دراوڙ لوڪ لئہ ۽ تال ۾ نيل ۽ دجلہ جي ڪنارن تي وسندڙ قومن سان ڪلهو ملائي بيٺا هئا ۽ موهن جي دڙي جي نچڻي "سمبارا" جي گهنگهروئن جي جهنڪار سمورين تهذيبن تي غالب هئي. اڄ جا بلاولي، آساوري، ڏناسري، ٽوڙي، جهجهونٽي ۽ ڪاموڏ راڳ تہ اصل دروازي راڳ آهن. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن دراوڙ لوڪ جي موسيقي آرين کي ايترو متاثر نہ ڪري ها تہ هو شايد اهڙا شاندار ويد تخليق ڪري نہ سگهن ها. انهن ويدڪ گيتن جو ردمر ۽ لئي دراوڙي دم سان آهي. ان ڪانپوءِ سنڌ جي سموري تاريخ ڪلا کان ڪوري ناهي. راءِ گهراڻي ۽ سمن سومرن ۾ موسيقي جي اها ئي موج هئي. پنجين صدي عيسوي ڌاري ايران جي ساساني حڪمران بهرام تہ سنڌ مان ٻارنهن هزار راڳي اسمگل ڪرائي ايران آندا هئا، جتان پوءِ اهي گهمندا ڦرندا اسپين مان وڃي نڪتا. ديبل ۽ مڪران جا موسيقار جڏهن اسپين پهتا تہ قرطبہ جي گهٽين ۾ انهن جا گيت گونجڻ لڳا. اڄ بہ چون ٿا تہ اسپين جي لوڪ موسيقي ۾ سنگديلا، سولياري ۽ فندگو سنڌي پيروي جي شڪل آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هندستان جي موسيقي جيڪا مسلمانن جي آمد کان اڳ "ذريد" تي هئي، تنهن کي سلطان حسين مشرقي ۽ امير خسرو "خيال" جو رنگ ڏئي ان ۾ ڪلاسيڪي راڳ کي شامل ڪيو. سلطان مشرقي سترهن راڳ ايجاد ڪيا، ۽ امير خسرو جنهن جي زندگي جا ليونارڊو ڊاونچي وانگر الئه ڪيترا رنگ هئا، تنهن پندرهن نون راڳن کي ايجاد ڪرڻ سان گڏ قوالي، ستار ۽ طبلي کي جنم ڏنو. انهن ٻنهي صاحبن جي ذڪر سان گڏ عادل شاهه سوري نٿو وساري سگهجي، جنهن جي دارالحڪومت گواليار جي مٽيءَ الئه ڪيترن گوين کي زندگي ڏني. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته سندس شاگرديءَ ۾ تان سين، نانڪ بخشو ۽ باز بهادر جهڙا ڪلاڪار رهيا. امير خسرو جي اثر ڪري ڪيقباد، جلال الدين خلجي، علاءُ الدين خلجي، قطب الدين پارڪ شاهه ۽ عنايت الدين تغلق به آلاپ جا اسير هئا. فيروز شاهه تغلق ۽ سڪندر لوڏيءَ جا محل به سڄو ڏينهن سرن جي سحر ۾ رهندا هئا. سڪندر لوڏي لاءِ مشهور آهي ته هو شهنائي وڏي شوق سان ٻڌندو هو. رات جي وقت سندس محل ۾ شهنائي نواز مالڪوس، ڪلياڻ، ڪانڙو ۽ حسيني راڳ پيا وڄائيندا هئا ۽ لوڏي پيو لڏندو هو. مغل بادشاهه ته هونئن ئي راڳ ۽ رقص جا دلداده هئا. بابر، همايون، اڪبر، جهانگير، شاهجهان، محمد شاهه رنگيلو ۽ بهادر شاهه ظفر مان ڪهڙو هو جيڪو طبلي جي ٿاپ ۽ گهنگهروئن جي ڇم ڇم تي نه جهوميو هجي. شاهجهان جيڪو خود هڪ زبردست راڳي هو. اڪبر ڳائيندو هو. محمد شاهه رنگيلي جا رنگ ڪنهن کان پوشيده آهن! اڪبر جي دربار ننڍي کنڊ کي جيڪو ثقافتي رنگ ڏنو انهيءَ جي تاريخ گواهه آهي. مان سنگهه، ڪوي گنگ، رحيم يار خان خانان، ابوالفضل ۽ فيضي، بيربل، ملا مبارڪ ۽ تان سين اڪبر جي نو رتن جا رنگ هئا. جهانگير جي ولادت وقت اڪبر تان سين کي راڳ درباري جي جڏهن فرمائش ڪئي ته هن اهو گيت ڳاتو جيڪو اڄ توهان ٽينا ثاني کان ٻڌندا هوندا:

ڪيلن ڪو مانگي چاند
هاءِ انوکا لاڏلا . . .

اها نمري ٻڌڻ کانپوءِ اڪبر جڏهن ملا مبارڪ کان رايو ورتو ته هن تان سين جهڙي ڳائڪ لاءِ فقط ايترو چيو ته "هان! بس گا ليتا هي". اها هئي انهي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

وقت ۾ راڳ جي سمجهه جي ليول. اڪبر جي قدرشناسي ۽ خوش ذوقي جيترو نديي ڪنڊ ۾ راڳ کي اوچو مقام ڏنو ايترو ڪنهن ڏنو؟

سلطنت دهلي جي حڪمرانن ڪانسواءِ هندستان جي نوابن، امرائن ۽ راجائن موسيقيءَ کي جيڪو مان ڏنو انهيءَ جا منڪر پاڻ تي نتا سگهون. گواليار آگره، بنگال، مالوه، جوڌپور، گجرات، راجپوتانه، دکن، لکنئو ۽ پنجاب جي راجائن ۽ نوابن جي حرم سرائن ۾ ستارن جي سرن ۽ طبلي جي ٿاپ سنگيت کي سدا جوان رکندي آئي آهي. سنگيت جي هن سڄي سفر ۾ پاڻ دهليءَ جي سلطانن جي مدح سرائي ڪرڻ کانپوءِ صوفين کي ڪيئن نظرانداز ڪري سگهنداسين، جن جي درگاهن، خانقاهن ۽ روضن تي راڳ روح ازل جيان رمندو رهيو آهي. تصوف راڳ ۽ رقص جو ملوڪ مسلڪ رهيو آهي. سهروردي، چشتي، قادري ۽ قلندري سلسله طريقت جا بزرگ راڳ ۽ رقص مان سدائين معرفت جا موتي ماڻيندا رهيا آهن. سهروردين ته سماع کي عبادت جو اهم جز سمجهيو آهي. جنهن جي شروعات حضرت بهاءُ الدين ذڪريا ڪئي ۽ مشهور آهي ته جنهن ڏناسري ۽ مالسري کي ملائي ”ملتاني ڏناسري“ کي تخليق ڪيو. سرور نوح انهيءَ کي نوان رخ ڏنا. چشتيه سلسلي جا سيئي بزرگ سنگيت جا سڀ کان وڏا شائق هئا، جن جي درگاهن تي اڄ به امير خسرو واري قوالي ڳائي ويندي آهي.

هونئن به سنگيت ۽ صوفي ازم سنڌ جو مزاج ۽ روح آهن. سنڌي موسيقي جيڪا هندستاني ڪلاسيڪي موسيقي ۽ صوفين جي سماع جو حسين سنگم آهي. ڪلاسيڪي موسيقي جنهن کي صوفين سمجهيو ۽ پنهنجي رنگ ۾ رڱي گيڙو گس ڏنو تنهن کي سنڌ ۾ فروغ وٺائڻ ۾ هتان جي حڪمرانن ۽ نوابن جو به وڏو هٿ رهيو آهي. ترخان، ارغون، ڪلهوڙا ۽ مير انهيءَ شوق سان پنهنجون محفلون سجائيندا رهيا. اسين اهو به سمجهون ٿا ته سنگيت رڳو بادشاهن ۽ امرائن جي اندر جي تسڪين نه پر هر حال جي حبدارن جي من جي طلب آهي. امير توڙي غريب انهيءَ غوراب جي سفر جا شائق آهن. پر جيئن ته هي اميراڻو خفت هجڻ ڪري غريب جي جهوپڙي کان پريرو رهندو پئي آيو. جيڪي به گويا ۽ گائڪ هئا، گهڻو ڪري درباري هئا ۽ مسڪين جي محفل کان مهانگا هئا. پر اها ڳالهه يقين سان چئجي ٿي ته سنڌ ۾ ڪلاسيڪي موسيقي کان هٽي ڪري، عام ۽ مروج ٻوليءَ ۾ شاعري ۽ ڏنون غريب غربي. تائين پهچائڻ ۾ صوفي فقيرن جو وڏو ڪردار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. اهو "الو ميان" جو الستي آواز ڪافين، واين ۽ ڏوهيڙن جو روپ ڌاري ۽ ڏنارن پنوهارن جي چپن تي چنگ ۽ بانسري جي سرن ۾ وڄندو ۽ نچندو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ اڄ اسان جي نج سنڌي سنگيت ڪي پنهنجو هڪ منفرد مقام آهي. تمر فقير کان علڻ فقير تائين، ڪنور ڀڳت کان موهن ڀڳت تائين، جيوڻي ٻائي کان مائي ڀاڳيءَ تائين، استاد منظور علي خان کان شفيع فقير تائين لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ عارفاڻي رنگ جي هڪ پرڪشش مالا آهي، جنهن ۾ ڪيترا ئي ڪفر شڪن ڪلام پوئيل آهن. جن جي مهڪ اڄ بہ سنڌ جي خمير ۾ ماڪ ۾ وهنتل گلابن کان وڌيڪ تازي آهي، پر نفرت جا سوداگر هتي بہ هوڪا هڻندا رهيا ۽ ساڙي رک ڪيائون. رک جي ريلوي اسٽيشن تي سنڌي سنگيت تي جيڪو حملو ڪيو ويو انهيءَ جا زخم سنڌ جي بدن تي اڄ بہ تازا آهن. هو ڀڳتي گائڪ هو مٿي تي زعفراني رنگ جي واڻ ڌاڻ واري چيروبل پڳڙي، ڪن ۾ ڪنڊل، بت تي سفيد رنگ جو بي داغ ڪڙتو جرڙي جي ڌوتي ۽ پيرن ۾ گهنگهرو ۽ چپن تي ڪائنات ڪي جاڳائڻ جي صدا:

رام سمر پرڀات مير من — رام سمر
ها رام سمر — اي رام سمر.

"نالي الک جي هيڙو تار منهنجو" جهڙا گيت ڳائيندڙ وڻجاري ڪانسواءِ ويهين صديءَ جي سنڌ ڪي ٻيا بہ ڪيترا ئي ڪلاڪار مليا، جن ۾ ماسٽر چندر، سونو خان بلوچ، الله ڏنو نوناري، استاد جمالو خان، استاد ٻيبو خان، استاد منظور علي خان، استاد محمد جمن، محمد يوسف، ۽ عابده پروين کان سواءِ هڪ طويل لسٽ آهي. انهن ڪلاڪارن جي پذيرائي بلاشبہ هتان جا سرندي وارا صاحب ۽ قدردان ڪندا آيا آهن، جيڪي خود راڳ جا پارکو ۽ ڳائڻ وديا جا شاگرد هئا. انهن ۾ سيٺ روشن داس، مير بقادار شاهہ ۽ پير محمد زمان شاهہ مٽيارين وارا، مخدوم غلام محمد ۽ سندس فرزند طالب المولي، پير خدا ڏنو شاهہ نصرپور وارو پير غلام رسول شاهہ پيهڻ وارو نواب چام ڪانيو خان، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، خان صاحب عثمان مري ۽ خان صاحب عبدالڪريم ٻلي جهڙن صاحب ذوق قدردانن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا ئي آهن جيڪي منهنجي حافظي کان بچيو ٽا وڃن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن سموري طويل ۽ شاندار سفر ۾ سنڌي سنگيت پنهنجي حرمت، حيات ۽ پوترتا جو دامن پنهنجي هٿان هرگز ناهي ڇڏيو. چاهي ڪهڙا به دؤر هجن، راڳ ڪهڙا به روپ اختيار ڪيا هجن، پر وري به سنڌ جو روح انهن ۾ پنهنجي مڪمل شگفتگي ۽ تازگي سان مهڪندڙ رهيو آهي. توهان مون سان هنن صفحن جي سيني تي جيڪو سنگيت جو سفر طئي ڪيو آهي ۽ انهيءَ سموري داستان عشق کان پوءِ جڏهن هاڻوڪي دور تي پهچو ٿا ته ڇا ٿا محسوس ڪريو؟

اڄ جي ڪيسٽي ڪلچر جي شاعري ۽ سنگيت کي توهان ڪهڙو ٿا نالو ڏيو؟ اڄ جي ڪيسٽ ڪلچر جي حمايت / مخالفت ۾ ڏيندڙ دليل بازيءَ تي اطمينان جو اظهار ڪريو ٿا يا ڪچان ته ڪافر، وانگر چپ آهيو؟ ڪجھ ڏينهن اڳ ڪيسٽ ڪلچر جي حمايت ۾ ڇپجندڙ منهنجي دوست انعام شيخ جي ڪالم سان گهڻي قدر سهمت ٿيندي به نٿو ٿيان. انهي جو شايد هڪڙو سبب اهو به آهي ته تاريخ جو شاگرد هئڻ ناتي سنڌي سنگيت ۽ موسيقيءَ جي شاندار ماضيءَ جو امين آهيان. ان جي ”اروهين ۽ امروهين“ جو اسير آهيان. انهيءَ ڪري آئون سمجهان ٿو ته اڄ جيڪو ڪجھ به سنگيت جي نالي ۾ نرم جلال، گرم جلال، ٿڌي فوزيه، گرم فوزيه ڪري رهيا آهن، اهو اسان جي سنگيت جي سچاٽپ ناهي. انعام جي انهن دليلن سان ڪنهن قدر متفق ٿيندي ته سنڌين کي روزگار مليو آهي، اردو ۽ پنجابي ڪلامن مان ڇوٽڪارو نصيب ٿيو آهي، سنڌي ٻولي وڌي ۽ ويجهي رهي آهي، ڪيسٽن ۾ جيڪو ڪجھ ڪلامن جي صورت ۾ اچي ٿو اهو سماج جو عڪس آهي وغيره وغيره. پر آءٌ سمجهان ٿو ته واهيات ۽ غير معياري شاعري ڳائڻ سان جيڪڏهن روزگار مليو آهي ۽ انهيءَ تي اسان اطمينان جو اظهار ڪريون ٿا ته پوءِ روزگار جا ٻيا به ڪيترا ئي ذريعا ٿي سگهن ٿا. جيڪي اخلاقي معيارن جي مدفن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. منهنجي خيال ۾ اڄ اسان انهن ڳالهين کي شايد انهيءَ ڪري به جسٽيفاءِ ڪرڻ لڳا آهيون جو مغربي ميڊيا جهڙي نموني سان هندستان جي ثقافت ۽ ڪلچر جي ڪل لاٿي آهي، انهي عمل جو حساب انڊين سيٽلائيٽ چينل ان کان وٺي رهيا آهن. ٽين دنيا جي ملڪن سان جهڙي جٽ مغرب آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙا ادارا ناهي، ملڪ مقروض ڪري، نظرياتي ۽ انقلابي تحريڪن ۽ آدرشن سان ڪئي آهي، انهيءَ سلسلي جي هڪڙي ڪڙي اها



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

به آهي ته انهن پنهنجي ٽنل قتل ثقافتي قدرن جي يلغار اسان جهڙن سماجن پويان بچي چڏي آهي. جيڪي نظرياتي، سياسي ۽ معاشي طرح تباهه ٿيڻ کان پوءِ اخلاقي ۽ ثقافتي زوال طرف وڌي رهيا آهيون ۽ سمجهي رهيا آهيون ته اسان ماڊرن ٿي رهيا آهيون، فيشن ايبل ٿي رهيا آهيون. آئون سمجهان ٿو ته فيشن پنهنجي ڪلچر ۽ تهذيب ۾ جدت آڻڻ جو نالو آهي، نه ڪي ڌارئي ڪلچر کي ايڊاپٽ ڪرڻ جو. اڄ جيڪڏهن انعام هالي ووڊ ۽ بالي ووڊ جي فلمن جي نقل ۽ Piracy جا مثال ڏئي، سنڌ جي نقلي شاعري ۽ گانن کي جسٽيفاءِ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اها ڪا Justification ڪونهي، ته ٻيو ڪو نقل ڪري ته اسان به Cheat ڪريون. نقل لاءِ ڪا به جسٽيفڪيشن ڪانهي، آءٌ مڃان ٿو ته سنڌ ۾ قدردان نه رهيا آهن، راڳ مري رهيو آهي، ماڻهن معياري ڪيسٽون وٺڻ ڇڏي ڏنيون آهن، پر انهي جو مقصد اهو قطعي ڪونهي ته اسان پنهنجي ثقافتي مورچي کي هٿيار ڦٽا ڪري خالي ڪري ڇڏيون. هزارن سالن جي تهذيب، تاريخ ۽ سنگيت کي پنهنجي هٿن سان مهٽي ماري ڊسٽ بن ۾ اڇلائي ڇڏيون. عوامي شاعري هجڻ گهرجي، عوامي ڏنون ضروري آهن. ماڻهن جي مزاج ۽ سمجهه جي ليول پٽاندڙ شاعري هجي، پر واهيات گيري نه هجي، اهڙا ڪلام نه هجن:

منهنجو يار ويٺو آ ڪار ۾
چڙهي شيدي ويٺو آ خار ۾.

يا

ماستر يار اڄ منهنجو ڪو نه ايندئي اسڪول،
نازڪ هٿڙن تي جنهن کي روز هٽين ٿو رول.

اها هڪ ننڍڙي جهلڪ آهي اڄوڪي ڪيسٽي شاعريءَ جي، جيڪا مون وات ويندي ٻڌي آهي. اها ڳالهه انعام به سمجهي ٿو ته هيءَ ڪا سول سوسائٽي ڪونهي، جيڪا پورنوگراف گانن ۽ پاپولر گانن وچ ۾ ڪا لائين ڪڍي سگهي. هي محرومين جو ماريل معاشرو آهي، جنهن ۾ اخلاق ۽ حيا جا تصور هيٺا ٿي چڪا آهن. اتي اهڙي شاعري ڪهڙا اثر ڏيکاري سگهي ٿي؟ توهان پاڻ سمجهو آهيو. عمرڪوٽ ۾ هڪ نقير منش ۽ سماج سڌارڪ ماڻهو آهي، ڊاڪٽر هرچند راءِ، انهي وٽ جڏهن ڪو همراهه پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ کي علاج لاءِ وٺي آيو ته هن دوائن وٺڻ کانپوءِ پرهيز



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاءِ پڇيو تنهن تي هر چند راءِ چيو ته "جلال جا ڪلام گهر ۾ نه هلائجان، ٻي ڪا به پرهيز ڪانهي." توهان سوچيو ڊاڪٽر هرچند راءِ سوشل سائيڪالاجي جو ماڻهو آهي. هن کي پتو آهي ته اهي حرڪتون سماج ۾ ڪهڙي طغياني آڻي سگهن ٿيون. اسان کي سنڌي موسيقيءَ جي اصل روح ۽ ماڻهن جي گهرجن ۾ هڪ توازن قائم ڪرڻو پوندو. هڪ اهڙو ڪيسٽ ڪلچر ڏيڻو پوندو، جنهن سان "نانگ به مري ته لٺ به بچي." مون گذريل ڪجهه عرصي ۾ ڪيترن ئي فنڪارن جلال، شمن ميرالي، منظور سخيراڻي ۽ ڪجهه ٻين جا انٽرويو پڙهيا آهن، جن پنهنجي ڪيسٽن ۾ واهيات شاعري ڳائڻ تي شرمندگيءَ جو اظهار ڪيو آهي، جيڪا هڪ مثبت ڳالهه آهي. هنن چيو آهي ته ڪيسٽ ڪمپنين وارا جهڙي شاعري ۽ جهڙيون ڌنون ڏين ٿا، اهڙيون ڳايون ٿا. منهنجي خيال ۾ دنيا ۾ مختلف خطن ۽ قومن جي سنگيت جا اثر هڪ ٻئي تي پوندا رهيا آهن، پر هوبهو نقل جو رواج نه رهيو آهي. موسيقي روح جي زبان آهي، جنهن جي ڪا حد مقرر ٿيل ڪانهي. اثرانداز ٿي به سگهي ٿي ۽ اثر وٺي به سگهي ٿي. اڄوڪي هندستاني ميوزڪ جيڪا ايراني، عربي، يوناني، آرين جي ڪرناٽڪي موسيقي، دراوڙي راڳ، صوفين جي سماع جو حسين سنگم آهي، پر ڪنهن به حد جي مخصوص موسيقي جي نقالي ڪونهي. سنگيت ته هوندئن به آتمائن جو آواز آهي، جنهن جو ڪو به دين ۽ ديس ناهي. هي لادين ۽ لاديس سفر، جنهن جي منزل روح جي پر آسيس وادي آهي. لطيف جي تنبوري تي نچندڙ آڱريون ۽ موزارٽ جا وايولن تي هلندڙ هٿ ساڳي ڪيچ جا ڪاهيندڙ آهن. انهيءَ ڪري سنگيت جي روح کي سمجهڻو آهي، ان کي بچائڻو آهي. روح جي روئڻ ۽ ڪلڻ جا جتن ڪرڻا آهن. چو ته اسان کي سنگيت جي سالڪن مالڪوس جي آلاپن سان سمجهايو آهي ته:

پيار نهين هي سُر سي جس ڪو
وه مورکهه انسان نهين.

(سومر 23 آگسٽ ـ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# سج گرهڻ ۽ ستن رنگن جي شهزادي جي ڪٿا

شڪر آهي جو منهنجو اڳيون ڪالم آخري ڪالم ثابت ڪو نہ ٿيو ۽ سج ڪان هزارين پيرا حياتيءَ جي محبوب روشني موت جي ڪاري گرهڻ ڪان بچي وئي. دنيا ناسترڊيمس جي ناٽڪ ڪان ٻاهر نڪري آئي ۽ سج گرهڻ جي نئين نيچرل ناٽڪ ۾ اٽڪي پئي. اڄ جڏهن صدين ڪان ڪائنات جي سر تي سوني تاج جيئن چمڪندڙ سج ڪي گره ايندو ۽ چنڊ پنهنجي ازل ڪان رهندڙ رقيب سامهون پڙ ڪڏي بيهي رهندو تہ ڀنهي جي محبوبا ڌرتيءَ جي ڏون ۾ رهندڙ خفتي ماڻهو ڪارا چشما پائي سج، چنڊ ۽ ڌرتيءَ جي جهيڙي جو مزو وٺندا. گيت ڳائيندا. ڊانسون ڪندا ۽ عقيدي پرست ماڻهو عبادت گهرن ۾ وڃي عبادتون ۽ پرستشون ڪندا ۽ ڪنهن امڪاني آفت ڪان بچڻ جا جتن ڪندي، اهو لمحو گذاريندا. جڏهن ڌرتي ڏينهن ڏٺي جو رات ۾ بدلجي ويندي ۽ سائنسدان اکين تي دوربينيون اٽڪائي، انهيءَ منظر جو سائنسي مشاهدو ڪندا، پادري، پنڊت گرجائن ۽ مندرن ۾ دعائون گهرندا. ٻارن کي مائٽ ٻاهر وڃڻ ڪان جهليندا، اميدن واريون عورتون بسترن تي ليٽي وقت ڪٽينديون ۽ ٻاڻ جهڙا شاعريءَ جي شوق جا ماريل ملٽن جي Samson Agonist's جي انهن سٽن مان سرور وٺندا:

O dark, dark, dark, amid the blaze to noon irrecoverably dark, total eclipse without all hope of day.

(او اوندهہ اوندهہ اوندهہ ڏينهن جي شعلي وچ ۾ آيل، نہ ختم ٿيندڙ اوندهہ مڪمل گرهڻ ڏينهن جي ڪنهن بہ اميد ڪان سواءِ) سج گرهڻ يا Eclipse حقيقت ۾ سيارن جو ٻاڻ ۾ جهيڙو آهي. چنڊ جڏهن سج جي ساڄ ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

غيرت ڪائي ڌرتي ۽ سورج جي محبت وچ ۾ حائل ٿيندو آهي تہ گرهڻ ٿيندو آهي ۽ ڏينهن ڏٺي جو ڌرتي ڪاريءَ چادر ۾ ويڙهجي ويندي آهي. پر جڏهن ڌرتي پنهنجي پنهي عاشقن سان ڪينچل ڪندي، پنهي جي وچ ۾ اچي بيهندي آهي تہ پوءِ شاعرن ۽ عاشقن جو رولاڪ رقيب چانديءَ جي ٿالهہ جهڙو چمڪندڙ چنڊ بہ دانگيءَ جي تري جهڙو ٿي پوندو آهي ۽ پاڻ چوندا آهيون تہ چنڊ گرهڻ ٿيو آهي. پاڻ ڪهڙا بہ نالا ڏيون، پر سچ اهو آهي تہ هي خلا ۾ ڦوڪٽي وانگر ڦيرا ڪائيندڙ سيارن جي پنهنجي مها يارت آهي، جنهن ۾ پاڻ فطرت جي فساد ۾ ڦاٿل فقير خوامخواهہ دروپديءَ وانگر داءَ تي لڳندا آيا آهيون.

چنڊ جيڪو سج کان چار سؤ ڀيرا ننڍو آهي، جيڪو خلا ۾ پنواٽيون ڪائيندي، جڏهن ڌرتيءَ کان ويجهو گذرندو آهي تہ اهو سج ۽ ڌرتي جي اک ٽيٽ وچ ۾ ديوار ٿي اچي بيهندو آهي. روشنيءَ جي رڪاوٽ ڪري چنڊ جو ڪارو پاڇو (Umbra) ڌرتي تي ڪرڻ لڳندو آهي، جنهن جي ويڪر 167 ميلن تائين آهي، جيڪو چنڊ کان جڏهن بہ لک ۽ ويهہ هزار کان بہ لک ٽيونجاهہ هزار ميلن جو ڊگهو سفر طئہ ڪري ڌرتيءَ تي پهچندو آهي تہ مڪمل سج گرهڻ ٿيندي آهي ۽ زمين روشني جي ريڪائن جو ڪجهہ گهڙين لاءِ ڏهاڳ ڏسڻ لڳندي آهي. سائنسدان چون ٿا تہ ڌرتيءَ تي گرهڻ هڪ ئي وقت 167 ميلن جي ايراضيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿي. جو تہ امبرا جي ڊيگهہ ويڪر بہ 167 ميلن جي آهي، جيڪا هڪ هنڌ وڌ ۾ وڌ اٺن منٽن تائين ڏسي سگهجي ٿي. پر ڪڏهن ڪڏهن جزوي گرهڻ ٿيندي آهي. انهيءَ سبب هو ٻڌائين ٿا تہ جڏهن امبرا جو ڪجهہ حصو ڌرتيءَ تي پوندو آهي تہ مڪمل گرهڻ نہ ٿيندي آهي، جنهن کي هو پينمبرا چون ٿا. هڪ سال ۾ اڪثر ڪري بہ کان چار دفعا سج گرهڻ ٿيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن پنج ڀيرا بہ ٿي سگهي ٿي. جيئن 1935ع ۾ ٿيو هو. پاڪستان ۾ پهرين مڪمل سج گرهڻ 1995ع ۾ بلوچستان ۾ نظر آئي هئي ۽ پاڪستان ۾ ايندڙ سج گرهڻ 2009ع ۾ متوقع آهي، جنهن جو عرصو 6 منٽ 40 سيڪنڊ هوندو. هن صدي ۾ ڪل 228 سج گرهڻ جا واقعا ٿيا جن مان 144 سج مڪمل طور گرهڻ هيٺ آيا.

سج جيڪو صدين کان شاعرن، سائنسدانن ۽ عقيدي پرست ماڻهن جي مزاج جو محور رهندو آيو آهي، جنهن کي سائنسدانن انرجي جو سڀ کان وڏو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ذريعو قرار ڏنو آهي، عقيدي پرست قومن پنهنجو ديوتا ۽ اوتار سمجهيو آهي ۽ جنهن کي شاعرن پنهنجي محبوب سان ڀيٽيو آهي. اياز چيو هو:

مون نہ ڇاتو تہ اي سج جهڙا پرين،
روز پاتا پئي تو لڪي ليئڙا.

پر سج ڪڏهن بہ ڌرتيءَ تي لڪي ليئا ڪا نہ پاتا آهن، هو ڪائنات جي ڪشادي نرڙ تي تلڪ جيان تجلا ڏيندو رهيو آهي. ڇو تہ هو توانائيءَ جو تابناڪ ذريعو آهي ۽ ڌرتيءَ تي رهندڙ حياتين جي ڀرپور ضرورت آهي. جنهن کي يورپ مان اکيون مهٽي سجاڳ ٿيڻ کي زندگي ۽ خوشيءَ جي علامت سمجهيو ويو آهي ۽ جنهن کي اولهہ جي اونهاين ۾ ٽٻي هڻڻ کي موت ۽ مايوسيءَ سان ڀيٽيو ويو آهي. جنهن جي عشق ۾ ڌرتي ڪنهن داسي جيان ڪيس پرچائڻ جا جتن ڪندي ۽ ڦيرا پائيندي، ڪنور ڀڳت جي ڪلام ”ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان“ وانگر پاند ڳچي ڳل پائي، منٿون ڪندي رهي آهي. ڇا ڪري، جو سندس ساهہ جي سموري ڪائنات سج جي ڪرڻن ۾ آهي ۽ ڌرتي ديوي جي نڪ مان سج جي نٿ نڪرڻ جو مقصد موت جي مهماني قبول ڪرڻ آهي. جنهن کان بچڻ لاءِ هو ڪنهن بہ قاتل ڏڻ تي ڪو بہ گيت ڳائي سگهي ٿي.

هي اڄ جو گرهڻ ۾ ورتل ڪروڙي ڪراڙو سج ڪيترو پوڙهو آهي، انهيءَ جو جواب تہ سائنسدان ئي ڏئي سگهن ٿا. جيڪي هن جي ارتقا ۽ انجام متعلق چون ٿا تہ هو اڄ کان ڇهہ ارب سال ڀرپور گئس پرپيل بادلن جي ٽڪراءُ ۾ ڄائو ۽ اڃا 250 ملين سال باقي حياتيءَ جا ڏکيا سکيا ڏينهن گذاريندو. قيامت ڪڏهن اچڻي آهي، ڪير ڄاڻي، پر پاڻ چريا ڪريا ماڻهو ايترو ضرور سمجهون ٿا تہ جڏهن بہ سج پنهنجي ڇيچ ڇڏائي، يا جڏهن ياري ٽوڙي ويٺو تہ اهو ڏينهن ڌرتيءَ جو آخري ڏينهن هوندو. جنهن لاءِ سائنسدان چون ٿا تہ اڄ کان چار ارب سال پوءِ جڏهن هو پوڙهو ديوتا ڏهہ ارب سالن جو ٿيندو تہ هو تنگ پڪيڙ ڪرڻ شروع ڪندو ۽ اڄ جي ڀيٽ ۾ 50 سيڪڙو ڦهلجي ويندو ۽ ان وقت هو پنهنجي هائيڊروجن جي هڙ بہ کپائي چڪو هوندو ۽ پوءِ مست ڇيڇي وانگر ٻين پاڙيسري سيارن تي حملو ڪندو. جنهن جي زد ۾ ڀرپور مريخ، زهره ۽ پوءِ پنهنجي پياري ڌرتي ايندي ۽ اهي سيارا جذب ٿي سج جو حصو ٿي ويندا. ايترن مؤلائي سيارن جو ساهہ ڪيڻ کان پوءِ اڄ بہ ديو قامت


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ديوتا هائيڊروجن جي نه هجڻ ڪري هڪ ننڍڙي بندري ستاري White Dwarf) ۾ بدلجي ويندو جنهن جو ريڊس اجوڪي ريڊس کان سؤ سيڪڙو گهٽ هوندو. جيڪو اڄ 864,950 ميلن جي ڊاياميٽر تي آهي ۽ ڌرتيءَ کان ٽي لک ٽيهه هزار ڀيرا ۽ شمسي نظام جي سڀني سيارن کان 743 ڀيرا وڌيڪ وزني آهي. هي جيڪو اڄ زمين کان هڪ سؤ پنجاهه ملين ڪلو ميٽر پري تجلا ڏئي رهيو آهي، سو سمورن سيارن کي ڪرڻ ڪانپوءِ ڇا وڃي بچندو، انهيءَ تي پاڻ ڪانٽس اڳوات تعزيت ڪرڻ کان سواءِ ڪري به ڇا ٿا سگهون.

اڄ پاڻ انهيءَ سج جي اڳوات فاتحه پڙهي رهيا آهيون، جيڪو ڪڏهن قديم قومن جو خدا رهيو آهي، جنهن کي هو سورج ديوتا چئي، پنهنجو سر ٽيڪيندا آيا آهن. سپت سنڌوءَ جي ڪنارن تي سوم رس پي ننگا ناچ ڪندڙ دراوڙن جي ڪول ۽ سنٿال قومن کان وٺي، نيل نديءَ جي ساحلن تي فرعونن جا قسانا گهڙيندڙ مصرين تائين جو ديوتا "را" به اهو ئي ڪراڙو سورج ديوتا هو جنهن کي فرعون پنهنجو پيءُ سڏيندا هئا ۽ جيڪو سوني بيدي مان پيدا ٿيو هو. جنهن لاءِ هو چوندا هئا ته مرد ۽ عورت هن جي اک مان جنم ورتو آهي. بابلين ۽ يونانين ته سورج ديوتا کي جيڪي سجدا ڏنا، سي ته خود ان کان به نه وسريا هوندا. اپالو ۽ هيليوس يونانين جا سورج ديوتا هئا، جنهن جي عبادت لاءِ هنن مندر جوڙيا ۽ چئن سفيد گهوڙن جو هر سال نذرانو ڏنائون. اپالو جيڪو حسن، عشق، علم، عقل ۽ رزق رسائيندڙ ديوتا هو جنهن جا معاشقا يوناني ڏند ڪٿائن ۾ پڙيا پيا آهن. هڪڙي مِٿ آهي ته ڪلاٽئي نالي الهڙ حسينه اپالو تي عاشق ٿي پئي، پر اپالو کيس بلڪل نو لفٽ ڪرائي ته هن ٻين ديوتائن کي منٿون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ نيٺ ديوتا مهربان ٿيا ۽ کيس (ڪلائٽي) کي سورج مکي جي گل ۾ بدلائي ڇڏيائون- ۽ پوءِ اها قرب ۾ ماريل ڪلاٽئي سورج ديوتا جو روز ديدار ڪندي هئي ۽ پنهنجي سيڪ جا سجدا ڏيندي هئي. يوناني ديو مالا ۾ آهي ته انسان جي پيدائش مٽيءَ کي پاڻيءَ ۾ ڳوهي ڪئي وئي ۽ پوءِ سورج جي ڪرڻن ان ۾ ساهه ڦوڪي زندگي بخشي. زردشت جي ظهور کان پهرين ايراني به سج جا پوڄاري هئا، هو سج کي خداوند عظيم سمجهندا هئا. سج جي روشنيءَ کي نيڪي ۽ اونداهه کي بدي چوندا هئا. اهرمزد نيڪي اهريمن بديءَ جا ديوتا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ پارسي مذهب جا عالم سج گرهڻ کي بديءَ سان ڀيٽي رهيا آهن ۽ هو سمجهن ٿا ته اها ازل کان اهرمزد ۽ اهريمن جي وچ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ هلندڙ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي ڀِڏ آهي. جنهن ۾ نيڪيءَ کي عارضي شڪست نصيب ٿي رهي آهي ۽ ان عرصي دؤران هو عبادت کي ئي واحد ڇوٽڪاري جو ذريعو سمجهن ٿا. زردشت جي پوئلڳن جي مذهبي ڪتاب "زند اوستا" ۾ مترا ديوتا جو ذڪر آهي، جيڪو سورج جو ديوتا آهي، جنهن جون اڻ ڳڻيون اکيون آهن ۽ هن کان ڪا به ڳالهه پوشيده ڪانهي. هن جي هڪ هٿ ۾ مشعل ۽ ٻئي هٿ ۾ خنجر، جنهن سان هو ڏيڻي کي کهندو آهي ۽ جنهن جو رت هن جا پوڄاري پنهنجي بدن کي هٽندا آهن ۽ خون آلوده ڪلون پائي عبادت ڪندا آهن. هو هر شام جو ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ هليو ويندو آهي ۽ هر اسر جو نئون جنم وٺي جاڳندو آهي.

پارسي ته پري، پر قديم هندستان جون قومون سڀ کان وڌيون سور داس (سورج پوڄاري) هيون. هندن جي ڪل 33 ڪروڙ ۽ ٽن ديوتائن مان ڪيترا ئي سورج جا ديوتا هوندا. هندن جي عقيدي موجب راڪشس ۽ گڻيش ديوتائن جا دشمن آهن، جن جو سلسلو راوڻ ۽ راهو تائين هليو ٿو. هندو عقيدو آهي ته راهو سورج ديوتا کي ڳڙڪائڻ گهري ٿو ۽ جڏهن هو سورج ديوتا تي حملو ڪري ٿو ته سج گرهڻ ٿئي ٿي. راجپوت ته پاڻ کي سوريه ونشي (سج جو اولاد) سڏائيندا آهن. مطلب ته دنيا جي ڪيترين ئي قومن ۽ تهذيبن جي تاريخ ۾ سورج کي ديوتا سمجهڻ ۽ ان جي عبادت جا اهڃاڻ ملن ٿا. لاطيني آمريڪا، ميڪسيڪو ۽ پيرو ۾ ته اڄ به صدين کان سورج ناچ (Sun Dance) هلندو اچي. جنهن ۾ هو نچندا آهن، ڳائيندا آهن ۽ خير خيراتون ڪندا آهن. اهي قديم قومون سمجهنديون هيون ته سج ڌرتيءَ جي چوڌاري گهمي ٿو ۽ شمسي نظام ۾ مرڪزي حيثيت ڌرتيءَ کي آهي. پر جيئن ته ڌرتي سج جي چوڌاري گهمي ٿي، اها اها حقيقت آهي جنهن جو پهريون انڪشاف قديم روم جي هڪ مولائي ماڻهو آرسترڪوس ڪيو. جنهن جي ان وقت ڪنهن به ڪو نه ٻڌي، پر الٽو ڪيس ڪٽي ڪتي ڪباب ڪري ڇڏيائون، ته تون عقيدي سان هٿ چراند ٿو ڪرين. پر اها ڳالهه جڏهن اڄ کان ٽي ٽي سؤ سال پهرين ڪوپرنيڪس ۽ گيليلو دوربيني مشاهدن سان ثابت ڪئي ته واقعي ڌرتي سج جي چوڌاري گهمي ٿي ته ڪليسا جي پادرين ۽ عقيدي پرست عالمن گيليلو سان به گهٽ ڪا نه ڪئي. ڪيس قيد ڪيو ويو ۽ مجبور ڪيو ويو ته هو اعلانيه اعتراف ڪري ته جيڪا سائنٽفڪ ۽ حق جي ڳالهه هو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري ٿو سا غلط آهي. صحيح اها آهي جيڪا ڪليسا سڳوري جي مرضي آهي. انهيءَ صحيح ۽ سائنسي سوچ تہ برونو کي زنده باهہ جي آڙاهہ ۾ وجهرايو. فلسفي جي ابي ارسطو تہ سچ کي بي عيب، نہ تبديل ٿيندڙ ۽ پاڪ قرار ڏنو پر جڏهن يوناني فلسفي ايڪساگورس سچ کي فقط باهہ جو گولو ۽ داغدار قرار ڏنو تہ هن کي گرفتار ڪري سچ جي بي عزتي ڪرڻ جي جرم ۾ ايٿنز مان ٽڏا هٽي ڪڍيو ويو ۽ هو شهر بدر ٿي ڌڪا کائيندو رهيو. پر ارسطو دوربيني ذريعي سچ جي چهري جا داغ ڳڻي ٻڌايا، جيڪا اڄ جي دنيا انهن حقيقتن کي ڪلمي جيان قبول ڪري چڪي آهي.

اڄ سچ گرهڻ آهي، ڌرتي، سچ ۽ چنڊ جو زبردست جهيڙو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو پنهنجي پراڻي ديوتا جي عارضي شڪست ڏسڻ لاءِ چرين وانگر چشما پايو وينا آهن. مغرب جي ملڪن جا ماڻهو مهانگا چشما پائي، گهرن جي ڇتين ۽ عمارتن تي چڙهي ويندا ۽ مشرق جي مسڪين ملڪن جا ڪجهہ فقير ماڻهو اکين تي ويلڊنگ وارا ڪوپا چاڙهي اکين کي آسمان ۾ اٽڪائيندا. هڪڙا ماڻهو فقط ٻارن ۽ پيٽ پرين زالن کي گهر ۾ قيد ڪرڻ ۾ قابو هوندا. سچ گرهڻ جيڪو اصفهان جي پهاڙين تي پنهنجي پوري جلال سان نظر ايندو ڪراچي جا ماڻهو تہ انهيءَ غم ۾ هوندا تہ متان اهو منظر مُون سُون جي بادلن ۾ گم ٿي نہ وڃي ۽ اهو ٿي ارمان يورپ جي ماڻهن کي هوندو جتي ٻارهو ٿي ڪڪر ڇانيل رهن ٿا. يورپ جا ڪيترا ماڻهو رومانيا طرف روانا ٿي چڪا آهن، جتي هو اهو منظر وڌيڪ ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. جپان ۽ يورپ جا ڪجهہ ماڻهو تہ اڃا بہ اهو ٿي چئي رهيا آهن تہ متان اهو ناسترڊيمس جي اڳڪٿي وارو عذاب نازل نہ ٿئي. اها سوچ بين کان وڌيڪ فرانس جي ماڻهن کي بہ آهي، جتي پاڪو رباني (Pacco Rabani) پرفيومس ۽ گارمنٽس وارو همراهہ بہ پنهنجو ڪاروبار ڪيترن ڏينهن کان بند ڪري گم لڳو پيو آهي. دنيا انهيءَ منظر کي پنهنجي حساب سان ڏسندي، پر سوچيو تہ پاڻ اهو منظر ڪيئن ڏسنداسين. جن ڪڏهن بہ سک ۽ سچ جي نسبت نہ سمجهي آهي پاڻ کي اهو ٿي ٻڌايو ويو آهي تہ ڌرتيءَ جا سک، سچ سان سلهاڙيل آهن، پر پاڻ تہ اڃا انهيءَ منظر جو بہ مشاهدو نہ ڪري سگهيا آهيون، سکن جو سچ اپرندي نہ ڏسي سگهيا آهيون. پاڻ کي اهو پتو ٿي ناهي تہ ڪو سنڌ ۽ سچ جي ڪا پاڻ ۾ نسبت آهي. جيڪڏهن هو چون ٿا تہ سک ۽ سچ هڪڙي ئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سچ جو نالو آهن، تہ پوءِ پاڻ کي پهرين انهيءَ منظر جو مشاهدو ڪرڻ کان هٿ ڪڍڻا پوندا. نہ تہ پاڻ لاءِ تہ سچ تہ سدائين ڪان گرهڻ ۾ گتل آهي. پنهنجي ڏرتي وڏوا جيان سچ ۽ سک لاءِ ٻاٽ اونداهي رات ۾ وار پٽيندي رهي آهي، تہ پوءِ پاڻ هي ٻن گهڙين جو منظر ڏسي ڇا ڪنداسين؟ پاڻ جنهن کي سورج ديوتا لاءِ ٻيو ڪو گيت ياد ڪونهي، سواءِ آڪاش جي انهيءَ گيت جي تہ سچ تہ قصن ۾ ڏند ڪٿائن جو ڪوڙ آهي، اهو ستن رنگن جو شاهزادو ڪهڙي ڏيهہ جي تڏڙي هير ۾ سنهري هيرن جو تاج پائي، سورج مکيءَ سان اکيون اٽڪائي رهيو آهي. پاڻ ڇا ڄاڻون؟

(اربع، 11 آگسٽ ـ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪرڪيٽ جي ڪهاڻي

اج سموري دنيا جون نظرون لنڊن ڏانهن آهن. لنڊن هونئن بہ سموري دنيا جو دادلو شهر رهيو آهي، جنهن سان دنيا جون نفرتون ۽ محبتون مشترڪ رهيون آهن. لنڊن، جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ چوندا آهن:

When a man is tired of London, he is tired of life.

(جڏهن ماڻهو لنڊن مان بيزار ٿئي ٿو تہ هو زندگيءَ مان بيزار ٿئي ٿو)

اج لنڊن کان بيزار رهي بہ جيئرا رهندڙ ماڻهو سيٽلائيٽ جي لهرن تي لنڊن ڏانهن نهاري رهيا آهن، جتي لارڊس جي ميدان تي ورلڊ ڪپ 99ع جو فائنل ڪيڏيو پيو وڃي. لارڊس جيڪو ڪرڪيٽ جو Mother Ground آهي، جنهن جو نالو سر ٿامس لارڊ پويان رکيو ويو آهي، جيڪو ميلبورن ڪرڪيٽ ڪلب (MCC) ۽ انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (ICC) جو هيڊڪوارٽر بہ آهي، جنهن جو قيام 1814ع ڌاري ٿيو. لارڊس دنياءِ ڪرڪيٽ جي قاعدن ۽ قانونن جي فئڪٽري آهي، جتان اج بہ سڄي دنيا لاءِ ڪرڪيٽ جا قائدا، قانون ۽ فرمان جاري ٿين ٿا. لارڊس جنهن جي پچ لاءِ چيو ويندو آهي تہ "گلاسڪو جي ڇوڪري ۽ لارڊس جي پچ تي ڪو بہ اعتبار ناهي." اڄوڪي پچ ڪنهن ڪي ٿي ڪپ ڪٽائي، اها بعد جي ڳالهہ آهي، پر انهيءَ کان اڳي اچو تہ ڪرڪيٽ جي اصل نسل بابت ڄاڻ وٺندا هلون تہ جيئن سموري ماجرا سمجهہ ۾ اچي.

چيو وڃي ٿو تہ ڪرڪيٽ جي ابتدا تيرهين صدي کان ٿي، جيڪا شيڪسپيئر جي ڌرتيءَ جي ڌنارن جي مهرباني آهي. انگلينڊ جي سبز وادين ۾ رڍون چاريندڙ ڇوڪرن رڍن جي واڙي واري لنگهہ (دروازي) اڳيان بيهہ ٿلهي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لٺ ڪٺي پٽر ڪٽڻ شروع ڪيو ۽ دنيا جي مقبول ۽ مهنگي راند ايجاد ڪئي.
اڄوڪي ٽن ڪاٺين واري استمپ يا وڪيٽ جو پس منظر رڍن جي واڙي جو
در هو جنهن مان پوءِ گهيٽن بجاءِ بال گذرڻ لڳو جيڪو اڄ نہ ڄاڻ دنيا جي
ڪيترن شائقين جي دلين مان گذري ڪلين بولڊ ڪريو ڇڏي.

دنيا ۾ پهرين باقاعده ڪرڪيٽ مئچ بہ انگلينڊ جي ڌرتيءَ تي لڳ
ڀڳ 1667ع ڌاري وارث فورڊ جي گرائونڊ تي ڪينٽ ۽ سري وچ ۾ کيڏي
وئي، پر ڪرڪيٽ جا آثا ڪم جو حقيقي آغاز 1744ع کان سمجهن ٿا،
جڏهن ڪرڪيٽ فقط انگلينڊ جي ڏاکڻين ڪائونٽيز تائين محدود هئي، پر
جڏهن اها رڙهندي رڙهندي لنڊن تائين رسي تہ اها دنيا جي دلپسند راند ٿي
وئي. اُڻويهين صديءَ ۾ ميلبورن ڪرڪيٽ ڪلب (MCC) جو بنياد پيو ۽
ڪرڪيٽ جا قاعدا قانون ترتيب ڏنا ويا. ٽيمون ٺهيون ۽ ڪائونٽيز
ڪرڪيٽ جي شروعات ٿي ۽ انهن ڪائونٽيز ۾ کيڏندڙ گورن ڇوڪرن
مان يارنهن ڄڻا چونڊي انگلينڊ جي پهرين قومي ٽيم ٺاهي وئي ۽ اها پهريون
ڀيرو 1859ع ڌاري سمنڊ پار ميڙو مچائڻ لاءِ رواني ٿي.

ڪرڪيٽ انگلينڊ جي قومي راند آهي، جيڪا اڄ دنيا جي ڪيترن
ئي ملڪن ۾ ٻين راندين کي مات ڏيو بيٺي آهي. اڄ دنيا جي انهن ملڪن ۾
انهيءَ راند جون پاڙون پختيون آهن، جيڪي امپيريل ڪرڪيٽ ڪانفرنس
ICC جا مستقل ميمبر آهن. (جيڪا پوءِ 1915ع ڌاري انٽرنيشنل ڪائونسل
ٿي) جيڪا 1909ع ڌاري انگلينڊ، آسٽريليا ۽ سائوٿ آفريڪا گڏجي ٺاهي
هئي. پر پوءِ جڏهن سائوٿ آفريڪا اپارٿيڊ جي خاتمي کانپوءِ 1991ع ۾ بحال
ٿي ان کانپوءِ انڊيا، نيوزيلينڊ ۽ ويسٽ انڊيز 1926ع ۾ ۽ پاڪستان 1952ع
۾ ICC جو ميمبر ٿيو. اڄ انهن مٿين مستقل ٽيمن کان سواءِ ايسوسيئيٽس ميمبر
طور آمريڪا، فجي، هالينڊ، ڊنمارڪ، اوڀر آفريڪا، ملائيشيا، ڪئناڊا،
جبرالٽر، هانگ ڪانگ، پاپوئا نيوگني، ارجنٽينا، اسرائيل، سنگاپور،
بنگلاديش، ڪينيا ۽ زمبابوي شامل آهن. ان کان سواءِ اٽلي،سئيٽزرلينڊ،
فرانس ۽ نيپال بہ ٽئين درجي جا ميمبر آهن.

اڄ آسٽريليا ۽ پاڪستان وچ ۾ ورلڊ ڪپ جو فائنل کيڏيو پيو وڃي.
آسٽريليا انگلينڊ کان پوءِ ڪرڪيٽ جو ٻيو گهر آهي، جتي اها برطانيا
جي نيويگيٽرس سان سيٽيون وڄائيندي، لڏندي لمندي 1803ع ڌاري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڊني جي ساحلن تي اچي لٿي ۽ اڄ آسٽريليا جي ڪشادن ميدانن ۾ وڪرين گلين ۾ ائين ڪيڏي ويندي آهي جيئن پاڪستان ۾ ڪبڏي وجي ٿي. چيو ويندو آهي تہ انگلينڊ ڪرڪيٽ کي جٽيو آسٽريليا پاليو ۽ ويسٽ انڊيز جوان ڪيو. ڪفن پوش سفيد ڪرڪيٽ کي رنگن جا ڪپڙا آسٽريليا پارايا. اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ ويهين صديءَ جي شروعات تائين انگريز پنهنجي ڪالونيل نظام جي بحري جهازن ذريعي ڪرڪيٽ کي سڄي دنيا تائين پهچائي چڪا هئا. پوءِ جنهن ملڪ کي جيتري وٽي، ان اوتري ڪيڏي هندستان ۾ ڪرڪيٽ اڻويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ پڌاري چڪي هئي. جيڪا برٽش آرميءَ جي توسط سان سڄي ننڍي کنڊ ۾ پکڙجندي وئي. هندستان ۾ پهرين ڪرڪيٽ ڪلب اورينٽ ڪرڪيٽ ڪلب هئي جيڪا 1848ع ڌاري بمبئي جي پارسين ٺاهي هئي. 1877ع ڌاري پارسين ۽ انگريزن وچ ۾ پهرين مئچ بمبئي ۾ کيڏي وئي، جيڪا پارسين کٽي.

اڄ هي سٽون پڙهندي مون سميت سيئي ڪرڪيٽ جا موالي ٿورا مڃين زردشت جي پوئلڳن جا جن برصغير ۾ ڪرڪيٽ عام ڪئي.

ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان فيبروري 1948ع ۾ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ جو قومي ليول تي آغاز ڪيو جيڪا قائداعظم ٽرافي جي نالي سان منعقد ٿي. ان کان پوءِ پيٽرن ٽرافي ۽ پاڪو ٽورناميٽ ٿيون ۽ ڪرڪيٽ قوم جي رڳن ۾ لهي وئي ۽ قومي راند هاڪي کي پٺين پير وڃي ڪيرايائين. ننڍي کنڊ ۾ تہ ڪرڪيٽ جو ڪرشمو توهان پاڻ ڏسو پيا. گهٽين ۾ آوارگي ڪندڙ ۽ سيٽيون وڄائي ڇوڪريون ڇيڙيندڙ جوانن جي سپنن تي چنبڙيل فوٽن کان وٺي ڪنوارين دلين جي ڪريز تي رانديگرن جي تصور جا ڪيترا چڪا لڳن ٿا. توهان کي پتو هوندو تہ اسان وٽ پيار جي پچ تي ڪيترين دليون ڪلين بولڊ ٿيل آهن ۽ ڪيترا شيئرز جا ڪاروبار ڪندڙ سيٺ سَٽي جي سوداگري ۾ ڪارڊيو ويسڪيولر وارڊ جا چڪر ڪاٽي آيا هوندا. مياںداد جي شارجا واري ڇڪي تي ريڊيو ڪن تي رکي ڪمينٽري ٻڌندڙ سائيڪل سوار ڪرڪيٽ جي قيدي جو گٽر نالي ۾ ڪريل لاش تہ پوءِ قليلي مان نڪتو هو. ننڍي کنڊ ۾ رانديگر نهايت ئي مراعت يافتہ (Privileged) ڪلاس رهيو آهي، جنهن کي پي آءِ اي کان وٺي بئنڪن تائين اعليٰ عهدن تي اعزازي طور رکيو ويو آهي. آئون قومي ٽيم ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌين کي شامل نہ ڪرڻ واري سور جو ذڪر ڪو نہ ٿو ڪريان، آئون تہ فقط واحد مڪراني قاسم عمر کي ٽيم مان ڪڍڻ واري عمل تي لياري جي مڪراني ياٿرن سان سنڌن سور تي سهمت آهيان. جيڪي اڄ عمران خان کي لياري ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو بيٺا آهن.

انهن ڳالهين ۾ سورن جي سفر ۾ وڃبو تہ اڃوڪو فائنل گذري ويندو ۽ بهتر ٿيندو تہ پاڻ لارڊس ڏانهن ستڪارو ڏيون. جتي اڄ دنياءِ ڪرڪيٽ جي وڏي ويڙهہ آهي. "ڪينگرو" ۽ "پاڪيز" جو هڪ ٻئي سان دوبدو مقابلو آهي. اڄ پيلن ڪپڙن وارن ڪينگروز کي پنهنجي انهي ڪاوڙ جو ازالو ڪرڻو آهي، جيڪا "پاڪيز" 92ع ورلڊ ڪپ ۾ ميلبورن تان انگلينڊ کان ملهہ کٽي آيا هئا ۽ اڄ سنڌن ڌرتيءَ تان کٽي آيل ڪپ جو پلاند ڏسون تہ پاڪيز کان کيئن ٿا وٺن. پاڪستان، سائوٿ آفريڪا ۽ آسٽريليا هوئڻ ئي فيورٽ چيا پئي ويا. جنهن لاءِ ڪرڪيٽ جا مبصر ڪيترن ئي ڏينهن کان متاڪت ڪندا رهيا. سائوٿ آفريڪا جو هوئڻ ئي بيڊ لڪ رهيو آهي، سيئي مئچون کٽي Unbeaten رهندا آهن ۽ نيٺ سيمي فائنل ۾ پهچي وڃي ڪيپ ٽائون جا ساحل وسائيندا آهن. باقي آسٽريليا جيڪا اڳي ئي 87ع ۾ ورلڊ ڪپ جي فاتح رهي آهي ۽ اڄ 92ع جي چيمپئن سان ڇهنب اڙائي رهي آهي. هيڏانهن قادر جوٽيجي جي لفظن ۾ "ٻگهڙن" جهڙوڪ شعيب اختر، وسيم اڪرم ۽ ثقلين مشتاق جو مڪ گرا، فليمنگ ۽ شين وارن جو جهيڙو آهي ۽ ٻئي طرف مارڪ وا، اسٽيو وا ۽ مائيڪل بيون آهن. جن جي ٻيٽ سعيد انور، اعجاز احمد ۽ انضمام جي بيٽنگ سان ڪٽي پئي وڃي. منهنجيءَ نظر ۾ ٽيمون ٻئي برابر آهن، پاڪستان جي جيڪڏهن بالنگ مضبوط آهي تہ هوڏانهن آسٽريليا کي بالنگ سان گڏ فيلڊنگ جو ايڊوانٽيج آهي، پر اڪثر مبصرن جي چوڻ موجب تہ پاڪستان جو پلڙو آسٽريليا کان ڀاري آهي. چو تہ پاڪستان وٽ مضبوط بالنگ سان گڏ انين نمبر تائين بيٽنگ جون بہ مارڪون آهن ۽ نيوزيلينڊ جي مئچ کان پوءِ هنن تان اسڪور چيز نہ ڪرڻ واري خواري بہ لهي چڪي آهي. انڊيا ۾ انڊيا جي ٽيم کي ڪوارٽر فائنل هارائڻ ۽ وسيم اڪرم جي مئچ فڪسنگ جي الزام کان پوءِ وسيم مسلسل ورلڊ ڪپ 99ع لاءِ هٿ مهٽيندو رهيو آهي تہ جيئن هي ڪپ حاصل ڪري، اهو الزام بہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لهرائي سگهي. وسيم اڪرم جيڪو ورلڊ ڪپ ڪانپوءِ رٽائرمينٽ جو اعلان ڪري چڪو آهي، سو ائين سمجهو ته ننهن ۽ چوٽي جا زور لڳائي به هي ڪپ کٽندو ۽ هوڏانهن اسٽيو وا ڪي به ڪپ کٽي اچڻ لاءِ الئه ڪيتريون اکيون ملبورن، سڊني ۽ پرٿ مان پيار وچان پيغام موڪلي رهيون آهن.
(آچر، 2 جون ـ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڇا دنيا جي ڊرامي جو ڊراپ سين ٿيڻ وارو آهي؟

توهان جي چوڻ لاءِ ته دنيا ختم ٿي رهي آهي. آئون ڪو نه ٿو چوان، پر دنيا جو سڀ کان وڏو نجومي (Astrologer) ناسٽرڊيمس چوي ٿو ته دنيا جنهن کي توهان دورنگي چئو ٿا. سا هن مهيني ۾ ڪيڏي مهل به ڪنهن آسماني آفت جي اچڻ سان پنهنجو آخري سڏڪو پري سگهي ٿي. دنيا جا بيا ماڻهو ٿي سگهي ٿو ته انهي اڳڪٿيءَ کي ايتري اهميت نه ڏيندا هجن، پر اڄ جپان کان ڪوريا تائين ناسٽر ڊيمس جي اڳڪٿين جي ڄاڻو ماڻهن جي اعلان کان پوءِ اتان جي ننڍڙين اکين ۾ وڏي دماغ وارا عقيدن کان عاري ماڻهو اعتبار ڪرڻ لڳا آهن ته دنيا ختم ٿي رهي آهي جنهن جي خوف ۾ هنن پنهنجون خوشيون ۽ ٿهڪ به معطل ڪري ڇڏيا آهن. جنهن کي هو قيامت (Apocalypse) چئي، پنهنجون فئڪٽريون ۽ ليبارٽريون ڇڏي وڃي پڳوڊن ۽ شنٽو شرائين ۾ هٿ ٻڌي ويهي رهيا آهن. جپان جي ساڌوئن ۽ گيڙو ڪپڙن وارن ڀڪشوئن جي پويان ڀڄندڙ ماڻهو پنهنجي اکين سان ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي ڪرندڙ قيامت جهڙا منظر ڏسي به ايترو نه ڊنا هوندا يا هو انهن ملڪن جي خط استوا جي 38th Parallel تي اتحادي فوجن جي آمريڪي ڪمانڊر جنرل مڪ آرٿري جي فوجن جي وٺ سٽ ۽ هنگامہ خيزيءَ جي ڪري متاثر نه ٿيا هوندا، جيترو اهي اڄ ناسٽرڊيمس جي پيشن گوئيءَ جي ڪري پريشان ڏٺا ويا آهن ۽ هاڻي هو ڪنهن ٻي قيامت جو انتظار فئڪٽرين بجاءِ مندرن ۾ ويهي ٿي ڪري سگهن ٿا ۽ هو ائين ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن. ڇو ته هو سمجهن ٿا ته دنيا ختم ٿي رهي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناستربيمس جي اڳڪٿي جيتوڻيڪ اڄ کان سادا چار سؤ سال اڳ جي ڪيل آهي، پر اها ڳالهه يقيناً حيران ڪندڙ آهي تہ انهيءَ اڳڪٿيءَ جي عام تيڻ کان پوءِ مادي ترقيءَ جي معراج تي بيٺل ماڻهو بہ ايترو غير يقينيءَ جو شڪار تي سگهن ٿا. ناستربيمس جيڪو 1503ع ڌاري فرانس جي حسين پرور هوائن ۾ جائو جنهن سورهين صديءَ جي پوئين اڌ کان وني دنيا کي حيران ڪرڻ شروع ڪيو. هن جن سموريون اڳڪٿيون سندس ڪتاب (Cenutries) ۾ موجود آهن. جيڪي گهڻو ڪري مبهم ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، جن کي علم نجوم جا ماهر پنهنجي پنهنجي حوالي سان سمجهندا آيا آهن. مون سندس اڳڪٿين (Prophecies) ۽ زندگيءَ تي ٺهيل فلم (A man who saw Tomorrow) ڏٺي آهي، جنهن ۾ سندس ڪيترين ئي اڳڪٿين کي ڪثير سرمائي ۽ خوبصورت انداز سان پڪچرائيز ڪيو ويو آهي، جن ۾ پهرين ۽ ٻين عالمي جنگ، نيپولين بونا پارٽ جي شڪست، انقلاب فرانس، ماڻهوءَ جي چنڊ تي پهچڻ کان سواءِ جان ايف ڪينيڊي، واشنگٽن، ليڊي ڊائنا جو موت ۽ ڪيتريون ئي ٻيون سچ تي چڪيون آهن.

سياڻي جي سچ کي اڄ ۾ عيان ڪندڙ هي پوڙهو نجومي رومن ڪئٿولڪ فرقي جو پوئلڳ هو جنهن پنهنجي شروعاتي ڏينهن ۾ طاعون (Plague) جي مريضن جي مسيحائي ڪندي چڱو نالو ڪمايو. تنهن کان پوءِ هن اڳڪٿيون ڪرڻ شروع ڪيون، جنهن جي هاڪ ٻڌي ان وقت جي فرانس جي راڻي ڪيٽرائن کيس دربار ۾ گهرائي سندس مڙس ۽ ٻارن جو هارو اسڪوپ ٺاهڻ لاءِ چيو ۽ هو ڪيترو ئي وقت شاهي غاليچن تي ويهي، زندگيءَ تان رازن جي رلي کڻندو رهيو. ان کانپوءِ فرانس جي بادشاهہ چارلس نائين جي محل ۾ درباري فزيشن طور ڪم ڪندو رهيو. چون ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن بادشاهہ کيس دربار ۾ دعوت تي گهرايو تہ هن بورچيءَ کي ٻين طعامن سان گڏ اڇي سوئر لاءِ بہ چيو. جڏهن ماني جي ميز تي اڇي وينا تہ ناستربيمس سوئر جي گوشت کي هٿ لائيندي چيو تہ هي ڪاري سوئر جو گوشت آهي، پر بادشاهہ بضد هو تہ نہ اڇي لاءِ مون حڪم ڪيو هو ۽ هي سفيد سوئر جو ئي گوشت آهي. گهڻي بحث کانپوءِ جڏهن بورچي گهرائي پڇيو ويو تہ هن معذرت ڪندي چيو تہ ها سائين! واقعي ڪارو سوئر آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهي ۽ انهيءَ  کان سواءِ ٻيا ڪيترا ئي اهڙا معجزا هئا، جن جي ڪري هو پنهنجي دؤر ۾ ۽ پوءِ حيرت ۽ شهرت جو مرڪز رهندو آيو. دنيا جي خاتمي واري اڳڪٿي تي علم نجوم جي ماهرن کي ڪيترا ئي اعتراض رهيا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته ناسٽرڊيمس موجب دنيا 3797ع ۾ ختم ٿيندي، ڪي چون ٿا ته 1999ع جي جولاءِ دنيا جو آخري دم هوندو.

ناسٽر ڊيمس جي دنيا جي خاتمي واري هاڻوڪي اڳڪٿي ڪٿي سچي نه به هجي، پر اها حقيقت آهي ته هن جون سوين اڳڪٿيون سچيون ثابت ٿي چڪيون آهن ۽ دنيا حيرانگي جون حدون اڪرندي رهي آهي. ناسٽرڊيمس جي هڪڙي اڳڪٿي ته اها به هئي ته هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جڏهن ڪو ماڻهو زمين ۾ دفن ٿيل منهنجي (ناسٽر ڊيمس) کوپڙي (Fossil) ڪڍي، ان ۾ شراب پيئندو ۽ اڳڪٿين جا سمورا دفن ٿيل ڪاغذ ڪڍي ويندو ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ دنيا ڏند ٽيڙي ڏسندي رهي. علم نجوم جي اڳڪٿين تي فقط مغرب منجهيل نه رهيو آهي، پر مشرق جا مامرا ئي ٻيا آهن. حقيقت به اها ئي آهي ته سائنسي علمن (Oriental studies) جو جنم مشرق جي گرم پٽن ۽ وسيع ميدانن ۾ ٿيو ۽ اهي جوان مغرب ۾ ٿيا. مغرب ۾ انهن علمن ۽ سائنس جي ابتدا ته گذريل چئن پنجن سالن جو معاملو آهي. علم نجوم جو اصل گهر ته مشرق آهي. قديم هندستان جا جوتشي ۽ عرب دنيا جي نجوم جي ڳالهه ڪولبي ته قصو ڊگهو ٿي سگهي ٿو. علم رمل، علم جعفر، علم ابجد، علم اعداد ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا ئي علم آهن، جيڪي پورب جي پيٽ مان نڪتا آهن. انهن قصن ۽ ڪهاڻين جون ڳالهيون توهان جي به پيٽ ورن ۾ هونديون. جڏهن هندستان جون راڻيون مهاراڻيون پنهنجي راڄن رجواڙن جي مستقبل جون آسون ڪٿي وڃي جوتشين اڳيان ويهنديون هيون ۽ پنهنجي آئندي جا انديشا ڪٿي گهاگهرو لوڏي گهر موٽنديون هيون. بغداد جا خليفا ته ڪنهن مهم تي نڪرڻ کان اڳي نجومين جا در ضرور ڏسندا هئا. سنڌ ۾ سسئي جو به ٻانيڻ جي گهران نڪري سنڌوءَ جي لهرن تي لڏندي محمد ڌوٻيءَ جي گهاٽ تائين پهچڻ ۽ آريءَ جي اولاد سان اکين جو اڙجڻ به ڪنهن جوتشيءَ جي جادوگري هئي. انهن جا فسانا پنهنجيءَ جاءِ تي، پر علم نجوم، ابجد، رمل ۽ ٻيا علم فقط ڪجهه انگن اکرن جو کيڏ نه هو پر انهن جي پويان به سائنس هئي. انهن جي تشهير ۽ تفصيل نه ڪلي سگهيا آهن ته انهيءَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مقصد اهو هرگز ڪونهي تہ اهي فقط ٺڳيءَ جو ناهہ هئا. جي ائين هجي تہ پوءِ آئنسٽائن جي E=mc2 بہ فقط اکرن جي اداڪاري هجي ۽ پيٿا گورس جون ايڪوئيشنون رڳو ڪتابي ڪوڙ هجن. پر انهن جديد سائنس جي عمل جا لاڄڪ بيان ڪيا ويا آهن، پر مشرق جي قديم سائنس جي تشريح جي تشنگي باقي آهي. انهن حقيقتن جي پٽاڙ ۾ انهي جي اهميت پنهنجي جاءِ تي، پر اڄ جي اهم خبر اها آهي تہ دنيا ختم ٿي رهي آهي.

آرهڙ جي هنن تپندڙ ڏينهن ۾ اها اڳڪٿي پڙهي، توهان ڇا سوچي رهيا آهيو؟ اهو ٿي نہ تہ اهو ناسترڊيمس جو ناٽڪ آهي. هلو ڪٿيُ اهو انهي پوڙهي نجوميءَ جو ناٽڪ هجي، تہ ڇا اها حقيقت ناهي تہ دنيا جي خاتمي جي خبر تصور جي تاج محل ۾ ڪيڏي تباهي آڻي سگهي ٿي؟ ڇا اهو سچ ناهي تہ انهي وهم وچان پنهنجي مستقبل جي مرادن ۾ شوق جا شاهجهان انديشيءَ جي عالمگير هٿان ذهن بدر ٿي سگهن ٿا. ائين جي هوندو تہ انهيءَ ڪري هوندو جو اسان انهي دنيا جي دلربا کي پنهنجي دل ڏئي چڪا آهيون ۽ انهي جو خاتمو پنهنجو خاتمو آهي ۽ پنهنجي خاتمي تي پشيماني پاڻ سان پيار جي نشاني آهي.

دنيا ڪڏهن شروع ٿي؟ ممڪن آهي تہ اهو سوال فقط سائنس جي شاگردن لاءِ دلچسپيءَ جو سبب هجي. پر دنيا ڪڏهن ختم ٿيندي؟ اهو سوال سيني جي ساهہ جو سوال آهي پر دنيا جي فاني هجڻ وارو تصور بہ تہ ماڻهوءَ کي انهي اسٽيج تي آڻي بيهاري ٿو. جو سوچڻ لڳي ٿو تہ دنيا جي آهي تہ ڇا؟ جي ناهي تہ ڇاهي؟ دنيا جي دلبري ۾ قاتل ماڻهو ان جي بي ثباتيءَ کان انڪار تہ نہ ڪري سگهندا. جيڪي اياز جي انهيءَ سٽ جي سنگهر ۾ جڪڙيل آهن:

ڪٿي اسان جي اڪار آهي، اياز ڪيڏانهن ناوَ نيندي؟

هي اڻ ڏٺي سمت ڏي ڊڪندڙ جيون جي ناوَ آخر ماڻهوءَ کي ڪيڏانهن ڪٿي وٺي رهي آهي؟ ڪير ٻڌائي سگهي ٿو! فنا ۽ بقا جي جهيڙي ۾ زندگيءَ جو سفر ڪندڙ دنيا جي ثبات ڇا ۾ آهي؟ انهي سوال ۾ صدين جا ساهہ سڪي ويا. ڪير سمجهائي سگهيو. مادي کي بقا آهي يا روح کي دوام آهي. ”ڪن فيڪون“ ۽ بگ بينگ جا فسانا ڊارون جي ارتقا جي فلسفي اڳيان اسرار جي ڪهڙي اهميت اجاگر ڪري سگهيا؟ ڪوانٽم فزڪس، آئنسٽائن جي ٿيوري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آف رليٽيوٽي، هائي سن برگ جي Uncertainity Principle ۽ اسٽيفن هاڪنگ جهڙن سائنسدانن دنيا جي دل، مان ڇا ڪجهه آڻي سگهيون، اهو اسان به ڄاڻون ٿا. ماڻهو صدين کان پنهنجي ذات تي سوچيندو آيو آهي ۽ پنهنجي ذات ۾ منجهندو ۽ مرندو آيو آهي. ذات جي درد کان ڪائنات جي ڪل تائين ڪهڙي تند تپي ٿي؟ ڪيترن سالڪن ۽ سائنسدانن سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر دنيا اڳيان عجب جي نشاني جيئن جو تيئن موجود آهي. ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي بقا شايد ان جي فنا ۾ هجي، پر دنيا جي بقا ڇا ۾ آهي؟ دنيا جي تاري تان پڙڪو ڪائي اڏامندڙ حياتي پنتي رهجي ويل حياتين کي ڪيتري عرصي تائين حيران ڪندي رهي ٿي؟ انهيءَ تي بحث اجايو آهي. ماڻهوءَ جي حياتي جيڪا حياتين ۾ دنيا جا اسرار اڪيلي ٿي، انهي حياتيءَ جو هجڻ حياتين سان آهي. پر دنيا جو هجڻ ڇا سان آهي؟ دنيا جا خود هڪ ڏکي ۽ دلچسپ زندگي آهي، جيڪا زمان ۽ مڪان جي گهيري ۾ گهتجي رهي آهي. دنيا جيڪا زندگين جي زندگي آهي، انهيءَ جي بقا بابت سوال يقينن ايسٽرالاجي ۽ فزيڪل سائنس جي ماڻهن کي مايوسي ۽ بيوسيءَ جي قبر تائين آڻي ڇڏي پر دنيا جي ثباتي جو سوال شايد صوفي لاءِ ڏکيو نه هجي. ممڪن آهي ته ”جز ۽ ڪل“ جو ڪاپڙي پنهنجون آڪاش جيڏيون اکيون ٽمڪائي، انهيءَ سوال کي سيڪنڊن ۾ سلجهائي ڇڏي جيڪو هن جهان کي جوڳيءَ جي جُتي جي ڪيهه ٿو سمجهي، جيڪو هن جهان جو حانظ دنيا کي ڪنهن ڳل جي تر تان قربان ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ ڪائنات کي محبوب جي ڪشادي اک جي ڪجري ڪاني ٿو سڏي، جيڪو چوي ٿو ته دنيا مسافر خانو آهي. ماڻهو هن پليٽ فارم تان پل گهڙيءَ گذري ڪنهن پرانهين اسٽيشن جي پنڌ ڏانهن پڌاري ٿو. جيڪو ساڌو ڪبير جي روپ ۾ چئي ٿو:

يہ سنسار ڪاغذ ڪي پڙيا بوند پڙي گهل جاتا هي،
يہ سنسار ڪانٽ ڪي باڙ هي الجهہ پلجهہ مرجاتا هي.

چو ته هن لاءِ دنيا جي رنگينين کان مٿي روح جو هيڪل جزيرو ۽ گوتم جي ”سروم دکم دکم“ مان نڪرڻ روح جي درياءَ مان اڏامي مطلق هستي ڏانهن موٽڻ آهي. انهيءَ ڪري هن لاءِ دنيا اهم ناهي. دنيا جو خاتمو ڪو ڪتڪو ناهي. چو ته هو دنيا کي فاني سمجهي ٿو.

فاني ئي فاني دنيا دم نه هيڪڙو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ ڪبير جي لفظن ۾ چوي ٿو:

ڪهہ ڪبير سب دنيا بنسل، رهل رام اوناسي هو.

(ڪبير چوي ٿو تہ دنيا فنا ٿي ويندي، فقط رام کي دوام آهي)

دنيا کي سڀ ڪجهہ سمجهندڙ ماڻهوءَ لاءِ ئي دنيا جي هجڻ نہ هجڻ جو احساس اهم آهي. نہ تہ ڪلجگ جي ڪاپڙين لاءِ دنيا جو هجڻ نہ هجڻ ڪهڙي اهميت رکي ٿو. جيڪي سنياس جي الک نگريءَ جا اجيا مسافر آهن. پر هي اسان جهڙن لاءِ يقينن زهر جو ڍڪ ٿي سگهي ٿو جيڪي سائنس ۽ سنياس جي وچ واري واديءَ ۾ وڃايل آهن. جيڪي غالب جي "بازيچہ اطفال" جي چڪر ۾ قابو ٿي، ڪنهن انگريز جي انهي چوٽيءَ کي چاهہ سان ورجائين ٿا:

This World is Comedy to those who think a tragedy to those who feel.

(دنيا انهن لاءِ مذاق آهي، جيڪي سوچين ٿا ۽ انهن لاءِ الميو آهي، جيڪي محسوس ڪن ٿا.)

پاڻ تہ دنيا کي اسٽيج سمجهندڙ شيڪسپيئر جا اهي اداڪار آهيون، جيڪي روئاريندي روئاريندي کليو پئون ۽ کلندي کلندي رويو پئون. تن لاءِ ناسترديمس جي اها اڳڪٿي ڪجهہ مايوسين کي جنم ڏئي سگهي ٿي، جن کي اڃا زندگيءَ جي ڊرامي جا ڪجهہ سين ڪرڻ جي جستجو آهي. ممڪن آهي تہ جولاءِ پنهنجي ڊرامي جو ڊراپ سين نہ بہ هجي ۽ ممڪن بہ آهي تہ هي ڪالم منهنجو آخري ڪالم هجي.

(جمعو 9 جولاءِ ـ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سيارو: پيار ۽ شڪار جي موسم

سنڌ ۾ سيارو اچا پنهنجي پوري جوڀن ۾ نہ آيو آهي. ليڊر جي جئڪيٽن، فل سوٽن، شيٺهن پاٽين، ڊراءِ فروٽن ۽ گرم بسترن کي انجواءِ ڪندڙ ماڻهو سرد پهاڙي علائقن جي برف باري (سِنو فال) ڏانهن وڃي چڪا آهن. آرهڙ جي لُڪن جي لوساتيل سنڌ، سانوڻي بوندن ۾ چڳن مان چيڙهہ ڪڍي نہ سگهي ۽ اڄ سياري جي سيءَ ۾ اوچڻ لاءِ ويچاري آهي. جيئن تہ ڪانيون ڪمند ڪان مهانگيون ٿي چڪيون آهن، سو پيار ڪندڙ دليون درد جي سگريءَ تي پنهنجا هٿ سيڪڻ لاءِ سوچيندڙيون هونديون. سياري جي سخت سردين ۾ جڏهن سياستدانن ۽ ڪامورن جا سينا برف جي سِلين جهڙا ٿي پوندا آهن، تڏهن پاڻ جهڙن نامراد عاشقن جون اکيون ۽ دلين جا آشرم خوابن ۽ خواهشن جي دونهين ۾ گهيرجي وڃن ٿا. پنهنجا اُباڻڪا درد شيلي جي هيٺين سٽن کي ڳولي لهن ٿا ۽ پاڻ نئين سال جي سورج ديوتا جي آجيان اهو چئي ڪريون ٿا:

(Ah! Woe is me! Winter is some and gone but grief returns with the revolving year.)

(آئون درد آهيان، سيارو آيو ۽ هليو ويو. پر درد نئين سال سان موٽي آيو.)

شايد ڪا بہ موسم سورن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿي سگهي ۽ اهي سياري جي ڊگهي رات ۾ پوڙهي نانيءَ جي هڏايل ڪنهن آکاڻيءَ جيان طويل ٿيندا ٿا وڃن ۽ پاڻ فقط ہڏون ٿا تہ هن منڊ ۾ ڪمرن جي مڌم روشنين ۾ ننهن سان نيزا ٻيجي ڪائيندڙ جوانيون پنهنجي چاهيندڙن کي لِو ليٽرس ۽ نِيو اِيئر ڪارڊس بہ لکنديون آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيارو پيار ۽ شڪار جي موسم آهي. هر دل شڪار ڪرڻ ۽ ٿيڻ جي تمنا ڪندي آهي، جيئن ڪنهن انگريز شاعر چيو هو:

(My heart is a lonely hunter that hunts on the lonely hill.)

(منهنجي دل اڪيلي شڪارڻ آهي، جيڪا اڪيلي پهاڙيءَ تي شڪاري ڪري ٿي.)

هن ديس جي اداس دل جيڪا سدائين شاعرن جو شڪار رهي آهي، سا جام شوري جي ڪنهن اڪيلي پهاڙيءَ تان لهندڙ سج جي منظر جو شڪار ڪرڻ کان مٿي، ڪري بہ ڇا ٿي سگهي؟ هن ديس ۾ شڪار دلين هٿان گهٽ دونالين هٿان وڌيڪ ٿيندو آهي. هتي دليون ۽ هرڻيون سائبيريا جي پکين سان هن ئي مند ۾ خون هاڻيون ٿين ٿيون.

هن مند ۾ جڏهن پرديسي پکي ولر ڪري سنڌ جي رڻن ۽ پاڻين تي لهندا آهن، تڏهن مهمان نواز ڌرتيءَ جا ماڻهو بندوقن جي نالن کي تيل هڻڻ لڳندا آهن ۽ مهمان پکين جي موت جي چُوٽي سان مهماني ڪئي ويندي آهي. شولو خوف ۽ دوستو وسڪيءَ جي ديس جي رنگين پکين ۽ ڪرڪندڙ ڪونجن کي سنڌ جون ڪجهہ اکيون مايا ڪووسڪي ۽ پشڪن جي سٽن سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، جيڪي اکيون اياز جي انهن سٽن تي آگم اٿلي اينديون آهن:

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون،
هر هر ڪري هَل-
تڏهن ملنداسين.

ڪونجون قطارون ڪري روهہ تي لٿيون آهن الائي نہ. من جو ميت ڪنهن کي مليو آهي، ڪهڙي خبر؟ پر پاڻ فقط اهو ڄاڻون ٿا تہ سنڌ انهن شڪارين جو شڪار گاهہ بڻجي چڪي آهي، جن لاءِ لطيف چيو هو:

بغل منجهہ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا.

اڄ سنڌ جي فضائن ۾ پکين کان وڌيڪ بندوقن جا ڇُرا اُڏامندي ڏسي سگهون ٿا. جيڪي لاڙ جي ڍنڍن کان وٺي لڪي شاهہ صدر جي لڪن تائين، ٿر جي راڻلن کان وٺي ڪاڇي جي پٽن تائين مِينهن جي بوندن جيان ٽپ ٽپ ڪري وسي رهيا آهن. زخمي پکين مان ڳڙيل رت شهيد سپاهيءَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي فرياد جيان سموري ديس تي ڇانيل آهي. شڪار جا شوقين شيخ شڪاري پنهنجي عقابن، خيمن، خليفن سميت سنڌ ۾ شڪار تي آيل آهن ۽ سنڌ آمي ۽ ڦاپيءَ بابت سوچي سواليہ نظرن سان پڇي رهي آهي، تہ هيل شڪاري ڇا ڇا شڪار ڪندا؟

ابوجهہ جانورن ۽ معصوم پکين جي شڪار جي ڪهاڻي ماڻهوءَ جي پيٽ جي دوزخ جيتري پراڻي آهي. وٽن جي پنن سان پاڻ ڍڪيندڙ پنهنجا پڙ ڏاڏا جانورن جو شڪار نظريئہ ضرورت تحت ڪندا هئا. جيڪو شوق نہ پر بک جو پلو هو. دجلہ فرات، نيل ۽ آمو درياهہ جي ڪنارن تي وسندڙ قومن ڪان وٺي گنگا، جمنا ۽ سنڌوءَ جي ساحلن تي رلندڙ سانورن دراوڙن تائين، سڀ شڪاري هئا. هٿ ۾ تير ڪمان ۽ ڪاتريون ڪٽي جهنگلن ۾ لوڪڙن جيئن لڪندا گهمندا هئا ۽ پنهنجا شڪار تاڙيندا هئا. باقائده شوقيہ شڪار جي شروعات مصر يونان ۽ روم مان ٿي. جيڪا تيرهين صدي عيسويءَ تائين بغير ڪنهن قانون ۽ گيم لا جي جانورن ۽ پکين جي نسل ڪشيءَ جا ڪيترا ئي نوان نرالا انداز ڏئي چڪي هئي. ٻارهين تيرهين صديءَ تائين جانورن جي بچاءَ لاءِ ڪو بہ قانون نہ هو ڪو بہ نيشنل پارڪ نہ هو. Yellow stone national park تہ آمريڪا جي اڻويهين صديءَ ۾ ٿيوڊور روز ويلٽ ٺهرايو هو. پهرين گيم لا شايد بغداد جون بازارون لٽيندڙ هلاڪو ۽ چنگيز جي پوٽي قبلائي خان جو هو جنهن لڳ جي موسم (Breeding season) ۾ شڪار تي سخت پابندي لڳائي هئي. اِهو اُهو دور هو جڏهن جاگيردار يورپ جا انگريز وڏيرا شڪار ڪي فقط سنلن لاءِ جائز قرار ڏيندا هئا. غريبن ۽ عام ماڻهن لاءِ شڪار کي ممنوع قرار ڏيڻ کي "گيم لاز" جو نالو ڏيندا هئا. عام ماڻهو شڪار ڪندي پڪڙجي پوي تہ ان لاءِ سخت سزائون هيون. هو سمجهندا هئا تہ شڪار ڪرڻ سان فتح جو احساس ٿئي ٿو ۽ اهو احساس متان ڪنهن بغاوت کي جنم نہ ڏئي. هو شڪار ٿيل جانورن جون کلون استف ڪرائي، ديوارن تي لٽڪائيندا هئا ۽ انهن اهو ڪلچر فقط پاڻ تائين محدود ڪونہ رکيو. پر سنڌ جي وڏيرن تائين بہ تحفي طور ڪٽي آيا. هو اُهي انگريز وڏيرا هئا، جن کي گهوڙي تي چڙهي، شڪار ڪرڻ ۾ اهو مزو ايندو هو جيڪو جنگ جي ميدان ۾ ويڙهاڪ جنگجوئن کي ايندو آهي. اڄ جي دور جي انگريزي چوڻي انهيءَ دور جو عڪس آهي: Hunting is an image of war without its guilt (شڪار جنگ جو تصور آهي، جنهن ۾ گناهہ جو احساس ناهي.)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ بہ سنڌ ۾ ٽينڊڙ شڪار انهيءَ پندرهين سورهين صديءَ واري يورپ ۾ ٽينڊڙ نسل ڪشيءَ (Genocide) جهڙو آهي، جڏهن پندرهين صديءَ ۾ ميچ لاڪ رائيفل ٺهي هئي، تہ سموري انگلينڊ ۾ معصوم جانورن جي قتلام ۽ تباهيءَ جا نغارا تيز ٿي ويا هئا. مرچن ۽ وونٽن جي فصلن ۾ پيي ڪيپ ٽوپيون ۽ هيٺ پاتل وڏيرا ۽ ڪُلهن تي باز ڪنيل شيخ شڪاري ڏسندا هوندئو تہ توهان بہ سوچيندا هوندئو تہ سنڌ بہ يارهين صديءَ جو يورپ آهي. جڏهن 1066ع نارمن حملي دوران انگلش ڪائونٽيز ۾ گهمندڙ لارڊز ۽ ويسلز (Vassals) جنهن کي توهان وڏيرا ۽ پوتار چئي سگهو ٿا) جي ڪُلهن ۽ ٻانهن تي باز ويٺا هوندا هئا، جيڪي اُهي پنهنجي رتبن (Ranks) مطابق رکي سگهندا هئا. بادشاهہ کان ارل تائين ۽ پادريءَ کان نوڪر چاڪر تائين، جهڙو عهدو تهڙو عقاب. اهو شوق انگلينڊ جي امراءَ ۾ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ تائين عروج تي رهيو جيڪو پوءِ ڪالونيل نظام ذريعي عربن ۽ لاطيني آمريڪا تائين رسيو. سو اڄ پنهنجي قديم ۽ جديد شڪلين سميت سنڌ ۾ آيل شيخ شڪارين ۾ تلورون ماريندي ڏسي سگهو ٿا.

عقابن ۽ بازن ذريعي پکين جو شڪار جنهن کي هو فالڪينري (Falconry) يا هاڪنگ (Hawking) چوندا هئا، سو سڀ کان پهرين چين ۾ 2000 ق.م ڌاري شروع ٿيو جتان پوءِ جپان، هندستان، ايران ۽ ٻين ايشيائي ملڪن تائين پهتو. قديم دور جي مصري تهذيب جي ديوارن تي اُڪريل تصويرن مان بہ انهيءَ جا اهڃاڻ ملي سگهن ٿا. حقيقت ۾ يورپ ۾ فالڪنري جي شروعات رومن ڪئي، جيڪو پوءِ نائين صدي عيسويءَ ڌاري انگلينڊ جي گورن پوتارن (Vassals) تائين آيو.

سيارو جنهن کي انگريز گناهہ ۽ برف جي مند ( Season of sin and snow) چون ٿا، سا شيخن لاءِ تفريح جي موسم آهي، جنهن کي هو پنهنجا محل ڇڏي خيمن ۾ اچي انجواءِ ڪن ٿا.

فور ويل شاهي گاڏين ۾ اچي بر ۾ بازار لڳائيندڙ ڪيترا ئي رياستي قانون اورانگهي اچن ٿا ۽ هتان جي سرڪار سڀ ڪجهہ ڏسندي، سمجهندي بہ مجبوريءَ ۾ ماريل آهي. چو تہ حڪمرانن جي ”تيل قليل“ جو مسئلو آهي. ڪي شڪاري شهزادا هتان جي حڪمرانن کان شڪارگاهون 99 سالن جي ليز تي وٺندا آهن ۽ ساليانہ ٻن اڍائي ڪروڙن جي بجيٽ سان هلندڙ وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ جون 32 سينڪچوئريز ۽ 13 رِزرو علائقا بہ سندن گاڏين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ٽائرن هيٺان هوندا آهن. تلور جي نالي ۾ شڪار ڪندڙ شڪاري پنهنجي عقابي حوس جي چنبي سان الائي ڇا ڇا شڪار ڪندو آهي، جنهن جون رڙيون پوءِ رحمڪي بازار مان بہ ٻڌڻ ۾ آيون هيون.

سنڌ ۾ ايندڙ شهزادن ڪي مختلف علائقا الاٽ ٿيل آهن، جن جي رکوالي انهن طرفان ڳرين پڳهارن تي مقرر ٿيل "راڪا" ڪندا آهن. هڪ اهم ۽ نالي واري شيخ کي ضلعو رحيم يار خان، سکر ۽ خيرپور، هڪ ٻئي محترم کي جوهي ۽ ڪاڇو هڪ امير جي ڀاءُ کي ٿرپارڪر، هڪ ٻئي امير جي پٽ کي دادو ضلعو الاٽ ٿيل آهي، پر ڏنو ويو آهي تہ اهي شيخ صاحبان پنهنجي شڪار کي فقط مقرر علائقن تائين محدد ناهن رکندا. علائقي جي معززين ۽ حڪومت جي مهربانين سان وائيلڊ لائيف طرفان ظاهر ڪيل گيم سينڪچوئريز ۾ بہ شڪار ڪن ٿا ۽ انهيءَ جي عيوض حڪومتي ڪامورن کي خرچيون، قيمتي تحفا ۽ وڏيون گاڏيون ملن ٿيون، جنهن جي ڪاڻ پوتار ڇا نٿا ڪري سگهن.

سنڌ جو وائيلڊ لائيف کاتو جيڪو 614 گيم واچرس، 52 گيم انسپيڪٽرس ۽ ڪجهہ عدد وڏن آفيسرن تي مشتمل آهي، سو فخريہ طور تي شڪار جي نہ پر شڪارين جي بچاءَ ۾ مصروف هوندو آهي، جنهن ۾ سياسي اثر تحت گيم واردن کان وٺي وزير تائين اهي ايندا آهن، جيڪي خود وڏا شڪاري هوندا آهن. اهي انسپيڪٽرن ۽ گيم واچرن کي پنهنجي اڙدلين ۽ ٽوبچين طور استعمال ڪندا آهن. ڪولر ڪٽڻ کان وٺي ماريل شڪار ڪٽڻ تائين سڀ ذميواريون وائيلڊ لائيف جي رکوالن کي ڪرڻيون پون ٿيون، جيڪي هو فخريہ طور ڪندا رهن ٿا. منهنجا وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ جي واحد صوفي صفت انسپيڪٽر سان ڪيترا ئي نرم گرم بحث ٿيندا آهن، جن کي هو اڃڙي تتر جهڙو سادو ماڻهو هڪ بيوسيءَ واري گرم آهَ ۾ تاريندو رهندو آهي. چوندو آهي تہ اسان جو ڪم صرف نانگ جهليندڙ جوڳين، پڳوئين ۽ دامڙين تيترين کي پڪڙڻ آهي، باقي وڏا صاحب تہ پنهنجي وس کان ٻاهر آهن. انهيءَ گيم انسپيڪٽر جي چاهيندي بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ واري احساس جو علاج ڪير ڪندو؟ حڪومت وٽ جواب بہ انهيءَ سوال جيترو غريب ۽ لاچار آهي. هو اداس اکين وارو انسپيڪٽر جيڪو چوندو آهي تہ جيڪڏهن سرڪار جي بي توجهيءَ واري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نوازش اجا بہ هلندي رهي تہ پوءِ توهان کي مور تتر، هرڻ ۽ ڦاڙها فقط شاعريءَ ۾ نچندي نظر ايندا ۽ سنڌ مورن جي ٽهوڪن بجاءِ ڇهرن جي ڇيهاٽ ۾ ويڙهيل هوندي.

سنڌ ۾ شڪار ذاتي شوق سان گڏ مائٽاڻو ۽ ثقافتي ورثو سمجهي بہ ڪيو ويجي ٿو. هوڙيا نوڙ (Beating) تي ٽينڊڙ تترن جي شڪار کان وٺي سرچ لائيٽ تي انڌو ڪري هرڻ مارڻ تائين، ڍنڍن ۾ ننڍڙين ٻيڙين ۽ هوڙن ۾ ڪڏٽا وٺي نيرڳيون، ٽرندا، آڙيون، رتونبا، ڇيڪلا، دلاريون ۽ لاکا مارڻ کان وٺي ڪڇي جي ٻيلن ۾ ڦاڙها مارڻ تائين، سڀ شڪار جا ديسي انداز آهن. سنڌ جي وڏيرن جو اجا بہ محبوب شغل سُوئرن جو ڪتن سان شڪار آهي. ڏٺا هتن ۾ ڪٺي جڏهن وڏين مُڇن وارا وڏيرا ٻيلن ۾ لهندا آهن تہ هاري سوچيندا هوندا تہ ”مُجيري کي سوئر مارڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ وڏيرن، سياستدانن ۽ ڪامورن لاءِ سنڌ هونئن بہ ميرن جي دور واري شڪارگاهہ آهي، جتي ٺٽي جي نوري پليجو جو ائين شڪار ٿئي ٿو، جيئن ڪنهن نيرڳي جو شڪار ڪنهن ڍنڍ ۾ ڪن ٿا. انگريزن جي دور ۾ سرڪار نامدار جي گورنرن ۽ وائسرائن کي شڪار ڪرائي لقب القاب وٺندڙ خانبهادرن ۽ راءِ بهادرن جو اولاد اڄ بہ شهزادن، پرڏيهي سفيرن، جنرلن، ڪامورن ۽ سياستدانن اڳيان اهو ئي آهي، جيڪو هو سر چارلس نيپيئر جي دربار ۾ هو. اڄ بہ جتي سعيد پور ٽڪر جا سيد، خيرپور جا خشڪ، جاتيءَ جا ملڪاڻي، مٽياريءَ جا جاموٽ، غيبي ديري جا چانڊيا، راڻيپور جا جيلاني، گهوٽڪيءَ جا مهر، ڪوهستان جا ملڪ ۽ بدين جا نظاماڻي گڙنگ شڪاري ۽ شڪارين جا ميزبان آهن، اتي دڦ ۾ بندوقون هڻندڙ اسان جي گنجي يار چاچي چنگسو جهڙا واڻڻا ڪردار بہ آهن، جيڪي بندوقن جون گرم ناليون سونگهڻ ۾ خوش آهن. هونئن تہ پنهنجي اسي سالن جي عمر شڪار حوالي ڪندڙ سوپاري آريسر جهڙا ميزبان توبچي تہ ڪيترا ئي آهن. پابنديون جن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿيون سگهن ۽ هو تر جي پٽن ۾ هرڻن، تترن، تلورن، پٽيهرن، گوڙاهن ۽ روجهن جا پير حسن درس واري بچل پيريءَ کان بہ وڌيڪ تيزيءَ سان کڻندو آهي، جيڪو شڪار جي ڳالهين کي ٻڌندڙن اڳيان نوڙئي (S.G) ڪارتوس وانگر فخر سان اڇلي ٿو ۽ جنهن بدي جي ڪڪر جهڙي شاعر بخشڻ مهراڻويءَ جو اهو بہ ناهي ٻڌو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منهنجي پريت آ پنڇيءَ جهڙي،
تنهنجي موت شڪاريءَ وانگي.

انهيءَ تتر جهڙي گهايل شعر جي ڇُهنڊڙي انهيءَ دل کي لڳندي هوندي، جيڪا دلاري پکي جيئن ڪجرين اکين جي دونالين اڳيان شڪار ٿي چڪي هوندي. انهن شڪارين کي ڪهڙي خبر جيڪي پنهنجي شوق کي نسل ڪشيءَ واري انداز ۾ ريجهائين ٿا. هو انهن نازين کان به بدتر ۽ وحشي ٿي بيهن ٿا، جن جرمنيءَ ۾ لکين خانه بدوشن ۽ جِپسين کي ماريو هو ۽ هي اُهي نازي آهن، جيڪي فطرت جي حسين، آواره ۽ خانه بدوش پرندن جو هولوڪاسٽ ڪن ٿا، جن لاءِ لطيف بددعا ڏني هئي ته:

ماري مرين شال، ڏيہ وڃنئي ڏيہون.

ڪجهه سال اڳي جڏهن هندستان مان هرڻن جا ڪيترا ئي ولر بک وچان ڀڄي پاڪستان آيا هئا، تڏهن جنرلن ۽ سفيرن کي شڪار ڪرائيندڙ هتان جي نالي وارن شڪاري وڏيرن ٿر ۾ شڪار ڪندي 120 هرڻ ماريا هئا، جن مان ڪجهه ڪنياڻون ۽ ڪيترا ئي ڪتن جي حوالي ڪري هليا ويا هئا. اها ڳالهه اڄ به جڏهن آئون ٿر جي ماڻهن وٽان ٻڌندو آهيان، ته مون کي سترهين صديءَ جو جرمن بادشاهه جان جارج ٿُو ياد ايندو آهي، جنهن پنهنجي رياست سيڪسني ۾ 43 هزار هرڻ ماريا هئا ـ ۽ اهو سيڪسني کي موسيقارن ۽ طبلائين جو مرڪز ڪندڙ بادشاهه جنهن بوهيميا جو تخت ۽ تاج انهيءَ ڪري ٺڪرايو هو جو اتي جا هرڻ سيڪسني جي هرڻن کان ننڍا هئا ۽ جنهن سيڪسني ۽ بوهيميا وچان هڪ زبردست ديوار ڏياري هئي، ته جيئن اتان جا هرڻ سيڪسني ۾ داخل نه ٿي سگهن. اڄ جڏهن آئون سنڌ جي مهمان پکين ۽ شاعرن جي غزالن (هرڻن) کي ماريندڙ جان جارجن بابت سوچيان ٿو ته مون کان ارڙهين صديءَ جي فرانس جو بادشاهه لوئي پندرهون به وسري ٿو وڃي، جيڪو پنهنجي تاجپوشيءَ واري رسم (Coronation) ڏانهن ويندي ولارز جي گهاٽن جهنگلن ۾ هرڻ ڏسي ترسي پيو هو. هو 276 ڏينهن شڪار ڪندو رهيو ۽ هوڏانهن ماڻهو انتظار ڪندا رهيا.

هاڻ جڏهن سنڌ جي ڪميونسٽن جو قبلو ماسڪو نه رهيو آهي ته سائبيريا جي پکين جو طرف به سنڌ کان ڦرندو پيو وڃي. جيئن پوءِ تيئن پکين جي تعداد ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي ۽ سنڌ کي رائيلن تي ڪرلائيندڙ ڪونجون ۽ هنج



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏني ڏينهن ٿيا آهن. هاڻ سنڌ جي اداس سرن تي وُٺي جي هوا اڏارن جا پيغام کڻي اچڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ انهن ماتم انگيز هوائن کان "هوش ڪري ڏس هنجڙا يار" جهڙا ڪلام به وسري چڪا آهن. پيار جا ڊنڊورا پٽيندڙ ديس معصوم پکين، اکين ۽ سکين اڳيان خاموش بيٺو آهي ۽ دور ڪراچيءَ جي ساحلن تي سيگل وانگر اياز جو گيت نچي نچي چئي رهيو آهي:

اڏر پکيئڙا يارا پُنا ٻولڻ ڏينهڙا.

(23 ڊسمبر_1998ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



# چهرا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# گوتم: سروم دکم دکم

اهو وقت هو جڏهن هندستان ۾ گنگا ۽ جمنا جي گهاٽن ۾ گهيڙن تي ويارتين ۽ سنياسين جا ڪٽڪ "هري اوم، هري اوم" ڪندي پيا لنگهندا هئا. هندو مت پنهنجي پوري ڏيا سان اپنشد ۽ ويدن جي گونج ۾ هر ڏس پکڙجي رهي هئي. اهو دؤر هو 563 ق. م ڌاري جو. جڏهن اتر هندستان جي رياست ڪپل وستوءَ تيس گپتم فرقي جو راجا شڌ وڌن راج ڪندو هو. راجا محل هماليه جي هنج ۾ بنارس کان اٽڪل سؤ ميلن جي فاصلي تي هو. اهو ويساک جو مهينو هو ۽ آڪاس تي چندرما پنهنجي پوري جوڀن سان جلوه افروز هو. پر انهي پونم کي ڪهڙي پروڙ ته هيٺ ڌرتيءَ تي به ڪو چنڊ ڪڙندو. جنهن جي چانڊاڻ سان چانڊني مات کائيندي، انهيءَ فڪر ۽ فهم جي چنڊ ڪڙڻ جي اوسيئڙي ۾ راجا شڌوڌن محل جي دالان ۾ چهل قدمي ڪري رهيو هو ته اوچتو مهل جي هڪ ڪنيا ڊوڙي اچي خوشخبري تي ڏني ته: "مهاراج! واڌائي هجيو، اوهان کي ڀڳوان راج ڪنور عطا ڪيو." ۽ اهو ٻڌندي ئي راجا جي مک تي سالن جي اڃي مرڪ رقص ڪرڻ تي لڳي ۽ هو اگر جي ڌيمي خوشبوءِ ۾ تڪڙا تڪڙا پير کڻندو پنهنجي راج ڪنور جي نرڙ تي چمي ڏيڻ لئه وڌي ٿو. اها چمي انهيءَ مهاپرش جي نرڙ تي پوي ٿي، جنهن جي قسمت جي ريکا انهيءَ ٻارڙي کي اهو فڪري پنڌ تي ڪرائي، جنهن ۾ هن وشال وشو جا اهي انوکا اسرار پڌرا ٿيٽا هئا، جنهن جا آواز اڄ به ڪائنات جي ذري ذري مان "سروم دکم دکم" جا پڙاڏا ٿي گونجن ٿا.

اهو ننڍڙو ڪو بيو نه هو پر ان وقت جو سڌارٿ ۽ پوءِ جو گوتم ٻڌ هو. جيڪو "لمبيني" باغ ۾ انجيرن جي گهاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾ راجا شڌون جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وني "مايا" جي ڪک مان جنم وني ٿو. ان وقت سڌارٿ جو پيءُ ساڪيہ قوم جي گوتم فرقي تي راڄ ڪندو هو. جيڪو ذات جو ڪتري ۽ سپاهڪي هنر ۾ ماهر ليکيو ويندو هو. سڌارٿ جي ماءُ "مايا" هن جي ڄمڻ کانپوءِ ستين ڏينهن وفات ڪري ۽ سڌارٿ جي پرورش راجا جي ٻي زال ۽ مايا جي ننڍي ڀيڻ ڪري ٿي. سڌارٿ هر ڪنهن جي اک جو تارو هوندي بہ خوش نہ هو. هو پنهنجي دوست گوند سان گڏ انجيرن جي باغن ۾ ماڪ وهنتل گلن جي هلڪي هلڪي خوشبوءِ ۾ گهمندي بہ اداس رهندو هو. هو روزانو پوتراشنان ڪندي ۽ ٻليدان جون رسمون ادا ڪندي، سيني جي سرهائي جو مرڪز لڳندو هو. پر هن جي من ۾ ڪا مونجهہ ڪا اڻ تڻ هوندي هئي، جيڪا هر وقت پئي سوچن جي سمونڊ ۾ لوڙهيندي هئي. نديءَ جي وهڪري، ٽمندڙ تارن ۽ سج جي سياويڪ ڪرڻن سان گڏ ڪيئي طرح طرح جا خواب ۽ خيال ذهن جي ڪينواس تي لهي ايندا هئس. ٻليدان ڪيل شين جي دونهين مان، رگ ويد جي شبدن مان ۽ برهمڻن جي اپديشن مان جيڪڏهن ڪجهہ ملندو هئس تہ فقط ۽ فقط سوچن، خيالن ۽ پريشانين جا ويڪرا ۽ ڪشادا دڳ.

اهڙي نموني سوچن ۽ خيالن جي وهڪري سان وهندي، جڏهن 16 سالن جي الهڙ وهيءَ کي رسيو تہ هن کي پيءُ سمجهايو تہ هاڻ و واهہ ڪرائجي ۽ هن پنج استريون موڪليون تہ پنهنجي پسند جي پتي چونڊي، هن انهن پنجن ئي حسين ڪنيائن مان "يشودرا" کي پتني طور چونڊيو. جنهن مان هن کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو "راهل" رکيو ويو ۽ اهڙي نموني سڌارٿ 29 سالن تائين گهرو زندگي گذاري.

ان کانپوءِ هن لئہ ڇيو وڃي ٿو تہ سڌارٿ جڏهن پنهنجي محل کان ٻاهر گهمڻ ڦرڻ لاءِ ويو تہ هن چار ڳالهيون ڏٺيون، جيڪي هن جي ذهن تي تمام گهڻيون اثرانداز ٿيون.

هڪ پوڙهو هو جيڪو هڏ هيڻو نستو ۽ گڪو هو جنهن کي منهن تي گهنج هئا ۽ سمورا ڏند پڇي چڪا هئس. هو لٺ تي جهڪي ۽ ٽيڪ ڏئي هلي رهيو هو. ٻئي ڏينهن هن روڳ ۾ ورتل بيمار ماڻهو ڏٺو. ٽئين ڏينهن تي هن مئل ماڻهوءَ جو ٽڏو ۽ سڪڙيل مڙهہ ڏٺو ۽ چوٿين ڏينهن هن هڪ ساڌو ڏٺو جنهن سنسار کي تياڳيو هو. سڌارٿ انهي ويچار ۾ ويڙهجي ويو تہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ کي مرڻو آهي. هن سوچيو تہ زندگي موت جي هٿ وس آهي. پوءِ اها سما کھڙي آهي، جنهن کان پري نہ عمر آهي، نہ موت. ۽ ائين هن کي نرواڻ جي سوچ وڪوڙي وئي ۽ ان ڪانپوءِ جيڪو هن قدم کنيو تنهن لئہ چيل آهي تہ: ديپ جلي رهيو هو ۽ ان جي سڳنڌ هر طرف ڦهليل هئي. سيج تي موتئا ۽ بيا گل، پتريا پيا هئا. انهيءَ سيج تي هن جو پٽ راهل ۽ زال يشوڌرا ستل هئا. يشوڌرا جو هٿ راهل جي نرڙ تي هو. سڌارٿ چائنٺ تي بيهي هنن ڏانهن ڏٺو ۽ سوچيو تہ جي آئون راڻي جو هٿ هٽايان ۽ راهل کي کڻان تہ راڻي جاڳي پوندي. جڏهن آءُ "بڌ" ٿيس تہ پوءِ موٽي اچي پنهنجي پٽ کي ڏسندس. پوءِ هو راج محل ڇڏي هليو ويو.

ان ڪانپوءِ سڌارٿ رمتو ۽ پشتي ٿيو. هن سڀ کان پهرين پنهنجا وار ڪتايا ۽ ڪنهن واٽ ويندي کان ڪپڙا ورتا ۽ راجا بمبسيار جي راڄڌاني ۾ راج ڳڙهہ جي جهنگلات ۾ ساڌوئن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويو. جتي هن سڀ کان پهرين هندو فلسفي جي ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ تپسيا جا نوان طريقا سکي، خدا جي حقيقت ڄاڻڻ جي جستجوءَ ۾ لڳي ويو. جتان هو پنهنجن پنجن شاگردن سان گڏ "بوڌ" ويو ۽ اروبل جي گهاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾ رياضت ڪرڻ لڳو. جتي هن مسلسل ڇهہ سال رياضت ڪئي. سڀ کان پهرين يوگن جي ڏڳ تي هليو. ٻجن ۽ گاهہ تي جيئرو رهندو هو ۽ آخر ۾ ڪاڏو هٽائي، گاهہ جو هڪ داڻو کيائين. جڏهن ان مان بہ ڪو هڙ حاصل نہ ٿيس تہ پوءِ تپش جو ڏڳ آزمايائين. هن ڏاس مان ٺهيل ڪپڙو پاتو ڪنڊن تي ستو پر ان مان بہ ڪجهہ نہ وريس. ايتري قدر جو هو هڪ اهڙي اگڻ تي بہ ستو جتي ڳرنڊڙ لاش، ڳجهن جو کاڄ ٿي رهيا هئا جيئن عموماً پارسين جا لاش ٿيندا آهن. اهڙي نموني جڏهن هن جون ڇهن سالن جون رياضتون وئرٿ ويون، تہ هن سوچيو تہ انهيءَ طريقي سان حقيقت معلوم ٿي نہ سگهندي. هن رياضت ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ سڀئي شاگرد ناراض ٿي هليا ويا. چيو ٿو وڃي تہ هڪ ڏينهن سڌارٿ "نير نجار" نديءَ جي ڪناري تي پهتو جتي هن کي سجاتا نالي عورت ماني کارائي ۽ هو هڪ پپر جي وڻ هيٺان گيان ڌيان ۾ مصروف ٿي ويو. انهي وڻ کي "بوڌي" چيو وڃي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي: "ڄاڻ وارو وڻ". اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ پپر جو وڻ مقدس سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ وڻ هيٺان هن کي مارا "موت جي ديوتا" طرح طرح سان آزمايو پر ڪامياب نہ ٿيو. ان وقت سڌارٿ ڌرتيءَ کي آگر سان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇهيو ۽ آواز آيو: ”مان تنهنجي ساڪي آهيان.“ ۽ اٿين موت جو ديوتا مايوس ٿي موٽي ويو. اهو ويساک جو مهينو هو ۽ چندرمان جي جوڀن رات هئي. سڄي رات گيان ڌيان ۾ گذارڻ ڪانپوءِ پرهه ڦٽيءَ جو وهائو تارو اڀرڻ کان اڳ هو پنهنجي ماڳ تي رسيو ۽ هن کي اندر جي جوتي ملي. ان ڪانپوءِ سڏارٿ مان ڦري ’گوتم ٻڌ‘ سڏيو ويو. ان وقت هن جي عمر پنجٽيهه سال هئي.

هن جي تعليم ۾ چار ڳالهيون شامل آهن، جن کي (Four Nolbe Truths) چيو ويجي ٿو.

1. زندگيءَ سان تڪليفون ڳنڍيل آهن.
2. غمن کي زندگيءَ کان جدا نه ٿو ڪري سگهجي.
3. نفس جي خواهش تي قابو پائڻ سان غمن کان نجات ملي سگهي ٿي.
4. نفس تي قابو پائڻ جا اٺ اصول آهن:

- ♦ نيڪ خيال (Right View)
- ♦ نيڪ ارادا (Right Aspiration)
- ♦ نيڪ گفتگو (Right Speech)
- ♦ نيڪ عمل (Right Action)
- ♦ حلال روزي (Right Liveli hood)
- ♦ صحيح ڪوشش (Right Effort)
- ♦ صحيح الدماغي (Right Mindfull ness)
- ♦ گيان ڌيان (Right Contemplation)

گوتم ٻڌ پنهنجي اصولن جي سمجهاڻي ڏيندي ٻڌايو ته ڪاوڙ شراب نوشي، تعصب، دوکو حسد، پاڻ ستائڻ، غيبت، غرور ۽ گلا سڀ نجاستون آهن. انهن کان هر حال ۾ بچڻ گهرجي. هن چيو ته برهمڻن کي نذرانو ڏيڻ، ديوتائن تي قرباني ڏيڻ، ويدن کي پڙهڻ، جسم کي تڪليف ۾ وجهڻ، اگهاڙو ٿيڻ ۽ ٿلها ڪپڙا پائڻ سان ڪو به پنهنجو پاڻ کي وهمن ۽ گناهن کان پاڪ نٿو ڪري سگهي.

گوتم ٻڌ جي تعليم انسان کي عظمتن جي بلندين تي رسايو ٿي چڏي ۽ اهو پهريون ماڻهو هو جيڪو ناستڪ هوندي به ڪاميابيءَ سان هڪ عالمگير مذهب جو بنياد رکي ويو. وڏي ڳالهه اها ته هن جي تعليم ۽ ڳالهيون سيني مذهبن تي ڇانيل آهن. هن جي عقيدي موجب ”دنيا ۾ ڪا به شيءَ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

دائمي ناهي، هر شيءَ عرصو گذاري ۾ صورت اختيار ڪري ٿي. جيڪڏهن هر شيءِ جي شروعات آهي، تہ پڇاڙي بہ آهي. هن جو ويساهہ آهي تہ دنيا ۾ دک جو ڪارڻ شخصيت جو جدا وجود تسليم ڪرڻ ۾ اسباب سان لاڳاپجڻ سبب خواهشن جو پيدا ٿيڻ آهي. جيتري قدر ماڻهو يا فرد پاڻ ۾ خوديءَ کي جاءِ ڏيندو اوتري قدر بيماري، ڪمزوري ۽ موت ويجهو ايندو ويندس. شخصي وجود جو احساس ماڻهوءَ کي محدود ڪري ٿو ڇڏي. غلطيون هونديون تہ اتي دک جو پيدا ٿيڻ لازمي آهي. خواهشون حواسن جي پيداوار ٿين ٿيون ۽ اهي ڪڏهن بہ پوريون ناهن ٿيڻيون. ڪا بہ ڳالهہ تبديل يا موت کي روڪي نہ ٿي سگهي. ٻڌمت ۾ ڪرمن جو وڏو عمل دخل آهي. هو چون ٿا تہ سڀ ڳالهہ جو مدار ڪرمن جي ڦل تي آهي. هر ڪرم مان سٺا نتيجا نڪرن ٿا. هن ڌرم ۾ بہ وڏا فرقا پيدا ٿيا، پهريون: هنيان، ٻيو: مهايان.

1. هنيان (اظهار جو ننڍڙو ذريعو)

هي فرقو نرواڻ پد (نجات – Salvation) حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. هنن جو چوڻ آهي تہ روح (آتمائون) جوڻ ڪري، ڪرمن جي ڦل واري چڪر ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ جنهن ڪري دنيا ۾ درد، بيماري، بک جهڙيون مصيبتون ماڻهن تي ويڙهيو ويٺيون آهن. ان ڪري نرواڻ جي چڪر مان آجو ٿي، نجات حاصل ڪرڻ ئي زندگيءَ جو مقصد هئڻ گهرجي. هي فرقو ئي گوتم ٻڌ جي اصل فڪر ۽ تعليم کي ويجهو آهي، جيڪو هاڻ گهٽو ڪري پنهنجو اثر وڃائي چڪو آهي.

2. مهايان (اظهار جو وڏو ذريعو)

انهيءَ فرقي وارن پنهنجي تعليم جي تشريح ٽن اصولن ذريعي ڏني:

(1) علم حقيقي حاصل ڪرڻ (2) نيڪ ڪم ڪرڻ (3) رياضت ڪرڻ.

هن فرقي موجب حق جي راهہ تي پهچڻ لئہ مهاتما ٻڌ جي پيروي ڪرڻ ضروري آهي، جيتوڻيڪ اڳتي هلي ڪري هن ۾ سيئي غيرضروري ڳالهيون شامل ٿي ويون. مهاتما گوتم ٻڌ انسان ذات لئہ "سڌارڪ" بڻجي آيو. هو انسان ذات ۾ اوچ نيچ جي تصور جي سخت خلاف هو. برهمڻ پروهتن مذهب ۾ طرح طرح جون رسمون، پوڄا جا مختلف طريقا ۽ توهمات جي پرمار لائي ڏني هئي. ذات پات جون بندشون تمام سخت ٿي ويون هيون ۽ ماڻهو جادو ٽوڻن ۾ جنن ڀوتن جي اعتقاد ۾ قابو ٿي چڪا هئا. پنڊتن اهڙي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قسم جي پابندين ۽ عقيدن سان عوام کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو هو ۽ گوتم ٻڌ عوام لئہ مصلح بڻجي آيو ۽ هن پروهتن جي انهيءَ ڪم ۽ براين تي سخت حملو ڪيو جيڪي قديم.ويدڪ مذهب ۾ داخل ٿي چڪيون هيون. انهيءَ ڪري گهڻن گوتم ٻڌ کي هندو مذهب جو مصلح (Reformer) ڪري سڏيو آهي. جيئن مشهور صوفي سوامي وويڪ آنند شڪاگو ۾ مذهبن جي پارليامينٽ کي خطاب ڪندي چيو هو تہ:

Shakia Muni came not to destroy, but he was the full filment, the logical conddusion, the logical development of the religion of the Hindus.

۽ اهڙي نموني راڌا ڪرشنا بہ ٻڌ کي هندو مت جي پورائي ۽ مڪملتا سڏيو آهي. هن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

"The Budh utilized the hindu inheritance to corect sum of it's expression. He came to fulfill not to destroy."

پر ايتري قدر جو سوامي وويڪ آنند هندومت ۽ ٻڌمت کي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم چيو آهي. هن چيو تہ:

"Hiduism cannot live without Bhudhism, Nor Bhudhism. Without Hinduism Bhudism cannot stand without the brain & philosophy of the Brahman's, nor the Brahman's without the hear of the Bhudism."

هن چيو تہ پنهنجي ڏيرمن جو اهو تفاوت ٿي هو جنهن جي ڪري هندستان زوال پذير ٿيو ۽ ڪروڙن جي تعداد ۾ فقير ۽ گداگر پيدا ٿيا. جنهن جي ڪري هندستان هڪ هزار سالن تائين فاتحن جي غلاميءَ هيٺ رهيو.

ٻڌمت جي وڏي ۾ وڏي خوش قسمتي اها هئي جو هندستان جي چئن وڏن حڪمرانن هن مذهب کي قبول ڪيو ۽ انهن جي ڪري ئي هيءُ فڪر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ڦهليو. هي مذهب سڀ کان پهرين گوتم ٻڌ جي ئي وقت راڄ ڳڙهہ جي راجا بمبسيار قبول ڪيو ۽ ان کانپوءِ هندستان جا ٽي وڏا بادشاهہ اشوڪ اعظم، راجا ڪنشڪ ۽ راجا هرشتن ورڌن هن مذهب جا پوئلڳ ۽ پرچارڪ ٿيا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خاص ڪري اشوڪ، گوتم ٻڌ جي ٻوڌي فڪر کي دنيا جي ٻين ملڪن تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪالنگ جي راجا سان اشوڪ جي هڪ زبردست جنگ ٿي هئي جنهن ۾ تقريبن هڪ لک ماڻهو ماريا ويا. اشوڪ انهي ڪالنگ جي راجا کي پنهنجو ماتحت ڪيو پر انهيءَ جنگ اشوڪ جي ذهن تي زبردست اثر ڪيو ۽ هن جنگ جي پاليسي کي هميشه لاءِ ٺڪرائي ڇڏيو. سنت پوءِ هن هڪ ٻڌ عالم اپاگپت کان متاثر ٿي ٻڌ مذهب اختيار ڪيو. اشوڪ تي ٻڌ جي فڪر جو ايڏو اثر پيو جو هن شڪار ڪرڻ ۽ گوشت کائڻ ڇڏي ڏنو ۽ وفات کان ڪجهه سال پهرين ڀڪشوئن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويو.

گوتم ٻڌ جي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي سلطنت ۾ تقريباً چوراسي هزار آشرم ٺهرايا ۽ پنهنجي وقت ۾ ڪيترا ئي جلسا منعقد ڪرائي، ٻڌ مت جي پرچار ڪئي. ٻڌ مت جي فڪر جي ڦهلاءَ لاءِ اشوڪ تقريباً ٻه سؤ ڇتيهه دورا ڪيا ۽ ڌرمي عالمن کي ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم جي پرچار لئه پڻ موڪليندو رهيو. ايتري قدر جو پنهنجي پٽ مهندر ۽ ڌيءُ سنگهه مترا کي به غيرملڪي تبليغ لاءِ موڪليائين. سنگهه مترا سپلون جي شهر انورڌپورم ۾ "ٻوڌي" وڻ لڳايو جيڪو اڍائي هزار سال پراڻو وڻ اڃا به موجود آهي.

اشوڪ جي وڏ ۾ وڏ خصوصيت اها هئي ته هن ٻڌ مت کي رياست جو مذهب قرار ڪو نه ڏنو ۽ دنيا ۾ ٻڌ مت مذهب زوري مڙهڻ جي ڪوشش به ڪا نه ڪئي. هن وقت دنيا ۾ جيڪو به ٻڌمت باقي آهي، اهو اشوڪ اعظم جي ئي ڪوشش جو نتيجو آهي.

اشوڪ اعظم کانپوءِ ٻڌمت جو سڀ کان وڏو پرچارڪ راجا ڪنشڪ هو جيڪو 120ع ڌاري تخت نشين ٿيو. قديم هند ۾ اشوڪ کانپوءِ جنهن کي عالمگير شهرت حاصل ٿي، اهو ڪنشڪ ئي هو.

چيو ٿو وڃي ته هن جي روين ۾ تبديلي به اشوڪ وانگر آئي. ڪنشڪ جي ايران سان جنگ به ساڳي ڪالنگ جي جنگ ثابت ٿي، جنهن ۾ نو لک ماڻهو مئا هئا ۽ انهيءَ خون خرابي کانپوءِ هن جو ذهن بدليو ۽ هن ٻڌ مذهب قبوليو. هوڏانهن اشوڪ اپاگپت کان متاثر ٿيو هو جيڪو ان وقت ٻڌمت جو وڏي ۾ وڏو عالم هو. ڪنشڪ جي وقت ۾ ٻڌمت ۾ ارڙهن فرقا پيدا ٿي چڪا هئا، جن مان ٻه خاص فرقا 'هنيان' ۽ 'مهايان' هئا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

(جن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي ڪري آيا آهيون) ان وقت ڪنشڪ اختلاف ڪي دور ڪرڻ لاءِ هڪ زبردست جلسو منعقد ڪرايو جنهن ۾ مهايان فرقي جا اصول جوڙيا ويا ۽ اٺ ڪتاب ترتيب ڏنا ويا. جن کي "گتر" چيو ويجي ٿو. انهيءَ جلسي ۾ ارڙهن ئي فرقن کي تسليم ڪيو ويو ۽ ٻڌمت جي مستند ڪتاب "ونايا" کي تحريري صورت ۾ آندو ويو. ان کان سواءِ ڪنشڪ ڪيترا ئي آشرم پڻ جوڙايا.

ڪنشڪ کانپوءِ مشهور سيڪيولر حڪمران راجا هرشن وردن لاءِ مشهور آهي ته هو پنهنجو سڀ ڪجهه خيرات ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجي پوري عهد ۾ هن ڇهه ڀيرا پنهنجي سموري دولت ضرورتمندن ۽ غريبن ۾ دان ڪئي. هو پنهنجي آخري وقت ۾ ٻڌمت ڏانهن گهڻو راغب هو ۽ هن جي ڀيڻ به ٻڌمت جي پوئلڳ هئي. مشهور چيني سياح ۽ عالم "هيون سانگ" لکيو ته "هن پنهنجي دور حڪومت ۾ ٻڌ مذهب جا سؤ آشرم تعمير ڪرايا ۽ ڪيترا جلسا پڻ منعقد ڪرايا. هن پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ گوشت کائڻ به بند ڪري ڇڏيو. حڪمران "سان" به اهو ئي ڪيو. هن آشرم مسمار ڪرائي ڇڏيا هئا ۽ هر جاءِ ٻڌمت جي مڃيندڙن تي ظلم شروع ڪري ڏنو. انهيءَ ڪري ٻڌمت وارن کي اهي جايون ڇڏي ٻين ملڪن ڏانهن وڃڻو پيو پر ڪن جو وري خيال اهو آهي ته برهمڻ مذهب کان متاثر ٻڌ پيشوائن گوتم ٻڌ کي ديوتا سمجهي، ان جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ اها ڳالهه گوتم ٻڌ جي تعليم جي خلاف هئي. ڇو ته گوتم ٻڌ جي وقت ۾ ڀڪشوئن جي پندرهن وار گڏجاڻي ٿيندي هئي. جنهن ۾ ٻڌ جي اصولن ۽ آشرم جي قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ واري کي سزا ڏني ويندي هئي. پر جيئن ئي "ناگ ارجن" مهايان فرقي جو بنياد وڌو ته منجهس اهي سموريون غير ضروري ڳالهيون شامل ٿي ويون. جيڪي خود گوتم جون روڪيل هيون. اهڙي نموني گوتم ٻڌ کي وشنو ڀڳوان جو نائون اوتار ڪري ليکيو ويو ۽ هن جي پوڄا شروع ڪئي وئي. انهيءَ فڪري تضاد جي ڪري آهستي آهستي ٻڌمت پنهنجي شڪل وڃائيندو ويو ۽ هندو مت ۽ ٻڌمت ۾ ڪو به فرق ناهي رهيو.

جتي هندستان ۾ ٻڌ مت کي زوال جو منهن ڏسڻو پيو ته ٻئي طرف وري جپان ۽ چائنا ۾ هي مذهب اڄ به پنهنجي عروج تي آهي. چين ٻڌمت جو وڏي ۾ وڏو مرڪز آهي. جتي "شاڪيه مني" جو مذهب به چيو ويندو آهي. هي مذهب 67ع ڌاري چين پهچو ۽ چوٿون ڀڪشو ناهيان ٻڌ صحيفا حاصل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ 14 سال سياحت ڪندو رهيو. جيڪو هندستان ۽ سري لنڪا سميت لڳ ڀڳ 30 ملڪن ۾ ويو. اهو پهريون ٻڌ ڀڪشو هو جيڪو هندستان مان تعليم حاصل ڪري سنسڪرت ۾ ٻڌ ادب جا ڪيترا ئي شاهڪار ڪٺي چين پهتو ۽ اهڙي نموني سان چين ۽ هندستان جي ڪيترن ئي ڀڪشوئن جي اچ وڃ هلندي رهي.

فاهيان کان سواءِ هڪ ٻيو مشهور سياح ٻڌ ڀڪشو "هيون سانگ" به 16 سالن تائين هندستان ۽ ٻين ملڪن ۾ ٻڌ مت جي تبليغ ڪندو رهيو. چين ۾ ٻڌ مت جا مختلف فرقا رهيا آهن. لاما مت جيڪا ٻڌمت جي هڪ شاخ آهي، سا تبت ۽ منگول قومن مان ڦهلي. وري لاما مت جا ڪيترا ئي فرقا آهن. جيئن ڳاڙهو فرقو، سفيد فرقو ۽ زرد فرقو. انهن فرقن جو بنياد پندرهين صديءَ ڌاري پيو. هي فرقا ٽوپين ۽ لباس جي آرائش سان سڃاتا وڃن ٿا. ٻڌمت دنيا جي وڏن مذهبن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. جنهن جا لڳ ڀڳ 200 ملين پوئلڳ موجود آهن. هي عيسائين ۽ اسلام کانپوءِ دنيا جو وڏي ۾ وڏو مذهب آهي، جيڪو جپان، سريلنڪا، نيپال، انڊونيشيا، ملائيشيا، بنگلاديش، برما، ڪوريا، ويٽنام، ڪمبوڊيا، سيلون ۽ منگوليا کانسواءِ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجو اثر رکي ٿو. انهن ملڪن کانسواءِ اسان جي سنڌ تي به ٻڌمت جو تمام وڏو اثر رهيو آهي. ان ڌرم جي مرڪزن جا قديم آثار سڄي سنڌ ۾ موجود آهن. جيئن ڪاهوءَ جي دڙي وارو اسٽوپا، موهن جي دڙي وارو ٿل، برهمڻ آباد، سڌيران جو دڙو ٻڌڪاٽڪ مير رکڻ جو ٿل ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا ماڳ آهن. جتان قديم دور ۾ ٻڌ مت جي اثر جا آثار ملن ٿا. جڏهن پنجين صدي عيسويءَ کان پوءِ ٻڌمت هندستان مان غائب ٿيڻ لڳو ته ان وقت سنڌ ۾ وري به هن ڌرم جو اثر رهيو. راجا ڏاهر برهمڻ گهراڻي جو راجا هو. پر سندس ڏينهن ۾ سنڌ جي گوشي گوشي ۾ ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ رهندا هئا. ان جو ايتري قدر اثر ﮬو جو خود راجا ڏاهر جو هڪ ڀاءُ ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ ۽ ڀڪشو ٿي رهيو. سنڌ ۾ مسلمانن جي آمد وقت به ٻڌ ڌرم جا ڪافي پوئلڳ هئا. جيڪڏهن سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري تي غور ڪري ڏسون ته ڪافي شاعرن جهڙوڪ شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست، ۽ ٻين ٻڌ ڌرم جي روشن ۽ آفاقي پهلوئن مان ڪافي پرايو. پٽ ڌڻيءَ جي سُرن، رپ، ڪاهوڙي، بروو سنڌي، رامڪلي ۽ پرڀاتي ۾ ٻڌ جي تعليم جا ڪافي آثار ملي سگهن ٿا. جيئن سر رامڪلي ۾ جوڳين جو حال بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ ڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪي ساٽن پاڻ،
اھڙا جن اھڃاڻ، آئون نہ جيئندي ان ري
(شاھہ)

بک وڏائون بگرئيين، جوڳي ڪندا ڄڄ،
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پيئن اڃ،
لاھوتين لطيف چئي،من ماري ڪيو مڄ،
سامي جھاڳي سڄ، وسڻ کي ويڇُھا ٿيا.
(شاھہ)

گوتم ٻڌ جو فڪر زندگيءَ جي ھر پھلوءَ تي وڏو اثر رکي ٿو. ھيءُ دنيا جو اھو واحد جينيس آھي جيڪو ناستڪ ھوندي بہ سيني مذھبن تي حاوي آھي. ھن جو نانءُ دنيا جي عظيم انسانن جي فھرست ۾ گھٽ کان گھٽ مٿانھون آھي. مائيڪل ھاٽ پنھنجي جڳ مشھور ڪتاب The 100 ۾ بہ حضرت عيسيٰ کان پوءِ چوٿين نمبر تي ٻڌ کي رکيو آھي. ھن جي اھنسا (عدم تشدد) جو نظريو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان ويندي مھاتما گانڌي جھڙن عظيم انسانن جو نظريہ حيات رھيو آھي.

شايد اھڙن ماڻھن جي تعليم ۽ فڪر جي ڪري ئي ھن دنيا جو حسن ۽ رنگينيون باقي آھن. گوتم جي اھا چوٽي بہ ھن جي عظمت جو کليو ثبوت آھي:

"Never in this World hatred ceases by, hatred ceases by love, anger by kindness, Evil by good."

◻◻



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ جي صوفين جي صف ۾ بيٺل
# حضرت عيسيٰ؏

اڄ ڪرسمس آهي، ڇو ته اڄ 25 ڊسمبر آهي. اڄوڪو ڏينهن دنيا جي ڪجھ اهم شخصيتن جي جنم جو ڏينهن آهي. عيسيٰ، جناح ۽ مائوزيتنگ اڄوڪي ڏينهن کي معنيٰ بخشين ٿا ۽ ماڻھو پنهنجي ليٽ مشين جهڙي لائيف مان وقت ڪڍي، پنهنجي دل جي ڪليسا جا دروازا کولڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ۽ ڪجھ يادون سندن اندر ۾ مٺڻ ٻتين جيان ٻرڻ لڳن ٿيون. اڄوڪو ڏينهن جيڪو نواز شريف جو به جنم ڏينهن آهي ته جناح جو به پر اسان جيڪي عيسيٰ جي صليب جهڙي ءَ سنڌ جي نهايت ئي رومانٽڪ مزاج ماڻھو عيسيٰ ڏي وڃون ٿا ۽ ڪيس ڪرسمس جي بهاني سان سمجھڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون ۽ گرجا جي گھنڊ ۾ وڄائجي انسانيت جي آواز کي ٻڌڻ جي تمنا ٿا ڪريون. هي دنيا جيڪا منافقي ۽ ڪروڌ جي ڪوڙھ ۾ وڪوڙيل مرض ۾ مبتلا آهي. هڪ اهڙي مسيحا جي تلاش آهي جيڪو عيسيٰ جهڙو هجي. جيڪو ابن مريم جهڙو هجي. جيڪو اهڙو هجي، جنهن لاءِ دنيا غالب جي لفظن ۾ دانهين رهي آهي:

ابن مريم هوئا ڪري ڪوئي،
ميري دکھ کي دوا ڪري ڪوئي.

يروشلم جي يهودين جي اونداهي غار جهڙي زندگي ۾ سج جيان اڀري ايندڙ عيسيٰ کي انهن ئي ماده پرست يهودين هٿن جي ترين ۾ ڪوڪا هڻي پنهنجي تقدير کي صليب تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ ڪيس نه سمجھڻ جي غلطي ڪري هٽلر جي Holo Caust جو شڪار ٿيا. پر يهودين جي نه سمجھڻ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري ڪھڙو فرق پيو. يھودين جو نڪ بند ھو. انھيءَ جو مقصد اھو نہ ھو تہ عيسيٰ جي خوشبو مري وئي. پر اھو ئي مسيحا مشڪ وانگر دنيا جي ٻن مان ٻن ھزار سالن کان پنھنجي مھڪ جي مسيحائي ڪندو پيو اچي ۽ اڄ ڪرسمس جي موقعي تي نہ ڄاڻ ڪيترو ڪوڙ ۽ ڪروڙ جي ڪوڙھہ ۾ ورتل ماڻھن کي مسيحا جو احساس ماري رھيو آھي. جڏھن دنيا مريم جي آغوش ۾ روح اقدس جي اڇي ڪبوتر جي پَر ھٽڻ سان پيدا ٿيندڙ گلاب کي اڄ انگريزيءَ جي انھي چوٽيءَ سان پيتا ڏئي رھي آھي:

At Christmas I no more desire a rose.

تڏھن اسان عيسيٰ کي سمجھڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون ۽ ڪيس پادرين، پاپائن ۽ ڪليسائن جي قيد مان آجو ڪرائي، انسانيت جي مسيحا طور ميڙائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون.

حضرت عيسيٰ رڳو عيسائين جي ملڪيت ناھي، پر ھر دردمند ۽ دکيءَ جي دوا آھي. حقيقت ۾ ھو ڪنھن بہ مذھب جو باني ناھي. پر ھو ٻڌ، ڪنفيوشس ۽ لائوزي وانگر نيڪيءَ جو مبلغ ۽ Reformer ھو. جنھن بني اسرائيل جي يھودين جي ڪاري ٿيل زندگيءَ کي ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي. يھودي جيڪي برھمڻن وانگر مذھبي اصولن جا سخت پابند ھئا ۽ بيت المقدس ۾ يھودين جو وڏو مذھبي مرڪز ھو. جتان ھو شريعت موسوي مطابق مذھبي ڪاروبار ھلائيندا ھئا. حضرت يسوع جيڪو يروشلم جي زيارت لاءِ ويو تہ کيس معلوم ٿيو تہ يھودين ۾ اھڙيون بدعتون داخل ٿي ويون ھيون، جن جي سڌاري کان سواءِ ھن جي قوم کي نجات حاصل ٿيڻ ڏکي ھئي. ان ڪري ھن قربانيءَ کي نجات سمجھڻ بجاءِ يھودين کي نيڪ عملن ۽ زندگيءَ جي روشن پھلوئن طرف توجھہ ڏيارڻ شروع ڪيو ھو. ھن ڪجھہ اھڙا معجزا ڪيا جيڪي يھودين جي انھيءَ عقيدي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لڳا. ھن مُردن ۾ ساھہ ڦوڪڻ شروع ڪيو ۽ ڪوڙھہ جي مريضن کي ھٿ لڳائيندو ھو تہ ھو ٺيڪ ٿي ويندا ھئا. اھڙن معجزن يھودين جي انھيءَ عقيدي کي تہ جڏھن دينِ موسوي ڪمزور ٿيندو تہ ان وقت ھڪ مسيح موعود پيدا ٿيندو جيڪو سندن اڳوٽو اوج وٺرائي ڏيندو ۽ يھودي وري طاقتور ٿيندا، کين دنيا جي بادشاھت ملندي. عيسيٰ جڏھن چوندو ھو تہ حڪومت الاھيہ يعني Kingdom of God ملڻ واري آھي، تہ ھو سمجھندا ھئا تہ کين دنيا جي بادشاھت ملڻ واري آھي. جيڪا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حضرت دائودؑ ۽ حضرت سليمان ع جي ڏينهن ۾ کين مليل هئي. اٿين يهودي دنيا جي خوبصورت ۽ منفرد پيغمبر کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪري ويٺا ۽ يهودي سردارن سندس پهاڙي خطبي (Sermon Mountain) جي سموري اهميت کي پٺي ڏئي، سندس خلاف سياسي چالون شروع ڪيون ۽ نيٺ وڏن وارن ۽ خوبصورت ڏاڙهيءَ واري، ڏکوجبو پائي اسرائيل جي پٿريلي سرزمين تي ماڻهن جي مسيحائي ڪندڙ ماڻهوءَ کي سندس ٻارنهن پوئلڳن مان هڪ پوئلڳ يهودا جي بيوفائيءَ سان گرفتار ڪري، يروشلم جي وچ شهر ۾ ٻن چورن سان مصلوب ڪيو ويو ۽ دنيا وٽ انهيءَ خاموش ۽ باصبر مسيحا جي مسيحائي جون ڳالهيون، تهمتون ۽ صليب باقي بچيا جنهن تي ان کان پوءِ به ٻيا ڪيترا ئي مسيحا مصلوب ٿيندا آيا. پر هر انهي مسيحا کي مصلوب ڪندڙ پائليٽ (رومن گورنر) سڄي زندگي گناهن جي احساس ۾ هٿ ڌوئيندا رهيا آهن ۽ مسيحا مسڪرائيندا رهيا آهن.

افسوس اهو به آهي جو اڄ دنيا عيسيٰ کي يروشلم جيان وقت جي قحبه ميري مڪيڊولن، جنهن کي عيسيٰ اجاريو هو جيترو به سمجهڻ جي ڪوشش نٿي ڪري، دنيا ٻيو ڪجهه به نه ڪري پر هو ميري ميڪڊولن ۽ ميڊونا جي وچ واري فرق کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ته عيسيٰ پاڻهي سمجهه ۾ اچي ويندو- ۽ پوءِ اها ئي دنيا عيسيٰ ڏي مدر ٽريسا وانگر جهانوريل اکيون کڻي ڏسندي ۽ هو زخمي پکين جهڙن روحن تي ڪپهه جا ڦها رکندي نظر ايندو ۽ پوءِ ماڻهن کي به عيسيٰ جو Human Services (انساني خدمت) وارو پاسو آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندو جنهن يورپ مدر ٽريسا، فلورينس نائٽينگل ۽ ليڊي ڊيانا جهڙن ڪردارن کي جنم ڏنو ۽ اها ئي ڊيانا جيڪا برطانوي سلطنت جي سوني پڳڙي کي پڇي بوسنيا ۾ بارودي سرنگهن خلاف احتجاج ڪندي، ڪوڙهه جي مريضن کي سهارا ڏيندي ۽ ايڊز وارن مريضن کي چميون ڏيندي نظر آئي. اهو ئي عيسيٰ جو ڪمال هو جنهن هڪ ماڻهوءَ جي اندر کي ٻئي ماڻهوءَ جي اندر ۾ اوتي ڇڏيو ۽ ٻئي جي بدن جا زخم پنهنجي جسم تي چڪڻ لڳا. اهو عيسيٰ هو جنهن جي هيومن سروس واري سوچ جي ڪري اڄ دنيا جي اسپتالن ۾ اڇن ڪپڙن واريون نرسون مريضن جي زخمن تي اڇا ڦها رکن ٿيون ۽ اهو عيسيٰ ئي هو جنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ٻهارو ڏنو ۽ اسان کي پنهنجا گند لڪائڻ جا سهارا ملي ويا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيومن سروس واري رجحان ۾ عيسائيت جو ڪو بہ ڪردار ڪونهي، پر جيڪو بہ آهي، عيسيٰ جو آهي، عيسيٰ ۽ عيسائيت ۾ فرق آهي، ايترو فرق آهي جيترو ٻڌ ۽ ٻڌمت ۾ فرق آهي يا جيترو ڪنفيوشس ۽ ڪنفيوشسزم ۾ فرق آهي. عيسيٰ ڪنهن بہ مذهب جو بنياد نہ رکيو هن سان اها ئي ٽريجڊي ٿي جيڪا گوتم ٻڌ سان ٿي. ٻڌ، برهمڻن جي منجهيل ست جهڙن روين کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ماڻهوءَ جي عملن جي سڌاري ۾ ئي نرواڻ پاتيائين، پر پاڻ بدقسمتيءَ سان سوني مورتي تي پيو جيڪا مندرن ۾ اگربتين جي دونهن ۾ دونها تجڻ لڳي. مندرن خدا جو ڪو بہ اميج نہ رکندڙ ماڻهن کي خدا بڻائي ڇڏيو ۽ سندس ٻڙ جي وڻ هيٺان روشن ٿيندڙ سمورو فڪر پڳتن ۽ ڀڪشوئن جي نظر ٿي ويو ۽ هو عيسيٰ وانگر سونا، چرچ، پگودا ۽ مندر ڇڏي، دلين جا ميرا سيرا در ٽپي آيو ۽ وڃائجي ويل ٻارن جهڙن روحن جي رهنمائي ڪرڻ لڳو. عيسيٰ کان پوءِ عيسائيت (Christianity) جو بنياد رکندڙ سينٽ پال آهي، جيڪو پهريون عيسيٰ جو زبردست مخالف هو. پر پوءِ اهو ئي سدائين عيسيٰ وانگر ڪنواري رهندڙ پال عيسائيت جو سلسلو شروع ڪيو چرچ ٺهڻ لڳا، گهنڊ وڄڻ لڳا ۽ ماڻهن عيسيٰ جي عملن ۽ انساني خدمتن واري پاسي تان نظرون ڪٽي، سندس پوڄا تي مرڪوز ڪيون ۽ پوءِ يورپ ۾ لارڊس ٽينيسن جهڙن شاعرن بہ اهڙيون سٽون لکيون:

Churches have killed their Christ.

(چرچز پنهنجو عيسيٰ ماري ڇڏيو)

مارٽن لوٿر جڏهن ڏٺو تہ عيسيٰؑ جو سمورو فڪر ڪيلسائن، پاپائن ۽ پادرين جي ذاتي مطلبن ۽ منافقين جو ڪاڄ ٿي رهيو آهي. هن زبردست تحريڪ هلائي ۽ انهن تحريڪن جي نتيجي ۾ هڪ نئين فرقي جو واڌارو ٿيو جيڪو Protestant آهي، خليل جبران جنهن عيسيٰ لاءِ چيو هو تہ هي صليب تي ٽنگيل ماڻهو پاڻ سان نفرت ۽ ٻين سان محبت ڪندو هو تنهن اهو بہ تہ چيو هو: "اي عيسيٰ! انهن پنهنجي ڪامياٻين ۽ ڪاروبار لاءِ ڪليسائون ٺاهيون آهن." جبران کان پوءِ اقبال بہ ڪجهہ ائين لکيو هو:

ڪيون خالق و مخلوق مين حائل رهين پردي
پيران ڪليسا ڪو ڪليسا سي اٺادو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهنسا جو قائل عيسيٰ جيڪو چوندو هو تہ قسم نہ کڻو دشمن جو مقابلو نہ ڪريو جيڪڏهن ڪو اوهان جي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي تہ ٻيو ڪڍي ڏيو جيڪو اوهان جي بي عزتي ڪري، ان جي عزت ڪريو جيڪو اوهان کان گهري، تنهن کي انڪار نہ ڪريو اهوئي عيسيٰ انهيءَ عدم تشدد ۽ اهنسا جي ڪري زبردست تنقيد جو نشانو ٿيو. فريڊرڪ نتشي الله چا چا لکيو جنهن تي برٽرينڊرسل جهڙو ماڻهو بہ سندس ڪتاب Western thought ۾ ڪو بہ ڪمينٽ نہ ڏئي سگهيو. پر هڪ عدالت ٺاهيائين، جنهن ۾ خدا جي سامهون نتشي ۽ عيسيٰ کي آمهون سامهون ڪري ويهاريو ويو نتشي ڳالهائيندو رهيو پر عيسيٰ خاموش رهيو. جڏهن ڏسون ٿا تہ سنڌ جا مولائي شاعر ۽ ڪيترا ئي نوجوان پنهنجي ڳچيءَ ۾ صليب لٽڪائي گهمن ٿا ۽ پنهنجي شاعري عيسيٰ کي پروئن ٿا، تڏهن اهو بہ سوچيون ٿا تہ واقعي سنڌ عيسيٰ کي آساني سان سمجهي بہ سگهي ٿي ۽ پنهنجو بہ ڪري سگهي ٿي. صوفين جي قطار ۾ نہ ئي سهي، پر پرپاسي ۾ ايتري جڳهہ ڏئي سگهي ٿي، جيتري ڪيس يورپ نہ ڏئي سگهيو هوندو. جي سنڌ عيسيٰ سان ايترو انصاف ڪيو تہ پوءِ پڪ ڄاڻو تہ فنياس مسيح ۽ انجيلا سان بہ انصاف ٿي سگهي ٿو ۽ عيسائي بہ هندن وانگي سنڌ کي پنهنجو اوچڻ سمجهڻ لڳندا ۽ نيومئجسٽڪ سئنيما جي پويان رهندڙ بئنسريءَ نواز استاد جمعا جيمس جي بئنسري ۾ نئون ساهہ هوندو ۔ ۽ پوءِ آئون ۽ لٽل انٽيليڪچوئل ذوالفقار شاهہ سينٽ ٿامس ڪيٿڊرل ۾ ويهي سگهون ٿا ۽ سيموئل بٽلر جي لفظن ۾ اهو بہ چئي سگهون ٿا:

Jesus with all thy faults I love thee still.

(عيسيٰ تنهنجي سيني عيبن سميت، آئون توسان اڃا بہ پيار ڪريان ٿو.)

(خميس، 25 ڊسمبر۔ 1997ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سيد مِن السنڌ

سنڌ اڄ اداس آهي. سنڌ جيڪا هن جي سيني جي پٽيان ڌڙڪندي هئي، جنهن کي هو موهن جي دڙي تي مليو هو ۽ ڀٽ شاه تي جنهن سان سندس ٻيڇ پختا ٿيا هئا. شفق جي ڪنوار جڏهن هٿن تي ميندي هڻي آڪاس جي نيري اڱڻ تي جهمريون هڻندي هئي ته هي پوڙهو عاشق سنڌوءَ جي ڪناري تي ٽُڪ جي رلي ڪٽ تي وڇائي ويهندو هو ۽ سڄ ۾ ڪجهه تلاش ڪرڻ لڳندو هو. جڏهن اها تلاش سنڌ جي صورت ۾ سامهون ايندي هئي ته هو پنهنجي دوستن کي سنڌ سمجهائڻ لڳندو هو. جڏهن سنڌ اُنهن کي سمجهه ۾ ايندي هئي ته هو سيد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اهو سيد جو سنيهه هو جنهن هن ڏوڙ ڏوڙ ديس جي مٽيءَ کي اکين جو سرمو بڻائي ڇڏيو ۽ گلابي چپن ۽ ڪجرين اکين جي آرن ۾ اڙيل جوان سنڌ جي ماڻن ۾ مارجي ويا ۽ گهٽي گهٽي ڀٽائيءَ جي ٻِر ۾ سٽل ماڻهوءَ جو گيت ٿي ويا:

سنڌ ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان،
مٽي ماٿي لايان.

اڄ ڄام شوري جي عاشقن جي دلين ۾ محبوبائن جي مرڪ سان گڏ جيڪا مرڪ آهي، اها سنڌ آهي ۽ سيد جي ڏين آهي. سيد جو خواب آهي، جنهن کي هو ٻيڃري مان ٻاهر آزاد دنيا جي وسعتن ۾ پکين جيان پَر هڻندي ڏسڻ جو تمنائي هو. ڇو ته هو سودائي هو ۽ آزاد سنڌ جو سودو هن سِر تي رکيو هو جنهن جي هو سڌن هڻندو رهيو. هڪ ڀيري جڏهن هن سن ۾ سڌن هڻئي هئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ته هو سندس عاشقن کي ٻيءِ جل جو ٻيو روپ لڳو هو ۽ عشق جي ڪينري تي هنيل سر جي صدا سرڪش جوانن لاءِ عشق جي بازي تي وٺي هئي ۽ پوءِ سيد ۽ سنڌ ٻنهي ڏٺو ته سندن متوالن جا ماٿي لڳائيندڙ سر ٽوڙهي ڦاٽڪ تي ٿهر جي ڪاريءَ رات ۾ سورج مکيءَ جي گلن جيان سنجي ويا هئا ۽ هو رندن جي راند جو انجام ٻڌي روئي ويٺو هو. ڇو ته هو عاشق هو، اهنسا جو پرچارڪ هو. هو پهريون ڀيرو شايد تڏهن رنو هو جڏهن ”رستم ۽ سهراب“ جو قصو پڙهي رهيو هو. ان قصي ۾ جڏهن هن اهو پڙهيو ته رستم پنهنجي پٽ سهراب کي اڻڄاڻائيءَ وچان قتل ڪري وڌو آهي، ته هو لڙڪ روڪي نه سگهيو ۽ روئندو رهيو. ان ڪانپوءِ هن جون اکيون شايد تڏهن اٿليون هيون، جڏهن هن جي جوانيءَ جو جوار ڀاٽا لهي چڪو هو ۽ ڪيس سنڌ جو رستو ڏيکاريندڙ ترڪ محبوبا مادموزيل ترڪي ڇڏي وئي هئي. تڏهن هو منسٽر هو ۽ آفيس ۾ روئي رهيو هو. جڏهن گورنر ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو هو ته کهڙي چيو هو ته ”سيد جي محبوبا موڪلائي وئي آهي.“ شايد آخري ڀيرو هو تڏهن رنو هو، جڏهن خان غفار خان جي سامهون هن پنهنجي ٻچن جي ڪسجڻ واري ڪربلا جو ذڪر ڪيو هو ته هو سنڌ جي شامِ غريبان پڙهنديءَ اکين جا آگم روڪڻ ۾ ناڪام ٿيو هو. هزارين ماڻهن جي سامهون سندس ململ جي پٽڪي جو ڪلهي تان لٽل ڇڳو موتين جهڙا لڙڪ ڇاڻيندو رهيو. روئڻ هن جي عشق جو اجار هو، محبت جي پاڪائي هئي، جيئن غالب چيو آهي:

روني سي اور عشق مين بيباڪ هوگئي،
ڌوئي گئي هم اتني ڪه بس پاڪ هوگئي.

هو ارسطو جي غور و فڪر ڪرڻ وارو ”روح سان ڳالهائي ٿو“ واريءَ ڳالهه جو قائل هو ۽ ٻڌ وانگر گيان ڌيان ڪنديءَ فڪر ۾ فنا ٿي ويندو هو ۽ ڪيئي پهر آسمان ۾ اکيون اٽڪائي سوچيندو رهندو هو ۽ خيالن ئي خيالن ۾ خود خيال ٿي ويندو هو. لڳي ٿو ته ڪنهن ڳري خيامي خيال ۾ هو سنڌ جي جام ۾ غرق ٿي ويو هو ۽ سنڌ کي خيال سمجهڻ لڳو.

مين تان ايڪ خيال هان
ملسان نال خيال دي

سنڌ ۽ سيد جو ميلاپ خواب ۽ خيال جو ميلاپ آهي. درد ۽ دل جو ميلاپ آهي. سيد جون اکيون عشق جي آر ۾ سنڌوءَ جيان رهڻ لڳيون. صوفين جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وحدت الوجود جي وات جو ”همہ اوست“ چوندڙ ڪاپڙي ”همہ سنڌ“ چوڻ لڳو ۽ غلام محمد لغاريءَ جي ست ”اين سر زمين سنڌ مادر ما بلوچان است“ سندس چپن سان جام جيئن ٽڪرائڻ لڳي. هو صوفي لا ڪوفي ”فنا في الذات“ کان نڪتو هو ۽ ”فنا في الشخص“ تان ٿيندو ”فنا في السنڌ“ تي ويو هو. اظهر من لشمس چوندڙ ماڻهو هن کي ”سيد من السنڌ“ چوندا هئا، چو تہ سيد ۽ سنڌ ۾ ڪو فرق بچيو ئي نہ هو. يار محمد شاهہ لڪياريءَ هڪ پيري سائين جي سالگرهہ ۾ لطيف جي ”احد احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق“ واري شعر جي ست کي ڦيرائي، ”سنڌ سيد پاڻ ۾ وچان نہ فرق“ چيو هو جنهن جي تشريح ۾ هن ”ن“ ناشناسائي ۽ ”ي“ يقين چوندي چيو هو تہ جيڪڏهن ناشناسائي ۽ يقين هڪ ٻئي جي جڳهہ وٺن تہ پوءِ سنڌ سيد آهي ۽ سيد سنڌ آهي.

ماڻهو هن کي سياستدان چون ٿا، پر آئون کيس عاشق چوان ٿو. هڪ اهڙو ٻڙ جهڙو پوڙهو ۽ گهاٽو عاشق جنهن جي جيون جي ٿاريءَ تي پريم جا پکي سنڌ جون ٻوليون ٻوليندا هئا ۽ جنهن جي پن پن ۾ آجپي جو پڙلاءُ هو. سياستدان ڪسي آهي، عاشق ندي آهي، سياست ڪنڌي جيان چُڀي ٿي، عشق مَروئي وانگر مهڪي ٿو. دنيا جي اهل دل ماڻهن سياست کي نوان رنگ ۽ نوان نانءُ ڏنا. پيٽو سياست کي شاعري سمجهندو هو ۽ سيد سياست کي عشق ۾ بدلائي ڇڏيو. عشق شاعريءَ جو ابو آهي ۽ سيد عشق جي مسلڪ جو امام هو. جنهن چار عشق ڪيا. مادموزيل تريڪي، مريم طيبي ۽ ڇيني سپاهيملاڻي ڪانپوءِ هن جو چوٿون عشق سنڌ هو. پهريان ٽي عشق مجازي هئا ۽ پويون عشق حقيقي هو. پهرين ٽن عشقن کي هو پوئين جي پُل چوندو هو جيئن عربي ۾ چوندا آهن:

المجاز قنطره الحقيقت.

(مجاز حقيقت جي پل آهي)

سنڌ هن جي حقيقت هئي جنهن تائين هو مجاز جي معرفت پهتو. هن جي عشق جي انتها هئي جو هو موت جهڙن خوابن جي هنج ۾ ستل قوم سان شڪوه شڪايت ڪرڻ کي عبث سمجهندو هو. سنڌي قوم کي معشوقن جهڙي ڦرٽي گهرٽي قوم چوندو هو ۽ ان سان شڪايتون محبوب سان شڪايتون ڀائيندو هو. ”مڙيا ئي مان ڏيہِ هوت ڏي هڪ بہ نہ“ وارو رويو رکندڙ سيد معشوق کي استاد ۽ عاشق کي شاگرد چوندو هو ۽ هن پنهنجي استاد سان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪا بہ شڪايت ڪا نہ ڪئي. عشق سنڌ جي آڪسيجن آهي، جنهن تي هو اڄ تائين ساهہ کڻندي رهي آهي. نہ تہ روايتي سياست جي ڪاربان مونو آڪسائيڊ ۾ شرم ٻوڙيندڙ جهڙي سنڌ ڪڏهوڪي سڙي مري وڃي ها.

لطيف، سچل، غالب، شيرازي، رومي، جامي ۽ سعدي جي شعرن ڪي شوق سان پڙهندڙ سيد جڏهن جمن دربدر جو شعر ٻڌندو هو تہ ٻڏي ويندو هو ۽ هن پوڙهي عاشق جو آدي جڳادي روح جنم جنم جا چڪر ڪاٽي درازن جي ڏوڙ مان پيوت تي اٿندڙ ۽ ”حق موجود“ چئي نچندڙ گيڙو فقيرن سان ائين نچندو هو جيئن سوم رس پيئڻ کان پوءِ دراوڙ چندرما کي ڏسي مستيءَ ۾ ايندا هئا.

”ستيم شيوم سندرم“ جي رستي جو هي ماڻهو سچ چوڻ ۾ سرمدي سنت جو پوئلڳ هو جيڪو قائداعظم محمد علي جناح کان ڪاڪي تيرٿ تائين ۽ ولڀ ڀائي پٽيل کان پير پاڳاري تائين سيني کي سچ چوڻ لاءِ ساڳي زبان رکندو هو.

سنڌ جي تاريخ ۾ لطيف، جي ايم سيد ۽ اياز اهڙي وٽ آهن، جن سنڌ کي نوان موڙ ڏنا آهن. جيڪي فقط سنڌ جي ملڪيت آهن. انهن ٽنهي مان سيد اهو ماڻهو هو جيڪو هاڻوڪي سنڌ جو اڏيندڙ آهي. سيد تي تنقيد ڪندڙ ماڻهو قرارداد لاهور جي پاس ٿيڻ کان ٽي سال پوءِ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان سيد پاران پاڪستان ۾ سنڌ جي شموليت واري قرارداد پاس ڪرائڻ تي ڪيس ثاهيندڙ چئي، ڍاهيندڙ جو الزام هڻن ٿا. سخت لهجي ۾ ڪيس سنڌ جي تباهيءَ جو مجرم ٺهرائين ٿا. پر هو اهو چو ٿا وسارين تہ اڄ سنڌ ۾ سنڌيت جي ڳالهہ سيد جي دين آهي، جيڪا شبير چانڊئي ۽ منظور وساڻ جو ڪڏهن ڪڏهن اسيمبليءَ ۾ وات جو ذائقو بدلائڻ ۾ مدد ڪري ٿي. جنهن کي هو ”لاڙڪاڻي ڪي بيٽي“ واري لهجي جي رخت تي رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا. اڄ جڏهن بينظير ۽ سجاد شاهہ کي وڏي صوبي عرف وڏي ڀاءُ جي زيادتين جو احساس ٿئي ٿو ۽ ڪامران خان جي سينٽرل پنجاب جي ايڪيتاليهہ يڪن جي ملڪ تي حڪمراني سنڌ جي اخبارن ۾ ڇپجي ٿي تہ ”قدم بڙهائو نواز شريف هم تمهاري ساٿ هين“ ۽ ”مارئي ملير جي“ جا نعرا هڻندڙ سنڌين کي سيد ياد ٿو اچي۔ ۽ جڏهن سيد ياد ٿو اچي تہ سندس پيٽ اختر مينگل سان ڪندي سيد وانگر ڏند ڪرٽين ٿا. ڇو تہ هنن جي نظر ۾ سيد جي اولاد جو جهنڊي واري گاڏي ۾ هلڻ وارو ڪوڙوئي ڪو نہ ٿو لڳي ۽ اهڙا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوڙا هنن حساب جي ڪچن سنڌين کي سيد سيڪاريا ئي نہ هئا. انهي ڪاهوڙي جا پنهنجا ڪوڙا هئا جيڪي هاڻ ڪڏهن ڪڏهن آريسر بہ وساري ويهي ٿو جيڪو پڻ ڪڏهن ڪڏهن اهڙي گاڏي ۾ ريا وري سنڌ اسيمبليءَ جي گيلريءَ ۾ ڏٺو ويجي ٿو. اڄ جيڪي چون ٿا تہ قومي تحريڪ مري وئي آهي، تن جو قومي تحريڪ وارو مقصد جي ايم سيد آهي. دراصل هو اهو چوڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ قومي تحريڪ هئي سيد سان، قومي تحريڪ جو ڪينرو تہ پيو آهي، پر وڄائڻ وارو ڪونهي. جيئن ڪبير جو شعر آهي:

ڪبيرا جنتر نہ باجئي ٽوٽ گيا سب تار،
جنتر بچارا ڪيا ڪري چلا بجاوَن هار.

(ڪبيرا ساز ٽٽو وڃي، سڀ تارون ٽٽي ويون آهن، ساز ويچارو ڇا ڪري، جو وڄائڻ وارو نہ رهيو آهي.)

هاڻي جڏهن بينظير نواز شريف کي 'پنجاب جو جي ايم سيد' چئي سيد جو مذاق ٿي اڏائي، تڏهن هوءَ شايد وساري ٿي ويهي تہ سندس ڏاڏي سر شاهنواز ڀٽي جو گهاٽو يار ۽ سندس پيءُ ذوالفقار علي ڀٽي جو شروعاتي سياسي استاد ڪو ٻيو نہ پر اهو ئي جي ايم سيد هو جنهن کي هن ڪڏهن بہ بدقسمتيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ جيالن جي ڀيٽ ۾ جي ايم سيد جو اصل روپ وڃائي ويٺي، تڏهن تہ هوءَ نواز شريف ۽ جي ايم سيد جي ڀيٽ ڪري، اهو ٿي ثابت ڪري تہ جڻ ڀٽو ۽ ضياءُ ساڳي ڳالهہ هئا. سيد کي سمجهڻ لاءِ هڪ عاشق کي سمجهڻو پوندو. هڪ صوفي لاڪوفي کي سمجهڻو پوندو. ڪثرت پويان وحدت ڳوليندڙ ڪاپڙيءَ کي سمجهڻو پوندو. نہ تہ سيد تي ڳالهائڻ ائين ٿيندو جيئن سنڌ کان اسلام آباد تائين ڊوڙندڙ زبانون ڳالهائينديون رهيون آهن. پر اهي هن ڄام جي عشق اڳيان ڄاهي جي ڄاڙي جيان ٿڙڪنديون رهجي ويون ۽ هن ڄاموٽ جو ڄامڙا ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهيا ۽ هو سنڌ جي آزاديءَ جو خواب سنڌ جي اکين کي اربي سنڌ فتح ڪري ويو.

دنيا جو سڀ کان سينيئر قيدي ۽ سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن جو مرشد هو جنهن سڀ کان پهرين پير پرستي ۽ انڌي تقليد ۽ جهالت جي خلاف جنگ جوٽي. هن حيدر شاهہ سنائي جي گاديءَ جي سترهين سجاده نشين پنهنجي نياڻيءَ کي پي ايڇ ڊي ڪرائي ۽ 1984ع ۾ سنڌ جي متياري ساداتن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي گڏجاڻي ڪوٺائي اصلاح تي زور ڏنو ۽ پنهنجي پيريءَ مريديءَ واري گاديءَ کي الوداع چئي، ڪاڏي پاڻي صوفياڻي سياست جي شروعات ڪئي. سيد جنهن ساوڻ پڙڻ هيٺان ستل لطيف کي مچتائن. باسن ۽ پٽ ڏيڻ واري توهم پرستيءَ کان ٻاهر ڪڍي سنڌين جي قومي شاعر طور متعارف ڪرايو ۽ هو لطيف کي نئين نينهن سان پڙهڻ لڳا. مذهبن ڏي ”سئي ڳالهه چوندي، خراب چڙي ڏيو“ وارو رويو رکندڙ سيد، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضي جو ”امن عالم ترقي بني آدم“ وارو خواب پنهنجي عقابي اکين ۾ سمائي چڙيو هو. عاشق خواب ڏسندا آهن ۽ هو خواب ڏسندو هو. هن جي خواب ۾ سچل ۽ لطيف هن کي سمجهائيندا هئا ۽ سندس عالمي انساني اتحاد واري مقصد کي آسان ڪري ڏيڻ جا وچن ڪندا هئا. اهي خواب جن ۾ هو يوسف لغاري، اسماعيل وساڻ، شاهه محمد شاهه ۽ عزيز ڀنگوار جهڙن اڙٻنگ جوانن کي ڏسندو هو ۽ انهن سپنن ۾ مشرق ۽ مغرب جي ميلاپ جون مرادون هونديون هيون، جنهن لاءِ هو چوندو هو ته مشرق جو علم ۽ مغرب جو عمل ملن ته دنيا ديارِ دل تي پوندي، جتي فقط محبت جا داستان هوندا.

اڄ 17 جنوري آهي جيڪا سيد جي سالگرهه ۽ لاڙ جي لڄپال جي ورسي آهي. اڄ سنڌ ٻن غمن کي Celebrate ڪندي پر ڇا سنڌ کي Celebrate ڪرڻ اچي ٿو؟ اهو سوال آهي، جيڪو اچانڪ جاڳي ٿو ۽ معنيٰ جي تلاش ۾ ڪو گهرو گهاءُ سهي، سنڌ جي وسعتن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. سترهن جنوري سيد ۽ سنڌ سان تجديد وفا جو ڏينهن آهي. اڄ سيد جي سالگرهه آهي، پر سنڌ جا البيلا عاشق الجهيل آهن ته سترهن جنوري سيد جي سالگرهه آهي يا سنڌ جي سالگرهه آهي جنهن ڏينهن هو چار سيارا اڳي سيد سان گڏجي سڄڻ سنڌيءَ جو ڪلام ٻڌندا هئا:

پل جي ايمر ڏس آزمائي، مان ڪندس تو سان وفا،
تو سان اکڙين کي ملايم، جيءُ ڏنم توکي سدا.

پر اڄ سن سنسان آهي. اهو سن سنسان آهي، جيڪو عاشقن جو آشرم رهيو آهي، جيڪو گانڌيءَ جي سابرمتي نديءَ جي ڪناري واري آشرم جهڙو ناهي ۽ نه ئي اوشو جي پونا واري آشرم جهڙو آهي. هيءُ سنڌ جي بي چين جوانين جي سجدي گاه آهي، جتي عقل گهٽ ۽ عشق ارزان رهيو آهي. جتي اوطاق جي ڪشادي پڊر ۾ سمهندڙ ضدي ۽ سرڪش جوانن جي جسم تان



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سر ڪندڙ سوڙيون اهو پوڙهو عاشق آديءَ جو اتي درست ڪندو هو ۽ پنهنجي جاڳ انهن پاڳلن جي نظر ڪندو هو جن سان اهي هرڻن سمان هٺيلا جوان دامن گير هوندا هئا. سيد جو سندن نند سان نينهن هو ڇو ته هو ڄاڻندو هو ته اهي دادلا ٻار پنهنجي سپنن ۾ آزاد سنڌ جي سرحدن جو تعين ڪري رهيا آهن ۽ سندن رتل محبوبائن جهڙيون ضدي ساپياڻون سندن عشق ۾ آرس موڙي رهيون آهن. اهو آشرم اڄ اداس آهي. اهي در ڏٺي، ديوانن کي ڏينهن گذري چڪا آهن. اهي سن جا پٽ ۽ پڌر ويران آهن. انهي آشرم جي پرسان سنڌوءَ جي لهرن تي نچندڙ چنڊ ماتم ڪري رهيو آهي جنهن ۾ اهو پوڙهو عاشق پنهنجي محبوب کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر اهو سنڌ تي پوندو هو ۽ هو مرڪي سنڌ کي ستارن جي وچ ۾ چمڪندڙ آفاقي سرزمين سڏيندو هو. هو سنڌ جي ايندڙ نسل مان پراميد هو ۽ سنڌ جي آزاديءَ کي اٽل سمجهندو هو پر هن جي منزل فقط آزادي نه هئي. آزادي ته اوري جي ڳالهه آهي. هن جي آتما جو پنڌ گهڻو اڳاهون هو. تڏهن ته هو سدائين چوندو هو ته:

جي قيام مڙن ته ڪر اوڏا سپرين.

منهنجي وات ۾ 1985ع ۾ ڪاڌل ميڪرون ڪيڪ جو ذائقو اڃا اهو ئي آهي جيڪو هن پوڙهي ماڻهو مون ڏهن سالن جي ٻار کي پنهنجي حويليءَ واري ڪمري ۾ پنهنجي هٿن سان کارايو هو جڏهن آئون پنهنجي مامي سان گڏجي ملڻ ويو هئس. اها ملاقات، اهو انداز اهو پنهنجي ايندڙ نسل سان پيار وارو ورتاءُ اڄ به منهنجي يادگيرين تي ڪنول جيان تري تو اچي. هو سنڌ جي گاج نئن جهڙن اجهل جوانن جو ڪاڇو هو جنهن تي هوڏي نوجوان ڪونجن جيان ڪرلائيندا ايندا هئا پر سيد اهي سيئي انگل آرا سهندي، انهن لاءِ سقراط تي ويندو هو. جن جي ڪارڻ هن حياتيءَ ۾ ڪيترا ئي هيملاڪ پيتا هئا، پر عشق ۾ سڀ امرت تي ويا. هن سنڌ جي پوڙهي روڳي ڇورين ڇنين جوانين کي ڇرڻ ڇا سيکاريو جو هن پنهنجي دل تي انهي پوڙهي پنهونءَ جا پور هڻڻ شروع ڪيا ۽ سموري سنڌ جي جواني سن ڏانهن ڪيچ سمجهي ڪاهڻ لڳي.

اڄ جڏهن سيد نه رهيو آهي، اهو پوڙهو آدي جڳادي عاشق نه رهيو آهي، جنهن جو عشق سنڌ جي ماتمي هوائن ۾ سرگوشيون ڪري رهيو آهي، تڏهن آئون سوچيان ٿو ته اسان کي پنهنجي بيحسي ۽ نابينيءَ جو احساس ٿيڻ کپي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي مڙني غلطين جو ازالو اعتراف ۾ آهي. اسان اهو به اعتراف ڪريون ته سيد سان سنڌ انصاف نه ڪري سگهي. هن ڪا شڪايت نه ڪئي، اهو هن جو عشق هو اسان اعتراف نه ڪريون، اهو اسان جو ظلم آهي. ٿي سگهي ٿو ته ٿوري ناراضگي ڪٽي هليو ويو هجي ۽ پنهنجي نئين جنم جي نينهن لاءِ نوان سانگ سٽيندو هجي. سو اڄ سنڌ کي لطيف کان اها گهر ڪرڻ گهرجي ته "پوڙهو عاشق پر چائي ڏي"، جنهن لاءِ جام شوري جي جواني اڄ به چئي رهي آهي:

وچين ٿو پوڙها، اسان کي اڏ ۾ چڏي،
اچا ته ڳوڙها، سڪا ناهن سنڌ جا.

(چنچر، 17 جنوري- 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# سنڌ جي اکين جو سرمو بڻيل
# ڳڙهي خدا بخش جي مٽي

هر سال بهار اچي ٿي ۽ پنهنجي پلاند ۾ سنڌ لاءِ ڳاڙهن گلابن بجاءِ ڳاڙها ڳوڙها کڻي ٿي اچي، جيڪي ماتمي موسمن ۽ مزاج واري ديس جي ڳل تان برڪا جي بوندن جيان ڇڻندا رهن ٿا. انهيءَ ڪربلا جو قصو ايترو پراڻو ڪونهي، بس 4 اپريل 79ع جي ڳالهه آهي، جتان مظلوم ۽ محڪوم عوام جو خواب سرنهن جي پيلي گل جيان خزان جي گرم جهوٽي سان ڇڻي پيو هو ۽ ٽڙڻ جي مند ۾ سنڌ ڇڻڻ جي رسم جي غلام ٿي وئي ۽ انهي رسم جو گهاءُ اڄ وري سنڌ جي بدن تي سائو آهي، جو ته اڄ جڏهن دنيا معمول مطابق سورج ديوتا کي پورب جو پيامبر سمجهي ويلڪم ڪندي، تڏهن اکين جون دريون کولينداڙا انهي سج جا ڪرڻا هڪ قبر تي ماتم ڪندا ۽ ڳڙهي خدا بخش جي ڳهريل قبرستان ۾ مٽيءَ جي ڍير هيٺان انهي سورج کي تلاش ڪندا، جنهن جي پوپان هن ملڪ جو ٻارنهن ڪروڙ عوام سورج مکي جي گلن جيان ڦرندو هو. اڄ انهي اوڻويهه سال اڳي الهي ويل سورج جي ورسي آهي جنهن کي ماڻهو 'ذولفي' چوندا هئا ۽ سنڌ 'راڻو' چوندي هئي. اڄ عوامي ۽ جمهوري سياست جي ورسي آهي، جنهن کي پيئتا ڏيڻ لاءِ سموري سنڌ پنهنجو طرف تبديل ڪندي، لاڙڪاڻي ڏي ويندڙ قافلا پنهنجي اکين ۾ دلين هٿان هارائي ويهندا. اڄ فقط نئين ديري ۽ المرتضيٰ ۾ پٿر وچايل نه آهي پر هن بدنصيب ديس جو هر اهو گهر غمخوار آهي جنهن جي اڱڻ تائين هن سحر انگيز ليڊر جا نعرا گونجيا هوندا. اڄ سندس ڏيئون پنڪي ۽ صنم اداس هونديون،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس پوٽي فاطمہ ۽ ننڍڙو ذوالفقار بہ ڪنھن اڻ ڏٺي احساس ۾ مبتلا ھوندا. پر آئون سوچيان ٿو تہ ھزار غمن جي گردشن ۾ آيل بيگم نصرت پٽو سان ڪير ڏک شيئر ڪندو جيڪا ذلفي پٽي جي محبت جي ڪھاڻي جو ڏکويل ڪردار آھي. حافظ شيرازي ۽ عمر خيام جي ديس جي نصرت ھر سفارتي دوري ۽ سرگرمي ۾ ساڻس گڏ ھوندي ھئي، نصرت لاءِ پٽي ھڪ دفعي ھيٺيان لفظ لکيا ھئا:

My beloved wife has a pragmatic approach towards every problem.

(منھنجي محبوب گھر واري ھر مسئلي ڏانھن عملي اپروچ رکي ٿي)

ويھن سالن کان پٽي سان سندس زندگي ۽ سياست ۾ شريڪ سفر رھندڙ حافظ قرآن، پاڪستان جي پھرين فرسٽ ليڊي اڄ دبئي جي ڪنھن ڪنڊ ۾ آھي. جڏھن سندس ذھني ڪيفيت بابت اخبارن ۾ خبرون ڇپجن ٿيون، تڏھن سوچيان ٿو تہ سياست ڪيڏي نہ خطرناڪ شيءِ آھي، فرد جي الميہ سان ڪيڏڻ ۽ ان کي اڪيلائين جي جھنم ۾ اڇلڻ واري سياست جا آرا ڪير سمجھي سگھيو آھي سواءِ نصرت پٽو جي، جيڪا پٽي جي ڦاسي کانپوءِ سموري درد جو بوجھہ پنھنجي ڪلھن تي کڻي، آمريت جي اونداھي راڄ ۾ اڪيلي پٽڪي ھئي. نوجوان ڌيءَ جي بگھڙن جي ديس ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان جي مستقبل جا انديشا، جلاوطن پٽن جي جدائي جو عذاب پنھنجي سيني ۾ سانڍڻ، جيلن جون سختيون، مالي پريشانيون، شاھنواز جي شھادت، مرتضيٰ جو مسلسل جلاوطني ۾ رھڻ ملڪ اچڻ تي پيڻ جي حڪومت ھٿان گرفتار ٿيڻ ۽ ان جي ئي حڪومت ۾ 70 ڪلفٽن اڳيان خون ۾ ڳاڙھي ٿيڻ جھڙيون ڪربلائون ڪنھن ڏٺيون آھن؟ عورت جي دل نارنگي جي ڦار جيان تہ ھوندي آھي، جنھن کي سنڀالڻ سنگين ڪم آھي. پر ھن عورت جي عزم جو امتحان مسلسل عذاب مان گذريو آھي. اڄ ھو ڪٿي آھي؟ ڪھڙي حال ۾ آھي، ڪھڙي خبر؟ اڄ جڏھن ڪيس "ڊارلنگ" چوندڙ پٽو ناھي رھيو "سويٽ مما" چوندڙ مرتضيٰ ۽ شاھنواز ناھن رھيا تہ اڄ ھن وياڪل عورت جي پھرين غم جي ورسيءَ جي موقعي تي سنڌ کي پنھنجون سموريون ھمدرديون ۽ احساس نصرت لاءِ مخصوص ڪرڻ گھرجن. ھن کي فاطي، ذوالفقار بلاول، بختاور ۽ آصف جي گڏيل ٽھڪن ۽ خوشين جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سهارو گهرجي. پر ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟ هڪ زخمي سوال آهي جيڪو لاڙڪاڻي جي فضائن ۾ گشت ڪري رهيو آهي. انهي سوال جو پيرو ڪٽندڙ انهي خاندان جا خيرخواهه اهو به ڄاڻن ٿا ته ڀٽو فيملي انهي هار جيان رهي آهي، جنهن جا سڀ موتي مختلف الميۡن هٿان ڇڄندا ويا آهن ۽ هاڻي فقط اهو ڌاڳو بچيو آهي جيڪو باقي بچيل ڪجهه داڻن کي ميڙي سگهي ٿو. ”مرتضيٰ موتي اڇ“ جهڙا اڻ ڏٺا آرا نه ڄاڻ ڪيترن دردوند دلين تي وچ جيان ڪرندا هوندا. جن هن ڪٽنب جا الميا ۽ درد پنهنجي سيني ۾ ڌڙڪنن سان سانڊيا هوندا.

ڀٽو فيملي جو سڀ کان مضبوط ۽ سنسني خيز ڪردار ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي جديد سياست جو باني هو. جنهن ايامن کان جاگيردارن ۽ خان بهادرن جي اسيري ۾ آيل مخلوق کي زبان ڏني ۽ چوڪن ۽ روڊن تي ڳالهائڻ سيکاريو. پاڪستان جي خالق جماعت مسلم ليگ تي وڏيرا قابض ٿيا ته اڳتي هلي اها فقط وڏيرن ۽ نوابن جي دائي ٿي پئي جيڪا فقط وڏا نانءُ ۽ لقب پالي سگهندي هئي. سر چارلس نيپيئر ۽ مائونٽ بيٽن جي ڊائننگ ٽيبلن تي ڪانٽن ۽ چمچن سان گڏ سجندڙ جاگيردارن ۽ وڏيرن جو پويون نسل مسلم ليگ نپايو ۽ اها مسڪين خلق جيڪا ڪنڌ جهڪائڻ، جاڙ ڀڏڻ ۽ هٿ حاضريءَ ۾ ٻڌڻ ڄاڻندي هئي، سردار سهتي خان ڀٽي جي پوٽي ان جي اکين کي خواب، چپن کي نعرا ۽ هٿن کي جهنڊا ڏنا جيڪي اڄ تائين ملڪ جي هوائن ۾ جهولي رهيا آهن. ”اسلام اسان جو مذهب آهي“، ”سوشلزم اسان جي معيشت آهي“، ”جمهوريت اسان جي سياست آهي“ جهڙن نعرن سان ايندڙ ڀٽو عوام لاءِ سياست تان ”ممنوعه علائقي“ جو بورڊ لاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ عوام جي سياست ۾ ڀرپور شرڪت ٿي. ڊرائنگ رومن ۾ استنف ٿيل شينهن ۽ ڦاڙهن کان ڊڄندڙ مخلوق 1970ع جي اليڪشن ۾ پنهنجا سڀ پلاند چڪائي ڇڏيا، جيڪي سالن کان سندن دلين ۾ درد جيان چڀي رهيا هئا. نڪ تان نظر جو چشمو ٺيڪ ڪري ڳالهائيندڙ دانشور جيترو ڀٽي کي عوام جي عملي سياست ۾ داخلا جو ڪريڊٽ ڏين ٿا، اوترو ئي بينظير کي Depoliticize ڪرڻ جو ملزم ٺهرائن ٿا ۽ سندس ٻنهي حڪومتي دؤرن کي ڀٽي جي هڪ ٿي دور جو ڀرپور ردعمل چون ٿا. هو اهو به الزام هڻندي نٿا ڪيٻائين ته ڀٽو سياست کي شاعري سمجهندو هو رومانس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چوندو هو. انهي جي ڏيءُ جي غلطين سياست کي ڪاروبار ۾ بدلائي ڇڏيو. نتيجي ۾ لاهور ۾ رهندڙ ڪانئس وڏا ڪاروباري ماڻهو پاڪستان جا سپر مين بڻجڻ لڳا. بينظير جون سياسي ڪمزوريون، مخالفن جون ڪاميابيون بڻجي ويون. اياز جي لفظن ۾ "مذهب ۽ سوشلزم جو ڪاڪ ٽيل ٺاهيندڙ" ذلفي پيتو هڪ ئي وقت پڪي مسلمان ۽ سچي مارڪسسٽ هجڻ وارين علامتن ۽ خوبين ۾ توازن رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ پاڪستان جي سيني مسئلن جو حل سائنٽفڪ سوشلزم ۾ سمجهندو هو. جڏهن هو ڪيليفورنيا يونيورسٽي ۾ پنهنجي انڊين دوست پيلو موديءَ سان گڏ پڙهندو هو برڪلي جي سنسيٽ بوليوارڊ (Sunset Boulevard) تي ڇوڪرين سان مذاق ڪندڙ زنده دل ذلفي سيني شاگردن جو محبوب دوست هو جنهن کي چيري بلاسم جي وڻن واري ميڪسويل اسٽريٽ جي فوٽ پاٿن تي گهمندڙ نيگرو به ايترو ئي چاهيندا هئا جيترو ڪيس هندستاني ۽ برطانوي شاگرد پيار ڪندا هئا. هو پنهنجي ذات ۾ تضاد رکندو هو. مغربي دماغ ۽ مشرقي دل رکندڙ پيتي کي جڏهن اوريانا فلاسي "ليڊي ڪلر" ۽ ڊان جوان (Don Juan) سڏيو هو ته هن پنهنجي تحفظ ۾ چيو هو ته "نه آئون رومينٽڪ آهيان ۽ رومينٽڪ هجڻ کان سواءِ ڪو به سٺو سياستدان نٿو ٿي سگهي." هو پيار کي سياستدان جي ضرورت سمجهندو هو ۽ چوندو هو ته رحم جوڳا آهن اهي جيڪي پيار نٿا ڪري سگهن. هو مردن ۽ عورتن سان پيار ڪندو هو چاڪاڻ ته هو انهن جي بي انتها عزت ڪندو هو. هو سنڌ توڙي پنجاب جي مردن ۽ عورتن جو "چن ماهي" ۽ "راڻو" هو. جڏهن دار جي رسي مومل جي ٻانهن جيان هن راڻي جي ڳچيءَ کي ويڙهي وئي هئي ته پنجاب جي عورتن پار ڪيڍي رنو هو ۽ گجرات ۽ گجرانوالا جون گجريون اهو نه مڃي سگهيون ته هو هليو ويو آهي. "اسان سٽيا اي پتو نون ڦاها نئين لڳا، او تي ليبيا دي تخت والي جهاز وچ چلا گيا هي". ان وقت جي اخبارن چناب جي هيرن جون وارث شاهه لاءِ ڪيل دانهون لکيون هيون "رانجها مريا نهين، اوس نون تي عرفتا بادشاهه نال لي گيا هي". هن جي موت جو ڪنهن تي اعتبار ڪيو؟ هن جي موت تي ايترو ئي پنجاب جون عورتون رنيون هيون، جيترو لاڙڪاڻي جي اها پوڙهي مائي رني هئي. جنهن پيتي کي پٽ جي نوڪري ملڻ تي اهو تربيوٽ ڏنو هو ته "صدقو وڃانءِ سهڻل سائين". ۽ اهي ئي لفظ پيتي جي عوامي سياست لاءِ زبردست انسپائريشن ثابت ٿيا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جمال عبدالناصر، سوئيڪارنو ڪرنل تذافي، ياسر عرفات، حافظ الاسد ۽ شاهه فيصل جو گهاتو يار پنهنجي دوستن جي هزار ڪوشش جي باوجود دار ڪان ته نه بچي سگهيو ۽ دل هن لاءِ هميشه جي آرامگاهه ٿي وئي، جنهن ڪي هن پنهنجي ڪورٽ جي آخري خطاب ۾ سقراط وانگر ڳالهائيندي، سراڪي شعر ۾ ڪجهه هيئن چيو هو:

درد جديد هي، شوق شديد اي،
ڪوئي وڪيل، نه ڪوئي دليل اي،
دردان دي ماري دلڙي عليل اي

انهي عدالت ۾ ڳالهائڻ دوران هو سرمد ۽ منصور جو تسلسل لڳي رهيو هو هو سقراط ۽ سچل وانگر سچ چئي رهيو هو. پتو جيڪو وقت جي عدالت جو اهو قيدي آهي جنهن جي اڳيان تاريخ شرمسار آهي. جنرل ضياءَ هن منصور جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪٺي جابر الاحمد الصباح ٿي ويو پر عوام اڄ هن کي مولانا شبلي وانگر گلن جا خراج ڏئي رهيو آهي. ڳڙهي خدا بخش جي شهر خموشان جي مٽي سنڌ جي اکين جو سرمو ٿئي ٿي ته اهو ئي سڀ کان وڏو دليل آهي ته سياست ڪاروبار ناهي، سياست راند ناهي، سياست رومانس به آهي، سياست عاشقي به آهي، سياست شاعري به آهي:

يه مرتبه بلند ملا جس ڪو مل گيا
هر مدعي ڪي واسطي دار و رسن ڪهان؟

(چنچر، 14 اپريل- 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# توپچاٽان مينڌرا!

ماٺهو هن کي راٺو چون ٿا. ڇو تہ هو درد هاڻين دلين جي ڪاڪ تي عشق جو ڪرهو ڪاهي ايندو هو ۽ محبتن جون اهي سڀ موملون ماڻي ويندو هو جيڪي ڪنهن مينڌري جي من ۾ حسرت جيان هونديون آهن. اعتبار نہ اچي تہ اڄ ڳڙهي خدا بخش جي ڳهريل مٽيءَ تي لڙڪن سان لکيل لطيف جي انهي سٽ کي سمجهو:

توپچاٽان مينڌرا! منهنجو آترُ اجهاٽو.

هو قرب جو ڪوري هو. هن ڪلفت جي ڪاتيءَ سان ڪٽل ماڻهن کي ڪترڻ سيکاريو ۽ هو دلين جي آترڻ تي اُن جون لويون آٽڻ لڳا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ هو سياست جي دنيا جو مست قلندر ماٺهو روحن جي ريشمي رومال ۾ عشق جي مشڪ سان معطر ستو پيو آهي ۽ هن ڪانسواءِ هن جي مخالف / موافق سياست سانوڻي جي ڏيڏر جيان ماڻهن جي درن اڳيان ٽان ٽان ڪري رهي آهي ۽ هو پنهنجون عقابي اکيون ہوڙي دلين جي تخت تي خوابن جي هنج ۾ آهي.

هو موت کي مات تي ترجيح ڏيندڙ ماڻهو بهار جي پڇاڙڪي گلاب جيان دار جي خشڪ ٽاريءَ تي ٽڙڻ کان اڳي موت سان ڪيترا ئي پيرا منهن اٽڪائي چڪو هو. هو سردار سهتي خان پٽي جو تسلسل پهريون پيرو شايد تڏهن موت جي چانئٺ تان موٽيو هو جڏهن هو ٽن سالن جي ڪچي ڪلي هو. سندس ڪيترن ئي ڏينهن جي سانده بيهوشي بي مندي موت جي ماريل خاندان جي اکين ۾ ڳوڙهن جا مينهن آڻي ڇڏيا هئا. سندس والده خورشيد بيگم قلندر جي باس باسي هئي تہ ذلفيءَ جون ڪڪوريل ڪارڙيون اکيون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سانجهي تاري جيان ٽمڪڻ لڳيون هيون ۽ اهو اهو لمحو هو جڏهن جمهوريت جو معصوم خواب موت سان جهيڙينديءَ جواني طرف پير کڻڻ لڳو هو. اهڙي طرح مسڪين ماڻهن جي مقدر جي موت کان ڪٽيل بازي ڳڙهي خدا بخش جي پٽن کي سيوهاڻي لال جي عقيدت سان واڳي ڇڏيو ۽ قلندر جي در تي سندن آزين نيازين جو سلسلو شروع ٿيو. پٽو جڏهن 7x10 فوٽ جي ڪوليءَ ۾ ڪامي رهيو هو ۽ ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ پنهنجو ڪيس وڙهيو هو تڏهن "دردان دي ماري دلڙي عليل اي" سان گڏ اهو به چوندو رهيو ته:

سيوهاڻي لال لجپال، پت رکيو پلا.

پت جيئن ته هن جي ٿي پٽي ۾ هئي، سا هن کي ملي. موت کي موت ملڻو هو سو هن کي مليو. جنهن جي مردود پاڇي هيٺان هو تڏهن به نڪري آيو هو جڏهن ايوبي حڪومت جي وزارت خارجه تان استعيفيٰ ڏيڻ ڪانپوءِ عوامي مهم تي نڪتل هو ۽ گول باغ لاهور ۾ مٿس ايوبي ڇاڙتن خوني حملو ڪيو هو- پر اهو رڪشا ڊرائيور روشن علي هو جنهن انڌاري جي حملي کان روشني کي بچائي، پاڻ روشن ٿيو. اها ته اڃا به پوءِ جي ڳالهه آهي. پر جڏهن هو وزير خارجه هو ته هن هندستان کي عالمي ليول تي اڪيلو ڪرڻ لاءِ جيڪا مهم هلائي هئي ۽ الجزائر ۾ ايشيائي ملڪن جي ڪانفرنس ڪوٺائي سامراجي قوتن جون ننڊون حرام ڪرڻ شروع ڪيون هيون، ايشيائي آفريڪي ملڪن کي سرمائيدار سامراجن جي اقتصادي ڪوڙڪي مان آجو ڪرائڻ لاءِ جڏهن سوئيڪارنو ۽ بن بالله ڪانفرنس هال ٻاهران موجود هئا ته اوچتو آمريڪي سي آءِ اي جي مهربانين سان خوفناڪ بم ڌماڪو ٿيو جنهن مان اهي ٽئي عظيم اڳواڻ معجزانه طور بچي نڪتا. پر اهو ڏينهن هو جڏهن پٽي کي يقين ٿيو ته ڪيس آمريڪي دشمنيءَ جو سنگين مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ هن ڪيو. موت سان ڊوئيل ڪيڏنديءَ موت کي ماري ويو. لکن جي لڄ بچائينديءَ تاريخ جي لڄ رکي ويو ۽ هڪ لازوال زندگي نصرت اصفهاني جي نانءَ جيان هن سان منسوب ٿي وئي ۽ هو گهايل دلين جو گهوٽ ٿي ويو. هو جنهن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ به پنهنجي پنڪيءَ کان موت کان به ڏينهن پهرين شالامار پرفيوم جي فرمائش ڪئي هئي، جنهن چيو هو ته "مون کي مٽي جي ڍير هيٺان دفن ٿيڻو ڪونهي، آئون ماڻهن جي محبتن ۾ مدفون ٿيڻ وڃان پيو. آئون دلين جي ڌڙڪنن ۾



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

دفن ٿيندس ۽ آئون شان مانَ سان مهڪي مرڻ چاهيان ٿو. " اڄ توهان مون سان نوحہ خواني ڪندي، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي سگهو ٿا تہ هو ڪٿي آهي؟ ڳڙهي خدا بخش جي قبرستان ۾ آهي يا پنهنجي اندر جي اجاڙ خاني ۾ آهي، هو ڪٿي آهي؟ هو جنهن کي فرانس جو ان وقت جو صدر زسيڪار ديستان، نيپولين بوناپارٽ ۽ ڊيگال جو تسلسل ٿو سڏي، هو جنهن کي اسان منصوري مسلڪ، سرمدي سنت ۽ حسيني لشڪر جو آخري مسافر ٿا چئون، جيڪو ڪليل ڪف واريون ٻانهون لوڏي لکين ماڻهن جي ميڙ ۾ مکن سان مائيڪ ٽوڙيندو هو جيڪو سياست کي شاعري سمجهندو هو رومانس چوندو هو. جيڪو دنياءِ سياست جو انوکو ڪردار ٿن ڏينهن تائين عدالت جي ڪٽهڙي ۾ سچ ۽ حق جي حق ۾ ڳالهائيندو رهيو، ماڻهن کي روئاريندو رهيو جج کي شرمائيندو رهيو ۽ غالب جو اهو شعر پڙهندو رهيو:

رنج سي خوگر هو انسان تو مٽ جاتا هي رنج،
مشڪلين، اتني پڙين مجهہ پر ڪہ آسان هوگئين.

هو دار کي يار چوڻ وارو عشق جي امتحان جو "اسٽار فيڪلٽي" هو جنهن جنرل ضياءَ جي جبر جا ڇاويهہ مهينا موت سان اکيون اٽڪائي گذاريا ۽ جسٽس مشتاق مولوي جي منافقين جو اڪيلي سر مقابلو ڪيو. ڪوٽ لکپت کان سينٽرل جيل راولپنڊي تائين ڪيس پاپ جي پلصراط تان گذرڻو پيو ۽ هو گذري ويو. سندس جسم کي ملتذڙ اذيتن کان وڌيڪ هو پشم جهڙو ماٺو تڏهن عذاب جي گهڙين مان گذرندو هو جڏهن ڪوٽ لکپت جيل ۾ سندس بيرڪ جي ديوار پرسان سندس سرفروش ڪارڪنن کي ڪوڙا هنيا ويندا هئا ۽ هو ٻئي منيون ڀڪوڙي جيل جي سلاخن سان هٽندو هو ۽ تيل ڪڙاهہ جيئن ڪڙهندو هو. هو پيجري ۾ بند ٿيل شينهن هو پر هو ڇا ٿي ڪري سگهيو جيڪو پنڪي، صنم، مير ۽ شاهہ جي ڳل تي ڪِس نٿي ڪري سگهيو. هو ڇا ٿي ڪري سگهيو اهو وقت جو بيوس باندي پنهنجي سامان مان ڪوٽ لکپت کان پنڊي جيل منتقل ٿيڻ وقت اهو فل سوٽ اچلائڻ واري احتجاج کان مٿي ڇا ٿي ڪري سگهيو! جيڪو هن تڏهن پاتو هو جڏهن ڪيس ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي هئي. يا انهي عشق ۾ ڪريل آري جهڙي احتجاج کان مٿي ڇا ٿي ڪري سگهيو جڏهن جيل جي مين گيٽ جي ننڍڙي ڪڙڪي مان ڪنڌ جهڪائي گذرڻو پيو تہ هو پڙ ڪڏي ٻيهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو ۽ چوڻ لڳو ته: ”آئون ڪو معمولي ماڻهو ناهيان جو جيل مان ڪنڌ جهڪائي نڪران. سينو تاڻي داخل ٿيو هوس ۽ سينو تاڻي نڪرندس“. پوءِ سيني ڏنو ته ڊي آءِ جي شوڪت محمود کي مجبوراً مين گيٽ کولڻو پيو ۽ هو ساحر جي انهن سٽن جيان ڪنڌ کڻي نڪري آيو:

نہ سر چھپا کي جيئي هم، نہ سر جھکا کي جيئي،
ستمگرون کي نظر سي نظر ملا کي جيئي،
اب اگر ايک رات کم جيئي تو کم هي سهي،
يهي بهت هي کہ هم مشعلين جلا کي جيئي.

اڄ تاريخ وقت جي کهڙي ويران ڪنڊ ۾ ويهي وار پٽي جو عوام کي زبان ۽ ملڪ کي مان ڏيندڙ ماڻهوءَ کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي قتل جي ڏوهه ۾ ماريو ويو جيڪو انگريز سرڪار جو سپ کان وڏو سلامي ۽ وفادار وظيفي بردار هو. جيڪو ڀڳت سنگهه جي قاتلن جي قطار جو ماڻهو هو. ٽن ججن پاران بي ڏوهي قرار ڏيڻ ۽ سموري دنيا جي اڳواڻن جي اپيلن جي باوجود تارا مسيح جا ڪارا هٿ ڪروڙين دلين ۽ اکين کي ڏاڍ جهڙو ڏنپ ڏئي ويا ۽ تاريخ تماشائي جيان ڏسندي رهي. جنهن ماڻهو ملڪ کي حقيقي ۽ جمهوري سياست جو رستو ڏيکاريو جنهن ماڻهو ملڪ کي خارجه پاليسين جا بنياد فراهم ڪيا. جنهن ماڻهو هارايل ملڪ کي 90 هزار جنگي قيدي ۽ پنج هزار مربع ميل کان وڌيڪ علائقو واپس ڏياريو جنهن پنجويهه سالن کان سڪندڙ ملڪ کي آئين ڏنو جنهن ملڪ کي ائٽمي طاقت بڻايو جنهن اتفاق فائونڊيشن جهڙين ڪيترين ئي صنعتون نيشنلائيز ڪري قومي تحويل ۾ آنديون. جنهن ”روٽي ڪپڙا اور مڪان“ جهڙي نعري ۾ مذهب ۽ سوشلزم جو ڪاڪ ٽيل ٺاهي ماڻهن کي پيگ پيارا. وڏي ڳالهه ته نيپولين بوناپارٽ کي بيحد پسند ڪندڙ ۽ ميڪاولي جو ”پرنس“ پڙهندڙ ماڻهو سالن کان جاگيردارن ۽ خان بهادرن جي ڊرائنگ رومن ۾ شينهن ۽ ڦاڙهن سان استف ٿيل سياست جهڙي شوبيس کي رستن تي گهلي آيو ۽ تاشقند معاهدي تان ايوب سان اختلاف رکي استعيفي ڏيندڙ پٽو ”ايوب.... هاءِ هاءِ“ جهڙو نعرو کڻي رقص ڪيا. پٽي جي ولوله انگيز قيادت ۾ عوامي هلچل جي اهڙي قاتل هوا گهلي جو 70ع جي چونڊن ۾ پوتارن جون دستارون ۽ نوابن جا تاج ملڪ جي فضائن ۾ بسنت جي بوڪاٽا ٿيل لغڙن جيان ڦيريون پائيندا رهيا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪيليفورنيا جي برڪلي يونيورسٽي ۾ چيري جي وڻن وارن بوليوارڊس تي پنهنجي انڊين دوست پيلو مودي سان گڏجي چوڪرين کي ڇيڙيندڙ ذلفي مشرق ۽ مغرب جو حسين سنگم هو. جنهن جي دل مشرقي هئي ۽ دماغ مغربي هو. جنهن جي دل ۾ ميران جي دوهي جهڙو درد هو ۽ جنهن جي دماغ ۾ اٿينس جي عقل جي خوشبوءِ هئي. هو اولهه ۽ اوڀر جو ڪاڪ ٽيل هو ۽ دنيا لاءِ حسين فارمولو هو. هن جي Visionary هجڻ لاءِ ڇا اهو دليل گهٽ آهي تہ مسوري ۾ موڪلون ملهائڻ لاءِ ويل نائين ڪلاس جو شاگرد ذلفي قائداعظم کي ڪاوڙ ڀريو خط لکي، ڊاڪٽر خان صاحب جي سرحد ۾ وزيراعليٰ ٿيڻ ۽ ڪانگريس جي زور وٺڻ تي ڀرپور احتجاج ٿو ڪري ۽ مسلم ليگ جي ناڪامي تو سڏي، لاهور انجنيئرنگ جي شاگردن جي چونڊ تي "پاڪستان پيپلز پارٽي" جو نالو رکندڙ ٽيون دنيا جي اڳواڻن جي ڪهڪشان جو روشن ستارو هو. شاهہ فيصل، ياسر عرفات، ڪاسترو، شاهہ حسين، بن بالله، حافظ الاسد جهڙن اڳواڻن جي قطار- روايتي نظر جو چشمو هٽائي ٿورو ڏيان سان جانچيو تہ هو توهان جو محبوب رهنما توهان کي مائو ڪئپ سان فيڊل ڪاسترو جا گفت ڪيل ڪيوبن سگار پيئندي ۽ مرڪندي نظر ايندو. ننڍي هوندي پنهنجي پائرن امداد، سڪندر ۽ پيڻ منور الاسلام سان رانديون ڪندڙ ذلفي وڏي هوندي رومانس ڪرڻ لڳي ٿو. سندس جواني جي ٽڙندڙ رابيل جو پهريون رومانس اصفهان جي تلوارن جهڙو تيز حسن نصرت اصفهاني هئي، جيڪا ذلفي جي پيڻ منور الاسلام جي گهاٽي سهيلي هئي ۽ ستر ڪلفٽن جي قريب رهندي هئي. ذلفي جڏهن آڪسفورڊ مان موڪلون ملهائڻ ڪراچيءَ جي ساحلن تي پهتو تہ نصرت جي سونهن سيگل جيئن نچي رهي هئي، جنهن عاشق مزاج ذلفي جي دل جي ڊالفن تي نظرن جا چار اچليا ۽ هو ڳاڙهي چنيءَ جي ڳنڍ ۾ پنهنجي حياتي ڏيئي، هني مون لاءِ استنبول هليو ويو. اهو اوريانا فلاچي جي لفظن ۾ "ليڊي ڪلر" ۽ ڊان جوان (Don Juan) ذلفي جو پهريون پيار هو جنهن سان هو فون تي ڳالهائڻ لاءِ ڪال ڪوٺڙي ۾ جيل انتظاميا کي چوندو رهيو ۽ سڪندو رهيو. اڄ سندس پيار ڪهڙي حال ۾ آهي، اهو سوچي اسان ٻئي غم جو شڪار ٿيڻ نٿا چاهيون، نہ تہ ينيور کي باهہ لڳي سگهي ٿي. ذلفي جو اهو پيار انهي عشق اڳيان اها اهميت نٿو رکي جيڪا هن "لوٽ جاتي هي ادهر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪو بهي نظر ڪيا ڪيجئي" چئي ڏهه ڪروڙ ڏتڙيل عوام سان عشق جي آگر اتڪائي ڪيو هو. جنهن جو ذڪر هن پنجاهه سالن جي پيءُ پنهنجي سپ ڪان پياري ڌيءُ پنڪي ڏانهن انهي تاريخي خط ۾ ڪيو هو جنهن ۾ هن پنهنجي پنجويهه سالن جي ڌيءُ کي تلقين ڪندي چيو هو تہ: "تنهنجي عمر منهنجي ڄمار جي اڌ جيتري آهي، جڏهن تون منهنجي عمر کي پهچندينءَ تہ توکي منهنجي ۽ عوام جي عشق خاطر بيٺي ڪاميابي ماٺڻي پوندي" اڄ جيڪڏهن پاڻ گستاخ ماڻهو شهيد ڀٽو جي انهي حسين خواب جي "تعبير" تي ڳالهائڻ جو سوچيون تہ ڇا ٿا پائيو تہ اها پنجاهه سالن کي پڄندڙ "ڀٽو جي تصوير" حقيقت جي اس ۾ ڪيتري Fade ٿي چڪي آهي، جو پاڻ انهي تصوير جي فريم ۾ عوام لاءِ عظيم ڪاميابين جا خواب ڏسندڙ محبوب رهنما جا رنگ بہ نہ ٿا ڳولي سگهون. سو انهي احساس ندامت جي بار کان بچڻ لاءِ بهتر آهي تہ ڀٽو ڪانپوءِ واري سياست تي تہ ڳالهائيون ۽ خواب گريزان جيان لنوائي وڃون ۽ انهي عظيم پارت جي پت رکندي، فقط ايترو چئون تہ اڄوڪي ڏينهن کي اسان جو انوکو احتجاج مبارڪ هجي.

(آچر 14 اپريل_ 1999ع)

◘◘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هڪ باغي شهزادي جي ڪٿا

مون هن کي پهريون پيرو تڏهن ڏٺو هو. جڏهن هو ڳاڙهي ٽي شرٽ، بليڪ جئڪٽ ۽ بليو جينز سان سنڌ اسيمبليءَ جي ايوان ۾ ڊيسڪ تي ٽونٽ رکيو عقابي اکيون ڦيرائي رهيو هو ۽ سندس سامهون ايوان ۾ سڀ اهي جيالا ويٺا هئا، جيڪي بينظير جي ڊپ وچان چاهيندي به ساڻس هٿ ملائي نه سگهندا هئا. ڇو ته انهن مان اڪثر اهي هئا جن لاءِ پ پ ۽ بي بي جي وچ وارو فرق فقط ڇئن نقطن جو ڦير آهي. اهي مرتضيٰ جي اصل کان ايترا ناواقف هئا، جيترو مرتضيٰ انهن جي اصل جو واقف هو. هنن پيپلز پارٽيءَ جي اليڪشني جيالن جي نظر ۾ مرتضيٰ فقط ذوالفقار ڀٽي جو پٽ ۽ بينظير جو ڀاءُ هو پر اڄ اليڪشن ۽ اقتدار جو شدت سان انتظار ڪندڙ انهن جيالن کي اهو پتو ناهي ته مرتضيٰ تاريخ جي انهيءَ باب جو فڪري اولاد آهي، جنهن جو نالو بغاوت آهي. جنهن جي سموري تفصيل ۾ مفاهمت نالي ڪا شيءِ ناهي، ڪمپرومائيز جهڙو ڪو به ڪنو لفظ ناهي، جنهن جي اپٽار لاءِ فقط به لفظ ڪافي آهن، مزاحمت ۽ محبت. ڇو ته بغاوت جو بيان انهن ٻن لفظن کان سواءِ ممڪن ڪونهي.

توهان ان ڳالهه ۾ يقين رکو ته اڄ جنهن رنگين دنيا ۾ توهان رهو پيا، انهي دنيا کي اڄوڪين روشنين تائين آڻڻ ۾ مفاهمت جو ڪو به ڪردار ڪونهي. دنيا کي بدلايو بغاوت آهي ۽ پاليو پيار آهي. جيڪي جيڪي ماڻهو تاريخ جي تخت تي گلن جا هار پايو ويٺا آهن، اهي سڀ باغي شهزادا آهن. جيڪي پنهنجي دؤر ۾ اڪيلا هئا، جيڪي هٿ ٽوڪين حقيقتن بجاءِ خوابن ۾ رهيا، ٿهڪن بجاءِ ٽانڊن تان گذريا ۽ جن خوشين بجاءِ دردن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان دوستي رکي ۽ جڏهن ڦاهيءَ جي ڦندن ڏانهن وڌيا تہ سوليءَ بہ سجدا ڪيا. هي اڄوڪي دنيا جون روشنيون ۽ ڏيئا انهن ماڻهن جي خون سان ٻري رهيا آهن. جيڪي ڪالهوڪين اونداهين سان وڙهيا ۽ پنهنجي نيڻن جا تارا بہ تاريخ کي تاوان ۾ ڏيئي ويا. هي اهي ماڻهو هئا جيڪي ڪالهہ ڪوڙ سمجهيا ويا ۽ اڄ سچ ورنا سچ آهن. مير انهن ماڻهن منجهان هو جيڪي فانوسي عقل جا سياسي فلسفي ۽ دانشور اڄ مير کي سياستدان چئي، هن تي تنقيد ڪن ٿا، اهي ڀليل آهن. ڇو تہ مير کي آئون سياستدان مڃڻ لاءِ تيار ناهيان. هو اڄوڪي سياست جي مروج اصولن جو ماڻهو نہ هو جنهن ۾ مفاهمت ۽ مصلحت ڀريان شرط آهن. هو انهي شطرنج جو ڪلاڙي تہ هو هو آرٽ جو اسير هو هن کي سمجهڻ لاءِ دماغ کان دور ويٺو پوندو دل جي اکين سان ڏسڻو ۽ جذبي سان جاچڻو پوندو. مير کي سمجهڻ لاءِ اردوءَ جي انهي شعر جي آئيني ڏانهن نهارڻو پوندو:

سمجهوتي ڪا نام نہ تها، اس ڪي لهو مين شامل،
ورنہ جهڪ ڪر بهي- جي سڪتا ٿا مرني والا.

اڄوڪيءَ دنيا جا اصول پنهنجا آهن ۽ مير جا اصول پنهنجا هئا. مير اڄوڪيءَ دنيا جو ماڻهو نہ هو. هو انهي دؤر جو ماڻهو هو جڏهن دنيا ٻن حصن ۾ ورهايل هئي ۽ دنيا جون انقلابي گوريلا تحريڪون پنهنجا آخري پساهہ کڻي رهيون هيون. لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا کان وٺي ويٽنام تائين ڪجهہ گوريلن جا داڻا وڃي بچيا هئا. جيڪي پنهنجي آخري جنگ وڙهي رهيا هئا ۽ سوشلسٽ سماج پنهنجي آخري ساهن سان سرمائيداري نظام جو مقابلو ڪري رهيو هو. اهي ستر جي ڏهاڪي جا آخري سال هئا، جڏهن نام نهاد جمهوريت پسند آمريڪا کي ڪميونزم جي ڦتلام لاءِ آمريت ۽ مذهبي بنياد پرستيءَ جي مٿي تي هٿ رکڻا پيا ۽ اهو ئي آمريڪا جمهوريت جي بحاليءَ جي گهر ڪري رهيو آهي، جنهن جي هٿن تي ٽين دنيا جي جمهوري تحريڪن جو خون لڳل آهي. مير انهي دؤر جو جنم هو جنهن پنهنجي اکين سان جمهوريت جو لاش ڪڇندي ڏٺو. هو دنيا جي انهن گوريلا تحريڪن جو تسلسل هو جيڪي رات جو چي گويرا کي خوابن ۾ چميون ڏيندا هئا ۽ صبح جو آمريڪا کي گاريون ڏيندا هئا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مير ذهني طور تي مارڪسسٽ هو ۽ هن جا پسنديده ڪردار لينن، هوچي منھ ۽ چي گويرا هئا. مون کي اهو پتو ناهي تہ هو جلاوطنيءَ واري دؤر ۾ ڪهڙا ڪتاب پڙهندو هو پر مون کي رڳو اهو پتو آهي تہ هو شاگرديءَ واري زماني ۾ مارڪسسٽ ۽ سوشلسٽ لٽريچر پڙهندو هو ۽ پنهنجي دوستن کي اهي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو جن ۾ انقلاب جو ذڪر هوندو هو. ڇو تہ هو ذهني طور تي انقلابي هو باغي هو. مون هن جا جيترا بہ انٽرويو پڙهيا، انهن ۾ مون هن کي هر سياسي سوال تي آمريڪا کي گاريون ڏيندي ڏٺو. اڄ جيڪي ڀٽي جي سياسي رستي جا دعويدار آهن ۽ جيڪي بينظير کي سندس حقيقي سياسي وارث سمجهن ٿا، اهي شايد انهيءَ حقيقت کان اڻڄاڻ آهن، تہ جنهن نظرياتي نعري کي ڀٽي تختہ دار تي لڏندڙ هٿن مان ڇڏيو انهيءَ کي بينظير اتان ميڙيو ۽ مير جلاوطن هوندي پنهنجي جذبي جون ٻانهون پکيڙي انهي خواب آميز نعري کي اتان چونڊي ورتو پوءِ هميشہ آمريڪا ۽ آمريت جي خلاف ڳالهائيندو رهيو. ڀٽي جي قاتلن کان پلاند واري ڳالھ جيڪا بينظير تڏهن کان ڇوڙ بند ڪري ڇڏي، جڏهن هوءَ سائي وڳي ۾ ڀهريون ڀيرو غلام اسحاق خان کان حلف کڻي تخت نشين ٿي ۽ جمهوريت جو خون تختي تي آلو ئي رهجي ويو. پوءِ جڏهن بہ ياءَ ڀيڻ جي ناهہ جو سوال سامهون ايندو هو تہ مير سدائين چوندو هو تہ ڪمپرومائيز ڪري اقتدار وٺندڙ بينظير سان منهنجو ناهہ نٽو ٿي سگهي. هوءَ جيڪڏهن پلاند نہ ڪري سگهي تہ مان ڪندس. هن جي انهي انداز ۾ ڪهڙي حڪمت عملي هئي! ڇو تہ ڀٽي جي اصل قاتلن سان هڪڙو بي گهر ۽ جلاوطن ماڻهو چند گوريلن جي مدد سان ڪيترو ٿي وڙهي سگهيو اهو تہ پاڻ بہ ڄاڻون ٿا. ڇا مير کي ڪم عقل سياستدان چوندڙ دانشورن کي اها ڳالھ ڪنهن سياستدان جي لڳي سگهي ٿي؟ سواءِ هڪ باغي، ناراض ۽ جذباتي گوريلي جي، ٻيو ائين ڪير ڳالهائي سگهي ٿو؟ هو جيڪو پنهنجي بابا جي شهادت کان پوءِ ڪجھ نہ ڪري سگهيو تہ وڃي فلسطين جي مورچن مان نڪتو ۽ پنهنجي ياءُ شاني (شاهنواز) سان ڳاڙها رومال مٿي سان ٻڌي، فلسطيني گوريلن سان گڏجي آمريڪا ۽ اسرائيل جي خلاف نعرا هڻڻ لڳو. افغانستان ۾ گوريلا ويڙھ جون تربيتون وٺڻ لڳو. اهو سڀ سندس اندر ۾ پڙڪيل بغاوت جي باھ کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو؟ هن وٽ فقط جذبو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو سازش نہ هئي. سازش دهشتگرد وٽ ٿي سگهي ٿي، باغيءَ ۽ انقلابي وٽ نہ. افسوس تہ اڄ مرتضيٰ ڀٽي جون مانيون کائيندڙ دانشور بہ کيس ”دهشتگرد“ لکن ٿا. ”دهشتگرد شهزادو“ چون ٿا. پر مون هن کي سنڌس پهرين ورسيءَ تي ناراض شهزادو چيو هو. اڄ سنڌس چوٿين ورسيءَ تي کيس باغي شهزادو چوان ٿو.

مون کي خبر ناهي تہ راجا انور پاران مير کي ”دهشتگرد شهزادو“ چوڻ پٺيان ڪا سازش يا حڪمت عملي آهي، يا غلط فهمي آهي، پر مون کي رڳو اهو يقين آهي تہ هن ماڻهوءَ کي ڪنهن بہ نہ سمجهيو. هو دنيا جي انهن ماڻهن جي قطار ۾ شامل آهي، جنهن قطار جي اڳيان تختي لڳل آهي تہ: Most misunderstood persons of History (تاريخ جا اڻ سمجهيل انسان) هن کي دنيا تہ ڪو نہ سمجهيو، پر هن کي سنڌس گهر وارن بہ ڪو نہ سمجهيو. هن جي سڀ کان وڏي ٽريجڊي اها هئي تہ هن کي سنڌس پياري پيءُ پنڪيءَ بہ ڪو نہ سمجهيو تہ سنڌس ڊارلنگ غنويٰ بہ ڪو نہ سمجهيو. سنڌس قافلي جي سموري ڪهاڻي سنڌس ساهن تائين هئي. هو جيڪو ڪجهہ بہ هو پر پنهنجي جيءَ جو جوڳي هو. هن سان جيتري اختلاف رکندڙ ماڻهن جو تعداد هن جي موڪلاڻيءَ کانپوءِ بہ نہ گهٽيو آهي، پر مون کي اهو يقين آهي تہ هن کي سڀ کان گهڻو پسند بہ اهي ئي ماڻهو ڪن ٿا. جيڪي هن سان سڀ کان گهڻا اختلاف رکن ٿا. جيڪي هن کي سمجهڻ جا صاف انڪاري آهن. هن جو هلڻ، هن جو ڳالهائڻ، هن جي پرسنلٽي، هن جو جذبو هن جو جيئڻ ۽ هن جو مرڻ هزارين اختلافن ۽ اعتراضن جي باوجود بہ ايترو ئي دلڪش هو. هو دنيا جي انهن اڻ ڳڻين انقلابين ۽ آرٽسٽن مان هڪ هو جن کي دنيا نہ چاهيندي بہ چاهيو آهي. جيئن لطيف جو لاکو ڦلاڻي آهي، جيڪو ظاهري طور تي هڪ ڌاڙيل ۽ دهشتگرد هو پر ماڻهن جو هن ڏانهن رويو ڌاڙيلن وارو ناهي. ماڻهو هن کي ڳائين ٿا، چاهين ٿا. مير منهنجي نظر ۾ انتهائي اڻ سمجهيل ۽ نہ چاهيندي بہ چاهيل ماڻهو هو. نہ چاهيندي بہ کيس اهڙن ماڻهن کي ملندڙ محبتن واري حصي کان محروم نٿو ڪري سگهجي. ”شهرت“ جو شعر آهي:

نہ وہ عيسيٰ، نہ وہ ابنِ عليؑ، سرمد نہ وہ منصور،  
مگر قريبي وہ ان سب کي شبيهون مين جهلڪتا هي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اج مير جي چوٿين ورسي آهي، جيڪا سندس سالگره کان فقط ٻن ڏينهن جي وڪ تي آهي، سندس جمڻ ۽ مرڻ ۾ فقط ٻن ڏينهن جو فاصلو آهي. پر هو فقط ٻن ڏينهن جي ڪهاڻي ناهي، هو صدين جو ميلو آهي. اج مون کي خبر ناهي ته مير جا اصل عاشق وقت جي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ جهنڊ ڪيو روئيندا هوندا ۽ سندن ڳلن تي ڪرندڙ ڳوڙها مير جيترا ئي اجاتا هوندا. چو ته مير به هڪ رت جو ڳوڙهو هو جيڪو تاريخ جي ڳل تي ته ڪري ويو پر ڪيس ڪو به سمجهي نه سگهيو. هن جي زندگي واقعي شيڪسپيئر وانگر ڪو ديواني جو خواب هئي، جيڪا پنهنجي سايپان جي صبح تائين نه پهچي سگهي ۽ انڌاري رات ۾ دنيا کي ننڊ ۾ ستل ڇڏي، گهايل پکيءَ جيئن تپ تپ ڪندي، رت ڳاڙيندي الئه ڪهڙي اجنبي دنيا ڏانهن رڙهي وئي- ۽ انهيءَ باغي شهزادي پڇاڻان فقط اها سٽ سڏڪي رهي آهي، جيڪا اسان سيني مصلحت پسند، مفاهمت پسند ماڻهن کي ماري رهي آهي:

جنون کي راهون مين ايسا سناٽا گونجتا هي،
ڪه جيسي ديواني سيي مرگئي هون.

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هڪ ناراض شهزادو
# ۽ سيپٽمبر جي اداس شام

بهارون سموري دنيا ۾ ايندين آهن ۽ سموري دنيا بهارن جي انجواءِ ڪندي آهي. گيت ڳائبا آهن، شاعريون ٿينديون آهن، ڳاڙها، پيلا ۽ اڇا گل محبتن کي Celebrate ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن. يعني تہ سموري دنيا بسنت جي جهولي ۾ جهلندي آهي. جتي دنيا جي Title Season بهار آهي، اتي سنڌ ساوڻ جا گيت ڳائيندي نظر ايندي. سنڌي ماڻهن کي بهار سان ايتري محبت ناهي، جيتري سدانوڻ سان آهي. ڪجليا ۽ بادليا ڳائبا آهن. سارنگ ۽ ملهار چڙندا آهن. نمن ۽ ٽالهين ۾ ساوڻ تيج جا جهولا جهلندا آهن ۽ ساري سال جي ميري سيري سنڌ برکا جي بوند ۾ پنهنجا وار نپوڙڻ لڳندي آهي، ۽ ائين لڳندو آهي تہ سنڌ جي ٽائيٽل موسم بہ ساوڻي جي آهي –پر الئہ ڇو سال 1996ع جي ساونڻيءَ جا پڇاڙڪا ڏينهن خزان جي پن ڇڻ جي پتن وانگر ڇڻي پيا هئا ۽ سنڌ جي آسمان تي ڊوڙندڙ سگريٽي بادلن جهڙا دونهان سنڌ جي دلين مان دکڻ لڳا هئا ۽ اکين مان ايترا لڙڪن جا مينهن اُنا هئا، جيترا ٿر کي آباد بہ ڪري سگهن ها. ڇو؟ ڇو تہ اها 20 سيپٽمبر جي وچ واري ڪاري رات، سنڌ جي محبوب ۽ ناراض شهزادي جي خون سان ڳاڙهي ٿي چڪي هئي ۽ ڪاري پيلي ورديءَ واري مخلوق جي بندوقن جي نالين مان نڪتل گوليون انقلابي قافلي جي عاشقن جا سينا ڳولي چڪيون هيون ۽ ڪلفٽن جي پپر ۽ ٻڙ جي گهاٽن وڻن ۾ بيٺل پکي دانهون ڪندا، آسمان ڏي اڏامي ويا هئا ۽ رڳن ۾ سڪي ويل رت واري سنڌ حيران پريشان ٿي، انهن آسمان ڏي اڏامندڙ پکين کي ڏسندي رهي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روئينديون رهيون. هونئن تاريخ ۾ سنڌ بيشمار دفعا ڏاڍون ڪري رني آهي، پر چون ٿا تہ هڪ تہ 4 اپريل 1979ع تي ماتمي انداز ۾ رني هئي. جڏهن سندس راڻي جي ڳچيءَ ۾ رسي جا ڳاڙها داغ ڏٺا هئاسين ۽ ٻيو اج 20 سيپٽمبر تي هنجن هاڻي آهي، جڏهن "مير" ماريو ويو آهي. سنڌ انهيءَ ڪري بہ بدنصيبيءَ جي دائري ۾ بيٺل آهي، جو سندس عاشقن ۽ معشوقن کي سدائين بي درديءَ سان ماريو ويو آهي. جڏهن سال جو ڪئلينڊر پنهنجي چال ۾ اچوڪي ڏينهن جهڙا ڪجهہ اياڳا ڏينهن آڻي ٿو تہ سنڌ اداس ٿي پوي ٿي ۽ هن جي اداسي هڪ خاموش ماتم تائين بہ پهچيو وڃي. جڏهن ڪو چوي ٿو:

يہ چراغ مدهم هي، بزم بزم ماتم هي،
ڪيون اداس هو يارو ڪس کي موت ڪا غم هي.

۽ اج جڏهن سنڌ ڪان ڪو اڻ ڄاڻ سندس غم ۽ ماتم بابت پڇندو تہ هو يڪدم مير مرتضيٰ جو نالو ڪڻندي مير مرتضيٰ جو نالو ڪڻڻ ڪانپوءِ بہ ڪو شڪي نظرن جو سوال اڇلائيندو تہ هو زيب النساءَ جو نالو ڪڻندي اچوڪو ڏينهن بندوق جي گولي ۽ ماچيس جي تيليءَ لاءِ نهايت ئي نفرت جو ڏينهن آهي، جنهن جي ڪري سنڌ ٻنهي غم جو شڪار آهي. سوچيندا هوندؤ ڪيڏو وڏو عذاب آهي، جڏهن هڪڙي دل کي بہ درد Celebrate ڪرڻا هجن، يا هڪڙي درد کي بہ ناءُ ڏيڻا هجن. اهو عذاب اجا بہ ڏکو تي سگهي ٿو جڏهن هڪڙي هٿ کي بہ ماتم ڪرڻا هجن ۽ هڪڙي سيني کي بہ زخم سهڻا هجن. واقعي وڏو عذاب آهي. سچ پڇو تہ عذاب فقط اهو بہ ڪونهي، عذاب فقط اهو هجي، تہ سهي بہ وڃجي، پر عذاب اهو بہ آهي تہ وطن جي انهن گلين تي نثار ٿيڻ جي هام هڻيو ويٺا آهيون، جن گلين ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻو آهي، چپ بند ڪري هلڻو آهي، جسم ۽ جان بچائي هلڻو آهي ۽ عشق جي طواف تي نڪتل قافلن لاءِ اهو ڪيڏو نہ وڏو عذاب آهي، ڪيڏي نہ وڏي آزمائش آهي، جو جن بدقسمت ۽ بي رحم گلين ۾ مير مرتضيٰ کي ماريو ويو جن گلين ۾ زيب النساءَ کي ساڙيو ويو انهن گلين تي نثار ٿيڻ جي اسان چريا ماڻهو هام هڻيو ويٺا آهيون. سهتو خان ٻنهي کان شروع ٿيل ٻنهي خاندان جي عشق واري رستي تي هلندڙ قافلي مان فقط مير مرتضيٰ ٻنو ئي ڪنل ڪونهي، پر هڪ ٻيو مير غلام مرتضيٰ ٻنو بہ هو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪو لاڙڪاڻي جي انگريز ڪليڪٽر ڪرنل مئي هير(Colonel Mayhew) جي خوبصورت ڇوڪريءَ جو عاشق هو جيڪو هڪ رات گوري محبوبا سان پيار ونديندي ڪرنل هٿان پڪڙجي پيو هو ۽ پوءِ زندگيءَ جا باقي سال ڪڏهن سردار ديال سنگهه جو سک وارو روپ ڌاري پنجاب ۾ گذاريائين، ته ڪڏهن افغانستان ۾ قابلي مهمان ٿي رهيو. انهي دوران سندس والد رئيس خدا بخش خان پٽو مسلسل انگريز سرڪار جي عتاب هيٺ رهيو. سندس زمينون ضبط ڪيون ويون، ڪيس بي گهر ڪري مسڪيني زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ آخرڪار ڏاڙيلن جي ڪوڙي مقابلي ۾ ماريو ويو. پيءُ جي موت جو ٻڌي غلام مرتضيٰ خان واپس موٽي آيو ۽ ڪيسن ڪي منهن ڏنائين. بمبئي ۽ لاهور جا وڪيل انهيءَ زماني ۾ هڪ هزار پندرهن سؤ رپيا في ڏينهن جي حساب سان ڪيس وڙهندا هئا. آخرڪار سندس زمينون بحال ٿيون ۽ ڏهن سالن جي دربدري ۽ جلاوطنيءَ کان پوءِ واپس رتي ديري ويو جتي رتي ديري کان ڳڙهي خدا بخش تائين رئيس جي استقبال ۾ ڳاڙها غاليچا وڇايل هئا، پر ڪيس ان ڳالهه جي شايد خبر ڪو نه هئي ته انهن بخملي ڳاڙهن غاليچن جي هن پار موت هٿن ۾ زهر جو پيالو کڻي انتظار ڪري رهيو آهي. سندس ڳوٺ پهچڻ کان ٿورو عرصو پوءِ اٿينس جي هيملاڪ پيئارڻ واري رسم تازي ڪئي وئي ۽ هو اڻڄاتائي ۾ زهر پي سقراط جي قطار ۾ بيهي رهيو. ان وقت سندس عمر 31 سال هئي. پٽن جا اڪثر موت غيرطبعي ٿيا آهن، نه فقط غير طبعي ٿيا آهن، پر ننڍيءَ عمر ۾ ٿيا آهن. خدا بخش خان کان وٺندي مير مرتضيٰ پٽي تائين سڀ ماريا ويا آهن. سواءِ سر شاهنواز جي، جنهن جو نه فقط طبعي موت ٿيو هو پر عمر به 70 سالن تائين هئي. باقي تقريبن سهتو خان پٽي جي شجري جا سمورا پٽا سٺ سالن جي عمر (Sexa genarian) جا نه ٿي سگهيا ۽ وقت جي بي رحم هٿن ۾ نگهوسار ٿيندي لارڊ بائرن جي انهيءَ ڳالهه جي لڄ رکي ويا، جنهن ۾ هن چيو هو:

Whom God loves dies young.

(خدا جنهن کي چاهي ٿو سو جوانيءَ ۾ مري وڃي ٿو)

الزامن ۽ عتابن ۾ مهڪندڙ پٽي خاندان جو هيءُ فرزند مير مرتضيٰ پٽو سيني پٽن کان مختلف هو. هن جي اينگري ينگ مين ۽ جنگي جوان واري اميج هن کي اهڙيءَ قطار ۾ بيهاري ڇڏيو هو جنهن جي منزل لاءِ ڪو به



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مخصوص رستو ڪو نہ هو ۽ هو هر انهي رستي کان دور هو جنهن رستي تي مفاهمت (Compromise) جي نالي وارا سائن بورڊ ٽنگيل هئا. هو زندگيءَ ۾ فقط وڙهڻ ۽ عشق ڪرڻ سکيو هو ۽ هو انهي سکيا ۾ محبت ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهہ جائز هجڻ واري ڳالهہ کي سچ سمجهي ويٺو هو -۽ هو اهو ئي ڪندو هو جيڪو هو سوچيندو هو ۽ هو اهو ڪجهہ سوچيندو هو جنهن سان هو پنهنجي شهيد بابا جي خون جو بدلو وٺي سگهي ۽ قاتلن کي مقتولن جي صف ۾ بيهاري سگهي. ڪجهہ ڪندي ۽ سوچيندي، هو ڪيترو اڳتي نڪري ويو هو، انهي جو خود کيس بہ اندازو ڪو نہ هو. شهيد بابا جي جيل واري عرصي دؤران چرين پٽن وانگر هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين، هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين چي گويرا وانگر ڊوڙون پائيندو رهيو. پر هن جون اهي ڊوڙون ڪنهن انقلاب لاءِ ڪو نہ هيون، پر پنهنجي انقلابي پيءُ جي زندگي بچائڻ لاءِ دانهون هيون، جن کي هو آخر "الذوالفقار" کان وٺي جهاز جي اغوا تائين کڻي ويو. سندس ڀيڻ بينظير عرف پنڪي کيس مسلسل خط لکي هدايتون ڏيندي رهي تہ زيد بن سلطان سان مل، ڪرنل قذافيءَ سان مل. رچرڊ نڪسن سان مل، حافظ الاسد سان مل، هن سان مل، هن سان مل. ڪجهہ ڪر جيڪي ڪري سگهين سو ڪر- پر هو ڇا ٿي ڪري سگهيو. جنهن ملڪ ۾ هو سينيٽر جارج بش سان مليو رهيو هو انهي ملڪ جنرل ضياءَ کي گرين سگنل ڏئي ڇڏيو هو ۽ تارا مسيح جي ڪارڻ هٿن ۾ آيل ليور تاريخ جو هڪ دردناڪ باب تحرير ڪري چڪو هو ۽ تخت کان تختي تائين جو سفر ڪروڙين سينن کي لتاڙي چڪو هو.

مير مرتضيٰ جي زندگي هڪ ناراض شهزادي جي زندگي هئي، جيڪو تخت کان پري، تاج کان پري پنهنجي "پاپا" جي اصل تخت يعني تختي جي بلڪل ويجهو عوامي ميڙن ۾ ڳالهائيندي ڏٺو ويو. هو اڄ دنيا جي انهن مقبول انقلابي اڳواڻن جي قطار ۾ بيٺل آهي، جيڪي دارورسن جي داستان ۾ گوليءَ جي گونج جيان داخل ٿيا ۽ انهن صفن جا مالڪ ٿي ويا. اداس سنڌ جيڪڏهن اڄ پنهنجي ناراض شهزادي کي ڳولڻ چاهي ٿي، تہ چي گويرا، جيولس فيوچڪ، حسن ناصر، ڀڳت سنگهہ، گبريل پيري، ڊيوڊ گيسٽ ۽ رالف فاڪس جي قطار ۾ ڳولي ۽ مير سيني کان سرخرو نظر ايندو. جيڪڏهن ڪو هن جي زندگيءَ جي ڪهاڻي لکي تہ اسان آمريڪي شاعر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

Langston Hughes جو آمريڪي شهيد جي واتان چيل نظم ٻڌائي سگهون ٿا، جنهن ۾ هن شهيد جي ڪهاڻي ڪجهه هيئن بيان ڪئي آهي: ”آئون هتي آيو آهيان. آسمان سان ڳالهائيندڙ پهاڙن کي لتاڙي، آئون هڪ اهڙي حڪومت ۾ آيو آهيان، جنهن مون کي هتي اچڻ کان روڪيو هو پر آئون پهچي ويس، هڪ اهڙي ملڪ ۾ جنهن جون سرحدون روشن مستقبل کي ڇهڻ لاءِ بيتاب آهن. مون پنهنجي عمر، تجربو ۽ ذهانت سڀ داءَ تي لڳائي ڇڏيا. ڇو ته آئون جوان هئس ۽ هاڻي مري چڪو آهيان. مون زندگي ان لاءِ قربان ڪئي ته جيئڻ ٻيا زنده رهن. جڏهن گولين منهنجون ڌڙڪنون روڪي ڇڏيون ۽ مون مان اهو احساس ختم ٿي ويو ته هي لهو آهي يا منهنجو موت، ڇو ته ان وقت منهنجو موت، منهنجي زندگي ٿي چڪو هو“.

آمريڪي شاعر جو مٿيون نظم جنهن جو مون ترجمو ڏنو آهي، سو مير مرتضيٰ جي ڪهاڻي آهي يا نه انهيءَ جو فيصلو اوهان تي آهي. پر آئون انهي ڳالهه جو داعي ضرور آهيان ته انهي ناراض شهزادي جي ناراضگيءَ جو سبب سنڌ به هئي ته سنڌ وارا به هئا، جيڪي ڪڏهن به هن کي سمجهي نه سگهيا ۽ هن سان انصاف ڪري نه سگهيا ۽ هو چاڪليٽ تان پنهنجي ماءُ کان رسي آيل ضدي ٻار وانگيان ضد ڪندو رهيو ۽ اسان هن جا انگل آرا به نه ڪٽي سگهياسين. پر هن ڪڏهن انهيءَ ڳالهه جي ميار به ڪا نه ڏني. ”مون ڏي مڙيئي، هوتن ڏي نه هڪڙي“ وانگر وڏندو رهيو. پر اهو اسان جو احساس جرم آهي جو اڄ سوچيون ٿا ته لطيف مگريو ۽ ملهار راڄپر جهڙا ماڻهو ته ڪٺي ويا، پر مير مرتضيٰ ڪري پيو. اهو مير مرتضيٰ جيڪو ڪارڪنن تي ساهه ڏيندو هو ۽ ڪارڪنن سان زيادتي تي ڪمشنرن ۽ ڊي آءِ جين سان وڙهي پوندو هو سو سندس ئي ڀيڻ جي حڪومت ۾ نعيم شيري ۽ ريحان ڪاٺي کي مارينڌڙ سپاهين هٿان ڪهڪشان ڪلفٽن وٽ ستارن جي قافلي ۾ اڪيلي چنڊ جيان مارجي ويو جنهن جون ڇيخون اڄ به تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ انصاف کي ڳولي رهيون آهن. ڪپل وستوءَ جي باغي شهزادي وانگر تخت کي ٺوڪر هڻي نڪرندڙ سنڌ جو شهزادو آمريت جي اونداهي راڄ ۾ چپرن سان ڪيترو وڙهيو هو ڪيترو ڪڙهيو هو انهيءَ جو اندازو غنوي ڀٽو کي چڱيءَ ريت هوندو. وقت جي ويرين سان وڙهي وڙهي، جڏهن پنهنجي ڀيڻ جي امير تيمور جهڙي منڊي ۽ هڪڙي پير تي هلندڙ حڪومت ۾ واپس موٽي رهيو هو ته



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس جهاز کي لهڻ لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪجهه فوٽ جڳهه به نه ملي سگهي هئي ۽ هو هوائن مان هٿ لوڏيندو ۽ ڦيرا ڏيندو واپس موٽي ويو. ۽ جڏهن ٻيهر واپس آيو ته هٿڪڙيون سندس هٿن ۾ بريسليٽ جيان پاتل هيون ۽ هو سندس پيڻ تي شهيد بابا جي قاتلن سان ملڻ جي تنقيد ڪري رهيو هو. ۽ اهو وقت به آيو جڏهن ٻالڪپڻ جي ڏينهن جون يادون رکندڙ 70 ڪلفٽن جي اڱڻ ۾ سندس لاش رت ۾ ٻاڙهو ٿيو پيو هو ۽ سندس ميت مٿان سنڌ مائي جندو وانگر وار پٽي رهي هئي. جڏهن دنيا اچا شهزادي ڊائنا جي درد ۾ سڏڪي رهي آهي، ويهن ڏينهن جو فاصلو دنيا کي ڊائنا کان پري ڪري نه سگهيو آهي ۽ ڪيتريون ئي دليون بڪنگهم پئلس جي ٻاهران گل وڇائڻ کان پوءِ اسپنسر خاندان جي قبرستان ڏانهن وڇائجڻ لاءِ وڌي رهيون هيون. تڏهن سنڌ سوچي ٿي ته ڊائنا دنيا جي شهزادي هئي، جنهن لاءِ دنيا سان گڏ درد جي ڪشڪول ۾ به ٿي ڳوڙها سنڌ جا به هئا ۽ اڄ سنڌ اهو به سوچي ٿي ته مير جيڪو فقط سنڌ جو شهزادو هو انهيءَ جي درد جي جهول ۾ دنيا جا گهڻا ڳوڙها آهن؟ ۽ دنيا سنڌ سان ڪهڙو انصاف ٿي ڪري، انهي جو فيصلو به دنيا تي آهي.

اڄ سنڌ جي باغي شهزادي جي پهرين ورسي آهي، جنهن کي سندس نياڻي فاطمه پنهنجي شاعري پڙهائيندي هئي ۽ هو Bravo Betti چئي، ٺهڪ ڏيندو هو. سموري سنڌ مان مير جا عاشق قاتلن جي صورت ۾ ڳڙهي خدا بخش ڏانهن وڌي رهيا آهن، ته جيئن مٽيءَ هيٺان مدفون مير کي سلام مرتضيٰ (Vande Murtaza) چئي سگهن ۽ هڪ سال جي وڇوڙي جي درد کي ونڊي ۽ چنڊي سگهن.

اڄ سموري دنيا جا ماڻهو مير جي پهرين ورسي تي سندس خاندان سان ڏک شيئر ڪندا هوندا. ڪي بينظير سان شيئر ڪندا، ڪي غنويٰ سان ڪندا، ڪي صنم عرف سني سان ڪندا ۽ ڪي سندس عليل ماءُ نصرت ڀٽو کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هوندا. پر آئون سوچيان ٿو ته ننڍڙي ذوالفقار جو ڏک ڪير شيئر ڪندو، جنهن لاءِ سندس "پاپا" جي چمي ئي ڪيڊبري جي چاڪليٽ جهڙي هئي، جنهن کي کائڻ لاءِ هو روز ضد ڪندو هو، جو ته ضدي پيءُ جو پٽ هو ۽ ضدي ڏاڏي جو پوٽو هو. اچا به ڏک فاطمه سان ڪير شيئر ڪندو سندس ماءُ غنويٰ جيڪا ماتيلي آهي، يا اها سڳي ماءُ جيڪا ڪيليفورنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ روئيندي هوندي، جنهن کي پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيءُ سان پنهنجي اڪوٽي مقتول مڙس جو ڏک ونڊڻ جي بہ اجازت ڪونهي. ڏک جو ڪهڙو پاسو ڳرو آهي يا ان جي ڏک کي ڪيترن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو؟ انهي جو فيصلو بہ ناراض شهزادي واري اداس سنڌ تي آهي.

(ڇنڇر، 20 سيپٽمبر ـ 1997ع)

◘◘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ھيءَ ڪنھن جي لھوءَ جي خوشبو آھي؟

21 سيپٽمبر جو سچ شرمسار ٿي اُٿي ٿو. چوڻ وارا چون ٿا تہ ھي اھوئي سچ آھي جيڪو 18 سيپٽمبر تي اُڀريو ھو پر ٿورو فرق آھي. اھو سچ سالگرہ جو ھو ۽ ھي ورسيءَ جو آھي. ۽ اھو بہ چون ٿا تہ اڳيون سچ روشن ھو ۽ باوقار ھو ۽ پوئين جي منھن تي رک مليل آھي. انھيءَ رات جي رک، جيڪا گلاب تي وسندڙ گولين جي گرمائش ۾ سڙي وئي. اھا رات جون آف آرڪ ھئي (جيڪا ساڙي وئي) يا زيب النساءِ ھئي، حاڪم زادي ھئي؟ رات جوڳڻ ھئي يا رات نانگڻ ھئي؟ فيصلو نٿو ڪري سگھجي. پر اھا ئي رات تاريخ جي منحوس ۽ ڀيانڪ راتين مان ھڪ ھئي، جنھن ۾ وقت جي آواز کي رستن تي ماريو ويو آھي. اھا رات وقت اڳيان دانھين ٿي، احتجاج ٿي ڪري تہ مون کي خارج ڪيو وڃي، پر وقت، تاريخ جي صفحن ۾ انھيءَ رات کي ڳاڙھي مارڪر سان انڊر لائين ٿو ڪري ڇڏي ۽ اھا رات تاريخ جي بدقسمت ۽ بدصورت رات آھي، جنھن رات جي پيٽ ۾ اُھي ھٿ حرڪت ۾ اچن ٿا، جيڪي مير مرتضيٰ کي مارين ٿا. گھڙيءَ ڪن لاءِ وقت بيھي ٿو رھي. پنھنجي پوڙھين ۽ چنجھين اکين سان ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسي ٿو: خون ئي خون آ، جوانيون روڊ تي ڇڻي پيل پيلن پنن وانگر پيون آھن.

رات پوري ٿي، صبح ٿئي ٿو۔ ھاڪر ويران گھٽيءَ ۾ ھوڪو ڏئي ٿو اڄ جي تازي خبر: ”مير مرتضيٰ مارجي ويو.“ ھميشہ جيان دروازي ڏي وڌندڙ ننڍاڪڙا قدم، ڪجھہ تڪڙا ٿين ٿا ۽ يڪدم اخبار وٺڻ شرط ھڪ رڙ تاريخ جي خوني گلين ۾ گم ٿي وڃي ٿي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو مير ماري چڏيائون، جنهن تي پٽس، ڏاڏي جو نالو رکيو هو. اهو مير ماريِ چڏيائون! جنهن کي سندس پيءُ ڪڏهن "چرِيو ڇوڪرو" به چوندو هو جنهن جي ذهن ۽ دل ۾ ميلن جا فاصلا هئا ـ جيڪو ذهن بدران دل سان سوچيندو هو ۽ فيصلا ڪندو هو. پيار هن جي ڏاهپ هئي ۽ ان ڪري هو نفرت سڃاڻي نه سگهيو هو. هو 25 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ کي جيل جي سيخن پويان ڇڏي جلاوطن ٿيو هو. هن ڪان اڳ هن کي خبر نه هئي ته جلاوطنيءَ جو عذاب ڇا آهي، هو اڳي پرديس ۾ پڙهيو هو پر جلاوطنيءَ ۾ ڪڙهيو ڪونه هو. شايد وڃڻ وقت هن کي ڪو نصيحت ڪرڻ وارو به ڪونه هو ته "ايترا ويڪرا ڪپڙا نه پائي وڃ، ڇو ته پرديس جا وڻ به وچڙي پون ٿا"ـ پر هو انهيءَ پشتو ٽپي کي بنا ٻڌڻ جي ۽ بغير ڪنهن پرواهه جي، پنهنجي "پاپا" کي بچائڻ لاءِ پرڏيهه جو رُخ ڪري ٿو جيڪا هن لاءِ سورهن سالن جي جلاوطني ثابت ٿي وئي. ويندي ويندي هن جي ڪيفيت فيض جي هن نظم جهڙي ٿي ٿي وئي، پر هو لوڪ کي انهيءَ جو احساس ٿيڻ نٿو ڏئي:

مرے دل مرے مسافر
ہوا پھر سے حکم صادر
کہ وطن بدر ہوں ہم تم
دیں گلی گلی صدائیں
کریں رخ نگر نگر کا
کہ سراغ کوئی پائیں
کسی یار نامہ بر کا.

هر ڪو ڄاڻي ٿو ته هن پنهنجي پيءُ کي بچائڻ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو. ڪهڙي گلي هئي، جنهن ۾ صدائون نه ڏنائين ۽ ڪهڙو نگر هو جنهن جو ڏگر نه ورتائين. هن جي ڀيڻ جيڪا ملڪ مان مسلسل هن کي خط لکندي رهي ۽ هدايتون ڏيندي رهي ته "شيخ زيد سان ملجان، جيڪو ايران ۽ سعودي عرب تي زور وجهي. اهي ضياءَ کي چون يا آمريڪا جي چوڻ لاءِ ڪوششون ڪن." پر ڇا ٿيو؟ اهوئي ٿيو جيڪو ڪاتب تقدير جو لکيل هو. پنڌرهن سالن تائين ذهن ۽ دل وچ ۾ هلندڙ جنگ جو ميدان ٻٽيل رهيو ۽ آخرڪار ذهن کي شڪست ڏئي، عوام جي دل تي ويو. ملڪ هڪ ڏکيي اونداهيءَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رات جي چنبي ۾ اچي ويو. هر طرف چهرن جو چوٻول ٿي ويو چڪور چنڊ جي چاهت ۾ شهيد ٿي ويو.

هڪ پٽ هو جيڪو باغي هو. جيڪو لنڊن کان ڪابل ۽ شام کان لبيا تائين رُليو هو رنو هيو ڀٽڪيو هو. هن جدوجهد جو سخت گير رستو اختيار ڪيو ۽ پيڻ ۽ ڀاءُ ۾ اختلاف ٿي پيا. پيڻ سڀ ڪجهه عوام جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ۽ ڀاءُ هٿياربند جدوجهد جي حمايت ڪئي. پيڻ دماغ کي دل جي ويجهو آندو ۽ ڀاءُ زماني سازيءَ واري عام رواجي دماغ کان دُور هليو ويو.

هڪ ٻي قيامت ٽٽي، هڪ ٻيو صدمو نازل ٿيو شاهنواز جي شهادت. انهي شاهنواز جي، جنهن پنهنجي حياتيءَ جون 23 بهارون ۽ جلاوطنيءَ جون چار خزائون ڏٺيون هيون. ماڻهن جوڙ ڪري چيو ته هو 27 سالن جو هو جنهن جو نالو پٽي پنهنجي پيءُ جي نالي پوريان رکيو هو جنهن کي سيئي گهر ڀاتي ”شاهه“ سڏيندا هئا. جيڪو انٽيليجنس سروسز جي سائنس ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ جيڪو خود انهيءَ ڳجهي سروس جي ايجنٽن جو شڪار ٿي ويو.

”شاهه“ جي شهادت واري سال پاڪستان جي فضا ۾ هٽ ٺوڪي محدود جمهوريت جو جهنڊو کڙو ڪيو ويو. جهڙي تهڙي ۽ نالي جي جمهوريت موجود هئي ۽ آمر به موجود هو. پر وري به پاڪستان جي عوام ۾ هڪ بيچيني ۽ هڪ انتظار برقرار رهيو جيڪو نيٺ بهاولپور جي فضائن ۾ هڪ ڌماڪي سان پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

چونڊون ٿيون، ماڻهن پٽي جو قرض لاٿو. يارنهن سالن کان پوءِ ڪو پٽو ملڪ جي اقتدار جي اڱڻ ۾ پهتو. انهن ٻن سالن ماڻهن کي ڇا ڏنو ڇا ورتو؟ اها الڳ ڪهاڻي آهي. وري چونڊون ٿيون. چيو ويو ته ڌانڌليون ٿيون، پيڻ ڪونه آئي. لانگ مارچون ٿيون، اسلام آباد ويا، لٺيون ڪاڏائون ۽ وري چونڊون ٿيون، پيڻ اقتدار ۾ اچي وئي- ۽ اقتدار جي ٽئين سال جڏهن هڪ طرف جمهوريت جي جشن جو شور پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو هو ته ٻئي طرف مخالف ڌر بينظير ڀٽو جي حڪومت جي خاتمي لاءِ ميدان تي نڪري آئي هئي ته ماڻهن سندس دؤر حڪومت جي حاصلات جا ڪاٿا ڪرڻ شروع ڪيا. هن دؤر عوام کي ڪٿي ڪٿي روڊ، رستا، اسپتالون، اسڪول ڏنا. هن دؤر تاريخ جي سخت ترين بجيٽ عوام جي مٿي ۾ ڪنهن ڪوڪي جيان ٺوڪي ڇڏي ۽ هن دؤر ٻيو ڪجهه ڏنو هجي يا نه. پر ان سنڌ جي ماڻهن کي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مرتضيٰ جو لاش ڏنو. هي لاش وزيراعظم جي اباڻي گهر جي اڱڻ ۾ پهتو ۽ هن خون جي مهڪ سنڌ جي فضائن کي پنل ميندي جي خوشبوءِ ڏئي ڇڏي ۽ ٻاهران ايندڙ هڪ سياح سان اها وارتا ٿي، جيڪا شاعر هن نظم ۾ منظوم ڪري ڇڏي:

کسی سیاح نے پوچھا
"یہ کس کے لہو کی خوشبو ہے
ہواؤں میں فضاؤں میں؟"
پلٹ کر یہ کہا میں نے
"یہ منصوروں کی دھرتی ہے،
کوئی سولی چڑھا ہوگا۔"

رائفلون گڄن ٿيون ۽ 70 ڪلفٽن جي گهاٽن وڻن ۾ سٿل پکي چرڪ کائي اُٿن ٿا. بوٽ بيسن تي ڪنهن گلابي هٿ مان آئيس ڪريم جو ڪپ ڪِريو پوي، 70 ڪلفٽن ۾ بيٺل پوڙهو ٻڙ جو وڻ انهي هڪ گوليءَ جي نڪاءَ سان لڏي وڃي ٿو. گولي جيڪا انهي پوڙهي ٻڙ هيٺان ٻاروتڻ ۾ رانديون ڪندڙ مير جي ڪنڌ ۾ لڳي ٿي. انقلاب جي نڙي رتورت آهي. ڪجهه چنڊا وقت جي گهنجيل چهري تي ڪِرن ٿا ۽ تاريخ رئو منهن تي ڏيئي روئڻ لڳي ٿي. ماڻهو چون ٿا ته اها غنوي آهي، فاطمه آهي، ڪي چون ٿا ته نصرت آهي ۽ وري ڪي چون ٿا ته: نه نه اها بينظير آهي. ماڻهو چون ٿا هو سياستدان هو پر هو رڳو سياستدان نه هو هو انقلابي هو. اهو رستو جيڪو هن اختيار ڪيو سو ڪنهن سياستدان جو نه هو انقلابيءَ جو هو عاشق جو هو. هن ته اهو به ڪونه پڇيو ته:

لاؤ تو قتل نامہ میرا، میں بھی دیکھ لوں،
کس کس کی مہر ہے سَرِ محضر لگی ہوئی۔

"مير کي ڪير قتل ڪرائي سگهي ٿو؟" هي اهو سوال آهي جيڪو اڄ پاڪستان جي پريس ۽ عوام کان ويندي دنيا جي ميڊيا ۾ ٽڪ ٽڪ ٿيو بيٺو آهي. مير جي شهادت جو نقصان جيترو سنڌ کي پهتو آهي، شايد ايترو پاڪستان کي نه پهتو هجي. اها سنڌ جي بدقسمتي چئجي جو هن کي عالمي ليول جا ليڊر تمام گهٽ مليا آهن. جيڪي به مليا، اهي ڀٽي خاندان جا فرد آهن ۽ انهن ۾ مرتضيٰ سڀني کان نيارو هو. هن زندگيءَ سان اکيون ملائڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڪوشش ڪئي ۽ موت هن جو سينو ٽاڙي ويو. موت غلطي تي هو ته هو مير کي ماري فاتح ٿيندو. بلڪل اهڙي ئي غلطيءَ تي هو جهڙي هن مير جي پيءُ بابت غلط اندازو لڳائي ڪئي هئي. موت کي پنهنجي ناڪامي ڏسڻي آهي ته لاڙڪاڻي وڃي، المرتضيٰ وڃي ۽ جي لڙڪ ڳڙي سگهي ته ڳڙڻ جي ڪوشش به ڪري. جي نه ته به اهي لفظ ٻڌي، واپس موٽي وڃي.

Oh! Death where is thy sting

Oh! Grave where is thy Victory

(او موت! ڪٿي آ تنهنجو ڏنگ! او قبر! ڪٿي آ تنهنجي فتح).

(اربع، 25 سيپٽمبر، 1996ع)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 20 سيپٽمبر: مير جي پڇاڙڪن ساهن جي سانجهہ

اڄ اوهان جي يادگيريءَ جو امتحان آهي. اڄ اوهان جي عشق جي آزمائش آهي. اڄ اوهين پنهنجي دل جي ڪليسا جون سيئي ڪڙڪيون ڳڙهي خدا بخش جي ڳهريل هوائن لاءِ کولي ڇڏيو. جيڪڏهن اوهان جون اُداس اکيون ڪنهن انقلابي عاشق جو آکيرو ٿي وڃن، تہ پوءِ انهن کي ڳوڙهن جا گيت ڳائڻ ڏيو. ايترا گيت ڳائڻ ڏيو جو توهان جا ڳل مرتضيٰ جي سيني جيان ريتا ٿي وڃن ۽ اندر جا سمورا مير انڌير ڳلن جي سرخ جهنڊن تي ڪارڻ جيئن ڪڙهي وڃن. پر اهو سڀ توهان جي سار جي پسار تي آهي. اوهين جيڪي ڪيترين ئي پريتن جا پيير ويسر جي واءُ ۾ وڃائي چڪا آهيو سي اهو نہ وساريو تہ 20 سيپٽمبر توهان جي عشق جو امتحان آهي، توهان جي وفا جي تجديد ۽ نينهن جو نئون جنم آهي. اها توهان جي زندگي جي سيني سرمئي شامن مان اڪيلي رت هاڻي شام آهي، جيڪا توهان جي اندر جي آسمان تي پرينءَ جي ريتي رئي سان گڏ اُڏامندي هوندي، ڇو تہ اها مير جي پڇاڙڪن ساهن جي سانجهہ آهي. جڏهن توهان جو درد ڪربلا کان ڪلفٽن تائين ماتم ڪندو هوندو ۽ توهان جا سمورا خيال هتان جي گولين هتان سائبيريا جي پکين جيان گهايل هوندا. ڇو تہ اڄ 20 سيپٽمبر آهي ۽ توهان جي درد جي ٻي ورسي آهي. اوهين ۽ اسين جيڪي خوشين کان بي خبر ماڻهو درد جي هر دلبريءَ کي خوب داد ڏيئي ڇاڻون. ناڻين محرم جي نوحن کان وٺي يار جي وڇوڙي تائين روئڻ جا سؤ رنگ ڇاڻون، سي اڄ مير جي مام ڪيئن پروڙيندا سين، اهو اوهان ۽ اسان تي ڇڏيل آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرءِ بڙ جي گهاٽن وڻن واري گهر ۾ اڪيون ڪوليندڙ مير جو نالو سندس سويٽ پاپا ذلفي جي ڏاڏي مير غلام مرتضيٰ جي نالي پٺيان آهي، جيڪو انگريز ڪليڪٽر مي هيو جي حسين نينگريءَ جي من جي گهٽيءَ جو مجنون هو جنهن جو روح هن مير وانگر جوانيءَ جي جوار ڀاٽا ۾ ٽائيٽنڪ وانگر موت جي لهرن تي رقص ڪندي، اُڏامي ويو ۽ پويان فقط سيلن ڊائن جي گيت My heart will go on (منهنجي دل هلي ويندي) جهڙو گهاءُ ڇڏي ويو جيڪو اڄ بہ سنڌ جي هر نوجوان جي روح ڪي فاطمہ ڀٽو جي وياڪل دل وانگر درد جي ساڳي آگر سان ڇيڙي ٿو جنهن جون سرگوشيون سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي اندر جي صحرا ۾ ٻڌي سگهي ٿو.

هو رواجي سياست جي ”س“ کان ناواقف ماڻهو ڪاوڙ جي ڪميت گهوڙي تي سوار هو جنهن ڪي انقلابي چئي سگهجي ٿو جنهن ڪي عاشق چئي سگهجي ٿو جنهن ڪي باغي چئي سگهجي ٿو. جيڪو پنهنجي اندر ۾ گوريلن واري گرمي رکندو هو جنهن جو تعارف جو تسلسل ڪپل وستوءَ جي باغي شهزادي کان شروع ٿئي ٿو ۽ سقراط جي هيملاڪ وٽان ٿيڙ ڪائي، حسن ناصر، ڀڳت سنگهہ، گبريل پيري کان ٿيندو آئوري ڪوسٽ جي ساحلن تي رقص ڪندو لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا جي گهاٽن جهنگلن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪي چي گويرا ۽ سائمن بوليور ڳولي ٿا اچن. هو ڳاڙهو رومال ڳچيءَ ۾ وجهي، پنهنجي پاءُ ”شاهہ“ (شاهنواز) سان گڏ فلسطيني ويڙهاڪ نوجوانن سان گڏ مورچن ۾ وڙهندي ڏٺو وڃي ٿو ۽ ماڻهو هن کي سياست جي ڪوڙي سلاٽ مشين تان لاهي، انقلاب جي آڏاٽي تي پرکين ٿا ۽ هن جا رنگ لاڪ رتي لوئيءَ کان وڏيڪ گهرا ٿي ٿا وڃن. هن کي رواجي معنيٰ ۾ سياستدان چوندڙ هن جي نفي ٿا ڪن. ڇو تہ هو منافق نہ هو ڪوڙو نہ هو ڊپلوميٽ نہ هو ڊرامي باز نہ هو پر هو ناراض ۽ باغي شهزادو هو جنهن جا عڪس عشق جي آرسيءَ ۾ پسي سگهجن ٿا. هو بهادر هو انهيءَ ڪري ماڻهو هن کي ارڏو چوندا هئا، ڇو تہ هو سياستدان نہ هو. سياست هتي عقل ۽ اٽڪل جو ڪاروبار آهي. انقلاب، عشق جي آزمائش آهي، سر جو سودو آهي، جنهن جو هو چيمپئن هو. پاڪستان جي سياست جيڪا پنهنجي جهرڪي جيڏي ڳچيءَ ۾ هماليہ جيڏي ماڻهوءَ کي سمائي نہ سگهي ۽ جنرلن، ججن، جيالن ۽ جلادن جي دائي ٿي رهجي وئي، سا سدائين عظيم ڪردارن جي قحط ۽ مرتضيٰ جي قرض ۾ ڪاري رهندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ جيڪي ماڻهو مير مرتضيٰ جي پراڻي ۽ بيوفا يار راجا انور جو ڪتاب "دهشتگرد شهزادو" (The Terrorist Prince) پڙهن ٿا ۽ جيڪي اهو پڙهندي انقلابي ۽ دهشتگرد جي وچ وارو فرق وساري ٿا ويهن، سي اهو به ٻڌن، ته اهو ماڻهو جيڪو مير جي سموري مشن ۾ افغانستان ۾ صدر نور محمد تره ڪي ۽ حفيظ الله امين کان وٺي هندستان ۾ اندرا گانڌيءَ سان مايوس ملاقاتن ۾ گڏ گڏ رهي ٿو سو مير جي حياتيءَ ۾ انهي ڪتاب کي آٽڻ جي سگهه نٿو ڏاري سگهي. جيڪو ماڻهو ضياءَ جي آمريت دؤران جرمنيءَ جي بازارن ۾ ڪپڙا وڪڻندو هو سو اڄ اتي نيڪٽرين جو مالڪ آهي ۽ هي اُهو ئي طوطا چشم ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي محسن جي موئي پٽ ۽ پڳ مٽ يار جي ميت تي به وال اڇو ڪپڙو به نه وجهي سگهيو. جيڪو جرمنيءَ ۾ ويهي ايچ. ٽي لئمبرڪ وارو ڪم ڪندو رهيو ۽ سورهيه بادشاهه کان وٺي مير مرتضيٰ جهڙن ڳڇيءَ ۾ پاڻ جهڙن ڪردارن کي طوطن جهڙا تاريخدان دهشتگرد لکندا رهيا ۽ تاريخ مجرم وانگر خاموش رهي. راجا انور تي مير کي دهشتگرد سڏڻ واري ميار ايتري ئي گهري آهي، جيتري انهي ڪتابَ جي مهاڳ لکندڙ اڳوڻي ڪميونسٽ مظهر علي خان جي پٽ طارق عليءَ تي آهي، جيڪو آڪسفورڊ اسٽوڊنٽس يونين جو اڳواڻ هو ۽ مير جو دوست رهي چڪو آهي. اهوئي طارق علي جيڪو آمريڪا جي اڱرائي خلاف سينٽرل لنڊن جي هائيڊ پارڪ ۾ تقريرون ڪندو هو ۽ ويٽنام ۾ هوچي منهه اسڪوائر تي پاڻ کي احتجاج ڪندي روڊن تي سمهاري ڇڏيندو هو اهوئي طارق علي جيڪو بينظير کي رومن ۾ تقريرون لکي ڏيندو هو اڄ اهوئي ماڻهو مير کي دهشتگرد سڏيندڙ ماڻهوءَ جي ڪتاب جو مهاڳ ٿو لکي ۽ تاريخ جي درستگي ڪنديءِ ايترو به اعتراض نٿو واري ته مير دهشتگرد نه هو. طارق علي پاڻ ٻڌائي ته جلاوطنيءَ جو عذاب ڇاهي؟ ۽ انقلاب جي اندر ۾ آمريت خلاف بغاوت جي باهه ڪيتري شدت سان پڙڪندي آهي؟ اهو احساس ۽ ادراڪ ذوالفقار علي ڀٽو تي فلم ٺاهيندڙ ۽ "انارڪي سائي" جهڙي ناول جي خالق کان دور نه هجڻ گهرجي.

مير مرتضيٰ پنهنجي وقت جو اڪيلو ماڻهو هو جنهن کي نه ڪوئي همدردي ڏيئي سگهيو ۽ نه ئي ڪو هضم ڪري سگهيو. انقلابي کي همدرديءَ جي ضرورت نه هوندي آهي ۽ نه ئي هن ڪائنر ۽ ڪانون جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڙاڪيل سماج ۾ مير جهڙا ماڻهو هضم تي سگهن ٿا. هو اڪيلا ايندا آهن، اڪيلا رهندا آهن ۽ اڪيلا ويندا آهن. فاطمہ ۽ ننڍڙو ذوالفقار جيڪي خود اڄ اڪيلا ۽ اُداس آهن. هو عشق جي آر جهڙو ماڻهو ننڍڙي ٻار جهڙو ماڻهو جنهن لاءِ ماڻهو الائي ڇا ڇا چوندا رهيا. پيڻ ۽ پاءُ جي جهيڙي کي "نورا ڪشتي" سڏڻ ڪان وٺي را جي ايجنٽ هئڻ تائين هن تي الزامن جا پٿر وسندا رهيا، جن تي هو مسڪرائيندو هو. سندس پيڻ پنڪيءَ جي دؤر ۾ سورهن سالن جي ساماڻيل ۽ جوان جلاوطنيءَ جو درد پاڻ سان ڪٽي وطن وري رهيو هو تہ هن جو جهاز هوائن ۾ چڪر ڪاٽيندو رهجي ويو ۽ هو لهي نہ سگهيو. پيهر جڏهن هو ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿو تہ هٿ ڪڙيون گلن جي هارن سان گڏ سندس هٿن کي چمڻ لاءِ آتيون هيون ۽ هو پنهنجي پنڪيءَ جي بادشاهيءَ ۾ زنجير جي زلفن جو اسير تي ويو. هن جو پيڻ سان اختلاف اقتدار جي ڦرٽي ڪرسيءَ لاءِ نہ هو پر هن جو اختلاف بينظير پاران سندس "پاپا" جي قاتلن سان ڪمپرومائيز ڪرڻ تان هو جن کي هوءَ پنهنجي صفن ۾ صلاحڪار طور سانديو ويٺي هئي.

حقيقت اها آهي تہ 1988ع ۾ اقتدار وٺڻ جتي بينظير جي سڀ کان وڏي غلطي هو اتي مير جي ناراضگيءَ جو پهريون سبب بہ هو. جڏهن هو اسلام آباد ۾ غلام اسحاق خان جهڙي ماڻهوءَ هٿان جمهوري وزيراعظم طور حَلف کڻي رهي هئي تہ دمشق ۾ موجود مير مرتضيٰ جي ڪيفيت حسن درس جي هيٺين سٽن کان مختلف نہ هئي:

توکي تاريخ جي تلوار جي تکي ڌار کي
پنهنجي هٿ ساڻ ڇهڻ جي فرصت ناهي
هي تہ چڻ عشق سان چرچو آ، ٺٺولي آهي
توکي ماڻهن جي محبت سان محبت ناهي
تون تہ قاتل جي صفا اصل کان واقف ناهين
تون جلادن جي نئين نسل کان واقف ناهين
اڄ جڏهن سڀ شڪستن ۾ دٻيا پيا آهيون
تون هنن جي ئي جشن فتح ۾ ويٺي آهين.

حسن درس اهو بہ چوي ٿو تہ وقت ڪنهن گمنام سپاهيءَ جي گم ٿير منديءَ وانگر آهي، جيڪا ڪنهن بہ چور جي چيچ ۾ پوري اچيو وڃي. اهو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت جيڪو مير جي قاتلن جي فرار لاءِ سرنگهہ تي ويو انهيءَ وقت ڪي ڇا ڇئجي؟ اهو وقت جيڪو ذلفي ڀٽو جي ڳچيءَ لاءِ سُٽ جي رسي تي ويو انهي ويري وقت کي ڪهڙي ڏڪڻ ۾ ڏِڪ پرائجي. اڄ جڏهن مير جي عاشقن جا قافلا مير جي قبر تي لڙڪن جا گلاب رکندا، تڏهن اهو وقت تاريخ جي ڪهڙي دريءَ مان ويهي اهو لقاءُ ڏسندو؟ ڪير ڄاڻي. هو جيڪو پنهنجي ساٿين تي ساهہ ڇڏيندو هو بي انصاف ٽاٽن تي چڙهت ڪندو هو ڪرپٽ ڪمشنرن کي لپاٽون هڻندو هو ڪامريڊن جي ڪشادي نرڙ تي پنهنجون چُميون نڇاور ڪندو هو انهيءَ جو وڇوڙو اڄ سنڌ ڪان ڪيئن برداشت ٿيندو؟ اهوڪو فراق فاطمہ ۽ ننڍڙي ذوالفقار کان ڪيئن ڪٽبو جن کي هو ڪيڊبري جي چاڪليٽن جهڙيون چُميون ڏيندو هو. هو جيڪو صنوبر جي وڻ جيئن ڊگهو ۽ ٻڙ جيئن گهاٽو ماڻهو 18 سيپٽمبر تي غالب جي هن "بازيچہ اطفال" ۾ اکيون کولي ٿو ۽ 20 سيپٽمبر جي سڄ سان گڏ الهي ٿو وڃي. "دو دن کی زندگی، دو دن کا مری لا" وارو گيت ڳائيندڙ ماڻهن جي اندر ۾ هن جو وڃڻ ضياءَ جي آمريت کان وڌيڪ ڪاري رات ڇڏي ٿو وڃي. هو جيڪو هن ملڪ مان تڏهن جلاوطن ٿيو هو جڏهن ڪراچي جي ڪشادن رستن تي بيچ لگزري هوٽل کان عربي سمنڊ جي ساحل واري ڪيسينو تائين تيز رفتار گاڏي هلائيندو هو ۽ پنڪيءَ سان ننڍين ننڍين ڳالهين تي رُسندو ۽ پرچندو هو تڏهن هن جي وارن ۾ چاندي ڪونہ لٿي هئي ۽ هن جا نيڻ محبت جي نيري نديءَ کان ناآشنا هئا. هن جون آوارگيون ڏسي ۽ ٻڌي سنڌ ڪلب جا جهونا ڪيوبا جا سگار پيئندڙ ميمبر ذلفي ڀٽي جي جواني ياد ڪندا هئا ۽ هن جي الهڙ آوارگين کي والد جو ورثو سمجهي، مسڪرائي ڏيندا هئا. تڏهن اڃا سهتي خان ڀٽو جي خاندان جو تسلسل ڏکن کان ڪوهين ڏور هو ۽ درد انهي فيمليءَ جو در ڏسي نہ سگهيو هو. اها فيملي جيڪا ذلفي، نصرت، پنڪي، مير، صنم ۽ شاهہ جيتري هئي، سا ڪنهن گلدستي کان گهٽ ڪونہ هئي. اڄ بہ جڏهن ستر ڪلفٽن جي جهوني رکپال عنايت حسين کان ڀٽن جي ڪهاڻي ٻڌبي آهي تہ اهو گولڊ ليف جا ڊگها ڪش هڻندڙ پوڙهو خادم پنهنجي اکين ۽ ڳلن جي وچ وارو فاصلو ڳوڙهن سان ماپيندي، بس ايترو ٿي چوندو آهي تہ "بس جناب! کسی بد نظر کا کمال ہے". اهو عنايت حسين جيڪو وڏي ذوالفقار کان ننڍي ذوالفقار تائين لڙڪن ۽ ٽهڪن جي ڊگهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تمثيل آهي، جيڪو ستر ڪلفٽن جي مير جي وفادار ساٿين جي تصويرن سان سجيل ديوارن تي دهيل ڪهاڻين کان ايترو ئي آشنا آهي، جيترو هو انهيءَ بدنصيب گهر جي وڻ وڻ جو واقف آهي. جنهن جي هيٺان مير کان وٺي فاطمه ۽ ذوالفقار جونيئر جا جهولا جهلندا آيا آهن. ان لياري جي پوڙهي شيدائي کي اڄ بيگم غنويٰ جون پاليسيون سندس ٻوليءَ وانگر گهٽ سمجهه ۾ اچن ٿيون. هي ميران ٻائي جي سُرندي وانگر ساهه ڪٽندڙ ماڻهو پنهنجا سسورا درد امير بخش عمراڻي ۽ شهيد پٽو جي نوجوانن سان شيئر ڪندي، خوشي محسوس ڪري ٿو. سو فاطمه کي شهيد پٽو جي جاءِ تي ۽ عوام جي اڳيان هٿ لوڏيندي ڏسڻ جو خواهشمند آهي، پر خواهشون ڇا ٿيون ڪري سگهن؟ فرد ۾ درد کي جنم ڏيڻ کان مٿي ڪري به ڇا ٿيون سگهن؟ مير جون خواهشون ڪهڙيون هيون، ڪير ڄاڻي؟ مير جا درد ڪهڙا هئا، سڀ ڪو ڄاڻي. خواهشن جي جنم کان پوءِ درد لڪي نٿا سگهن، خواهشون اڪين جي آسمان پويان هليون ٿيون وڃن ۽ درد ڳوڙهن جيئن تمندا ۽ سِمندا رهن ٿا. اڄ نصرت پٽو جي خواهشن جي ڪهڙي خبر؟ پر سندس درد اسان جا درد آهن. جيڪي مائي جندو جا درد آهن، جيڪي زيب النساءِ ۽ حاڪم زاديءَ جا رهجي ويل گهاءَ آهن، جن جي اڄ ٻي ورسي آهي. اڄوڪو ڏينهن ڪنهن جو ڪونهي، اڄوڪو ڏينهن مائي جندو ۽ نصرت پٽو جي اندر جي ڪربلا آهي، جنهن جا اسين فقط لشڪر حسين جيان غمزده مسافر آهيون. اسين اهي غريب آهيون، جن کي صحيح نموني سان شامِ غريبان به پڙهڻ ڪانه ٿي اچي. ڇا اسين اهو ڄاڻي سگهون ٿا ته ٽنڊي ٻهاول جي گهاٽن ٻيرن جي هيٺان پنهنجا چانديءَ جي تارن جهڙا وار پٽيندڙ مائي جندو ۽ دبئي جي ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾ پنهنجي خالي اکين سان آسمان کي گهوريندڙ نصرت پٽو جي دردن ۾ ڪيتري هڪ جهڙائي آهي، ۽ طبقاتي فرق ڇا ٻنهي جي وچ واري رشتي جو ڪجهه بگاڙي سگهيو آهي! ڇا اسان اهو ڄاڻون ٿا ته عرش جي ڪارپيٽ تي ويٺل اُداس نصرت پٽو ۽ فرش جي چيڪي مٽي تي ويران مائي جندو جي وچ واري احساس جي سنهي ڌار تي مير، شاهنواز زينب النساءِ ۽ حاڪم زادي جهڙا ڪيترا خواب مصلوب آهن؟ ڇا اهو اسان ڄاڻون ٿا؟ واقعي، جي اسان ايترو ڄاڻون ٿا ۽ نصرت ۽ جندو جي وچ وارو طبقاتي فرق وساري ويهون ٿا، ته پوءِ يقين ڄاڻو ته اسين مير جي مقتل جا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهجي ويل عشاق آهيون. اهي مير جهڙا ماڻهو جيڪي فيض جي سٽن ۾ پنهنجن خوابن جا عَلم چڙهي ويا، جن کي ڪٽڻ جي اسان ۾ سگهه آهي؟

قتل گاہوں سے چن کر ہمارے علم
اور نکلیں گے عشاق کے قافلے
جن کی راہ طلب سے ہمارے قدم
مختصر کر چلے درد کے فاصلے

(آچر، 20 سيپٽمبر- 1998ع)



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# تخت تي ويٺل دلين جا بخت لٽيندڙ شهزادي

”مان آيس، مون ڏٺو مون فتح ڪيو.“ اهي بدنام زمانہ لفظ چاهي سڪندر جا هجن، سيزر جا هجن، يا نيپولين جا هجن. اهو تہ تاريخدان ٻڌائي سگهن ٿا، پر اهو نٿا ٻڌائي سگهن تہ دنيا کي حقيقي معنيٰ ۾ فتح ڪير ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيئن ڪري سگهي ٿو. انهيءَ سوال جي سفر ۾ ڪو تاريخدان طوطا چشميءَ کان ڪم وٺي سگهي ٿو. انهيءَ سوال جي تابناڪ حقيقت تاريخ دان کان اوجهل ٿي رهجي ويندي، ڇو تہ تاريخ قدرن ۾ يقين نٿي رکي ۽ هر تاريخ دان وٽ دنيا جي فاتح هجڻ جو تصور داداگيري، خونريزي ۽ بربريت تي مبني هوندو آهي- پر جيڪڏهن اهو ساڳيو سوال ڪنهن شاعر کان ڪبو تہ هو فقط ايترو ئي چوندو، تہ دنيا کي درد سان ئي فتح ڪري سگهجي ٿو ڇو تہ داداگيري ۽ درد ۾ ايترو ئي فرق آهي، جيترو ڊائنا ۽ نيپولين ۾ فرق آهي يا جيترو الزبيٿ ۽ مدر ٽريسا ۾ فرق آهي.

اڄ جڏهن سوني ٿال جهڙو سج انگلينڊ جي سبز پوش پهاڙين تان چمڪي اٿندو تہ انگلينڊ جي ڪائونٽيز جي ڪافي هائوسز ۽ ڪلبن ۾ موجود شهزاديءَ جا عاشق انهيءَ سج کي ڊائنا جي تاج سان تشبيهہ ڏيندا ۽ اڻ سڌيءَ طرح ملڪ جي شاهاڻي تاج تي طنز ڪندي چوندا تہ:

Dear Princess! Sun is your real crown

(پياري شهزادي! سج ئي تنهنجو اصل تاج آهي)

۽ پوءِ سي ڊي پليئرز تي اهو گانو ٻڌندا. (جيڪو ٿي سگهي ٿو تہ ڇوڪريءَ ڏينهن دنيا ۾ سڀ کان گهڻو ٻڌو ويندڙ گانو بہ اهو ئي هجي.)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪو ايلٽن جان ڊائنا جي مرتئي تي ڳايو هو جنهن انگلينڊ جي انهي صوفي سنگر کي شهرت جي ستين آسمان تي پهچائي ڇڏيو.

دنيا جي تيز هوائن ۾ ٻرندڙ مشعل جي چاهه ۾ ڳايل انهيءَ گاني (candle in the wind) جو لطف پاڻ امداد جي انهن سٽن مان به وٺي سگهون ٿا. جي پاڻ هوائن ۾ ڪو ڏيئو ٻارڻ جي تمنا رکون ٿا:

مون جڏهن ڪو ڏيئو جلايو آ.
زور ڪيڏو هوا لڳايو آ.

چو ته جيئن حسن ڪن مخصوص حدن جو محتاج ناهي، سونهن ڪنهن هڪ مذهب ۽ ملڪ جي قيدي ناهي، تيئن ڊائنا فقط انگلينڊ جي انسپائريشن ناهي. اها شمع جهڙي شهزادي هر انهيءَ دل جي لاٽ آهي، جيڪا منافقت جي تيز هوائن ۾ پنهنجي محبت جي مشعل جلائي رکي ٿي، جيڪا فطرت جي پياني تي پنهنجي پيار جي ڌن آلاپي ٿي، جيڪا حسن جي حاڪميت کي قلوپطره جيئن قبول ڪري ٿي. ڊائنا انهن سڀني جي ڊارلنگ آهي جيڪي حسن کي يونيورسل پراپرٽي سمجهن ٿا، جيڪي انگريز شاعر جي انهيءَ سٽ ۾ يقين رکن ٿا:

A thing of beauty is a joy forever.

پر ڊائنا جي حسين هجڻ جو معيار فقط ڊگهو قد، سنهري وار عنابي اکيون ۽ ماڪ قطري جهڙي مرڪ ناهي، پر هن جي حسن جو معيار اها درد وند دل آهي، جيڪا هن کان ڪوڙه ۽ ايڊز جي مريضن ۽ آفريڪا جي ميرن گدلن ٻارن کي ايتريون چميون ڏياري ٿي، جيتريون چميون هن ڪڏهن چارلس ۽ دودي کي به نه ڏنيون هونديون. هوءَ حسن پرست هئي، عاشق مزاج هئي، پر ان کان وڌيڪ هوءَ درد وند هئي. ۽ آئون سمجهان ٿو ته هن جي اها حسناڪي ئي هئي، جنهن دنيا تي هن کي ايتري حاڪميت ڏني، جيتري ايلزبيٿ نالي انگلينڊ جون ملڪائون به حاصل نه ڪري سگهيون. جيڪي ايلزبيٿ اول کان وٺي هاڻوڪي ايلزبيٿ تائين سڀئي پنهنجي دل کي برهه جي بازار ۾ وڪر جيئن واپرائيندڙيون رهيون. اهي فقط ملڪن تي مالڪي ڪري سگهيون، پر ماڻهن جي دلين جي مالڪي فقط ڊائنا جي نصيب ۾ آئي.

عشق هميشه برطانيا جي شاهي خاندان جي روايتن اڳيان رقيب روسياه جيئن رهيو آهي. انهي خاندان جي سڀني شهزادن ۽ شهزادين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪي بہ عشق ڪيا، سي سڀ سندن شاهي تاج جي پاڇي ۾ ڪيا. پر انهي شاهي خاندان جي تاريخ پڙهندڙ شاگردن کي خبر هوندي تہ انهن سيني مان فقط شهزادو ايڊورڊ ٿي اهڙو چرياڻ هو جنهن انهي ونڊسر محل جي سيني نصيلن ۽ فانوسن مان دونهان ڪڍي ڇڏيا. چرچ لڏي ويو ۽ تخت برطانيا جي اميدوارن جي فهرست تبديل ٿي وئي، جنهن ڇا ڪيو اهو ٿي تہ هن برهہ کي بادشاهت تي ترجيح ڏني، قرب اڳيان ڪرائون کي لتاڙي ڇڏيو بہ پيرا طلاق يافتہ عورت سمپسن جي چاهت ۾ تخت ۽ تاج کي تاراج ڪري، ملڪ مان جلاوطني اختيار ڪري، فرانس هليو ويو ۽ آخري ساهن تائين سمپسن جي ساهن ۾ جيئندو رهيو. اهو اهو ٿي هو جنهن جو ذڪر ڊائنا سندس طلاق کان پهريان چارلس سان ڪيو هو تہ هو چڙي پيو هو ڇو تہ اها ايڊورڊ جي چري چاهت ڇڻ تہ هن کي پنهنجي ڇهري تي ڇٽر جي پٽر جيئڻ لڳي هئي- ۽ چارلس ڊائنا کي انهي لمحي انهي شاهي ڪپڙي جيئڻ لڳو هوندو جيڪو ڪرائون کي ڪوهہ نور جيئڻ ڇهنيو پيو هجي.

چارلس شاهي ٻار هو ۽ ڊائنا انگلينڊ جي عام ماستريائي هئي، جڏهن انهن جي اکين عشق جا پهريان انگل ۽ آرا ڪيا هئا، جن جي شاديءَ واري شاهي ڪاج دنيا جي انهن سيني شاهي شادين جي شان کي ريتي ڇڏيو جن ۾ شاهہ ايران جي شادي بہ هئي، جنهن ۾ ملڪي خزاني جو پئسو پاڻيءَ وانگر هليو هو. هيءَ اها شادي هئي، جنهن ۾ انگلينڊ جا ڇهہ لک ماڻهو جاڇي هئا، جيڪي بڪنگهم پئلس ڏانهن ويندڙ رستن تي سهرا ڳائيندا رهيا ۽ جنهن ڪاج کي دنيا جي هڪ ارب ماڻهن ڳيچ ڳائي ٽي وي تي ڏٺو. نہ تہ انگلينڊ جي تاريخ ۾ ان کان اڳ اهڙو شاهانہ ڪاج ملڪہ ايلزبيٿ اول جي تاجداريءَ واري رسم (Coronation) وارو ڪاج هو. جنهن ۾ تاج پائڻ لاءِ ايندڙ شهزادي جنهن ڪاربيٽ تان گذري، انهيءَ غاليچي کي ٽڪر ٽڪر ڪري ويو ۽ ان جا ٽڪرا اڄ بہ ڪنهن شاهي خاندان جي عاشق گهراڻي وٽ انگلينڊ ۾ پيا هوندا.

يوناني ڏند ڪٿا ۾ هڪڙي ڊائنا اها هئي جيڪا چنڊ جي شهزادي (Princess of moon) هئي ۽ ٻي اها چنڊ جي شهزادي آهي، جيڪا Princess of people آهي، جنهن کي اڄ مغربي ميڊيا عوامي شهزادي چئي ٿي، جنهن جي سر تي نہ ڪو تاج هو جنهن وٽ نہ ڪو تخت هو. هن جو تاج عشق هو ۽ تخت دل هئي، جيڪا سڄي عمر دماغ جي دز کان دور رهي ۽ دل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي آگر پڪڙي هلندي رهي. هن کي جيڏانهن دل وٺي وئي، هوءَ اوڏانهن هلي وئي. هن جي دل جي انهي سموري دڳ تي ڪو بہ اهڙو بورڊ ڪو نہ آيو جنهن تي لکيل هجي: Cmpromise. هوءَ جي مصلحت ۽ ڪمپرومائيز کان ڪم وٺي ها تہ مستقبل جي انهي ڪرائون پرنس جي سريت وانگر رهجي وڃي ها. جيڪو سندس موجودگيءَ ۾ ڪميلا پارڪر سان ڪلهو ملايو بيٺو هجي ها. دنيا جا ڪيترا ئي مبصر اڄ بہ چارلس جي محبوبا ڪميلا پارڪر ۽ ڊائنا جي دوست ميجر کي سندن عليحدگي جو سبب ڄاڻائن کان پهرين اهو سبب ڄاڻائن ٿا تہ سندن جدائيءَ جو پهريون سبب ڊائنا جو اهو سماجي خدمت وارو جذبو هو جيڪو شاهي روايتن جي خلاف هو. جنهن جذبي جي جيءَ ۾ ڪجھ ڪوڙهہ ۽ ايڊز جي مريضن لاءِ چميون هيون ۽ ڪجھ بارودي سرنگهن خلاف نعرا هئا، جيڪي برطانيا جي شاهي خاندان جي هاضمي کان متي هئا. ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو جو سڄي عمر ٻارن کي چمين جا چاڪليٽ ڏيندڙ شهزادي پنهنجي ٻارن جي چمين کان محروم ٿي وئي ۽ آخرڪار پيار جو پيچو ڪندڙ ڊائنا، پاپارازين جي پيڇي ۾ موت جي منحوس واديءَ ڏانهن اڏامي وئي.

چوڻ وارا چون ٿا تہ هن جي حياتيءَ جو حقيقي عشق نہ ئي چارلس هو ۽ نہ ئي دودي الفاعد. پر سندس دل جو ڌڻي پاڪستان جو اهو ڪشميري بابو ڊاڪٽر حسنات هو جيڪو لنڊن جي ڪنهن اسپتال ۾ ڊاڪٽري ڪندو هو. ان حسنات سان هن حسناڪ شهزاديءَ جا نيڻ تڏهن مليا، جڏهن هوءَ پنهنجي دوست جي عيادت لاءِ انهي اسپتال وئي، جتي اهو ڊاڪٽر حسنات بہ هو. حسنات جي ننڍڙي ڪڏي نما فليٽ ۾ بغير ڪنهن پروٽوڪول جي ايندڙ ڊائنا عمران خان جي دعوت تي پاڪستان اچڻ فقط انهيءَ ڪري قبوليو جو عمران واعدو ڪيو هو تہ هو کيس حسنات جي فيمليءَ سان ملائيندو ۽ پوءِ توهان سڀني ڏٺو تہ اها ئي مني اسڪرٽ ۾ بيلي ڊانس ڪندڙ شهزادي شلوار قميص ۾ پاڪستان جي هوائن ۾ هٿ لوڏيندي ۽ پوٺوهاري ناچ ڏسندي نظر آئي، جيڪا چون ٿا تہ حسنات سان شادي ڪرڻ واري هئي ۽ جيڪا روز رات جو حسنات جي فليٽ تي "جناح" فلم جي خالق ڊاڪٽر ايس سيد کان اسلامي فلسفي ۽ حيات تي ڍڳها سوال ڪندي هئي ۽ اسلام جي عاليشان ماضيءَ جا قصا ٻڌندي هئي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اها ڏاڍا، انهي طبقاتي سوچ جو زبردست انڪار هئي ۽ انهن روايتن جو تسلسل هئي، جنهن ۾ رضيہ سلطانہ جو سندس غلام ياقوت جي ٻانهن ۾ پنهنجي شاهي روايتن کي ڀسم ڪرڻ هوـ ۽ عشق تہ اهو چور جهڙو آهي، جيڪو شاهي محلاتن جي درين مان ٽپي بہ تخت تي ويٺل دلين جا بخت لٽي ويندو آهي ۽ دنيا ڪنور رڻ پٽ ٿي رهجي ويندي آهي، ۽ عاشق انهي رڻ پٽ تي رم جهم جيئن رقص ڪندا رهندا آهن، بلڪل حسن درس جي انهن سٽن وانگر:

دنيا جي هن ڪنور رڻ پٽ مان عشق ئي بچي نڪتو
عشق ئي حياتي آ، عشق ئي ٻڏي گهنگهرو عشق ئي نچي نڪتو.

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شريفن جو سفر: جتي اُمرا ڪان جيل تائين

اج هو ملير ڇانوڻيءَ جي ڪنهن بند ڪمري جي ڪليل ڪڙڪيءَ مان ٻاهر جي ٽِڙي رائيفل سان گهمندڙ وردِيءَ وارن کي ڏسي انهن پهرن تي پڇتائي رهيو هوندو، جيڪي قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتاني واري خواب کان هن کي سياست جي ڪاڪ محل جي طلسم ڏانهن وٺي آيا. انهن پڇتاءَ وارن پهرن ۾ هن جي ڪاوڙ سندس والد بزرگوار ڏانهن بہ هوندي، جنهن ڪيس مرد مومن وٽ ڪرڪيٽر ۽ سياستدان واري چوائس مان سياستدان ٽيڻ کي ترجيح ڏني ۽ اج هو انهن گهڙين مان گذرندي، سوچي رهيو هوندو تہ شال 81ع وارو وقت وري اچي ۽ آئون اهڙن آپشنس اڳيان اچي بيهان جن ۾ لفظ ”سياستدان“ نہ هجي. پر وقت جا پنهنجا فيصلا آهن. پٽي جو مخالف هوندي بہ پٽي جا اسٽائيل خوشيءَ سان اپنائيندڙ جڏهن پٽي جي انجام تي سوچيندو هوندو تہ ڪيس يقينن جاويد ميانداد جي قسمت تي پيار اچڻ لڳندو. قذافي اسٽيڊيم ۾ ڇڪا هڻندڙ ڇوڪري پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات پٽو دشمنيءَ ۾ پي اين اي جي 77ع واري تحريڪ دوران تحريڪ استقلال جي بينر جي سائي ۾ ڪئي ۽ اصغر خان جي گرفتاريءَ کان پوءِ جنرل ضياءَ جي جهوليءَ ۾ وڃي ڪريو. جنرل ضياءَ جنهن کي اڳي ئي اهڙن ماڻهن جي تلاش هئي، جيڪي پٽو دشمني ۾ ڪنهن نئين بره جي ٻاه ٻاري سگهن. شريف فيملي جيڪا اڳي ئي پٽي جي نيشنلائيزيشن واري نانگ هٿان پنهنجي اتفاق فائونڊري وڃائي چڪي هئي ۽ سندن مرد مومن سان محبت جي پهرين ايجنڊا ۾ اها فائونڊري واپس وٺڻ هئي، جنهن لاءِ هو ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هئا. گجرات جي چوڌري ظهور الاهيءَ جي ڪاوڙ واري ٻاهہ جڏهن پٽي 71ع ۾ نيشنلائيزيشن واري عمل مان ڪيڻ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪئي، تہ انهي جا دونهان اتفاق فائونڊري مان بہ نڪتا جنهن پيو نہ تہ بہ ملڪ کي اهڙي قيادت ڏني، جنهن رنجيت سنگهہ واري روح کي نئون جنم ڏنو ۽ جنهن جي چڱياري جي ياد وري ميان جي وڪرم سنگهہ (مشاهد حسين) ۽ بيرم سنگهہ (سيف الرحمان) تازي ڪري ڇڏي مرد مومن جڏهن شريفن جي ”شرافت“ تي مهربان ٿيو تہ کين نہ فقط اتفاق فائونڊري واپس ڪيائين، پر ملڪي خزاني جا بہ ڪروڙ روپيا انويسٽمينٽ طور يا تحفي طور بہ ڏنا ۽ ان کان سواءِ مٿن ساڍا اٺ ڪروڙ جو واجب الادا قرض بہ معاف ٿيو. (ياد رهي تہ قرضن جي معافيءَ وارو باضابطہ رواج اتان کان پيو جيڪو پوءِ جوٽيجو دؤر ۾ پنهنجي جوانيءَ کي پهتو) نہ فقط اهو پر مرد مومن جي مڙني مهربانين ۾ هڪ عدد پنجاب جي فنانس منسٽري بہ هئي، جيڪا پوءِ 85ع ۾ چيف منسٽري ۾ تبديل ٿي. انهن مهربانين ۾ ڪجهہ حصو جنرل جيلاني جو بہ هو ۽ مومن مرهيات جي وصال کان پوءِ انهن مهربانن جي مسند تي سندس جاءِ نشين جنرل حميد گل ويٺو. جنهن 88ع ۾ مرد مومن واري خواب کي آءِ جي آءِ جو عملي روپ ڏئي، واڳون ميان صاحب جي حوالي ڪيون. ان کان پوءِ اهو پڌائڻ اجايو ٿيندو تہ اهو ميان پوءِ آءِ جي آءِ جي گهوڙي تان ٽپ ڏئي مسلم ليگ نواز جي گهوڙي تي ڪيئن سوار ٿيو. ميان جي ان کان پوءِ واري سياسي سفر ۽ ڪارنامن تي اچڻ کان اڳي بهتر ٿيندو تہ پاڻ سندس وڏن شريفن جي سفر ۾ بہ تورو شريڪ ٿيون، تہ جيئن بينظير جي Aristocratic Approach (شاهاڻي سوچ) جي اثر ۾ اچي کين ’لوهار‘ چوڻ واري ڳالهہ سولائي سان سمجهي سگهون.

اها خبر انهن ڪشميري بابوئن کي ئي هوندي تہ اهي ڪڏهن ڪشمير جون سبزه زار پهاڙيون ڇڏي امرتسر جي ننڍڙي ڳوٺ جتي امرا ۾ آيا، پر پاڻ کي اها خبر آهي تہ 1930ع ڌاري جتي امرا مان بہ برڪت ۽ شفيع نالي همراهہ روزگار جي تلاش ۾ رلندا روئندا لاهور آيا، جتي هنن ڪنهن بني تي هڪ روپيو ڏهاڙي تي مزدوري شروع ڪئي. انهيءَ دؤران هنن اوور ٽائيم ڪم ڪيو ۽ ايترو ڪمائڻ لڳا جو انهن پنهنجي باقي ٻچيل ڀائرن محمد شريف ۽ محمد شبير کي جتي امرا مان گهرائي بنيءَ تي باهہ پيڙو ڪيو. انهن مڙني اڻپڙهيل ڀائرن مان محمد شريف کي پڙهڻ جو شوق جاڳيو ۽ هن ڪنهن اسڪول ۾ داخلا ورتي. نون سالن جي عرصي ۾ مسلسل محنت ڪري انهن ڀائرن ايترو ڪمايو جو 1939ع ۾ انهن پنهنجي بنيءَ هٽڻ لاءِ سوچڻ شروع ڪيو ۽ نيٺ واحد پڙهيل ڀاءُ محمد شريف جي اڳواڻيءَ ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چئني پائرن گڏجي شريف برادرز جو بورڊ ٺهرايو ۽ پنهنجو ڪاروبار اڳتي وڌايو جڏهن ڪجهه نالو نڪتو تہ اهي شريف برادرز مان ڦري اتفاق برادرز ۾ بدلجي ويا. ٻي عالمي جنگ دؤران لوهہ جي ڪاروبار زور ورتو ۽ اتفاق فائونڊري چمڪڻ لڳي ۽ اهڙي طرح پنجويهن سالن جي عرصي ۾ انهن ايترو ناڻو ڪمايو جو گجرات جي چوڌرين ۽ لاهور جي سيٺين کي ساڙا چڙهڻ لڳو انهيءَ سموري عرصي دؤران انڪم ٽئڪس ۽ ويلٿ ٽئڪس جي مد ۾ شريفن جيڪي فراڊ ڪيا، انهن جو هڪ الڳ رڪارڊ ۽ داستان آهي.

پوءِ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار ۾ آيو ۽ اتفاق فائونڊري قومي تحويل ۾ آئي تہ شريفن دبئي جو رخ ڪيو جتي هنن شيخن جي مهربانين ۽ ميان اظهر (اڳوڻو گورنر پنجاب) جي مدد سان ڪاروبار شروع ڪيو. ميٽل ري رولنگ مل جو قيام ڪجهه سندن پئسن ۽ گهڻو ميان اظهر جي پئسن سان پيو. جنهن جي ٻچ ڪمائي شريفن 77ع ۾ پي اين اي جي تحريڪ دؤران نواز شريف کي اڳتي ڪري اصغر خان جي عشق ۾ رکي، جنهن جو پس منظر توهان بہ سمجهندا هوندؤ. انهيءَ دبئي واري عرصي دؤران شريفن ۽ شيخن ۾ نهايت ئي قريبي تعلقات جڙيا، جنهن ۾ گهڻيون لياقتون شهباز شريف جون هيون، جيڪو عربي رواني سان ڳالهائي ۽ پنجاب جون هيرون فراخدالي سان پيش ڪري سگهڻ جو فن ڄاڻندو هو. اڄ جيڪڏهن امرتسر جا سک ۽ دبئي جا شيخ شريفن جي حد کان وڌيڪ حمايت ۽ همدردي ظاهر ڪري رهيا آهن تہ اهو ضرور سمجهڻ کپي تہ ان پويان سکن سان پراڻي ڳوڻائي هجڻ ۽ بينظير دشمني واري تعلق جو دم آهي (جو تہ بينظير سک علحيدگي پسندن جون لسٽون راجيو گانڌي حوالي ڪيون هيون) پر شيخن پاران ايتري حمايت ۽ همدردي جو سبب ميان شهباز شريف جون اهي خدمتون آهن، جيڪي اڄ پنجويهہ سال پوءِ بہ عرب سڳورا وساري نٿا سگهن. پر اڄ شريفن کي اهڙي مصيبت ۾ ڏسي بہ پاڪستان جي عوام ۽ عليم عادل جهڙن سازندن سان گڏ جيڪي سڀ کان گهڻي لاتعلقي ڏيکاري رهيا آهن، اهي جتي امرا کان سڀ کان پهرين لاهور آيل ميان محمد شريف جا پائر ۽ سندن اولاد آهن. جن کي ميان محمد شريف عرف 'ابا جي' انهيءَ وقت ڏار ڪري ڇڏيو هو جڏهن ميان شريف بمعہ فرزندان جنرل ضياءَ ۽ جنرل جيلاني جي سائي ۾ آيو هو. سڀ کان پهرين ميان محمد شبير ۽ سندس فرزند ميان محمد ادريس سان سگُ ٽوڙيو ويو ۽ پوءِ ميان يوسف تي تشدد ۽ گهر سيل ڪرڻ واريون خبرون آشڪار ٿيون، تنهن کانپوءِ خالد سراج ۽ ميان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معراج سان جهيڙن زور ورتو ۽ آخر سموري اتفاق گروپ ۾ شريف ۽ سندس پيارا پٽ ئي وڃي بچيا ۽ اهڙي طرح سيني پائرن جي گهر جي پورهئي مان ربيو ربيو ڪري ٺاهيل اتفاق فائونڊري ۽ اتفاق گروپ جي 22 ملن جو اڪيلو مالڪ ميان شريف وڃي ٿيو. 1976ع ۾ هڪڙي اتفاق فائونڊري جو مالڪ 1990ع ۾ 9 ملن جو مالڪ ۽ 1999ع ۾ 22 ڪارخانا سندس ڪمانڊ هيٺ آيا. جن ۾ برادرز شگر ملز اتفاق شگر ملز رمضان شگر ملز چوڌري شگر ملز اتفاق ٽيڪسٽائيل نمبر 1، 2، 3، برادرز ٽيڪسٽائيل، خالد سراج ٽيڪسٽائيل، اتفاق فائونڊريز برادرز اسٽيل، اتفاق برادرز رمضان ٽيڪسٽائيل، مير رمضان ٽيڪسٽائيل، عباس ٽيڪسٽائيل، شريف اسپننگ الشفيع شگر ملز هونڊا اسيمبل پلانٽ، حديبيه سپر ملز شامل آهن. جيڪي سموريون ملون ۽ فئڪٽريون مختلف بئنڪن ۽ مالياتي ادارن جي قرض تي لڳيون ۽ شريف خاندان جي مختلف فردن ۾ تقسيم ڪيون ويون.

اڄ جڏهن انهي سموري سياسي ۽ ڪاروباري سفر جي قطع نظر پاڻ هاڻوڪي منظر کي ڏسون ٿا ته اها ڳالهه روز ازل جيان عيان نظر اچي رهي آهي ته شريفن جي سموري دلدار دولت ڪين انڌاري رات مان ڪو به رستو نه پئي ڏيکاري سگهي ۽ اڄ شريف پنهنجن پراڻن همنوائن، همرازن ۽ همدردن کي ساري نورجهان جو اهو گيت ضرور من ئي من ۾ ڳائيندا هوندا:

سانون نهر والي پل په بُلا ڪي،
چَن ماهي ڪتهي رهه گيا.

اڄ سندن ماضي جا چن ماهي الله ڪهڙن مهيب ساين ۾ دبجي چڪا آهن ۽ اڄ اها گهڙي اچي بيٺي جو پٽي جي اسٽائيلس جي اسير ميان نواز شريف جا پٽ ويسٽرن ميڊيا، پرڏيهي دوستن ۽ عرب سگهورن کي جان بخشي جون ائين التجائون ڪري رهيا آهن، جيئن ڪڏهن بينظير، مرتضيٰ ۽ شاهنواز پنهنجي ”بابا“ جي پيار ۾ ديس ديس پٽڪي دانهون ڪري رهيا هئا.

مرد مومن جي مهربانين، ٽيٽر ۽ گارڊن جي پئسن ۽ بينظير جي غلطين مان جنم وٺي آيل ليڊر پنهنجي پنهي دؤرن ۾ جنهن انداز سان حڪمراني ڪئي، انهن جو مثال ڪنهن بي پرواهه مغل يا رومن حڪمران جي صورت ۾ ڳولڻو پوندو. چئن ڪروڙن جي واچ پنهنجي ڪرائيءَ ۾ ٻڌنڊڙ ۽ جهاز ذريعي روزانو ڦجي جا پاوا ۽ پورين جي پي. سي جا پراڻا ۽ لسي گهرائيندڙ مسڪين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملڪ جي وزيراعظم جي هائوس جو روزانو خرچ ستر لک رپين جي ويجهو هو. جنهن کي جيڪڏهن سال جي سمورن ڏينهن جي حساب سان سارجي تہ هن بدنصيب ملڪ جي سالانہ تعليم جي ڪل بجيٽ کان بہ وڌيڪ ٿئي ٿو. ماڻهن کي رکي سکي کائڻ جي هر وقت تلقين ڪندڙ وزيراعظم جي استعمال ۾ ٽي جهاز هر وقت تيار رهندا هئا. جن ۾ 120 سيٽن وارو 737 بوئنگ بہ شامل هو جنهن جو في ڪلاڪ خرچ سوا لک رپيا هو. سادگي ۽ ڪفايت جون قوم کي پٽيون پڙهائيندڙ ماڻهو جي فرمائش تي وزيراعظم هائوس جو ڊسٽ بن بہ ٽن لکن ۾ آيو هو. مغل شهشاهيت جي شوق ۾ مبتلا ماڻهو جي رهائش ساڍا چار سؤ ايڪڙن تي ڦهليل هئي ۽ جڏهن تہ سموري دنيا جي چوڌري آمريڪا جي صدر جي رهائش ۽ آفيس بہ 126 ايڪڙن کان مٿي ڪونهي. ابا جي جو نهايت ئي لاڏلو ۽ بودلو "بابو" اڄ سندس نهايت ئي نافرمان ۽ نالائق پٽ طور سامهون آيو آهي. جنهن کان هو رائيونڊ جي سونن پلرز واري محل ۾ رهندڙ ماڻهو ائين چئي Reluctant (لاتعلق) ٿي رهيو آهي تہ "جيڪو ڪجهہ بہ ٿي رهيو آهي، سندس غلطين ۽ نادانين جي ڪري ٿي رهيو آهي. مون گهڻو ئي سمجهايو پر نہ مڃيائين." اهڙي ئي قسم جا بيان نہ فقط اباجي پر سندس بيرم سنگهہ ۽ وڪرم سنگهہ بہ ڏئي رهيا آهن. جيڪي ڪڏهن سندس نَوَرتنن واري دربار ۾ ابوالفضل ۽ فيضي جو درجو رکندا هئا.

نواز شريف جنهن کي ملڪي ميڊيا ۾ لبرل اردو مبصر ناعاقبت ناهنجار نواز چئي مخاطب ٿيندا هئا ۽ غيرملڪي ميڊيا ۾ کيس Coconut headed prime minister (ناريل جي مٿي وارو وزيراعظم) چئي مٿس طنز ڪندا هئا. جيڪو آمريڪا بادشاهہ جي پٺي ٺپيرڻ تي ايترو اڳتي نڪري ويو جو اهو سمجهڻ شروع ڪيائين تہ شايد آئون مطلق العنان بادشاهہ ٿي ويو آهيان، جيڪو جنهن کي جڏهن چاهي، تڏهن لاهي سگهي، جنهن کي چاهي تنهن کي نوازي ڇڏي، پر شايد هو اها ڳالهہ وساري ويٺو هو تہ هن ملڪ جي اصل واڳ ڌڻين ۽ آمريڪا جي ايجنڊا ۾ تضاد ڪيترو شديد آهي. آمريڪا جي اشاري تي ڪشمير جو مسئلو حل ڪرائڻ وارو ٿرڊ آپشن قبول ڪرڻ ۽ اسامہ بن لادن جي گرفتاري واري اسائنمينٽ ۾ هٿ ڪٽي ايندڙ ماڻهوءَ کي اهو يقين هو تہ انهن ٻنهي فرضن جي بجا آوري ڪانپوءِ آمريڪا بادشاهہ پنهنجا ۽ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ وارا سمورا قرض معاف ڪري ڇڏيندو ۽ کيس تاحيات



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

حڪمراني جو حق حاصل ٿيندو. اهڙي سوچ سامهون رکندي هن هڪ پيرو نيويارڪ ۾ پاڪستان جي اڳوڻي سفير کي چيو هو ته ”عنقريب ڪلنٽن سڀ قرض معاف ڪندو ۽ پارت سان امن جو معاهدو ٿيندو.“ نواز شريف جنهن کي مين آف ڪرائسز چيو ويندو هو تنهن جي اسٽيبلشمينٽ سان پنگن جي تاريخ جا ورق خليج جنگ کان شروع ٿين ٿا. جڏهن آمريڪا جي منشا حاصل ڪرڻ لاءِ اسلم بيگ کي هٽائي ان جي جڳهه تي جنرل آصف نواز کي مقرر ڪيو ويو جنهن سان به سندس پيچ پختا ٿي نه سگهيا. هن پيري به مبصر نواز شريف جي آءِ ايس آءِ جي جنرل ضياءَ الدين جي مقرري کي به انهي حرڪت سان ڀيٽين ٿا. جڏهن هن اباجي جي بي لغام بابو آءِ ايس آءِ کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لاءِ انٽيليجنس سروس جو پس منظر نه رکندڙ ماٺهو جنرل جاويد ناصر کي سربراهه طور مقرر ڪيو هو.

”جاڳ پنجابي جاڳ، تواڊي پڳ نون لڳ گئي آگ“ جهڙا اشتعال انگيز نعرا ڏيندڙ نواز پنهنجي هاٺوڪي دؤر ۾ ننڍن صوبن سان جيڪي نوازشون ڪيون، انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو ماٺهو هن ملڪ جي مقدر کي سوويت يونين جي تقدير سان ڀيٽڻ لڳا. ڪالاباغ ڊيم جو اعلان، سنڌي نوجوانن کي بيروزگار ڪرڻ، ڊيڊو وزارت، سنڌ اسيمبلي جو ڏهاڳ ۽ گورنر راڄ جو نفاذ، سنڌ کي مقبول راڻا اسٽيٽ ۾ بدلائڻ، سپر هاءِ وي وفاق حوالي ڪرڻ، چنگي ناڪي جو خاتمو ۽ اهڙين ٻين ڪيترين ئي ڪرم نوازين ڪري جيڪڏهن سنڌي نواز شريف کي رنجيت سنگهه چوڻ ۽ آصف جي رت هاڻ ڪپڙن سان پيار ڪرڻ لڳا هئا ته ان ۾ سنڌين جو ڪهڙو قصور. جن پيو نه ته به نواز شريف سان پندرهن سيٽن ڏيڻ وارو پيار ته ڪيو هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته لاڙڪاڻي جي ڌيئي کي پنجاب مان هڪ به سيٽ نه ملي. اهو سمجهڻ کپي ته اڄ جيڪڏهن سنڌي هڪ وزارت تي چپ ڪري ويهي رهيا آهن ته انهي پويان به نواز شريف مان جان ڇڏائڻ واري سوچ به ڪارفرما آهي. هاڻي سنڌين سان گڏ چئني صوبن جا ماٺهو حيران ڪن اکين سان اهو تماشو ڏسڻ لاءِ تيار ويٺا آهن ته ڪرڪيٽ مان حادثاتي طور سياست جو رستو وٺندڙ نواز شريف هاڻي سياست مان ٽيڙ ڪائي ڪهڙي منزل جو رستو ٿو وٺي؟

(آچر، 21 نومبر۔ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مسڪينءِ تون اسان جو اوتار آهين!

پارڪر جي سنوَن پٽن تي شفق جي ميندي لائي شام جڏهن راڻاسر مان وهنجي رڻ تي وار چندبيندي تہ پوڊيسر تلاءَ جي ڪپر تي وينل ڪنهن ڪراڙي ڪولهي جي اندر ۾ ڪو محبت جو ”مسڪين“ چنڊ ابري ايندو ۽ اهو پوڙهو پارڪري ڪولهي ڏڏو شوڪارو پري، يادگيرين جي رستي تان رلندو روئندو پنهنجي گهر جي انهي ڪچي اوٽي تي اچي نڪرندو جتي پٽ تي پاڳوٺي هٽي، پر ۾ ڪتابن ۽ اخبارن جا ٿهڻ ۽ ان تي ڀاڻوريءَ جو گيڊيو (لڪڻ) رکيو ڪجيءَ جي پاشاني تو پيءَ ۾ مليشيا جي ڪپتن ۾ ڪپهہ جي ڀهي جهڙي اڇي ڏاڙهي سان ڪو عجيب آدمي ڀاڄهر جي رب پيي ۽ راسوڙا ڀڏي رهيو آهي. تنهن ڪلجڳ جي ڪاپڙي جي اندر ۾ ڇا هي، ڪولهين کي ڪو پتو ناهي- پر انهن اڇوت انسانن کي ايترو پتو آهي، تہ محبت جي ڏڪار ۾ هو سندن لاءِ ”مهاڏيو“ اوتار ٿي آيو آهي. جيڪو سندن ڪارڙي حياتيءَ ۾ رنگ پريندي پنهنجي حياتيءَ جا سڀ رنگ وڃائي چڪو آهي.

روپلي جي راڄ ۾ انگريزن سان ڪارڙي ٽتر جيئن پڙڪيون ڏئي وڙهندڙ ڪولهين کان روپلو تہ وسري چڪو آهي، پر اهو مسڪين نہ وسريو آهي جيڪو جهان خان کوسي مان ڦري ”مسڪين“ تڏهن ٿيو هو جڏهن هو پوليس جي نوڪري ڪندو هو. جڏهن ٽر م ڏڪار اچي ڏند ڪڍيا، تہ پارڪر جا ڪولهي لڏا ڪاهي، ڪنهن سٺائي سفر تي نڪتا. جنهن پوليس جي چوڪي وٽان هو گذري رهيا هئا تہ اتي رئيس جهان خان ٻہ جمعداري ڪندو هو. پوليس وارن جڏهن انهن ڪولهين کي تنگ ڪيو تہ جهان خان جيءَ جهلي نہ سگهيو ۽ پنهنجي ڪمائيءَ ديوان ٿهلرام سان ٺڪرجي پيو ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نيٺ انهي سرڪاري نوڪري جي نيٺر مان نڪري "مسڪين" جو تاج پائي اچي عوامي نوڪريءَ کي لڳو جيڪا آخري ساهه تائين سندس لکن جا سانوڻ وڃائيندي رهي. اهو شايد 1937ع جو سال هو جڏهن هي ساميءَ ويريءَ جي ڪوسن جي گهمناٽي نڪ جو گهوٽ پنهنجي ڏاڏاٽي ڪرت ڇڏي، عوامي عشق ۾ اڙجي ويو ۽ پوءِ فائيل ڪلهي تي، گيڏيو ڪڇ ۾ مس ڪپڙي هٿ ۾ پويان مسڪينن جا ولر ۽ مسڪين اڳ ۾. ڪڏهن رات رڻ ۾ ته ڪڏهن اجهو ميرپورخاص واري عثمانيه هوٽل ۾. اهي آفيسون، اهي آفيسر، اهو مسڪين ۽ اهي ماڻهو ڪڏهن ڪنهن وڏيري سان پيو ويڙهه ڪندو ۽ ڪڏهن ڊِي سي سان پيو جهيڙيندو. ڪم وارو ماڻهو مسڪين کي نه ڳولي، مسڪين ڪم واري کي پيو ڳولي. سندس هيڊ ڪوارٽر گهڻو ڪري ميرپورخاص هوندو هو جو اهو اڳوڻي ٿرپارڪر ضلعي جو هيڊڪوارٽر هو. عثمانيه هوٽل جو فرش مسڪين جو وڇاڻو هو جتي اچي رات جو رين بسيرو ڪندو هو. ٽرين جا وڳ لٽل هوندا هئا، جيڪي هو صبح جو اٺين ريلوي اسٽيشن تان وڃي پٽڪي گوڏ وارا ڏسي ڀاري ايندو هو. جن سان رات جون رهاڻيون، ڪي وٺي جون واڌايون ۽ سانوڻ جا سماچار وٺبا هئا ۽ صبح جو اهو ٿي پنڌ. اهو ٿي پانڌي ڏينهن جو بادلن جيئن پٽڪندڙ مسڪين رات جو ٿر بابت اخبارن لاءِ ڏگها ڏگها ڪالم ۽ دردوندن جون دُ خواستون لکندو هو ۽ پرهه جو پکين سان گڏ جاڳي عثمانيه ڪان آفيسن ڏانهن ويندڙ رستن تي ٽٽل سليپر مان نڪتل رڙين مان ڪيهه اڏائيندو ڪٽر ڪٽر ڪندو سڌو سرڪاري عملدارن جي سامهون اچي بيهندو هو. ڪنهن کي اناج جون پرمٽون، ڪنهن جي پنين جا کاتا بدلرائڻ، ٿر جي بيروزگار نوجوانن جا ڪٽڪ ساڻ ڪري انجنيئرن جي آفيسن جا چڪر ڪاٽي، ڪنهن کي بيلداري ته ڪنهن کي تبديلي وٺرائي ڏيندو ڪڏهن لوڪل باڊيز جي آفيس ۾ مسڪين جي گهل گهل پئي پوندي ته ٿر ۾ ڏڪار آهي. ڪوهه ڪوٽرائي ڏيو ترايون ٺهرائي ڏيو. انهن خفن مان جي ڪجهه گهڙيون ملِيس ته سڌو ميڊيڪل اسٽورن ۽ ڊاڪٽرن ڏي ڊوڙ ڪندو ڪٽان دوائون پيو وٺي، ڪنهن ڊاڪٽر ڪان انهن جون ڊسڪرپشن پيو وٺي. ميرپورخاص جي جنهن روڊ تان لنگهندو ماڻهن جا هشام پئيان. ڪي ڊاڻي هوٽلن ۾ هوندا ته ڪي مسافرخانن ۾ پيا چانهه جون چسڪيون پريندا. مسڪين تي نظر پئي ناهي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻوڙ ڪئي ناهي. ”يچ ماتي! مسڪين پيو جائي“ پوءِ ته سائين، انهن ڪٽبرن جا ڪيتا ءِ مسڪين جهان خان لطيف جي انهن سٽن وانگر ته:

تري ڀڳل، ڪنگري، تلها ڦيرا ڏي،
توڙي ڏي نه ني، ته به ڳڏي وتي سڄڻين.

سچ پڇو ته مون کي سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙو عجيب ڪردار نٿو سجهي، جنهن پنهنجي گهر تڙ کان بي نياز ٿي، سماجي خدمت ۾ خود کي ائين خاڪ ڪري ڇڏيو هجي. مون کي ٿر جي جهونن ۽ پارڪر جي پوڙهن کان مسڪين جون خبرون ٻڌي، اٽلي جو سينٽ فرانسز آف اسيسي ياد ايندو آهي، جنهن تي دنيا جي متضاد تخليقڪار ڪازان زاڪس شاندار ناول لکيو هو جيڪو جهنگلن ۾ دنيا جي متروڪ ڪوڙهه جي مرض ۾ ورتل مسڪينن جا علاج ڪندو هو ۽ حضرت عيسيٰ جو عاشق هو پر افسوس جو سنڌ ۾ ڪازان زاڪس ڪونهي، جيڪو مسڪين تي ڪو ناول لکي، جيڪو منهنجي نظر ۾ ويهين صدي جو مدر تريسا ۽ ستار ايڌي جي قطار جو سماجي خدمتگار آهي. جنهن پنهنجا گهر ٻار تڏهن ڇڏيا، جڏهن هن پوليس جي نوڪري ڇڏي، اها پوليس جي نوڪري ڇڏي، جيڪا هن جي پيءُ جي نظر ۾ سڀ کان وڏي عياشيءَ جو سامان هئي. سندس والد رئيس بجار خان جيڪو خود پوليس جو صوبيدار هو جنهن کيس انهي نوڪري سان گڏ هڪ پلو ڪميت گهوڙو به وٺي ڏنو ته جيئن سندس لاڏلو پٽ رڪيب ۾ پير وجهي، چهبڪ هٿ ۾ کڻي، ٿر جا وڻ وڄائي سگهي. پوءِ ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن ڪنهن فقير هن دل جي دارا اڳيان سڱن هڻئي ته انهي گهوڙي جي واڳ انهي واتهڙو حوالي ڪري پاڻ ٿيو پريم جي پنڌ جو راهي. پويان سندس زال سامي ويريءَ جي وٽن سان ڪانگ اڏائيندي، اجهامي وئي. کيس ڪو ڪاريهر نانگ ڪکي ويو ڪنجهندي، رڙندي، روئندي رهي، نه وريو ته مسڪين نه وريو. آئون ننگر جي ڪوسن کي سڃاڻان، جهيڙا، فساد ۽ سونٽي جي راند ته کين سُتي ۾ آيل آهي. ڪجهه سال ٿيا آهن ته ڪا ڏنڌي ڏاڙي ۽ ٻني ٻاري جي ڪئي اٿن، پيٽ ۾ کٽي ٻک پئي واڪا ڪري، پر ٻاهر ٻل ٻل پئي پوندي لوڏ اهڙي رکندا جو ماٺهو ملڪ لتاڙي اچي ڏسي. عمرڪوٽ جي ٻليلاٽين جي مشهور پوليس ڪماني رئيس ڪالي خان جي لوڏ ڏسي ته راجستان جي راجواڙن جي راٽين ۽ مهاراٽين جي واچ پئي گودو ٿيندي هئي. اج به توهان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسڪين جي سؤٽاڻ مان ننگر جي رئيس پانڌي خان جي لوڏ ڏسي اندازو ڪري سگهو ٿا تہ انگريز دؤر جا اڙبنگ ڪوسا ڪيئن هوندا. گوري سرڪار جي سموري دؤر ۾ ڪين جيڪي پارڪر جي ڪوسن توتا ڇپايا، انهن جا قصا ۽ ڪهاڻيونَ تروٽ ۽ ڪيپٽن ريڪس بہ ڪنبندي بيان ڪيون آهن. ڇهوٽڻ ڪان وٺي ڪارونجهر جبل تائين جي وچ وارن ميدانن ۾ شادي خان ڪوسي ميجر جيڪسن ۽ ميجر رائيٽ کي جيڪي رويا ڏنا، انهن کان توهان کي ننگر جا شاهاڻي ڪوسا وڏي آڪڙ سان آگاه ڪري سگهن ٿا. جيڪي توهان کي مچ تي هٿ هڻي وڏي لئي سان ٻڌائيندا تہ ٻڙتلاءَ جي بليلاڻي رئيس مير خان 1922ع ۾ اسلام ڪوٽ ۾ ڌاڙو هڻي، ڪيئن انگريزن جو آرام ڦٽايو هو. انگريز دؤر جا اهي ڪوسا ننگر جي پرمار سوڍن ۽ ڪولهين سان گڏ برطانوي راڄ سان ائين وڙهيا، جيئن اسڪاٽ لينڊ جا واريئر هٿن ۾ محبوبائن جا رومال ٻڌي وڙهيا هئا. انهن تي تہ Brave Heart جهڙي فلم ٺهي چڪي آهي، پر هنن وطن جي ويڙهاڪن راڻي ڪرٽجي، لاڌوسنگهہ رامجي، ورڻ، اڌيسنگهہ ڪلجي، پونجو مهانسگهہ روپلو ڪولهي ۽ شادي خان ڪوسي جهڙن ڪردارن تي ڪير فلم ٺاهيندو!؟ اهي وطن جا سپاهي جن مان ڪيترا انگريز عملدارن جي ڊائرين ۽ يادداشتن ۾ ڌاڙيل تي درج ٿيل آهن. ڳالهہ پئي هلي ننگر جي ڪيتائي ڪوسن جي، جن مان ڪيترائي انگريزن سان انگل دنگل ڪري وڃي پوليس ۾ ڀرتي ٿيا ۽ پوري راجستان ۾ "ڪوسو پوليس" جو نالو وجهڻ لڳو.

هاڻي توهان ٻڌايو ڪوسن جي اهڙي قبيلي مان جهان خان جهڙي قلندر ماڻهوءَ جو مسڪين تي اچڻ، ڪنهن معجزي کان گهٽ تہ ڪو نہ هو جنهن جو ڏاڏو بابو چاچا ۽ سؤٽ پوليس جي پالڪيءَ ۾ سوار هجن، هي شخص انهيءَ ڏاڏاڻي ڪرت کي لت هڻي، اچي مسڪيني جو مزو وٺي ۽ سموري عمر لطيف جي انهي سٽ جو لڪڻ هٿ ۾ کڻي رلندو وتي:

مسڪينيءَ جو مرد کي، خطرو نڪو خيال.

ڪامريڊ غلام محمد لغاري (نانگو) جي لفظن ۾ تر جي هن گانڌيءَ جو سڀ کان وڏو شغل (Hobby) اخبارون گڏ ڪرڻ هو جن ۾ لطيف جو رسالو سندس صبح جو ناشتي طور گڏ هوندو هو. انهي دؤر ۾ جيڪڏهن ڪا پراڻي اخبار ڪنهن اخباري دفتر مان نہ ملي تہ مسڪين وٽان ضرور ملندي هئي. اهو مسڪين جو سمورو وکر جڏهن عثمانيہ هوٽل تي ٿها ٿي ويندو هو تہ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ٻورين جي صورت ۾ انن جي چاري سان گڏ ٽر جي لارين ۾ بنا ڀاڙي وچي سامي ويريءَ جي ان گهر ۾ پهچندو هو جتي سندس ٻه نياڻيون ۽ هڪ پٽ سندس ورثَ جون واٽون پيا تڪيندا هئا. سندس ڳوٺ جيڪو بارڊر جي ڪنڌيءَ تي آهي، جنهن ڳوٺ جا مور شام جو ڏاٽو انڊيا ۾ چڳندا هئا ۽ رات جو اچي سامي ويريءَ تي وٽن ۾ سمهندا هئا. اهو ڳوٺ جنهن جي جنم جي چانوَ صبح جو پاڪستان تي پوندي هئي ۽ رات جو رڙهي وڃي راجسٿان پيڙي تيندي هئي. انهي ڳوٺ جا ڳوٺاڻا مسڪين جو منهن ڏسڻ لاءِ به سڪي مئا. جيڪي اڪثر مسڪين سان نه ٿيندا هئا ۽ ڪس چريو سمجهي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا. انهن ۾ سندس پاءُ غلام حيدر به هوندو هو جيڪو ڪاتڪو ڪم ڪندو هو جيڪو پوليس جي وردي پائي، پاڻ کي فوجي چوائي، وڃي ڪولهين جي واندين ۾ پوندو هو. پئسا قرڻ ڪان وٺي ڪوڙين صحيحن ۽ ڪاغذن تي سرڪاري زمينون وڪڻي فراڊ ڪندو هو. اهي ڪولهي جيڪي مسڪين جا معشوق هئا، سي معمولي معمولي ڳالهه به مسڪين کي ٻڌائين، سو هڪ ڏينهن جڏهن مسڪين کي سندس برادر محترم جي پرڪارن جو پتو پيو ته ڪيائين هم نڪا تم، سڏو وڃي ٿاڻي تان نڪتو. صوبيدار ايف آءِ آر ڪٽڻ ڪان انڪار ڪيو ته وڃي مٺي جا وڻ وساياڻين ۽ ڊي ايس پي سان جهيڙا ڪري ڀاڻس کي ڪراياڻين جيل جي پٽن پيڙو. پوءِ ته هر شنوائيءَ تي ڪولهين سان گڏ ڪورٽ ۾ ڪڙو هوندو هو. هاڻ ٻڌايو ته جڏهن هٽندو ڪکر کي ڪڙا، ته ڪوسا ڪؤنئس ته ڪندا نه. مسڪينن جي محبت جو قيدي مسڪين خود به خير سان جيل جا چڪر ڪاٽي آيو ٿيو ائين جو 1956ع ڌاري ڏيٽي نه ونٽي ڪي پنج سؤ ڪن سرڪاري ڪامورا ۽ زميندار مسڪين خلاف "غنڊا ائڪٽ" جون درخواستون اپيون ڪري ويٺا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه سال ڪيس سخت پورهئي سان ڪورٽ سگوري سزا ٻڌائي، جنهن مان مادر ملت فاطمه جناح جي مهربانين سان قائداعظم جي پرائيويٽ سيڪريٽري خورشيد بئريسٽر جي توسط سان ضامن تي سال ڪن جي سزا ڪاٽي آزاد ٿيو ۽ ننگر ڪان ڪراچي تائين جا پنڌ ۽ شنوائين جو ته ڪو ڇيهه ئي نه هو. اهو خورشيد بئريسٽر جنهن انهي مهرباني ڪانپوءِ به خط لکي تپائيندو رهيو ته "بيلي! ٿرين جي ڪا واهر ڪريو". خورشيد جڏهن آزاد ڪشمير جو صدر ٿيو ته هن ڪيترائي خط لکي ٿر لاءِ ڊولپمينٽ اسڪيمن جي گهر ڪئي ته صدر پاڪستان ڪان منظور ڪرائي. اهو ئي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مسڪين نہ فقط خورشيد بئريسٽر ڪي پر ان وقت وڏن وزيرن، گورنرن ۽ اسيمبلي ميمبرن کي خط لکي، ڪالم لکي يا تارون ڪري ٽڙپائيندو هو تہ ٽر کي واهہ کوٽي پاٽي پهچايو وڃي، ريل، بجلي، ٽيليفون، اسپتالون، اسڪول ڏنا وڃن.

هو جيڪو ٽر لاءِ تازي جيئڻ تنواريندو هو ميڊيڪل اسٽورن تان دوائون خريد ڪري پهچائيندو هو سو جڏهن قضا هٿان قابو ٿي بيماري جي حالت ۾ سول اسپتال چار شوري پهتو تہ ڪو مسڪين جي مام پرکڻ وارو بہ ڪو نہ هو. يونيورسٽي ۾ ڪجهہ جيئي سنڌ جي شاگردن سچي عمر جهان لاءِ جهول جهليندڙ ماڻهو لاءِ صدائون ڏنيون. پر انهيءَ ديس مسڪين کي پاروتي ٽڪر جيئڻ پري ڪري ڇڏيو هو. جنهن لاءِ هن پنهنجي حياتي جي هنج اجاڙي ڇڏي، مون کي سندس ياتني عباس کوسي ٻڌايو تہ بيماري جي بستري تي ٽر جي برسات لاءِ بادليا ڳائيندڙ ماڻهو جو مڙه ٿي ڏينهن سول اسپتال جي وارڊ ۾ واهر لاءِ واجهائيندو رهيو. پوءِ جڏهن ڪجهہ رئيسن کي رحم آيو تہ ڪٽائي جڏهن سامي ويريءَ پهتا تہ سچي عمر خوشبوءَ پکيڙيندڙ عطار جي لاش ۾ ايتري بوءَ هئي، جو پانهون لوڏيندڙ پروچن عطر ڇڙڪي پوءِ غسل ڏئي مٽي ماءُ حوالي ڪيو.

ڪالهہ انهيءَ ماڻهوءَ جي ورسي هئي، ڪنهن سنڌ جي امير پير جي وصال جو ڏينهن نہ پر سنڌ جي مسڪين جي ورسي هئي، جيڪا حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪنهن عاليشان هوٽل بجاءِ ڪارونجهر جي ميرانجهڙيءَ هنج ۾ ڪارڙن ڪولهين جي آڏينس ۾ ٿي. سماجي خدمت جا راڳ ڳائيندڙ ڪنهن بہ اين جي او وٽ ڇا ايترا بہ ڏوڪڙ ڪو نہ هئا، جو هو هڪڙي مسڪين جي ورسي ڪري سگهن؟ هو ائين نہ ڪن ها، جو عوام اڳيان اها ڳالهہ آشڪار ٿي پوي ها، تہ سماجي رينگٽ ۽ خدمت ۾ فرق آهي ۽ ظاهر آهي تہ اهو فرق ڪرڻ جي جرئت فقط فقيرن ۾ ٿي سگهي ٿي، مسڪين ۾ ٿي سگهي ٿي.

اڄ اڇو تہ پاڻ پنهنجي پسيل پنبڻين جا پاند لوڏي سنڌ جي مسڪين کي سڪ جو سلام ڪريون، جنهن ڪڏهن بہ مذهب جو چوغو پائي مذاق ڪو نہ ڪيا، جنهن ڪڏهن بہ پارڪر جي ڪولهين تي پنهنجي مرضي جو مذهب نہ مڙهيو جنهن اهو ڪيو جو مذهب متائي ويل ڪولهين کي ساڳيو دراوڙي دڳ ڏنو. اڇو تہ انهيءَ ماڻهو جي روح کي رابيل آڇيون، جنهن سائين جي ايم سيد جي ڪامريڊ نانگي هٿ موڪليل انهي پيغام ۾ تہ "پاڻ بابت ڪجهہ لکي ڏي" کي اهو چئي انڪار ڪيو تہ "هڪ تہ مون وٽ پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عوامي خدمت جي ايجنڊا مان بچيل ايترو تاثير ڪونهي جو پاڻ بابت لڪان، پيو تہ ڪا هستي هجان تہ لڪان نہ، هڪ مسڪين تي چا لکان، سائين ڪي چئجو تہ مسڪين کي معاف ڪري“

سوچيو تہ هن سماجي خدمت جي نالي ۾ ڪيڪڙاٽ ڪندڙ خدمتگارن عرف فنڪارن جي دوڙ ۾ سنڌ کي هڪ مسڪين جي ڪيڏي نہ گهرج آهي. جيڪو تر جي ذڪار لاءِ ايترو دانهين ها، جيترو سنڌ جون سموريون سياسي، سماجي تنظيمون ۽ سنڌ جون سڀ اخبارون بہ نہ دانهي سگهيون. اڄ سنڌ کي ڪٿي مسڪين ياد هجي يا نہ هجي، پر اڄ ڪارونجهر جي ڪولهين کي آسمان تي نچندڙ ڪڪرن ۽ ميگهہ ملهارن کان وڌيڪ مسڪين ياد هوندو جنهن ڏانهن هو پنهنجون گليل جهڙيون اکيون ڪٽي فقط ايترو چوندا هئا:

”مشڪين! تمي امان را پگوان شو“.

(مسڪين! تون ئي اسان جو ڀڳوان آهين)

◘◘



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# هڪ رات، جنهن ۾ حليم باغيءَ
# جو اندر ڄام شورو ٻڌجي ويو

اسان لئہ سهائيءَ جو سر ڄام شورو
پلي ڪو اڏي گهر وڃي ڪهڪشان ۾.

ڪو وقت هو جڏهن ڄام شوري کي "ڪيٽي ڄام شورو" چيو ويندو هو ۽ اهو ڄام شورو سنڌ جي قومپرست سياست جو نيوڪليئس هو جڏهن عشق اليڪٽران وانگر ڦيرا ڏيندو هو. هي اهو دؤر هو جڏهن اسٽيج تان ڪنهن انقلابي شاعر کي شعر پڙهڻ لاءِ سڏيو ويندو هو تہ پنڊال جي چئني ڪنڊن تان هٿيارن جا منهن کُلي ويندا هئا ۽ هڪڙي ٽنگ تي ٽورڙو زور ڏئي هلندڙ شاعر، هڪڙي هٿ سان مائيڪ جهلي، ٻيريان مائيڪ ۾ آزمائشي ڦوڪ ڏيندو هو ۽ ٻيو هٿ چيلهہ تي رکي، شعر پڙهڻ لڳندو هو:

رت ديس تنهنجي راهہ ۾، جي ڦڙو ڦڙو ٿي وهي وڃي،
تنهنجو بہ قرض لهي وڃي، منهنجو نصيب بہ ٺهي وڃي.

۽ هيٺ پنڊال ۾ ڊبل گهوڙا بوسڪيءَ جي ڪپڙن سان ويٺل ليڊر ۽ فلڪ بوس نعرا هڻندڙ ڪامريڊ مجون وٺي داد ڏيندا هئا ۽ من ٿي من ۾ پاڻ کي هوشوءَ ۽ روپلي جو نئون روپ سمجهندا هئا. هي اهو دؤر هو جڏهن قومپرست سياست جي گرمي سٺ ڊگري تائين پهتل هئي ۽ انهي گرميءَ جو پد ماپڻ لاءِ حليم باغيءَ جي شاعري ٿرماميٽر جو ڪم ڏيندي هئي. جڏهن حليم ڄام شوري جي اسٽيج تان "ڪو انقلاب ساٿيو" جهڙي نظم سان سنڌ سان مخاطب ٿيندو هو تڏهن سنڌ جي نوجوانن جا سيئي رستا "سن" ڏانهن ويندا هئا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيترين سمبارا جهڙيون الهڙ ۽ بيقرار ڇوليون سن جي پرسان سنڌوءَ ۾ نچنديون هيون، ايتريون ئي آزاديءَ جي ڪنوار لئہ بيچين آسون روحل واءِ جي پڌر تي جمن دريدر جي من ۾ تڙپنديون هيون. اهو جمن، جيڪو جڏهن سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگره ۾ "وٺي هر هر جنم وربو مٿا مهراڻ ۾ ملبو" ڳائيندو هو تہ سنڌ جي سيد جو روح "الست بربڪم" جي الهامي آوازن وٽان جاڳندو هو ۽ سنڌ جي سينڌ تي پنهنجي عشق جو سنڌور ڀُرڪي، "همہ اوست" جي پولارن ۾ گم تي ويندو هو. اهو دريدر جو ڪلام ٻڌي سائين جي ايم سيد جو "آواڳُون" جي عقيدي ۾ يقين جڙڻ لڳندو هو. هو سنڌ سان پنهنجي عشق جا جنم ڳڻڻ لڳندو هو ۽ آخر ۾ حساب جمن دريدر جي سٽن جي برابر وڃي بيهندو هو. تڏهن لطيف جي اها سِٽ تہ:

نئين سج نئون، مون کي ورهہ ويڙهيچن جو.

سائين جي ڳهريل ڳلن تان ڳوڙها اُگهڻ لڳندي هئي ۽ سائين جون اکيون انهي آرسيءَ جيان ٿي وينديون هيون، جتي محبتون پنهنجي ڇهرن جا زخم ڳڻينديون آهن.

اسيءَ واري ڏهاڪي جا شروعاتي سال حليم جا سال هئا. جنهن ۾ هو بغاوت جي هاءِ پچ تي هو. جڏهن هو اسٽيج تان پنهنجي نظمن جا بم گولا اڇلائيندو هو تہ ڪامريڊن جي اندر ۾ هڪ ٽوڙ ڦوڙ ٿيندي هئي ۽ سنڌ جو نقشو پنهنجي حدن جو تعين ڪرڻ لڳندو هو. ۽ هزارن جو پنڊال اُٿي بيهي تاڙيون وڄائي هن شاعر جو استقبال ڪندو هو تڏهن عبدالواحد آريسر "امر ڪوٽ جو نئون ميندرو" چئي، حليم جو تعارف ڪرائيندو هو ۽ انترويو وننڊڙ ڪانئس مومل بابت پڇندا هئا تہ هن جو خيال فارميسي ڊپارٽمينٽ جي ليبارٽرين ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳندو هو. سنڌ جي ڪارڪنن حليم کي بي انتها پيار ڏنو ۽ حليم انهن کي بي شمار شعر ڏنا.

حليم جيڪو جڏهن هاءِ اسڪول عمر ڪوٽ جي پڳل بئنچن تي فقير منش عبيدالله پنيري سان گڏ ويهي شعر لکندو هو ۽ پوءِ سنڌالاجي جي پرسان پيلين ديوارن واري ڊپارٽمينٽ فارميسي جي بئنچن ۽ ڏاڪڻن تي ويهي جڏهن شاعري ڪندو هو تڏهن ماٺهو ڪيس ساحر لڌيانوي سان پيٽيندا هئا. جيڪو لڌيانہ ڪاليج جي ديوارن تي ويهي پنهنجي سِڪ محبوبا ايشور ڪور لاءِ شعر لکندو هو ۽ هڪ رات جي چانڊوڪي جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪمائي هن ڪي "پرڇائيان" جهڙو شاهڪار نظم ڏنو جيڪو ڪيترن ئي سالن تائين ساحر ايئن ياد پڙهندو هو جيئن حليم پنهنجو طويل نظم "پريمي جو سوال ۽ پريمڪا جو جواب" بنا ڪنهن بريڪ جي پڙهندو هو ۽ نظم جي سحر ۾ لڙهندڙ ماڻهو نظم جي پس منظر ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪندا هئا۔ ۽ اهو پس منظر هڪ ڪهاڻي هو هڪ دلڪش ۽ درد انگيز ڪهاڻي، جيڪا هڪ مجسم جواني هئي ۽ اها جواني حليم جي پريمڪا هئي. نظمن جو ٽائيٽل هئي ۽ هڪ لازوال درد هئي. جنهن ڪي اڄ به حليم ٽر جي ٿوهرن پرسان پنهنجي اندر ۾ جوڳيئڙي جي گل وانگر جهوليندي محسوس ڪندو آهي. اهو درد، اها قاتل جواني، جڏهن چاندني جهڙي سفيد ائپران ۾ فارميسي جي ڪاريڊور ۾ ٽڪ ٽڪ ڪندي داخل ٿيندي هئي ته حليم پنهنجي قميص جا بٽڻ ٺيڪ ڪندو هو ۽ پنهنجي روايتي سادگيءَ کي سونهن تي آشڪار ڪري، لان جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪنهن گل مهر يا ڪنهن گلاب جي سايي ۾ پنهنجي روح ۾ قاتل محبت جي ڪنڊي کي نظمن جي دامن ۾ ٽنبڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ اها ڪوشش جڏهن "شهرِ جانان" جي صورت ۾ سامهون ايندي هئي، ته عاشقن جا ٽاڪ لڳي ويندا هئا ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو نظم ڪيترا ئي گهورن جا گهايل پنهنجي ڊائري ۾ گلن جي لمس سان مهڪائيندا اچن:

اڙي شهر جانان! ڪي توکي سنيارون؟
ته شاعر جون گذريون هتي پنج بهارون
هي جوڏن جي سينن جئن فراخ رستا
هي يوڪلپٽس جون نه ڪٽندڙ قطارون
هي وک وک تي منهنجي پياريءَ جا پاڇا
هي ڏگ ڏگ تي آنچل سندس جون اڏارون.

۽ ايئن وقت جو ٽاڪيو ويڙهبو ويو حليم شعر لکندو ۽ پڙهندو رهيو. پر انهيءَ وقت اهو ڪنهن به ڪونه ٿي ڄاتو ته هزارن جي پنڊال جي تاڙين جي ردم تي شعر پڙهندڙ ديواني شاعر لاءِ تاريخ ڪنهن واڻئي واپاري وانگر حساب ڪرڻ لڳندي ۽ زماني جي ڪوڙ جي تڪنچي، هڪ حساس دل ۽ پريشان ذهن ماڻهوءَ جي عقل جا ريشمي ڌاڳا ڪٽيندي ويندي ۽ هو سائين جي ايم سيد ۽ اڇي ائپران واري ڇوڪريءَ جي عشق جي حضور مان ترڪي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڃي جهانگير ڪائوسجي سائيڪاٽري انسٽيٽيوٽ تائين پهچندو. اهو ڪنهن تي ڇاتو تہ هن جو عشق ٿي هن سان اهڙو اوچو مذاق ڪندو ۽ هو عقلمند ماڻهن جي دنيا ۾ ديوانن جي لسٽ ۾ لکجي ويندو؟ اهو واقعي ڪنهن بہ ڪونہ سوچيو هو تہ سندس يارن جو هڪ ٻوڪ تہ "سائين جي ايم سيد گذاري ويو آهي" ٻڌندي ئي هو پنهنجي عقل جي ڪٻاڙ خاني مان نڪري ويندو ۽ متس عشق جا باقي مرحلا از خود آشڪار ٿي ويندا.

اها آسي واري ڏهاڪي جي وچ واري عرصي جي ڪٿا هڪ دفعو وري پاڻ کي دهرائي ٿي ۽ هي ٻاجهر جي مانيءَ جهڙو سادو ماڻهو هڪ دفعو وري فرزانن جي محفل مان بيدخل ٿئي ٿو ۽ ديوانگي ڪيس ساغر صديقيءَ وانگر گلي لڳائي ٿي. روحل واءِ جي ڪچي اوٽي واري اڱڻ تي اڪيون ڪولينڊڙ حليم، هن سال جي سانوڻيءَ جي مند ۾ جڏهن تر پاٽياريءَ جي گهاگهر چلڪڻ سان پسي پوندو آهي، تڏهن هڪ رات الائي ڪهڙي آس ۾ اکيون پوري ننڊ جي هنج ۾ لهي ٿو ۽ ڪو ظالم خواب سندس نيڻن جي سرزمين تي ڪرشن واري مهاڀارت ڇيڙي ٿو ڇڏي ۽ پرهہ ويل ڪرڻن جي دستڪ سان ڪلنڌڙ نيڻن جون دريون هڪ انوکي روشنيءَ کي دعوت ڏين ٿيون، جنهن کي دنيا ديوانگي چئي ٿي. پر حليم سندس مامي جمن دربدر اڳيان آواڳون جو فلسفو دهرائڻ لڳي ٿو پُنر جنم تي ڳالهائڻ لڳي ٿو ۽ آئون سوچيان ٿو تہ ڪاش! سائين جي ايم سيد جيئرو هجي ها ۽ هن عاشق ديواني جون اهي ڳالهيون ٻڌي ها تہ يقيناً ڪيس صوفين جي رستي ڏانهن وٺي وڃي ها. "جنم جنم" جي عاشقيءَ جا اسرار سمجهائي ها ۽ ماڻهن جي بي مروت ۽ بي وڙين ڳالهين جي زهر کان بچائي وٺي ها. پر ڇا ڪجي، سن اڄ سنسان آهي ۽ ماڪ سنڌوءَ جي ڪناري تي هڪ قبر مٿان حليم باغيءَ جا ڳوڙها ڪٽي ماتم ڪري رهي آهي.

وقت جو ٿهر ڏسو تہ جنهن شاعر قومي تحريڪ کي شعر ڏنا، عاشقن کي نظم ڏنا، ڄام شوري کي سِٽن جا سجدا ڏنا، مائٽن کي ڊگرين جا ڍير ڏنا، بي فارميسي ڏني، ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ڏني، ايم ايڊ ڏني، اهو زمانو جنهن کي هن گيتن جا هار پارايا، تنهن هن کي ڇا ڏنو؟ هڪ ارڙهن سؤ روپيا پگهار واري پرائمري ماستري ڏني، عذاب ڏنا، ديوانگي ڏني، ڇترون ڏنيون، ڇا ڏنو؟ زمانو حليم باغيءَ جي قرض ۾ ڪارو ٿيل آهي. حليم جا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان سڀ قرضي آهيون. حفيظ قريشيءَ جونيئر سميت سڀ دوست قرضي آهن، جيڪي هن کي هڪ شاعريءَ جو مجموعو بہ نہ ڏئي سگهيا آهيون. پر اڄ هن جي ديوانگي اسان کي موت جهڙيون ميارون ڏئي رهي آهي، جيڪي مظهر لغاري ۽ منهنجي روح ۾ خنجر جيان لهي رهيون آهن.

اڄ سڀ حليم کي ديوانو چوڻ جا ملزم آهن، پر ديوانگي ۽ عاشقيءَ جي رشتي کي سمجهڻ جا ايئن منڪر آهن، جيئن ملان قوي سرمد کي عاشق مڃڻ کان انڪاري هو. ديوانگي ماڻهن جي ميارن تي پورو نہ لهڻ جو نالو آهي يا ايئن ڪٽي چئون تہ ماڻهن کان مٿي ٿيڻ جو نالو آهي، جنهن کي فانوس جهڙي فرزانگي جا شوقين ديوانگي چون ٿا، جيڪا ڪيوپڊ ديوتا جي ترڪش مان نڪتل تير جي گهايل آهي. ديوانگي خود غرضيءَ جي خول مان ٻاهر نڪرڻ جو نالو آهي. جيئن خليل جبران چيو هو:

Madness is the first step towards unselfishness. Be mad and tell us what is behind the veil of "Sanity". The purpose of life is to bring us closer to those secrets and madness is the only means.

(ديوانگي بي غرضيءَ ڏانهن پهريون قدم آهي. اوهين ديوانا ٿيو ۽ ٻڌايو تہ عقل جي پردي جي پٺيان ڇا آهي ۽ اسان کي انهن اسرارن جي ويجهو آڻڻ ئي زندگيءَ جو مقصد آهي ۽ ديوانگي ان جو وسيلو آهي.)

عقل جي پردي کي چاڪ ڪري آيل حليم رڳو عاشق ئي ڪونهي، رڳو شاعر ئي ڪونهي، رڳو ديوانو ئي ڪونهي، پر پٿرن جي ديس ۾ اڪيلو آئينو آهي ۽ هو عاشقيءَ جي زلفن جو اسير آهي. هو هاٿوڪي ديوانگي واري دؤر کان پوءِ درگاهن جا ڏڱ وٺي ٿو. بلڪل ايئن جيئن جي ايم سيد وٺندو هو. روحل کان وٺي نماڻي شاهہ تائين راتيون هن راڻي کي الائي ڪهڙي مومل ڏانهن وٺي ٿيون وڃن، جنهن جو اندازو ڪرڻ لاءِ ناتر جهڙو ذهن نہ کپي، پر سسئيءَ جهڙي دل گهرجي. روحل فقير جيڪو حليم جي گهر جي اڱڻ جي بلڪل سامهون آهي، جيڪو ڀڳتي تحريڪ جو تسلسل هو جيڪو ڪبير، دادوءَ ۽ نانڪ جو نئون روپ هو تنهن جي سيراندي حليم هميشہ پنهنجي دل ۾ درد جي دونهين دکائي وڃي ويهندو هو ۽ ڪيس سندس ئي لفظن ۾ دنيا جي دانهن ڏيندو هو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاڳي پريت پيا جي سون، اؤر بات سڀ پولي،
اتني ڪوڪوج ڪهيو نهين جاوي، سيج بني پر سولي،
دنيا همارا درد نہ جاني، بيدردي ڪيا بوجهي ري

۽ ڪهڙي خبر تہ روحل جو روح ٻن سؤ سالن جو سفر اورانگهي هن ديواني جي دل تائين پهچي سندس پٺي نپيندو هجي؟ ڪهڙي خبر؟ ڪير ڄاڻي تہ انهي خواب واري رات سندس اندر ڄام شورو تي ويو هجي ۽ هڪ دفعو وري اها اٿپران واري ڇوڪري سندس دل کي فارميسي ڊپارٽمينٽ سمجهي گهڙي آئي هجي، جنهن لاءِ هن پنهنجي هاٽوڪي عجيب ڪيفيت ۾ ڪهڙيون نہ شاندار سِٽون لکيون آهن:

منهنجو سورج جڏهن تو نگاهون ڪٽي،
هرڪو سورج مُکي نيڻ پوريو ڇڏي

اڄ بہ حليم جي اندر ۾ ڄام شورو جوان آهي، ڄام شوري "واري" جوان آهي. اڄ بہ جڏهن پدمات جي پٽن تي فطرت جي ڪنوار سانوڻيءَ جي گهاگهر ڇلڪائيندي آهي، تہ وڻن جي هوا ساڙيلي تي پوي تي. اڄ ڇهيل جسمن کي ڇوڙين جا ڇڪ جوانيءَ جو احساس ڏياريندا آهن ۽ اهڙي ڪافر رت ۾ بہ هن ڪوي جي من ۾ هاسي سنگهہ سوڍي جي تلڪ جهڙو چنڊ ڄام شورو تي ڪڙي تو ۽ هو پاڻ کي روحل واءِ جي ڪچي اوٺي تي ستي بہ انٽرنيشنل هاسٽل جي ڪنهن روم ۾ سٽل محسوس ڪري ٿو يا وري فارميسي ڊپارٽمينٽ ۾ اٿپران واري ڇوڪريءَ اڳيان پنهنجو الوداعي نظم سڏڪندي، پڙهندي محسوس ڪري ٿو:

منهنجي دؤر جا حسينو! اي نفيس نازنينو!
منهنجي زندگي اوهان سان، منهنجي شاعري اوهان سان.

هن ڄام شوري ۾ ويهي ايئن نظم لکيا آهن. جيئن ورڊس ورٿ ليڪ ڊسٽرڪٽ تي ويهي لکيا. حليم کي ڄام شوري سان اٿاهہ عشق رهيو آهي. هو سدائين مون کي چوندو آهي تہ جيڪر وقت اجازت ڏئي تہ دل چوي ٿي تہ حياتيءَ جا پڇاڙڪا ڏينهن يا تہ ڄامشوري ۾ گذاريان يا وري ڪارونجهر جي ڪور تي گهاريان. پر خواهشون ڇا تيون ڪري سگهن؟ سڏن جون ڪيتريون ئي موسمون آيون ۽ لهي ويون، پر وقت وري بہ وقت آهي. ماٺهوءَ جي سيني ململي مرادن کي ارڙهن سؤ روپين واري ماستريءَ جي بانتي ۾



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ويڙهي ٿو ڇڏي، ڇو تہ وقت ڪي ٿي پير آهن. جنهن جي تياس ٿي نہ ڄاڻ حليم جهڙن ڪيترن ئي ڪوين جون ڪٿائون ڪباب ٿي ويون ۽ هو وري بہ ارڙهن سؤ جي عذاب کي پنهنجي سر تي نامرادين جي دستار سمجهي، سجائڻ تي مجبور ٿي ويا ۽ وقت جي عبدالله شاهہ جهڙن والين جا لفظ "ماستر هڏ حرامي ٿي ويا آهن" سندن زندگيءَ جي ليجر تي چڙهي ويا ۽ هو فقط ديوانگيءَ جو دامن جهلي، پنهنجي شعرن ۾ اندر جي باهہ اوڳاڇيندا رهيا. جيئن حليم پنهنجي هاٺوڪي ديوانگيءَ واري دؤري دؤران عبدالله شاهہ جي بہ سال پراڻي طعني کي تحت الشعور جي ڳوتريءَ مان ڳولي ڪڍيو ۽ نظم لکيو:

اي زمانا! تنهنجا ٿورا تنهنجا پال
ارڙهن سؤ مهينو ملي ٿو سو بہ نور
"هڏ حرامي ٿي ويا آهن ماستر"
طعنا هڻندي لوڪ چئي ٿو اي حضور
"هڏ حرامي ٿي ويا آهن ماستر"
سنڌ جي "بزگير اعليٰ" آ چيو
هت اوهان جا صاف آهن پورا جناب!
شوق ڪهڙي آهي ڪئنادا نيو؟

حليم باغي جي عاشقي ۾ عاشقي نما ديوانگي سنڌ اڳيان سراپا سوال آهي. اها هر انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن گهوري رهي آهي، جنهن جي کيسي جي پنيان دل جهڙي ڪا شيءِ ڌڙڪي ٿي. اها هر انهيءَ دل ڦينڪ ۽ حسن پرست ماڻهوءَ کي گهوري رهي آهي، جنهن کي حليم جو هيٺيون شعر وڻي ٿو:

اسان جن کي پوڄيو اسان جن کي چاهيو
اهي ئي پرين دل جا مهمان ٿي ويا.

(ڇنڇر، 25 آڪٽوبر- 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# آصف، جيل ۽ جمهوريت

اهو شخص جيڪو 8 سال جيل ۾ هو، سو اڄ بلاول هائوس جي لان ۾ وينل آهي. زرداري بلوچ آهي (پاڻ چوي ٿو آئون نٿو مڃان) ۽ بلوچ سنڌ جي لوڪ شاعري ۽ ثقافتي تاريخ جا جبرا ڪردار آهن، جن کي لطيفي لات جمالياتي اوج ڏيڻ سان گڏ سنڌ جي ماڻهن جا محبوب ڪردار بڻائي ڇڏيو. ماڻا، مهڻا، ڏوراپا، سسئيءَ جا سور ۽ سنيها سڀ آريءَ جي اولاد سان وچي گڏيا. لطيف جو انصاف ڏسو جو سسئي سان هيڏا ويل وهائڻ کان پوءِ به ڪين دعائون ٿو ڏئي:

جتا! شال جيو جيو تان جاڙون ڪريو.

بينظير ته اها سسئي هئي، جنهن کي پاڻ ملير جي مارئي کان وٺي سياست جي سورٺ چوڻ تائين ڇا ڇا نه ڪونيو. جيڪا جڏهن 86ع ۾ هوا ۾ هٿ لوڏي، هوائي جهاز مان هيٺ لٿي ته پاڻ سنڌي ماڻهن لاءِ اها سياسي ڪاڪ جي راڻي جي تصوير ۽ تسلسل ٿي سامهون آئي هئي. ان دؤر جي پنهون ۽ هن دؤر جي پنهونءَ ۾ فرق رڳو اهو وڃي رهيو جو ان دؤر جي پنهون کي ڏير اُٺ تي چاڙهي، سسئي کان ڇني ڪيچ مڪران وٺي ويا، پر هن دؤر جي پنهون کي هن ملڪ جا "ڏاڍا ڏير" ڏک ۽ ڏاکڙا ڏيئي به جهڪائي ۽ جهوري نه سگهيا. توڙي جو سندس پيرن ۾ قيد جا ڪڙا ۽ نيئر وڌائون، پر آصف سڀ جوکا پنهنجي جيءَ تي ڪٽي سسئي سان سگ ڳنڍيندو اچي. اڄ اها سنڌي ماڻهن جي سياسي سسئي ملڪ کان ٻاهر جلاوطن آهي ۽ پنهون به ڏينهن اڳ ڏگهو قيد ڪاٽي آزاد ٿيو آهي، جنهن سان وقت جي والين ڏک



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيڻ ۾ ”ڏيرن“ واري ڪار ڪئي، پر ٻاروچاڻي ٻار پنهنجي ٻروچڪي روايتن ڪي پاڙي ڏيندي، ”مڙڻ ۽ موٽڻ“ کي مهڻو سمجهي، مُڇ تان هٿ نه هٽايو.

پنهنجي ڦوهه جوانيءَ واري دؤر ۾ ڪراچيءَ جي ڪشادن رستن تي تيز رفتار ڪارون هلائڻ، يارن سان ياريون نڀائڻ ۽ گهوڙن تي چڙهي پولو راند ڪرڻ ۾ دل وندرائيندڙ آصف علي زرداري اڄ سياسي بساط جو هڪ انتهائي سنجيده ڪلاڙي آهي، جيڪو پنهنجي ڪالهوڪي ”اسپورٽس مين“ ۽ ڊان جوان (Donjuan) واري اميج کي الهڙ وهيءَ جو انگل ۽ آرو سمجهي، نئين دؤر جي نزاڪتن کي وقت جي تقاضا مطابق ڊيل ڪري ٿو. پر 8 سالن تائين هن ڪابه اهڙي ”ڊيل“ نه ڪرڻ چاهي، جنهن سان بينظير ڀٽو يا سندس پارٽيءَ تي ڪو منفي اثر پوي. مير رسول بخش ٽالپر وانگر هر وقت مُڇن تي هٿ گهمائيندڙ هر نئين ملندڙ ماڻهوءَ جو پهرين نظر ۾ جائزو وٺي سندس نفسيات کي ڪيسي ۾ رکڻ جو ڏانءُ خوب ڄاڻي ٿو.

سٺ واري ڏهاڪي جي اوائلي دؤر ۾ هن پهريون ڀيرو ننڍڙي پنڪي عرف بينظير ڀٽو کي تڏهن ڏٺو هو جڏهن هوءَ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پيءُ سان انگريزي فلم ”زواگو“ جي پريميئر شو تي آئي هئي. اهوئي پنجويهه سال پراڻو تصور ۽ عڪس هو جنهن ڪيس پنهنجي دؤر جي سڀ کان مقبول ۽ عوامي شخصيت سان همسفر بڻجڻ جو خواب ڏيکاريو. آزاد ڪڪر جهڙي زندگي گذاريندڙ آصف، شاديءَ جو فيصلو تڏهن ڪيو جڏهن سندس گهر وارن طرفان پنهنجي اڪيلي پٽ جا هٿ پيلا ڪرڻ جي خواهش تيز پڙڪو ڪاڏو ۽ هو نيٺ پنهنجي 25 ساله پراڻي تصور کي والدين اڳيان پنهنجي جيون ساٿي طور منتخب ڪري ويٺو. سندس والده جي سڳي سؤٽ ذوالفقار علي ڀٽي جي وڏي ڀاءُ جي گهر ۾ هجڻ ڪري ڀٽو خاندان سان سندن سٺي رسم و راهه به هئي، جنهن ڪري اهو سڱ تيڻ سٽائو تي پيو. بينظير ڀٽو پنهنجي ڪتاب Daughter of the East ۾ هڪ جڳهه تي لکيو هو ته ”مون سان شادي حقيقت ۾ ڪنهن ماڻهو لاءِ اعزاز نه، پر خوفناڪ خواب آهي.“ مون کي ڪنهن ٻڌايو ته، ڪنهن سر ڦرئي ٻروچ انهيءَ شاديءَ جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ اتر سنڌ جي ڪنهن هوٽل جي ديوارن تي لڳل بينظير ڀٽو جا فوٽو اهو چوندي ڦاڙيا ته هيءَ نينگري اسان جو ننگ آهي، هاڻ هن جا فوٽو ڀتين تي ڪين ”جڳائين“. پوءِ هن چرئي ٻروچ کي ڪنهن سالم دماغ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سمجھايو تہ انھيءَ نينگريءَ کي ھن نگريءَ کو مقتل جو مسافر وڪٽي ويو آ، ۽ لڪين ماڻھن جي دلين تي اھي فوٽو چنبڙيا پيا آھن- تنھنجي غيرت ڪيترا فوٽو ڦاڙيندي.

مون هُن کي جيترو پرکيو آھي، ان ۾ مون کي ھو ھڪ پڪو راڄائتو ماڻھو لڳو آھي، جيڪو چور ۽ پاڳيءَ کي اڪ ڪڪڙي ڪري پل کن ۾ پروڙيو وني. مون ڏٺو آھي تہ ھن جي اندر ۾ ھڪ ڳوٺاڻو ٻروچ اڃا جيئرو آھي، جيڪو جديد دنيا جي رنگينين ۽ رعنائين ۾ مئو ناھي. جيتوڻيڪ ھن ھڪ انتھائي ماڊرن زندگي گذاري آھي ۽ دورنگي دنيا جي ھر دلڪش ادا ۽ انداز کي ويجھي کان ووڙيو آھي، پر تنھن ھوندي بہ ھو چاھي نوابشاھ ۾ ھجي يا واشنگٽن جي وائيٽ ھائوس ۾، پر پنھنجي سڃاڻپ نٽو وڃائڻ چاھي. ٻاروچو پٽڪو ٻڌي جارج بش سان ھم ڪلام ٿيندڙ رئيس آصف علي زرداريءَ جي اندر ۾ ھڪ قوم پرست سنڌي بہ سلامت آھي. اڄ ھن تي جيڪي انيڪ اڻ چيل ۽ آن آفيشل الزام آھن، انھن ۾ ھڪ اھو بہ آھي ۽ ظاھر آھي تہ اھا ڳالھ ھن ملڪ جي سياسي ۽ اقتداري اسٽيج جي "پلي بيڪ سنگرز" کي ڪيئن ھضم ٿيندي تہ ھن ملڪ جي اقتدار ۾ ايندڙ سڀ کان وڏي سياسي پارٽيءَ ۾ ھڪ مضبوط ماڻھو اھڙو بہ آھي، جيڪو صنعتي ۽ معاشي حوالي سان محروم رھندڙ سنڌ کي پاڇيرو ڪرڻ گھري ٿو جيڪو سنڌ جھڙي نڌڻڪي صوبي جي بيروزگار نوجوانن کي حساس وفاقي ادارن ۾ نوڪريون ڏيارڻ چاھي ٿو ۽ اڄ سنڌس پوڳنا ۽ عذاب ۾ ھڪ حصي طور اھو سبب بہ ڪارفرما آھي. سچي ڳالھ آھي تہ آئون ساڻس ملي حيران ٿيندو آھيان، تہ ھڪ اھڙو ماڻھو جيڪو پنھنجي بينظير ڀٽو سان لائون لھڻ کان اڳ واري سموري زندگيءَ ۾ نہ ڪڏھن ڪو پختو سياسي ماڻھو رھيو ھجي، جنھن جي نہ ڪا سياسي يا نظرياتي وابستگي ھجي، اھو ماڻھو ھيڏو ڊگھو عرصو ھڪ ڪربناڪ قيد جي سفر سان ايڏي گھري ڪمٽمينٽ ڪيئن ٿو ڏاري سگھي، سا بہ ھڪ مڪمل پرسڪون، بااعتماد ۽ باھمت انداز سان. ھن وقت تائين سندس خلاف داخل ڪيل سمورن مقدمن کي ڀرپور حوصلي ۽ قانوني انداز سان منھن ڏيندو آيو آھي، جنھن ۾ سندس ڪردار سندس وڪيلن کان وڌيڪ اثرائتو رھيو آھي. مون جھڙي انداز ۾ ھن کي ڪورٽ سڳوريءَ ۾ ججن کي Face ڪندي ڏٺو آھي، ڀانيان ٿو تہ جي ھو رھائي کان پوءِ سياست ڇڏي قانوني صلاحڪار ٿئي تہ ڪيترن ڇڳن پلن وڪيلن جا



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪارا ڪوٽ لهرائي سگهي ٿو. چوندا آهن تہ ماڻهو جيترو جيل، جنگ، محبت ۽ مسافريءَ ۾ سکي ٿو ايترو ہي زندگي نٿي سيکاري سگهي. هو جيل ۾ جيترو سکيو ۽ پڙهيو آهي، ايترو هو شايد حياتيءَ ۾ هڙ حاصل ڪري نہ سگهي ها. جيل سان هن جي پختي ياري، هن کي اڄ هڪ انتهائي پختو ۽ ميچوئر سياستدان بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪو عالمي صورتحال تي انٽرنيشنل افيئرز جي ڪنهن ماهر تجزيي نگار وانگر ڳالهائڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اهو سڀ سندس سلاخن سان پڪي سنگت هجڻ جي مهرباني آهي، نہ تہ هو رڳو پرائيم منسٽر هائوس ۾ اهو ڪجھ پرائي نہ سگهي ها.

اها حقيقت بہ آهي تہ هو گذريل پنجاهہ سالن ۾ اقتداري سياست ڪندڙ سياستدانن ۾ سڀ کان سينيئر قيدي آهي، جيڪو بينظير ڀٽو سان شادي ڪرڻ کان پوءِ واري 16 سالن جي عرصي ۾ 11 سال سلاخن پويان گذاري چڪو آهي.

مٿي پيش ڪيل سندس شخصي خاڪي کان پوءِ توهان ڇا ٿا سمجهو تہ آصف جي سياسي سوچ ۽ اپروچ ڪهڙي هجڻ گهرجي؟

آصف جو سياسي ڪردار تڏهن کان جڙي ٿو جڏهن اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ”ڊيل“ ذريعي آزادي ماڻي. ان وقت ماڻهن جو ڌيان فوري طور تي آصف ڏانهن ويو تہ شايد آصف هن کان وڌيڪ مضبوط سياسي ماڻهو آهي، جيڪو آزاديءَ جي قيمت تي پنهنجي سياسي اميج جو سودو نٿو ڪرڻ چاهي. تيو بہ ايئن ئي، جو لاڳيتو ڪيترا ئي ڀيرا آصف کي موقعا ملندا هئا، جهڙا موقعا نواز شريف وارن کي مليا. پر هن اهڙن هڙني موقعن کي هڪ سياستدان جيان ڊيل ڪيو. واٽڙي نموني ”ڊيل“ نہ ڪيو۔ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هاڻي جڏهن زرداري جيل کان ٻاهر آيو ۽ چئي ٿو تہ هو هڪ سياسي ماڻهو آهي، تڏهن سياست ۾ هو ڪهڙو ڪردار ادا ڪندو؟ مان سمجهان ٿو تہ هن مهل سياسي طور تي مجموعي طرح وڏي ۾ وڏو چئلينج اهو آهي جو عوام جو سياسي پارٽين مٿان اعتماد ناهي رهيو. خاص طور تي پيپلز پارٽيءَ اندر ڪارڪنن جو پنهنجي اڳواڻن تان ويساهہ ختم ٿي ويو آهي. آصف کي سڀ کان پهرين تہ اهو ڪرڻ گهرجي، جو ڪارڪنن جو اعتماد بحال ڪرڻ جون ڪوششون ڪري، پارٽيءَ کي نئين سر آرگنائيز ڪري، جيڪا عام ڪارڪنن جي جذبي ۽ اسپرٽ کان سواءِ ري آرگنائيز ٿيڻ ممڪن ڪونهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ آصف بلاول هائوس جي لان تي شاميانو هڻي عام ڪارڪنن سان ملڻ جي جيڪا روايت وڌي آهي، سا روايت عارضي طور تي نہ هجي. انهن ڪارڪنن کي ڳلي سان لڳائڻ جو مدو رڳو ايستائين نہ هجي، جيستائين اقتدار جي مسافت هجي. پر اهو هڪ مستقل رويو هجي. جيئن ڪارڪنن ۾ اهو اسپرٽ هڪ ڀيرو وري پيدا ٿي سگهي، جيڪو 80ع واري ڏهاڪي ۾ ڪارڪنن اندر هو. ڇو تہ ڪنهن بہ عوامي پارٽيءَ جو اصل روح ۽ سرمايو ڪارڪن ئي هجن ٿا.

آصف جي مستقبل جي ايجنڊا ۾ اها سوچ بہ هجڻ گهرجي تہ هو پوليٽيڪل ووٽ کي جيئرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. پارٽيءَ اندر ان ڪلچر جو خاتمو آڻڻ گهرجي تہ چئن وڏيرن جا ووٽ آهن. تہ پوءِ ڪهڙي پرواهہ! ووٽ سياسي هجڻ گهرجي، پوءِ وڏيرا پارٽيءَ ۾ هجن يا نہ، پارٽيءَ تي ڪوبہ فرق نہ پوندو. ايئن هڪ پارٽي جنهن لاءِ عوامي هجڻ جي دعوي ڪئي وڃي، سا وڏيرن جي محتاجيءَ کان بچي پوندي. ان سان نہ رڳو پارٽيءَ جون مجبوريون ختم ٿي وينديون، پر حقيقي ليڊرشپ ۽ ڪارڪنن وچ ۾ جيڪو گئپ آهي، سو بہ گهٽي ياڳي ختم ٿي ويندو. هاڻي تہ موروثي طور سيٽن جي ورهاست بہ ختم ٿيڻ گهرجي. اها سوچ تبديل ٿيڻ کپي تہ جتي 20 سالن کان هڪڙن مخصوص خاندانن کي ٽڪيٽون ڏنيون پئي ويون آهن. جڏهن اهي خاندان ايتري ڊگهي عرصي ۾ عوام ۾ پارٽيءَ لاءِ ڪو ويساهہ قائم ڪرڻ بدران ويتر ان ويساهہ کي هاڃو رسائيندا رهيا آهن، تہ ڇا انهن کي اڄا 21هين سال بہ آزمائجي؟

(اربع، 24 نومبر _2009ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# چاچو شاهنواز ڪنهن جو قيدي آهي؟

حيدرآباد جي بدنام زمانہ سينٽرل جيل جو ڏگهو لوهي گيٽ کليو ته ٻہ قيدي مسڪرائيندي ٻاهر اچن ٿا. انهن مان هڪ سنڌ جو ڪلين شيو قوم پرست آهي ۽ هڪ اهو ڪلاسيڪل وڏيرو آهي، جنهن جي اڄي مُڇَ مياڻيءَ جي ميدان ۾ هوشوءَ جي تلوار جيئن ڦڙڪي رهي آهي. ٻنهي جي ڳچين ۾ گلابن جا ڳاڙها هارَ پيل ٿا. ٻئي ساڳئي ڪيس مان ضمانت تي آزاد ٿي اچن ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي ويڙهي ڏي واپس ورڻ لاءِ روانا ٿين ٿا. ڀھريون ڪلين شيو قوم پرست تہ خير خوبيءَ سان گهر پهچي ٿو پر سنڌ جو اهو ڪلاسيڪل عوامي وڏيرو جيل جو جيئن ئي ٻاهريون در ٽپي ٿو تہ سندس هٿن جون هيراڪ هٿڪڙيون ٻيهر سندس ڪراين ۾ پون ٿيون ۽ ڪيس گرفتار ڪندڙ ڊي ايس پي ڪو اغوا جو ڪيس ٻڌائي، پنهنجو فرض عرف سرڪاري رسم پوري ڪري ٿو۔ ۽ چاچو شاهنواز هڪ ڀيرو وري ويجي سلاخن جو ساٿي ٿئي ٿو جن جي پٺيان هن ڪجهہ لمحا ڀھرين سنڌ جي ڏکن جا ڏينهن ڳڻيا هئا، ۽ سکن جون سڪائون ڪيون هيون.

توهان جي يادگيريءَ جي لاءِ اها ڳالهہ بہ رڪارڊ تي رکي ڇڏجي تہ ڪيس اهو ئي ڊي ايس پي انهيءَ اغوا ڪيس ۾ ڪيس ندامت سان نيئر وجهي ٿو، جنهن کي چاچي شاهنواز خود انهيءَ ڪيس جي لاءِ جاچ آفيسر مقرر ڪرايو هو. جنهن خبر ناهي ڪهڙن ڳجهن حڪمن جي پوئواري ڪندي، سنڌ جي عشق جي اسيريءَ مان اغوا جي ڪيس ۾ قيد ڪيو. چوڻ وارن تہ انهيءَ ڏينهن چيو هو تہ سندس گرفتاري جيڪا انهيءَ ڏينهن عمل ۾ آئي، تنهن جا سبب ڪافي عرصو اڳي تڏهن ٺهي چڪا هئا، جڏهن هو سندس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن اخبار ۾ پاتاريداريءَ جي حوالي سان چيپل اسٽوري خلاف حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪرڻ آيو هو ۽ هو اتي حيدرآباد جي ساٿس حجتي صحافين ڪي اهي سڀ حقيقتون پنهنجي روايتي ڪري انداز ۾ ٻڌائي رهيو هو. بعد ۾ اها اندروني حقيقت اخبارن جي سُرخي نہ ٿي سگهي، تہ جڏهن هو سگهاري اداري جي ڪنهن ابهري عملدار جي حرڪتن جي ڪري وڏندڙ امڪاني بدامنيءَ جي دانهن ڪٽي، سنڌ جي آءِ جي پوليس وٽ ويو تہ توهان ڪو قدم کڻو تہ آءِ جي سندس فرياد تي اهو ئي قدم ڪنيو جيڪو سندس سرڪاري فرضن ۾ هو ۽ نيٺ چاچو شاهنواز زندان جي زلفن جو اسير ٿيو. اهي سٽون لکندي ۽ سندس گرفتاريءَ جي سموري حقيقت جو پتو هوندي، الاءِ ڇو فيض جون اهي سٽون چاچي شاهنواز جي پڙهڻ لاءِ پيش ڪرڻيون پيون پون تہ:

*یہ ہمی تھے جن کے لباس پر، سرِ رہ سیاہی لکھی گئی،*<br>
*یہی داغ تھے جو سجائے ہم، سرِ بزم یار چلے گئے.*

چاچو شاهنواز جوٽيجو سنڌ جي وڏيرڪي نسل جو هڪ ناياب ماڻهو آهي. هو سنڌ جي ڪلاسيڪل وڏيرن جون سموريون ڪلچرل روايتون رکندي بہ انهن جهڙو ناهي. هو نهايت ئي مختلف آهي. فجر مهل ڪڪڙ جي بانگ تي اک کولي، گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ جهلي، ٻنيون گهمندڙ ماڻهو منجهند جو ڪنهن سياسي گڏجاڻيءَ ۾ ملڪي سياست تي ڳالهائيندي نظر ايندو. اڳي ڪڪڙن ۽ ڪتن جو شوقين شاهنواز اڄ فقط پلن گهوڙن، ڍڳن، گهوڙي سوارن ۽ "مڙس ماڻهن" جو عشاق وڃي رهيو آهي. هالا ۽ ملتان جي مخدوم ڪان وٺي ڪنگري جي پير تائين، جرڳائي جاگيردارن ۽ سردارن ڪان وٺي بينظير ڀٽو تائين ڪرو سچ چوندڙ ۽ ساڳي زبان رکندڙ شاهنواز ڏنل ٽائيم تي پهچڻ جو ايترو ئي پابند آهي، جيترو ڪو انگريز عملدار ۽ ويسٽرن واپاري ٿي سگهي ٿو. دارونءَ جي پيگ ۽ مُجرن جي جهنڪار ڪان ڪوهين ڏور رهندڙ ماڻهو سنڌ جي راجوڻن فيصلن جو سڀ ڪان وڏو امين سمجهيو وڃي ٿو. بلوچستان جي سردارن ڪان وٺي شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد جي جاگيردارن ۽ قبيلائي سردارن تائين سندس اڻ ڏرئي امين هجڻ واري ساڳي ساک آهي. ڪارو ڪاريءَ جي واهيات رسم جو سڀ ڪان وڏو مخالف چاچو شاهنواز سنڌ جي ٻين جڙتو جاگيردارن ۽ وڏيرن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وانگر "فيصلا فِڪسنگ" جو قطعي قائل ڪونهي. ايتري ساک اٿس جو سندس لاءِ مشهور آهي ته فيصلي ۾ جي سندس پٽن روشن ۽ گل مان به ڪو ڏوهاري ثابت ٿئي ته ان کي به نه بخشيندو. هو ذاتي دشمنيون به ڪافي حد تائين درگذر ڪرڻ جو قائل آهي. ان ڳالهه جي تصديق لاءِ سڀ کان وڏو مثال اهو به ڏئي سگهجي ٿو ته مرهيات ڄام صادق عليءَ جي سموري دور ۾ هو سندس عتاب جو شڪار رهيو. مرهيات کان جيڪا به تڪليف پڳي، انهيءَ ڪيس نوازڻ ۾ نه گهٽايو. پر جڏهن ڄام صاحب جي وڃڻ جي ويل آئي ته چاچو شاهنواز جيل مان سڌو ڪينسر ۾ وڪوڙيل هڏن جي مُٺ ٿيل، سندس پراڻي يار ۽ نئين دشمن ڄام صادق کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي روئي ويٺو ۽ پنهنجي دلدار دشمن جو شرمسار چهرو ڏسي، چئي ڏنائين ته "تون فڪر نه ڪر، هي عداوت تنهنجي اولاد تائين اچڻ نه ڏبي. پنهنجي دوستي ۽ دشمني تنهنجي دم سان هئي". ۽ تي سگهي ٿو ته اوڏي مهل چاچي شاهنواز جي چهري تي فيض جي اها سٽ به سڏڪندي هجي ته:

*ميرے قاتل، ميرے دلدار ميرے پاس رهو.*

جيتوڻيڪ مان اڄ تائين چاچي شاهنواز سان مليو ناهيان، پر ساڻس ملڻ جو اشتياق سدائين اندر ۾ رهيو آهي. مان ته هن کي فقط چند شاديءَ جي دعوتن ۾ سانوڻيءَ جي گوڙ وانگر پنهنجي مخصوص انداز ۾ گڙندي ڏٺو آهي ۽ تازو "سنڌو بچايو ڪانفرنس" ۾ سندس نئون قوم پرست روپ پسيو آهي، پر ڪيس ڏسڻ وارن ته گهوڙن جي ميل ۾ لغام هٿ ۾ جهلي اجرڪ جي پٽڪي ۾ ڪنهن پلي گهوڙي سوار وانگر گهوڙو ڊوڙائيندي به ڏٺو هوندو ته ساڳي شاهنواز کي ڪنهن فنڪشن ۾ جديد رومانوي شاعريءَ تي داد ڏيندي به ڏٺو هوندو. نثار کوکر ته ڪيس اتر سنڌ جي جرڳن ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ هٿ ڪٽي آڊينس کي ڊسيپلين ۽ آرڊر ۾ آڻيندي ۽ سردارن کي به سٽ پٽيندي به ڏسڻ جو شاهد آهي. سنڌي پريس جي فوٽوگرافرن جي شولڊر بيگ ۾ سندس پوليس موبائيل ۾ هٿڪڙين سان ويٺل وڏيري شاهنواز جا مختلف پوز به پيل آهن، جيڪي سنڌ جي اڄوڪي هن قومپرست ۽ وطن دوست وڏيري جا نوان روپ آهن.

اهو سچ آهي ته مون مٿي ڪيترا ئي پيرا شاهنواز کي نه چاهيندي به ڄاڻي واڻي وڏيرو ڪري لکيو آهي، جڏهن ته مون کي پتو آهي ته ڪيس لفظ وڏيرو سٺو نه ٿو لڳي ۽ سنڌ جي صحافين کي هو وڏيرو لکڻ کان جهليندو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ هو پنهنجيءَ ذات ۾ ڪيترا ئي گڻ رکندي، اڄوڪي سنڌ جي ”وڏيرن“ جون شڪليون ڏسي، وڏيري لفظ کان ونءُ وڃي ٿو. پر آئون وڏيري لفظ جي سموري ماضيءَ جو ادراڪ رکندي، ۽ ان جي مثبت ۽ منفي پاسن کي سمجهندي ۽ جاگيردارن، پوتارن ۽ سردارن کان ڌار ڪندي، ڪيس وري بہ ’وڏيرو شاهنواز‘ لکان ٿو. ڇو تہ منهنجي سامهون هو صوبيدارن ۽ مختيارڪارن جي مانَ ۾ تتر ترائي، مڏ آڇيندڙ گلم جي تورڇي وڏيرن وارو ڪردار ناهي، پر هو ماضيءَ جي مزار ۾ دفن ٿي ويل انهيءَ سنڌ جي راڄن جي چند رڄ مڙسن جو آخري عڪس آهي، جيڪي راڄن جا رکپال هئا، راڄ جي نادار ناٽين جا نماڻا پيءُ هئا، مسڪينن ۽ يتيمن جا پرجهلا هئا. منهنجي سامهون انهن جا ڪيترا ئي مثال آهن. جيڪي انگريز دور ۾ چارلس نيپيئر جي چاپلوسي ڪري نواب، بهادر خان صاحب ۽ خان بهادر جا خطاب وٺندڙ جاگيردار نہ هئا، پر اهي صدين جي ثقافتي تسلسل جا امين هئا، جن جي سڀ کان وڏي وٽ سندن ويڙهو هو. وٽن جاگيرون نہ هيون، مسڪيناٽو راڄ هيو. اهو وڏيرو سنڌ جي ڳوٺاٽي مڊل ڪلاس جو حقيقي مظهر هو جيڪو قطعي بہ پوليس پراڊڪٽ ۽ مختيارڪار ميڊ نہ هو پر جيڪو پنهنجي ذات ۾ نياءُ جو هڪ پورو نظام هو. ميان ٿو تہ انهن مڙني مثبت لاڙن سميت منجهس ڪيترا ئي منفي پاسا بہ هئا. (جنهن تي وري ڪنهن ٻئي پيري بحث ڪبو.) انهيءَ وڏيري جو قومي حوالي سان ڪو سياسي، نظرياتي ۽ علمي رول نہ هو پر هو انهن انگريز اسپانسرڊ آقائن کان ڪيترا ئي درجا بهتر هو پر وقت جي واچوڙي ۾ انهيءَ وڏيري جا سڀ قدر ڪک پن ٿي اُڏامي ويا. انهيءَ وڏيري کي ختم ڪرڻ ۾ جيترو هٿ نيپيئر جي نياز مندن جو هو ايترو ئي هٿ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن سياست جي سوداگرن ۽ هن ملڪ جي پس پرده موسيقي ترتيب ڏيندڙ پوتارن جو بہ آهي، جن مارشل لائن ۾ هٿرادو پاتاريدار تيار ڪري، ڪين ريڊي ميڊ ڌاڙيل ۽ دهشتگرد مهيا ڪري، ”وڏيري“ لفظ کي ايترو تہ خوار ڪيو جو اڄ چاچي شاهنواز جهڙا ماڻهو بہ ”وڏيري“ چوڻ سان چڙڪن ٿا. آئون سدائين اهو لکندو ۽ چوندو رهيو آهيان تہ وڏيرو لفظ خراب ناهي ۽ نہ ئي ڪو بہ ٿي سئو ايڪڙ ٻني رکڻ وارو وڏيرو ٿي سگهي ٿو پر انهيءَ گندي نفسيات ۽ رويي گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ وڏيري جي نالي ۾ جنم ورتو آهي، جنهن کي فقط زمينن ۽ ڳوٺن سان واڳي نہ ٿا سگهون. آئون تہ اڄ بہ شهرن ۾ ڪيترا ئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سوٽيڊ بوٽيڊ وڏيرا ڏسان ٿو. اها سماجي سيٽ اپ ۾ ٽوڙ ڦوڙ فقط ڳوٺاڻي سماج ۾ نه آئي آهي، پر اها سڄ شهرن ۾ به وسي ٿي. جهڙي نموني سان سنڌ ۾ ڪرپشن جي ڏُن مان هاٺوڪو پڙهيل لکيل نام نهاد مڊل ڪلاس پئدا ٿيو آهي، اهڙو ئي نسل سنڌ جي ڳوٺاڻي سماج ۾ اڃوڪي وڏيري طور به پئدا ٿيو آهي، جن جو ايمان فقط پئسو ۽ پاور آهي، جن جو قومي مسئلن ۽ سماجي شعور ۽ ترقيءَ سان انهيءَ نام نهاد پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس وانگي ذري جو به واسطو ناهي. اهو جيڪو ڪجهه چڱا عنصر پنهنجيءَ ذات ۾ رکندڙ وڏيرو هو ڪڏهوڪو مري ويو. اڄ رک بچي آهي، جيڪا سنڌ جي اڄڙيل سينڌ ۾ واريءَ وانگر اُڏامي رهي آهي.

آئون ذاتي طور تي جاگيرداري نظام جي قطعي حق ۾ ناهيان ۽ انهن روين کي سماجي ۽ قومي شعور ۽ ترقيءَ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ سمجهان ٿو پر آئون انهن مان به ناهيان، جيڪي محض فيشن طور اسان جي اڄوڪي ڊرائنگ رومي دانشورن وانگر وڏيري لفظ کي خواريءَ جو ڪارو سمجهن ٿا، پر انهيءَ نفسيات جي تهه تائين نٿا وڃن، جنهن جون ڪيتريون ئي جهلڪيون آئون خود انهن دانشورن ڪان ويندي، انهن قوم پرستن ۾ به پسان ٿو جيڪي اڄ سنڌ جي تسبيح پڙهندي به نٿا ٿڪجن.

سنڌ اڄ پنهنجي تاريخ جي انتهائي بدترين دور مان گذري رهي آهي. پاڻي زندگي آهي، ۽ سنڌ مان زندگي موڪلائي رهي آهي، پر اڄ انهن سمورين دردناڪ حالتن ۽ حقيقتن هوندي، نه ئي اهو نام نهاد مڊل ڪلاس رستن تي آيو آهي ۽ نه ئي اهو زميندار طبقو تحريڪ جو حصو ٿئي ٿو جن جون زمينون ويران ٿي رهيون آهن. پر اهو طبقو موت جهڙي ماٺ جو شڪار آهي، جنهن کي چاچو شاهنواز جيل وڃڻ کان اڳ فون ڪري اجتماعي غيرت ڏيارڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو ته "بيلي ڏاها ٿيو آبا! گهر چڏي ٻاهر نڪرو سنڌ سڙي پئي. هاڻ اهو وقت اچي ويو آهي، جو پاڻ سنڌ جو قرض لاهيون". پر مجال آهي، جو ڪو به پوتار پتر پيچي ڪٽي به اڏ ڪري، اجا سنڌ ۾ ڪارين جو ڇيهه ڪو نه ٿيو آهي، جو هو قومي تحريڪ ۾ اچي چاچي شاهنواز وانگر سلاخن ۾ سڙن. اجا ته پوتارن کي "ڪارين" جا قبرستان ٺاهڻ واري ڪم کان به فرصت ناهي ۽ اهي صاحب ضرور شاهنواز جي انهي ڪانفرنسن ۽ مارچن ۾ وڃڻ واري عمل کي "وڏيري جي بيوقوف حرڪت" چئي، چٿرون ڪندا هوندا. پر وقت اجا ويو ناهي، اڄ به خدا جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪين مَت ڏئي، ۽ هو ٻه وکون ڪٽي، رڳو چاچي شاهنواز جي رستي تي اچن، ته مون کي يقين آهي ته سنڌ کي هاڻوڪين حالتن مان نڪرڻ جا گس ملي سگهن ٿا. مون کي خبر ناهي ته چاچو شاهنواز انهن صاحبن مان ڪيترو پُراميد يا نااميد آهي، جو سندس گرفتار ٿيڻ کان پوءِ انهن مان ڪنهن به هڪ پوتار جو سندس حمايت ۾ يا گرفتاريءَ جي مذمت طور بيان نه آيو آهي، جن جي جرڳن ۾ هو سڄي عمر پنهنجي امانت جو امتحان ونندو رهندو آهي. سندس حمايت ۾ فقط چند قوم پرستن جا بيان ڇپيا آهن باقي سڄي سنڌ خاموش آهي. آخر ڪنهن اهو سوچيو آهي ته جڏهن ٻيا اڳواڻ آزاد ٿي ويا، ته سنڌ جي هن واحد پوڙهي قوم پرست وڏيري کي آخر ڪهڙي اهڙي ڏوهه ۾ قيد رکيو پيو وڃي؟ شاهنواز جو قصور رڳو اهو آهي ته هن سڌي لائن ورتي آهي، سچي واٽ ورتي آهي ۽ هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن هي سنڌ ۾ ڪنهن تحريڪ لاءِ متحرڪ ٿيندو ته ٿي سگهي ٿو ته سندن همدردن ۽ خاموش حمايتين جو انگ ڪٿي گهٽجي نه وڃي. هو ائين ڪري به سگهي ٿو ۽ ڪيس ائين ڪرڻ به گهرجي. مون کي يقين آهي ته جي هي سنڌ جو پوڙهو سپاهي زميندارن ۽ آبادگارن ڏي ڪهي وڃي، ته هو ڪنهن اهڙيءَ تحريڪ جو سبب ٿي ٿو سگهي، جيڪا ماڻهن کي رستن تي آڻي سگهي ٿي. هو سنڌ جي انهيءَ ڪلاس کي متحرڪ ۽ منظم ڪري سگهي ٿو جنهن وٽ ماس به آهي ته موڙي به آهي. ضروري ناهي ته اها تحريڪ يا تنظيم سنڌ جي ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي حرڪت جو هٿيار ٿئي، پر اها فقط پاڻيءَ جي مسئلي تي پير ڪٽندڙ اڻ ڏري تحريڪ هجي، جنهن جي اڳواڻيءَ لاءِ چاچي شاهنواز کان وڌ مون کي ٻيو ڪو به موزون ماڻهو نٿو سُجهي- ۽ مون کي ڪيس آڇڻ ۽ غور ڪرڻ لاءِ لطيف جي انهيءَ بيت کان وڌيڪ ڪو موزون بيت به نه ٿو سُجهي:

هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان ايءَ مرڪ،
وڃهن تان نه فرق، رُڪ وهنديءَ راند ۾.

(2اپريل- 2001ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



# زندگي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جدت آهي. اها حاصلات هزار صفحن جو "ايننا ڪيريننا" بہ تي سگهي ٿي تہ ڪجهہ سٽن جو "قبلائي خان" بہ. ننڍي ڪنڌ ۾ هزارين سالن تائين پيار تي ڪابہ سخت راءِ نہ ڪرڻ واري جمود کان پوءِ اياز جڏهن ان کي "مايا" سڏي ٿو تہ هن جي اها هڪڙي سٽ بہ جدت آهي.

پنهنجي سموري جدت جي باوجود پيار کي مايا سڏڻ هڪڙي نسبتي سچائي ٿي سگهي ٿي ۽ حد تہ اها آهي جو پيار بہ هڪ نسبتي سچ ٿي سگهي ٿو. پيار کي مايا سڏڻ سان "گلشن جي ڪاروبار" تي نہ تہ ڪو اثر پيو آهي ۽ نہ پوندو. آخري راءِ صرف تڏهن ڏيئي سگهجي ٿي، جڏهن زندگي بس اُتي بيهي رهي ۽ پنهنجو سفر بيهاري ڇڏي، پر ڪيترا ئي آخري رايا جيئن تہ زندگيءَ کي بيهاري نہ سگهن تہ بہ بيهڻ لاءِ چئي ضرور سگهن ٿا. تنهنڪري "لوڪ ۾ لڪل" تورڙي ظاهر ڏاهن آخري رايا ڏيڻ وارو ايڊونچر ڪڏهن بہ ناهي ڪيو. ظاهر آهي تہ اُهي زندگيءَ لاءِ گنجائشون ڪيڻ پيا چاهين. ڪن صورتن ۾ تہ هنن اڪين ڏٺا سچ بہ ان ڪري ڪونہ ڳالهايا هوندا، جو هنن زندگيءَ (سندن ذاتي زندگي نہ) کي ڪنهن هڪ سچ کان وڌيڪ اهم خيال ڪيو هوندو. زندگي ڪنهن هڪڙي سچائي (ظاهر آهي تہ نسبتي) کان اهم ٿي سگهي ٿي. جديد زمانن جو انصاف جڏهن موت جي سزا جي رستي روڪ ڪري ٿو تہ ان وقت بہ اُهو زندگيءَ لاءِ گنجائشون ڪيڍي ٿو. سچ ضروري آهي، پر زندگي لازمي. بهادريءَ جي علامت طور اٽڪل 200 ورهين کان دهرائجندڙ ٽيپو سلطان جا اهي لفظ اڄڪلهہ جديد ڪسوٽين تي پرکيا پيا وڃن تہ "شينهن جي هڪ ڏينهن واري حياتي گدڙ جي سؤ سالن جي زندگيءَ کان بهتر آهي." جديد زمانو پنهي مان ڪنهن بہ زندگيءَ کي بهتر نٿو سمجهي، جو ٻئي جانورن جون زندگيون آهن. بهادريءَ جو عقل سان واسطو هجڻ کپي، بيوقوفيءَ سان نہ. عقل جو اعتدال سان واسطو هجڻ کپي، انتها سان نہ. انتها جو موت سان بہ واسطو نہ هجڻ کپي ۽ زندگيءَ سان قطعي نہ.

اڄ جيڪو دنيا ۾ بنياد پرستيءَ جو چٹوبول ٻڌو ٿا ۽ ڪن همراهن کي فخريہ چوندي ٻڌو ٿا تہ "هائو اسان بنياد پرست آهيون!" سو سڀ ڇا آهي؟ هي فلسفي جو مامرو سياست ۾ ڪاهي پيو آهي. بنياد پرست اُهو آهي جيڪو ڪنهن بہ شيءِ کي آخري سچ سمجهي ليڪو ڏيئي ٿو ڇڏي، جيڪو


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي ترقي ۽ تبديلي پذير هجڻ ۾ ڪوبہ ويساهہ نٿو رکي ۽ جيڪو پنهنجي نام نهاد آخري سچ کي نہ رڳو عزيز رکي ٿو پر ٻين تي بہ مسلط ڪرڻ چاهي ٿو۔ ۽ جيڪو زندگيءَ کان سهپ ۽ تخليق جي سونهن کسي، اُن کي پنهنجي ڪڏيل ليڪي تي ٻيهاري ڇڏڻ چاهي ٿو ڪنهن بہ معاملي ۾ جيڪو شخص ان قسم جي انتها تي بيٺل آهي ۽ اهڙن روين جو مظاهرو ڪري ٿو سو بنياد پرست آهي. هاڻي ڏسو ۽ عبرت حاصل ڪريو تہ اسين ماڻهو پنهنجي روين ۾ ڪيتي ڪٽي بنياد پرست آهيون. اسين بہ ليڪا ڪڍيو بيٺا آهيون. اسان جيئن تہ هڪ ڪان وڏيڪ آخري سچايون جوڙي انهن کي هڪ ٻئي مٿان مسلط ڪرڻ چاهيون ٿا، تنهنڪري اسان جي زندگي ۽ اسان جي ننڍڙي سوسائٽي سهپ، تخليق، ترقي، اعتدال ۽ فضيلت کان خالي ٿي، گندي اروڙي بنجندي پئي وڃي ۽ خاص ڳالهہ اها آهي تہ سهپ کان خالي سوسائٽي خودڪشيءَ ڏانهن مائل هوندي آهي.

نسبتي سچاين سان اسان جي ماڻهن جي ڪابہ ملاقات ڪانهي، تنهنڪري هرڪو حرفِ آخر بنجڻ چاهي ٿو. هرڪو پاڻ کي "حرف آخر" ثابت ڪرڻ وقت پاڻ کي حقيقت پسند سمجهي ٿو ۽ اهو وساري ٿو ڇڏي تہ "حقيقت اُها چاڙهي آهي، جيڪا نڪو هيٺ تي وڃي ۽ نہ مٿي." اسان جي صوفين زندگيءَ لاءِ گنجائشون ڪڍيون ۽ شايد "عوامي نقص" امن جي خطري جي پيش نظر گهٽ بيان ڪيو ۽ ماڻهن جي وات ۾ سندن افورڊ نہ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪونہ وڌيون. هنن ڪين "مايا" ۽ "ڇايا" جون خبرون بہ ٻڌايون ۽ سيڪاريون تہ حقيقت شناسيءَ جي ڪوشش اجائي آهي. هتي "سچ۔ سچ!" تہ هرڪو ڪري ٿو پر ڇا ڪو سچ سان سچو بہ آهي؟ ڇا انسان سچ سان سچو بہ ٿي سگهي ٿو؟ ڪجهہ اضافي مثال پنهنجيءَ جاءِ تي، پر گهٽي ياڳي خلق ائين نٿي ٿي سگهي. سچ سان سچائي جيڪي تقاضائون ڪري ٿي سي شايد گهٽ ماڻهو ادا ڪري سگهن. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن "مايا" واري راءِ اچي ٿي تہ سيني کي Attract ڪري ٿي ۽ سڀ جهيڳڙا ۽ جنجهٽ ختم ٿي ٿا وڃن. "سڀ ڪجهہ دک آهي" جي صدا سان هر ڪنهن جي اڱڻ ۾ پٿر وڇائجي وڃن ٿا. دک مسلسل سفر ڪري ٿو ۽ هجڻ جو احساس ۽ نہ هجڻ جي ندامت پاڻ ۾ گڏجي جيڪا پيڙا پيدا ڪن ٿا، سا آزاد ماڻهن کي "مڪتيءَ" جي ڳولا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏانهن وٺي وڃي ٿي ۽ اُها ڳولا انسان کي بهتر ۽ خوبصورت بڻائي ٿي- ۽ حد ته اها آهي ته مڪتي به حقيقت ڪانهي، پر هڪ اهڙو مذهبي يوٽوپيا آهي، جيڪو اسان کي سندس دل جي گهراين ۾ سنوءِ بهتر بنائي ٿو ته ان تي پيار اچڻ لڳي ٿو.

"ته پوءِ حقيقت ڇا آهي؟ بلڪه حقيقت ڪٿي آهي؟" ڪابه ضرورت ڪانهي اهڙا سوال پڇڻ جي- حقيقت عقل جو پوري بيوقوفيءَ سان جوڙيل فتنو آهي. حقيقت تائين پهچڻ جي تڙپ مذهبي نه پر سائنسي سوال آهي، جيڪو هڪ ڪان پوءِ ٻئي شڪ جي صحرا مان گذرندو وڃي ٿو ۽ جيئن جيئن اهو سفر ڪري ٿو پنڌ وڃي ٿو پيڻ تي ضرب ڪائيندو. حقيقت تائين پهچڻ جي تڙپ توهان ڪان معصوم ۽ بي گناهه خوبصورتيون تباهه ڪرائيندي. اڳتي وڌڻ وقت اها خوشفهمي پنهنجي ڪپڙن ۾ ڪونه پئي ماپندي ته بس اجهو به پرانگهون پريان منزل آهي! اجهو ڇاڻ هي شاهراهه سوڙهي گهٽيءَ ۾ تبديل ٿيندي، پر اُها ته ويتر وڌندي ئي رهي ٿي ۽ "رستي مان نڪتا سؤ رستا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟" واري ڪار ٿئي ٿي. حقيقت جي تهه تائين پهچڻ دنيا جي خوبصورتيءَ جي اسرار (Mystry) کي فنا ڪرڻ آهي. تنهنڪري حقيقت شناسيءَ جو پٽڪو پائڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. جنهن رڻ ۾ عقل جو آن نڪو پاٽي ٿو ملي، تنهن جو واهي ٿي منهن مٿو پٽڻ مان ڪهڙو فائدو؟

لڳي ٿو ته اسان جون حڪومتون نهايت عوام دوست آهن. ڇو ته اُهي عوام کي حقيقتن جي ويجهو وڃڻ ڪان روڪين ٿيون. مسخري ۽ طنز پنهنجيءَ جاءِ تي، پر انهن ادارن ڪان بهرحال خيال ڪرڻ کپي، جيڪي پنهنجي مفادن لاءِ عوام کي پنيلائين ٿا. اسان وٽ حڪومت فرد به آهي ته ادارو به (معاف ڪجو ذات ۾ انجمن بہ) تنهنڪري اها جڏهن پنهنجي ڪالم نويسن ۽ نشرياتي ادارن وسيلي حقيقت شناسيءَ ڪان پڄي پري ٿيڻ جو درس ڏئي، ته ان ڳالهه کي Exception سمجهڻ کپي.

جڏهن پيار به مايا آهي ۽ روپ به مايا، ته پوءِ پي ٽي وي ڪان وٺي پارليامينٽ تائين ته يقيناً سڀ ڪجهه مايا آهي. سڀ ڪجهه اکين جو ڌوڙ آهي. اوهان جي لاءِ بس ايتري حقيقت ڪافي آهي ته ڪنهن جو حق نه ڪائو صاف سٿرا ۽ فضيلت ۾ رهو ۽ روز صبح جو اُٿي پنهنجي رب سان ڳالهائي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هي عزم ڪيو ته: ”تنهنجي مهرباني! جو تو مون کي جيئڻ لاءِ اجوڪو ڏينهن ڏنو. آئون ان ڏينهن کي زندگيءَ جو آخري ڏينهن سمجهي لاياتو بڻائيندس ۽ ان کي پوري عزت ۽ وقار سان گذاريندس!“ هر ڏينهن کي ائين گذارڻ اوهان کي بنا ڪوشش جي حقيقت جي ويجهو آڻي سگهي ٿو.

(جمعو 8 سيپٽمبر. 1998ع)

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# اڇو تہ عشق جي امام جي حضور ۾ هلون!

"اڇو سورن واريون، ڪريون سور پچار!"

اڇو تہ انهيءَ ست جي آڳر پڪڙي پنهنجي عشق جي امام جي حسن جي حضور ۾ هلون، جتي اسان جي رنجايل روح جي سيني رتل راتين جون چاندوڪيون چٽيون آهن، جتي اسان جي زنگ آلود ذهن جي اجار لاءِ امرت جل انتظار ۾ آهي، جتي بدن جي هن پڙيانگ پنيور لاءِ بانوري بهار آهي، جتي پنهنجي هٿن جي هٿان زخمي ٿيل وجود جا سڀ مداوا موجود آهن. هلو تہ انهيءَ حضور ۾ هلون تہ جيئن پنهنجون سڀ تاريڪيون تاراج ٿي وڃن، سڀ غم غلط ٿي وڃن. اڄ جيڪڏهن اسين واقعي ڪجھ ڪرڻ چاهيون ٿا تہ پنهنجي اندر جي اجري ٽيڙ جا انسٽا ڪريون تہ جيئن حياتيءَ جي اصل حقيقت پنهنجي وجود جي وساميل واڙيءَ تي پرھ جي پُروائيءَ جيان گهلي اچي. اڄ ذهن جون سڀ ڪڙڪيون پنهنجي انهيءَ عظيم خيالن واري ڪنٺهار ڏي کولي ڇڏيو جنهن هن درد هاٽي ديس کي سدائين دردن جي دوا ڏني آهي. جنهن اسان کي سمجهايو آهي تہ اسان جي سونهن جو سفر يوم الست کان هلي ٿو ۽ هلندو رهي ٿو. جنهن تنبوري جي تار تي هٿ هڻي، ڪائنات جي ٻوڙي ڪن ۾ عشق جي 'الوميان' جو آواز آلاپيو هو تہ آسمان جي نيري گنبذ مان صدا گونجي هئي تہ:

مون ۾ تون موجود، آئون اسونهين آهيان،
آئون اڳاهين آهيان.

آئون سمجهان ٿو تہ وقت جي هٿان هارايل وجود کي جي موٽ ڪاٽي آهي تہ اها لطيف ڏي ڪاٽي، جتان ابدي سوڀ جا سامان ملندا، جتان روح جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تتل قاتل رليءَ کي تڪن جهڙا تاڪا ملندا. اڄ سنڌ جيڪا وکري چڪي آهي، سنڌ جيڪا پنهنجي سفر جا سونهان الئہ ڪهڙي سچ جي اڄ ۾ مارائي چڪي آهي، جيڪا اڄ سورن جي سمڦني تي پنهنجي اتهاس جا سڀ ڪان اداس ۽ غمگين گيت ڪمپوز ڪري رهي آهي، انهيءَ کي اهو سمجهائجي تہ توکي ڪنهن بہ داسڙي جي در تي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت. تنهنجي چت جي چانئٺ تي چاندني موجود آهي، رڳو ٻاهر جون آليون اکيون ٻوٽي، اندر جون ٻوريل اکيون پٽڻ جي ضرورت آهي، تہ ڏک تنهنجي دل وٽان نڪرندا. جيئن پرين پاڻ چيو آهي:

هي جي مجازياڻيون مُنهن ۾، ديک مر تون سين تن،
ڪين سجاتو سپرين، نهاري نيڻن،
پرين سي پسن، ٻئي جنهين ٻُوٽيون.

اڄ لطيف کي ڏسڻو آهي تہ اندر جي اکين سان ڏسو. انهن اکين سان هن سونهن جي سونهين کي ڪيئن پسي سگهبو جن اکين ۾ ڪوجهائپ جا ڪتر پيا آهن، جن نظرن جي فٽ پٽي تي اسان نيرن نوٽن جا ڍڳ ماپيندا آيا آهيون، جن اکين ڪوڙ جو ڪاروبار ڏٺو آهي، جن زندگي جي خصيص خواهش جي تمنا ڪئي آهي، جن رت جون رانديون ڏٺيون آهن، جن مقدس ۽ معصوم جسمن جي عصمتن جا احرام اجاڙيا آهن، سي اکيون سچ ۽ سونهن جو سودو نٿيون ڪري سگهن۔ سو اجوڪو ڏينهن اکين ۽ دلين جي آزمائش جو ڏينهن آهي. اجوڪو ڏينهن حقيقي عشق جي حاصلات جو ڏينهن آهي. اجوڪو ڏينهن لطيف شناسيءَ جو ڏينهن آهي، جيڪو اجوڪيءَ سنڌ جي سيني مونجهارن ۽ مشڪلاتن، سيني مايوسين ۽ پريشانين، سيني انڌيرن ۽ اداسين جا علاج ڪرڻ لاءِ آتو آهي. ڳالهہ رڳو هڪ وک وڌائڻ جي آهي، انهيءَ ڳالهہ جي سمجهڻ جي آهي:

هتان ڪٽي هت، جن رکيو سي رسيون،
ساجن سونهن سُرت، وِڪان ئي ويجهو گهڻو.

ڳالهہ رڳو اها بہ ڪانهي تہ لطيف وٽ فقط سنڌ جي دردن جي دوا آهي، هن "ڪُن فيڪون" جي ڪاپڙيءَ وٽ عالم انسانيت جو علاج آهي، جنهن جو نسخو نئين ديري ۽ لالو کيت کان وٺي نيويارڪ ۽ لنڊن جي ڪنهن رهڙيل روح کي روشن گهٽي ڏئي سگهي ٿو. جنهن جو آواز ڪابل جي ڳاڙهين گهٽين کان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺي ويٽيڪن سٽي جي پاپ جان پال جي پيرن کي ساڳي پيار ۽ سونهن جي سنگهر سان سلهاڙي سگهي ٿو پر ڳالهہ وري بہ اها آهي تہ لطيف کي سمجهڻ لاءِ سياسي ۽ سرڪاري اکيون نہ گهرجن. لطيف کي سمجهڻ لاءِ آزاد پنڇيءَ جهڙيون سنياسي اکيون گهرجن. جيڪي حال کي حقيقي حسن متعارف ڪرائي سگهن.

اڄ لطيف جو ڏينهن آهي. جيڪو بين لفظن ۾ سونهن ۽ سچ جو ڏينهن آهي. جنهن کي سمجهڻ لاءِ روايتي عقل ۽ انداز نہ کپي. جنهن کي پرکڻ لاءِ روايتي فن ۽ فانوسي فلسفن جا هلڪڙا ۽ واتڙا معيار نہ گهرجن. پر هڪ زندگيءَ جيڏي نگاه گهرجي. جيڪا هن ڪائنات جيڏي فنڪار کي پنهنجي اندر جي آرسيءَ ۾ سمائي سگهي. جيڪو روايت شڪن هو. جنهن پنهنجي دؤر جي درباري شاعرن جي بُڙ بُڙ ڪنڌڙ ديگ ڏوڙ ڪري ڇڏي. جنهن انهيءَ دؤر ۾ اک کولي هئي. جنهن ۾ هر طرف فارسي شاعريءَ جو فصل ڦٽڪيون هٽي رهيو هو. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دربارن ۾ دکي ديس جي وٽن. پوٽن ۽ دردن جو ذڪر ڪو نہ هو پر ايران جي آبجو هئي. اصفحان. شيراز ۽ صحراءِ عرب جي سمن. سرو لالہ ۽ نرگس جا گل درباري شاعرن جي غلام ذهنن ۽ ڏکهن ترن وارين توپين سان گڏ نچي رهيا هئا ۽ سونين ڳينين ۽ سِڪن سان پنهنجون جهوليون سايون ڪري رهيا هئا. هن جڏهن پنهنجي سيني تي ايراني ۽ ڪابلي گهوڙن جون هٽڪارون پڏيون ۽ سنبن جا زخم ساوا ڏٺا. نور محمد ڪِلهوڙو عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پنهنجو ندامت پريو منهن لڪائي رهيو هو ۽ نادر شاه قاچاري جا گهوڙا دهليءَ جي گهٽين ۾ لهوءَ جون نديون وهائڻ بعد سنڌ جا واهڻ. وستيون ۽ ڪتب خانا اجاڙي رهيا هئا ۽ هو انهيءَ برباد منظر کي ڏسي رهي نہ سگهيو ۽ چئي ويٺو:

نہ سي ووئنڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

هن سنڌ جي سيد جو هينئڙو جڏهن ڪويتا جي ڪجرين اکين جو هيراڪ ٿي چڪو هو تہ هو هڪ پرپور باغي هو. هو هر انهيءَ روايت کي ڏوڙ ڪرڻ لڳو جيڪا ان دؤر جي ديس کي اڏوهيءَ جيان کائي رهي هئي. تڏهن تہ هو باغي شاعر اڄوڪي سنڌ کي پوڙيندڙ هر ظلمي لهر کي للڪارڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو. هو Antistream (اوپارو) هو تڏهن تہ چيو هئائين:


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اک التي ڏار ونءَ التو عام کان،
جي لهوارو لوڪ وهي، تہ تون اوچو وهہ اويار
منجهان نوچ نهار ونءَ پنيرو پرينءَ کي.

هن اهوان ڪري بہ چيو هو جو هو اسان کي ايران جي گلستان ۽ بوستان مان ڪڍي پنهنجي مويئرن، مهاٽين، جوڳين، هنجن، مورن، مڱڻهارن، ڏياچن، ڏاتارن، روهہ جي ڪونجڙين، ميگها لاءِ واجهائيندڙ ماروئڙن ۽ ڪنيبون چونديندڙ ڪتيرين ڏانهن ڪٺي آيو جيڪي اڄ اسان جي سڃاڻپ آهن. لطيف اسان جي هجڻ جو احساس ۽ سڃاڻپ جي علامت (Symbol of indenity) آهي.جنهن ڪنهن بہ ڌارئين ڪلچر ۽ ٻوليءَ کي قبول نہ ڪيو. جڏهن سنڌ چوندي هئي تہ "فارسي گهوڙي چاڙهسي" تڏهن هن پنهنجي دؤر جي پراميٽيس وڏي واڪ چيو تہ:

"جي تون فارسي سکئين، گولو توءِ غلام".

اهو سڏ، اها بغاوت، اهو اعلان، اجوڪي ڳيجهوءَ ۽ گليمر جي گولي سنڌ کي نئون موڙ ڏئي سگهي ٿو جي ڪاش! هو سمجهي، اي ڪاش! اسان جي سياسي سنڌ جيڪڏهن اهو سمجهي تہ غلامي سڀ کان وڏي گار آهي تہ هو ڪڏهن بہ ڪمپرومائيز کي پنهنجو ڪلچر نہ سمجهي. اجوڪا سياستدان ۽ جيلن ۾ بند جوان رڳو مارئيءَ جو مطالبو ڪن تہ هو ڏياچ ٿي سگهن ٿا ۽ انيراءِ جهڙي الزام هيٺ اچڻ کان اڳي ڪين ٻيجل جو چنگ عظمت جي سفر ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

اجوڪي ڏکن کي ڏهاڳ سمجهندڙ سنڌ لاءِ ڇا چئجي؟ ڪيس ڪيئن سمجهائجي تہ عشق جي امام ڇا چيو هو!

"جنهين سک ناهي ڪو چارڻ سي چئجن."

جيڪو جيون رڳو خوشين جي خيرات لاءِ تمنا ڪندو رهي، تہ انهيءَ جيون کي ڪتمني کان مٿي ڇا ٿو چئي سگهجي؟ زندگيءَ جي اصل لذت لڙڪن ۾ آهي، اصل خوشين جا ڪيپ تہ ڳوڙهن جي ڳهر ۾ آهن، لڙڪن جي لوٽيات بنا الوٽي جيون کي شايد مرشد ئي سمجهائي سگهي:

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو
سونهائي سورن، کي هيڪاندي هوت ڏي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سوچيان ٿو تہ ڪاش! اڄوڪي ڏينهن هن سورن هاڻي سنڌ جون اڪيون ڪلي وڃن ۽ هوءَ سسئيءَ جيان سفر ڪرڻ لڳي، جنهن ۾ جاڪوڙ آهي، جنهن ۾ جيون آهي. ڪاش! سنڌ جا مايوس نوجوان ڪجهہ پلن لاءِ سهي، پر خودڪشيءَ جو خيال ترڪ ڪري، هن حسن جي حضور ۾ هليا وڃن تہ ڪين خبر پوي تہ موت جو مزو ڇا ۾ آهي؟ ڪين خبر پوي تہ ماٺهو جڏهن انهيءَ سٽ جي ڏانوڻ ۾ اٽڪي ٿو تہ خمار ڪهڙا آهن؟

”مرڻ مون سين آءُ، پنيءَ تو پنڌ ڪريان.“

ڪاش! ڪپڙن جي جوڙن جيان محبوبائون مٽائيندڙ سنڌ جي نوجوانن جي اڪثريت ڪي ڏڱ ملي تہ نينهن نپٽ ڪيئن ٽيندو آهي؟ ورهہ جو واسينگ وجود کي ڪيئن ويڙهيندو آهي؟ ڪين خبر پوي تہ سڪندي شهيد ٿيندڙ سونهن جي سپاهين جي منزل ڪهڙي آهي؟

ملهہ مهانگو قطرو سڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.

ڪاش! ڪين اهو بہ پتو پوي تہ قرب ڪوري ڪيئن هوندو آهي، ۽ هو تنل دلين جا ڏاڳا ڪيئن جوڙيندو آهي؟ شال اهو سڀ پنهنجي مرشد ڏي موٽندي، هو سمجهي وٺن تہ عياشي ۽ عشق ۾ فرق آهي، ائين جيئن محبت ۽ مجبوريءَ ۾ فرق آهي، جيئن شرافت ۽ بزدليءَ ۾ فرق آهي، جيئن سياست ۽ حرفت ۾ فرق آهي. جي هنن بدي جي ڪڪر جهڙن جوانن اهو سمجهي ورتو تہ پڪ ڄاڻو تہ سندن هٿن ۾ پنهنجي محبوبائن لاءِ انهن سٽن جا هار هوندا:

ڄاءِ نہ سارو ڏينهن، هينئڙو اوٺي وڳ جيئن،
مون پريان سين نينهن، چنڻ ڪارڻ نہ ڪيو.

(آچر، 30 مئي- 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هي دردِ غريبان...

اج ڏهين محرم جو ڏهاڳ آهي ۽ توهان پنهنجون دليون غمِ حسين جي ياد لئہ خالي رکو. اج حق ۽ سچ جي قافلي جو قهر جي ڪربلا ۾ ڪسجڻ جو ڏينهن آهي ۽ توهان پنهنجي اکين جا پيالا حسيني حب جي جام لاءِ خالي ڪريو. اڄوڪو ڏينهن توهان جي اکين ۽ دلين لاءِ امتحان جو ڏينهن آهي ۽ حق ۽ سچ سان تجديدِ وفا جو وچن آهي. مونکي پتو آهي تہ توهان جي اندر جي عشق کي آواز ڏيندي، منهنجي قلم جو ماتم مون کي شرمسار ڪري رهيو آهي. مون کي اهو بہ احساس آهي تہ آئون هن ڪاغذ جي قليل حدن ۾ آلِ رسول جي ڪربلا کي ڪيئن تہ رقم ڪري سگهان. هي پني جي ڇاتيءَ تي منهنجي درد جو محدود ماتم توهان جي درد جي معراج کي ڪيئن تہ پهچي سگهي! اسان جو اڄوڪو غم انهيءَ حسين ع جي حسن جي گواهيءَ سان گڏ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت بہ آهي تہ جيسين ظلم جي ذات جا ذرا زماني جي سيني تي ڪربلائون مچائيندا رهندا، اسان پنهنجون محبتون ۽ ماتم هر دؤر جي حق ۽ سچ جي نانءُ ڪندا رهنداسين.

اڄوڪو سچ جڏهن پنهنجي هٿن تي ڪربلا جي خون جي ميندي رڱي، اسان جي غم جي سمونڊ ۾ ٽپي ڏيندو تہ اسان صداءِ حسين هڪ ڀيرو ٻيهر بلند ڪنداسين. هن دؤر جو يزيد هن ڀيري بہ دردِ غريبان هٿان موت جهڙي مات کائيندو. ڇو تہ اسان جيڪي سچ جي الک نگريءَ جا ازلي مسافر آهيون، سي سمجهون ٿا تہ سچ ۽ سونهن هر دؤر ۾ هر ڀيري پنهنجي نئين شبيهہ سان نروار ٿي اڇن ٿا ۽ اسان هر ڀيري پاڻ کي حسيني لشڪر جا آخري سپاهي سمجهون ٿا، پر اهو وساريون ٿا تہ حسين رضہ فقط "نينوا" جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نگريءَ جو نالو ناهي، حسين رضہ فقط سچ ۽ حق جو آواز آهي، جيڪو ”الحجاز“ جي تپندڙ پهاڙين مان اٿيو ۽ فرات نديءَ جي ساحلن تي پنهنجي سچ ۽ حق جا سايا ڇڏي، سموري تاريخ تي پنهنجي مقدس لهوءَ سان حق جو نعرو لکي ويو. جيڪو سرمد جي سسيءَ تي ڪرندڙ تلوار کان شاهہ عنايت شهيد جي لهوءَ تائين هر پيري نئين تاريخ رقم ڪندو آيو آهي ۽ يزيد هر دؤر جي سچ ۽ عشق جي رت سان پنهنجا هٿ رڱڻ جي رسم دهرائي آهي، پر سچ ۽ عشق جي سفر پنهنجي مقتل مان هر پيري نوان رستا ٺاهيا آهن ۽ يزيد هر پيري تاريخ جي ڊسٽ بن ۾ اڇلايو ويو آهي.

امام حسين رضہ جي ٻاهتر ماڻهن جي درد انگيز قافلي کي يزيد جي هزارين ماڻهن جي ظلم سان جنگ کي فقط ڪربلا جي سرزمين تائين محدود نہ سمجهڻ گهرجي، پر اها جنگ، اهو جهاد هر زماني جو آهي. حسيني قافلي جو يزيدي لشڪر سان جهيڙو نيڪي ۽ بديءَ جو جهيڙو آهي، ڪوڙ ۽ نفرت جو ٽڪراءُ آهي، ظالم ۽ مظلوم جي جنگ آهي، محبت ۽ نفرت جو مقابلو آهي. جنهن ۾ عارضي فتح ڪٿي يزيد جي حصي ۾ آئي هجي، پر دائمي فتح هر حسين رضہ جو حق آهي. جيئن ڪنهن اردو شاعر چيو آهي:

قتلِ حسين اصل مين مرگِ يزيد هي
اسلام زنده هوتا هي هر ڪربلا ڪي بعد

اڄ اسان انهيءَ اسلام جي ڳالهہ ٿا ڪريون، جنهن جي رڳن ۾ ’سرور ڪائنات‘ جي سيرت جي سونهن، حضرت علي رضہ جي علم ۽ بهادريءَ ۽ امام حسين رضہ جي رت جو ريلو شامل آهي. اسان انهيءَ اسلام جي ڳالهہ نٿا ڪريون، جنهن جي نالي ۾ بغداد جي بازارن کان وٺي ڪابل جي گهٽين تائين خون جا درياهہ وهندا رهيا. گهوڙن جي سنبن ڪنوارين جوانين جا مقدس سينا لتاڙيا، دارا شڪوه جو خون دهليءَ جي گلين مان نڪري تاريخ جي گلين ۾ گم ٿي ويو. اسان انهيءَ اسلام جي ڳالهہ ٿا ڪريون جيڪو هر ڪربلا کان پوءِ جاڳي اٿي ٿو. جيڪو قرباني ڪرڻ جي ڳالهہ نٿو ڪري، پر قربان ٿيڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري. جنهن ۾ سڪڻ شهادت آهي، مرڻ معراج آهي. عبادت اها آهي، جيڪا لطيف چئي آهي:

ملهہ مهانگو قطرو سڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زماني جا زور ۽ ظلم سچ جي مچ کي مات نہ ڏئي سگھيا آهن ۽ نہ ڏيندا. مون ڪٿي امام زين العابدين رضہ جي حوالي سان روايت پڙهي هئي تہ جڏهن پاڻ ڏهين محرم جي صبح جو ڪربلا جي پٽ ۾ خيمي ۾ هئا ۽ سندن پڦي بيبي زينب رضہ سندن تيمارداري ڪري رهي هئي تہ اوچتو امام حسين رضہ خيمي ۾ داخل ٿيا ۽ هيٺيون شعر پڙهيائون:

ياد هر اف من خليل، كم لك بالاشراق والاصيل،
من صاحب و طالب قتيل، والدهر لايفنع بالبديل.

(اي زمانا تنهنجو برو ٿئي، جو تون ڪهڙو نہ بيوفا دوست آهين، صبح و شام تنهنجي هٿان ڪيترا مارجيو وڃن ۽ تون ڪا رعايت بہ نٿو ڪرين.)

ڏهين محرم جو سج هر سال جي صبح سان ايري ٿو ۽ هر شام شفق جي ڇهري تي حسين رضہ جا حوالا ڇڏي ٿي ۽ انهيءَ سزاوار سانجهہ جو هر منارو نوحہ خوان هجي ٿو ۽ هر ڪهڪشان شام غريبان پڙهي ٿي. بني هاشم جي خاندان جو هيءُ شهزادو جنهن جي جگر الحجاز جي سخت پهاڙين ۽ گرم مزاج عربن جي انڌيرين راتين ۾ علم ۽ عرفان جا اهي ڏيئا ٻاريا، جو سارو جهان سندن عشق جي الاءِ ۾ اجرو ٿي پيو. جنهن جي وڏن ايام جاهليہ ۾ صدين کان تير هلائيندڙ گھوڙا ڊوڙائيندڙ نياڻين کي جيئري دفن ڪندڙ ۽ امراءُ القيس جي قصيدن تي داد ڏيندڙ عربن جي غار جهڙي زندگيءَ ۾ روشنيءَ جا نوان رنگ آندا، انهيءَ خاندان جو هيءُ شهزادو نئين دؤر جي جبر ۽ بربريت اڳيان بيعت ڪيئن ٿي ڪري سگھيو؟ جنهن جو نانو علم جو گھر ۽ جنهن جو والد علم جو دروازو هجي، سو هڪ خودپسند حاڪم ۽ آپيشاهيءَ خلاف نہ اٿي، اهو سندس اصل نسل ۾ نہ هو. خلافت جو خفت سندن ذات ۾ هجي ها تہ سندس وڏو ڀاءُ امير معاويہ اڳيان دستبرداري نہ ڪري ها. جنهن شخصيت کي مغرب جا تاريخدان دنيا جو وڏو ماڻهو قرار ڏئي رهيا آهن، انهيءَ عظيم رتبي جي تسلسل کي تخت جي بخت جي ڪهڙي ضرورت هئي. قسمت جنهن جي قافلي جي ڪنيز هجي، انهيءَ شهزادي کي شهادت جو جام ازل جو لکيو سمجهي اوٿو هو. سندس سؤٽ مسلم بن عقيل جي خط تي ڪرب۔بلا (مصيبت جي زمين) تي پهچڻ سندن منزل جي مراد هئي. ڪوفين جي بيوفائي هر دؤر جي ڪهاڻي آهي. امام حسين رضہ جي شهادت هر دؤر جي حقيقت آهي. اڄ بہ بغداد، بيروت ۽ دمشق جون گھٽيون يزيد جهڙن جابرن تي ملامتون موڪلي رهيون آهن ۽ هر بني اميہ جي گھراڻي جي فرد جو ڪنڌ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شرم جي بار ۾ جھڪيل آهي. پر اڄ بہ الحجاز جي عربن جي قهوه خانن ۾ ڪربلا جي ڪهاڻي سندن اصل جي عشق جيان جوان آهي.

ڪالهہ جڏهن نائين محرم جو سج منهنجي درد جي نيزي تي اٽڪيو بيٺو هو ۽ آئون هنن سٽن جا سڏڪا سهيڙي رهيو هئس، تہ مون کي ائين لڳو تہ ٿنڌي جهانيان جي سيدن جي ٿانئن تي ٽچڪڻ ڪان وٺي ٿنڌي ٽوڙهي جي مرزائن جي ماتم تائين، هر انداز سنڌين جي صدين جي عزاداريءَ جو اهڃاڻ آهي. لطيف جي سٽ سٽ جي اولڙي مان درد جا لياڪا اسانجي صدين جي ماتمي مزاج ۽ رُدالي روح جي گواهي ڏين ٿا. مون پڙهيو آهي تہ سنڌ جي ناري واري علائقي جو جلالي بزرگ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي بہ عجيب ماتم ڪندو هو. لئي جي هڪ وڏي وڻ تي چڙهي پاڻ کي پٽ تي ڇڏيندو هو ۽ شعر پڙهندو هو:

ناحق ڪسن ڪيئن، فرزند بيبي فاطمہ جا،
وير وٺندي سين، پاسو پٽ نہ ڪوڙيان.

سنڌ اڄوڪي ڏينهن دنيا جي درد ڪان وڌيڪ گهري درد ۾ مبتلا آهي. جنهن ديس جي لوڪ گيتن ۽ شادين جي شرنائين ۾ لڙڪن ۽ سڏڪن جا حوالا هجن، اهو ديس حسين رضہ جي حب ڪان ڪيئن ٿو غافل رهي سگهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن ديس جي هر نوحي ۽ شامِ غريبان ۾ ڪنهن نئين لشڪر حسين رضہ جي ڪنهن سرفروش سپاهيءَ لاءِ پڪار هجي. ڪير سمجهي ۽ ڪير مڃي تہ هن دؤر جي يزيد سان جهيڙڻ لاءِ بہ مسلڪ حسين رضہ جو متوالو گهرجي، جيڪو هن جو پلاند ڪري ڪو آهي، جيڪو اڄوڪي دؤر جي پڪار سمجهي. اڄوڪي پڪار جو پيار سمجهي، جيڪو سر نيزي تي رکي ائين چئي.

حسين، مين اپني ساٿيون کي سياهہ لباس ڪا نوحہ گر هون،
هماري آگي ڀي ڪربلا هي، هماري پيڇي ڀي ڪربلا هي،
حسين مين اپني ڪاروان کي جهت شناسي ڪا نوحہ گر هون
نئين يزيدون ڪو فاش ڪرنا هي ڪام ميرا
تيري سفر ڪي جراحتون سي
ملا هي مجهہ ڪو مقام ميرا،
حسين، تجهہ ڪو سلام ميرا.

(اڱارو 27 اپريل – 1999ع)

▫▫



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# "صادق" جي صدا

جڏهن توهان پٺاڻي خان جي آواز ۾ يار فريد جو "ميڏا عشق وي تون، ميڏا يار وي تون" ٻڌندا آهيو تہ ڇا محسوس ڪندا آهيو؟ ڇا ائين نہ لڳندو آهي تہ آتما جو اڇو ڪبوتر جسم جي پڃري مان نڪري آسمان جي نيري گنبذ ۾ پَرَ ڦڙڪائڻ لاءِ ...

گنبذ ۾ پڙرا هڻي رهيو آهي؟ ڇا ائين نہ لڳندو آهي تہ اهو روح، آدي جڳادي روح، جسم جي جيل ۾ ڪنهن مهمان قيديءَ جيان هو جيڪو يار فريد جي آڳر جهلي عشق جي آواره رستن جو مسافر ٿيو ۽ همہ اوست جي حقيقت واري ديس ڏانهن هليو ويو. جيئن بيدل چيو:

"سندس ساهہ پساهہ سمايو نہ سرير ۾."

خواجہ فريد کان وٺي ساڌو ڪبير تائين، لطيف کان ميران ٻائي تائين سيني روح جي جسم مان جلاوطنيءَ ڪي عشق جو آغاز سڏيو آهي. آتما جي آزاديءَ ۾ نفس جا نَوَ ڪوٽ حائل آهن، جن جي ڌهڻ سان نينهن نگريءَ ڏانهن دريون کلن ٿيون ۽ انسان صوفيءَ جي صاف ۽ شفاف اکين سان ڪائنات ڪي ڏسي ٿو.

صوفين جو پهريون سبق پنهنجي ذات جي نفي آهي. "فنا في الذات" تان ڦٽي نڪتل پيچرا "بقا باالله" تائين پهچن ٿا ۽ صوفي عشق جي چاڙهي چڙهندو ٿو وڃي. صوفي چون ٿا تہ ناسوت (انساني ويس) مان ئي لاهوت (الاهي فطرت) جي حقيقت پڌري ٿئي ٿي، جيئن منصور جو عربيءَ ۾ هڪ شعر آهي تہ:

سبحان من اظهر ناسوت
سرسنا لاهوتہ الثاقب



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(ذات پاڪ جي ناسوت سندس لاهوت جي جلون کي ظاهر ڪري وڏو).

جيئن خدا فرمائي ٿو تہ مون انسان کي پنهنجي محبوب شڪل مان پيدا ڪيو آهي، تيئن صوفي چون ٿا تہ اسان سندس محبوب شڪل مان ڪيس حقيقي رنگ ۾ ظاهر ڪيو آهي. اهو خيال وحدت الوجودي خيال آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Pantheism يعني همہ اوست (سڀ هُو آهي) چيو ويندو آهي. وحدت الوجود، اسلامي تصوف ۽ هندو ويدانت جو خوبصورت ميلاپ آهي، جنهن جو سڀ کان پهرين نظريو حضرت شيخ محي الدين ابن عربي سندس ڪتاب "فصوص الحڪم" ۾ ڏنو هو. ڪن جو خيال آهي تہ اهو تصور حضرت بايزيد بسطامي کان شروع ٿيو جنهن جو نعرو هو: "سبحاني ما اعظم شاني". تصوف جو ٻيو فڪر حضرت مجدد الف ثانيءَ جو وحدت الشهود وارو آهي، جنهن اڪبر جي دين الاهيءَ جي مقابل آندو جنهن جو نعرو آهي: "همہ از اوست" (سڀ هن کان آهي) يعني سڀ خدا کان آهي. سنڌ ۾ صوفين جي انهن ٻنهي ڌارائن جا بزرگ رهيا آهن. هڪڙا اسلامي تصوف جا پرچارڪ نظر ايندا، جن ۾ خدا ۽ رسول ﷺ جي شريعت جي ڳالهہ هوندي، تہ ٻيا اهڙا بہ آهن جن ۾ وري مذهب دوري ۽ محبت حضوري ملندي "مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا" واري خيال جا صوفي "محبت مذهب عين مبارڪ" تائين جا جلوا پسائين ٿا. سنڌ جي صوفين ۾ سڀ کان سگهاري انداز ۾ اهي اثر انداز ٿيا جيڪي وحدت الوجودي هئا. هڪڙن معجزن ۽ ڪرامتن جي زور تي پنهنجي مسلڪ کي متعارف ڪرايو ۽ ٻين شاعري ۽ سماع کي پنهنجي اظهار جو ذريعو سمجهيو. حسين بن منصور حلاج، ابن عربي ۽ بايزيد بسطامي نمايان هئا، جن عربي تصوف کي ويدانت ۽ شنڪر آچاريہ جي "برهم اسي" (آئون پاڻ برهم آهيان) واري خيال سان ويجهڙائي ڏيئي، اناالحق جي آواز تي اجا بہ اجرو ڪيو. ۽ اهو اُهو ئي خيال آهي جيڪو وحدت الوجودي صوفي بہ آواز بلند چوندا رهيا آهن. جيئن لطيف چيو هو تہ:

پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

اهو "الله آدمي بن آيا" وارو بلها شاهہ وارو خيال ڪنهن نہ ڪنهن انداز سان سنڌ جي سمورن صوفي شاعرن وٽ رهيو آهي. روهڙيءَ جي بيدل ۽ بيڪس کان وٺي نصرپور جي مصري شاهہ تائين، درازن جي درويش کان



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

وٽي "آهر" جي صوفي صادق تائين، اهو ئي خيال سندن ڪلام ۾ ڪڙو رهيو آهي. هونئن تہ سنڌ جي صوفين جي مزاج ۾ انيڪ مونجهارا رهيا آهن، جن ڪي سمجهڻ جي ڏس ۾ ڪو خاطر خواه ڪم ئي نہ ٿيو آهي. انهن صوفين جي مزاج جي صحو (عاقل سالم) ۽ سڪر (سرمستي) وارين ڪيفيتن ڪي حقيقي معنيٰ ۾ ڇهيو ئي نہ ويو آهي. تصوف تي لکڻ لاءِ هڪ ڪالم ڪافي ناهي، ان تي سيريز لکڻ گهرجي، پر اڄ اسان جي قلم جو قبلو صوفي صادق آهي، جيڪو سنڌ جي صوفين جي مالها ۾ مهڪندڙ موتئي جيان پوئيل آهي.

سنڌ جي صوفين ۾ هڪ قطار اهڙي بہ آهي، جن وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي وچ واري واٽ ورتي. جن جتي هڪڙي پاسي شريعت جي اڳڻ تي پير پاتو تہ ٻئي پاسي طريقت جي تڪيي جا بہ طالب هيا. جن جي ڪلام ۾ جتي ڪثرت جي ڪاچ جا پرتوا آهن، تہ اتي وحدت جي واديءَ جا اولڙا بہ آهن. لطيف کان وٺي صوفي صادق تائين ڪيترا ئي بزرگ انهيءَ راهہ جا راهي هئا. سچل ۽ روحل واري راهہ تي اناالحق جا منصوري آواز ڇٽا پڌجڻ ۾ اچن ٿا. جيئن لطيف چيو آهي:

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اُيا ايئن چون، متان پاند پسائيين.

اها بلڪل اهڙي آزمائش آهي، جنهن مان بغدادي عاشق منصور گذريو جنهن پنهنجي شعر ۾ چيو آهي تہ:

القافي اليم مڪتوفا وقال لہ،
اياڪ اياڪ ان تبتل بالهاءِ.

(منهنجا هٿ پير ٻڌي، مون کي درياهہ ۾ ڪٽي اڇلايائين، ۽ پوءِ چوڻ لڳو تہ پاند نہ پسائج).

محبوب جي عشق ۾ خود کي فنا ڪري، خود محبوب ٿي وڃڻ وارو خيال سيني صوفين ۾ رهيو آهي. هو چوندا هئا تہ عاشق ۽ معشوق جي وچ وارو ململي پردو عشق آهي ۽ عشق تصوف جو تاج آهي. عشق جي عقاب تي سوار ٿيل صوفي معشوق کان ڪيترو اڳيان نڪري ڪهڙي پراسرار واديءَ تائين ويا، انهيءَ جو جواب عقل ڪٿان ڏيندو؟ علم ڪٿان ڏيندو؟ اهو سُٽ جيئن اُلجهيل سوال وري بہ عشق ئي سُلجهائي سگهي ٿو جيئن صوفي صادق چيو آهي تہ:



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

الله اوراهون، ڇڏي پرانهين پنڌ پيا،
بنا نالي سپرين، اجا ڪي هيا،
واڪيندا ويا، ”صادق“ ھڏيو سندرا.

الله کي اورتي ڇڏي، سڪ جو سندرو ھڏل صوفي ڪهڙي پراسرار ۽ پرانهين پنڌ ويا، ڪير ڄاڻي؟ انهي سفر جو انجام ڪهڙو آهي، ڪير ٻڌائي؟ پر انهيءَ سفر جو آغاز ”آئون جو انت“ آهي، جيڪو پاڻ ٻہ ڄاڻون، جيئن صادق چيو آهي:

هي جو هُري اک ۾، سو ڪنڊر ڪڍي ويهہ،
تہ سوئي پسين ڏيهہ جت ”آئون“ نہ اُپجي.

جن اکين ۾ خوديءَ جي خارش هوندي، اهي اکيون پنهنجي پرينءَ کي ڪيئن پسنديون. اهو سبق پاڻ جهڙن مجازي شاگرد عاشقن کي صوفي استادن سمجهايو آهي. انهن اهو بہ سمجهايو آهي تہ عشق هوندو تہ طلب نہ هوندي، نينهن هوندو تہ ننڊ نہ هوندي، جي ننڊ هوندي تہ محبوبن سان ملاقات هوندي، مرشد لطيف وانگر ”ننڊ تہ ناز پرين جو“ يا صوفي صادق وانگر تہ:

”ڪا ڪترڻ سان ڪوڙي، ڪا سُتيا ئي سهاءِ“.

صوفي صادق جنهن جو سومرن جي قبيلي ”متو“ سان واسطو هو جنهن جو نسب سندس والد ميان دين محمد کان شروع ٿي دودي بن پونگر راءِ کان ٿيندو سومر راءِ عرف سومرو تائين پهچي ٿو. سندس وڏا جهوڪ وارن جا مريد هئا، پر پاڻ صوفي فضل الله شاهہ قلندر ڏانهن موٽيو. ننڍي هوندي چوريون ڪندڙ ڏاڙا هٽندڙ ۽ ڏاڍ مڙسيءَ مان نالو ڪڍندڙ ڇوڪرو چاليهن سالن جي پيغمبرانہ ڄمار کي پهچي صوفين جي صف ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ عشق ۾ سونهن جون ”صدائون“ ڏيڻ لڳي ٿو. واين ۽ ڪافين وارين صنفن کي ”صدائون“ چوندڙ صوفي اهي عشق ۽ حسن جون صدائون ڏئي ٿو جيڪي لطيف ڏيندو آيو هو. اجوڪي ڏينهن کي صادق جي صدا سمجهڻ گهرجي، جيڪا عشق جي ڪوٺ ڏئي ٿي، جيڪا دماغ جو اٽڪلي دڳ ڇڏي دل جي آڱر جهلي هلڻ سيکاري ٿي.

اڄ ناري جي ڪٻڙين، لين، ٻيرن ۽ ٽالهين واري وشال پٽ تي صوفي صادق جو علمي ڪاڄ ٿي رهيو آهي. دل چاهيو پئي تہ صوفي صادق سان گڏ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناري جي حسن ۽ مهراڻي جي محبوبيت تي لکجي، پر ڳالهه تصوف ڏانهن ڇڪجي ويئي. اندر جو ارمان اندر ۾. فيض جي سٽ وانگر، ته:

"ان کہی رہ گئی وہ بات، سب باتوں کے بعد"

ڇئي، صوفي صادق جي منهنجي پسنديده شعر تي پڇاڻي ڪريون ٿا ته:

ٻيون ڇنيو روئن سرتيون، آئون ڳنڍجيو روئان ماءِ،
ڪمتر لهي ڪاءِ، سُڌ انهيءَ سور جي.

(اربع، 2 ڊسمبر_ 1998ع)

# اندر جي دنيا جو نوبل شاعر

موت سان جهيڙو هلي ٿو
آئون تنهنجي وهٽ تي ڪو نه هلندس.

تنهن جهيڙي ۾ هو هاري وينو ۽ موت مدد پناڻ جي گهوڙي تي سنڌ جي هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي سوار ڪري ويو جنهن جي ڪري انهي گهوڙي جا سنب سنڌ جي الڪ ڪيترين حساس دلين ۾ کپي ويا آهن، جنهن جو اندازو ڪرڻ ۾ سنڌ مائي جندو وانگر بيوس ٿي چڪي آهي. هو جيڪو لطيف کانپوءِ سنڌ جي اداس دلين جو ڊاڙيل هو جنهن جا ڪاٿ الڪ ڪيترن نوجوانن جا قيمتي سامان چورائي ويا. دليون، اکيون، محبتون، همدرديون، آٽوگراف ۽ اداسيون سڀ هن جي عربي سمنڊ جي ساحلن تي سندس فليٽ جي ڪنهن شيلف ۾ امرتا پريتم جي "ايڪ اداس ڪتاب" سان گڏ رکيل هئا ۽ انهي قيمتي سامان جي تلاش ۾ سنڌ جي جواني ڇڻ گلزار جو اهو گيت ڳائيندي هئي:

ميرا کڇھ سامان تمهاري پاس پڙا هي
وه لوٽا دو.

۽ هو جيڪو شاعريءَ جي رنگبرنگي پوپٽن کي سنڌ جي فضائن ۾ اڏاري ڇڏيندو هو ۽ ڪيترا ئي گيت آسمان جي تارن جون ننڍون حرام ڪري ڇڏيندا هئا. اوجاڳيل سنڌ جون اداس اکيون ۽ دليون سندس گيتن جي پوپٽن جي تعاقب ۾ ڦڙڪنديون رهنديون هيون ۽ انهي تعاقب ۾ پرَ هٽندي سڀ ڪجهه وڃائي ويهنديون هيون، جيڪو سندن حياتيءَ جي هڙ ۾ هوندو هو ۽ پوءِ سنڌ جي ڪنهن ليکڪا لکيو هو. "هو پڪين سرن واري دلين مان ڪاٿ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هٽي ويو.“ جڏهن اهي سٺون سنڌ جا نوجوان پڙهندا هئا تہ چوندا هئا تہ اياز سونهن جو سودائي شاعر آهي ۽ سندس ڪم آهي دلين جي ڪليسائن ۾ ڪفر جون وارتائون وڪيرڻ. انهيءَ ۾ ڪو شڪ بہ ڪونهي تہ هو سونهن ۽ عشق جي شاعرن جو امام شاعر هو جنهن جي اندر ۾ ڏات جي سنڌوءَ جو ڇوڙ ٿيندو هو ۽ سندس شاعري سمنڊ جيان ورندي هئي، سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيندي هئي. اياز جي شاعريءَ ۾ پڌل نوجوانن جي سنڌ پنجاه سالن کان اياز ۽ جي ايم سيد جي چوڌاري پروانن وانگر ڦرندي رهي.

شڪارپور جي شاهي باغ ۾ موتين ۽ گلابن تي من وارينڌڙ ۽ بيگاري واهه ۾ وهنجندڙ شيخ مبارڪ اياز کان وٺي عربي سمنڊ جي ساحلن وارين عامليانٽين جي ساڙهين جهڙين شامن جي دامن تي شاعريءَ جا تارا ٽاڪيندڙ شيخ اياز تائين هڪ چمار آهي، جيڪا سراپا بهار آهي، جنهن سنڌي ادب جي اڌ صدي تائين امامت ڪئي آهي. سنڌي شاعريءَ کي فارسيءَ جي فاعلن مفاعلن جي ڦرهيءَ تان لاهي بلبل جي ٻڙ ٻڙ کان آزاد ڪرايو ۽ انهي شاعري کي هند ۽ سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي واٽ ڏني، جنهن تي اڄ سنڌ جي شاعرن جي هڪ چڱي خاص پلاٽون ليفٽ رائيٽ ڪندي ڏسي سگهجي ٿي. اهو اياز جو ڪمال آهي جنهن سنڌي شاعري جي منهن تان ايراني برقعو لهرائي ڪيس سنڌي چني اوڍائي، جنهن تي لطيف، ڪبير ۽ ميران جي ڦلواڙي اڪريل آهي، جنهن تي راجستاني چارڻن جا ڇٽ، امير خسرو جي خوشبو ۽ لوڪ شاعريءَ جي لالاڻ آهي. انهن سڀني رنگن جو هڪڙو رنگ آهي، جيڪو اياز جو رنگ آهي ۽ اڄ جي سنڌي شاعري انهي رنگ ۾ رنگيل آهي. چو تہ هن وٽ شاعري انهي سگري جيان هئي جنهن تي سموري سنڌ جون جوانيون پنهنجا سياري ۾ برف ٿيندڙ روح گرمائيندڙيون ۽ منزل مقصود پائينديون هيون. ” پؤنر پري آڪاس“ کان وٺي ”ڪونجون ڪرڪن روهہ تي“ تائين هڪ سفر آهي، هڪ ڪهاڻي آهي، هڪ درد آهي، هڪ دنيا آهي، جنهن ۾ اسان سڀ اکين ۽ دلين جي وچ جا مسافر چئن انچن جي ڪيسي جون خرچيون پنهنجي خواهشن جي تڪميل تي خرچ ڪندا آيا آهيون ۽ اياز جا ڪتاب پنهنجي دل جي شيلف ۾ ڌڙڪنن سان گڏ سجائيندا آيا آهيون ۽ انهيءَ جو احساس شايد اياز کي بہ ايترو ئي هجي، جو اسان سندس شاعريءَ جي داد تي دلين جا دان ڏنا آهن. اها سنڌ جي جوانيءَ جي سخاوت آهي، اها سنڌ جي جوڀن جي محبت آهي، جيڪا هن پنهنجي هن صديءَ جي محبوب



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تخليقڪار جي پيرن جي ترين هيٺان وچائي ڇڏي، ڇون ته داس ڪئپٽال ۽ ووڊڪا ڪان وٺي ديني دعائن تائين اياز جو هڪ ڪردار آهي، جنهن کي سدائين تنقيد جي اڏيءَ تي سنڌ جي دانشوري ڪاسائيءَ وانگر قيمو ڪندي آئي آهي. پر انهن نقادن کان پري هڪ ٻي دنيا به آباد رهي آهي، هڪ ٻيو دلين جو ديوداس نگر رهيو آهي،جتي محبتون گوپين جيان ٻنسريون وڄائيندڙيون رهيون آهن ۽ درد آڪاس جي تارن وانگر ڪڙڪندا رهيا آهن. ۽ هڪڙي اها به ميران ۽ تلسيءَ جي دنيا آهي جنهن ۾ اياز ڪرشن جيان پوڄيو ويو آهي ۽ انهن عشق جي مسلڪ جي مسافر جواني اياز کي اديبن ۽ دانشورن جي ڪوروئن ۽ پانڊوئن واري جنگ کان پري ڪري، پنهنجي لڙڪن سان آلن وهاڻن جي هيٺان لڪائي رکيو آهي. اڄ جڏهن صبح جو اعجاز منگي مون کي ننڍ مان اٿاري فون تي ٻڌايو ته اياز گذاري ويو آهي، اوڏي مهل منهنجي دل کي خبر آهي، ته نه ڄاڻ ڪيترا خواب ڪرچيون ڪرچيون ٿي ويا ۽ اکيون لڙڪن جي لاهن ۾ لڏڻ لڳيون ۽ نگاهن جو پنڌ ڏکيو ٿي پيو. ڇو ته گذريل هفتي کان وٺي آئون ۽ اعجاز اياز سان ملڻ جو پروگرام ٺاهي رهيا هئاسين، پر وقت سڀ کان وڏو ويري نڪتو پنهنجي روايتي چال سان سڀ چالاڪيون ڪري ويو. هاڻي جڏهن منهنجي اڳيان اياز جي شاعري کلي پئي آهي، سندس انهي شعر تي نظر پوي ٿي، جنهن ۾ هن موت کي سڏيو آهي:

موت تون ايڏو پيانڪ ڪو نه آهين،
ڇو نه تون مون ڏي اچانڪ ٿو اچين.

تڏهن سوچيان ٿو ته ڪيئن نه موت جنهن کي اياز پيانڪ به نٿو چئي، اياز ڏي اچي ٿو ڪيس ڇهي ٿو ۽ هو عقابي اکيون پوري ابد جي هنج ۾ منهن لڪائي سمهي ٿو رهي. انهي موت جو ڇهاءُ اياز کي سمهاري ٿو جيڪو سموري زندگيءَ ۾ سندس شاعريءَ ۾ چنڊ سان گڏ ايندو رهي ٿو. بلڪل ائين جيئن اسپين جي شاعر لورڪا جي شاعريءَ ۾ موت ۽ چنڊ گڏ گڏ هلن ٿا ۽ سنڌ جا پڙهيا ڳڙهيا ماڻهو اياز جي موت کان ڊڄڻ واري ڳالهه کي هڪ ڪيڪ سمجهن ٿا ۽ هر اسٽيج تي لفظن جي تيز ڇري سان ڪٽيندا رهن ٿا. ڪيس موت کان ڊڄندڙ شاعر قرار ڏين ٿا، واعده خلاف ۽ عهد شڪن ماڻهو چون ٿا، ڪميونزم سان بيوفائي ڪرڻ تي ڪيس مُلو چون ٿا. سندس ڪجهه شاعريءَ تي چوري ٽيل شاعريءَ جو الزام هڻن ٿا. اقتداري ايوان جي ڳاڙهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارپيٽن تائين پهچي وائيس چانسلري ونڱ تي ڪاوڙجن ٿا. پر هو انهن سيني الزامن جي پٿرن کي شبلي جا گلاب سمجهي سهندو رهيو. ڇو تہ هن ڄاتو ٿي تہ ڪين فقط سندس سماجي ڪردار نظر اچي ٿو پر سندس تخليقي سگهہ کان اهي يا تہ ناواقف هئا يا تہ جيليس هئا. پر هو انهن سيني ڳالهين جي باوجود پنهنجي آڏاٽي تي شعر اٽيندو رهي ٿو:

ڳائي منهنجا گيت، پيو پوءِ مون کي ياد ڪجانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ

۽ اڄ جڏهن سنڌ ميوزيم ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌي ادب جي گولڊن جوبلي ملهائي رهي آهي تہ هو جيڪو سنڌي ادب آهي، سو انهي ميڙ مان نڪري وڃي ٿو ڪراچي جي ساحل ڏانهن جتي چنچل جواني جي ڇڳن جيان سيگل سمنڊ جي لهرن تي اڏامن ٿا ۽ هو انهن سامونڊي سيگلن جي ڪري سکر کي ڇڏي آيل شاعر پنهنجي آخري نگاهہ انهن لهرن تي رقص ڪندڙ شام ۽ شاعريءَ کي ارپي، پاڻ سمهي رهي ٿو- ۽ هتي سنڌ ميوزيم ۾ موجود سنڌي اديب، سنڌي ادب جي گولڊن جوبلي فضول ٿا سمجهن. سنڌي اديبن جو جشن ورسيءَ ۾ بدلجي ٿو وڃي ۽ اتي موجود اديب پنجاه سالن جي ڪمائيءَ کي "مڊ ايسٽ اسپتال" مان پلاٽيل پساهن جي پنهون سان گڏ پلاٽيندي ڏسن ٿا.
اياز جو اچوڪو ڏينهن سنڌي ادب جي پنجاه سالہ جشن تي ڇا تہ زبردست احتجاج آهي.

(28 ڊسمبر- 1997ع)

◘◘



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# تاريخ جو بحراني دؤر ۽ انسان جي اڪيلائي

”ماڻهو ڪيڏو اڪيلو ٿي ويو آهي!“ اهو جملو جڏهن آئون پنهنجي هڪ آمريڪا جي دوست جي واتان ٻڌان ٿو ته سوچيان ٿو ته ڇا ترقي ۽ فتح جو احساس ماڻهوءَ کي خوش رکي سگهي ٿو؟ خارجي يا ٻاهرين دنيا جو سڪندر پنهنجي اندر جي ڪليسا ۾ ڪيڏو اڪيلو آهي. فطرت سان لکين سالن جي خونخوار جنگ ڪرڻ کان پوءِ اڄ جڏهن ترقيءَ جي معراج کي رسيو آهي، تڏهن هو زندگيءَ جي داخلي حقيقتن اڳيان انٽنوني ۽ سيزر جيان گوڏا کوڙي ٿو ڇڏي. آدم جي اڪيلي ٿيڻ وارو احساس انهي آمريڪي بابوءَ کي شايد انهيءَ ڪري ٿو ٿئي، جو اڄ جو مغرب زندگي جي سمورين توانائين کي ڪتب آڻيندي، فطرت سان زبردست جنگ ڪري، فاتح هجڻ جي احساس ۾ مبتلا هجي ته هجي، پر هو پنهنجيءَ ذات جي ڪائنات ۾ شڪست خورده سپاهيءَ جيان شرمسار آهي. گناهه ۽ ثواب جي هر راز ۽ رمز جو پردو چاڪ ڪندڙ مغرب اڄ هڪ اهڙي گناهه جي لذت جي احساس ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن جو رنگ ناگاساڪي ۽ هيروشيما جي ڌرتيءَ تان اٿيل دونهين کان وڌيڪ گهرو آهي. اڄوڪو دؤر جنهن کي پوسٽ ماڊرن دؤر چئي رهيا آهن، اهو منهنجيءَ نظر ۾ ريئلائيزيشن جو دؤر آهي، جيڪو پنهنجي انداز ۾ ماڊرن دؤر سان هڪ ڀرپور بغاوت جو به نالو آهي. جنهن دنيا کي انقلاب، نظريا، عالمگير جنگيون، تباهيون، ترقيون ۽ سائنس ته ڏني، پر اڄوڪيءَ دنيا کي فرد جي اڪيلائي به ڏني، جيڪو اڄوڪي مغرب جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي، جيڪو اڄوڪي پوسٽ ماڊرن دؤر لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج آهي. جنهن کي پاڻ بغاوت ۽ ريئلائيزيشن جو دؤر چئي رهيا آهن.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جھڙي نموني سان ماڊرنزم (جيڪو پهرين عالمگير جنگ کان وٺي ويٽنام وار تائين سمجهيو وڃي ٿو) وڪٽورين دؤر جي خلاف ڀرپور بغاوت جو اعلان هو بلڪل اهڙي نموني سان اڄوڪو پوسٽ ماڊرنزم، جڏهن زندگي نظرين جي تابع هئي ۽ اڄ جڏهن پوسٽ ماڊرن دنيا ۾ زندگي نظرين جا سڀ نيئر ٽوڙي داخل ٿي آهي، تہ زندگيءَ جو سڀ کان وڏو نظريو خود زندگي آهي، جنهن جو نيوڪليئس سڪون آهي. امن آهي، آشتي آهي. پوسٽ ماڊرن زندگيءَ جي سڀ کان وڏي جدوجهد سڪون جي تلاش آهي. اڄ اها زندگي سڪون جي متلاشي آهي، جيڪا ماڊرنزم ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هئي. فاشزم، ڪئپيٽلزم، اشتراڪي ۽ جمهوري گروهن ۾ ورهايل هئي. جڏهن انسان جي داخلي ۽ خارجي زندگي هڪ جدلياتي ڪشمڪش جو شڪار هئي. مادي ترقيءَ جو تيز رفتار گهوڙو روحاني رشتن ۽ اخلاقي قدرن کي پنهنجي سُنبن هيٺان لتاڙيندو پئي آيو. ظالم ۽ استحصالي قوتون غريب ۽ مسڪين ملڪن ۽ قومن کي پنهنجي حرص ۽ حوس جي هٿلرن هٿان اقتصادي ۽ سياسي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي رهيون هيون، جنهن کي اسان ماڊرنزم چئي رهيا آهيون. جنهن جو پويون اڌ جيڪو مشرق جي ڪيترن ملڪن جي غلاميءَ جي پڃري مان نڪرڻ ۽ آزاد فضا ۾ داخل ٿيڻ جو دؤر آهي، اهو مغرب جي سائنسي، اقتصادي، سياسي ۽ صنعتي ترقيءَ جو ڀرپور آغاز هو. ڪمپيوٽر جيڪو ائٽم بم سان گڏ ٿي چڪو هو ۽ 60ع واري ڏهاڪي ۾ هاٿوڪي شڪل اختيار ڪري چڪو هو ۽ انهي دؤر ۾ مغرب جا پير مشرقي شاعريءَ جي محبوب ڪردار چنڊ جي ڇهري تي پئجي چڪا هئا. اهو ماڊرنزم وارو دؤر جيڪو پنهنجي اختتام سان آمريڪا کي ويٽنام مان شڪست تہ ڏئي ٿو پر ترقيءَ جا نوان ۽ انوکا معراج بہ بخشي ٿو. اڄوڪي پوسٽ ماڊرن دنيا جيڪا ماڊرنزم جي ڪيترين ئي حقيقتن کي ڪالهوڪو ڪفر سمجهي ٿي، جنهن جو ادب موضوعن کان وڌيڪ مسئلن جو ترجمان آهي، جيڪا اڄ جي انسان کي ڪمپيوٽر ٽي بي ۽ ڪلوننگ تہ ڏئي ٿي، پر فرد جي درد کي سمجهڻ جي سگهہ وڃائي ٿي ويٺي. اسان ايلن ٽافلر جي پوسٽ ماڊرنزم ۽ دنيا جي ايڪائي طرف وڌڻ واري خيال سان ڪٿي متفق بہ ٿيون، پر اهو بہ ڏسون پيا تہ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي سيلاب دنيا تي هڪ گول گهر تہ ٺاهي ڇڏيو آهي، پر گهر ڀاتين کي پاڻ ۾ هڪ ٿي رهڻ ۽ روحاني تسڪين جا گس نہ ڏنا آهن. مغرب جيترو اڄوڪي پوسٽ ماڊرن دؤر ۾ اڪيلائيءَ جي عذاب ۾ مبتلا ٿيو آهي، ايترو ئي مشرق مونجهارن ۽ مصيبتن ۾ ڦاٿل آهي. اڄ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽين دنيا جي مشرقي ملڪن سان سڀ ڪان وڏو مسئلو اهو به آهي ته اهي مغرب جي آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙن اقتصادي جارن ۾ ڦاٿل آهن. وڌندڙ آبادي ۽ وسيلن جي ڪميءَ جي ڪري اهڙا مريض ٿي چڪا آهن جو ڪين سندن هر ساهه جي ويساهه جي امدادي آڪسيجن ملي ٿي. بيو وڏو مسئلو اقتصادي غلاميءَ کان به وڏو اهو آهي ته هندستان ۽ پاڪستان جهڙا پيا ڪيترا ئي ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪ مغرب جي سيٽلائيٽ سروس ذريعي انهن جا نقال ۽ ڊپليڪيٽ ٿي رهيا آهن. پنهنجي شاندار تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي پس منظر کان بي نياز ملڪ پنهنجي اخلاقي قدرن کي تاراج ڪندي، هڪ اهڙي ڏيڻ ۾ ڪري رهيا آهن جنهن مان نڪرڻ جو علاج ايڪويهين صديءَ جي وس کان ٻاهر هوندو جنهن جي اخلاقيات مڊل ڪلاس جي قدرن تي مبني هوندي.

اڄ اسين حقيقت ۾ تاريخ جي بحراني دؤر (Crises of History) جو شڪار آهيون. اسان جي سيٽلائيٽ جي غلاميءَ ۾ ڦاسڻ ڪانپوءِ تاريخ آئيڊيلز ۽ نظرين جو اتهاس هئي. اڄوڪي دؤر جي ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته تاريخ مري چڪي آهي. شايد تاريخ بابت ايڪويهين صدي ۾ فرسوده سوچ ۽ روايتي نقطه نظر کان هٽي ڪري، انساني زندگي جي سفر کي ڪنهن نئين رخ کان ڏسڻو پوندو. جو ته ڪالهه پوسٽ ماڊرن پيريڊ ۾ داخل ٿيندڙ نوجوان چي گويرا جي فوٽو واريون شرٽون پائي داخل ٿيا هئا، ۽ اڄ ايڪويهين صدي ۾ ٽائيٽنڪ واري ڊي ڪئپريو ۽ مائڪرو سافٽ واري بل گيٽس کي آئيڊيل سمجهندڙ نوجوان ڪيٽ ونسليٽ ۽ ڊائنا جو فوٽو ڪٽي داخل ٿيندا. ڪالهه اسان جا هيرو سياسي ۽ انقلابي ڪردار هئا ۽ اڄ اسان جا هيرو اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سيٽلائيٽ جا سپر مين آهن. ڪالهه هيرو جو ڪانسيپٽ هو ۽ اڄ Enerpreneur جو تاثر آهي. هڪ صديءَ ۾ مجموعي انساني دماغ جي اها ارتقا ئي نه ٿي هئي جيترو جلدي دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقين، تبديلين ۽ ايجادن مان گذري آهي. سنڌ اڃا ڪمپيوٽر کان آشنا ئي نه ٿي هئي ته مٿان سن 2000ع واري Y2K بيماري سموري سافٽ ويئر جي ستياناس ڪري ڇڏي حقيقت اها به آهي ته مغربي ملڪن جي مادي ترقي اهڙي تيز رفتاريءَ سان وڌي آهي جو ترقي پذير معاشرا اهڙا خواب به ڏسي نه سگهيا ۽ اهي مشرقي ملڪ ڏسندي ئي ڏسندي انهي تيز طرار ترقيءَ جي Diteation ونڻ لڳا ۽ اڄ حال اهو ئي آهي جو مغرب هر شيءَ انجواءِ ڪري ڪري، واپس موٽڻ جو سوچي رهيو آهي ۽ مقدس رشتن جو ڀرم لتاڙڻ کان پوءِ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ميريج باند طرف وڌي رهيو آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ مغرب جڏهن واپسيءَ جون واهون تاڙڻ لڳندو تڏهن اسان اجا به مغربيت طرف ڀانيڙاٽيون پائي رهيا هونداسين. حقيقت ۾ مغرب جي هاٽوڪي سماجي ۽ اخلاقي بحران جو هڪڙو سبب اهو به آهي ته جڏهن عالمگير جنگ ۾ ڪالونيل نظام جي خاتمي ڪانپوءِ دنيا ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪي هئي ۽ ٻه اڌ ٽيل دنيا سائنسي، صنعتي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي ڪشمڪش ۾ ڦاٿل هئي ته مغرب ڪي سماجي ترقي طرف ڌيان ڏيڻ ڪپندو هو. پر هو نمرود وانگر ڳجهه تي سوار ٿي آسمان ۾ تير هڻڻ لاءِ نڪتل هو جنهن جي حالت اها ئي ٿي آهي، جيڪا نمرود جي نڪ ۾ مڇر ڦاسڻ کان پوءِ ٿي هئي.

اڄ مشرق سان سڀ کان وڏو الميو اهو به آهي ته هو هڪ اهڙي تهذيب جو نقال ٿي رهيو آهي، جيڪا خود ڪنهن اهڙي اجهي جي تلاش ۾ آهي، جيڪو مشرق جو جوهر آهي، جنهن کي پاڻ تصوف چئون ٿا. جيڪو مذهب ۽ ماديت کان بيزار ٿي پڳل هر روح جي پناهگاهه آهي. آئون سمجهان ٿو ته پاپائيت جي ستايل مغرب ۾ ڪنزرويٽي جي ماريل مشرق جي سموري بي چيني ۽ بي سڪونيءَ جو مرهم صوفين جي سلوڪ ۾ آهي. اڄوڪي نيوڪليئر ٽيڪنالاجيءَ جي تباهين کان ڊنل مغرب، جيڪو در در تي NPT ۽ CTBT جهڙا امن جا ڪشڪول کڻي ڌڪا کائي رهيو آهي، کيس فارسي جون اهي سٽون ڪيسنجر ۽ ٽالبوٽ جي سفارتڪاريءَ کان وڌيڪ ڪم ڏئي سگهن ٿيون:

تو برائي وصل ڪردن آمدي،
ني برائي فصل ڪردن آمدي

(تون دنيا ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهين، نفاق ڦهلائڻ لاءِ نه)

آئون سمجهان ٿو ته اڃا به ڪلنٽن کي اسامه بن لادن ۽ ٻال ٺاڪري مان جان ڇڏائڻ لاءِ سن واري پوڙهي عاشق ۽ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جهڙي صوفي اسڪالر وارو "اتحاد انسانيت، امن عالم ۽ ترقيءِ بني آدم" وارو نقطو سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ته کيس فارسي جي اها سٽ به سمجهه ۾ اچي ويندي ته:

"هر ملڪ ما است، ڪه ملڪ خدا اي است."

ڇو ته صوفيءَ جو ڪو مخصوص وطن ڪونهي. سندس دل دنيا ۽ تن ڪائنات آهي. جڏهن اها ڳالهه مغرب جي مٿي ۾ ويهندي، تڏهن کيس فيملي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سسٽم جي تنڙ جو احساس ايترو شديد نہ ٿيندو جيترو اڄ آمريڪا جي خاتون اول کي ٿي رهيو آهي. ڇو تہ پنجن ڇهن ڀاتين جي وڪرڻ جو غم انهي ميلاپ اڳيان ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو جيڪو ڇهہ ارب ماڻهن جي هڪ وشال ۽ خوبصورت گهر کي جنم ڏيندو جنهن ۾ ايئن جان ۽ سهراب فقير هڪ آواز ٿي يڪتاري ۽ وائلن جي ميلاپ سان درازن جي درويش کي ڳائيندا:

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستو مست مدام،
حق موجود، سدا موجود.

علامہ اقبالؒ پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو دانشور شاعر هو. هي انهي دؤر کي ڏسي رهيو هو جڏهن مغرب ماڊرنزم واري دؤر ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ صنعتي قدرن کي اخلاقي معيارن ۾ مستقل مقرر ڪري رهيو هو تڏهن اقبال اها پيشنگوئي ڪئي هئي، جنهن جو احساس اڄوڪي مغربي معاشري کي شدت سان ٿي رهيو آهي. هن چيو هو:

تمهاري تهذيب اپني خنجر سي آپ هي خودڪشي ڪري گي،
جو شاخ نازڪ پہ آشيانہ بني گا، ناپائيدار هوگا.

اهڙي ئي مغرب جي ناپختہ سوچ تي تنقيد جرمن اسڪالر شرماحن پنهنجي مشهور ڪتاب Small is Beautiful ۾ ماڊرنزم جي پڄاڙڪن سالن ۾ ڪئي هئي، تہ مغرب پنهنجي صنعت، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال غلط انداز سان ڪري رهيو آهي، جيڪو هڪ ڏينهن مغربي معاشري کي خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا ڪندو. اڄ حشر اهو ئي ٿيو. مغربي معاشرو پوسٽ ماڊرن دنيا ۾ فاتح ڪان وڏيڪ ڪشمڪش جا هارايل ذهن لاس ويگاس جي ڪئل جوارين جيان خالي کيسا کڻي پونا جي آشرم ۾ اچي ويهن ٿا، جنهن جي ٻاهران تنگيل بورڊ تي لکيو پيو آهي تہ "خبردار! پنهنجا دماغ پنهنجي جُتين سان گڏ ٻاهر لاهي اچو." ۽ اهي پنهنجي ائين نمبر جي ڪارتوس جهڙا تيز ذهن ستين نمبر جي سليپر سان گڏ چانئٺ جي ٻاهران ڇڏي اندر اچي گيڙو الفيون پائي نچن ٿا. تہ کين اها خبر پوي ٿي تہ ڪپل وستوءَ جو شهزادو باغي ڪيئن ٿيو هو ۽ کيس نرواڻ ڪيئن مليو هيو ۽ پوءِ کين "ستيم شوم سندرم" ۽ "سروم دکم دکم" وارو سچ بہ سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ٿو. مغرب کي گرو ڪلت يا پنٿ جو پتو تڏهن پيو هو جڏهن راما



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرشن مشن جي سپ ڪان. وڏي پرچارڪ سوامي وويڪ آنند 1895ع ۾ نيويارڪ ۾ ويدانت سوسائٽي جو بنياد وڌو هو ۽ شڪاگو ۾ مذهبن جي پارليامينٽ کي خطاب ڪندي، پاپائن، پنڊتن ۽ ملن تي سخت تنقيد ڪئي هئي ۽ کين ويدانتي تصوف ۾ مذهبن ۾ وحدت وارو نقطو سمجهايو هو. ان کانپوءِ راڌا سوامي ست سنگ، رمنا مهارشي، ستي سائين بابا، مهارشي مهيش يوگي، هري ڪرشنا، اوشو رجنيش، ڪرشنا مورتي ۽ ٻين ڪيترن گروئن جي مغرب ۾ مقبوليت انهي معاشري جي روحاني اڃ جو آئينو هئي. جڏهن مغرب ۾ انسان کي پنهنجي انفراديت جو شدت سان احساس ٿيو تہ هن جو ان کليو اظهار ڪيو ۽ ماڻهوءَ کي مستقل قدر سمجهڻ لڳو. هن جڏهن هولو ڪاسٽ ۽ ناگاساڪي هيرو شيما جو رت پنهنجي هٿن تي ڏٺو ۽ انسانيت تان اعتبار کڄندي محسوس ٿيو مغرب جڏهن سائنسي ترقيءَ جي معراجن، انقلابي تحريڪن، مزاحمتي گيتن ۾ نشن مان اطمينان حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ ماڻهوءَ کي هر ممڪن سهولت ڏيڻ ۾ گهرجون پوريون ڪرڻ کانپوءِ جڏهن اندر ۾ ڏٺائين، تہ ٻاٽ اونداهي هئي- ۽ ڪنهن روح جي رکيا پويان ڊوڙڻ لڳو ۽ گرو مرشد جي ڳولا ڪرڻ لڳو. سارتر جي وجوديت کي وساري اهو نقطو نينهن سان ٻڌڻ لڳو آهي تہ ماڻهو هستي مطلق کان الڳ ناهي ۽ انسان ۾ ڪائنات هڪ آهي. اڄ بہ جڏهن توهان Emaculate Conception جهڙيون فلمون ڏسو ٿا. يا نئي واري جناتي بابا کي بنا جُتي جي ٽوال ڪلهي تي رکي لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ تي گهمندي ۽ انگريزن کي ڊيئون پٽ گهرندي ڏسو ٿا، تہ ڇا ٿا محسوس ڪريو؟ ڇا اهو نٿا سمجهو تہ مغربي معاشرو عقل جي ڊانسنگ فلور تان ٿيڙ کائي زخمي ٿي پيو آهي ۽ ڪيس مشرق جا مرهم گهرجن. جيئن اڄ کان ڪيترا ئي سال اڳي ماڊرنزم واري دؤر ۾ اقبال چيو هو تہ:

خبر ملي هي خدايا، بحر و بر سي مجهي،
فرنگ ڪشمڪش سيل بي پناه ۾ هي.

آئون سمجهان ٿو تہ اڄوڪي ڊيوڊ ڪاپرفيلڊ جي جادوئي ڪرتبن هٿان حيران ٿيل مغرب کي مشرق جي صلاح وٺڻ گهرجي. انهي سلسلي ۾ آئون سمجهان ٿو تہ لطيف، سچل، بلهي شاهہ، گرو نانڪ، گوتم ٻڌ، ساڌو ڪبير، رومي، حافظ لائوتزو ٿياسافي واري اينِي بيسنت، راما ڪرشن، جي ايم سيد، علامہ آءِ آءِ قاضي، نور افلاطوني يا Neo - Platonism وارو پلاٽينوس ۽


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مغرب وارا ڊيڪارٽ اسپنوزا وغيره بهترين ڪنسلٽنٽ ٿي سگهن ٿا، جن کي ملائي ڪري هڪ اهڙو نسخو تيار ڪري سگهجي ٿو جنهن مان پيو نہ تہ بہ مغرب کي وياگرا ٺاهڻ وارو عمل هڪ ڪل جوڳو ۽ خود فريبيءَ وارو عمل محسوس ٿيندو ۽ مشرق کي بہ مغرب جو لاٽل ميرو گائون پائڻ وارو عمل هڪ مذاق لڳندو. جڏهن مغرب کي فرد جي اڪيلائيءَ واري عذاب مان جان ڇڏائڻ لاءِ گس ملندو ۽ هو اڪيلائيءَ مان نڪرڻ کي چوٽڪاري جو نالو ڏيندو تڏهن مشرق وري بہ غالب جي انهن سٽن تي گيان ڪري رهيو هوندو:

هي آدمي بجائي خود اِک محشرِ خيال
هم انجمن سمجهتي هين خِلوت بي ڪيون نہ هو.

(خميس، 11 فيبروري۔ 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# اڄ تنهنجو منهنجو ڏينهن آهي

توکي ياد آهي تہ ڪڏهن تو مون تي زندگيءَ جيڏي نهار اوتيندي، پڇيو هو تہ "پيار ڇا هي؟" مون تنهنجي مهربان نظر جو پاند جهلي، فقط ايترو چيو هو تہ: "پيار اهو پکي آهي، جنهن کي پاڻ ڪڏهن بہ لفظن جي ڄار ۾ ڦاسائي نہ سگهنداسين." ۽ پوءِ تون نِنڍڙي ٻار جيئن ضد ڪندي رهي هئينءَ ۽ آئون سُئفو کان وٺي سچل تائين ۽ شيڪسپيئر کان لطيف تائين الائي ڪيترين سٽن جا سُٽ اکيليندو رهيو هئس، پر تون سمنڊ جي سيگل جيئن بيچين هئينءَ ۽ مون پنهنجي ناڪامي مڃيندي، آخر ۾ ايترو ئي چيو تہ "پيار اهو آهي، جيڪو تنهنجي منهنجي وچ ۾ آهي، جنهن کي پاڻ محسوس تہ ڪري رهيا آهيون، پر بيان نٿا ڪري سگهون. ڇو تہ پيار ڇوڙڻ نہ پر ڪرڻ جو نالو آهي. پيار جي سڀ کان وڏي ڊيفينيشن اها آهي تہ پيار جي ڪا بہ ڊيفينيشن ڪانہ آهي." پوءِ مون دل ئي دل ۾ حسن درس جو اهو شعر بہ پڙهي ڇڏيو هو:

عجب هن ڇوڪريءَ کي عشق جي معنيٰ پڇڻ جي آرزو آهي،
لڳي تو شهر ۾ پنهنجي سنگت، پنهنجو قبيلو زور پيو ٽيندو وڃي.

انهيءَ وقت کي واهوندي جيئن وٺي وقت ٽيو ۽ اڄ جڏهن عاشقن جو عالمي ڏينهن آهي، ۽ توکي عشق جي معنيٰ پڇڻ جي آرزو بہ نہ رهي آهي، ڇو تہ تون احساس جي هر انهيءَ راهہ تان گذري چڪي آهين، جيڪا عشق جي واديءَ ڏانهن وڃي ٿي. اڄ جڏهن سموري دنيا جي دل وارن جي درن تي ويلنٽائن ڪارڊ دستڪ ڏيندا هوندا، اتا وليون اکيون ۽ اٻهرا قدم انهن پيار جي پروانن کي ويلڪم ڪندا هوندا، جن جي ٻاهران دل ڇاپيل هوندي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اها ڪيوپڊ جي تير جي گهايل دل ٻن دعا لاءِ کڄندڙ هٿن جيئن ڪليل هوندي، جنهن ۾ ٻہ نانءَ ٻن ڌڙڪنن جيان پيا هوندا. جن جي هيٺان لکيل هوندو:

Be mine or be my valentine.

پر تون سوچيندي هوندينءَ، تہ آئون اهو ڪجهہ ڪرڻ بجاءِ توکي اوپن ڪارڊ موڪلي رهيو آهيان، اهو ڪارڊ ڪالم چو تي ويو آهي. اهو انهيءَ ڪري، جو اڄ پاڻ انهن لاءِ اظهار جو آواز ٿا بڻجون، جيڪي هن بند ڪوليءَ جهڙي سوسائٽيءَ ۾ پنهنجي محبت کي بہ گناهہ جيئن لڪائڻ تي مجبور آهن. جن لاءِ فيض جو اهو شعر ڪفر جي ڪٿا آهي:

عشق دل میں رہے تو رسوا ہو
لب پہ آئے تو راز ہو جائے۔

توکي تہ خبر آهي تہ اڄ سينٽ ويلنٽائن ڊي آهي. پر توکي اها خبر ڪانهي تہ سينٽ ويلنٽائن ڪير هو؟ تہ ٻڌ! سينٽ ويلنٽائن روم جو اهو پوڙهو پادري هو جيڪو باغي هو. جنهن حاڪم جي حڪم جي نافرماني ڪندي، ٻي ترتيب زندگين کي ترتيب ڏني هئي. جنهن اڪيلين ۽ اُداس جوانين کي جوڙن جي صورت ڏني هئي. اهو عيسائيت جو اوائلي دؤر هو جڏهن روم تي ڪلاڊيس II راڄ ڪندو هو جنهن پنهنجي رعايا تي اهو حڪم هلايو هو تہ ڪوبہ جوان شادي يا مڱڻو نہ ڪندو. چو تہ هو ونين سان گهرن ۾ وقت گذريندا ۽ تير نہ هلائيندا. پر هو جيڪي جنگي جوان هئا، تن جي ڍال جهڙن سينن مان وينس ديويءَ جي دادلي پٽ ڪيوپڊ جو تير پار ڪري چڪو هو ۽ هو "جن ريءَ سري نہ ساهہ" جهڙا تي پيا هئا. توکي تہ احساس هوندو تہ جڏهن دل ٻن حصن ۾ ورهائبي آهي تہ وڪريل وجود ويجها تي ايندا آهن. پوءِ ڇا ٿيو؟ اهوئي ٿيو تہ اُهي سونهن جا سوداگر هٿن ۾ هٿ ڏيئي، چرچُن ۾ ڪليسائن جا ستل گهنڊ جاڳائيندا رهيا. پر ڪوبہ اهڙو اهل دل پادري نہ هو جيڪو سندن جيون ۾ رنگ پري سگهي. پر اهو هڪڙو ئي پوڙهو پادري ويلنٽائن هو جنهن ٽٽل حياتين کي ٽانڪا ڏنا ۽ انهيءَ جرمِ عشق ۾ روم جي گهٽين ۾ گهليو ويو قاسي گهاٽ ۾ ماريو ويو. پوءِ روم جي ماڻهن ڪلاڊيس II جي قهر جي ڪاري رات لهڻ ڪانپوءِ 14 فيبروري جو ڏينهن Lovers day ڪري ملهايو ۽ دنيا اڄ ڏينهن تائين ويلنٽائن سان عهدِ وفا ڪندي اچي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ عشق جو عالمي ڏينهن آهي. اڄ نفرتن، منافقتن، مڪارين ۽ مارڪيٽ شيئرز جي نقصانن جو ڏينهن ناهي. نه ئي اڄوڪو ڏينهن سازشي سياستدانن جو ڏينهن آهي. اڄوڪو ڏينهن تمنائن جا تاج سر تي سجائي گهمندڙ جوانين جي تعبيرن جو ڏينهن آهي، اڄ تنهنجو منهنجو ڏينهن آهي. اڄ سوچيان ٿو ته ڇا تي لکان؟ ڪينڊل لائيٽس ۾ مهانگين ريسٽوران ۾ ڊيٽون هٽندڙ ۽ ويلنٽائن ڊنر ڪندڙ جوڙن تي لکان، يا ڳوٺن جي هوٽل تي نم ۽ ٽالهيءَ جي ڇانوَ ۾ ريڊ اينڊ وائيٽ جا ڊگها ڪش هٽندڙ ۽ دود پٽي ڇانهه جون چسڪيون پريندڙ سنڌي عاشقن جي درد تي لکان. ڇا تي لکان؟ يا تنهنجي منهنجي محبت تي لکان يا انهن وصل جي راتين ۾ رلندڙ محبتن تي لکان، جن جا هٿ زماني جي زورآور هوا ۾ ڇڏائجي ويا ۽ اهي جيئري ئي چٽيل پنن جيئن ڪائنات جي الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ گم ٿي ويا! انهن تي لکان جن جي روحن جا رابيل ٽٽڻ کان اڳي ٽوڙيا ويا. انهن بدنصيب جوانين تي لکان جن جي جوڀن ۾ ڪو چاهت جو چنڊ ڪڙي نه سگهيو؟ ٽون ٻڌاءِ ڇا تي لکان. انهن محبتن تي! جيڪي ناڪام ٿي ويون. جيڪي لطيف جي انهيءَ سٽ جي سايي ۾ اڪيون ٻوٽي سمهي رهيون:

سهسين سڄ اُڀري واڄهائيندي ويام.

سڄڻ، تنهنجي منهنجي محبت تي لکڻ کان بهتر آهي ته انهن وجودن تي لکان، جن رڳو ويڇوڙا ڏٺا. جيڪي جيئري ڪهاڙين جي ڀاڃي ۾ سهڪندا رهيا ۽ جي محبت جي نالي ۾ "ڪارا" ڪري ماريا ويا. جن جي مٿان لطيف جو اهو شعر اڄ به ڪتبي جي جڳهه تي ڪهاڙيءَ جيئن لٽڪي رهيو آهي.

ڇا توکي خبر آهي، منهنجي سڀ ڪجهه! ته زندگيءَ جو سڀ کان وڏو الميو محبوب جو نه ملي سگهڻ ناهي، پر الميو محبوب جو نه هجڻ آهي. محبوب جو نه هجڻ انهيءَ امر احساس جو نه هجڻ آهي، جيڪو چئن چپن ۽ ٻن دلين جي وچ ۾ هڪ اڻ لکي ۽ اڻ ڏٺي دنيا اڏي ٿو جنهن ۾ روح ربو فقير جيئن رقص ڪري ٿو. اهو ربو فقير جو رقص ئي ته حياتي جو هجڻ آهي. اهو روح جو رقص ماڻهوءَ کي هڪ اهڙي ڪيفيت ۾ قابو رکي ٿو جنهن ۾ اکيون ڪنهن اهڙي قاتل مند جون محتاج ٿي وينديون آهن، جو وسن ته وسي نه سگهن، جي رڪجن ته رُڪي نه سگهن. عشق اکين جي آڪاس جو اهو آگم


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهي، جنهن لاءِ وسڻ وس ۾ ناهي هوندو. نينهن جو مينهن هونئن به اکين جا آرا ناهي سمجهندو. اکيون جيڪي دل جون دريون آهن، جتان ماڻهو اندر ۾ داخل به ٿئي ٿو ته ٻاهر به نڪري ٿو. توکي خبر آهي ته محبت ماڻهوءَ جو پنهنجي ذات ڏانهن موٽڻ جو نالو آهي. هونئن ماڻهو پنهنجي حياتيءَ ۾ دنيا جهان سان ڳالهائي ٿو پر محبت اهڙو موڙ آهي جتان موٽڻ ڪانپوءِ ماڻهو خود کان ڏار هوندي به، خود سان ڳالهائي ٿو. محبت خود ڪلامي آهي، محبت اها آرسي به آهي جيڪا ماڻهوءَ جو حقيقي ۽ اصلي چهرو ڏيکاري ٿي. جڏهن دنيا سازيءَ جي دز لهي وڃي ٿي. محبت هوائن جي سواري آهي! جيئن ڪنهن چيو آهي ته:

Love is a ride over the wind.

جنهن جي ڪا منزل ڪانهي، جنهن جي ڪا شڪل ڪانهي، هوائن جي ڪهڙي منزل آهي، واهوندن جي ڪهڙي شڪل آهي! محبت ڪو بازار جو سودو ڪونهي، جو ڏيئي وٺي سگهجي. هي هڪ ارپنا آهي، هڪ احساس آهي. محبت ڪا ميهڙ جي ميندي ڪانهي، جا سهاڳ جي ستين ڏينهن لهي وڃي. محبت زندگيءَ جي لوئي جي اها لاک آهي، جا جنمن تائين جوان رهي ٿي. توکي ياد آهي ته ڪڏهن مون توکي چيو هو ته عاشق خادمي آهي، معشوق خدائي. معشوق ٿيڻ جي خواهش معبود ٿيڻ جي خواهش آهي ۽ پوءِ جڏهن مون ايرڪ فرام جي ڪتاب (Art of Loving) مان اهي سٽون پڙهيون هيون ته تون چڙي پئي هئينءَ "معشوق ٿيڻ جي خواهش اهي ڪندا آهن، جيڪي عشق ڪرڻ جي همت ناهن رکندا." ۽ ان کان پوءِ تڏهن به چڙي هئينءَ، جڏهن مون تنهنجي ڊائريءَ ۾ مير جو اهو شعر لکيو هو ته:

یاد اس کی اتنی خوب نہیں میر باز آ،
نادان پھر وہ جی سے بھلایا نہ جائے گا۔

اڄ جڏهن دنيا دل وارن لاءِ جنت جيان آهي، ته سوچيان ٿو ته ڇا سنڌ ڪي به هن عالمي ڏينهن جو پتو آهي؟ سنڌ ته اهو Island آهي، جتي محبتون سائبيريا جي نيرڳين جيان گهايل آهن. جنهن ڪي محبت جي سرزمين چون ٿا، تنهن ڪي عشق جي عالمي ڏينهن جو احساس ڪونهي. اڄ اڄ، ته تون ۽ مان هن ديس ڪي التجا ڪريون ته اڄوڪي ڏينهن ڪي سنڌ جو خاص ڏينهن ڪري ملهايو وڃي. ڇو ته هن ديس جا دل ڦينڪ ماڻهو چوندا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. اسين محبت ۽ امن جا پيغمبر آهيون ۽ هو اميد آهي ته پنهنجي خواهش جو خيال رکندا. ان سان بيو نه ته به دنيا کي پتو پوندو ته هڪ ديس اهڙو به آهي، جتي جو خاص ڏينهن محبت ۽ عشق جو آهي. بيو نه ته به سنڌي اهو ڪجهه ڪرڻ سان عالمي شهري هجڻ جو ته ثبوت ڏيندا. هن دنيا جي هر وستي ۽ هر ڳوٺ محبت جو ممنوع علائقو آهي، جتي پيار نفرتن جي نازي ڪئمپ ۾ جنم وٺي ٿو. ڪهاڙين جي پاڇي ۾ پلجي ٿو جوڪن ۾ جوان ٿئي ٿو. گهران ڀڄي نڪتل ۽ ڪارو ٿي مئل پيار دنيا اڳيان هن ديس تي فرياد داخل ڪري ٿو ته جيئن عشق سان انصاف ٿئي. سنڌ شايد انهيءَ ڪري به سک نه سنيري سگهي آهي جو هو محبت کي مان نه ڏيئي سگهي، ڇو ته هو ڪنوارين دلين جي ڪچڙن احساسن جي قاتل آهي. هڪ اهڙو اوپن جيل آهي جتي جواني سينٽ ويلنٽائن جيئن قيدي آهي. اڄ پنهنجو فرياد هٿن ۾ بوڪي کڻي هيپي ويلنٽائن چوندڙ دنيا جي ڪورٽ ۾ آهي ته هو سنڌ کي عشق ڪرڻ جو آرٽ سيکاري، ته جيئن سنڌ ”محبت ٿيندي آهي يا ڪبي آهي.“ واري خود فريبيءَ مان نڪري لطيف کي انهيءَ سٽ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ته ”محبوبن منٿون ڪري، سڪڻ سيکاريوم“ ته جيئن هوءَ محبت ٿيڻ کان پوءِ سڪڻ سکي ۽ معبود يعني محبوب جي منٿون ڪرڻ واري معنيٰ به سمجهي. سنڌ جيڪا سياست نه سکي سگهي، جي اها محبت به سکي وٺي ته ان کي سياست پاڻهي پلئه پئجي ويندي.

(آچر، 14 فيبروري- 1999ع)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ممنوع جوانيءَ "ڇيڙ ڇاڙ"

ڳالهہ ڇڙي آهي، تہ ڇوڪرا ڇوڪرين کي ڇو ٿا ڇيڙين؟ ڳالهہ فقط اها ڪونهي ڇڙي، ڳالهہ اها بہ ڇڙي آهي تہ"جواني جوانيءَ کي ڇو ٿي ڇيڙي؟" جواني فقط ڇڙندي ڪانهي، جواني ڪڙندي بہ آهي. ڇيئن تارا ڪڙندا آهن ۽ تارون ڇڙنديون آهن، تيئن جوانيءَ کي تارا بہ آهن تہ تارون بہ آهن. جواني جڏهن تڙندي آهي، تڏهن ڇڙندي آهي ۽ جڏهن ڇيڙيندي آهي تڏهن ڪڙندي آهي. زندگي جي سُرندي تي جڏهن جوانيءَ جون تارون سرگرم ڇيڙينديون آهن، تڏهن ئي زندگيءَ کي معنيٰ ملي ٿي ۽ دل ميران ٻائي جو پڃن ڳائڻ لڳي ٿي:

"گهايل ڪِي گت گهايل جاني اور نہ ڄاني ڪوئي."

جوانيءَ جي ڇڙڻ ۽ ڇيڙڻ لاءِ ڪنهن بہ جواز جي ضرورت ڪونهي. جواني خود هڪ وڏو جواز آهي، نہ فقط جواز آهي، پر سيني جوازن جو جواب بہ آهي. جيڪڏهن بہ هٿ ٺوڪين سوالن ۽ سببن جو سٽ اڪيليندا ويندا سين تہ ڳالهہ وري بہ وڃي، مومل جي ماڙن ۽ راڻي جي ريڏائين تي ڪتندي ڇو تہ جيون جي ڪاڪ ۾ جواني مومل بہ آهي تہ راڻو بہ آهي. جهڙي نموني سان سونهن کي ڇاهڻ ۽ ساراهڻ لاءِ ڪنهن سبب جي ضرورت ڪونهي، اهڙي نموني سان جواني ڇڙڻ ۽ ڇيڙڻ لاءِ ڪنهن جواز جي محتاج ناهي. جيڪا ڪتي بہ ڇڙي سگهي ٿي ۽ ڪڏهن بہ ڇيڙي سگهي ٿي.

هن گئس چيمبر جهڙي گهٽيل سوسائٽيءَ ۾ جتي جيئڻ لاءِ آڪسيجن بہ جوازن جي محتاج هجي، اتي ڪنهن الهڙ جوانيءَ جو ڇڙڻ يقينن ڪنهن ڪفر کان گهٽ ڪونهي. جنهن سماج ۾ عشق جي پکيءَ جا پَر ڪتيل هجن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ آزاد فضائن جي اڏامر هڪ خواب جيان رهجي ويجي ٿو اتي زندگي بند کولي آهي، جنهن ۾ جواني جنگي قيديءَ جيان جلندي رهي ٿي. اسين جيڪي گهڻو عرصو غلاميءَ ۾ رهندي ۾ ڪجهه نه ڪري سگهڻ ڪري جتي عجيب ڪاوڙ بي اعتباري ۾ مونجهارن جو شڪار ٿي ويا آهيون، اتي زندگيءَ ڏانهن ڪا به مثبت ۾ معنيٰ خيز اپروچ به پيدا نه ڪري سگهيا آهيون. زندگي اسان وٽ نوٽ ڇاپڻ جي مشين آهي، جنهن تي اسان محرومين ۾ فرسوده روايتن کي ڇاپيندا آيا آهيون. هتي جواني معنيٰ آهي، جنهن جي چوڪ تي Prohibited area for love (جنهن جاءِ تي محبت ڪرڻ منع هجي) جا سائن بورڊ ٽنگيا پيا آهن. جيڪي انهيءَ ڳالهه جي به علامت آهن ته هي ديس نفرتن تي به گذارو ڪري سگهي ٿو. اسان وٽ جواني پٽڪي جي ورن سان ويڙهيل آهي، جنهن جي نگهباني ڪهاڙيون ڪن ٿيون. اسان زندگيءَ کي ريتن ۾ رسمن جو ٺيڪيدار ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي روز ڪيتريون ئي جوانيون ڀيٽي ۾ ڏيندا آهيون ۾ سمجهندا آهيون ته زندگيءَ جو قرض پيا لاهيون.

ڪير سمجهائي هن ڇرئي ديس کي، جنهن عورت کي نيپولين بونا پارٽ وانگي صرف ٻار ڄڻڻ جي مشين ئي سمجهيو آهي. اسان وٽ عورت فقط ٻن صورتن ۾ بخشش جي دائري هيٺ آئي آهي، يا ته اولياءَ ۾ درويش سمجهي بخش ڪيو ويو آهي يا وري موهن جي دڙي جي ”ناچڻي“ سمبارا سمجهي ڏاريو ويو آهي. باقي عورت جا مڙئي روپ تنقيد ۾ تذليل جي اڏيءَ تي ڦٽڪندا رهيا آهن.

سنڌي سماج انهيءَ ڪري به نه سڌري سگهيو آهي، جو هو عورت کي ڪو قد ۾ معنيٰ نه ڏئي سگهيو آهي ۾ جيڪڏهن ڏئي سگهيو آهي ته فقط ”ڪاري“ جو لقب ڏئي سگهيو آهي. جيڪو ڪنهن به عورت جي قتل لاءِ ريتن ۾ رسمن جو سرٽيفڪيٽ آهي، يا لائيسنس آهي، جنهن جو رنگ ڪارو آهي. دليلن جي ڪارڻ جڏهن ريتن ۾ رسمن جو رنگ ڦٽائي ٿي، تڏهن عورت فقط پير جي جُتي جيان رهجيو وڃي.

ائين به ڪونهي ته عورت جي تذليل فقط سنڌي سماج ۾ آهي، پر هن صنف نازڪ سان جُٽ سموري دنيا جا سماج ڪندا آيا آهن. آدم جو جنت مان تڙجڻ به حوا جي حصي ۾ آهي ته پراڻي عهدنامي جي باب پهرئين Genesis ۾ اهو آدم جو حصو سڏيو ويو آهي:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

Woman was her name beçause she was taken out of man.

(ترجمو:هن جو نالو عورت ان لاءِ هو جو هن کي مرد مان پيدا ڪيو ويو)

عيسائي پادرين ته ڪنهن زماني ۾ هڪ زبردست بحث ڇيڙيو هو ته عورت کي روح به آهي يا نه؟ وڏي بحث مباحثي ۾ خاص مهربانيءَ کان پوءِ اها رعايت ملي ته ڏهن عورتن ۾ هڪ روح هوندو آهي. عيسائي معاشري ۾ عورت سان اها حالت ارڙهين صديءَ جي صنعتي انقلاب تائين جاري رهي. اسلام ۾ به عورت لاءِ حضور صه جن جو ڏنل ڏنل ئي آزادي ۾ احترام جو دؤر رهيو آهي. ان کان پوءِ ته سامره، قاهره، قرطبه، دمشق، حلب ۽ بغداد جي گهٽين ۾ ڪنيزون عرف عورتون ٻڪرين جيان وڪيبون رهيون. بغداد جي گهٽين ۾ خليفي جي گهوڙن جي پُڇن سان ٻڌل ڪي بيون نه پر عورتون بلڪ سنڌي عورتون هيون. هندستان ۾ عورت جا روپ ديوي کان وٺي داسي تائين جا رهيا آهن. دروپدي جيان پنجن مڙسن جي پناري پئي آهي، سَتي تي ڏاگهه چڙهي آهي، سيتا تي آزمائش ۽ امتحانن جي ٽانڊن تان گذري آهي. ڇا به هجي، عورت مرد جي هزار جتن جي باوجود به مرد جي مجبوري ۽ ڪامپليڪس رهي آهي. ارسطو عورت کي فطري ڪمزوري ڪوٺيو آهي، ته شيڪسپيئر "هيملٽ" ۾ چئي ٿو:

O frailty thy name is woman!

(اي بيوفائي تنهنجو نالو عورت آهي)

عورت ڪمزوري هجي يا نه، پر مرد جي ضرور ڪمزوري رهي آهي. نه فقط عورت مرد جي ڪمزوري آهي، پر مرد به عورت جي ڪمزوري آهي. جيڪڏهن چون ٿا ته عورت مرد مان پيدا ڪئي وئي آهي ته بائيولاجي چوي ٿي ته مرد عورت مان جنم ورتو آهي. عورت جي جنس جو تعين ڪرڻ وارا ڪروموسوم xx آهن، جڏهن ته مرد ۾ x.y ڪروموسوم هوندا آهن، جنهن ۾ y هڪ stunted chromosom آهي، جيڪو ڪڏهن به پنهنجي فطري اوسر کي نه پهچي سگهيو آهي. انهيءَ ڪري سائنس اهو دليلن سان ثابت ڪري ٿي ته مرد عورت مان جنم ورتو آهي. وڏي بحث ۾ الجهڻ کان بچندي، فقط انهيءَ تي قناعت ڪريون ٿا ته ٻنهي هڪ ٻئي مان جنم ورتو آهي. يعني ٻئي هڪ ٻئي جا لازم و ملزوم جُز آهن، جن جو هڪ ٻئي کان سواءِ رهڻ مشڪل بلڪ ناممڪن آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون سمجهان ٿو تہ انهيءَ ڳالهہ تي يقين ڪان پوءِ اسان ڪي انهيءَ تي بہ يقين ڪرڻو پوندو تہ ٻئي هڪ ٻئي کي ڇيڙڻي بہ سگهن ٿا. لفظ ”ڇيڙ“ کي ضرورت جي دائري ۾ آڻجي تہ پانيان ٿو تہ ڪنهن باقي بحث جي مزيد گنجائش نہ ٿي رهي. باقي ڇيڙڇاڙ جي طريقن ۽ اندازن تي ڳالهائي سگهجي ٿو. عورت ۽ مرد جي ”ڇيڙڇاڙ“ جي ڪهاڻي بہ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري خود آدم ۽ حوا جي وارتا آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ قديم زمانن کان وٺي وڏيڪ ڇيڙڻ جو ڪريڊٽ بنيادي آزادي، سا بہ فقط يورپ ۾ ارڙهين صديءَ کان پوءِ واري صنعتي انقلاب کان پوءِ ملي. باقي اڳتي واري دؤر ۾ فقط مرد ڇيڙيندو آيو هو ۽ عورت خاموشيءَ سان ڇڙندي آئي هئي. جڏهن ميڊيا جو بنياد پيو رياستي ڪاروهنوارن ۾ عورت کي social being طور اهميت ملي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ هو بہ ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ مغرب ۾ انهي آزاديءَ نسوان جو چرچو ايتري حد تائين وڃي پڳو جو ٽي وي تي عورتون ملزم وانگي جنسي حملي (Sexual Harassment) کي سر خم تسليم ڪرڻ لڳيون ۽ انهي جنسي اسڪينڊلن جا شڪار مغرب جا الائي ڪيترائي حڪمران ٿيا، جن ۾ هاٽوڪو بل ڪلنٽن بہ شامل آهي، جنهن تي پالاجونز نالي عورت اڄ بہ جنسي حملي جو ڍنڍورو پٽيندي گهمي. آمريڪي صدر جي جنسي مونجهارن ۽ ذاتي ضرورتن تي جيڪڏهن فلم ڏسڻي آهي تہ American President ڏسو جنهن ۾ ڪلنٽن کي فليش ڪيو ويو آهي.

عورت جي ڇيڙ ڇاڙ (Eve teasing) تي هندستان کان ويندي آمريڪي ۽ يورپي ٽي وي چينلن تي ڪيترا ئي پروگرام اچي چڪا آهن، جن ۾ ٻنهي جي هڪ ٻئي لاءِ ضرورت ۽ خواهش بحث هيٺ آئي آهي. رجنيش چوندو هو تہ ”هر مرد جي شعور ۾ ڪجهہ عورتاڻا عنصر هوندا آهن ۽ هر عورت جي شعور ۾ ڪجهہ مرداڻا عنصر هوندا آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي اڻ تت هجڻ جي گواهي آهن.“ يونان جي قديم شاعره سئفو جيڪا ڏسڻ ۾ بدصورت هوندي هئي ۽ پنهنجي بدصورت هجڻ جي ڪامپليڪس، هن کي ضرورت کان وڌيڪ Feminist ڪري ڇڏيو هو ۽ هو يوناني ڇوڪرين ۾ مردن خلاف ڳالهائيندي گهمندي هئي، پر اهڙو وقت بہ آيو جو هو عشق جي عقاب جي چنبن ۾ آئي ۽ پوءِ هن پنهنجي محبوب مرد تي لازوال گيت لکيا. جيڪي اڄ بہ عورت ۽ مرد جي هڪ ٻئي کان ڇجي ڏار رهڻ واري تصور کي ٽوڙين ٿا ۽ اهو ثابت ڪن ٿا تہ ٻئي هڪٻڙي سڪي جا بہ پاسا آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان جو سماج جيتوڻيڪ اجا زوال پذير آهي جتي زندگيءَ ڏانهن ڪا مثبت ائپروچ نہ جڙي سگهي آهي، اتي عورت جي آزاديءَ واري ڳالهہ ڪلفي حوالن کان ڪوري ۽ اڻپوري آهي. اسان جي سوسائٽي ظاهري طور تي Male dominated (جتي مرد حڪم هلائي) آهي، پر حقيقتن Female dominated آهي، (جتي عورت جو حڪم هلي) آزاديءَ نسوان تي سموري دنيا ۾ هر دؤر ۾ بحث ٿيندا آيا آهن ۽ عورتن جي حقن لاءِ ڪيترا ئي فورم بہ جڙي چڪا آهن. دنيا جي ڪل آباديءَ جو اڌ حصو عورتون آهن. جيڪي يقينن ئي ارب کان مٿي هونديون. جن جي حقن جي ادائگي ۾ آزادي انسانيت جو ثبوت آهي، پر علامہ اقبال تہ آزادي نسوان تي زمرد جي گلو بند کي ترجيح ڏئي چڪو آهي. فرمائي ٿو:

کيا چيز هي آرائش و قيمت مين زياده

آزاديءَ نسوان کر زمرد کا گلو بند.

اڄڪلهہ بحث ڇڙيل آهي تہ "ڇوڪرا ڇوڪرين کي ڇو ٿا ڇيڙين؟" جيڪو مهراڻ يونيورسٽي جي هڪ شاگرديائيءَ جي انٽرويو کان شروع ٿيو ۽ استادن، اديبن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي انهي گناهہ جي لذت جي قبوليت ۽ اقرار جي عمل مان گذرندو آيو آهي، جنهن مان تقريبن اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ ڇوڪرو ڇوڪريءَ کي ڪو نہ ٿو ڇيڙي، پر مرد، عورت کي ٿو ڇيڙي. ڇيڙڇاڙ گهڻو ڪري مرد پاران ئي ٿئي ٿي. عورتن پاران ٿيندڙ ڇيڙڇاڙ جو دائرو نهايت ئي محدود آهي ۽ اهو فقط آزادي واري ماحول ۾ ممڪن آهي. انهيءَ سوال جو پيرو کڻندي، مون جڏهن ايل ايم سي جي هڪ ذهين شاگرديائيءَ کان پڇيو تہ هن چيو تہ "ڇوڪرا ڇوڪرين کي انهيءَ ڪري ٿا ڇيڙين، جو ڇوڪريون ڪو نہ ٿيون ڇيڙين." آئون سمجهان ٿو تہ اسان وٽ ڇوڪرن پاران ڇيڙڇاڙ جو وڏو سبب ڇوڪرين جي هيٺائي ۽ بي همٿي بہ آهي. ڇيڙڇاڙ (Eve teasing) يا Hooting سموري دنيا ۾ ٿئي ٿي، پر اسان وٽ انهيءَ جو انداز بلڪل وحشياڻو آهي. مثبت ڇرچو ۽ اخلاق جي حدن ۾ ڪيل ڇيڙڇاڙ هڪ خوشگوار ماحول جو جنم آهي، پر اسان وٽ ٿيندڙ ڇيڙڇاڙ جا انداز Hooting وارا گهٽ ۽ تذليل وارا وڌيڪ هوندا آهن، جن سان يقينن منفي اثرات جنم وٺن ٿا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

عورت سان ٿيندڙ ڇيڙڇاڙ جي نالي ۾ جُتُ فقط ادارن تائين محدود ڪونهي، پر انهي جو دائرو سموري سنڌ آهي، جنهن ۾ هر ڳوٺ کان ويندي شهر، هر پارٽي کان ويندي آفيس، ليڊرن کان ويندي ڪارڪن ۽ استادن کان ويندي شاگردن تائين سڀ جا سڀ اچي وڃن ٿا. منهنجي خيال ۾ انهيءَ ڇيڙڇاڙ جي نالي ۾ ٿيندڙ واهيات گيري (Vulgarity) خاص ڪري ادارن ۾ گڏريل ستن اٺن سالن کان زور ورتو آهي، جنهن جا ڪيترا ئي سبب آهن. انهيءَ حرڪت جي پهرين ذميواري اسان جي سماج جي گهٽ ۽ ہوسٽ واري ماحول کان شروع ٿئي ٿي، جتي مرد ۽ عورت جو گڏ گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ ۽ کلڻ چڙڻ تہ حوا جي ڪٽڪ جو ڏاڙو ڪائڻ واري گناھ جي برابر آهي، جتي "ڪارو ڪاري" جي خوف جا باز پريم ونڊيندڙ دلين تي لامارا ڏيندا رهن ٿا. جتي ڀهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ ڪيترا ئي چاهت جا چنڊ لوڙهن تان تانگهيندي تانگهيندي الهيو وڃن ۽ ڪيترين ئي جوانيون جنهور جي تڪين مان دليون ٺاهيندي وساميون وڃن، پر مرڪن جو ميلاپ پوءِ بہ ڏينهن ڏٺي جي خوابن جيان بي معنيٰ ئي رهي ٿو. انهي پيار جي آڪسيجن جي اٿاٿ واري ماحول مان جڏهن جوانيون ميڊيا جي ڪاربان مونو آڪسائيڊ واري ماحول ۾ پهچن ٿيون تہ انهن جي اڳيان زندگي وار ڪولي ۽ رنگ بدلائي اچي بيهي ٿي ۽ پوءِ ريتن جي سنگهرن سان سلهاڙيل پير پيچو ڪرڻ ۽ چپ سيٽيون وڄائڻ لڳن ٿا ۽ اهو عمل رومانس جي حدن مان نڪري Insult (بيعزتي) تائين بہ پهچيو وڃي.

انهيءَ جو ٻيو سبب اليڪٽرانڪ ميڊيا جي خطرناڪ يلغار بہ آهي، جيڪا گذريل ڪجھ سالن کان نوجوان نسل ۾ عجيب و غريب ٽرينڊس جي هوا ڏئي رهي آهي. "پراڻي جينز اور گٽار" جهڙا گانا ڳائيندڙ نوجوان ميريڊٿ برڪس (Meridith Brooks) جي گاني The Bitch ڪي بہ ڳائڻ لڳندا آهن، جنهن ۾ عورت کي ڪاري ڪتيءَ سان تشبيھ ڏئي، چڱي خاصي تذليل ڪئي وئي آهي. ميڊيا خاص ڪري اليڪٽرانڪ ميڊيا جيڪا عوام جي ذهنن تي منفي ۽ مثبت اثرات کي خطرناڪ طور تي اثرانداز ڪري ٿي، سا نوجوان نسل جي بگڙندڙ روين کي علم ۽ اخلاق جي زوال جو سبب بہ بڻائي ٿي.

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ گذريل ستن اٺن سالن کان وڌندڙ ڇيڙڇاڙ جو ٽيون سبب نظرياتي ۽ سياسي بحران آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جتي سموري دنيا جي سياسي پارٽين ۽ ڪارڪنن تي خطرناڪ اثر پيا، اتي سنڌ جي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ شاگرد تنظيمون به وڏي پئماني تي انتشار جو شڪار ٿيون. 90ع کان اڳ تقريبن هر شاگرد ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان سياست ۾ "اِن" هو پر وڌندڙ سياسي بحران، هڪ عجيب چڙواڳيءَ کي جنم ڏنو جنهن جا نتيجا اڄ انهي بحث تي اچي پهتا آهن ته ڇوڪرا ڇوڪرين کي ڇو ٿا ڇيڙين؟

سنڌ جا ادارا سنڌ جي جواني آهن، جن جي هاسٽلن جي رومن ۾ رهندڙ شاگرد پنهنجي ديوارن تي هڪ اهڙو پورٽريٽ به لٽڪائي رکندا آهن جنهن ۾ جواني هڪ ٻئي کي گلي ۾ ٻانهن جي هارن سان پاتل هوندي آهي ۽ جنهن جي هيٺان لکيل هوندو آهي:

Even the wisest among us, bows under the heavy weight of love.

جنهن کي پڙهندي جواني هينري لانگ فيلو جو گيت My lost youth جهونگارڻ لڳندي آهي:

A boy's will is the winds will, And the thoughts of youth are long, long thoughts.

اهو جوانيءَ جو "ٽائيٽل سانگ" آهي. "تتر تيز اڏار جوين به تي ڏينهڙا" وارو تصور اسان کان ڇا ڇا ٿو ڪرائي، انهيءَ جو اندازو جوانيءَ کي ته ڇا پر خود زندگيءَ کي به ڪونهي. جوين خود هڪ باهه آهي، جذبن ۽ احساسن جي باهه جنهن جو ٻيو نالو محبت آهي. جنهن جي جلڻ پچڻ ۾ به هڪ پنهنجو سرور ۽ نشو آهي. تڏهن ئي ته اسان جي دوست شاعر مير حسن آريسر چيو آهي ته:

روز ٿا جوين جي آويءَ ۾ جلون،
پوءِ به ٿا چاهيون ته رهجي نوجوان.

جوانيءَ کي فتحون به آهن ته شڪستون به آهن. جوانيءَ جي شڪست، جيت کان وڌيڪ دلڪش هوندي آهي. ڇو ته هارائڻ وارو حسن هوندو آهي ۽ هارجڻ واري جواني هوندي آهي. لارڊ بائرن چيو هو:

The days of our youth are the days of our glory.

اسان جوانيءَ جا عاشق آهيون، جڏهن به ۽ جتي به جوانيءَ تي حملا ٿيندا آهن، ته دل پچرڻ لڳندي آهي. اڄ جڏهن ڇيڙڇاڙ جي نالي تي ڪو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جوانيءَ تي حملو ٿو ڪري ته دل ۾ هڪ عجيب خوف جوان ٿيڻ لڳي ٿو ۽ دل چاهي ٿي ته وڏي واڪ چئجي ته جواني کي ڇڙڻ ۽ ڇيڙڻ ڏيو. جيڪي وٽن سي حدون ۽ پابنديون مقرر ڪريو پر جوانيءَ کي ڇيڙڻ کان نه روڪيو. پر جواني ديواني آهي. انهي کي زماني جي ظلم جي ڪهڙي خبر. انهيءَ ڪري زماني کي جوانيءَ جي پارت هجي ۽ انهن جوان جذبن ۽ جوڙن جي پارت هجي، جيڪي محبت جي سيارن ۾ سائبيريا جي پکين وانگر منافق ريتن ۽ نامراد دلين جي باهه هاٺين بندوقن جو نشانو ٿيو وڃن. ڊپ ٿو ٿئي ته ڇيڙڇاڙ جي نالي ۾ وڏندڙ واهيات گيرين جي نتيجي ۾ ڪٿي آزاد ديس جي هوائن سان افغانستان جون بي وڙيون هوائون نه گهلي اچن. انهي ڪري هيٺين ۽ هراسيل جوانين جي ڇيڙڇاڙ ڪندڙ جوانين کي دردمند دلين جي پارت هجي. اسان جي نه پر قصوري عاشق بابا بلهي شاهه جي لفظن ۾:

درد مندان نون ڪوئي نه ڇيڙي،
آپي اپنا دک سهيڙي

(اربع، 27 آگسٽ 1997ع)

◻◻



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# هڪ اداس ڪالم

چون ٿا تہ سرمد کي جڏهن قتل ڪرڻ لاءِ وٺي پئي آيا، تڏهن هن جلاد جي سامهون پهچندي ئي اهو شعر چيو هو:

غوغائي شد از خواب عدم چشم ڪشوديم،
ديدم کر باقيست شب فتنہ غنوديم.

جنهن جو مفهوم ڪجهہ هيئن آهي تہ، ”گوڙ ٿيو عدم جي ننڊ مان اک پٽيم ۽ ڏٺم تہ فتني جي رات اجا باقي آهي، سو وري سمهي پيس!“ سرمد جي انهي شعر ۾ ننڊ موت آهي ۽ زندگي فتني ڀري رات آهي. ڪنهن موت کي نجات سمجهيو آهي، ڪنهن موت کي حقيقت چيو آهي. ڪنهن موت کي فتح چيو آهي ۽ ڪنهن شڪست چيو آهي. مقصد تہ جيئن زندگيءَ کي هڪڙي مڙهيل (Imposed) قسم جي شيءَ سمجهيو ويو آهي، بلڪل ائين موت کي بہ لکئي جو ليک سمجهيو ويو آهي. مرزا غالب چيو هو تہ: ”موت کا ايک دن معين هي، نيند ڪيون رات ڀر نهين آتي“. پر شيخ اياز چوي ٿو تہ:”مون زندگي ۾ هڪ بہ ڀيرا خودڪشي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. جڏهن مون خودڪشي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، مون کي ٽي چار راتيون ڏاڍي گهري ننڊ آئي.“ غالب ۽ اياز ۾ موجود ان تضاد جي قطع نظر موت جي باز لاءِ هڪڙي مخصوص گهڙي مقرر سمجهي وڃي ٿي، جنهن ۾ اهو زندگيءَ جي جهرڪيءَ کي چنبي ۾ ڪٽي هليو وڃي ٿو. موت ۽ زندگيءَ جي باري ۾ اهڙي راءِ رکڻ سان اهو ٿيو جو موت هڪ خطرناڪ خوف ٿي پيو هڪ عذاب ناڪ انتظار ٿي پيو ۽ زندگي هڪ پليٽ فارم جيان رهجي وئي. جتان ڪيڏي مهل بہ موت جي گاڏي لنگهندي ۽ انهي بيوس مسافر کي پاڻ سان گڏ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄاتي سفر ڏانهن وٺي ويندي. جڏهن زندگي وٽ ڪو آپشن نہ رهيو تہ زندگي ونگار تي پئي، جيڪا بس وهٽي آهي. اها بيوسي ماڻهوءَ کي ايترو تہ ڪمزور تي بڻائي، جو ماڻهو موت جي پاڇي کان لڪندو ۽ ڊڄندو ٿو گهمي ۽ انهي زندگيءَ جي ڊنل ۽ هيسيل هرڻيءَ پويان موت شڪاري جيان پيڇي ۾ رهي ٿو ۽ ماڻهو ڪو بہ غيرمعمولي ڪم ڪرڻ کان ڪورو رهجيو وڃي. زندگيءَ ۾ ڪجهہ ڪرڻ جو Concept تڏهن ئي چٽو ٿئي ٿو جڏهن موت کي اڳيان ڪيو وڃي. اڳيان ڪرڻ جو مطلب تہ موت کي پنهنجي مرضيءَ ۾ آڻدو وڃي، پنهنجي Option ۾ شامل ڪيو وڃي، جيئن لطيف چيو آهي:

تو سڳ ساها! گهٽن سين، جيئن تو ستي جاءِ،
مرڻا! مون سين آءِ، تہ پٺيءَ تو پنڌ ڪريان.

لطيف جي انهي خيال ۾ موت مٿ ۾ بند ڪيل ٿافي آهي جيڪا ڪيڏي مهل بہ کائي سگهجي ٿي ۽ موت جو خيال جڏهن جذب (Absorb) ٿي وڃي، تڏهن اهو آپشن ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. جهڙي نموني سان جيئڻ هڪڙي جبلت (Instinct) آهي، اهڙي نموني سان موت بہ هڪ جبلت آهي جيڪا ماڻهوءَ جي مرضيءَ ۾ تڏهن شامل ٿي سگهي ٿي، جڏهن جيئڻ جي جبلت تي قابو پائي سگهجي. پنهنجي مرضيءَ سان موت جو بيو نالو خودڪشي آهي، جنهن جا ڪيترا ئي سبب ٿي بہ سگهن ٿا ۽ نٿا بہ ٿي سگهن. خودڪشي اصل ۾ پنهنجي ذات جي نفي آهي. لاذات ۽ انا جي هڪڙي خطرناڪ جنگ جو نتيجو آهي. سگمنڊ فرائڊ جو چوڻ آهي تہ "جڏهن لاذات ۽ انا جي جنگ وڌي ويندي آهي تہ Super Ego (فوق الانا) سجاڳ ٿي ٻنهي کي سرچائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. سرچاءُ نہ ڪرائي سگهڻ جي صورت ۾ لاذات جو دٻاءُ وڌي ويندو آهي ۽ اهو الجهاءُ ماڻهوءَ کي موت جي جبلت (Instinct of Death) جي ويجهو وٺي ويندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي خودڪشي جو سبب بڻجندو آهي. تصوف بيٺل ئي "لا" جي فلسفي تي آهي. نفس کي مارڻ (Self Negation) ئي صوفين جي زندگيءَ جو محور ۽ مقصد رهيو آهي. نفس کي مارڻ يا خوديءَ جو خاتمو اصل ۾ جيئڻ جي جبلت جو خاتمو آهي ۽ جيئڻ جي جبلت جو خاتمو موت جي ماڻهو جي آپشنس ۽ مرضين ۾ Entry (داخلا) آهي. جيڪا ڪڏهن بہ ڪري سگهي ٿو ۽ ڪٿي بہ ڪري سگهي ٿو. انهي صورت ۾ پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرضيءَ جو موت يا خودڪشي نہ ڪرڻ بہ هڪ آپشن آهي ۽ پنهنجي آپشن جو استعمال ئي تہ آزادي آهي. خودڪشيءَ جي چُوائس جو ماڻهوءَ جي اندر ۾ داخل ٿيڻ ئي اصل ۾ ماڻهوءَ جي موت تي برتري آهي. ڇو تہ سدائين موت ماڻهوءَ جي تعاقب ۾ رهي ٿو ۽ هن جو نہ چاهڻ ئي موت جي فتح آهي. موت جو شڪار زندگي آهي. موت کي ختم ڪرڻ لاءِ زندگيءَ کي ختم ڪرڻو پوندو. جيئڻ جي جبلت کي مارڻو پوندو. زندگي جيڪا لذيذ آهي، زندگي جيڪا عزيز آهي، انهي کي ڇڏڻ تمام وڏي بهادري آهي. زندگي جيڪا سارتر چواڻي مڙهي وئي آهي، انهيءَ کي ڇڏڻ بغاوت آهي. بغاوت جيڪا ڪنهن بہ صورت ۾ بدصورتي ناهي، بزدلي ناهي، پر بغاوت بهادري آهي، آزادي جو رستو آهي. انسان جي سيني رنگن ۽ روپن مان سڀ کان خوبصورت ۽ دلڪش روپ باغي جو آهي، جيڪو پراميٿيس وانگر آهي. بغاوت ماڻهوءَ جي مرضيءَ جو اعلان آهي ۽ زندگيءَ کان بغاوت کي خودڪشي چيو ويو آهي. غالب چيو هو:

مرتي هين آرزو مين مرني ڪي،
موت آتي هي پر نهين آتي!

صوفين زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏني آهي. ڇو تہ هنن ذات تي لاذات کي ترجيح ڏني آهي. موت کي محبوب جي ميلاپ جو ذريعو سمجهيو آهي. هنن جيئڻ جي جبلت تي قابو پائي وڃڻ کي ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي فتح قرار ڏنو آهي. زندگي جهڙي دلڪش شيءَ تان هٿ کڻڻ، معنيٰ موت جي چوائس ڪرڻ آهي ۽ ڪنهن بہ شيءَ کي پنهنجي مرضيءَ ۾ شامل ڪرڻ انهيءَ جي شڪست آهي. انهيءَ ڪري خودڪشي ڪنهن بہ صورت ۾ بزدلي ڪونهي، فراريت ڪونهي، پر چوائس آهي، جيڪا ڪو بہ آزاد ماڻهو ڪري سگهي ٿو. جيئن آئسڪريم کائڻ هڪڙي چوائس آهي، ائين خودڪشي ڪرڻ بہ هڪ چُوائس آهي. زندگي کي Follow (پيڇو) ڪرڻ هڪ غلامي آهي، جنهن کي صوفين ائين نِنديو آهي، جيئن لطيف نِنديو آهي:

مر تہ موچاري ٿيئين، اجلان اڳي اڄ.
يا
مر تہ موچاري ٿيئين، ويهي جيءُ م جوءِ.
يا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي تون ڪالهه مئي، تہ ڪالهہ ٿي گڏي پرينءَ کي.

دنيا ۾ بيشمار ماڻهن خودڪشيون ڪيون آهن. هٽلر کان وينڊي وان گوگ تائين، هيمنگوي کان وينڊي ماياڪووسڪي تائين، سڀ جا سڀ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي خاتمي کي پنهنجي مرضيءَ ۾ شامل ڪري ويا آهن، جنهن جا ڪيترا ئي سبب ٻڌايا وڃن ٿا. پر دراصل خودڪشيءَ جو ڪو بہ سبب ناهي، چو تہ چوائس جو ڪو بہ سبب ناهي هوندو. جنهن خودڪشي پويان ڪو سبب آهي تہ اها خودڪشي ناهي، پر فراريت آهي، بزدلي آهي. خودڪشي اها آهي جيڪا سيني سببن ۾ مسئلن جي حل ڪانپوءِ ڪئي وڃي. جيڪڏهن اسان خودڪشيءَ کي آپشن چئون ٿا تہ پوءِ آپشن جي استعمال لاءِ آزاديءَ وارو ماحول لازمي آهي مسئلن جي ڪري، مايوسين جي ڪري ڪيل خودڪشي غلاميءَ ۾ آنڊل انت آهي، جنهن کي ڪجهہ بہ چئي سگهجي ٿو.

ڪالهوڪي 'ڪاوش' ۾ اصغر برفت جي اسٽوري ڇپي آهي جنهن ۾ مختلف ماڻهن خودڪشيءَ تي مختلف رايا ڏنا آهن جن ۾ هڪڙو پروفيسر نوراني بہ آهي، جنهن چيو آهي تہ "مڪمل مايوسيءَ ۾ رڳو ٻہ رستا بچندا آهن تہ ماڻهو پاڻ کي ماري ڇڏي يا وري ان کي قتل ڪري ڇڏي، جنهن کيس پريشان ڪيو آهي." پروفيسر نوراني اهو پيءُ آهي جنهن جو پٽ خودڪشي ڪري چڪو آهي. انهي ڪري اهو خيال فقط اهڙي ماڻهوءَ جو ئي ٿي سگهي ٿو جنهن جي هٿن مان ڪجهہ هليو ويندو آهي، دراصل خودڪشي جيڪڏهن سببن جي ڪري آهي تہ اها فراريت آهي.

پر اهو سبب جيڪڏهن مايوسي آهي، ڊپريشن آهي تہ بزدلي آهي، پر خودڪشي جيڪڏهن آزاد خياليءَ سان يا اداسيءَ جي ڪيفيت ۾ ڪيل آهي تہ اها چوائس آهي، آپشن آهي. مرضي آهي. چو تہ پريشاني يا مايوسي جو سبب ٿيندو آهي ۽ اداسيءَ جو ڪو بہ سبب ڪونهي. جيڪڏهن ڪو چوي ٿو تہ فلاڻو فلاڻي سبب جي ڪري اداس ٿي ويو تہ اهو مايوس ٿيو هوندو پريشان ٿيو هوندو نااميد ٿيو هوندو پر اداسي، نااميدي ناهي، بلڪل ائين جيئن محبت مجبوري ناهي. ممڪن آهي تہ منهنجي انهيءَ خيال سان ڪوڙ سارا ماڻهو متفق نہ ٿيندا هجن. پر اها منهنجي تبليغ ڪونهي، پر Opinion آهي، رايو آهي، جيڪو وڏيڪ بحث جي دعوت ڏئي ٿو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪالهوڪي اسٽوري ٻڌائي ٿي تہ سنڌ ۾ روز هڪ ماڻهو خودڪشي ڪري ٿو ۽ انهن آپگهات ڪندڙن ۾ 80 سيڪڙو مرد آهن، جن جي عمر 15 کان 30 سال آهي. انهن روز روز جي اينڊڙ خودڪشيءَ جي خبرن مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ انهن مان اڪثر خودڪشيون مايوسين، بيزارين ۽ پريشانين جو نتيجو هونديون آهن، جن جا سبب سماجي يا خارجي گهٽا هوندا آهن ۽ داخلي گهٽ. اڄ ڏينهن تائين ٿيندڙ خودڪشين مان حقيقي خودڪشي اها ئي آهي، جنهن جو سبب ليجي نہ سگهيو آهي، جن خودڪشين جا اڄ ڏينهن تائين سبب معلوم ٿي نہ سگهيا آهن، انهن مان هڪ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي خودڪشي آهي. جنهن سنڌوءَ جي بي قرار ۽ مست ڇولين تي جنم ورتو. علامہ آءِ آءِ قاضي جهڙا ماڻهو جڏهن خودڪشي ڪن ٿا تہ انهن وٽ زندگي Second Option هوندي آهي ۽ جن وٽ زندگي سيڪنڊ آپشن هوندي آهي، انهن وٽ موت سندن مُٺ ۽ مرضي ۾ بند هوندو آهي، جنهن تي هو پنهنجي اختيار جو استعمال آسانيءَ سان ڪري سگهندا آهن. ڪجهہ وقت اڳي آمريڪا ۾ 29 ماڻهن جي جلوس مارشل ايپل وائيٽ جي قيادت ۾ اجتماعي خودڪشي ڪئي، جيڪا هيل باپ ڪامٽ (Comet) جي ايرڻ سان عمل ۾ آئي جن جو هو ورهين تائين انتظار ڪندا رهيا. اهي يونان جي قديم فلاسافر زينو (Zeno) جا مڃيندڙ هئا. جيڪو سدائين خودڪشي جي Preach (تبليغ) ڪندو هو. مارشل ايپل وائٽ جي پوئلڳن لاءِ موت Imposition (مڙهيل شيءِ) مان قري Choice (چونڊ) ٿي ويو هو جنهن کي هو پنهنجي مرضيءَ سان استعمال ڪري ويا ۽ سموري دنيا هنن جي مسڪراهٽن سان مهڪيل چهرن تي سوچيندي رهي ۽ پريشان ٿيندي رهي. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ماڻهو موت کي پنهنجي مرضيءَ ۾ شامل ڪرڻ جي باوجود بہ ان کي حاصل ڪري ناهي سگهندو انهيءَ جو مثال حيدرآباد جو اردو جو شاعر ثروت حسين آهي، جنهن ريل جي پٽڙين تي زندگيءَ کي ختم ڪرڻ جو جتن ڪيو پر سندس بہ ٽنگون تہ ڪٽجي ويون البت باقي جسم زندگي جي علامت طور باقي رهجي ويو. پوءِ اتفاق اهڙو ٿيو جو اهو ئي ڇريو شاعر ڪراچي ۾ پنهنجي مرضي کان سواءِ رڪشا ۾ سوار هو ۽ رڪشا ڪنهن ويران ڦاٽڪ تان گذريو تہ هو ريل هيٺان چيپاٽجي ويو. ڪيڏي نہ وڏي ٽريجڊي آهي. جيڪو ماڻهو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جڏهن پاڻ مرڻ پيو چاهي تہ مري نٿو سگهي ۽ جڏهن بچڻ ٿو چاهي تہ مري ٿو وڃي. اهو وجوديت (Existentialism) جي فلسفي لاءِ ڪيڏو نہ وڏو شاڪ آهي! اهو ثروت حسين هو جنهن پهريون پيرو سنڌي شاعريءَ جي صنف وائيءَ کي اردو ۾ لکيو ۽ متعارف ڪرايو. سندس هڪڙي وائي آهي:

آيا هون لاڙسي
مهندي ڪي باڙسي
ديک مجهي!
ديک مجهي!

اهڙو ئي حيدرآباد جو هڪ ٻيو اردو جو شاعر هو سعيد الدين. جنهن پاڻ کي سنڌوءَ جي لهرن حوالي ڪرڻ چاهيو پر بچي ويو ۽ لاڪ اپ ٿيو. جنهن کي چون ٿا تہ ولي رام ولڀ ڇڏائي آيو هو ۽ هن وقت هو ڪراچيءَ ۾ پروفيسر آهي. خودڪشي تہ ساره شگفتہ بہ ڪئي هئي، جنهن کي جيڪڏهن سمجهڻو آهي تہ "آنکهين" ۽ "ايڪ ٿي سارا" پڙهجي ۽ جي اجا بہ نہ سمجهي سگهي تہ پوءِ امرتا پريتم جو "ايڪ اداس ڪتاب" پڙهي، جنهن ۾ انهن اديبن ۽ شاعرن جا احوال آهن، جن خودڪشي ڪئي هئي.

چوندا آهن تہ گهڻيون خودڪشيون شام جي پهر ۾ ٿيون آهن، ڇو تہ شام کي پنهنجي اداسي آهي. چوندا تہ اهو بہ آهن تہ امير ملڪن جون شامون رنگين ۽ غريب ملڪن جون شامون اداس ٿينديون آهن، پر جي ائين هجي ها تہ پوءِ غريب ملڪن ۾ خودڪشين جو تناسب امير ملڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هجي ها. پر سروي ٻڌائي ٿي تہ شاهوڪار ملڪن ۾ ماڻهو وڌيڪ آپگهات ڪن ٿا. اداسي شام ۾ هجي تہ هجي، پر اداسي اندر ۾ هوندي آهي. جڏهن اندر جو جام خالي ٿيندو آهي، تڏهن زندگي پنهنجي تمنا جي تلاش ۾ لڳي ويندي آهي. اها تمنا ۽ تلاش جيڪڏهن موت آهي تہ ماڻهو ان کي خودڪشيءَ جو نالو ڏين ٿا، آپگهات چون ٿا.

خودڪشيءَ جي سببن کي مختلف ماڻهو مختلف رنگ ڏين ٿا. ڪي چون ٿا تہ پيٿالاجيڪل آهي، ڪي سائيڪالاجيڪل چون ٿا تہ ڪي احساساتي (Sensational) چون ٿا. پر آئون سمجهان ٿو تہ انهي جو گهڻو واسطو احساسن سان هوندو آهي. زندگيءَ جي ساز جا سر جڏهن جهڪا ٿيڻ لڳندا آهن تہ ماڻهو ڪنهن نئين سر جي تمنا ڪندو آهي. ڪنهن نئين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرنديءَ جي تلاش ڪندو آهي. ماڻهو ان کي فراريت چون يا چوائس، ماڻهو زندگيءَ سان بي انتها پيار ڪري ٿو جيئڻ لاءِ ڪيترا ڪشالا ٿو ڪڍي، ڪيترين منافقتون ٿو ڪري، ڪيترين ٺڳيون ٿو ڪري، ڪيترين بي عزتيون ٿو سهي، پر هو زندگيءَ کي سمجهي نٿو سگهي. جيڪو سمجهي ٿو اهو پنهنجي چوائس جو استعمال نٿو ڪري، پنهنجي چُوائس جي استعمال وقت هو پاڻ کي باءِ پاس ٿو ڪري ۽ پنهنجي وجود تي پنهنجي مرضيءَ جو استعمال ٿو ڪري ۽ ماڻهو چون ٿا ته هو خودڪشي ٿو ڪري. سچ اهو آهي ته اسان وٽ خودڪشيءَ کي سمجهيو ئي نه ويو آهي. خودڪشيءَ کي فراريت چيو ويو آهي. ڇو؟ ڇو ته جن اڪثر ماڻهن پاڻ ماريو آهي، انهن جا سبب هلڪا آهن، سبب بي تڪا آهن، پر جن بي سبب انت آندو انهن کي ڪير سمجهي سگهيو آهي؟ علامه آءِ آءِ قاضيءَ کي ڪير سمجهي سگهيو آهي؟ بي حس ۽ ناسمجهه ماڻهن جو ديس پنهنجي مرضي جي استعمال ڪندڙن لاءِ اورنگزيب عالمگير آهي. پنهنجي چوائس جو استعمال نه ڪرڻ ڏيڻ، انهي ديس جي غلاميءَ جو ثبوت آهي، مايوسين ۽ پريشانين کي پري ڪري خودڪشيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته لطيف جي اها سٽ سمجهه ۾ ايندي ته:

مرڻ مون سين آءُ ته پٺيءَ تو پنڌ ڪريان.

هن ديس ۾ جتي پاڻ جيئڻ جو اختيار ناهي، اتي پاڻ مرڻ جي به موڪل ناهي. هندستان جي سپريم ڪورٽ به سال اڳ هڪ تاريخي فيصلو ڏنايو هو جنهن موجب خودڪشي ڪرڻ واري ماڻهوءَ خلاف ڪيس داخل نه ٿيندو. ڇو ته پنهنجي مرضي به ته ڪا شيءَ آهي. جيڪو پاڻ ڇڏي ٿو ان کي لوڪ ڇو ٿو روڪي؟ لوڪ ڇو ٿو ٽوڪي؟ پر وري به هن ديس جي ديوانن لاءِ مظهر لغاريءَ جون اهي سٽون ئي ڪافي آهن ته:

هي پٿرن جو شهر
ڇيوسين دل جي آرسي،
نه خودڪشيءَ جا خواب ڏس!

(آچر، 28 سيپٽمبر- 1997ع)



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# اوهانکي خوشيءَ جو بهانو مبارڪ هجي

اوهانجي يادگيريءَ لاءِ ته اڄ عيد آهي، ۽ اهو به نه وسري ته اڄ پاڻ کي خوش ٿيڻو آهي، نوان ڪپڙا پائي، خوشبوءِ هڻي، دوستن ۽ مائٽن سان گلي ملڻو آهي، ٿڪ ڏيڻا آهن، مبارڪون ڏيڻيون ۽ وٺڻيون آهن، ڇو ته اڄ عيد آهي. لڙڪ لڪائي، مرڪون ورهائڻيون آهن. مايوس ٿيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، ڇو ته هي خوشي پاڻ تي واجب آهي. ڇا جي خوشي؟ ۽ ڪهڙي خوشي؟ جهڙا احمقاڻا سوال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، واجب خوشيءَ سان بي واجبي نه ڪجو ڇو ته هي خوش ٿيڻ جو ساليانو بهانو آهي ۽ اهو موقعو هٿ مان وڃائي پنهنجي پير تي ڪهاڙو نه هڻجو. جيڪڏهن سڄو سال خوشين جا ڪيپ پنهنجي نيڻن کي نصيب ناهن، ته هي بهانو هٿ مان وڃائڻ بيوقوفي ناهي ته ڇاهي؟ پاڻ کي پلن ڏڪن، ٻڪرن ۽ گهيٽن جي قربانيءَ سان ابراهيمي ؑ سنت پوري ڪري خوش ٿيڻو آهي. اها وڏي ڳالهه ناهي ته اڄ پاڻ به خوش ٿيندا سين ته سؤ معصوم سپنن جي قرباني ڪندڙ ڪاسائي جاويد اقبال به خوش ٿيندو ڇو ته پاڻ تي واجب آهي. اها ته هن ڌرتيءَ کي ڏٺيءَ جي ڏين آهي ته سال ۾ ٻه ٽي پيرا عيدن بهاني خوشين جو خريدار ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو نه ته پاڻ کي خبر آهي ته پنهنجي حياتيءَ جي ڪئلينڊر ۾ سرهائي جا سال قسمت جي ڪاري پين سان ڪٽيا پيا آهن. انهن ۾ جيڪڏهن عقيدي جي اُس ۾ ڪجهه ٿهڪن جا ٽيولپ ٽڙي پون، ته ڀلا ڀاڳ ڀانئجن. بجاءِ انهيءَ جي، جو اڄ به پاڻ ويهي سدا اُداس شاعر حليم باغيءَ جون اهي سِٽون پڙهي، وقت وڃايون:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ آيو جو نہ آيو وصل جو لمحو حياتي ۾
سڌن جون موسمون آيون، مرادن جي وهي آئي.

تي سگهي ٿو تہ اوهان ۾ ڪو اهڙو سر ڦريو نامراد عاشق بہ هجي، جيڪو اجوڪي بابرڪت ڏينهن جو منڪر ٿي، الوداع جي آخري هٽن ۾ هيج ۾ روئي روئي، پنهنجي قيام ڪاري ڪندو هجي ۽ پنهنجي جان جي شهر اُسري وجڻ جي واويلا ڪندي، ناصر ڪاظميءَ جو ماتمي گيت ”نئے کپڑے بدل کر جاؤں کہاں، اور بال بناؤں کس کے لیئے۔۔۔“ سڏڪن جي سرگم تي جهونگاريندو هجي، تہ انهي کي روڪجو ۽ سمجهائجو تہ اج خوش ٿيڻ جو فرمان آهي، ٺهڪ ڏيڻ جو بابرڪت بهانو آهي. جي ٽيپ رڪارڊ تي استاد يوسف جو اهو ڪلام ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري تہ هرگز ٻڌڻ نہ ڏجو:

سواءِ سڄڻن جي، ڪهڙيون عيدون ڪبيون،
ڪندا عيدون اُهي، جن وٽ محب هجن.

اهي سڀ حيلا بهانا انهيءَ ڪري ڪرڻا آهن، جو ٻارڻ کي جيئن تيئن ڪري بہ خوش ٿيڻو آهي. ڇو تہ ٻارڻ اهي آهيون جن جون بهارون گهر جي چانئٺ تي اچي ڇترون ڪري موٽيو وڃن. ٻارڻ اهي آهيون، جن جي خوشيءَ کي بہ ٻارڻ ڏي اچڻ لاءِ بهانن جي تلاش آهي. مرڪن کي پنهنجي چپن تي موٽڻ لاءِ ڪنهن ڏهاڙي جي ڳولا آهي. ٻارڻ تہ اڳين عيد تي بہ ڪنٺهار جيئن ڪڙيا هئاسين، ٽانگر جيئن ٽڙيا هئاسين. هاديءَ جي حڪم آڏو سربسجود ٿيندي، اهو وساري ڇڏيو هوسين تہ ٻارڻ سالن کان پيٽ تي پٿر ۽ خوابن تي خنجر رکي روزا رکندا اچون. جن ڪارڻ هن ديس جي انگ اُگهاڙن ۽ پيٽ بکارن ٻارن چنڊ کي بہ ”لولو“ سمجهي گيت ڳاتا هئا، عيد جو اُڀرندڙ چنڊ ڏسي هنن پنهنجي سُڪل پنڪڙيءَ جهڙي ڳل تي هٿ رکي، وساميل چلهہ جي پرسان ويٺل پنهنجي مائرن کي ڊوڙي وڃي چيو هو تہ:

آ گدري جي ڦار امان!
اج پورو ناهي چنڊ
اسان کي بک بہ ڏاڍي آ.

۽ هو آلي ڪانيءَ جيئن ٻرندڙ مائرون دونهن جهڙو گرم شوڪارو ڀري، دانگيءَ جي تري ڏانهن ڏسي سوچينديون رهيون تہ ”اصل چنڊ تہ هن ڪاري آسمان تان اُڀرندو.“ انهن ارمانن ۾ المين لاءِ عيد هن ديس جي دوار تي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪانءَ آئي تہ بہ پاڻ خوش ٿيا هئاسين ۽ اج بہ پاڻ کي خوش ٿيڻو آهي، جڏهن تہ پنهنجي اکين ۾ انيڪ المين جهڙا سوال آهن، جيڪي اکيون جُهڪيل هونديون بہ آسمان ڏانهن اُيا تي واجهائي رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن تہ قسمت جي ڪاتي جن خوابن، خواهشن، تهڪن ۽ محبتن کي قربان ڪندي آئي آهي، انهن جو فرض ڪنهن تي آهي؟ اهي جيڪي کهاڙين هٿان ڪارين ٻڪرين جيئن "ڪاريون" ڪري ڪُٺيون ويون ۽ اهي جيڪي اج عيد جي ڏينهن بہ ڏڪاريل ڏيهہ ۾ ڪنهن موذي مرض هٿان قربان ٿي رهيا آهن، اها قرباني ڪنهن جي ڪاتي ۾ ويندي؟ ڪهڙو ثواب انهن حياتين جا هٿ جهلي ڪين جنت جي وڻ هيٺ آڻيندو؟ هي ڌرتي جيڪا پنهنجي پيٽ مان رڳو ڏک ۽ الميا Abort ڪري رهي آهي، ڪير پڪ ڏيندو تہ ڪڏهن اها بہ ڪنوار جيئن ڳاڙهو ويس پائيندي ۽ بهارون سندس بدن جا سپ گهاءَ چونڊيندڀون، هڪ ڏينهن بجاءِ سدا سکن جي عيد ايندي، ڪير پڪ ڏيندو؟ هڪڙن وٽ ايترو آهي جو ڪائي نٿا سگهن، ٻين وٽ ايترو ناهي جو ڪائي سگهن. انهيءَ ظالماڻي ورڇ جو ذميوار ڪير آهي؟ انهيءَ الميي جو الزام ڪنهن تي هڻون؟ جيڪو انهيءَ منصفاڻي ورڇ جو واعدو ڪندو اهوئي ٻڌائي سگهندو تہ اُها سالن کان تجوڙين ۾ قيد پيل تهڪن واري حقيقي عيد ڪڏهن ايندي! اج تہ هن ڌرتيءَ جي گولي تي مارڪس کان وٺي لطيف تائين اُجڙيل اکين ۾ سُرمي جهڙا سپنا پرڻ ۽ ٻکين پيٽن تي مانيءَ جو پلو وجهڻ وارا خواب ڏسندڙ سخي ۽ باغي ڪردار بہ ناهن، جيڪي هن ئي ڌرتيءَ جي گولي تي ڊوڙ ڏيندڙ ۽ هڪڙي ماني کي مسئلو سمجهي گداگرن جيئن پٽڪندڙ ڪروڙين ڪردارن جي ڳل تي ڪا اُميد جي ٿڦڪي هڻي سگهن. سوين ملڪن جي ڪروڙين گهرن ۾ ڪا اٽي جي لپ ناهي، پر ڪجهہ پيٽ ڀريا ذهن ائٽم بم ۽ نيو ڪليئر هٿيار ناهي، هن ڌرتيءَ کي هزارين ڀيرا برباد ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. هي ڌرتي جيڪا اجا اٽي جو چاٽو نہ ٿي سگهي آهي، انهيءَ کي بم جو گولو ناهي رهيا آهن. انهن هيبتناڪ حقيقتن جو انت ڪڏهن ايندو؟ اهي ۽ اهڙا ڪيئي سر ڦريا سوال اج بہ پنهنجي جهڪيل نيڻن جي جهالر پويان جهولي رهيا آهن، تن کي ڪيڏانهن ڪريون؟ اچوڪي پلاري ۽ بابرڪت عرف پنهنجي خوشين جي بهاني جهڙي ڏينهن چاول ڪانر سوالن کي ڪهڙيءَ ڪڏ ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هٽون؟ جنت جهڙا جواب ملن نہ ملن، پر هنن حڪايتن جي سور کي کهڙي دوزخ ۾ اڇلايون. تڏهن جڏهن پاڻ کي ڪيترائي فرض ۽ فرمان پورا ڪرڻا آهن، خوش ٿيڻو آهي، نوان ڪپڙا پائڻا آهن، عزيزن ۽ دوستن کي دل گهريون عيد واڌايون ڏيڻيون آهن. بي عيب ٻڪر ۽ گهيٽا حلال ڪري، انهن جون کَلون مولوي سڳورن کي ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ خيرات ڪرڻيون آهن. ڪيتريون نہ قربانيون ڏيڻيون آهن!

حضرت ابراهيمؑ جي قرباني ڏسجي تہ علامتي (Symbolic) آهي. هو تہ پنهنجي پٽ کي قربان ڪري رهيو هو بلڪ ڪري چڪو هو ڪاتي هيٺان حضرت اسماعيلؑ جي جاءِ تي دُنبي جو اچڻ تہ قدرت جو ڪرشمو هو. قربانيءَ جو جذبو شڪستن ۽ ذلتن کي مسرتن ۽ عظمتن ۾ بدلائڻ جو نالو آهي. جڏهن ماڻهو سڀ کان پياري ۽ انتهائي لذيذ شيءِ کي بہ پنهنجي مرضيءَ سان عظيم مقصدن لاءِ قربان ڪري انسانن جي قطار ۾ بيهي ٿو. اڇوڪي ڏينهن رڳو جانورن کي خون ۾ وهنجارڻ جو نالو ناهي، پر ماڻهوءَ جي اندر موجود انهن خصيص خواهشن، جابر جبلتن ۽ مڙني مڪارين کي مارڻ جو نالو آهي، جيڪي ماڻهوءَ کي هر گهڙي رسوائيءَ جي رڻ ۾ رولين ٿيون. قرباني تہ اصل ۾ ماڻهوءَ جي اندر ۾ موجود ٻئي ماڻهوءَ کي قربان ڪرڻ جو نانءُ آهي. جنهن جون حقير حرڪتون ماڻهوءَ جي تڪميل وچان ڪانہ ڪا ديوار چونڊينديون رهن ٿيون. قرباني اها آهي جڏهن پاڻ حياتي جي بدن تان ڪوڙ جي ڪنمال لاهي، سچ جو لاڪيٽ پائيون. قرباني تڏهن ٿيندي، جڏهن پاڻ انڌارين راتين ۾ نيڻن جا تارا تاوان ۾ ڏئي، ڪا سچ، سونهن ۽ سُهائي جي لاٽ جرڪايون. جيئن حليم باغي چيو آهي:

سهائيءَ جي هڪ لاٽ جي لئہ اسان،<br>
ڏنا تارا نيڻن جا تاوان جيئن.

قربان ڪرڻو آهي تہ پنهنجي اندر ۾ ويٺل خودي ۽ انا جي اُٺ کي قربان ڪريون، اندر جي منافق چور کي چيپاتيون، نفس کي نابود ڪريون. قربان ڪري سگهون ٿا تہ هر انهيءَ شيءِ کي قربان ڪرڻ جي همٿ ساريون، جيڪا محبوب آهي، جيڪا دلدار آهي، پنهنجي "مون" جي قرباني ئي اهو جذبو آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي اشرف المخلوقات جي درجي تي آڻي سگهي ٿو. پاڻ کي قربان ڪرڻ ئي قرباني آهي. حقيقي قرباني تہ انهي اندر جي هرڪٽي ۽



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سڪٽي ٻار کي قربان ڪرڻ آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي عمر ڀر خوشين جو خريدار ٿيڻ لاءِ مجبور ڪندو رهي ٿو. قرباني انهيءَ خواهش کي ختم ڪرڻ جو نالو آهي جيڪا سدائين ٻار کي رُڃ جو راهي ڪري ٿي ۽ اڄ به ڪنهن اڏاري ٿڪ سان خوش ٿيڻ جي رواجي ريهرسل ڪرائي رهي آهي، ۽ ٻار خوش ٿي خود فريبيءَ جي خول ۾ واڻڙن وانگر وات پٽيو ويٺا آهيون. اهو به سمجهون پيا ته هي جڙتو ٿڪ لڳن جي ليڙن کي ٽوپو ڏيئي نه سگهندا، جيڪي ٿڪ ٻار کي انهيءَ گيت جي گرمي کان پري ڪري رهيا آهن:

راحت ملي ٿي درد ۾ مان پيار تان صدقي.

انهيءَ ڪري اڄ ته ڪنهن بيوس ٻهاني جي بارودي سرنگهه تي پٽڪڻ بجاءِ اڄ انهيءَ خواهش جي قرباني ڏيون، جيڪا سدائين ٻار کي ڪتمڻ جهڙين خوشين جي خيرات لاءِ در در تي ڪشڪول ڪٽائي ٿي. انهيءَ ڪري اڄ ته ٻار کي ڏوڪو ڏيڻ ڇڏيون ۽ لطيف جي پٽ ڏانهن هلون، جتان ٻار کي عارضي خوشين بجاءِ ابدي آرام ملندو جتي ٻار کي جڙتو ٿڪن کان عيدن جي اجنبي اميدن پويان رلڻ تي روئڻ ايندو ۽ پنهنجي خوشين کي ڪنهن عيد جهڙي ٻهاني جي ضرورت پيش نه ايندي. ڇو ته صوفين ۽ سنياسين جي نظر ۾ خوشي خود فريبي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي خود کان فرار جو رستو فراهم ڪري ٿي. جيئن ته حياتيءَ کان فرار ممڪن ڪونهي، انهيءَ ڪري ماڻهوءَ لاءِ هميشه خوشين جو خريدار ٿيڻ ممڪن ناهي. خوشي انسان جي اڙانگي سفر ۾ مستقل مسافر ٿي نٿي سگهي، اها ته عارضي عياشي آهي، جنهن جو هيراڪ ٿيڻ کان ٻار کي پلٽو آهي. انسان جو دائمي دلبر درد آهي. جيئن لطيف چيو آهي ته:

تن ڏکن کي شاباس! جنين مون سان گهاريو.“

يا

”ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو.“

حياتيءَ جو ذائقو نمڪين آهي، ڇو ته لڙڪن جو ذائقو به لوڻيانو آهي. خوشي مٺي آهي، پر ماڻهوءَ جي سموري ڪيمسٽري ۽ فزڪس ۾ مٺاس نالي ڪابه شيءِ ناهي. لڙڪن کان وٺي لهوءَ تائين سڀ کارا آهن، لوڻيانا آهن. جي ماڻهو مٺيءَ مان ٺهيو آهي ته مٺي به مٺي ناهي. انهي ڪري ٻار چئون ٿا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ زندگي نمڪين آهي. سمنڊ جي پاڻيءَ جو ڪو ڏڪ آهي. جيڪو فطرت جي انتهائي ويجهو آهي. اهوئي سبب آهي جو حافظ ۽ خيام جي جام ڪان وٺي لطيف جي ڪلالڪي هٽ تائين جيڪو بہ ڏڪ پرينديءَ ڪڙو هوندو، چو تہ اهو زندگي هوندو، درد هوندو جيڪو دائمي آهي، جنهن جي هڪڙي پير ۾ ازل جي سنگهر آهي، تہ ٻئي ۾ ابد جي ڇير آهي. جن کي پاڻ خوشي چئون ٿا، ٿهڪ چئون ٿا، مرڪ چئون ٿا، اهي سڀ درد جي دل مان ڦٽي نڪرن ٿا ۽ پاڻ انهن جي پويان پٽڪندي حياتي گذاريون ٿا، حقيقت وساريون ٿا. تنهن ڪري سدائين مايوس رهون ٿا، انئي پهر پريشان گذاريون ٿا، خوشي جي بيوفا پکين پويان اُڏامندي زندگيءَ جي اصل لذت وڃايو ڇڏيون ۽ پوءِ چئون تہ:

ٿڙياسين دامن صحرا ۾ خوشبو ٿي اجائي وئي،
خدا ڄاڻي تہ ڪنهن رنگين چمن ۾ چو نہ ڇاياسين؟

رنگين چمن اهوئي آهي، اتي ئي آهي، جتي پاڻ گهاريون ٿا. فرق اهو آهي تہ پاڻ اکين کي ڇڏي آرسي پويان پڇون ٿا جيڪا اوچتو ٽڙڪاٽ ڏيو ٽٽيو پوي ۽ پاڻ پرزا پرزا ٿيو وڃون. اها آرسي خوشي آهي، جيڪا سدائين پاڻ کي ٻاهريون چهرو ڏيکاري ٿي ۽ اندر اوپرو ٿي رهجيو وڃي. جيئن ڏهن لطيف چوي ٿو تہ ”ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏکن ريءَ“ تہ اهو انهيءَ ڪري چوي ٿو ڇو تہ مدامي مرڪ دائمي درد ۾ آهي، جنهن کي ماڻڻ لاءِ درد سان دوستي ڪرڻي پوندي. خوشيءَ جي خواهش کي ڪنهن پلي گهيٽي جيئن ڪُهي قربان ڪرڻو پوندو. جي ايئن ڪري وياسين تہ هر ڏينهن عيد آهي، هر چنڊ عيد جو چنڊ آهي. پوءِ ڪابہ قرباني پاڻ تي واجب نہ هوندي پر پاڻ خوشيءَ تي واجب هونداسين. آسمان تي خوشين ۽ اميدن جا چنڊ ڳولڻ بجاءِ اندر جي اُپ تي ڳوليندسين تہ پوءِ اکين جي هر ديد عيد هوندي. بهرحال ڇا بہ ڪريون، دليلن جي کهڙي بہ ڪٽي ڏُوڙ اڏايون تہ بہ اڄ عيد جو ڏينهن آهي. قرباني ڏيڻي ناهي، پر ڪرڻي آهي. عيدالاضحيٰ جي نماز پڙهڻي آهي، اڻ ڏٺين خوشين لاءِ دعائون گهرڻيون آهن. دوستن ۽ عزيزن سان گلي ملي واڌايون ڏيڻيون آهن ۽ بہ چار ڊپلوميٽڪ ٿهڪ ڏيڻا آهن ۽ رات جو وري وهاڻي تي وساري آيل لڙڪن ڏانهن موٽڻو آهي، جتي زندگي جي بيوفائين جا ڪجهہ باب باقي بچيل هوندا، سي وري وڃي روئڻا آهن. لطيف


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي سمجهڻو ناهي، صوفين ڪي سمجهڻو ناهي، درد سان دوستي ناهي ڪرڻي، انهن کان خواب گريزان جيان پڇڻو آهي، ڇو تہ اج عيد آهي ۽ پاڻ ڪي فقط جانورن جي قرباني ڪرڻي آهي، پنهنجي ذات جي جانور جي قرباني ڏيڻي ناهي، ڇو تہ اج عيد آهي ۽ پاڻ ڪي خوش ٿيڻ لاءِ هميشہ بهانن جي تلاش آهي ۽ اج اهو ساليانو بهانو آهي، سو توهان ڪي اهو بهانو مبارڪ هجي. توهان ڪي عيد مبارڪ هجي.

(جمعو 17 مارچ_ 2000ع)



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# نئين سال جو نوحو

”نئون سال مبارڪ هجي!“ اوهان اهو جملو ٻڌي طنزيہ انداز ۾ ڇو مسڪرائي رهيا آهيو؟ اوهان جي چپن جي مُرڪ 98ع جي لهندڙ سج جهڙي پيلي ڇو آهي؟ ڇا توهان اهو سوچي رهيا آهيو تہ ڪهڙو نئون سال؟ ڪهڙو نئون سج؟ سال سالن جهڙا آهن، سج سجن جهڙا آهن- يا اهو سوچي رهيا آهيو تہ آئون ڄڻ توهان کي اهو چئي رهيو آهيان تہ ”نئون درد مبارڪ هجي.“ جيڪڏهن اهوئي سوچي رهيا آهيو تہ پوءِ معاف ڪجو دنيا ايئن نہ پئي سوچي. دنيا جي سوچ ۽ اپروچ اوهان کان الڳ آهي. ڇو تہ دنيا جون خوشيون ۽ درد بہ توهان کان جدا آهن. توهان جي سوچ صدين کان ”ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان توکي“ جهڙو ڪلام ڳائي، سورج ديوتا کي ريجهائڻ پرچائڻ جون ڪوششون ڪندڙ قديم سنڌ جي سوچ آهي، جيڪا دنيا جي انهي سوچ کان ڪوهين ڏور آهي، جيڪا رات جو ٻارهين بجي نائيٽ ڪلبن ۾ شيمپين جي بوتلن سان گڏ کلي چڪي آهي، جيڪا رات جو نرم جوانين جي گرم ڀاڪرن ۾ سمهي چڪي آهي. جيڪا سوچ اجوڪي سورج سان گڏ پيار جي اظهار لاءِ نيو ايئر ڪارڊ ٻڌجي ڪنهن جي نرگسي نيڻن تي دستڪ ڏيئي چڪي آهي. اها سوچ انهي ”راجي“ جهڙي سنڌ جي ڪيئن تي سگهي ٿي، جنهن جا ڪن سڪي پني ورتل والين جي ڪري ڪپجي چڪا آهن ۽ جنهن کي اها بہ خبر نہ آهي تہ ريئي جي گداگري لاءِ ڪڄندڙ هٿن ۽ دعا لئہ ڪڄندڙ هٿن ۾ ڪهڙو فرق آهي. انهي ڪري سنڌ جي خوشين ۽ غمن کي دنيا سان نہ پيتيو. ڇو تہ دنيا سنڌ جي خوشين ۽ غمن ۾ شريڪ نہ رهي آهي. ڇو تہ دنيا راجيءَ جي لاش تي لٿو نہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وجهي سگهي، ڇو تہ دنيا صدام جهڙي معصوم پار کي پنهنجي وندر جو رانديڪو سمجهي، سنڌ کان ڏار ڪري چڪي آهي، ڇو تہ دنيا سنڌ کي سمجهيو ئي ناهي. اها دنيا جيڪا ڪلنٽن جي ٽاءِ ۽ مونيڪا ليونسڪي جي اسڪرٽ کي واندن جيئن واڇ ٽيڙي ڏسندي رهي، سا سنڌ جي ڪهاڙيءَ هيٺان ڪپجي ويل هزارين موملن ۽ راڻن جي ڇلن ۽ رومالن کي سمجهي نہ سگهي. انهيءَ ڪري دنيا اهو نہ چوي تہ سنڌ نئون سال Celebrate ڪري نہ سگهي، ڇو تہ دنيا کي سنڌ جي دردن جو پتو ناهي. هر نئين سال نوان رنگ ڏسندڙ دنيا کي اهو بہ پتو ناهي تہ سنڌ اڃا سورن جي سرمئي رنگ کانسواءِ ٻيو ڪو رنگ نہ ڏسي سگهي آهي. سنڌ جا ڳهريل ڳوٺ اڄ بہ انهي احساس کان بي نياز آهن، تہ ڪهڙو سج الهي پيو ۽ ڪهڙو سج اُڀري پيو. هو سج جي لهڻ ۽ اُڀرڻ کي سنڌ جي وڻن وانگر خاموش نظرن سان نهارين ٿا ۽ هو جيڪي لهندڙ سج کي پنهنجي مٿي تان تغاريءَ سان گڏ لاهي فقط اهو چاهن ٿا، تہ نئين ايرندڙ سج کي ڪوڏر جي سلامي ڏيڻي آهي، ۽ اهوئي شمسي نظام آهي، اهوئي زندگيءَ جو نظام آهي. ڪراچيءَ جي فائيو اسٽار هوٽلن، ڪلبن ۾ رقص ۽ حيدرآباد جي رستن تي هيپي نيو ايئر چئي پستول جا فائر ڪندڙ ۽ "چيان چيان" تي عشق جي ڌمال هڻندڙ نوجوانن جو جشن سموري سنڌ جو جشن ڪونهي، پر اهو انهي ڪلاس جو جشن آهي، جيڪو دنيا جي پيرن سان پير ملائڻ جو خواهشمند آهي، جيڪو سيٽلائيٽ جي لهرن تي لتڪيل آهي. اهو سنڌ جو اهو ڪلاس آهي، جيڪو "ويلنٽائين ڊي" تي هٿن ۾ گلاب کڻي ٿو ۽ پهرين جنوريءَ تي انهن ئي هٿن ۾ گلاس کڻي ٿو. اهو ڪلاس سنڌ جي انهي ڪلاس کان ڪيترو نہ مختلف آهي، جيڪو پنهنجي پٽن تي پيار بجاءِ زندگيءَ جو بار کڻي ٿو. اهو هٿن ۾ عشق جا هار کڻي گهمندڙ ڪلاس سنڌ جي انهي ڪلاس کان ڏاڍو اوپرو آهي، جيڪو الهڙ ڪچي وهيءَ ۾ ڪڇ تي گهڙي جو بار ۽ ٻار کڻي گهمي ٿو. انهي ڪري سنڌ، ڪلاس جي ڪهاڙيءَ سان ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. سنڌ جو هڪڙو حصو اڄ دنيا جي ردم سان ردم ملائي "هيپي نيو ايئر" چئي لڙڪڙائيندڙ پيرن سان محو رقص آهي ۽ ٻيو حصو تاريخ جي ٻُست بن ۾ ويڃائجي ويل خوشين لاءِ پريشان آهي. اهو حصو جيڪو هر سال واعدن جا سج اُڀاريندڙ سياستدانن کان بہ وڌيڪ لطيف جي انهيءَ شعر تي ٽڳي ٿو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنين ڏاند نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو
پوءِ اياريئن سج، اول ڏين انهن کي.

اج جڏهن پاڻ سنڌ جي سورن جو نوحو پڙهي رهيا آهيون ۽ ردالي وارا راڳ ڳائيندي دنيا کي مياروں ڏئي رهيا آهيون، تہ دنيا پنهنجي قديم روايت دهرائيندي، سيني ڳالهين کان بي نياز نئون سال ملهائي رهي آهي. 31 ڊسمبر جي رات، جڏهن ڌرتيءَ جو گهمندڙ گولو ڊانسنگ فلور تي ويندو آهي ۽ خماريل نيڻ، ڌڙڪندڙ دليون ۽ لڙکڙائيندڙ قدم زندگيءَ جي هٿن ۾ ڏڪندڙ هٿ ڏيئي نئين سال کي وِش ڪندا آهن ۽ پنهنجي زندگي جي ڊائريءَ مان ڦاٽل هڪ سال جي پني کي نئين سال جي نين اُمنگن سان الوداع ڪندا آهن ۽ اها روايت قديم دنيا جي روايت آهي. اها نئين سال کي Celebrate ڪرڻ واري ريت دنيا جي قديم ۽ جديد تهذيبن جي روايت آهي. تاريخ جي رنجيده رستن جو مسافر هئڻ ڪري اهو ڄاڻون ٿا تہ اها روايت 2000 قبل مسيح ڌاري ميسوپوٽيميا کان شروع ٿي. بائيبلونين، مصرين، ايرانين، سميرين کان ٿيندي سنڌ جي سانورن دراوڙن تائين ڏني وڃي ٿي. قبل مسيح جون اهي قديم قومون نئين سال سان نينهن تڏهن لڳائينديون هيون، جڏهن سج خط استوا جي لڪير يعني Equater کي پار ڪندو هو (جيڪا عموماً 21 مارچ ۽ 23 سيپٽمبر تي ڪندو آهي) ۽ هو نئين اُڀرندڙ چندر کي ڏسي، نئون سال تڏهن ملهائيندا هئا. جڏهن راتيون ۽ ڏينهن هڪ جيترا ٿيڻ لڳندا هئا ۽ اهو عرصو جنهن کي Equinox چوندا آهن. جشن جو عرصو هوندو هو ۽ اهي قومون ڪي خزان واري (يعني 23 سيپٽمبر) تہ ڪي بهار وارن ڏينهن (يعني 21 مارچ) ۾ رقص ڪنديون هيون. راڳ ڳائينديون ۽ پنهنجي سورج ديوتا کي عقيدت ۽ محبت جا خراج ڏينديون هيون. سنڌوءَ جي ساحلن تي سوم رس پي ناچ ڪندڙ دراوڙ هجن يا هر سال چٽن سفيد گهوڙن جي رٿ جو اپولو ۽ هيليوس (سورج جا ديوتا) ديوتا کي نذرانو ڏيندڙ يوناني هجن يا اج کان سؤ سال پراڻا اتر آمريڪا جا، Sun Dance ڪندڙ ميڪسيڪو ۽ پيرو جا Plainc قبيلا هجن. جيڪي آرهڙ جي تتل سج هيٺان ننگا ناچ ڪندا هئا (جن تي پوءِ ٿيوڊور روزويلٽ پابندي لڳائي هئي). سي سڀ سورج پرست هئا ۽ اهي نئين سال جي نئين سج جو عجيب استقبال ڪندا هئا ۽ پنهنجي محبوب شين جا نذرانا ڏيندا هئا. هاڻي اڪثر ڪري سڄي دنيا "نيو ايئر ڊي" پهرين جنوري تي گريگورين


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪئلينڊر مطابق ملهائينديون آهي، پر مڊل ايجز يورپ جا ڪيترا ئي ملڪ گريگورين ڪئلينڊر جي ٺهڻ کان اڳ جولين ڪئلينڊر تحت هلندا هئا ۽ نئين سال جو آغاز 25 مارچ کان ڪندا هئا ۽ اهو اُهو ڏينهن آهي، جنهن کي Enunciation Day چئبو آهي ۽ انهي ڏينهن تي، عيسائين جو اعتقاد آهي تہ بيبي مريم تي خدا پاران حضرت عيسيٰ عہ کي جنم ڏيڻ واري وحي لٿي هئي. جولين ڪئلينڊر جيڪو چوٿين صدي ڌاري روم جي بادشاهہ جولين تيار ڪرايو هو ۽ انهيءَ جي نالي سان منسوب آهي، سو سورهين صديءَ تائين جيئن جو تيئن هلندو آيو پر 1582ع ۾ روم جي پاپ گريگوري تيرهين انهي ڪئلينڊر ۾ ترميم ڪري، نئين سال جو آغاز پهرين جنوري کان ڪيو ۽ ڪيترن ئي رومن ڪيٿولڪ ملڪن پنهنجو نظام انهي نئين ڪئلينڊر تحت ترتيب ڏنو. گريگورين ڪئلينڊر کي سڀ کان پهرين اسڪاٽ لينڊ سن 1600ع ۾ قبول ڪيو ۽ ان کان پوءِ ارڙهين صديءَ ۾ جرمني، ڊينمارڪ، سوئيڊن ۽ انگلينڊ اپنائي چڪا هئا، پر روس بالشويڪ انقلاب کان پوءِ لينن جي رضا سان 1918ع ۾ ان کي قبول ڪيو. شروعاتي ڏينهن ۾ پهرين جنوري مذهبي تهوار طور سمجهيو ويندو هو. پر اڄ سموري دنيا پهرين جنوري جي اُڀرندڙ سج کي زندگيءَ جي چيلهہ ۾ ٻڪ وجهي "هيپي نيو ايئر" چئي، ويلڪم ڪري ٿي ۽ مشرق جي شاندار ماضيءَ جهڙين وسعتن مان ڪنهن ماتمي جي سيني جهڙو ڳاڙهو منهن ڪڍي اُڀرندڙ سج مغرب کي مستقبل جي ململي مرادن ۾ ويڙهي ٿو ڇڏي. لنڊن ۽ نيويارڪ جي نائيٽ ڪلبن ۾ ڪلنڊڙ شيمپين ۽ شواز ريگل جا ڇنڊا پونا جي پوڙهي عاشق جي آشرم تي اچي ڪِرن ٿا ۽ انگريز شاعر ڪپلنگ جون اهي سٽون پهرين جنوريءَ تي ڪجهہ پلن لاءِ شرمسار ٿين ٿيون:

Oh, East is East and West is West and never the twain shall meet.

(مشرق مشرق آهي ۽ مغرب مغرب آهي. ٻئي ڪڏهن بہ ملي نٿا سگهن)

اهي سٽون شايد تڏهن بہ شرمنده هيون، جڏهن علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا جون آگريون عشق جي ساڳي سمفني تي ڪچيون هيون ۽ جڏهن علامہ قاضي ۽ سن واري سائين جو مشرق جو علم ۽ مغرب جو عمل گڏجڻ وارو دليل دنيا کي خوشحالي ۽ هيڪڙائيءَ لاءِ همٿائي رهيو هو ۽ جنهن کي هو ساهڙ جا ٻئي سينگار "پيغام سنڌ" جو نالو ڏئي رهيا هئا. اهڙن ميلاپن جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيگهہ ۾ ويڄڻ ڪان اڳ اهو دليل ڪافي آهي تہ 31 ڊسمبر جي رات بئنڪاڪ کان بمبئي ۽ ڪراچيءَ کان ڪوالالمپور تائين ساڳئي انداز ۾ انجواءِ ٿئي ٿي، پر انهي سنڌ کان سواءِ جيڪا اڄوڪي ڏينهن بہ حڪمرانن جي زهر ڪيل زندگيءَ جا ڪڙا ڍڪ ڏوڪي رهي آهي. آئون انهي سنڌ کي، وڏن شهرن جي روڊن تي رقص ڪندڙ سنڌ کان جدا سمجهان ٿو جيڪا صدين جي ٽوٽ سڪل چپن تي خوشين جي سرخيءَ جي تمنائي آهي، جيڪا پنهنجي ڳچيءَ ۾ مظهر جون اهي سٽون لاڪيٽ جيان لٽڪائي گهمي ٿي:

ڪٽڻ نہ جهڙو وقت پاڻ گذاريون وينا،
۽ ٻڌون ٿا تہ زندگي بہ عنايت آهي.
هر نئون ڏينهن رکي ٿو ويجي نئين تهمت،
هر نئين سال کي دل ساڻ شڪايت آهي.

(جمعو 1 جنوري۔ 1999ع)


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ٽڙياسين دامنِ صحرا ۾

ايڪويهين صدي بہ آئي الاءِ نہ آئي، پر خوشيون ڪو نہ آيون. ٿڪن جا ٽولا ڪو نہ آيا. غمن جا جهولا جيئن جو تيئن رهيا. سال جون، صديءَ جون، ۽ ملينيم جون مبارڪون ۽ ڪارڊ بہ وصول ڪياسين. مبارڪن جا مرڪي ڊپلوميٽڪ جواب بہ ڏناسين، پر ڏنوسين تہ دل تان دردن جي دز ڪو نہ لٿي، غمن جا غبار نہ لٿا. زندگيءَ جي ڪئلينڊر مان ڪجهہ ڏينهن جا پنا بہ ڦاٽي ويا، پر عمر جي اسڪيل تي لڙڪن جو پارو چڙهندو رهيو. دنيا هوائن جي هٿن ۾ هٿ ڏئي رقص ڪيا. ڦوڪڻا اڏايا، شيمپين جون بوتلون کليون، گهنڊ وڳا، گهمسان ٿيا، انساني تاريخ جا انتهائي عاليشان ۽ ماڊرن جشن ٿيا. پر پاڻ تہ انهي ويهين صديءَ واري سورن جي سياري ۾ اوڙيهين صديءَ وارين سڪل ڪانين جي مچ تي ايڪويهين صديءَ جا هٿ سيڪندا رهياسين. ٿي سگهي ٿو تہ مغرب جا ڪي سر ڦريا ماڊرن ماڻهو پنهنجي اهڙي Reluctance عرف روايتي لاپرواهيءَ تي مرده قوم هجڻ وارو الزام هڻي چٽرون ڪندا هجن، پر پاڻ عهد ڪريون تہ اهڙي ڪنهن بہ الزام جي اثر هيٺ نہ ايندا سين. ڇو تہ پاڻ ترقي ۽ تنزليءَ جي وچ واري فرق کي نہ ئي سمجهون ٿا ۽ نہ ئي اهميت ٿا ڏيون. انهيءَ ڪري ويسٽ جي اها بہ اڳرائي پاڻ کي قابل قبول نہ هجڻ گهرجي. سچ پڇو تہ پاڻ صديءَ جي تبديليءَ تي خاموش رهي، حقيقت پسند (Realist) هجڻ جو ثبوت ڏنو. پاڻ شايد اهو انهي ڪري بہ ڪيو هجي جو صديءَ جي تبديلي زندگي بدلائي نٿي سگهي. زندگيءَ جي تبديلي سوچ جي تبديليءَ سان جڙيل آهي. جڏهن پنهنجي سوچ ئي نہ بدلي آهي، تہ ڇا جي صدي، ڇا جا جشن. اهڙا ڏينهن ڪئين آيا،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪئين ويا، صديون بدليون، سال بدليا، نہ بدليا تہ پنهنجا حال نہ بدليا. غم نہ بدليا، ملال نہ بدليا، بيو تہ سڀ ڪجهہ بدلجي ويو. پاڻ تہ حليم باغيءَ جي انهن سٽن جو سڏڪو ٿي جيئرا رهيا سين تہ:

نہ آيو جو نہ آيو وصل جو لمحو حياتيءَ ۾
سَڏن جون موسمون آيون، مُرادن جي وهي آئي.

خير، اڄ عيد جو ڏينهن آهي. خوش ٿيڻ جو سالانو بهانو آهي. پاڻ کي خوش ٿيڻو آهي. ڇو تہ پاڻ تي واجب آهي. صديءَ جي تبديليءَ تي خوش ٿي نہ سگهياسين تہ ڪا ڳالهہ ناهي. ڇو تہ اها خوشي پاڻ تي واجب نہ هئي، پر اڄ مبارڪون، مرڪون ۽ خوشيون پاڻ تي واجب آهن. اڄ سؤ معصوم سپنن جو قاتل جاويد اقبال بہ خوش ٿيندو تہ پاڻ بہ خوش ٿينداسين. اڄ ڇاهي ناصر ڪاظم وارو جان شهر، شهر اسري ويو هجي. الوداع جا آخري هٽ لوڏي لڙڪ لتاڙي ويو هجي، تہ بہ پاڻ کي نوان ڪپڙا پائي، وار ناهي، گهٽين ۾ گهمڻو آهي. ڇو تہ اڄ عيد آهي. خوش ٿيڻ جو فرمان آهي. ٿڪ ڏيڻ جو بهانو آهي. پوءِ ڇاهي اوهين استاد محمد يوسف جو اهو ڪلام اندر ئي اندر ۾ ڳائي، مرڪن ۾ ميارون ڇو نہ ڏيندا هجو:

سواءِ سڄڻن جي کهڙيون عيدون ڪبيون،
ڪندا عيدون اُهي، جن وٽ محب هجن.

جيئن تيئن ڪري بہ پاڻ کي خوش ٿيڻو آهي، لڙڪ لڪائڻا آهن، ويراڳ وسارڻا آهن. ڇا ٿي پيو جي عيد پاڻ کي خوشيون نہ ٿي ڏئي سگهي. پنهنجي روڳي روح کي ريجهائڻ لاءِ جي عيد وٽ ڪي ديدون ناهن، اميدون ناهن، ڇا ٿي پيو. پاڻ تہ خوشيون ڏئي سگهون ٿا. هر سال تہ پاڻ پنهنجا لڙڪ وهائڻ تي وساري انهي عيد کي آسودو ڪيو آهي. هن ڀيري بہ پاڻ تي ائين ڪرڻ واجب آهي. پاڻ ڪنڌار جيئن ڪڙي پوندا سين. ٽانگر جيئن ٽڙي پونداسين. ڇو تہ پاڻ کي خوش ٿيڻ جو خوب بهانو آهي.

ڇا ڪجي، پنهنجين خوشين کي بہ پاڻ ڏي اچڻ لاءِ بهانن جي تلاش آهي. مرڪن کي بہ پنهنجي چپن تي موٽڻ لاءِ ڪنهن ڏهاڙي جي ڳولا آهي. حڪم الاهي موجب پاڻ ٽيهہ روزا رکون ٿا ۽ ٽيهن ڏينهن کانپوءِ پاڻ ڏي ڪاٿڻ ۽ خوش ٿيڻ لاءِ عيد اچي ٿي. اها سڀ خدا جي دين آهي. پر پاڻ انهن روزن کي کهڙي ڪاتي ۾ وجهون، جيڪي سالن کان پاڻ پيٽ تي پٿر ۽ خوابن تي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خنجر رکي رکندا اچون. جن ڪاڻ هن ديس جي انگ اگهاڙن ۽ پيٽ بکارن ٻارن چنڊ کي بہ لولو سمجهي، گيت ڳائڻ شروع ڪيا. عيد جو اپرندڙ چنڊ ڏسي، هنن ننڍڙي ڳل تي هٿ رکي وساميل چلهہ جي پرسان ويٺل پنهنجي مائرن کي ٻوڙڙي چيو تہ ”امان چنڊ لڳي تو لولو لولو“ ۽ هوءَ آلي ڪاٺي جيئن ٻرندڙ ماءُ دونهن جهڙو گرم شوڪارو ڀري، دانگيءَ جي تري ڏانهن ڏسي سوچي ٿي تہ: ”اصل چنڊ تہ هن ڪاري آسمان تان اڀرندو.“ انهن ارمانن ۽ المين جي عيد هن ديس جي دوار تي ڪڏهن ايندي، ڪير پڪ ڏيندو. اهو قرض ڪنهن تي آهي. هڪڙن وٽ ايترو آهي، جو ڪاٿي نٿا سگهن، ٻين وٽ ايترو ناهي، ڪاٿي سگهن. انهي ظالماڻي ورڇ جو ذميوار ڪير آهي؟ انهي الميي جو الزام ڪنهن تي هڻون. جيڪو انهي منصفاڻي ورڇ جو واعدو ڪندو اهو ئي ٻڌائي سگهندو تہ اها سالن کان تجوڙين ۾ قيد پيل ٿڪن واري حقيقي عيد ڪڏهن ايندي! اڄ تہ هن ڌرتيءَ جي گولي تي مارڪس کان وٺي لطيف تائين اجڙيل اکين ۾ سرمي جهڙا سپنا پرڻ ۽ بکين پيٽن تي مانيءَ جو پلو وجهڻ وارا خواب ڏسندڙ سخي ۽ باغي ڪردار بہ ناهن. جيڪي هن ئي ڌرتيءَ تي ڏوڙ ٽيندڙ ۽ هڪڙي ماني کي مسئلو سمجهي گداگرن جيئن ڀٽڪندڙ ڪروڙين ڪردارن جي ڳل تي ڪا اميد جي ٿڦڪي هڻي سگهن. سوين ملڪن جي ڪروڙين گهرن ۾ ڪو اٽي جو چاڻو ناهي، پر ڪجهہ پيٽ ڀريا ذهن ائٽم بم ۽ نيوڪليئر هٿيار ناهي، هن ڌرتيءَ جي دل کي پنج هزار ڀيرا برباد ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. هيءَ ڌرتي جيڪا اڃا اٽي جو چاڻو نہ ٿي سگهي آهي، انهيءَ کي بم جو گولو ناهي رهيا آهن. اهي ايڪويهين صديءَ ۾ ڪهڙيون عيدون آڻيندا؟ ڪهڙي ڪنڊ ۾ روئون، ڪهڙين خوشين جي هرڻين پويان ڪهڙي رڃ ۾ ڀٽڪون. ڪو تہ ٻڌائي.

انهي ڪري اڇو تہ انهن شاهڪار عقلمند ذهنن عرف بارودي سرنگهن پويان ڀٽڪڻ بجاءِ لطيف جي پٽ ڏي هلون، جتان پاڻ کي عارضي خوشين بجاءِ ابدي آرام ملندو. جتي پاڻ کي جڙتو ٿڪن ڪاڻ عيدن جي اجنبي اميدن پويان رلڻ تي روئڻ ايندو ۽ پنهنجي خوشين کي ڪنهن عيد جهڙي بهاني جي ضرورت پيش نہ ايندي. ڇو تہ هنن صوفين جي نظر ۾ خوشي خودفريبي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي خود کان فرار جو رستو فراهم ڪري ٿي. جيئن تہ حياتيءَ کان فرار ممڪن ڪونهي، انهي ڪري ماڻهو لاءِ هميشہ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خوشين جو خريدار  ٿيڻ ممڪن ناهي. خوشي انسان جي اڙانگي سفر ۾ مستقل مسافر ٿي نٿي سگهي، اها ته عارضي عياشي آهي، جنهن جو هيرا ڪ ٿيڻ ڪان پاڻ کي پلٽو آهي، جيءَ جهلٽو آهي. انسان جو دائمي دلبر درد آهي. جيئن لطيف چيو آهي:

تن ڏکن کي شاباس! جنين مون سان گهاريو

يا

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پريِنءَ جو.

حياتيءَ جو ذائقو نمڪين آهي. ڇو ته لڙڪن جو ذائقو به لوٹيانو آهي. خوشي مٺي آهي، پر ماٺهوءَ جي سموري ڪيمسٽري ۽ فزڪس ۾ مٺاس نالي ڪا به شيءَ ناهي. لڙڪن کان وٺي لهوءَ تائين سڀ کارا آهن. لوٹيانا آهن. انهيءَ ڪري پاڻ چئون ٿا ته زندگي نمڪين آهي. سمنڊ جي پاڻيءَ جو ڪو ڏک آهي، جيڪو انتهائي فطرت کي ويجهو آهي. اهو ئي سبب آهي جو حافظ ۽ خيام جي جام کان وٺي لطيف جي ڪلالڪي هٽ تائين، جيڪو به ڏک پريندڙ ڪڙو هوندو. ڇو ته اهو درد هوندو جيڪو دائمي آهي. جنهن جي هڪڙي پير ۾ ازل جي سنگهر آهي، ته ٻئي ۾ ابد جي ڪڙي آهي. جن کي پاڻ خوشي چئون ٿا، ٿهڪ چئون ٿا، مرڪ چئون ٿا، اهي سڀ درد جي دل مان ڦٽي نڪرن ٿا ۽ پاڻ انهن جي پويان ڀٽڪندي حياتي گذاريون ٿا. حقيقت وساريون ٿا، تنهنڪري سدائين مايوس رهون ٿا. انئي پهر پريشان گذاريون ٿا. خوشين جي بيوفا پکين پويان اڏامندي زندگيءَ جي اصل لذت وڃايو ڇڏيون. ۽ پوءِ چئون ته:

خدا معلوم ڪنهن رنگين چمن ۾ ڇو نه ڇاياسين،
ٽڙياسين دامنِ صحرا ۾ خوشبو ٿي اجائي وئي.

جي سمجهون ته رنگين چمن اهو ئي آهي، اتي ئي آهي، جتي پاڻ گهاريون ٿا. فرق اهو آهي ته پاڻ اکين کي ڇڏي آرسي پويان ڀڄون ٿا، جيڪا اوچتو ٽڙڪاٽ ڏيو ٽٽيو پوي، ۽ پاڻ پرزا پرزا ٿيو وڃون. اها آرسي خوشي آهي، جيڪا سدائين پاڻ کي ٻاهريون چهرو ڏيکاري ٿي، ۽ اندر اوپرو ئي رهجيو وڃي. جيڪڏهن لطيف چوي ٿو ته:

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ اهو انهيءَ ڪري چوي ٿو جو مدامي مرڪ دائمي درد ۾ آهي، جنهن کي ماڻڻ لاءِ درد سان دوستي ڪرڻي پوندي. جي ائين ڪري وياسين تہ پوءِ سمجهو تہ هر ڏينهن عيد آهي، هر چنڊ عيد جو چنڊ آهي. پوءِ ڪا بہ خوشي پاڻ تي واجب نہ هوندي، پر پاڻ خوشيءَ تي واجب هونداسين.

پر خوشي ڇا هي؟ غم ڇا هي؟ اصل راحت ڪهڙي رمز ۾ آهي؟ ڪير جيتي ٿو ڪير هاري ٿو؟ دنيا جا لکين هزارين ڏاها انهي خوشي ۽ غم جي لڪ لڪوتيءَ تي سوچيندي، ميڻ بتين جيئن اجهامي ويا. پر اهو ڀڏائي نہ سگهيا تہ خوش ڪيئن گذارجي. ڊيل ڪارنيگي جا ڪتاب پڙهندڙ بہ ٿهڪ ڏيڻ جو آرٽ سکي نہ سگهيا. جن بہ اهڙيون ڪوششون ڪيون، انهن ڏٺو تہ جڏهن جڏهن بہ انهن ٿهڪ ڏيڻ يا خوش ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ ڪو لڙڪ سندن نيڻن مان لياڪا پائيندي نظر آيو ۽ هو اداس ٿي ويا. اهو سڀ ڇا هي؟ ڪٿي انسان جي مڙني ڪيفيتن مان اداسي دائمي موسم (Eternal Season) تہ ناهي، جو ماڻهوءَ جو من سدائين خوشين ۽ غمن جي سرحد تي وچايل آهي. ڪڏهن تہ لڙڪ بہ ماڻهوءَ کي صفا لوسڻ جيئن لٽيو ڇڏين، تہ ڪڏهن ماڻهوءَ کي ڪتمتن جهڙيون خوشيون ۽ ٽافين جهڙا ٿهڪ بہ راس نٿا اچن. اهو سڀ ڇا هي؟ هي حياتيءَ جو بي انت ساگر جيڪو خوشين ۽ غمن جي لهرن سان موجزن آهي، اهو ڪيئن ڄاڻجي تہ ڪهڙي ڇوليءَ جي لولي بي قرار هينئڙو هرڪائي سگهندي. ڪهڙي لهر جي پينگهي ۾ لڏجي. خوشي يا غم؟ سڀ ڪو ماڻهو درد جي بيدرد هجڻ جو راڳ ٿو آلاپي، سندس بي قدرين ۽ اذيتن جا قصا ڀڏائيندي روئڻهارڪو ٿيو وڃي، تہ اهو ٿي وري خوشين ۽ ٿهڪن جي بيوفائين سان تمتار ٿيو پيو آهي. ڪيئن چئجي تہ ڪهڙو ڪنارو ونجي، خوشيءَ جو يا غم جو. اوشو رجنيش تہ الجهيل ذهنن کي جنسي لذتن جا سڀ جزيرا گهمائي خوش ٿيڻ يا ڪرڻ (Rejoice) جي رستي ڏانهن وٺي اچڻ جا وچن ٿو ڏئي، تہ ڪبير وري اتي ئي رد ڏئي چوي ٿو تہ:

من ڪي متي نا چلي، من ڪي متي انيڪ،
من ڪي متي نا چلي، وہ سادهو ڪوئي ايڪ.

ڪيڏانهن وڃجي. لطيف ۽ سندس سلوڪ جا سمورا صوفي دکن سان دل لائڻ جي ڳالهہ ٿا ڪن. آئون سمجهان ٿو تہ هو صحيح ٿا چون. ڇو تہ ہي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هر جاءِ تي، هر در تي خوشين جي خيرات پني پني جڏهن ٿڪي ساٽا تي تا پون، تہ پوءِ اهو سڌ ئي سٽائو آهي. خوش گذارڻ جا ڏيل ڪارنيگي آرٽ سکي سکي جڏهن ٿڪجي پئون ۽ ڏسون تہ حقيقي ٿهڪ اجا ڪنهن ٻي ٿاريءَ تي ٽڙڻ جو ناڻءُ آهن، تہ پوءِ بهتر آهي تہ درد سان دوستي ڪري ڇڏجي. دل لڳي ڪري ڇڏجي. آسمان تي خوشين ۽ اميدن جا چنڊ ڳولڻ بجاءِ اندر ۾ ڳولجن، تہ پوءِ اکين جي هر ديد عيد هوندي.

بهرحال ڇا بہ ڪريون، تہ بہ اڄ عيد جو ڏينهن آهي. عيدالفطر جي نماز پڙهڻي آهي. اڻ ڏٺين خوشين لاءِ دعائون گهرڻيون آهن، نوان ڪپڙا پاتا آهن، دوستن سان ڳلي ملي چار ٿهڪ ڏيڻا آهن، سيون کائڻيون آهن ۽ رات جو وري وهاڻي تي وساري آيل لڙڪن ڏانهن موٽڻو آهي، جتي زندگيءَ جي بيوفائين جا ڪجهہ باب باقي بچيل هوندا، سي وري وجي روئڻا آهن. اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيندو جو پاڻ کي لطيف کي سمجهڻو ناهي، صوفين کي سمجهڻو ناهي، درد سان دوستي ناهي ڪرڻي، انهي ڪان خواب گريزان جيان ڀڄڻو آهي. ڇو تہ اڄ عيد آهي ۽ پاڻ کي خوش ٿيڻ لاءِ بهاني جي تلاش آهي، ۽ اڄ اهو مقدس ساليانو بهانو آهي. سو توهان کي عيد مبارڪ هجي!

□□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# بي عنوان ڪالم

مون پنهنجي حياتيءَ جا الائي ڪيترا پاريهر جهڙا پل غالب جي انهيءَ سٽ جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندي ۽ ڦٿڪندي ڏٺا آهن:

ڊبويا مجهہ ڪو هوني ني، نہ هوتا مين تو ڪيا هوتا؟

انهيءَ سٽ جي سنگهر ۾ سوگهو هوندي، مون جڏهن جڏهن بہ زندگيءَ جي زهر ۾ ٻُڏي آهي، تڏهن مون پنهنجي اندر ۾ موت جي پوءِ جون ڪيئي پتيون پُرندي ڏٺيون آهن. جڏهن اهو سوچيو آهي تہ جيڪڏهن زندگي ڪنهن ويران کنڊر نما سنسان گهر ۾ ڪنهن هيسيل هيڪلي عورت جو سڏ آهي تہ موت پڙاڏو آهي، پر وري جڏهن مون زندگيءَ کي موت جو ماٽو سمجهيو آهي تہ موت زندگيءَ جي البيلي ادا جيئن سامهون آيو آهي. انهيءَ ڪري مون ڪڏهن بہ زندگيءَ کي نہ روڳ سمجهيو آهي ۽ نہ روئڻهارڪو پوڳ سمجهيو آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن يورپي دانشور وانگي ان کي حنا جو رومانس سمجهيو آهي. مان تہ انهن سان بہ متفق ناهيان جيڪي چون ٿا تہ زندگي جدوجهد جو ٻيو نالو آهي. چو تہ مان پڇڻ چاهيان ٿو تہ جدوجهد ڇا جي ۽ ڇا جي لاءِ؟ حادثي جيئن اچڻ ۽ الميي جيئن وڃڻ، جدوجهد ڪيئن ٿي سگهي ٿي. Unplanned اچڻ ۽ بغير مرضيءَ جي وڃڻ جي وچ وارو سمورو سفر جدوجهد ڇو آهي ۽ ڪيئن آهي. ڪو سمجهائي. آئون تہ سچ پڇو تہ منهنجي انهي ديواني دوست ۽ ويگا باند بواءِ جي انهي پسنديده چوٽيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيان ٿو جيڪو چوندو آهي تہ:

Life is a late tale by an Idiot

ديواني دوست جي انهي دلپسند چوٽيءَ تي ۽ غالب جي مٿين سٽ تي، مان جڏهن بہ سوچيندو آهيان تہ مون کي پنهنجي هجڻ جي حقيقت ايتري اپيل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناهي ڪندي، جيترو نہ هجڻ وارو غالبي خيال مون تي غالب ايندو آهي. جيڪي پاڻ زندگيءَ کي حسين چئي انهن جي بيوفائين ۽ بي قدرين جو ذڪر ڪندا آهن، اهي زندگيءَ کي جدوجهد سمجهن ٿا ۽ جيڪي جيون تي جدوجهد جو ليبل هڻن ٿا، اهي ڪڏهن بہ لائيف انجواءِ ڪري نٿا سگهن. چو تہ اهي سدائين چون ٿا تہ زندگي گذاريون پيا. جيئن هو چوندا آهن تہ جيل گذاريون پيا. يا اجا بہ جيئن هو چوندا آهن فلاڻو گذاري ويو. هو زندگيءَ کي موت جي مسافري سمجهن ٿا. آئون انهن مان ناهيان. مان انهن مان آهيان، جيڪي چون ٿا تہ زندگي ملهايون پيا. جيئن ماڻهو جشن ملهائيندا آهن، تيئن آئون اڄ ڪالم لکي پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهيو آهيان. پنهنجي زندگيءَ جي پنجويهن سالن جو ڪيڪ قلم جي ڇريءَ سان "هيپي برٿ ڊي ٽو مي"، چئي ڪٽي رهيو آهيان.

مون کي زندگيءَ کان شڪايت انهيءَ ڪري ناهي، جو مون کي زندگيءَ جو ڪو شوق ڪو نہ هو زندگي منهنجي تمنا ناهي، چوائس ناهي، حادثي سان ڪهڙي حجت؟ مان ڪڏهن بہ ماڻهن جي انهي Sterio Opinion سان متفق ٿي ناهيان سگهندو جيڪي چوندا آهن تہ زندگي خدا جو انمول ۽ عظيم تحفو آهي. جيڪڏهن تحفو آهي تہ پوءِ شڪايت ڇو ٿا ڪن. پنهنجي دردناڪ ڪهاڻي ڇو ٿا ٻڌائين. هو اهو ڇو ٿا چون تہ اها خدا جو تحفو آهي. اهو ڇو نہ ٿا چون تہ اها خدا جو سرپرائيز آهي. مان اڃا بہ صوفين جي انهيءَ خيال سان سهمت ٿي سگهان ٿو تہ زندگي مسافري آهي ۽ دنيا مسافر خانو ۽ موت تہ بهانو آهي، هو زندگيءَ کان ڪا بہ شڪايت نٿا ڪن، ڇاڪاڻ تہ هو زندگي پوڳين نٿا پر زندگيءَ سان پوڳ ٿا ڪن، هو ڳل تي هٿ رکي تنبوري جي تارن مان رڙ ڪن ٿا تہ "ساجن سائين سير ڪرڻ لاءِ آيو ٿي انسان."

آئون زندگيءَ کي عيسيٰ فقير جو ايڊوينچر سمجهان ٿو جيڪو پنهنجي مٽي تي پئسن جي هڙن بدران پکين جا آنا ڪٺي گهمندو هو ۽ جڏهن ڪنهن ڳيان ۾ گم ٿيندو هو تہ جهرڪيون جهرجهر ڪندي، آنن مان ٻچا اٿاري اڏري وينديون هيون. اهڙا ماڻهو زندگيءَ کان شڪايت ڇو ڪن.

اڄ آئون توهان سان هي سڀ ڳالهيون انهيءَ ڪري شيئر ڪري رهيو آهيان، جو اڄوڪو ڏينهن مون کي منهنجي هجڻ يا نہ هجڻ واري احساس ڏانهن وٺي ٿو اچي. اڄوڪو ڏينهن بود ۽ نابود واري سوچ جي بدن تي ڪتڪتايون ڪري ٿو. مون کي بلها شاهہ ۽ ڪبير جي ڪوتائن جي ڪنٽي تي آٽي روئاري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿو ۽ آئون ڏکڻ وارن واري ملنگ چوڪرن جي جنون ۾ ڳايل گيت اڳيان پاڻ کي گم ڪري ٿو ويهان. جڏهن هو چون ٿا:

بلهيا! ڪي جاڻان مين ڪون ـــ!

تڏهن مان وري وري سوچيان ٿو ته مان ڪير آهيان ۽ ڇو آهيان؟ دنيا جا هزارين فلاسافر ۽ ڏاها پنهنجي دماغ ۾ سوچن جي ڌوڙا ڏائيندا رهيا. پر اهو سوال اڃا جيئن جو تيئن ڪنوارو آهي. سوال جو منجهيل سُٽ ڪو به سلجهائي نه سگهيو. تي سگهي ٿو ته توهان اهو سوال پڙهي، انهي جي اهميت تي طنزيه مرڪ مرڪندا هجو. مون کي پڪ آهي ته انهيُ لمحي توهان پاڻ به ڪنهن سوال جيئن تي پوندؤ ۽ پوءِ توهان جي جواب جي تشنگيءَ لاءِ آئون ذميوار ناهيان. آئون ته پنهنجي پنجويهن سالن جي ڪئي جو به الئہ ذميوار آهيان يا ناهيان، پر انهن سيني لمحن جو ذميوار ضرور آهيان. جيڪي مون پنهنجي چوائس سان چونڊيا هئا. مون کي پنهنجي ننڍڙي حياتيءَ جي انهن ڀنهي دؤرن سان پيار آهي، جنهن کي مان ننڍپڻ ۽ جواني چوان ٿو. ڇو ته مون انهن ڀنهي دؤرن ۾ من مانيون ڪيون آهن. پنهنجي روح کي ڪنهن چنچل پاٽهياري جي آنچل جيان آواره هوائن ۾ اڏاريو به آهي، ته نيڻن جي گهاگهر سان آلو به ڪيو آهي. مون پنهنجون اکيون سنڌ جي پوربي علائقي جي هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ کوليون جيڪو پاڻي ۽ پياس جو سنگم آهي. جيڪو ٿر ۽ ٻئراج جي بدن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. جتي قطرت جي حسين ڪنوار جو کنهبو پڙو ازل جي روح جيان رهندو رهي ٿو. منهنجي ننڍپڻ جي ننڍڙي ٻيڙي پلر جي پاڻيءَ تي ڊوڙندي، جڏهن سنڌوءَ جي ساحل تي پهتي، ته مون ائين سمجهيو ته آئون جوانيءَ جي ڀهرئين پيار جي پنگهٽ تي پهتو آهيان. جڏهن مون انهي پٿريلي زمين جي پنگهٽ تي بي روڪ جوانيءَ جي چلڪندڙ گهڙي مان آڪ ۾ پاڻي پيتو هو ته منهنجي پيار جي ڀهرين چغلي انهي آلي وهاڻي هنئي هئي، جنهن جي ڪلهي تي منهنجي اکين ڀهريون آرس ڀڳو هو ۽ پوءِ منهنجي نيڻن گلابن جي سڏڪڻ ڪان وٺي خانہ بدوشن جي خوشيءَ جهڙا خواب شاعريءَ جي نرم بستري تي ڏنا. انهن سيني فرض جي قرض جهڙن لمحن جو آئون ذميوار آهيان، جن مون کي زندگيءَ ڏانهن ذميوار نہ هجڻ وارو حسين مهٽو ڏنو. انهي ڪري آئون اڄ تائين زندگيءَ ڏانهن ذميوار نہ هوندي به انهي محبت جهڙي مهٽي جي موهہ ۾ ماريل آهيان. اڄ جڏهن ڪو پنهنجا نارنگيءَ جي قار جهڙا چپ چوري مون کي "هيپي برٿ ڊي ٽو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڍيو“ چوندو تہ آئون انهن لمحن جي لمس ۾ تانگر جيئن ترڙي پوندس، جن جو ڇهاءُ مون کي نيست جي منڪر سوچ کان هست جي هڳاءُ ڏانهن وٺي آيو تڏهن آئون سوچيان ٿو تہ جيڪڏهن پين ماڻهن وانگر مون کي زندگيءَ کان شڪايت هجي ها تہ اهي لمحا اهي پيهر انهي پڇتاءُ جهڙي سوچ جي ٿوٽ چپن تي سُرخي جيئن گهمي وڃن ها. ۽ آئون گلاب تي پوان ها.

ماڻهن جي برٿ ڊي تي ڪارڊ ايندا آهن ۽ آئون پنهنجي برٿ ڊي جو ڪارڊ توهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. انهيءَ اميد سان تہ توهان مون کي هيپي برٿ ڊي نہ چوندؤ. ڇو تہ مون کي زندگيءَ کان ڪا بہ شڪايت ڪونهي. ڇو تہ مون کي قسمت کان ڪا بہ شڪايت ڪونهي. مون اڪثر سالگره مبارڪون انهن پاران انهن کي ڏينديون ڏٺيون آهن، جيڪي جيئڻ کي جنجال سمجهن ٿا ۽ پوءِ انهن کي پيا انهن جهڙا گڏجي وِش ڪري طنز ڪندا آهن ۽ آخر ۾ پاڳ جي روڳ ۾ روئندڙ ماڻهن کي Good Luck چئي، هليا ويندا آهن. مون کي ائين ڪجهہ بہ نہ چئو. ڇو تہ مون کي قسمت کان ڪا بہ شڪايت ڪونهي. زندگيءَ جي ساڙيلي ساهيڙي آهي، جيڪا ڪڏهن رسي ٿي تہ ڪڏهن پرچي ٿي، ڪڏهن مهربان ٿئي ٿي تہ ڪڏهن مروان ٿئي ٿي ۽ مون کي اهڙي ڪا بہ قسمت کان شڪايت ڪونهي، ڇو تہ انگريزيءَ جي انهي چوٽيءَ مون کي سڀ ڪجهہ سيکاريو آهي تہ:

Fortune favors the fools.

(قسمت بيوقوفن جي مدد ڪري ٿي.)

□□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



سردار جي ذات ذهانت، صلاحيت ۽ سونهن جي هڪ اهڙي تمثيل آهي، جنهن ۾ رکي رکي، ڏندڪٿائي هجڻ جو گمان جاڳندو آهي. اوهين هن سان هر پيري ڪنهن نئين روپ ۾ شناخت سان ملي، ڪيس آزمائي سگهو ٿا. ۽ هو توهان کي هر پيري پنهنجيءَ چاڻ، اسلوب، پيشڪش، اعتماد، تاثر ۽ تاثير سان حيران ئي ڪندو. يوناني ڏندڪٿا، فارسي شاعري، هندستاني تاريخ، تصوف، مذهبي روايتون، فلسفي جا مختلف اسڪول، همعصر سياسي، سائنسي ۽ تهذيبي شعورَ شاعري، سنڌ ۽ لطيف جهڙن موضوعن تي هُو هڪ شاعر وانگر به ڳالهائي ٿو ۽ هڪ سياستدان وانگر به. وٽس تجزيي جي زبردست صلاحيت به آهي، فنڪارانه گُر ۽ ڳڻَ به آهن ۽ تنقيد جو آرٽ به آهي. هو سِٽ کي پڪيءَ جي اڏار بخشي يا ترار جي ڌارَ بخشي، ٻئي هُنر ڪيس خوب اچن ٿا. لکڻ ۾ هو هڪڙو شڪاري به آهي، ۽ مالهي به آهي. قدرت ڪيس ڪامڻ ڪرڻ جا ڪل ڏانءَ وڏي فراخدليءَ سان عطا ڪيا آهن، ۽ هن به انهن کي شاعرانه وقار ۽ ساحرانه سليقي سان ڪتب آندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن جي اخباري مضمونن ۽ ڪالمن به اهڙيون اهڙيون ٿهري ڪارروائيون ڪيون، جو ڪئين ڪٽل محبوب خودبخود مڇين وانگر ڦٿڪندا، هن جي ڄار سان مٿو ٽڪرائيندا رهيا.

هو پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ جي مسلسل عمل مان پڇي راس ٿي نڪتل شخص آهي، تنهن ڪري وٽس هلڪڙائيءَ بجاءِ فنڪارانه ارڏائي ۽ تهذيبي وقار آهي. هو نه عقل کان خالي جذبي ۾ يقين ٿو رکي، نه جذبي کان خالي محض عقل جي عشق ۾ گرفتار آهي. عقل ۽ جذبي جو گڏيل عرق هن جي ڳالهه جي مٿي ڳوهن ٿا، ۽ اها ڳالهه جڏهن شعر، تقرير يا مضمون جي صورت ۾ سامهون اچي ٿي، ته سهسين بسنت جوين ماڻڻ ٿا لڳن، وليون واس ڏيڻ ٽيون لڳن ۽ اپ عاشق جي اکين وانگر آگم ڪرڻ ٿو لڳي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ﭘﻜيڙ ڪي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book